
سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

پاراڻيون آکاڻيون - جلد پنجون



لوڪ ادب سلسلي جو پنجويهون ڪتاب

لوڪ ڪهاڻيون-۵

پاراڻيون آکاڻيون

مرتب

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڈئريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ



سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو/حيدرآباد

چاپو پهريون	آڪٽوبر ۱۹۶۲ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو ٻيو	ڊسمبر ۱۹۸۲ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو ٽيون	فيبروري ۱۹۹۰ع	تعداد ۲۰۰۰
چاپو چوٿون	جون ۱۹۹۴ع	تعداد ۲۰۰۰

قيمت : پنجهٽ روپيا

[Price : Rs: 65 – 00]

ملڻ جو هنڌ :

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

تلڪ چاڑهي حيدرآباد سنڌ.

(جي.پي.او باڪس نمبر ۱۲)

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ سيڪريٽري شمشيرالحيدري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مواڳ

سنڌ جي "لوڪ ادب" کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ۱۹۵۵ع ۾، "سنڌي ادبي بورڊ" جي سامهون رکي وئي، جا ۱۹۵۶ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ۱۹۵۷ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ۽ ڏنل هدايتن موجب، پهراريءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾، "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري چپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ۱۹۵۷ع ۽ ۱۹۵۸ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آڌاربو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري، سڃاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي، جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي

هر پاڳي بابت ، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي .
ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ۱۹۵۹ع کان شروع
ڪيو ويو آهي .

هت ۾ ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن :

پهريون ته هن تجويز موجب ، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب
جون اهي جملي جنسون ، جيڪي هن وقت تائين ٻهراريءَ جي
عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن ، تن کي ' لوڪ ادب ' جو ذخيرو
تسليم ڪيو ويو آهي . انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري
جنسون پڻ شامل آهن ، مثلاً : مداحون ، مولود ، ٽيهه اکريون ،
ڪافيون وغيره ، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراريءَ ۾
عام مقبول ۽ مشهور آهن ، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ ' لوڪ ادب '
جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي . انهيءَ لحاظ سان ، هن تجويز
هيٺ گڏ ڪيل ' لوڪ ادب ' کي بعينه "فوڪ لور" (Folklore)
جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو . اسان جي
ملڪ ۾ شهري زندگي اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار
نه ڪئي آهي ، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدّن جو ، يا
' معياري ادب ' جو سرچشمو بنجي . سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي
دائرو اڃان تائين ڳوٺ آهي ، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو
ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي . انهيءَ
ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي ' لوڪ ادب ' ۽
' معياري ادب ' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي .

ٻيو ته هن تجويز ذريعي لوڪ ادب جو سمورو مواد گڏ
نه ٿي سگهيو آهي ، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي
ذريعن جي ضرورت آهي . لوڪ ادب جو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ
۽ ان کي سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ جي

برابر ٿيندو ، جو ناممڪن آهي . البتہ جو ڪجھ گڏ ٿي سگھيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي . انھيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ٿم آئيندہ ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا .

'لوڪ ادب تجويز' جي تحريڪ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي ، مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گھڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن . اول ٿم "سنڌي ادبي بورڊ" جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کي سنہ ۱۹۵۶ع ۾ منظور ڪيو . ان بعد گھربل مواد گڏ ڪرڻ ، صاف ڪرڻ ، ترتيب ڏيڻ ، ابتدائي مسوّدا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ڀانھن ٻيلي ٿيا آهن . هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن ، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن ، سنڌ جي سڃاڻ سگھڑن ، توڙي انھن مڙني دوستن جو حصو آهي ، جن بنده لاءِ سگھڑن کي ڪُولي هٿ ڪرڻ ۽ ساٿن ڪچھرين ڪرڻ ۾ پنھنجي هڙان وڙان ٻڌه ڪئي.

'لوڪ ادب تجويز' هيٺ 'لوڪ ڪھاڻين' جا هيٺيان ست ڪتاب مرتب ڪري شايع ڪرائڻا آهن : (۱) بادشاهن ۽ راڻين ، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون ؛ (۲) بادشاهن ، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون ؛ (۳) پرين ، ديون ، جادوگرن ۽ ڏاڻين جون ڳالهيون ؛ (۴) بادشاهن ، شاهوڪارن ، ڏاهن ، ٺڳن ۽ بين جون ڳالهيون ؛ (۵) باراڻيون آکاڻيون ؛ (۶) جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون ۽ (۷) ڳاهن سان ڳالهيون . جيئن ٿم هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي مقدمه ۾ لوڪ ڪھاڻين جي علمي اهميت ۽ ابتدا ، اهم ڪردارن جي نوعيت ، تاريخي پس منظر ۽ اندروني سٽاءَ وغيره جي مڪمل پهلوئن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي ،

تنهنكري هتي فقط هن كتاب ۾ شامل كيل آكاڻين جي سڃاڻ تي روشني وڌي وئي آهي.

مجموعي طور سان هي كتاب 'لوك ادب' سلسلي جو **پنجويهون** كتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ۱۹۵۸ع تائين گڏ ٿيو؛ سڄي مواد كي چڪاسي، مختلف روايتن كي پيٽي، ترتيب ڏئي، سيپٽمبر ۱۹۵۹ع ۾ كتاب جو مسوّده تيار كيو ويو؛ ۽ مئي ۱۹۶۱ع ۾ مسوّده جي آخرين تصحيح كري پريس كاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

مركزي آفيس جي ٻين كاركنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن كتاب جي مواد كي اتاري، يكجاءِ كرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف كري لكڻ ۾ تحسين جوڳو كم كيو. شيخ محمد اسمٰعيل ان سڄي كم جي نگراني كئي، ۽ مسوّده تيار كرڻ ۾ مدد كئي. كتاب جي آخري سڃاڻ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس ۽ سندس ساڻين كتاب كي جلد ۽ سهڻي نموني سان ڇاپڻ ۾ مدد كئي، ولي محمد طاهرزادي ان جا پروف پڙهيا.

سنڌ يونيورسٹي، حيدرآباد سنڌ؛ — خادم العلم
۱- آكٽوبر ۱۹۶۲ع — نبي بخش

عنوانن جي فهرست

	آکاڻي جو نالو		صفحو
۱-	ڪاڪير مان بادشاهه	... ...	۳
۲-	ڪرار مان بادشاهه	... ...	۷
۳-	چور مان بادشاهه	... ...	۱۲
۴-	بخت جي بازي	... ...	۱۷
۵-	ڇڪ وي ڪاڪ جا ميڙو ڇڪ	...	۲۲
۶-	ڪاڪ جو گهوڙو، لوهه جو لغام	...	۲۹
۷-	ويرل ۽ پاڳل	... ...	۳۷
۸-	نينا امان	... ...	۴۳
۹-	سڻ وي ڪُڏا ڪُڏي	... ...	۴۹
۱۰-	سگهڙ زال	... ...	۵۴
۱۱-	ننهن ۽ سس	... ...	۵۹
۱۲-	ڪڙ چور	... ...	۶۳
۱۳-	بخت ۽ عقل	... ...	۶۷
۱۴-	عقل ۽ بخت	... ...	۷۳
۱۵-	مهاڙو چوڪر	... ...	۷۸
۱۶-	۾ بادشاهه ۽ غريب شخص	... ...	۸۴
۱۷-	ڏهن روپين جو خواب	... ...	۸۷
۱۸-	نوريڙو شهزادو	... ...	۹۱
۱۹-	شهزادو ڪُنو	... ...	۹۵
۲۰-	نولکو جاڳدا جوان	... ...	۱۰۲

۲۱-	چگو ۽ مَدو	... ...	۱۱۰
۲۲-	بخت جي بازي	... ...	۱۲۰
۲۳-	خدا جو ميراثي	... ...	۱۲۶
۲۴-	ٽڳڙيو فقير	... ...	۱۳۰
۲۵-	اٽموٽ	... ...	۱۳۸
۲۶-	پنجمار	... ...	۱۴۶
۲۷-	ڳئون پيتان کودڙو	... ...	۱۵۴
۲۸-	چَبي راجا	... ...	۱۵۷
۲۹-	سَڏي ۽ سَڏ	... ...	۱۶۳
۳۰-	حرامي ۽ حلالي	... ...	۱۷۰
۳۱-	حلالي ۽ حرامي	... ...	۱۸۰
۳۲-	ٻہ ٽِک	... ...	۱۸۹
۳۳-	ٽَک عيسو ٽَک موسو ، مال مڙئي ڏنڈن جو ...		۲۰۳
۳۴-	چورن مٿان مور	... ...	۲۱۰
۳۵-	ڪر ڪاري ڏاند جو ملهم	... ...	۲۱۹
۳۶-	ڪرمون ڪيراڙ ۽ ست چور	... ...	۲۲۵
۳۷-	اڏ ٽِک	... ...	۲۲۹
۳۸-	ڀج تہ چَنيان	... ...	۲۳۴
۳۹-	ٽِک جو پٽ	... ...	۲۵۰
۴۰-	غفور چوڪرو	... ...	۲۵۸
۴۱-	حاجن انڊڙو	... ...	۲۶۳
۴۲-	لولڙو	... ...	۲۶۸
۴۳-	بودلو چوڪرو	... ...	۲۷۳
۴۴-	لڪو ۽ جان پڪو	... ...	۲۷۷

۴۵-	پوپٽ نجومي	... ...	۲۸۱
۴۶-	ان ڏني ان ٻڌي ڪاليھ	... ...	۲۸۶
۴۷-	سونو ڪُڪڙ	... ...	۲۹۰
۴۸-	نسورو ڪوڙ	... ...	۲۹۳
۴۹-	ڏاھو ٻڪرار	... ...	۲۹۵
۵۰-	ڪيرپڙو بادشاھ	... ...	۳۰۰
۵۱-	ڪاڏي وارو خواب -۱	... ...	۳۰۲
۵۲-	ڪاڏي وارو خواب -۲	... ...	۳۰۵
۵۳-	چور ۽ ڪوتوال	... ...	۳۰۷
۵۴-	ايائي بيوقوف	... ...	۳۱۱
۵۵-	وڏو بيوقوف ڪير؟	... ...	۳۱۳
۵۶-	ايائي زال	... ...	۳۲۱
۵۷-	سيائي زال	... ...	۳۲۵
۵۸-	ايائو حڪيم	... ...	۳۲۹
۵۹-	عقل جو اندو	... ...	۳۳۲
۶۰-	چربن جي دعوت	... ...	۳۳۶
۶۱-	ميڻي رَب	... ...	۳۳۸
۶۲-	ڀلا ائي حوسان ڪيڏو آھي؟	... ...	۳۴۰
۶۳-	سڪر ۽ نيڪر	... ...	۳۴۳
۶۴-	بيوقوف ۽ گھيٽو	... ...	۳۴۵
۶۵-	وڏيرو ٻُجھڻ	... ...	۳۴۷
۶۶-	چرين ۽ رڍن جي ويڙھ	... ...	۳۵۰
۶۷-	تان تان	... ...	۳۵۳
۶۸-	ٻُري نيٽ ٿوري برڪت	... ...	۳۵۷
۶۹-	حاڪم ظالم برڪت ختم	... ...	۳۵۹

۷۰-	مڱڻهار ۽ شينهن	...	۳۶۰
۷۱-	ٻڌي	...	۳۶۳
۷۲-	پيءُ جي نصيحت-۱	...	۳۶۵
۷۳-	پيءُ جي نصيحت-۲	...	۳۶۷
۷۴-	ابا! اڄي ڪُڪڑ جي ڪر	...	۳۶۹
۷۵-	ڪڙميءَ جون خصلتون	...	۳۷۱
۷۶-	اڻ ڄاڻ تي ميار نہ آهي	...	۳۷۳
۷۷-	ڪَڪَر تي ڪُتي جي پونڪ	...	۳۷۵
۷۸-	پهلوان ڪير؟	...	۳۷۸
۷۹-	ڄانهيون جو پُٽ	...	۳۸۰
۸۰-	وينجهُل مُرلي	...	۳۸۷
۸۱-	جهيڙي	...	۳۸۹
۸۲-	ڦوٽڙو	...	۳۹۲
۸۳-	عالي ڇوڪرو	...	۳۹۵
۸۴-	چڪر ۽ چڙو	...	۳۹۹
۸۵-	گرانٽ مُڙيو	...	۴۰۲
۸۶-	ڪَن ٻَڇڙو	...	۴۰۷
۸۷-	ڪَن ڪِٽڙو	...	۴۱۰
۸۸-	اِٽر ۽ ميڙ	...	۴۲۰

ام للانسان ماتمنی ٥ فللّٰه الآخرة والاولی

مقدمہ

سنڌي لوڪ ڪهاڻين' جي سلسلي، جو هيءُ پنجون ڪتاب آهي. عام 'لوڪ ڪهاڻين' جي علمي اهميت ۽ ابتداء، انهن جي اوسر ۽ ارتقاء، مخصوص ڪردارن ۽ سڀاءَ، توڙي خاص سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي خصوصي اجزاء، روايت ۽ صحت تي هن سلسلي جي پهرئين ڪتاب جي 'مقدمي' ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل 'آڪاڻيون' هن ڪان اڳ جي چوٿين ڪتاب ۾ ڏنل 'ڳالهين' جي مسلسل ڪڙي آهن. هن سلسلي جي پهرين جلدن جي شروعات 'ڪهاڻين' سان ڪئي وئي آهي. ان بعد بادشاهن وغيره جون 'ڳالهيون' چوٿين جلد تائين ڏنيون ويون آهن، ۽ هن پنجين جلد ۾ 'آڪاڻيون' ڏنيون ويون آهن. 'ڪهاڻين'، 'ڳالهين' ۽ 'آڪاڻين' جا جدا جدا نالا عمداً ۽ ارادتاً استعمال ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو تدريجي سلسلو ذهن نشين ٿي سگهي. عام اصطلاح موجب 'ڪهاڻي' ۽ 'ڳالهه' ۾ ڪو فرق ڪونهي، مگر محض علمي نظريي خاطر 'ڪلاسيڪي' يا 'ڪهني' قالب وارين حڪايتن کي 'ڪهاڻيون' سڏيو ويو آهي، جن ۾ ديون، پرين، جنن وغيره غيبي ڪردارن کي خاص دخل آهي؛ آهي حڪايتون جن ۾ بادشاهن، راڻين، شهزادن، سوداگرن وغيره، انساني، ڪردارن جو حصو نمايان آهي، انهن کي سهوليت خاطر 'ڳالهيون' سڏيو ويو آهي؛ ۽ اهي ننڍيون حڪايتون جن ۾ انساني معاشري جي

مختلف شعبن جا ننڍا وڏا فرد شامل آهن ۽ جن جو مکيہ مقصد ٻارن جي وندر آهي ، تن کي آسانيءَ خاطر ' آکاڻيون ' سڏيو ويو آهي .

' آکاڻيون ' اکثر ستاءَ ۾ سادين ۽ ننڍين آهن ، ۽ عرصي جي لحاظ سان اهي بالکل پوئين دور جي پيداوار آهن . ننڍن سمجهدار ٻارن لاءِ ' وندر ۽ نصيحت ' انهن آکاڻين جو نمايان پهلو ، بلڪ خاص مقصد آهي. هن قسم جون آکاڻيون روزمره جي زندگيءَ جي شعبن کي وڏيڪ ويجهيون آهن . هن مجموعي جي مطالعي سان معلوم ٿيندو تہ ڪن آکاڻين ۾ جتي شهزوري ۽ پهلواني بيان ٿيل آهي ، اتي پڻ هدايت خاطر نصيحت ، يا تفريح خاطر ڪل ۽ خوشيءَ جو پهلو نمايان آهي ؛ اکثر بين آکاڻين ۾ ، ٻُرن توڙي پلن ڪردارن جا عمل ۽ فعل توڙي انهن جا نتيجا ، وضاحت سان بيان ٿيل آهن . ٻُري ۽ بد نيت جي شڪست ، ۽ سچي ۽ حقدار جي ڪاميابي هنن ٻاراڻين آکاڻين جي ستاءَ جو مخصوص جُز آهي. هن مجموعي جي پهرين آکاڻين جي مطالعي مان ئي ' سچ يا حق جي فتح ' وارو نُڪتو نمايان طور نظر ايندو .

مرڪزي خيالن جي لحاظ سان ، ' آکاڻين ' جي هن مجموعي کي هيٺينءَ طرح ورهائي سگهجي ٿو :

- بخت (نمبر ١ ، ٢ ، ٣ ، ٧ ، ٢١ ، ٢٣ ، ٢٥ ، ٢٦ ، ٣٣ ۽ ٣٥)
- نيڪيءَ جو انعام ، يا خيرات جي برڪت (نمبر ٤ ، ١١ ۽ ١٥)
- پهاجن جي رقابت ، پر آخر ۾ سچ جي فتح (نمبر ٥ ۽ ٦)
- ماڻيجي ماءُ جو برتاءُ (نمبر ٨)
- عورت جو عقل ، خود اعتمادي ۽ بخت (نمبر ٩ ۽ ١٠)
- مڙس جو عقل (نمبر ١٢)
- عقل ۽ بخت جو جهيڙو (نمبر ١٣ ۽ ١٤)

- ڏند ڪٿا (نمبر ١٦، ١٧، ٢٠، ٢٢، ٥٠، ٥١، ٨٠ ۽ ٨١)
- همت ۽ ڪشالا (نمبر ١٨ ۽ ٧٨)
- نگي ۽ چالاڪي (نمبر ١٩، ٢٤، ٢٧، ٢٨، ٢٩، ٣٠، ٣١، ٣٢، ٣٣، ٣٥، ٣٦، ٣٧، ٣٨، ٣٩، ٤٠، ٤١، ٤٦، ٤٧، ٤٨، ٤٩، ٥٧، ٨٢، ٨٣ ۽ ٨٥)
- نيت جي مراد (نمبر ٤٢)
- آياڻپ ۽ پورڙائي (نمبر ٤٣، ٤٤، ٥٢، ٥٤، ٥٥، ٥٦، ٥٨، ٥٩، ٦٠، ٦١، ٦٢، ٦٣، ٦٤، ٦٥ ٦٦، ٦٧، ٧٦ ۽ ٨٨)
- عقل (نمبر ٥٣، ٧٥، ٨٤)
- نصيحت (نمبر ٦٨، ٦٩، ٧٠، ٧١، ٧٢، ٧٣ ۽ ٧٤)
- ڪل ۽ چرچو (نمبر ٧٧، ٧٨، ٧٩ ۽ ٨٦)

لوڪ ادب جو ذخيرو، لوڪ ڪهاڻين سميت، آهستي آهستي 'ڦڙي ڦڙي تلاء' ڪري سهڙيو ويو آهي. انهيءَ ڪري 'ڪهاڻين'، 'ڳالهين' ۽ 'آکاڻين' جي بلڪل منطقي طور جدا جدا جلدن ۾ ورهاست عمل ۾ اچي نه سگهي آهي؛ حالانڪ مجموعي طور سان هرهڪ نوع جي حڪايتن کي جدا جدا جلدن ۾ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تاهم 'ڪهاڻين' وارن جلدن ۾ ڪي 'ڳالهيون' به اچي ويون آهن، ۽ 'ڳالهين' وارن جلدن ۾ ڪي 'آکاڻيون' به شامل ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح هن جلد ۾ پڻ 'ڪهاڻين' يا 'ڳالهين' جي دڦعي جون ڪي حڪايتون شامل آهن؛ مثلاً 'چڱ وي ڪاڻ جا ٻئو چڱ' (ص ٢٢) جو عنوان 'آکاڻي' جي نوع جو آهي، پر ان جي قالب ۾ ڪلاسيڪي عنصر يعني " پريءَ جو ڪرشمو" پڻ شامل آهي.

هنن 'باراڻين آکاڻين' سان ويهن کن ٻ * باراڻا ٻول، سوزون چوٽيون، نظميه فقرا، ڳجهارتون ۽ پڻ ڪي ڳاهون سمايل آهن، جن کي سگهڙن انهن آکاڻين کي بارڻن لاءِ وڌيڪ دلچسپ بنائڻ خاطر ايجاد ڪيو آهي. مثلاً 'پوپٽ نجومي' واري آکاڻيءَ ۾ بادشاه کي پوپٽ جواب ۾ چئي ٿو ته (ص ۲۸۵):

بک ٻڌو گهوڙو، جندڙي کارڻ هار
پوپٽ ٻلا چا ڪري، ڇڏ ڏٽي پچار

هيءُ 'ڳاهه' جو هڪ قسم آهي، ۽ 'ڳاهن وارين ڳالهين' تي هن سلسلي جي 'ستين جلد' جي مقدمي ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. 'ڦوڙڙي' جي آکاڻيءَ ۾ 'ڦوڙڙو' ڏيلهيءَ ۾ ويهي، ميهار وٽان اچي لنگهيو، ميهار پڇيو ته:

ڏيلهي ڙي ڏيلهي! ڪو ڦوڙڙو ڏٺئي؟

جنهن تي ڦوڙڙي اندران جواب ڏنو ته (ص ۳۹۳):

ڪڏ پوي ڦوڙڙو، ڪوهه پئو تون
هل چل ڏيلهي! سٺين واٽ تون.

سڄي آکاڻيءَ ۾ هن قسم جي جوابي 'نظميه فقري' جو تڪرار، هن آکاڻي کي بارڻن لاءِ دلچسپ ۽ مزيدار بنائي ٿو. 'عالي چوڪري' جي آکاڻي ۾ عالي چوڪرو وري گندلي ۾ لڪي، هيڻيان فقرا چئي، ڏهلڙي وڄائي، چراخ، بگهڙ ۽ گدڙ ڪي پڇائي ٿو (ص ۳۹۷):

راڻو رسي، سومل مسي، ڪڪڙ ڪسي، تير نه گسي
اڇ ڙي عالي، ملڪ جا والي، چوڙ دونالي

---

* ڏسو ص ۲۲۷، ۲۸۵، ۲۹۶، ۲۹۷، ۲۹۸، ۳۹۰، ۳۹۱، ۳۹۲، ۳۹۳، ۳۹۴، ۳۹۵، ۳۹۶، ۳۹۷، ۳۹۸، ۳۹۹، ۴۰۰، ۴۰۱، ۴۱۶، ۴۱۷، ۴۱۸.

دگ دگ، دگ، دگا، دگ.

هـت ۾ هٿوڙا، گـهڙ گهوپاتا، رنبا، پالا، کات گدڙ لوڙ لکيو وجن ٿا، ناهي (بگهڙ) جي بات ڏم، ڏم، ڏم، ڏمـا، ڏم.

هن قسم جي موزون ٻولن جي سٽاء نهايت دلچسپ ۽ نرالي آهي، ۽ 'سنڌي ٻاراڻي آکاڻي' جي فني ارتقاء جي ساک پري ٿي. 'چڪر ۽ چٽي' واري آکاڻي (ص ۳۹۹) ۾ وري هن قسم جا نٽر ۾ ٻول ٻڌل آهن، جي ان آکاڻيء کي ٻارڙن لاء کافي دلچسپ بنائين ٿا.

هن جلد ۾ جملي شامل اناسي (۸۸) آکاڻيون سنڌ جي جدا جدا ٻاڱن ۽ ضلعي وار هيٺينء طور دستياب ٿيون آهن :

ضلعو سکر	ضلعو دادو	ضلعو حيدرآباد
آباوڙو ۲۰، ۲۳، ۳۶،	ڪڙ ۱۰، ۲۰، ۴۴،	حيدرآباد ۵، ۶، ۷،
۴۱، ۴۲، ۴۵، ۵۳،	۴۵، ۷۲، ۷۳، ۸۱،	۸، ۱۶، ۲۰، ۲۷،
۵۶، ۸۰.	۸۴.	۲۹، ۳۱، ۳۷، ۳۹،
ميرپورساٿيلو ۱۸، ۴۸،	ضلعو سانگهڙ	۴۶، ۵۰، ۷۰، ۷۹،
۴۹.	شهدادپور ۲۹، ۳۳،	۸۴، ۸۶.
پنوعاقل ۳۸، ۴۲.	۳۵، ۴۰، ۵۸، ۶۲،	ٽنڊوالهيار ۱۲، ۱۳،
روهڙي ۹، ۱۱، ۱۷،	۶۵، ۶۶، ۶۷، ۷۴.	۱۴، ۲۲، ۲۸، ۴۳،
۳۳، ۴۲، ۴۵، ۵۵،	ضلعو ٺٽو	۵۶، ۷۸، ۷۹، ۸۴،
۶۸، ۶۹، ۷۱، ۷۸،	ٺٽو ۲، ۳، ۴، ۱۵،	۸۵.
۸۲.	۴۵، ۵۱.	گوني ۳۴.

ضلعو لاڑڪاڻو	ضلعو ٿرپارڪر	ضلعو حيدرآباد
وارهه ٠٤٠، ٨٤، ٨٦، ٨٧، ٠.	چاچرو ١٩، ٢٦، ٥٣،	بدين ٢٠، ٢٣، ٣٥،
لاڑڪاڻو ٢٥، ٣٠،	٥٧، ٥٩، ٦٠، ٦١،	٤١، ٤٣، ٠.
٣٣، ٤٥، ٥٥، ٠.	٦٣، ٦٦، ٠.	هالا ٤٧، ٧٧، ٠.
ميروخان ٦٤، ٠.	عمرڪوٽ ٧٦، ٨٣، ٨٨، ٠.	ماتلي ٥٢، ٠.

مٿين تفصيل مان معلوم ٿيندو تہ ڪي ساڳيون آڪاڻيون آتر، وچولي توڙي لاڙ ۾ رائج آهن ۔ مثلاً ويهين آڪاڻي 'نولو جاڳدا جوان' جون پنج روايتون هرهڪ حيدرآباد، بدين، ڪڇ، ۽ اٻاوڙي مان مليون ۔ پنجتاليهين آڪاڻي 'پوپٽ نجومي' جون ٻڌ پنج روايتون اٻاوڙو، ڪڇ، روهڙي، لاڙڪاڻو ۽ ٺٽي مان مليون.

هن سلسلي جي پهرين ڇڻ جلدن ۾ هڪ سو ٻائيتاليهه (١٤٢) ڪهاڻيون، ۽ ڳالهيون شامل آهن، ۽ هن پنجين جلد سميت ٻه سو ٽيهه (٢٣٠) ڪهاڻيون، ڳالهيون، ۽ آڪاڻيون متن جي پوري تحقيق ۽ تصحيح سان پڙهندڙن جي آڏو اڇي ويندين ۽ سنڌي لوڪ ادب جي سرمايي جو هيءُ قيمتي حصو هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

ن. ب.

متن

پاراٹیون آکاٹیون

ڪاڻير مان بادشاهه*

هڪڙو غريب ڪاڻيرهو ، جنهن ڪي اولاد هئو ئي ڪونہ . گهر ۾ فقط زال مڙس ۽ جٽا رهندا هئا. روز صبح جو ٻئي زال مڙس جهنگ ڏانهن ويندا هئا ، جتان ڪاڻين جون ۽ پريون ڪري ايندا هئا ، جي بن آنن ۾ وڪڻي ، هڪ آنو خيرات ڪندا هئا ۽ باقي هڪ آني مان پنهنجو پيٽ پاريندا هئا .

ٿوري عرصي کان پوء ڪاڻير جي زال کي اميدواري ٿي . زال ۽ مڙس خيال ڪيو تہ هن شهر ۾ گذران تنگ ٿئي ٿو ، تنهنڪري ڪنهن ٻي بادشاهيء ۾ هلجي . انهيء گالهه تي پڪ پڪاڻي ڪري ، ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ، ٻئي زال مڙس سفر تي روانا ٿي ويا . سجو ڏينهن پنڌ ڪندي ڪندي اڇي شام ٿين ، ۽ رات ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي کا حفاظت واري جاء ڏسي آتي رهي پيا . اتي هنن کي ٻڪ ٻ اڇي لڳي ، سو باهه جي ڳولا لاء ڪاڻير وڻ تي چڙهي ، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو . پريان هڪ دونهون نظر آيس ، تنهنڪري وڻ تان لهي ، زال کي اتي ڳوهڻ لاء چئي ، پاڻ ان طرف ويو .

ڪاڻير جڏهن ٽاندو ڪٽي موٽي آيو ، تڏهن ڏسي تہ جوٽس جي هنج ۾ هڪ ٻار ستو پيو آهي . جوٽس ٻڌايس تہ : پٽ آهي . سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جا لک شڪرانا ڪيائين . پوء جهٽ جهٽ ڪري باهه ٻاريائين ۽ مانيء پچائي ، ٻئي جٽا ڪائي ٻي اونا ٿي سمهي رهيا .

صبح ٿيو تہ وري ٽپڙ ٽاڙي ٻڌي اڳتي روانا ٿيا . هلندي هلندي

ڪين سڄو ڏينهن گذري ويو، شام ڏاري هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي پهتا. رات گذارڻ لاءِ هڪڙو وڻ ڏسي انجي هيٺان اچي ويٺا. اتفاق سان انهيءَ شهر جي بادشاهه کي به پٽ ڄائو هو، پر اهو ٻار ماءُ جي ٿڃ بنهه نه پيو ونڊي. گهڻئي حيلا هلايائون ۽ ڪيترين ئي مائرن شهزادي کي پنهنجي ٿڃ ڏني، پر وريو کي به ڪين. آخر خبر پئي ته شهر کان ٻاهر هڪڙي غريب ڪاڻيرَ جي زال آهي، جنهن کي به تازو ٻار ڄائو آهي، ستان ان جي ٿڃ ونڊي. اهو خيال ڪري بادشاهه پنهنجي وزير کي اوڏانهن موڪليو. وزير هنن زال مڙس وٽ پهچي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ مائيءَ کي محل ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. آخر ٻئي زال مڙس وزير سان گڏجي شاهي محل ۾ آيا. مائيءَ شهزادي کي ڪنڌي پنهنجي سينيءَ سان لاتو ته هن ڪٽي چپ ڪئي ۽ ٿڃ پيئڻ لڳو. اهو حال ڏسي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ مائيءَ کي ڪيترائي ويس وڳا ۽ زر زيور ڏنائين، ۽ ڪين رهڻ جي لاءِ هڪ خاص ڪمرو به ڏنائين. غريب ڪاڻيرَ، زال ۽ پٽ سميت هينئر ڏاڍو خوش گذارڻ لڳو.

انهن ئي ڏينهن ۾ وزير هڪڙو خواب لڏو ته ’ بادشاهه جي ٻائيءِ سان انهيءَ غريب ڪاڻيرَ جي پٽ جي شادي ٿي آهي‘. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن جلد سهي سنبهي بادشاهه وٽ آيو ۽ اچي خواب بيان ڪيائين ۽ ان سان گڏ بادشاهه کي صلاح ڏنائين ته: ڪنهن به حالت ۾ ڪاڻيرَ جي پٽ کي مارائي ڇڏجي. بادشاهه، وزير جي ڳالهه کي ڪٽي ڳنڍ ٻڌو، ۽ چوڪري کي هڪڙي مست اٽ تي چاڙهي، شهر مان ٻاهر ڪڍائي ڇڏائين. انهيءَ واقعي تي غريب ڪاڻيرَ ۽ سندس زال ڏاڍو روج راڙو ڪيو، پر بادشاهه جي حڪم جي اڳيان ڪجهه به هلي نه سگهين.

هوڏانهن اٽ به پنهنجي ئي مستيءَ ۾ ڪٽي جهنگ منهن

ڪيو. قدرت اهڙي ٿي جو چوڪرو گاهه جي هڪڙي گهاٽي پوڙي ۾ ڪري پيو، جنهنڪري ڪيس ڪجهه به نقصان نه ٿيو ۽ اٺ اڳتي نڪري ويو. انهيءَ وچ ۾ ماءُ پيءُ، پٽ جي محبت ۾ اٺ جو پيرو ڪٽي اڇي اتي پهتا. ڪجهه اڳيرو مس وڌيا ته هنن جي ڪنن ۾ ٻار جي روئڻ جو آواز پيو. اڇي ڏسن ته سندن پٽڙو صحيح سلامت گاهه تي پيو آهي. انهيءَ تي ماءُ ٻوڙي، ٻار کي ڪٽي پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ ٻئي زال مڙس الله تعالىٰ جو شڪرانو ڪيو، محل ڏانهن موٽي آيا ۽ ٻار کي لڪ ۾ پالڻ لڳا.

چوڪرو اڄ ننڍو سيان وڏو، تان جو اڇي جوان ٿيو. شهزادو، جيڪو ڪائير جي زال کي ماءُ ڪري سمجهندو هو، اهو به انهيءَ محل ۾ رهندو هو. اتفاق سان هن چوڪريءَ کي ڏسي ورتو ۽ ٻئي پاڻ ۾ اهڙا ته يار ٿي ويا جو هڪٻئي کان سواءِ رهي ڪين سگهندا هئا، سندن گهمڻ ڦرڻ به گڏ هوندو هو. آخر اها ڳالهه وزير تائين به وڃي پهتي، جنهن هڪدم وڃي بادشاهه جي ڪن ۾ ٽوڪ ڏني، ۽ صلاح مشوري ڪان پوءِ، بادشاهه پنهنجي پاءُ جي ٽالي هڪ خط لکي، انهيءَ چوڪري کي ڏنو ته وڃي پهچائي اڇي. چوڪرو بادشاهه جو خط ڪٽي، هڪڙو نوڪر ساڻ ڪري اوڏانهن روانو ٿيو.

ٽورن ڏينهن جي مسافريءَ ڪان پوءِ، چوڪرو اڇي انهيءَ ملڪ ۾ نڪتو، جتي بادشاهه جو پاءُ حڪومت ڪندو هو. چوڪري کي پنڌ ٽڪائي ڇڏيو هو، تنهنڪري شهر جي ٻاهران هڪڙو سنو باغ ڏسي، ان ۾ نوڪر سميت سمهي رهيو ۽ سمهندي ٻنهين کي نند ڪٽي ويئي. مڃا اهو باغ خاص بادشاهه جو هو ۽ شهزادي روز غسل ڪرڻ ۽ سير ڪرڻ لاءِ اينديءَ هئي. هي همراهه سُٽا ئي پيا هئا، ته شهزادي به گهمندي ڦرندي اڇي آڻان

نڪتي. ڏسي تہ هڪ سهڻو جوان ڏاڍي آرام سان ستو پير آهي. شهزادي ڏسڻ شرط چوڪري تي عاشق ٿي پيئي، پر ظاهري طرح ڄانهيءَ کي حڪم ڪيائين تہ ٻنهي ساڻهن جي تلاشي وٺ! تلاشي وٺندي، شهزاديءَ کي هڪ چٺي هٿ آئي، جنهن ۾ لکيل هو تہ، "هن نينگر کي مارائي ڇڏجو". شهزادي تہ هن جي حسن تي فدا ٿي پيئي هئي، تنهنڪري اها چٺي ڦاڙي ٻي لکيائين تہ "هن سهڻي نينگر جي شادي پنهنجي ڏيءَ سان ڪرائجو." پوءِ شهزادي اها چٺي چوڪري جي ڪيسي ۾ وجهي هلي ويئي.

گهڻي دير آرام ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڇڻا ننڊ مان سجاڳ ٿيا، ۽ ٻنهي جڙي بادشاهہ جي دربار ڏانهن ويا. دستور موجب بادشاهہ جو سلام ڪري، چوڪري چٺي ڪڍي بادشاهہ جي حوالي ڪئي. بادشاهہ پنهنجي ڀاءُ جي خط کي وٺي اکين تي رکيو ۽ کولي پڙهيائين. چٺي پڙهي هن چوڪري کي غور سان ڏٺو ۽ هن جي حسن ۽ جواني کي ڏسي ڏاڍو سرهو ٿيو. ان وقت ئي ساڻس پنهنجي ڏيءَ جي شادي ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. سڄو ملڪ ڪيترن ئي ڏينهن تائين خوشيون ملهائيندو رهيو.

اها خبر جڏهن بادشاهہ کي پهتي تڏهن هو ڏاڍو ڪاوڙيو، پر قدرت جي لکيل اڻڄاڻ ڪجهہ ٻ ڪري نہ سگهيو. ۽ ربّ جي رضا تي راضي رهي، پاڻ وٽ گهرائيو. پنهنجي حڪومت جون واڳون پٽ جي حوالي ڪري، پاڻ حياتيءَ جا باقي ڏينهن وڃي عبادت ۾ گذارڻ لڳو.

—✻—



...'بادشاھ چوڪري جي حسن ۽ جواني' ڪي ڏسي ڏاڍو سرھو ٿيو'...

بکرار مان بادشاهہ*

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو بکراو رهندو هو، جنهن جو ڪوبہ اوهي واهي ڪونہ هو. هڪڙي ڏينهن اچي خيال ٿيس تہ شادي ڪريان. گهٽن ٿي ڪان سڳ گهريائين، پر هن ڪي غريب سمجهي هر ڪنهن ڏڪاري ڇڏيو. ويچارو بکرار نا اميد ڪونہ ٿيو ۽ وڃي پيرن فقيرن تائين پهتو. هڪڙي فقير ڪيس ٻڌايو تہ: ٻچڙا! اڄ رات نہ، باقي سڀان رات شهزادي۽ سان تنهنجو نڪاح ٿيندو. بکرار ڪي اعتبار ٿي نہ آيو، چئي: فقير سائين! ڪٿي آئون ڪٿي، شهزادي! پر فقير چيس تہ: اسان جيڪي چيو سو لوهہ تي ليکو آهي، ماڻ ڪري ويٺو قدرت جا رنگ ڏس. اهو ٻڌي بکرار ماڻ ڪري گهر موٽي آيو. آرام ٿي نہ پيو اچيس، نيٺ فيصلو ڪيائين تہ هلي شهر ۾ قسمت آزمائجي، متان فقير جو چيو سچ نڪري!

ٻئي ڏينهن شام جو بکرين واڙي ۾ پوري، ڏاڍا تيل ڪليل ڪري شهر ڏي روانو ٿيو ۽ سڄ لٽي مهل اچي شهر پيڙو ٿيو. محلات، جايون ۽ رستا ڏسي عقل ٿي چرخ ٿي ويس. هلندي هلندي هڪڙي محلات وٽ اچي پهتو، جتي ماڻهن جا انبوهہ لڳا پيا هٿا. هرهڪ ماڻهو ڏاڍو خوش ٻئي نظر آيو. هڪڙي پاسي پلاءُ تورسي جون ديگيون چڙهيون پيون هيون، جن مان اوي سوي ٻئي ٻو ڪيا، تہ ٻئي پاسي وري ناچ گاني جي محفل لڳي پئي هئي. بکرار ماڻهن ڪان پڇيو تہ: ٻائرو! اڄ هتي ڪهڙي

---

* هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گندري ڪان ملي.

خوشي آهي؟ ماڻهن ٻڌايس تہ: اڄ اسان جي بادشاهہ جي ڏيءَ جي شادي آهي، انهي خوشيءَ ۾ هي لقاءِ لڳا پيا آهن. ٻڪرار ڪي ٻہ لڳي هئي بک، سو جوڻون ڇڄي مانيءَ تي ويهي رهيو. جڏهن ڪائي پي چڙهہ ڪيائين، تڏهن وڃي راڳ ناچ جي محفل ۾ ويهي رهيو. مڙس ڪي اچي ويو مزو سو آتي ئي ويٺو رهيو؛ تنهن کان سواءِ خيال ڪيائين تہ پرديس جو معاملو آهي، ڪٿي وڃي رات جو ڏکا ڪائيندس؛ تنهنڪري اتيئي ويٺو رهيو، تان جو اچي نڪاح جو وقت ٿيو.

شهزاديءَ جي جنهن سان شادي ٿيڻ واري هئي، سو ڪو ڪوجهو ۽ گنجو هو، جنهن جي خبر شهزاديءَ کي ڪانہ هئي. بادشاهہ ڪي اچي ڊپ ورايو تہ متان نڪاح مهل، شهزادي بدصورت گهوٽ کي ڏسي شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏي، تنهنڪري وزيرن کي سڏائي هيءَ رٽ ڪيائين تہ: نڪاح مهل گهوٽ جي جاءِ تي ڪو سوچارو ماڻهو ويهارجي؛ نڪاح پوڻ کان پوءِ ان کي ڪجهہ ڏيئي روانو ڪري ڇڏجي، باقي ڪنوار ڏجي گنجي کي. اهڙي ماڻهو جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون تہ نظر وڃي ٻڪرار تي پين، جو هڪڙيءَ ڪنڌ ۾ ويٺو هو. ڏسڻ سان ئي سمجهيائون تہ آهي مڙيئي ڪو پرديسي. تنهن هوندي ٻہ ڀڪ ڪرڻ لاءِ خبر چار پڇيائونس. ٻڪرار هنن کي پنهنجو احوال ٻڌايو تہ: آئون برابر پرديسي آهيان ۽ هتي گهمڻ آيو آهيان، سياڻي پنهنجي ڳوٺ موٽي ويندس. هنن وري ٻڪرار کي پنهنجي رٽ ٻڌائي ۽ تمام گهڻي انعام اڪرام جي لالچ ڏنائونس. ٻڪرار دل ۾ خيال ڪيو تہ سياڻي آئون ائين ئي هليو ويندس، تنهنڪري ڇو نہ ڏوڪڙ ڪمائي ونجن. آخر ڀڪ پڪائي ڪري وزير تاڪيد ڪيس تہ صبح تائين شهزاديءَ سان هڪڙو لفظ ٻہ نہ

گالهائج . پوء ہکرار کي بادشاهه وٽ وڃي آيا ، ۽ ان کي سموري حقيقت ڪان واقف ڪيائون .

گهڙيءَ کن ۾ ہکرار کي وهنجاري ، بادشاهي ويس وڳا پهرائي نڪاح پڙهيائون ، ۽ پوء ڪيس اندر محلات ۾ وڃي ويا . شاديءَ جا جيڪي سڀ سوڻ ڪرڻا هئا ، سڀي ڪري ڪيس ڪنوار جي ڪوٺيءَ ڏانهن وڃي ويا .

ہکرار ويچارو شڪل صورت جو موچارو هو ، مڙان جو هار سينگار ڪري بادشاهي وڳا پاتائين ، سو ڏاڍو ٺاهوڪو پئي لڳو ، شهزادي هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي . هن گهوٽ سان گالهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ . شهزادي لاچار ٿي رسم موجب پنهنجي مندي لاهي ڪٽي گهوٽ جي هٿ ۾ وڌي ۽ گهوٽ جي مندي لاهي پنهنجي هٿ ۾ وڌائين . ايڇا ويرم ٿي ڪانه گذري تہ گهوٽ کي باهر سڏ ٿيو . ہکرار مائڙي ڪري باهر نڪتو ۽ پنهنجو انعام اڪرام وڃي روانو ٿي ويو .

ہکرار جي وڃڻ ڪان پوء گنجي کي اندر ڪنوار ڏانهن اماڻيائون . شهزادي هن کي ڏسي حيران ٿي ويئي . يڪدم پڇيائينس: تہ تون ڪير آهين ؟ گنجي جواب ڏنس تہ : شهزادي ! تنهنجو حقيقي مڙس آئون آهيان . شهزادي‌ءَ چيس تہ : پلا پنهنجو هٿ ڏيکار . گنجي پئي هٿ ڏيکاريا . پر انهن ۾ اها مندي ، جيڪا ہکرار کي پاتي هئائين ، ڪانه هئي . انهيءَ تي شهزادي وڃي گهوڙا گهوڙا ڪئي تہ: هي الائجي ڪير اندر گهڙي آيو آهي! رڙين تي چوبدار ، بادشاهه وغيره سڀ ڊوڙي آيا . شهزادي گنجي ڏانهن اشارو ڪري ڪين ٻڌايو تہ: هي الائجي ڪير اندر گهڙي آيو آهي . تنهن تي بادشاهه ۽ راڻي، شهزادي‌ءَ سان سڄي حقيقت ڪئي تہ ڪيئن هڪڙو اوپرو ماڻهو سائن سوڻن لاء آندو

هئو سين ، پر حقيقت ۾ تنهنجو گهوٽ هيءُ آهي . شهزادي اها ڳالهه ٻڌي جواب ڏنو تہ : منهنجو گهوٽ اهوئي آهي جنهن سون سان لائون لڌيون آهن ، هيءُ منهنجو گهوٽ آهيئي ڪونہ . بادشاهہ ۽ راڻيءَ ڪيس گهڻوئي سمجهايو ، پر شهزادي ضد تان نہ لٿي .

انهيءَ ڳالهه کي ڪجهہ ڏينهن گذري ويا ، شهزادي پنهنجي مڙس ٻڪرار جي فراق ۾ نڪي ڪائي نڪي پئي . گهڻئي حيلا هلايائون ، شهزاديءَ کي سمجهايائون پر وريو کي بہ ڪين . نيٺ بادشاهہ پنهنجي وزير سان صلاح ڪئي تہ ، هاڻي انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي تہ ان پرديسي کي ڳولي هٿ ڪجي ، نہ تہ شهزادي ٻکن وگهي پاڻ کي ماري ڇڏيندي . هاڻي انهي ٻڪرار کي ڪيئن ڳولين ؟ الائجي ڪٿي جو هو ، ڪيڏانهن ويو . ڏاڍي ڳولا ڳولا ڪيائون پر ٻڪرار جو ڪوبہ پتو نہ پيو . لاچار ٿي وري بہ شهزاديءَ کي ٻڌايائون ، جنهن صلاح ڏني تہ : سون شاديءَ جي رات پنهنجي مندي لاهي هن جي آگر ۾ وڌي هئي ، هاڻي جيڪڏهن هٿ آيو تہ بہ انهيءَ مندي‌ءَ وسيلي . بادشاهہ کي اها صلاح ڏاڍي وٹي . خيال ڪيائين تہ شهزاديءَ جي مڙس جي ائين ڪٽيو ڪلايو ڳولا ڪرائبي ۽ اعلان ڪرائبا تہ پر وارن ملڪن ۾ اسان جي خواري ٿيندي ، تنهنڪري مات ميٹ ۾ ڳولا ڪرائجي . سو سڀني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪٽي لنگر خانا کوليائون ، انتي دروازن تي خاص بادشاهي ماڻهو بيهاري ڇڏيائون تہ شهزاديءَ جي مندي وارو جيڪو ماڻهو ڏسن تنهن کي يڪدم بادشاهہ وٽ حاضر ڪن .

هوڏانهن ٻڪرار ، بادشاهہ جي محلات مان نڪري پنڌ ڪندو اچي پنهنجي ڳوٺ پهتو . دل ۾ خيال ڪيائين تہ نهير جي

گالھ ۾ سچي ٿي. پر جھڙي ٿي تھڙي نہ ٿي. انھيءَ ويچار ۾ ھو ۾ وري فقير جي يادگيري آيس، سو سڏو وٽس ويو ۽ وڃي سربستي حقيقت ڪيائين. فقير چيس تہ: ابا! تون ھاڻي وڃي گھر ويھ، پاڻھي تو ڪي اڇي ڳولي لھندا. ٻڪرار ويچارو حيرانيءَ مان وري وڃي پنھنجي ڏنڊي سان لڳو.

بادشاھ جا ماڻھو ٻڪرار ۽ شھرن مان گھمندا ڦرندا، اڇي انھيءَ ڳوٺ ۾ پھتا جتي ٻڪرار ٻڪريون چاريون. ڳوٺ ۾ پھچڻ شرط ھنن سڀني ماڻھن جي دعوت ڪئي، جنھن ۾ ٻيا سڀ ويا پر ٻڪرار نہ ويو. جڏھن ماڻھو دعوت ڪائي روانا ٿيا، تڏھن وزيرن، نوڪرن ڪان پڇا ڪئي تہ اڃا ٻ ڪو ماڻھو رھيل آھي؟ نوڪرن، عرض ڪيو تہ: سائين! ھڪڙو ٻڪرار آھي، جنھن کي دعوت ٻ ڏنيسين پر ھو نہ آيو. بس پوءِ تہ ھڪلي اڇي ٻڪرار کي سندس گھر ۾ ھٿ ڪيائون، ۽ مندي۽ جي وسيلي سڃاتائون تہ ھي اھو سڀيو ماڻھو آھي، جنھن جي لاءِ ايڏا ڪشالا ڪيا اٿون. پوءِ ھن کي ڏاڍي مان شان سان پنھنجي ملڪ وٽي آيو جتي ٻڪرار وڃي شھزادي۽ سان مليو. ٻئي ڳھوٽ ڪنوار ملي ڏاڍا خوش ٿيا. بادشاھ ٻ اڇي پيرسن ٿيو ھو، سو تخت تاج سندن حوالي ڪري وڃي خدا جي عبادت ڪرڻ لڳو، ۽ ھي ٻئي بادشاھي ماڻڻ لڳا.

—﴿※﴾—

چور سان بادشاھ*

ڪنھن ملڪ ۾ ھڪڙو چور رھندو ھو، جو نہ ڪنھن غريب ڪي ستائيندو ھو، ۽ نہ وري گھرج ڪان سواءِ اجائي چوري ڪندو ھو. ھن ڪي جڏھن ضرورت پوندي ھئي، تڏھن ڪنھن امير ماڻھوءَ جو ڪاٽ ھٽي ڪجھ ڏينھن آرام سان گذارينڊو ھو، ۽ ان مال جي ڪٽڻ ٽي وري ٻئي شاھوڪار ڪي تاڻيندو ھو. اھڙي طرح ھو پيو پيٽ گذر ڪندو ھو ۽ ڪنھن ڪي ب ھن ۾ شڪ ئي ڪونہ ھو تہ ڪو چور آھي. ڪيس ھڪڙو پٽ ھو جو پڻ اڇي جوان ٿيو، ان ڪي خدا اھڙي ذات ڏني ھئي جو سڀني جانورن ۽ پکين جون ٻوليون سمجھي ويندو ھو.

ھڪڙي ڏينھن پٽس دل ۾ خيال ڪيو تہ ٿوري ٿوري چوريءَ سان ڪوبہ فائدو ڪونھي: ھڪڙي مال ڪٽڻ ٽي وري ٻئي جو انتظار! تنھن ڪان سواءِ قضا پڇي ڪانہ ٿي اچي، اتفاق سان جھلجي پيس تہ سڄي عمر لاءِ ڪارپٽ ئي ويندي ھلي؛ تنھنڪري ڇونہ ھڪڙي ئي ڀيري وڏي چوري ڪري روز روز جي ڪٽ ڇٽ ڪان ڇٽي پئجي ۽ سڄي عمر آرام سان ويھي ڪائجي! اھو خيال ڪري بادشاھ جي محلات سان چوري ڪرڻ لاءِ سنيريو. ھلڻ وقت پٽ ڪانئس پڇيو تہ: بابا! ڪيڏانھن ٽو وڃين؟ پٽس وراڻي ڏني تہ: بادشاھ جي محلات سان چوري ڪرڻ. پٽ ساڻس گڏجي ھلڻ لاءِ ضد ٻڌي ٻيھي رھيو. پٽس ڪيس گھڻوئي سمجھايو

---

* ھيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گندري ڪان ملي.



..... ’ بيٽي ٻيءُ پٽ ڏسن ته برابر وڻ جي هيٺان هڪڙو نئون ٻلکو هار
پيو آهي ’ - ص ۱۳

پر هن نہ مڃيو. لاچار ٻئي ڳڏجي اٽي هليا. اڃا ٿورو اڳتي وڌيا تہ رستي پاسي کان هڪڙي تتر تنواريو، پيءُ پٽ کان پڇيو تہ: پٽ! ٻڌاءِ تہ تتر ڇا ٿو ڇئي؟ پٽ جواب ڏنو تہ: بابا! تتر ڇئي ٿو تہ، "بادشاهہ جي چوري نہ ڪريو، جي ڪنڊ تہ ڦاسي چڙهندؤ؛ باقي هڪڙو دڪاندار اٽي جي سوداگري ڪيو پيو اڇي، ان کي ڦُريو، اڳيرو وڌيا تہ ڏنائون تہ برابر هڪڙو ماڻهو گڏهہ تي اٽي جا ٻورا ڪنيو پيو اڇي. بس پوءِ تہ ٻئي ڇڻا ان کي ڦُري پنهنجي گهر موٽي آيا.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ وري ٻ پيءُ پٽ ٻئي ڇڻا، بادشاهہ جي محلات مان چوري ڪرڻ لاءِ سنبري نڪتا. اڃا ڪجهہ اڳتي وڌيا تہ وري ٻ رستي جي پاسي کان تتر تنواريو. پيءُ، پٽ کان پڇيو تہ: تتر ڇا ٿو ڇئي؟ پٽس ورندي ڏني تہ: بابا! تتر ڇئي ٿو تہ، 'اڄ بادشاهہ جي چوري نہ ڪجو، ان ۾ فائدو نہ ٿيندو، باقي بادشاهہ جي باغ ۾ هڪڙو نولکو هار پيو اٿو، اهو کٹي وڃي مهل ڪريو. هي ٻئي ڇڻا پٽ ٽپي سڌو باغ ۾ آيا، ڳولينديءَ ڳولينديءَ ڏسن تہ برابر هڪڙي وڻ هيٺ برابر نولکو هار پيو آهي. اهو هار کٹي گهر موٽي آيا. هار تہ کٹي آيا پر هاڻي اهو وڪڻن ڪيئن! گهٽي ويچار کان پوءِ فيصلو ڪيائون تہ، هار کي ڪنهن ٻئي ملڪ هلي وڪڻجي؛ پر جيستائين هار وڪامي تنهن کان اڳ بکن اڇي وراين. لاچار پهہ پڇايائون تہ في الحال ڪنهن دڪان تان ڪاڏي جي شيءَ چورائي پيٽ ڀرجي، سو ٻئي ڇڻا شهر ۾ گهڙي ويا.

جاچ جونچ ڪندي هڪڙي دڪان کي سڃاڻو ڏسي اڇي کاٽ هنيائون. پيءُ باهر سنيال تي ٻينو ءِ چوکر اندر گهڙي ويو. ڪاڏي جي شيءَ ڳولينديءَ ڳولينديءَ هڪ ڏبو ڏنائين، جنهن ۾

لوڙ پيل هو، پر هن ڪنڌ سمجهي ان مان لڀ پري ڪٽي وات ۾ وڌي. جڏهن خبر پيس ته اهو لوڻ هو، تڏهن جو سامان جتي هو سو تتي ڇڏي، هٿين خالي باهر نڪري آيو، ۽ پيءُ کي چيائين ته: بابا! هلو ته ڪنهن ٻئي هنڌ هلي قسمت آزمايون، چو ته سياڻن جو چوڻ آهي ته جنهن جو نمڪ ڪائجي، ان جو بدخواهه نه ٿجي، آڻون هتي لوڻ چکي وينو آهيان، تنهنڪري هاڻي چوري ڪرڻ جڙ نمڪ حرامي ڪرڻي آهي. خير ٻئي ڇڻا وري ٻئي ڪنهن دڪان جي ڳولا ۾ اڪتي هليا. وات تي ڏسن ته هڪڙو شخص لڪو ٻينو آهي. هنن ڪي شڪ پيو ته متان چوڪيدار هجي، سو پڇيائونس ته: ڪير آهين؟ هن ورندي ڏني ته: چور آهيان ۽ چوري ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. هنن ٻڌايس ته: اسين به چور آهيون، تنهنڪري ڇو نه گڏجي هلي ڪا چوري ڪريون! پوءِ ٽيئي ڇڻا گڏجي چوريءَ تي روانا ٿيا.

ٿوري ئي پنڌ ڪرڻ تي وزير جو گهر نظر آين، چيائون ته: پري ڇو هلجي، جيڪي نصيب ۾ لکيو هوندو سوئي ملندوسين. محلات جي سڌ سماءُ لهڻ لاءِ پهريائين چوڪري کي اندر موڪليائون. چوڪرو پٽ ٽپي اندر گهڙي ويو، ڪمرا ڳولينديءَ ڳولينديءَ هڪڙي هنڌ ڏسي ته وزير جي ڏيءَ اگهاڙي ستي پيئي آهي، چوڪري يڪدم منهن ڪٽي ڏيکيو ۽ ساڻ ڪري باهر نڪري آيو. اچي پيءُ کي چيائين ته: بابا! هاڻو ته ڪنهن ٻئي پاسي قسمت آزمايون. پيءُ پڇيس ته: چو، هيڏي ساري محلات مان توکي ڪجهه به ملڻي ڪونه پيو؟ چوڪري جواب ڏنو ته: سياڻن جو چوڻ آهي ته جنهن کي ننگ جو خيال نه آهي، سو مرد نه سڏبو. پٽس ڳالهه سمجهي ويو ۽ مانڙي ڪري ٻئي پاسي آڻي هليا.

هلندي هلندي اچي بادشاهه جي محلات تي پهتا ، ٽئي جڻا محلات ۾ گهڙي جدا جدا پاسن ڏانهن ويا ، چوکرو محلات جي انهيءَ حصي ۾ ويو ، جتي شهزادي ستي پئي هئي . هوا جي لڳن سبان ، شهزادي جي جسم جو ڪجهه حصو اگهاڙو ٿي پيو هو . اوچتو چوکري جي نظر وڃي شهزاديءَ تي پئي ، تڏهن دل ۾ خيال ڪيائين ته سائڻ جو چون آهي ته اگهاڙي ڏکي پليآهي سو جهڙو شهزاديءَ جي جسم تي ڪپڙو وجهي ڏکيائين ٿي ته شهزاديءَ ڪان چرڪ نڪري ويو ۽ سجاڳ ٿي پئي . شهزادي جو اوڏانهن ماٿهو ڏٺو سو ونئي دانهون ڪيائين . چوکري ڪي ٻ اچي ساهه سان لڳي ، تنهنکري ونئي هڪڙي پاسي ڇڪو . هوڏانهن شهزاديءَ جي رڙين تي محلات ۾ چوطرف ماٿهو پکڙجي ويا ، چوکرو ته پڪڙجي ويو ، پر سندس پيءُ ۽ ٻيو چور پکڙجي ٻيا .

صبح ٿيڻ ٽي شهزاديءَ بادشاهه ڪي حقيقت ٻڌائي ڇيو ته: بابا ! چور منهنجي اوگهڙ ڏني ، سو جڏ منهنجو منڙس ٽي چڪو ، هاڻي شادي ڪنديس ته انهيءَ سان ، نه ته سڄي عمر ڪنواري ويڻي هوندیس. بادشاهه لاچار ٽي چور چوکري ڪي آڻائڻ لاءِ چوڏ طرف سپاهي دوڙايا ، پر چوکرو هٿ ئي نه اچي . آخر شهزاديءَ صلاح ڏني ته چوکري جي پيءُ ڪي مارائڻ جو پڙهو ڏيارجي ته پوءِ پيءُ ڪي ڇڏائڻ لاءِ چوکرو پاڻهي اچي حاضر ٿيندو . بادشاهه پڪدم پڙهو گهمايو ته فلاڻي ڪي فلاڻي ڏينهن هڪڙي چور ڪي ڦاسي چاڙهبو ويندو جنهن شهزاديءَ جي ڪمري سان چوري ڪئي هئي . چوکري جڏهن اهو پڙهو پڙو تڏهن خيال ڪيائين ته گنهگار ته آڻون آهيان ، منهنجي بدران ٻيا ڦاسي چو چڙهن؟ اهو خيال ڪري پيءُ ڪي بچائڻ لاءِ اچي بادشاهه وٽ پيش ٿيو ، بادشاهه ڪائنس محلات ۾ گهڙڻ جو سبب پڇيو ، تنهن تي

چوڪري سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس تہ: هاڻي تون اسانجو نائي ٿي ڇڪين. ڪن ڏينهن کان پوءِ، چوڪري ۽ شهزاديءَ جي ڏام ڏوم سان شادي ٿي. بادشاهه ۽ اڇي پيرسن ٿيو هو، سو تخت تاج چوڪري جي حوالي ڪيائين. چوڪري ۽ پنهنجي بادشاهي سياڻپ ۽ انصاف سان هلائي رعيت جون دعائون ڪٽيون.

—❀—

بخت جي بازي*

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو فقير رهندو هو، جو صدا اها هٽندو هو ته: الله جي واٽ ماڻي ڪرايو ۽ پنهنجو گهر ڦٽايو! ماڻهو هن جي صدا تي ڏيان ئي ڪونہ ڏيندا هئا، چئي: ڪنهن کي ڪٽي۽ ڪنيو آهي جو هڪڙو ماڻي ڪرائي، ۽ پيو وري پنهنجي لاءِ مصيبت وهائي.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب، فقير صدا هنئين ته هڪڙي شخص سڏ ڪري چيس ته: فقير سائين! الله جي نانءَ تان گهر ته ڏيو پر سر به قربان آهي، اڄ ته آئون توکي ماڻي ڪرايان. فقير جواب ۾ چيس ته: بابا! سوچ ويچار ڪري پوء مونکي ماڻي ڪراءِ، ڇاڪاڻ ته مونکي ماڻي ڪرائڻ سان سڀ پڇ تنهنجو گهر برباد ٿي ويندو. ان شخص وراڻي ڏنيس ته: فقير سائين! جيئن الله جي مرضي هوندي تيئن اوس ٿيندو، تون منهنجي اون لاهي ڇڏ. ٿوري ريڙهه پيڙهه ڪان پوء فقير سائس گڏجي هليو ۽ ونڊي وڃي پنهنجي اوطاق ۾ ويهاريائينس.

انهي شخص گهر مان ماڻي تيار ڪرائي، آڻي فقير جي اڳيان رکي. فقير جيئن ئي پهريون گرانهه ڪنيو، تہ گهر مان روئڻ جو آواز آيو. شخص ڊوڙي گهر وڃي ڏسي ته وڏو پٽ مئو پيو آهي. خدا جو شڪر بجا آڻي. هن شخص صبر ڪيو، ۽ مان ڪري اڇي فقير کي ماڻي ڪائڻ لاءِ چيائين. فقير اڃا پيو گرانهه

---

* هي۽ روايت لاڙ (تعلقي ٽڪي) مان عبدالله گندري ڪان ملي.

ڪنيو ته خبر مليس ته پيو پٽ ۾ گذاري ويو. هن شخص وري ۾ خدا جو شڪر ادا ڪري چيو ته جي خدا جي مرضي اها آهي ته سندس نيڪ ڀانهن جي خدمت ڪرڻ وارن جو گهر ڦٽي وڃي ته صدقي ٿياسين ڏٺئه جي نالي ٿان! ائين چئي وري ۾ فقير کي ماني کائڻ لاء چيائين. فقير اڃا ٿيو گرانهه ڪنيو ته ٿيو پٽ ۾ وڃي ڏٺئه جو ٿيو. اهڙيءَ طرح سندس پٽ، زال ۽ ٻيا ست ڄائٽ سڀ مري ويا. فقير ۾ مزي سان ماني کائي ڏؤ ڪيو. هلندي مهل فقير ڪيس چئي وڃو ته، "جيڪڏهن سون ۾ ڪو ڪم پويئي ته آئون هن بادشاهي ڪان ٻاهر، هڪڙي جبل تي رهان ٿو، اتي هليو اچج". فقير جي وڃڻ کان پوء هو غريب شخص پنهنجي پٽن، زال ۽ ڄائٽن کي دفن ڪرائي وڃي پنهنجي ڏنڊي سان لڳو.

ڪجهه وقت گذرڻ بعد، هڪڙي ڏينهن هن خيال ڪيو ته ڇو نه فقير وٽان ٿي اچان! سو ٿهي جڙي فقير جي ڏنل ڏس موجب اوڏانهن روانو ٿيو. ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوء اچي هڪڙي جبل تي پهتو. چا ڏسي ته برابر ساڳيو فقير هڪڙي جهوپڙي اڏيو وينو آهي، پر سندس چوڌاري نانگن جو لوڙهو آيو پيو آهي! پريان بيهي فقير کي سڏ ڪيائين، جنهن ڪنڌ مٿي ڪڍي ڪيس ڏنو، ۽ سڃاتائين ته برابر هي اهو ساڳيو شخص آهي جنهن مونکي ماني کارائي هئي، سو چيائينس ته: بسم الله چئي نانگن جو لوڙهو لتاڙي هليو آءُ. هيءُ ۾ بسم الله چئي نانگن تان اڪري هن پر ويو. فقير پاڪر پائي ساڻس مليو، ۽ خبرن چارن کان پوء، غريب شخص فقير جو مهمان ٿي اتي رهي پيو ۽ هن جي خدمت ڪرڻ لڳو.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوء هو شخص، فقير کان موڪلائي وطن ورڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. موڪلائڻ مهل فقير ڪيس رسو،

ديگڙو ۽ نقش ڏنو ۽ انهن ڪنهي شين جا گڻ ٻڌايائينس تہ: هيءَ رسو ڪنهن ۾ اونهي ڪڍ يا اوچي جاءِ تي اڇلائڻ سان ڏاکڻ بنجي ويندو. ديگڙي ۾ وري هيءَ خاصيت آهي، جو آڏي مانجهي جنهن ۾ مهل طعام جي گهرج ٿئي، تہ ديگڙو حڪم ملڻ سان اچي حاضر ڪندو ۽ نقش ۾ وري هيءَ خوبي آهي تہ، پٽ تي وڇائڻ سان يڪدم محلات جڙي ويندو. غريب شخص اهي سوڪڙيون ونڻي، فقير جا ٿورا مڃي، پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

اهو شخص هلندي هلندي اچي هڪڙي ڪوهه وٽ پهتو. ٽڪجي پيو هو ۽ بک ۾ لڳي هيس، تنهنڪري خيال ڪيائين تہ چو نہ هتي ئي ڪوهه جي ڪپ تي گهڙي ڪن آرام ڪجي. تنهن ڪان سواءِ فقير ڪان ملیل شيون ۾ آزمائيون هئس، سو جهاتي وجهي ڪوهه ۾ ڏنائين. جان ڪٽي ڏسي تہ ماڻهو، شينهن ۽ نانگ ڪوهه ۾ پيا آهن! ڪوهه تمام اونهو هو، تنهنڪري ٻاهر نڪري نٿي سگهيا. ڪوهه ۾ پيل ماڻهو ڪيس ڪوهه مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ منٽ ڪئي. هن غريب شخص قياس ڪري، فقير ڪان ملیل رسو ڪٽي ڪوهه ۾ ڇڏيو تہ ڏاکڻ بنجي ويئي، جنهن تان نانگ، شينهن ۽ ماڻهو چڙهي ٻاهر نڪري آيا ۽ هن جا شڪرانا مڃيندا، شينهن ۽ ماڻهو پنهنجي راهه ونڻي روانا ٿي ويا، باقي نانگ هن جي پوئيان لڳي پيو، چئي: سائين! تو حياتي ڏني آهي، هاڻي توسان ئي هلندس. هن‌شخص چيس تہ: تون نانگ، آڻون انسان، ڪٿي مونکي نقصان نہ پهچائين! پر نانگ چيو تہ: مون تي پروسو ڪر، آڻون اهڙو گڻ چور نہ آهيان جو پنهنجي جان بچائيندڙ کي نقصان رسايان. اتي هن شخص کي خاطري ٿي، ۽ نانگ کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي موڪل ڏنائين.

غريب شخص نانگ سميت اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهتو.

سڄ لهڻ جي مهل هئي ۽ بڪ ۾ اڇي لڳي هئن، سو ديڳڙيءَ جو منهن ڪولي چيائينس تہ: اسان لاءِ ڪاڏو تيار ٿئي! بس رڳو چوڻ جي دير هئي، گهڙي ڪن ۾ تمام مزيدار ڪاڏو تيار ٿي ويو، جو ٻنهي ڄڻن ڪائي ڏ ڪيو. وري نقش کي وڃائي حڪم ڏنائين تہ: هڪڙي عاليشان جاءِ ڪپي! اڪ چنپ ۾ هڪڙو عاليشان محلات تيار ٿي ويو؛ جنهن ۾ هنن آرام سان رات گذاري. صبح جو ماڻهن جڏهن هڪڙو عاليشان محلات ڏٺو، جتي سڄ ڦٽي واڪا ڪيا، تڏهن هنن هڪدم وڃي بادشاهه کي ٻڌايو. بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو تہ، رات وچ ۾ ڪيئن محلات ٺهي ويو! سو وزير سان گڏجي محلات کي ڏسڻ لاءِ آتي آيو. انهيءَ وچ ۾ هن شخص محلات کي گم ڪري نقش ڪٽي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. بادشاهه جي اچڻ تي ساڳيو ميدان لڳو پيو هو. پوءِ اهو شخص نانگ کي وٺي اڇي پنهنجي گهر ۾ پهتو.

هڪڙي ڏينهن نانگ هن کي چيو تہ تون تمام ٽيڪ ماڻهو آهين، منهنجي حياتي ۾ بچايئي ۽ خدمت ۾ ڪئي اٽئي تنهنڪري منهنجي مرضي آهي تہ توکي ان جي عيوض هتي جي شهزاديءَ سان شادي ڪرايان. شخص چيس تہ: سو وري ڪيئن؟ نانگ ٻڌايس تہ، سو هنطرح جو سياڻي آڻون شهزاديءَ کي چڪ هڻندس؛ پوءِ بادشاهه شهر جا سڀ حڪيم طبيب گهرائيندو، پر اهي هن کي چڱو ڀلو نہ ڪري سگهندا. آڻون توکي پنهنجي مٿ ڏيئي ٿو چڏيان، سا ڪٽي تون اوڏانهن وڃجانءِ، ۽ وڃي چڪ واري جاءِ تي هڻج پوءِ ويندو رنگ ڏس.

صبح جو نانگ هن کان موڪلائي ستو بادشاهه جي محلات ڏي رخ ڪيو. محلات ۾ وڃي شهزاديءَ جي ڪوٺيءَ ۾ لڪي

ويهي رهيو. ڪا سهل ٿي ته شهزادي به نند مان سجاڻ ٿي ، جيئن ئي پلنگ تان هيٺ لٿي تيئن نانگ ڏنگي رکيس. شهزادي دانهن ڪري ڪيري پيئي. گهڙيءَ ۾ سڄي محلات ۾ ماتم مچي ويو. ملڪ جا حڪيم طبيب اچي گڏ ٿيا، پر شهزاديءَ کي ڪو به فائدو ڪونہ پهتو. آخرڪار بادشاهہ شهر ۾ پڙهو ڏياريو ته شهزاديءَ کي جيڪو ماڻهو چڱو ڀلو ڪندو ، ان کي شهزاديءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي ملندي . هي غريب شخص به پڙهو ٻڌي مٽ ڪئي سڌو محل ۾ اچي پهتو ، ۽ ٻڌايائين ته : آئون شهزاديءَ جو علاج ڪندس. سپ حڪيم طبيب هن تان ڪلڻ لڳا ته اسان جا علاج هليا باقي هن گودڙئي فقير جو علاج هلندو. بادشاهہ ڪان اجازت ونئي غريب شخص پنهنجي ڪيسي مان من ڪيڏي ڏنگ لڳل جاءِ تي رکي، ٿوريءَ دير ۾ من زهر سپ چوسي ورتو. شهزادي ڪر موڙي اٿي ڪڙي ٿي ، جڙ ڪيس ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو. بس پوءِ ته سڄي محلات ۾ خوشيون ٿي ويون. شهزاديءَ جي چڱيلائي تي خير خيراتون ٿيڻ لڳيون. بادشاهہ به پنهنجو واعدو پورو ڪيو ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ غريب شخص ۽ شهزاديءَ جي شاديَ ڏاڍ ڏوهہ سان ٿي. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ تخت تاج به هنن جي حوالي ٿيو.

--※※※--

چُڱُ وي ڪاڪ جا سُڻو چُڱُ*

هڪڙو هو بادشاهہ بادشاهن جو بادشاهہ تہ پاڻ خدا آهي، پر هي هن ڪوڙي دنيا جي هڪڙي ٽڪري جو بادشاهہ هو. بادشاهہ تمام نيڪ ۽ رحمدل هو. ڪيس ست سهڻيون سدا ملوڪ راڻيون هيون، پر انهن مان ڪيس ڪو بہ اولاد ڪونہ هو. اهوئي هڪ ڏک بادشاهہ کي پيو ڪائيندو هو؛ پر هو انهيءَ جو اظهار عام آڻيان نہ ڪندو هو. بادشاهہ جو دستور هو تہ روز رات جو چمڙا پوش ڪري، ملڪ جي خبرچار لهڻ ويندو هو.

هڪڙيءَ رات دستور موجب بادشاهہ چمڙا پوش ڪري، شهر ۾ پئي گهميو، تہ اوچتو هڪ طرفان ڪن تي پٽڪو پيس. بادشاهہ آن آواز طرف ويو، ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان‌پوءِ ڏٺائين تہ ٻہ چوڪريون، جن جا حال تمام اباڻا هئا، ويٺيون پاڻ ۾ ڀالهيون ٻولهيون ڪن. بادشاهہ بہ هاسيڪار ڪن لائي ٻڌڻ ٻيٺو تہ چا ٿيون چون. هڪڙي ڇٽي ٻيءَ کي چيو تہ: اڌي! پنهنجي بادشاهہ کي اولاد آهي ئي ڪونہ، بادشاهہ هيڏانهن کي هوڏانهن تہ ٻوءِ هن تخت ۽ تاج کي ڪير سنياليندو؟ تنهن تي ٻيءَ جواب ڏنس تہ: الاجي ڪير سنياليو! پر پيڙ، جيڪڏهن بادشاهہ سلامت مون سان شادي ڪري تہ آڻون ڪيس پٽ ڇٽي ڏيان. بادشاهہ اها ڀالهہ ٻڌي دل ۾ رکي ۽ محلات ۾ موٽي آيو.

---

* حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير بادشاهه پنهنجا ماڻهو انهي گهر جي ڏٺيءَ ڏانهن موڪليا ، جي چوڪريءَ جي پيءُ کي ونی آيا . بادشاهه ڪيس پنهنجي مرضي ٻڌائي ، چوڪريءَ جو پيءُ هو غريب ، تنهنڪري هن لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي! سو خوش ٿي چيائين ته : جيئندا قبلا! انڌو گهري الله کان ٻه اکيون؛ اسين حاضر آهيون ، توهين اڄ ئي شادي ڪري وجو . ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه وڏي ڌام ڌوم سان اُن غريب چوڪريءَ سان شادي ڪئي . هاڻي بادشاهه کي هر وقت انهي ڳالهه جو خيال رهندو هو ته ڪڏهن ٿو پٽ جمي .

خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو ٿورن ڏينهن کان پوءِ چوڪريءَ کي اميدواري ٿي . بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ، ۽ خير خيراتون ٿيڻ لڳيون ، غريب غربي کي شاهي لنگر مان ماني ملڻ لڳي . هرهڪ ماڻهو خوش هو پر بادشاهه جون اڀوٽيون ست رائيون نا خوش هيون . هنن کي پڪ هئي ته اڄ کي سپاڻي هن کي اولاد جمندو ، تنهنڪري بادشاهه جو راض انهي راڻيءَ تي وڌيڪ ٿيندو ، ۽ اسان کي بادشاهه وساري ڇڏيندو . سو هنن دائيءَ کي ڪجهه لب ڏيئي ڪٽي پاڻ سان شامل ڪيو ته ويم مهل راڻيءَ جون اکيون ٻڌي ، پار کي گم ڪري ڇڏي ۽ اهو هُلائي ته «راڻيءَ کي چار ڦلهيار ڇائي آهي» .

ڏينهن پنيان راتيون ، راتين پنيان هفتا گذرندا ويا ، تان جو اچي نو مهنا پورا ٿيا. جيئن جيئن ويم جا ڏينهن ويجها ايندا ويا ، تيئن اهي ستئي راڻيون هن غريب چوڪريءَ سان راس پاس رهڻ لڳيون . نيٺ اهو ڏينهن به اچي سهڙيو . رڻ موجب دائي ۽ ست ئي راڻيون اتي پهچي ويون . موقعو ونی دائيءَ چيس ته: سائڻ! پر ، کي ڪُپر؟ هن جواب ڏنو: ته دائي مائي! جيڪا

توهان جي پٽ ، تنهن تي هڪڙي راڻيءَ پٽيءَ سان هن جون اکيون پٽيون . قدرت خدا جي سان هن کي هڪڙو سدا ملوڪ شهزادو جائو ، ڪجهه ديرکان پوءِ ننڍي راڻيءَ پنهنجن پهاڻن کان پڇيو تہ : ادیون ! ڇا ڇائو ؟ هنن جواب ڏنو تہ: پيٽ ! چار ڦلهيار . بادشاهه کي ٻ ائين ڇوائي موڪليائون. بادشاهه ڏاڍو حيران ٿيو تہ ڪڏهن چار ڦلهيار ٻ ڇائي ! خير ... خيال ڪيائين تہ خدا جو ڪجهه خدا ڇائي ، الاجي ڇا آهي !

هوڏانهن دائيءَ ڇا ڪيو جو تازو ڄاول شهزادو ڪٽي وڃي ڪڙهه ۾ اڇلائي آئي . اهڙيءَ طرح سان ان غريب راڻيءَ کي ٻيائين پٽ ءِ هڪڙي ڏيءَ ڇائي، پر هر واري 'چار ڦلهيار ڇائي' ڇئي، دائي ڄاول ٻارڻن کي ڪڙهه ۾ اڇلائي ٿي آئي . آخر بادشاهه کي اڇي ڪاوڙ لڳي، سو ڇا ڪيائين جو ننڍي راڻيءَ جو مٿو ڪوڙائي ، ڪيس ڪڍڻ تي ويهاري ڇڏيو تہ ويهي ڪانگ هڪلي . هاڻي ست ئي راڻيون ڏاڍيون خوش گذارڻ لڳيون ءِ دائيءَ کي ٻ وڏا انعام اڪرام ڏئي مالامال ڪري ڇڏيائون .

انهيءَ ڳالهه کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا . اهي ٽيئي ٻار ٻ چوڪرا ءِ هڪڙي چوڪري، گهوڙن جي ڪڙهه ۾ پلجي اڇي سمجهه پريا ٿيا . هڪڙي ڏينهن راڻين دائيءَ کي چيو تہ: مائي دائي ! وڃي ڏسي اڇ تہ شهزادي ءِ شهزادا جيئرا آهن يا مري ويا . دائي جو وڃي ڏسي تہ مار ، هي تہ جيئرا جاڳندا وينا آهن ! بس پوءِ تہ هيٺيون هيٺ مٿيون مٿي ، مٿيون هيٺي اڇي راڻين وٽ ساهه پٽيائين ؛ ڏکندي ڏکندي راڻين کي ٻڌايائين تہ ؛ هو تہ اڳي کان اڀرا ، جيئرا جاڳندا وينا آهن ! بس پوءِ تہ سيني کي اڇي سير سان لڳي تہ هاڻي ڇا ٿيندو ؟ جيڪڏهن بادشاهه کي سڌ پيئي تہ جيئري گڏهه جي پيٽ ۾ سبائي ڇڏيندو .

آخر گھڻي آچار ويچار ڪان پوءِ ، اھو فيصلو ڪيائون ته ھنن ڪي اھڙي نموني ۾ ڪيجي ، جو لعل ۽ لِيي ۽ پريت ۽ رھجي اچي. ھاڻي ھيئن ڪجي جو انھن ڪي "اول پري" جو ڏس ڏيون ته اوڏانھن وڃن . اھا پاڻھي سندن خاتمو ڪري ڇڏيندي . اھا صلاح بيھاري دائيءَ کي سمجھائي ھنن ڏانھن موڪليائون. جنھن ھنن کان وڃي پڇيو ته ابا، ھاڻي توھين جوان ٿي ويا آھيو ، وڃي شاديون ڇو نٿا ڪريو ؟ انھيءَ تي ھنن کيس چيو ته : اي سياڃھي مائي، ھن دنيا ۾ اسان جو ڪير ۽ ناھي، اسين غريب ۽ بي پھچ، اسان کي ڪير پنھنجون نياڻيون ڪيڏي ڏيندو ! اتي دائي مڪر ڪري ڪوڙھا ڳاڙڻ لڳي ، ۽ چوڻ لڳي ته ابا ! ائين برابر آھي، ڏڻ ته ڏئي نه ته وڪڻ ڪٽي ؛ پر ھا ، مونکي ھڪڙي رحمدل ۽ سياڃھڙي پَرِي ياد ٿي اچي ، جيڪڏھن توھين وٽس وڃو ته ھو توھان جي ضرور شادي ڪرائيندي . ڇوڪرن پڇس ته: پوءِ امان ، اھا اسان کي ٻڌاءِ ته وٽس وڃون، من قسمت سولي ٿي پوي . دائي ھنن کي اول پريءَ جي گھر جو ڏس پتو ڏئي موٽي آئي .

اول پري تمام ظالم ھئي . جيڪو ۽ ھن وٽ ويندو ھو ، تنھن کي جادوءَ جي زور تي پنڌ پھڻ ڪري ڇڏيندي ھئي . اول پري کي ۽ خدا جي قدرت سان ٽي نياڻيون ۽ ھڪ پٽ ھو . ڪيس انھن جي شاديءَ جو خيال ھو ؛ پر سندس ڊپ ڪان ڪو ۽ سڳ ڪو نه گھرندو ھو . اول پري کي اھي ٽي ڌِٽيون ھيون ته اوچتو سندس ڪن تي وڏي شھزادي جو آواز پيو ته : اول پري اسان کي پرڻاءِ . تنھن تي اول پري ڪجھ سرھي ٿي ۽ جواب ڏنائين ته ڇڪا ! ھلي آءِ ته توکي پرڻايان. شھزادو اندر ويو ته اول پري سندس امتحان وٺڻ خاطر ، جادو جي زور تي ھن کي پنڌ پھڻ

ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ ۾ ننڍا شهزادا ۾ هن جي در تي آيا ۽ اچي چيائون تہ: اول پري! اسان ڪي پرڻاءِ. جنهن ۽ هنن ڪي ۾ سڏي پنڌ پهڻ ڪري ڇڏيو. جڏهن شهزادن ڪي تمام گهڻي دير ٿي وئي ۽ تڏهن ويچاري شهزادي پاڻ اول پريءَ جي در تي آئي ۽ ڏاڍي ڏڪاري آواز ۾ چيائين تہ: ائي اول پري! اسم الله جي منهنجا پائر پرڻائي ڏي! تنهن تي اول پريءَ جواب ڏنس تہ: صدقي وڃان الله جي اسم تان، هلي آ منهنجي ڇڙي! تہ تنهنجي پائرن جو وهاڻ ڪرايان. شهزادي اندر گهڙي هيڏانهن هوڏانهن پنهنجن پائرن ڪي ڳوليو، اوچتو سندس نظر پائرن تي پئي جي پنڌ پهڻ جي شڪل ۾ ڏسي. اول پريءَ ڪي عرض ڪيائين تہ: اول راڻي! اسم الله جي، منهنجن پائرن ڪي اصلي شڪل ۾ آڻ. اول پري چيو تہ: صدقي الله جي اسم تان، آڻون تنهنجن پائرن ڪي اصلوڪي شڪل ۾ آڻيان ٿي. ائين چئي، وري ڪجهہ پڙهي ڦوڪاريائين تہ شهزادا اصلي شڪلين ۾ اچي ويا. سڀ هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. آخر اول پري، پنهنجون ڏيئرون هنن ننهي شهزادن ڪي ڏنيون ۽ پنهنجي پٽ جي شادي وري شهزاديءَ سان ڪرائي.

هاڻي هي چارئي يارسونهن جا سردار، روز شام جو گهوڙن تي چڙهي شيل ٿي ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ هنن ڪي ڏسي پنهنجي وزير ڪي چيو تہ: انهن بهادرن ڪي دعوت ڏي، تہ سياڻي اچي اسان سان ماني کائين. وزير هڪدم انهن ڪي بادشاهہ جي دعوت ڏني جا هنن قبول ڪئي. هنن اها ڳالهہ اول پري سان ڪئي. جنهن هنن ڪي چيو تہ: توهين آتي ضرور وڃجو، پر جيئن آڻون توهان ڪي چوان ٿي تيئن ڪجو. گهوڙن تان اصل هيٺ نہ لهجو، ۽ آتي ئي ڇڄو تہ



... 'چٹني جٹن گھوڑن تي ويٺي ماني ورتي، ۽ کيسن مان ڪاڪ جا سِٽو ڪڍي چوڻ لڳا تہ "چُڱ وي ڪاڪ جا مٺو، چُڱ!"' ...

- ص ٢٧

انسان کي مانيِ ڏيو، پوءِ جڏهن هو توهان کي مانيِ ڏين تڏهن توهين کيسن مان ڪاڻ جا منڱو ڪيو، جيڪي آڻون توهان کي ڏيان ٿي، ٿي ٿي پيرا چئجو ته "چڪ اي ڪاڻ جا منڱو چڪ!" هو توهان کي مانيِ ڪائن جو گهٽو چوندا، پر توهين انڪار ڪري، سياڻي جي دعوت ڏيئي موٽي اچجو.

ٻئي ڏينهن صبح جو چار ئي يار، سهي سنيري کيسن ۾ ڪاڻ جا منڱو وجهي، بادشاهه جي دعوت تي ويا. هنن جي سڃي آجيان ڪئي ويئي، پر سر گهوڙن تان نه لٿا. بادشاهه هنن کي چيو ته: اي جوانو! گهوڙن تان لهي اچو ته گڏجي ڪجهه ڪائون. پر هنن جواب ڏنس ته: بادشاهه سلامت! اوهان جا لک احسان، پر معاف ڪجو جو گهوڙن تان هيٺ نه لهنداسين، اسين هتيئي مانيِ ڪائينداسين. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو، پر چيائين ته ڏيو تڏي تي آيا آهن تنهنڪري جيڪي انگل ڪن سي پورا ڪبا. سو گهوڙن تي ئي کين مانيِ ڏنائون. اتي هنن چا ڪيو جو پنهنجن کيسن مان ڪاڻ جا منڱو ڪيي، ٿي ٿي پيرا چيائون ته "چڪ وي ڪاڻ جا منڱو چڪ!" بادشاهه اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ ڪائن انهيءَ ڳالهه جو مطلب پڇيائين، پر هنن جواب ڏنس ته بادشاهه سلامت! سياڻي توهان کي، پنهنجي لاءِ لشڪر سميت اسان جي دعوت آهي، اتي اچجو ته پوءِ مطلب ٻڌائينداسين. بادشاهه هنن جي دعوت قبولي.

ٻئي ڏينهن، بادشاهه پنهنجي لاءِ لشڪر سميت اچي هنن وٽ پهتو. سندن ڏاڍو آدرياءُ ٿيو، پر بادشاهه شهزادن کي چيو ته: هي ڳالهه پوءِ، پهرين مونکي ڪالهوڪي ڳالهه جو مطلب ٻڌاءِ. تنهن تي اول پري جا پردي جي پٽيان ويٺي هئي، تنهن چيو ته: بادشاهه سلامت! جيڪڏهن ڪو انسان چار قلهيار

جڏي سگھي ٿو تہ ڪاڻ جو ڏنو ہ ڇڪي سگھي ٿو! اتي بادشاھ جا طاق لڳي ويا ، تہ مار ، اھا ڳالھ آھي! بادشاھ ايان انھن ئي ويچارن ہ ھو تہ وري اول پريءَ چيس تہ : بادشاھ سلامت! اھي ٽي نوجوان جيڪي تنھنجي ساڃيءَ پر ہ وينا آھن ، سي تنھنجا پٽ آھن ، ۽ ھي جيڪو ڪاپي پاسي وينو اٿئي سو تنھنجو نائي آھي. بادشاھ حيران ۽ پريشان ٿي سڀ ڏندو رھيو. ڪجھ اڇيس ئي نہ پيو ، جنھن تي اول پريءَ سڃي سربستي ڳالھ ڪري ڏيکاري ، تڏھن وڃي بادشاھ ڳالھ سمجھي. پوءِ سيئي ھڪڙي سان خوش ٿي ملیا . اول پري بادشاھ کي چيو تہ : بادشاھ سلامت ! ھاڻي منھنجو فرض پورو ٿيو ، ھي اٿئي ٽي پٽ ، ۽ ھي اٿئي ٽي ننھرون ، تنھنجي ڏيءَ آھي منھنجي ننھن ، سا رھندي سون سان ، باقي تون جان تنھنجو ڪم . بادشاھ خوشيءَ وچان ڪپڙن ہ ئي نہ پيو ماپي . گھر اچي ڪانڊيلي راڻيءَ کي سڏائي پٽ راڻي ڪيائينس ، باقي ڇھن راڻين ۽ دائيءَ کي جيئري گڏھ جي پيٽ ہ سبائي ، درياھ ہ لوڙھائي ڇڏيائين ؛ پاڻ پنھنجي راڻي . پٽن ۽ ننھن سان آرام ۽ خوشيءَ ہ گذارڻ لڳو .

—※※※—

کاٹ جو گھوڑو، لوھ جو لغام*

ھڪڙو غريب مھاڻو، پنھنجي زال ۽ ٻن ڏيئن سان گڏ ھڪڙي ڪوٽ ۾ رھندو ھو. روز صبح جو الله توھار ڪري، وڃي پاڻيءَ ۾ ڇار وجھندو ھو، جتان ڪيس ڇار ڪڍڻا نصيب ٿيندا ھئا، جي وڪڻي پنھنجي عيال جو گذر سفر ڪندو ھو. ھڪڙي ڏينھن مھاڻي ويچار ڪيو تہ جيئن پوءِ تيئن گذران تنگ ٿيندو وڃي، ڇو نہ ھي ٻئي ڏيئون وڃي ڪنھن جھنگ ۾ ڇڏي اچان تہ مون تان بار گھٽجي ويندو. اھي پھ پچائي ھڪڙي ڏينھن وڃھ ونڊي ڏيئن ڪي چيائين تہ: اما! ھلو تہ ھلي جھنگ مان ڪاٹيون ڪري اچون. ڇوڪريون تيار ٿي آٽي پيءُ جي ٻيان ھليون. ھلندا ھلندا اچي ھڪڙي گھاٽي ٻيلي ۾ نڪتا. اتي پيءُ ڏيئن کي چيو تہ: آئون ھت ويھان ٿو، توھين ڪاٹيون ڪري اچو. پيءُ جو حڪم ٻڌي ڇوڪريون ڪاٹيون ميڙڻ لاءِ گھٽو پنڌ نڪري ويون، ھيڏانھن مھاڻي ڇا ڪيو جو آگر جي ڇوٽي ڪپي، اتي رکي پاڻ اچي ڪوٽ ۾ نڪتو.

ٻئي ڏينھن صبح جو دستور موجب ڇار ڪٽي ميڙي مارڻ ويو، پر خدا جي قدرت اھڙي ٿي جو ڇڻ ڪرڻ جي بدران ۾ ڪرڙا ڦاٽس! ڪرڙا ڪٽي گھر آيو ۽ زال کي چيائين تہ: روز سينڊ جو رزاق تي آھي، ڏيئرن کي ناحق ڇڏيوسين، ھاڻي ھو پنھنجو روز پاڻ سان ڪٽي ويون. پوءِ تہ ٻئي زال مڙس ڏاڍا

---

* حيد رآباد شھر مان زمرد شيخ کان ملي.

پشيمان ٿيا. جهنگ ۾ وڃي ڳولا ڪيائون پر چوڪريون هٿ ڪونہ آين.

چوڪريون ويچاريون ڪاڏيون ميڙي اچي ڏسن تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن، بابو آهيٽي ڪونہ، پر آ گر جي چوٽي ڪپي رکي آهي. اتي ڏاڍو ارسان ٿين. سڀ ۾ اچي لهڻ وارو ٿيو هو، سو وڏيءَ پيڻ نندڙيءَ کي چيو تہ: ادي! هن وڻ تي چڙهي ڏس تہ ڪا وسٽن هجي تہ هلي ڪو آجهاپو ڪريون. نندي پيڻ وڻ تي چڙهي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تہ هڪڙي پاسي دونهيي پئي ڏکي. پوءِ ٻئي پيٽون ان دونهيي ڏانهن روانيون ٿيون، ٿوري پنڌ ڪان پوءِ اچي اتي پهتيون، ڏسن تہ هڪڙو مَنهُن ءِ مينهن جو پاڻو ٿهيو پيو آهي. ڪير، مڪڙ ءِ لسيءَ جون چاڏيون پريون پيون آهن، ٽئو ٽنگيو پيو آهي، ۽ دونهيي پئي ڏکي، پر ماڻهو ڏسڻ ۾ نٿا اچن. هنن ڪي ڀڪ لڳي هئي، تنهنڪري اتو ڪڍي ماني پچائي، لسيءَ سان ڪاڌائون. پوءِ جانورن جي ڊپ ڪان هڪڙي وڏي ءِ گهاٽي وڻ تي چڙهي لڪي ويهي رهيون.

اڃا سڀ لٽوئي ڪونہ، تہ ڏسن تہ هڪڙي پولڙي آهي جا مينهن جو وڳ ڪاهيو پئي اچي. پولڙي اچڻ سان چا ڪيو، جو مينهن ڪي ٻڌي، هڪڙي ٽلهي ماني پچائي، لسيءَ سان ڪائي، لت ڪوڙي سمهي رهي. اهو تماشو ڏسي نندي پيڻ، وڏيءَ کي چيو تہ: ادي! هيءَ پولڙي ڪا پڪي ڪنجوس ٿي ڏسجي. هيتري ڪير مڪڙ هوندي بہ لسيءَ سان ماني ڪائي سمهي پئي! تنهنڪري اڄ تہ هن سان ڪا جٽ ڪريون. پوءِ صلاح ڪري ٻئي پيٽون وڻ تان لهي هيٺ آيون ۽ چا ڪيائون جو چاڏيءَ مان سمورو مڪڙ ڪڍي پولڙيءَ جي پٺن ڪي ٽڦي، وري

وڻ تي چڑهي لکي ويهي رهيون. صبح جو پولڙي اٽي ڏسي ته: هان، هي ڇا! آڻون مکڻ کان ئي ڪونہ منهنجا پنا ٿا مکڻ کائين! سو ڇا ڪيائين جو تئو چاڑهي هيٺان باهہ جو سڄ باري چڏيائين. جڏهن تئو تپي ڳاڙهو ٿيو، تڏهن پنا ڪٽي تئي تي رکيائين. گهڙيءَ ۾ سڙي سون جي سير ٿي پئي. اهو ڏسي ٻئي ڀيٽون وڻ تان هيٺ لهي آيون، اچي سون جي سير کنيائون. ٻوءِ ته پنهي ڀيڻن خيال ڪيو ته ابو امان چڏي ويا، پر الله نہ چڏيو. هاڻي نهي جڙي ملي آهي، تنهنڪري اتيئي رهي پئون ته ڏاڍو ڇڪو. سو وڏي ڀيڻ گهر جو ڪم ڪار ڪنيو ۽ ننڍي مال چارڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن ان ملڪ جو بادشاهہ شڪار تي نڪتو، شڪار ڪندي ڪندي اچي انهيءَ جُوءِ ۾ نڪتو، جتي ٻئي ڀيٽون رهنديون هيون. ٻنهڑن جو وقت هو، سو ڪيس بک اچي تپايو. بادشاهہ وزير کي چيو ته: هي پکي ڪٽي ڪٽان پچائي اڄ. وزير وڻ تي چڑهي ڏسي ته، ها ٻيلي، اوپر طرف سڌ پنڌ تي دونهون ٻيو ڏکي. هڪلي اتي آيو، ڏسي ته بلي! جهنگل ۾ منگل لڳا پيا آهن. هڪڙي سهڻي چوڪري وينِي پرت پري. چوڪريءَ جي سونهن ڏسي عقل چرخ ٿي ويس. آخر چيائينس ته: چوڪري! سونڪي پکي پچائي ڏي! چوڪريءَ جواب ڏنس ته: اها دونهين پئي ڏکي، ان مان پاڻ ويهي پچائي وڃ. هن پکي ڪٽي دونهي ۾ وڏو، پر اک اُن چوڪريءَ ۾ هجيس. تان جو سڄو پکي سڙي ويو. اتي وزير جي اک کلي ۽ پکي سڙيل ڏسي، ورائي ٻيو پکي دونهين ۾ وڌائين. ان جي بہ اڪيئين جهڙي حالت ٿي. چوڪريءَ وزير جي اها حالت ڏسي، ان کان پکي وٺي ڏاڍي سٺي نموني پچائي تيار ڪري کيس ڏنا،

جي وزير ڪٽي بادشاهه وٽ موٽي آيو.

وزير پڪل پڪي آڻي بادشاهه جي آڏو رکيا. پڪل پکين مان اهڙي خوشبوءِ پئي آئي جو بادشاهه حيران ٿي ويو. وري جو ڪاڏائين ته چپ چٽيندو رهجي ويو، چئي: ٻيو آهي؟ وزير جي انڪار تي بادشاهه ڪانئس پڇيو ته: پڪي ڪنهن پڇايا؟ ڏجندي ڏجندي وزير سچي ڪئي ته: هڙي طرح هڪڙي سهڻي چوڪري جهنگ ۾ ويٺي آهي، جنهن اهي پڇائي ڏنا آهن. بادشاهه چيس ته، مونکي انهيءَ چوڪريءَ وٽ وڃي هل. وزير کي اچي ڊپ ورايو ته بادشاهه آهي اڙينگ، ٻتان چوڪريءَ تي هرکجي پوي، ۽ چوڪري به الائجي ڪير آهي، سو نٽائڻ لاءِ چيائين ته: جيئندا قبلا! الائي ڪٽي جي هئي ۽ ڪيڏانهن وئي، توهين انهيءَ ڳالهه کي ڪٽي ڇڏيو. هڪڙيءَ تي بادشاهه ٻيءَ تي وزير، نيٺ وزير بادشاهه کي سان ڪري اتي آيو جتي چوڪريءَ ويٺي پرت پريو. بادشاهه چوڪريءَ کي ڏسڻ سان عاشق ٿي ٿيو، ڪانئس خبر چار پڇي، پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيائين. چوڪريءَ هائو ڪئي، پر چيائينس ته: منهنجي ننڍي ٻيڻ مال چارڻ وئي آهي، اها اچي ته گڏجي هلون. بادشاهه ايتري دير سهي نه سگهيو، ۽ هن کي وٽي اتي هليو. چوڪريءَ چا ڪيو جو سرنهن جي ٻج مان جهولي ٻري ڪٽي ڪنئي، ۽ جنهن گس تان ويئي اتان ٽوري ٽوري ڪري سرنهن هاريندي وئي.

بادشاهه اچي محلات ۾ لٿو ۽ جهٽ پٽ شاديءَ جي تياري ڪرڻ لڳو. بس پوءِ ته ٻڪريون ڪسي ويون، ڏاڪ ڏيڻيءَ جو ٽڪاءُ پئي ٿيو، ٻوڙ ٻلاءِ جا نونر لڳي وڃا. ڪاڏو اهڙو سٽيو جو رک چپ تي ته ڏو ٻيٺ ۾، ۽ چس چپن مان ٻارهن مهينا

نہ وڃي. نيٺ شادي خير جي پوري ٿي، بادشاهہ ۽ راڻي ڏاڍي پيار محبت سان رهڻ لڳا.

هوڏانهن راڻيءَ جي ننڍي پيٽ ، جڏهن شام جو مال چاري گهر آئي ، ڏسي تہ ادي آهيئي کانہ! هيءَ ارمان ۾ سمهي رهي. ٻئي ڏينهن اٺي پير کنيائين ، ڏسي تہ سرنهن جي ناڙي لڳي پيئي آهي. پوءِ هيءَ ويچاري مال کاهي اٺي هلي. پنڌ ڪندي ڪندي ڪن ڏينهن کان پوءِ اچي انهي بادشاهيءَ ۾ نڪتي ، جتي سندس پيٽ راڻي هئي. هن ٻہ ڇا ڪيو جو محلات جي پويان منهڙو ٺاهي ويهي رهي.

ڪن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ، راڻيءَ کي پٽ ٿيو. بادشاهہ کي اڳيئي ست راڻيون هيون پر انهن مان اولاد ڪنہ هئس. جڏهن کان ننڍي راڻيءَ کي پٽ ٿيو ، تڏهن کان ٻين راڻين کي اچي ساڙ ورتو. چي : هن ڪي جيڪڏهن پٽ ڄمندو تہ بادشاهہ اسان کي ليکيندو ئي ڪونہ. هاڻي اهڙي ڪا رٽ رٽجي جو راڻيءَ کي جيڪو ٻار ڄمي ، سو گم ڪري ڇڏجي. اهي خيال ڪري هنن داين ۽ نوڪرياڻين کي لب ڏيئي پاڻ سان ٻڌي ڇڏيو. نون مهنن کان پوءِ راڻيءَ کي ٻار ڇائو ، ڏسن تہ ڇٽيهہ لکڻو پٽ آهي. هن ڇا ڪيو جو ان کي ڪپڙي ۾ ويڙهي سيڙهي وڃي محلات جي ٻاهران اڇلايو ۽ ٻڌايائون تہ : راڻيءَ کي ڪڙ پٽر ڇاوا. بادشاهہ کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ هن راڻيءَ وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو ، تان جو ڪيس صفا وساري ڇڏيائين.

قدرت الله جي اهڙي ٿي، جو راڻيءَ جي ننڍي پيٽ ، جڏهن صبح جو ٻهاري ڏيڻلاءِ آئي، تہ ڏسي تہ اڳڻ ۾ هڪ نئون ڇاول ٻار پيو روئي. هن بسم الله ڪري وڃي ٻاريءَ کي ڪنيو. ٿوريءَ

ديرڪان پوءِ سموري ڳالهه جي خبر پيس، پر ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهي، جو ته ڳالهه ٿي پڌري ڪري ته ٻيون رائيون ٿيون مارائين، سو مينڌي به مات مُٺي به مات، ڳالهه ڪُجهه ۽ رکي شهزادي کي پالڻ شروع ڪيائين.

ڇوڪرو اڃ ننڍو سڀان وڏو، نيٺ اڇي لائق ٿيو. هڪڙي ڏينهن شهزادي پنهنجي ماءُ کي چيو ته: اما! بادشاهه جا سئيس گهوڙن تي چڙهي، انهن کي پاڻي پيارڻ ويندا آهن، سونڪي به هڪڙو گهوڙو ونڊي ڏي، ته آئون به انهن سان گڏجي گهوڙي کي پاڻي پيارڻ وڃان. ماڻس چا ڪيو جو هڪڙو ڪاٺ جو گهوڙو ۽ لوهه جو لغام ٺهرائي ڏنائينس ۽ چيائيتس ته: جڏهن بادشاهه جا سئيس گهوڙن کي پاڻي پيارڻ وڃن، تڏهن تون به پنهنجو ڪاٺ جو گهوڙو ڪاهي وڃج، ۽ وڃي چئجئين ته ڪاٺ جا گهوڙا، لوهه جا لغام، پاڻي پيءُ!

ٻئي ڏينهن شهزادو ڪاٺ جي گهوڙي کي لوهه جو لغام وجهي، بادشاهه جي گهوڙن سان گڏ پنهنجي ڪاٺ جي گهوڙي کي پاڻي پيارڻ ويو، ۽ وڃي چيائين ته: ڪاٺ جا گهوڙا، لوهه جا لغام، پاڻي پيءُ! بادشاهي سئيسن کي عجب لڳو ته هيءُ ڪو چريو ٿو پاڻجي! پر چيائونس ڪجهه به نه. شهزادو روز ائين ڪندو هو. آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن سئيس ڪاوڙجي چيس ته: اڙي ڇوڪرا! ڪڏهن ڪاٺ جي گهوڙي به پاڻي پيتو؟ شهزادي ان جو ڪوبه جواب ڪونه ڏنو، ۽ موٽي وڃي ماءُ کي ٻڌايائين ته: ماڻهو مون کان هيئن ٿا پڇن. تنهن تي ماڻس سموري ڳالهه ٻڌائي چيس ته: جڏهن بادشاهه توکان ائين پڇي، تڏهن هيءُ جواب ڏجئين. پوءِ ڪيس اهو جواب به ٻڌائي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن وري ٻ دستور موجب بادشاهي سئيس گهوڙن کي پاڻي پيارڻ ويا ، ڏسن تہ شهزادو اڳيئي اتي ٻيو پنهنجي ڪاڪ جي گهوڙي کي پاڻي پياري ۽ چئي پيو تہ : ڪاڪ جا گهوڙا ، لوهہ جا لغام ، پاڻي پيءِ ! سئيس ڪيس تڙ تي اچڻ جي منع ڪئي ، تنهن تي شهزادي چيس تہ : هل ڙي هل ، وڃي پنهنجي بادشاهہ کي ٻڌاءِ تہ سندس راڄ ۾ هاڻي ڪاڪ جا گهوڙا ٿا پاڻي پين . سئيس ٻ موقعو ونڻي اها ڳالهہ بادشاهہ جي ڏيان تي آندي . جنهن ان چوڪري کي ونڻي اچڻ جو حڪم ڪيو .

ٻئي ڏينهن سئيس شهزادي کي بادشاهہ وٽ ونڻي آيا ، بادشاهہ هن کي چيو تہ: چوڪرا ! ڪاڪ جو گهوڙو لوهہ جو لغام ، پاڻي ڪيئن پيئندو؟ تنهن تي شهزادي نهہ ڦهہ جواب ڏنس تہ: بادشاهہ سلامت ! ڪاڪ جو گهوڙو پاڻي ائين پيئندو ، جيئن زالون اگر پتر جڻيندیون آهن . اهو ٻڌي بادشاهہ جا طاق لڳي ويا تہ مار ! اها ڳالهہ آهي. سو ڪانئس پڇيائين تہ : توکي اها ڳالهہ ڪنهن سيکاري آهي؟ شهزادي جواب ڏنو تہ: منهنجي ماءُ. ٻوءِ بادشاهہ يڪدم وڃي شهزادي جي ماءُ سان مليو ، جنهن ٻڌايس تہ : بادشاهہ سلامت ! اهو چوڪرو توهان جو پٽ آهي ، جو مونکي. ڇڙيءَ طرح هٿ آيو ۽ مون پاليو آهي. بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ، ۽ ٻنهي کي پنهنجي محلات ۾ ونڻي آيو ، ۽ جنهن راڻيءَ کي وساري ڇڏيو هئائين . تنهن ڪان معافي ونڻي ڪيس پٽ راڻي ڪيائين ، باقي ستن ئي راڻين کي آلن ٽوئن . وجهائي ساڙائي ڇڏيائين . راڻي ٻ پنهنجي پيٽ ۽ پٽ کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي . بادشاهہ ٻ راڻيءَ کي ساڳي عزت ڏني .

ٽوئن ڏينهن ڪان پوءِ راڻيءَ بادشاهہ کي چيو تہ مون

ملڪ جا ماڻهو ڪوڻائي انهن ۾ عام خيرات ڪر. رڳو حڪم جي دير هئي، سڄي ملڪ ۾ عام خيرات جو پڙهو گهمي ويو. آخر خيرات وارو ڏينهن به اچي ويو. هي ٻئي ٻيٽون مردانا ويس پائي در تي بيهي رهيون. جيڪي ماڻهو آيا تي تن کي چڪيءَ طرح ٽي ڏنائون. اوچتو هنن ڏٺو ته سندن ماءُ پيءُ پيا اچن. ٻنهي ٻيٽن پيءُ ماءُ کي وڏي عزت سان ونڊي هڪ پاسي ڪري ويهاريو. ويچارا ڏاڍا حيران ٿيا ته الائجي ڇا ٿيندو! آخر ٻنهي ٻيٽن مردانا ڪپڙا لاهي زنانا ڪپڙا پاتا ۽ ماني ڪڍي اچي ماءُ پيءُ جي آڏو رکيائون. ماني کائڻ کان پوءِ، وڏيءَ ٻيٽ پڇيو ته: اسان کي سڃاڻو ٿا؟ پيرسن ميربحر ۽ پوڙهيءَ ماءُ ٻنهي کي ڏٺو، رت ڇڪي ڏني. هڪٻئي کي سڃاڻي ڏاڍي آکير سان ملیا. وڏي چوڪريءَ چيو ته: بابا! روز رزاق تي آهي، جي انسان جي هٿ ڪنهن جي روزي هجي ته هوند ون گهوڙو ٻڌڻ نه ڏئي ..... پرگذري ساگذري. پوءِ ماءُ پيءُ پنهنجي ڪئي تي ڏاڍا پشيمان ٿيا، ۽ سڀ پاڻ ۾ گڏجي بادشاهي محلات ۾ رهڻ لڳا.

ويرل ۽ پاڳل*

هڪڙي ڳوٺڙي ۾ ڪو غريب شخص رهندو هو، ڪيس ٻه ننڍڙيون ڇوڪريون هيون. هڪڙيءَ جو نالو ويرل ۽ ٻيءَ جو پاڳل هو. ڪن ڏينهن پڇاڻان آن غريب شخص جي زال گذاري ويئي، جنهنڪري ٻي شادي ڪرڻ جو خيال ڪري، هڪڙي ڦلاونتيءَ زال سان ڪٽي شادي ڪيائين. آن عورت ڪي وري اڳ ۾ ئي هڪڙي ڏيءَ هئي، تنهنڪري ويرل ۽ پاڳل سان اصل ڪاڻ پوندي هئس. سنجهه صبح ويچارين تي مار موچڙو ۽ گهر جو ڪم ڪار هوندو هو. پنهنجي ڏيءَ کي ڪو به ڪم ڪرڻ نه ڏيندي هئي ۽ ڪيس ڪٽ چڙهئي اهڙي ته سڀني ماني ڪارائيندي هئي، جو هوءَ ڏينهون ڏينهن سڪندي ويئي. باقي هنن ويچارين کي اڌي جي ڇاڻ مان ماني پچائي ڏيندي هئي، جا ڪائي، ٻئي ٻيئون خدا جو شڪرانو ڪيي، ماڻ ڪري ويهي رهنديون هيون.

ويرل ۽ پاڳل جو دستور هو ته روز سنجها جو پنهنجي ماءُ جي قبر تي ويندیون هيون ۽ وڃي روئنديون هيون، ۽ چوندیون هيون ته: امان ڙي امان! تون اسان کي پان وٺ گهراءِ. هڪڙي ڏينهن ٻئي ڇيئون ماءُ جي قبر تي وڃن ته ڇا ڏسن ته: سبحان‌الله! سندن ماءُ جي قبر جي سيراندي‌ءَ ڪان هڪ ميويدار وڻ، ميوي سان جهنجهيو ٻيٺو آهي! ڏاڍو عجب لڳن ته هتي ڪالهه ته وڻ هوئي ڪونه، اڄ ڪٽان اچي ويو! پر وري خيال ڪيائون ته خدا

---

* هي‌ءَ روايت حيدرآباد شهر مان زمرد شيخ ڪان ملي.

جو ٻڌهه خدا جاڻي ، لاشڪ الله سائين اسان تي رحم ڪري ، اسان- لاءِ هي وڻ پيدا ڪيو آهي . پوءِ ته ٻئي ٻيٽون وڻ سان ميوو ڦٽي ڪائڻ لڳيون . اهڙيءَ طرح روز قبر تي اچي ٻيوو ڦٽي ڪائيندڙيون هيون ، تان جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ مچي مچي گندلو ٿي ويون .

هوڏانهن سندن ماڻيجي ماءُ کي اچي حيراني لڳي ته ، ڪهڙي ڳالهه آهي جو هي وڃن ٿيون ٿلهيون ٿيندڙيون . ضرور ڪٿي لڪي ڪو سٺيو طعام ٿيون ڪائين ، انهي جو انت لهڻ گهرجي! سو هڪڙي ڏينهن لڪي لڪي سندن پٺ ورتائين . هي ٻئي ٻيٽون ٻ هلندي هلندي اچي ماءُ جي قبر تي پهتيون؛ ٿوري دير آتي ويهي ، وڻ سان ميوو ڦٽي ڪائڻ لڳيون . اهو لقاءِ ڏسي هوءَ سمجهي ويئي ته هنن جي مڇڻ جو سبب ڪهڙو آهي. پوءِ ته گهر موٽڻ سان ، ، پيٽ سور مران ، پيٽ سور مران ، جو ٻڪر ڪري ، مڙس جي اڳيان ڪري پئي. مڙس هو مت جو موڙهيل ، سو ڪيترين ئي ستيون ڪيون ڪارايائينس ، پر سور هجي ته لهي! رڙ مٽان رڙ پئي پئيس . نيٺ مڙس پڇيس ته: آخر ڪنهن قول سور لهندو يا نه؟ تنهن تي جوٽس ٿهه ٻهه چيس ته: فلاڻي هنڌ هڪڙي قبر جي سيراندي ڪان هڪڙو وڻ بينو آهي ، ان جون پاڙون آڻي ڏي ته ڪٽي ڪيان . هن شخص چيو ته: بس ڳالهه ٻ ايتري. سو يڪدم وڃي اهو وڻ پاڙون ڦٽي ، ان جون پاڙون ڪٽي اچي زال کي ڏنائين ، جا دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي .

صبح جو ٻئي ٻيٽون پنهنجي ماءُ جي قبر تي ويون ، ڏسن ته ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن . ويچارين کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ماءُ جي قبر تي روئي نماڻو منهن ڪري موٽي آيون . هاڻي ته ماڻيجي ماءُ هنن ٻنهي ٻيٽن کي ڏسندي هئي ته اکيون ٻت

چڏيندیون هئس. سجو ڏينهن ويٺي گهات گهڙيندي هئي ته کهڙي نموني هنن کي هتان تري کيڃي. سو روز وڃهه وٺي پئي مڙس جا ڪن پريندي هئي. مڙس ب ٻڌي ٻڌي ڪ ٿي پيو، سو هڪڙي ڏينهن ٻنهي ڏيئرن کي چيائين ته: اماں، تيار ٿيو ته توهان کي ناناڻي چڏي اچان. ٻئي ٻيٽون پيءُ جو حڪم ٻڌي، هلڻ لاءِ تيار ٿيون.

ٻنهي ڏيئن کي وٺي وڃي هڪڙي گهاٽي ٻيلي ۾ ڇڏيو، اتي هنن کي چيائين ته: توهين کجهه کائيون ميڙيو ته آئون جهنگ جو خيال لاهي اچان. ويرل ۾ ٻاڪل کائين ميڙڻ کي لڳيون ته هيءُ وڃهه وٺي گهر موٽي آيو. هن ويچارين کي کائيون ميڙيندي ميڙيندي ڪيترو وقت گذري ويو، تڏهن خيال ڪيائون ته، شايد بابو هليو ويو. پر وري ب سڏ ڪيائونس پر بابو هجي ته اچي. ڏاڍيون دانهون ڪوڪون ڪري ٽڪجي ٻيون، آخر پڪ ٿين ته بابو اسان کي چڏي ويو هليو. پوءِ ويهي صلاح ڪيائون ته هاڻي هلي ڪنهن حفاظت واري جاءِ تي ويهون، متان جانورن جو نہ ڪاڃ ٿي وڃون. اهو ڇهه ڇڃائي هڪڙي پاسي اٿي هليون. اڃا سڏ پنڌ مس ڪيائون ته پريان دونهون ڏسڻ ۾ آين. تڪڙيون تڪڙيون انهيءَ پاسي روانون ٿيون. اتي وڃي ڏسن ته هڪڙو ڳوٺ آهي پر سڃو سڃ لڳو پيو آهي، رکو هڪڙي پيرسن مائي ويٺي آهي، جنهن هنن ٻنهي کي ڏسي ڇهرين ڪليو ڇوءِ وري روئڻ لڳي. هنن کي ڏاڍو عجب لڳو، ڇيائونس ته: مائي، تون ڇهرين ڪلين ۽ ڇوءِ رنين، تنهن جو سبب ڪهڙو؟ تنهن تي ڇوڙهي مائيءَ وراڻي ڏني ته: ڇوڪريون! هن ڳوٺ تي هڪڙي ديو جو واسو آهي، سو انهيءَ ڪري رنيس ته اجهو ٿو مئو چندو اچي. توهان کي کائي، وري ڪاڃ انهيءَ ڪري جو ڪيترن ڏينهن

ڪان پوءِ آدمزاد جي شڪل ڏني اٿم . چوڪرين جواب ڏنس ت: امان! جيڪا ربّ جي رضا هوندي سا اوس ٿيندي. امان جو دنيا ۾ ڪير به ڪونهي ، جي مري ويونسين ت پاڻ چڱو! پوڙهي مائيءَ کي نندڙين نينگرين جي اها نمائي ڳالهه ٻڌي ، ڏاڍو قياس ٿيو ، سو کين چيائين ت: مارڻ بچائڻ آهي الله جي وس ، وس ت پاڻ به ٿيون ڪريون ، پوءِ ڪٽن پاڳ! ائين چئي کين ماني ٽڪي ڪارائي هڪڙي ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏيائين .

گهڙي به ڪانه گذري ت راکاس اچي ٽڪاءُ ڪيو . پريانئي "آدم بوءِ ، آدم بوءِ" ڪندو آيو . پوڙهيءَ زال چيس ت : مٺا! تو کي هتي آدم ڇڏيو به آهي ڇا ، جو پيو رڙيون ڪرين؟ مان ڪري ويهه! ديو مچي ئي نه ..... نيٺ وڃي چوڪرين کي ڳولي لڌائين . پوءِ ت هڪڙي وڏي ڪڙاهي ڪٽي چاڙهيائين ۽ ان جي هيٺان سڄ ٻاري ، چوڪرين کي اڳ ۾ ڪري ، چيائين ت: هن ڪڙاهيءَ جي چوڌاري ڦرو . چوڪريون ويچاريون اڃي ڏنيون ، پر وڏيءَ همت جهلي ، راکاس کي چيو ت: ماما راکاس! امان وٽ دستور آهي ت نندا وڏن جي اڳيان ڪونه هلندا آهن . اڳيان هل تون ، ته اسين تنهنجي پٺيان هلون . راکاس چيو: چڱو . سو اڳيان ٿيو پاڻ ۽ پٺيان چوڪريون ، پيا ڪڙاهيءَ کي ڦرن . وڏي چوڪريءَ چا ڪيو جو وڃهه وڻي ، راکاس کي ٽيلهو ڏنائين ت وڃي ڪڙاهي ۾ ڪريو ، تيل اڳيئي پئي ٽهڪيو سو گهڙيءَ کن ۾ سڄو سڙي پچي ويو .

پوءِ ت پئي پينرون ۽ پوڙهي ڏاڍيون خوش ٿيون . پوڙهيءَ ته هن ٻنهي کان موڪلائي ڪنهن پاسي روانيون ٿي وئي ۽ هي پئي جڏيون هڪڙي ماڙي جاڃي ، ديو جو مال متاع ڪٽي اڃي آڻي رهڻ لڳيون . وڏيءَ پيڻ گهر جو ڪم ڪار ڪيو ۽ نندي

ڀين سال چارن جو ڪم ڪنيو.

هڪڙي ڏينهن وڏيءَ ڀيڻ، ننڍيءَ کي چيو تہ: ادي، آئون هتي اڪيلي ٿي رهان ۽ تون جهنگ ۾، ڪا مهل نہ ڪنهن جهڙي، ڪجهہ ٿي پئي تہ هڪٻئي جي خبر ڪير پئي؟ تنهنڪري، جيڪڏهن منهنجي هٿ سان سئي ڪري تہ سمجهندين تہ تو ڏانهن خير ڪونهي ۽ جيڪڏهن تنهنجي هٿ سان لٽ ڪري پئي تہ سمجهج تہ سون وٽ خير ڪونهي. اهي ٻول ٻڌا ڪري، ٻئي ڀينرون ڏاڍي آرام سان حياتي گذارڻ لڳيون.

هڪڙي ڏينهن، دستور موجب ننڍي ڀيڻ سال چارن وٺي ۽ وڏي ڀيڻ ويڻي گهر ۾ پرت پريو، تہ ملڪ جو بادشاهہ گهمندي ڦرندي اچي ماڙيءَ وٽ ٿهتو. ڏسي تہ سبحان الله! هڪڙي تمام سهڻي چوڪري، ڪٽ تي چڙهيو ويڻي پرت پري. بادشاهہ جا هوش خطا ٿي ويا ۽ اڪ اٽڪائي بيهي رهيو. نيٺ حيلو هلائي وڃي ماڙيءَ تي ٿهتو، ۽ پنهنجي دل جي گالهہ ٻڌائي ڪيس پاڻ سان هلڻ لاءِ چيائين. ڇوڪريءَ هائوڪار ڪئي پر چيائينس تہ: ايستائين ترس جيسين منهنجي ننڍي ڀيڻ ڀاڪل سال چاري موٽي اچي. بادشاهہ سندس گالهہ مڃي اتي بيهي رهيو.

سڄ لٽي مهل ڀاڪل سال چاري موٽي آئي، اڇي ڏسي تہ گهر جي باهران گهوڙو ٻڌو ٻيٺو آهي. ڏاڍو عجب لڳس تہ هٿ نہ ڪو اڇلو نہ ڪو وڇلو، هي وري ڪمهلو گهوڙو ڪنهن حو ٻڌو ٻيٺو آهي! سو سال اتي چڙي، يڪدم سٽي چڙهي ويئي. ڏسي تہ ويرل سان گڏ بادشاهہ ڪٽ تي چڙهيو ويٺو آهي. ڀين کان خبر چار ڇپائين. جنهن ڪيس سڄي گالهہ ڪري ٻڌائي. ڀاڪل چيس تہ: ادي، جيڪا تنهنجي مرضي. ٻوءِ ٻئي ڀيڻون بادشاهہ سان گهوڙي تي چڙهي اچي شهر ۾ پهتيون.

ڪن ڏينهن پڇاڻان بادشاهه ، ويرل سان شادي ڪئي ۽ پاڳل جو سڪ ورو پنهنجي وڏي وزير کي ڏيئي ، راڪاس وارو سمورو مال متاع ۽ڻن کي بخش ڪيائين .

خدا جي قدرت سان ويرل ۽ پاڳل وڃي سڪيون ٿيون. ٻئي پيٽون روز گهمڻ ڦرڻ لاءِ تلاءَ تي ويندبون هيون ۽ تلاءَ تي ويٺل ڪونجون ڏسي کين پنهنجو گهر ۽ پيءُ ياد ايندو هو. ويرل ڪونجن کي ڪي روئندي چوندي هئي تہ: ڪونجون! توهين سڄو ملڪ گهمو ٿيون ، پر جڏهن بہ اسان جي ابي کي ڏسو تڏهن ان کي ويرل ۽ پاڳل جا سلام ضرور ڏجو! اهڙيءَ ريت روز ڪونجن کي پنهنجي پيءُ ڏانهن سلام ڏيندبون هيون. قدرت خدا جي ، هڪڙي ڏينهن هنن تلاءُ تي ائين بيٺي ڪونجن کي چيو تہ سندن پيءُ بہ اڇي اتان لانگهائو ٿيو. ڏيئن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دوڙي وڃي کين مليو. وڃڻيا هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا ، سندن پيءُ کي پوءِ جڏهن پنهنجي زال جي دشمنيءَ جي خبر پئي ، تڏهن ڏاڍو پشيمان ٿيو . ۽ وڃي زال ۽ ڏيءَ کي هميشہ لاءِ چڏي آيو .

—﴿※﴾—

نينا امان *

ڪنهن غريب شخص ڪي هڪڙي سدا ملوڪ ڏيءُ هئي، جنهن جي ماءُ ، ننڍي هوندي ئي مري ويئي هئي ، جنهنڪري سندس پيءُ ٻي شادي ڪئي . ٻيءَ زال مان به ڪيس هڪڙي ڏيءَ ڄائي ، جا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ لڳي .

ٻئي ڇوڪريون اڃ ننڍيون سيان وڏيون، آخر اڇي جوان ٿيون . ماڻيجي ماءُ جي اڀ ڄائي ڏيءَ سان اصل ڪانه پوندي هئي . ويچاري گهر جو سڄو ڪم ڪار ڪندي هئي ، ته به سڄو ڏينهن ٻئي ماريندي هئس . پنهنجي سڳي ڏيءَ ڪي ڪٽ ويٺي ڏاڍا سٽيا طعام ڪارائيندي هئي ، پر اڀ ڄائي ڪي اتي جي ڄاڻ جون ڳالهيون پڇائي ڏيندي هئي ، جا ويچاري ڪائي ڪانه سگهندي هئي .

هڪڙي ڏينهن ماڻيجي ماءُ ڪيس ماني ڏني ته وڃي پيءُ ڪي ڏئي اڇ . هيءَ ويچاري بکئي پيٽ ، ماني ڪٽي پيءُ ڪي ڏئي آئي . ڪيس بک به اڇي لڳي هئي ، سو ماڻيجي ماءُ ڪي اڇي چيائين ته : امان ! سونڪي ماني ڏي . بس هن جو ايترو چوڻ ۽ ماٺ جو ٿيڻ . ويچاريءَ ڪي ڏاڍي مار ڏنائين ، ۽ چيائين ته: اڄ تنهنجي ماني بند آهي! ويچاريءَ ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو ، سو روئندي روئندي اڇي ماءُ جي قبر تي پهتي . اتي ڏاڍي ڏکاري آواز ۾ چيائين ته: امان ! تون سونڪي پاڻ وٽ گهرائي وٺ. قبر مان آواز آيو ته : منهنجي ڇوڙي نه روءُ . آٿي ڏس ته پر سان ڇا

---

* هيءَ روايت حيدرآباد شهر مان زمرد شيخ ڪان ملي .

رکيو اٿيئي .... ڏسي ڪٽي تہ سبحان الله سونهي ڏاکوڻ ۾ ڪُٽي رکي آهي ۽ چانديءَ جي گلاس ۾ پاڻي پيو آهي. هن کي سخت بک لڳي هئي سو جلدي جلدي کائڻ لڳي. جڏهن کائي ڏؤ ڪيائين تڏهن ماءُ جي قبر کان موکلائي گهر موٽي آئي. پوءِ چوڪري روزانو ماءُ جي قبر تي ويندي هئي ۽ وڃي ڪٽيءَ جو ڏاکون کائيندي هئي. هن جي روزانو ساڻيءَ وقت وڃڻ تي سندس ماڻيجي ماءُ کي اچي شڪ جاڳيو تہ هن چوڪريءَ کي مانيءَ ۾ رکي سکي ملي، پوءِ کڻو سبب آهي جو ڏينهن ڏينهن سڪندي وڃي، لاشڪ هيءَ ڪٽي لکي وڃي ٿي سڀيا طعام کائي! انهيءَ انت ضرور کيڏن لاءِ چا کيائين جو پنهنجي ڏيءُ کي چيائين تہ: سياڻي تون وڏي ٻيڻ سان گڏجي وڃ، جيکي ڏسين سو مونکي اچي ٻڌائج.

ٻئي ڏينهن چوڪري جڏهن ماءُ جي قبر تي وڃڻ لڳي تہ نندي ٻيڻ ۾ پڻيان لڳي پيس. هن موٽي وڃڻ لاءِ چيو پر هوءَ ۾ پکي پڙهايل هئي سا ڪٽي ٿي واپس وري! لاچار پان سان وڻي اچي قبر تي پهتي. جتي اڳيئي ڪٽيءَ جو ڏاکون رکيو هو. پنهي جڻين کائي ڏؤ ڪيو. موڙ مهل نندي چوڪريءَ چا ڪيو جو پنهنجي ور ۾ ڪٽيءَ جا ڪي داڻا لکائي ڇڏيا. وڏي ٻيڻ کيس چيو تہ: ادي! هيءَ ڪٽي واري ڪالهہ امان کي نہ ٻڌائج. نندي‌ءَ چيو تہ: نہ ڏي ادي، آڻون کا چري ٿي آهيان چا جو ٻڌائيندیس؟ پوءِ ٻئي جڻيون گهر موٽي آيون. گهر پهچڻ شرط نندي چوڪري ماءُ سان سڄي ڪالهہ ڪئي، ۽ کيس ڪٽي ۽ ڏيکاري. ماڻس ڪالهہ دل ۾ رکي وڏي چوڪريءَ کي گهر سان کيڏن جو وجهہ ڪولڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن وجهہ وڻي ماڻس ڪٽ ٿي پڄي رهي ۽

" پيٽ سور سران، پيٽ سور سران" جون دانهون ڪرڻ لڳي. سندس مڙس هو پورڙو، تنهن ڪي اڇي ڊپ ورايو، سو ڪيترين ئي ڦڪيون ڦوٽا ڪارايائينس پر سور نه لٿو. آخر مڙس پڇيس ته اِهو سور لهندو ڪيئن؟ هن نهن پهه جواب ڏنس ته: فلاڻي هنڌ هڪڙي قبر ٻيڻي آهي، اُن ڪي ساڙائي اُن جي رک آڻي ڏي ته پيٽ ڪي مڪيان ته سور چڏيم. مڙس چيو ته بس، ڳالهه ٻه ايتري. سو يڪدم وڃي پنهنجي اڳين زال جي قبر ساڙائي اُن جي رک ڪڍي آيو، جا وڃي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. ٻئي ڏينهن جڏهن وڏي چوڪري ماءُ جي قبر تي وئي تڪاريءَ وارا ڪک ڏنائين، ڏاڍو ارمان ٿيس. ڪچي پچي ڪا نه، دل جو سور دل ۾ رکي گهر موٽي آئي.

هڪڙي ڏينهن سندس پيءُ ويهه ڇيون وڃي آيو. ماڻيجي ماءُ، هن ڪي ڇيون ڏئي چيو ته وڃي درياءَ تان ڏوئي اڇ. ويچاري ڪاري مٽي تي ڪٽي اڇي درياهه تي ڇيون ڏوئڻ لڳي، انهن ڇيين ۾ ڪا هڪڙي سونهي ڇي ٻه هئي! جڏهن اُن ڪي ڏوئڻ لڳي تڏهن سونهي ڇيءُ چيس ته: سڀاجهي چوڪري! مونکي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏ. چوڪريءَ چيس ته: آئون توکي ڇڏي ٻه ڏيان، پر امان ماريندي، تنهنڪري توکي نه ڇڏيندس. ڇيءَ ڏاڍي آزيءَ سان چيس ته تون مونکي ڇڏ، آئون انجاڻ ٿي ڪريان ٿ وري موٽي ايندس. چوڪريءَ کي ڇيءُ تي رحم اڇي ويو سو ڪيس پاڻيءُ ۾ ڇڏي ڏنائين. ڪجهه دير کان‌پوءِ، درياءَ مان هڪڙي پري ٻاهر نڪري آئي. چوڪري ڏاڍي حيران ٿي ۽ عجب وچان هن کي ڏسڻ لڳي. جنهن تي پريءَ چيس ته رحمدل چوڪري! آئون آها سا ڪي ڇي آهيان، جنهن کي گهڙي کن اڳ تو ڇڏيو هو. هاڻي گهر جيڪي گهرٽو اٿيئي. چوڪريءَ

چيس ته سونڪي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي ، باقي هڪڙي سچي ڏي ته آئون ڪٽي گهر وڃان . پري ٿيي هٽي، هڪڙي سچي آٽي سندس حوالي ڪئي . هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ گهر ڏانهن هلڻ لڳي . پريءَ چيس ته رحمدل چوڪري ! جڏهن به توکي ڪا تڪليف ٿئي ته تون هن هنڌ تي ٻيهي " نينا امان ! نينا امان !" ڪري سڏجئين ته آئون هلي ايندس . چوڪري سندس مهرباني سچي گهر موٽي آئي .

هڪڙي ڏينهن سندس ماڻيجي ماءُ کي ڪنهن شاديءَ جو سڏ مليو . هن پنهنجي ڪاري ڪوجهي ڌيءَ کي هار سينگار ڪرائي تيار ڪيو ، ۽ باقي اڪ ڇائيءَ کي لٽ ڏيئي چيائين ته: ويهي ڪانگ هڪل ! هن جي وڃ ڪان ٻوء ، چوڪريءَ چا ڪيو جو گهر جو دروازو بند ڪري سڏو درياءَ تي آئي ، ۽ اتي "نينا امان ، نينا امان !" ڪري سڏ ڪيائين . ٿوريءَ دير ۾ نينا امان نڪري آئي ۽ پڇيائينس ته چا ڪپيئي؟ هن ٻڌايس ته امان شادي تي ويئي آهي ، منهنجي مرضي آهي ته آئون به شاديءَ تي وڃان ، پر ڪپڙا ڪونه اٿم . نينا امان چيس ته بس ڳالهه به ايتري؟ چگو هاٿي هٿ هٿ تي رک ، ۽ پير پير تي رکي اکيون ٻوٽي ڇڏ . چوڪري ائين ڪيو . ٿوريءَ دير ڪان پوء جڏهن اکيون کوليائين ڏسي ته هڪڙي بادشاهيءَ محلات ۾ ويٺي آهي . وري جو پاڻ کي ڏسي ته عاليشان بادشاهي ويس پهريو ويٺي آهي ، ۽ پيرن ۾ سونو جتي پيل هئس . اتي ڏاڍي خوش ٿي . سندس ماڻيجي ماءُ ۽ ٻيڻ کي به انهيءَ محلات ۾ شاديءَ جو سڏ مليل هو ، سو هلندي هلندي ننديءَ ٻيڻ جي اک مٿس ٻنجي ويئي . تنهن رڙ ڪري ماءُ کي چيو ته: امان امان ، هوءَ ته ڏس ، ادي ڪي ڪهڙا نه سٺا ڪپڙا پيا آهن .... ماٽس چوڪريءَ

ڪي ڏسي، پهرين پڪ سمجهيو ته برابر اهائي آهي، پر پوءِ خيال ڪيائين ته هن وٽ دين دنيا ۾ هڪڙو وڏو ٻيو ڪٿان اهڙا بادشاهي ويس آڻيندي! سو پنهنجي ڏيءَ کي ڪي هٿي چيائين ته: ماڻ ڪر نياڻي! آها ويڻي گهر ڪانگ هڪلي، هيءَ ڪا شهزادي آهي. چوڪريءَ جو پنهي ڪي ائين پاڻ ڏانهن تڪيندو ڏٺو، سو اچي ڊپ ورايس ۽ تڪڙي تڪڙي گهر ڏانهن موٽڻ لڳي، پر تڙ تڪڙ ۾ سندس هڪڙو پادر اتي ڪري پيو، جنهن جي ڪيس خبر ڪانه پيئي. درياءَ تي پهچي سار لڏائين تڏهن خبر پيس ته هڪڙو پادر وڃائي آئي آهيان. ڏاڍو ڊپ ٿيس، سو نينا اسان کي سڏي، ان سان سڄي حقيقت ڪيائين، جنهن ڇيس ته آلڪو نه ڪر، انهيءَ ۾ ئي تنهنجي چڪائي آهي. پوءِ چوڪريءَ کي ساڻيو پراڻو وڏو ڏيڪائي واپس گهر موڪلي ڇڏيائين.

هوڏانهن شاديءَ ۾ اهو پادر شهزادي ڏسي ورتو، سو ضد ڪري بيهي رهيو ته شادي ڪندس ته انهيءَ سونهي جتيءَ واري چوڪريءَ سان، نه ته نڪي ڪائيندس نڪي پيئندس. ويچاري بادشاهه کي دين دنيا ۾ هڪڙو پٽ هو سو اچي ڊپ ورايس ته متان ڪجهه ٿي نه پئيس، سو يڪدم هائوڪار ڪيائين. هائوڪار ته ڪيائين پر هاڻي اها سونهي جتيءَ واري چوڪري اچي ڪٿان؟ آخر هڪڙي وزير بادشاهه کي صلاح ڏني ته جنهن جي پير ۾ اها جتي پوري اچي، آن کي ڪٽي شهزادي ساڻ پرڻائجي. پوءِ ته نوڪر اها جتي ڪٽي گهر گهر ۾ ڦرڻ لڳا. سڀ ماڻهو دعائون پڙهڻ لڳا ته شل اها جتي سندن ڏيئن جي پير ۾ پوري ٿئي! پر قدرت خدا جي، جو جتي ڪنهن کي به پوري نه آئي. آخر بادشاهه جا ماڻهو ڏسندي ڏسندي اچي انهيءَ غريب شخص جي گهر وٽ پهتا. ماڻيجي ماءُ پهرين پنهنجي ڏيءَ کي جتي پارائڻ

جي ڪوشش ڪئي پر جتي پوري نہ ٿيس ..... وري اڳ چائي ڏيءَ کي پارايائون تہ پوري ٿي آئي. پوءِ تہ چو طرف خوشيون ٿي ويون، پر ماڻيجي ماءُ سڙي ويئي، سو دل ۾ هڪڙي رٽ رٽي مان ڪري بي اوني ٿي ويهي رهي.

شاديءَ جي ڏينهن ماڻيجي ماءُ چا ڪيو جو پنهنجي ڏيءَ کي بادشاهي ويس وڳا پهرائي ڪنوار ڪري ويهاريو ۽ ماڻيجي ڏيءَ کي لٽ هٽ ۾ ڏيئي ڪڏ تي ويهاري چڏيو تہ وڃي ڪانگ هڪلي. ويچاري موچڙن جي ڊپ کان وڃي مٽي وٺي. ٿوريءَ ديڙ کان پوءِ ڇ آئي، شادي ٿي ۽ گهوٽ، ڪنوار کي ونئي وڃي پنهنجي محلات ۾ پهتو.

آتي شهزادي، ڪنوار کي چيو تہ: هيءَ جتي پاءِ تہ آئون ب ڏسان. شهزادي جو ائين چوڻ ۽ چوڪريءَ جون هينيون هيٺ مٽيون مٽي، ساهہ سڪي ويس. اتي شهزادي کي ب شڪ ڇائيو تہ چا ڪالهہ آهي جو ڪنوار جتي پائڻ کان پئي ڪيائي! سو ڪيس پنهنجن هٿن سان جتي پارائڻ لگو، پلا جتي هن جي پير جي هجي تہ پوري ٿئي، شهزادو مٿو هٿي هيٺ پر وريو ڪي ب ڪونہ. شهزادي کي جو ڪاوڙ لڳي سو تلوار ڪڍي ٻيهي رهيو چئي: سچي ڪر تون ڪير آهين؟ چوڪريءَ کي اچي سر سان لڳي، تنهن سچي ڪالهہ ڪري ڪيس ٻڌائي. شهزادو ڪاوڙ ۾ تي باهہ ٿي ويو، ۽ آمالڪ چوٽيءَ کان ونئي ڪيائينس گهر کان ٻاهر، پوءِ يڪدم پنهنجا ماڻهو موڪلي، سندس ماءُ کي گهرائي مارائي چڏيو. ۽ پاڻ هن غريب سپاجهڙي چوڪريءَ سان شادي ڪيائين. اهڙيءَ طرح ويچاري غريب چوڪريءَ جي شادي هڪڙي شهزادي سان ٿي، ۽ سڄي عمر خوش گذاريائين.



... 'آستاد چيو تہ بادشاھہ سلامت! شھزادي ۽ جو وڃڻ ۽ ھڪڙي
اڌ-ميٽي ماٹھوءَ سان ٹيندو' ... -ص ۴۹

سُڻ وي گُڏا گُڏي*

هڪڙو هو بادشاهہ جنهن کي سکي پني هڪ ڏيءَ جائي. شهزادي سمجهہ پري ٿي تہ باشاهہ هن کي هڪڙي مکتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو. آتي وزير جي ڏيءَ ب پڙهندي هئي. استاد روزاتو وزيرزادي‌ءَ کي چوندو هو تہ، سدوري، تون منهنجي ساڃي پاسي ٿي ويهہ ۽ شهزادي‌ءَ کي چوندو هو تہ، ندوري، تون منهنجي کاپي پاسي ٿي ويهہ! استاد جا اهي لفظ روزانو ٻڌي ٻڌي آخر شهزادي ڪڪ ٿي پيئي، ۽ وڃي بادشاهہ کي ٻڌايائين: جنهن هڪدم استاد کي سڏائي، انهيءَ جو سبب پڇيو تہ: تون منهنجي ڏيءَ کي ندوري چو ٿو چئين؟ استاد جواب ڏنس تہ: جيئندا قبلا، آئون برابر شهزادي‌ءَ کي ندوري چوندو آهيان، انهيءَ جو سبب هيءُ آهي، جو شهزادي‌ءَ جو وهانءُ هڪڙي اڌ مُئي ماڻهو سان ٿيندو. اِها ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ کي ڏيءَ جي نصيب تي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ آخر هٿندي ڏٽندي، اها رٽ رٽيائين تہ جو نہ شهزادي‌ءَ کي کنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي پرٽايان! سو هڪڙي ڏينهن اڪيلوئي اڪيلو گهوڙو سنجي، شهزادي‌ءَ کي ٻيلهہ چاڙهي ٻيءَ ولايت ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي هڪڙي هنڌ ڪين ڏاڍي آڇ لڳي. مسافري‌ءَ جي ڪري اهڙا ساٽا ٿي پيا هٿا جو اڳتي هلي نٿي سگهيا. آخر همت ڪري ٿورو اڳتي وڌيا، تہ سامهون هڪڙو شاهي ڪوٽ

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

نظر آين. بادشاهه گهوڙي تان لهي، شهزاديءَ کي گهوڙي جي پرسان ويهاري، ڪوٽ ڏانهن وڌيو. ڏٺائين تہ دروازو بند ٿيو پيو آهي. بادشاهه گهٽوئي در کڙڪايو پر دروازو نہ کلڻو هو سو نہ کليو. آڄ بہ ڏاڍو تنگ ڪيو هون، تنهنکري اڳتي بہ نٿي وڃي سگهيا؛ نيٺ آتي نا اُميد ٿي، بادشاهه مٿي کي هٿ ڏيئي، گهوڙي جي پر ۾ ويهي رهيو. اتي شهزاديءَ چا ڪيو، جو آتي پاڻ وڃي دروازي کي ڏڪ هنيائين تہ خدا جي قدرت سان دروازو ڪلي پيو! هوءَ خوش ٿي ڪوٽ ۾ اندر گهڙي ويئي. چا ڏسي تہ مٽ ۾ دلا پاٽيءَ سان پريا رکيا آهن، جن تي ڪپڙن ۽ ڪُنجين پڙ رکيون آهن. آڄ ڏاڍي هيس، تنهنکري هڪدم ہ ٿي ڪنجين پي ويئي، ۽ تنهن کان پوءِ پيڙ لاءِ پاٽي پري ڪٽي آئي. بادشاهه جي پاٽي پيڙ کان پوءِ، هوءَ ڪنجي واپس رکڻ ويئي؛ پر ڪوٽ ۾ اجا قدم ٿي مس رکيائين تہ باهريون دروازو اسالڪ بند ٿي ويو. شهزاديءَ گهٽائي زور لاتا پر در نہ ڪليو. بادشاهه بہ زور لائي ساندو ٿي پيو؛ آخر نا اميد ٿي چوڪريءَ کي رڙ ڪري چيائين تہ: اما! هاڻي پرتيئن ربّ ٿي. شايد تنهنجي پاڻ ۾ ائين لکيل هو. ائين چئي، بادشاهه هليو ويو.

شهزادي بہ گهڻ ديرَ کان پوءِ انهيءَ ڀالهہ ڪي ربّ جي رضا سمجهي ڪوٽ ۾ اڳتي وڌڻ لڳي. ٿورو اڳتي هلي ڏسي تہ هڪڙي ڪوٺي ناٿي سان پري پيئي آهي. ان کان پوءِ هن اهڙيون ٻيون بہ ست ڪوٺيون ڏٺيون، جيڪي هيرن جواهرن ۽ سون چاندي سان پريل هيون؛ پر جڏهن انين ڪوٺي ۾ پير پاتائين، تڏهن چا ٿي ڏسي تہ هڪڙو اڏ مئو ماڻهو پيو آهي، جنهن جي جسم ۾ سنهيون سُيون ٽُنبيون پيون آهن! شهزاديءَ کي پڪ ٿي تہ استاد سچو هو، ۽ هاڻي منهنجي شادي انهيءَ اڏ مئي ماڻهوءَ

سان ٿيندي؛ ۽ سڄي عمر هتي کاٽڻي پونديم. اهو خيال ايندي ئي ، بسم‌الله کري ويئي آن اڌ مئي ماڻهو جي جسم مان سيون کيڻ. ٻن ٽن ڏينهن جي محنت کان پوء ، هن الاهي سيون هن جي جسم مان کڻي ڇڏيون .

هڪڙي ڏينهن ، کوٽ جي ٻاهران "ٻانهي ويکو ، ٻانهي ويکو" جو هوڪو ٻڌائين . خيال کيائين ته رڌ پچاڻ لاء ڪٿي ٻانهي خريد کريان ، سو يڪدم دروازي کولڻ جي کوشش کيائين ته دروازو کلي پيو ؛ ۽ ڪجهه ناٿو ڏيئي ، ٻانهي خريد کيائين. هاڻي ٻانهي ماني پچائيندي هئي ، ۽ شهزادي ويهي ان اڌ مئي ماڻهو جي جسم مان سيون کيندي هئي .

آخرڪار هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو ، جو اڌ مئي ماڻهوء جي جسم ۾ باقي ڪي پنج ڏهه سُيون وڃي بچيون . شهزادي۽ خيال کيو ته هاڻي وهنجي سهنجي پوء ٿي اچي باقي سيون کيان. هيڏانهن ويکو ٻانهيءَ جي دل ۾ ڪا اڻي ئي بي ايماني هئي ، تنهن‌ڪري کيو ، جو شهزادي۽ جو وهنجڻ‌خاني ۾ وڃڻ ، ۽ هن جو اڌ مئي ماڻهوء تي قبضو ڪرڻ . جهٽ جهٽ ڪري هن جي بدن مان سيون کڻي ورتائين. هوڏانهن پوئين۽ سئيءَ جو نڪرڻ ۽ اڌ مئي ماڻهو جو اڻي ويهي رهڻ ، ڇي : ٻڌاء منهنجي بدن مان تو سيون کڻيون آهن؟ هن چيو ته: ها ، هي سڀ سيون سون کڻيون آهن . آنهي۽ تي اهو ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيو ، ۽ ڇيائينس ته : ڀلا هتي ڪو ٻيو ماڻهو آهي يا نه ؟ ٻانهيءَ چيس ته: ها ، رڌ پچاڻ لاء سون هڪ ٻانهي رکي آهي ؛ اها هينئر وهنجي ويئي آهي . اها ڳالهه ٻڌي ، هو هن تي وڌيڪ راضي ٿيو ، ۽ هن سان قرب جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ويچاري شهزادي جا وهنجڻ‌خاني مان نڪتي سا اِهو لڌاءُ ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي .

اتي ويڪو ٻانهيءَ رڙ ڪري چيو تہ: اجها هيءَ اسان جي ٻانهي! شهزادي سموري ڳالهہ سمجهي ويئي ۽ رت جو ڏڪ پري ويهي رهي. دل ۾ چيائين تہ، ڏسو تہ خدا جي قدرت، جو محنت ڪئي مون، ۽ ڪٽيو ٽي هيءَ ڪائي!

ٽورن ڏينهن ڪان پوءِ، اهو شخص ڪنهن پر واري شهر ڏانهن سنڌريو. وڃڻ وقت ٻنهي ڪان پڇيائين تہ: توهان کي ڪا شيءَ گهرجي تہ مونکي ٻڌايو تہ اوهان لاءِ وٺيو اچان. شهزاديءَ چيس تہ: منهنجي لاءِ گُڏو گُڏي وٺي اچجو. جڏهن شهر مان موٽيو تڏهن ٻين شين سان گڏ هن لاءِ گڏو گڏي وٺي آيو.

شهزاديءَ جو هاٿي ڪم هوندو هو رڌڻ پچائڻ ۽ ڪوهہ تان پاڻي پرڻ جو. جڏهن هوءَ پاڻي پرڻ ويندي هئي، تڏهن گُڏي گُڏو ب سان ڪٽي ويندي هئي، ۽ دلو پري ڪوهہ جي پرسان ويهي آنهن سان ڳالهيون ڪندي هئي. گڏيءَ کي هٿ ۾ جهلي ۽ گڏيءَ کي سامهون ويهاري چوندي هئي:

آئون ۽ وزيرزادي گڏ پڙهندیون هيونسين، سڻ وي گڏا گڏي!
استاد مونکي چوندو هو، ندوري! ڪاپي ٿي ويهہ، سڻ وي گڏا گڏي!
وزيرزادي کي چوندو هو، سدوري! ساڃي ٿي ويهہ، سڻ وي گڏا گڏي!
نيٺ مون پنهنجي پيءَ سان ڳالهہ ڪئي، سڻ وي گڏا گڏي!
پوءِ منهنجي پيءُ ان جو سبب پڇيو، سڻ وي گڏا گڏي!
استاد چيو تہ هن جي شادي اڃ مئي سان ٿيندي، سڻ وي گڏا گڏي!

اهڙيءَ طرح هوءَ سمورو قصو گڏيءَ گڏيءَ کي ٻڌائيندي هئي ۽ پوءِ جڏهن هيءُ گڏيءَ گڏيءَ سان قصو پورو ڪندي هئي تڏهن دلا ڪٽي موٽي ايندي هئي.

هيڏانهن ٻانهيءَ جي من ۾ هورا ڪورا لڳي پيئي هوندي



... 'شهزادي دلو ڀري، ويهي روئيندي ۽ هٿي ۽ ڪڏي ڪڏي،
سان ڳالهيون ۽ ڪندي هٿي'... - ص ٥٢

تہ ڪيئن بہ ڪري شهزادي ۽ ڪي مرڳوئي هتان ڪيڙيان، سو روز پيئي مڙس جا ڪن پريندي هئي. آخر هڪ ڏينهن چيائينس تہ: ”انهي، پاڻي پرڻ تي ايتري دير ٿي لائي، سا الائي ڪيڏانهن ٿي وڃي ٻڏي، سڄو ڏينهن ٿي هڪڙي دلي پاڻي ۽ تي وڃائي! تنهن تي ان شخص چا ڪيو جو چپ چاپ ڪري هڪڙي ڏينهن وڃه وٺي شهزادي ۽ جي پنيان لڳو. هوڏانهن شهزادي پاڻي پري، ويٺي گڏي گڏي ۽ ڪي پنهنجي سورن جي ڀالهه ٻڌائڻ. هن مڙس جو اهو قصو ٻڌو، تنهن جا طاق لڳي ويا. ڪاوڙ ۾ پرجي سڏو جاءِ تي آيو ۽ ڪٽندي ئي تراڙ، ”انهيءَ جي سسي لاهيڻ ڇڏيائين، پوءِ يڪدم آلن ٽوئن ۾ وجهي ساڙي ڇڏيائينس.

جڏهن شهزادي پاڻي پري موٽي تڏهن هن شخص، جنهن ڪي شهزادي ۽ مرڻ کان بچايو هو، ڪائنس معافي ورتي، ۽ پوءِ هن سان شادي ڪري ويهي رهيو. اهڙي ۽ طرح جنهن ڪي ”ندوري“ چيو ويو ٿي، سا ڦري ”سدوري“ ٿي پيئي ۽ عيش آرام ۾ حياتي گذارڻ لڳي.

—✻—

سُگھڑ زال *

ڪنهن سوداگر جي هڪ عورت سان دل ٿي وئي، جا شڪل صورت جي ته ملوڪ هئي، پر گهر گهاٽ هلائڻ جو ڪو افعال ڪونه هئس، چاڪاڻ ته ننڍي هوندي مائٽن جي سکيلڙي ۽ دادلي هئي جنهنڪري گهر ۾ ڪيس ڪوبه ڪم ڪار نه چوندا هئا. ڪٽ چڙهئي ڪاڏو پيو ملندو هئس، تنهنڪري ڪڏهن ڪڪ پچي ٻيڙو نه ڪيو هئائين. ٻيو ته ڇهيو پر رڌي پڪي به ڪائه سگهي. ڏاڍي واتراڏي ۽ چيڙاڪ هوندي هئي. سوداگر کي پنهنجن مائٽن انهيءَ عورت سان شادي ڪرڻ کان گهڻو ئي روڪيو، پر هن کي اچي نينهن لڳو هو، سو ڪٿي ٿو ڪنهن جي چڱي مدي ٻڌي! مات ميٽ ۾ ساڻس شادي ڪري ويهي رهيو. شادي ته ڪري ويٺو، پر پوءِ اچي مُنو. گهر مان برڪت ئي نڪري ويئي. سندس زال سڄو ڏينهن، ايندي ويندي سان مهاڏو اٽڪايو ويٺي هوندي هئي... خرچ ڪرڻ جي وري اهڙي چوٽ هئي جو پئسي جي جاءِ تي ٻُڪ رپين جو خرچ ڪيو ويٺي هوندي هئي. ٻن ڇڻ مهينن ۾ سوداگر جي سڄي ملڪيت دُڪ ٿي ويئي، ۽ وڃي ترين پر ٽيو، نيٺ ڳالهه وڃي پنڌ ڪي پهتي.

سوداگر خيال ڪيو ته هاڻي هن شهر ۾، جتي چار ڏينهن عزت آرام سان گذاريا اٿم، غريبي حال سان گذارڻ مشڪل آهي، تنهنڪري چو نه ڪنهن ٻئي پاسي هلي قسمت آزمائجي.

---

* هيءَ روايت اتر (تعلقيَ ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" ڪان ملي.

سو هڪڙيءَ رات، زال کي سان ڪري جهنگ منهن ڪري ٿاڻي پنڌ پيو.

هلندي هلندي اچي ٻيءَ بادشاهي ۾ پهتا، جتي سوداگر جو هڪڙو دل گهريو دوست رهندو هو. تنهن جو سندس اها حالت ڏٺي، سو ڪيس پئسا ڏوڪڙ ڏئي چيائين تہ: هتن مان گهر گهات اڏائي پنهنجي زال کي رهاءِ جيڪڏهن مون وٽ نوڪري ڪندين تہ آڻون تو کي پنجاهہ رپيا روز ڏينداس. سوداگر کي ٻو چا ڪپندو هو، تنهن يڪدم ڪٽي هائوڪار ڪئي. پوءِ ڪانئس پيسا وٺي، شهر کان ٻاهر جهنگ ۾ هڪڙي جاءِ اڏائي، اتي زال ۽ هڪڙي ٻانهيءَ کي رهائي، پاڻ اچي پنهنجي دوست وٽ ڪمائڻ لڳو، جتان روزانو خرچ پکي لاءِ هڪڙي نوڪر جي هٿان پنهنجي زال کي پنجاهہ روپيا ڏياري موڪلينڊو هو.

هوءِ چا ڪندي هئي جو پنجاهہ ئي رپيا، هڪڙي ڪُهرن واري کي ڏيئي، ان کان ڪهر وٺي، ڪجهہ پاڻ ڪائيندي هئي۽ ڪجهہ ٻانهيءَ کي ڏيندي هئي؛ باقي بچيل ڪهر هاريويري چڏيندي هئي، چاڪاڻ جو ڪيس گهر هلائڻ جو افعال هئوئي ڪونہ.

ٿوري وقت کان پوءِ ڪن چورن کي انهيءَ ڪالهہ جي ڪڙڪ پنجي ويئي تہ، انهيءَ جهوپڙي واري مائيءَ کي، روزانو پنجاهہ رپيا ملن ٿا، سو لاشڪ وٽس تمام گهڻو ڌن هوندو. تنهنڪري لوڪ ستي، رات جو گهر ۾ گهڙي ٻيا، پر هت تہ اڳئي ڪاريءَ وارا ڪک لڳا ٻيا هٿا. چورن کي ڏاڍو عجب لڳو تہ روزانو پنجاهہ رپيا ڪيڏانهن ٿا وڃن! سڄي گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳوليائون پر هڪڙو پيسو ٻہ هٿ نہ آين. تڏهن خيال

ڪيائون تہ ، انهيءَ ڳالهہ جو انت لهڻ گهرجي .

چور ٻئي ڏينهن صبح سان اچي ، جهوپڙيءَ جو پاسو وڻي ويهي رهيا . ٿوري دير کان گذري تہ هڪڙو شخص در کڙڪائي پنجاهہ رپيا ٻانهيءَ کي ڏيئي هليو ويو . گهڙي ڪن کان پوءِ وري هڪڙو ڪهرن وارو ، هوڪا ڏيندو اچي اتي نڪتو . سوداگر جي زال ٻاهر نڪري ، پنجاهہ ٽي رپيا ڪهرن واري کي ڏيئي ان کان ٽالهہ ڪهرن جو وڻي اندر هلي ويئي . اتي چورن کي خبر پئي تہ مار! هن مائيءَ جا پنجاهہ رپيا ائين خرچ ٿا ٿين . سو مانڙي ڪري ، آسرو پلي موٽي هليا ويا .

چور ، ٻيءَ رات وري ٻئي هڪڙي سوداگر جي گهر ۾ چوريءَ لاءِ گهڙيا . اهو سوداگر ڪو بنهہ ڪنجوس هو . ڏهن مهنن جي مسافريءَ کان پوءِ انهيءَ ڏينهن گهر موٽي آيو هو . مسافري ۾ وڃڻ وقت پنهنجيءَ زال کي خرچ پکي لاءِ ڏهہ رپيا ڏيئي ويو هو ، ان سهل تن جو حساب ڪتاب پي ورتائين . ٻيو تہ حساب پورو ڪچي آيو هو ، باقي هڪڙو ٽڪو ٿتي پيو هوس ، جنهن تان سوداگر کي اهڙي ڪاوڙ لڳي جو اٿي زال کي مارڻ لڳو . چورن جو اهو لڦاءُ ڏٺو ، سي حيران ٿي ويا ، ۽ خيال ڪيائون تہ ، بلي ، ڪٿي ڏور سڃا ڪٿي چور سڃا . دنيا جو چرخوئي ابتو! مهڙي سلڇٽي زال ٽڪي تان پيئي مارون جهلي ۽ هوءَ نياڳي رن ، پنجاهہ رپيا هڪڙي گهڙيءَ ۾ ڪپايو ڇڏي ، ان کي ڪير چوڻ وارو آهي ٿي ڪونہ! ڇو نہ هن سلڇٽيءَ زال کي ڪٿي ڪنهن سڪئي گهر ۾ پهچايون . بس ٻوءِ جيئن سوداگر ۽ جوٽس ننڊ ۾ پيا هٿ ، تيئن چورن ان مائيءَ کي ڪٿي هن جهوپڙيءَ ۾ آڻي ڇڏيو ۽ اڻان جهيڙاڪ زال کي آڻي ڪنجوس سوداگر جي گهر ٽنو ڪري پاڻ هليا ويا .

خدا جي قدرت جو انهن ٻنهي زالن جي شڪل شبيهه ۾ هڪجهڙي هئي. صبح جو سوداگر اٿيو تہ ان کي پنهنجي زال ۾ ڪوبہ فرق معلوم نہ ٿيو، ۽ زال کي ڪو ڪم چيائين. ٻلاهوءَ تہ هئي اڳئين مڙس تي هريل، سا ڪٽي ٿي ڪنجوس سوداگر جي ڳالهہ مڃي! يڪدم سوداگر کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳي. سوداگر کي جا خار لڳي، سو ڪيندئي ترار، هڪڙي ڏڪ سان زال جي سسي لاهي ڇڏيائين. ٿوريئي وقت ۾ خون جي خبر مشهور ٿي ويئي. سوداگر کي جهلي وڃي ڪاٽ ۾ هنيائون.

هيڏانهن پورهيت سوداگرجي زال، صبح جو جڏهن ننڊمان جاڳي، تڏهن ڏٺائين تہ جهوپڙيءَ ۾ پئي آهيان! ڏاڍو عجب لڳس. وري ٻانهيءَ کي ڏٺائين، ان کان خبر چار ورتائين. جنهن سربستي حقيقت ڪري ٻڌايس. هوءَ ويچاري وائڙي ٿي ويئي. وري ٿوريءَ دير کان پوءِ پنجاهہ رپيا اڇي ملیس. اتي هن خدا جو شڪرانو بجا آڻي ٻانهيءَ کي ٻہ ٽي رپيا ڏنا تہ وڃي ڪائڻ پيئڻ جو سامان ونې اڃ. ٻانهي ڏاڍي خوش ٿي تہ، اڄ الله راضي ٿيو آهي. سو يڪدم سيڏو پاڏو ونې آڻي ۽ ڏاڍا عمدا طعام رڌي کاڏائون. ايتري ۾ ڪهڙن وارو، جو روز هريل هو، سو ڪهڙ ڪٽي آيو ۽ ٻيهي هوڪا ڏيڻ لڳو. مائيءَ ڪانئس ٽڪي جا ڪهڙ ونې کيس چيو تہ: تو وٽ اسان جا اڃيئي گهٽا پيسا آيل آهن، انهن مان ڪهڙن جا پئسا لاهہ، باقي هڪدم ورائي ڏي، نہ تہ بادشاهہ ڪي دانهن ڏيئي، جن ڀچو پيڙائي ڇڏيئي. بادشاهہ هو انصاف وارو، سو ڪهڙن واري ڪي اڇي سر سان لڳي. تنهنڪري اڳيان ورتل سمورا پيسا حساب ڪتاب ڪري، مائيءَ ڪي ورائي ڏنائين. مائيءَ اهي پيسا سوگها ڪري هڪدم رازا ۽ وايا گهرائي، هڪڙي چڱي موچاري جاءِ ٺهرائڻ لڳي.

جڏهن جاءِ جڙي تيار ٿي ، تڏهن هن ٻانهيءَ کي چيو تہ: هاڻي گهر ڏٺيءِ کي ٻ گهراءِ تہ اهو اچي پنهنجي جاءِ ڏسي . ٻانهي روزانو پنجاهہ رپيا آڻيندڙ ماڻهوءِ عٽان سوداگر ڏانهن نياپو موڪليو تہ اچي پنهنجي گهران ٿي وڃ . هن غريب کي جڏهن اهو نياپو مليو ، تڏهن اچي ڦڙي لڳيس تہ ، لاشڪ هاڻي پنجاهہ رپين مان پورت نہ ٿي ٿئيس ، الائي ڪهڙي جٽ ٿيندي ! سو چوائي موڪليائين تہ ، اڄ مونکي واندڪائي ڪانهي ، تنهنڪري اچي نہ سگهندس پر جي توهان کي وڌيڪ پيسا گهرجن تہ چوائي موڪليو تہ آئون پٽ ست ڪريان . پر هتي تہ اها ڳالهہ ڪانہ هئي ، سو سوداگرياڻيءَ وري ٻ ڪيس چوائي موڪليو تہ ، اسان کي پيسا نہ گهرجن ، تون ئي گهرجين .

آخر شام جو ويچارو سوداگر ڏجندو ڏکندو گهر ڏانهن آيو . پري کان جهوپڙي نہ ڏسي عجب لڳس تہ اڳي تہ هتي ڪابہ جاءِ ڪانہ هئي ، پوءِ هيءَ جاءِ ڪنهن جي آهي؟ انهن ٿي ويچارن ۾ هو تہ ٻانهي اچي رسيس ۽ ڏيس ٻانهن کان وٺي گهر آئي . پوءِ تہ ٻانهيءَ جي واتان حقيقت ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو .

ڪن ڏينهن کان پوءِ چورن خيال ڪيو تہ ٻيلي هان هلي ڏسون تہ جهوپڙي واريءَ جو ڪهڙو حال آهي ! سو سڏو اتي آيا . ڏٺائون تہ جهوپڙيءَ جي بدران عاليشان جاءِ ٺهي پيئي آهي ! گهر ڏٺي ٻ موجود آهي پر سلڻي زال هن ڪان منهن لڪايو پري ويئي آهي . چور سڏو اندر هليا آيا ۽ سوداگر کي سڃي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيائونس : هن ويچاريءَ جو ور مري چڪو آهي ، هاڻي تون هن سان نڪاح وجهي ويهہ . پوءِ چورن مالئ کي پنهنجي دين جي پين ڪري ، سوداگر سان پرڻايو ، ۽ پان پنهنجو گس وٺي روانا ٿي ويا . پوءِ هي ٻئي زال مڙس سڃي عمر خوش گذارن لڳا .

ننڍهن ۽ سُس*

هڪڙو غريب شخص هو جو محنت مزوري ڪري، پنهنجي ماءُ، زال ۽ ٻارن جو پيٽ پاريندو هو. سندس ڪاڙي ماءُ تمام خدا ترس ۽ نيڪ ٻانهي الله جي هئي، جا رات ڏينهن ڏٺي تعالىٰ جي عبادت ۾ مشغول رهندي هئي. سندس زال جي وري پنهنجيءَ سس سان بنهه ڪانه پوندي هئي، پاڻ تہ سڀيا طعام ڪائيندي هئي، پر سس کي سنجهه صبح ۾ رکيون مانيون ۽ لسيءَ جو هڪڙو وٽو ڏيندي هئي. ڪاڙي مائي چا ڪندي هئي جو ان مانيءَ مان اڌ ننهن کان لڪائي، وات الله جي، هڪڙي غريب فقير کي ڏيئي ڇڏيندي هئي ۽ باقي اڌ پاڻ ڪائيندي هئي.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ، انهيءَ ڳالهه جي ننهن کي ڪڙڪ پئجي ويئي، ان تان اچي ڪاوڙ لڳس، چي: هيءَ وري ڪير ٽيندي آهي جو ننهنجي مڙس جي ڪمائي ٽي ائين وڃائي! سو هڪڙي ڏينهن وڃهه وٽي مڙس کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين ۽ چيائين: جيئن تہ تنهنجي ماءُ رکو هڪڙي مانيءَ تي وقت گذاري سگهي ٽي تنهنڪري اڄ کان وٽي ڇو نہ ڪيس هڪڙي مانيءَ لسيءَ جو وٽو ڏجي؟ هن شخص زال جي چئي تي لڳي ورندي ڏني تہ: جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ جيڪا تنهنجي مرضي. زال کي تہ ڪپندي اها ڳالهه هئي، سو ان ڏينهن کان وٽي ويچاري ڪاڙيءَ کي روز هڪڙي رکي مانيءَ لسيءَ جو وٽو ڏيڻ لڳي. نيڪ بخت پوڙهي خدا جو شڪر بجا آڻي، هڪڙي مانيءَ مان اڌ پاڻ

---

* هيءَ روايت آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

ڪائڻ لڳي ۽ اڏ ماني همیشه وانگر لڪ ڇپ ۾ فقير ڪي ڏيندي رهي. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن وري به سندس ننهن ڪي اها خبر پڄي ويئي. تنهن ڇا ڪيو جو سس ڪي سڃي مانيءَ جي بدران اڏ ماني ۽ وڻو لسيءَ جو ڏيڻ شروع ڪيائين. تڏهن به هيءَ خدا ترس ڪاڙي انهيءَ مليل اڏ ماني مان به چوٽو پاڻ ڪائيندي هئي ۽ چوٽو وري به الله جي نالي تي فقير ڪي ڏيئي ڇڏيندي هئي. نياڻيءَ ننهن ڪان اهو به ٻڌو نه ٿيو، تنهنڪري اڏ مانيءَ مان گهٽائي چوٽو ڏيڻ شروع ڪيائين، پر هوءَ ويچاري ان مان به اڏ خدا ڪارڻ فقير ڪي ڏيئي ڇڏيندي هئي، باقي اڏ پاڻ ڪائيندي هئي. آخر جڏهن ننهن ڏٺو ته هيءَ زال ڪنهن به حيلي سان فقير ڪي ماني ڏيڻ بند ٿي ڪري، سو مائڙي ڪري ماڳهين ماني ڏيڻ ئي بند ڪري ڇڏيائينس. مقرر وقت تي فقير اچي صدا هنئي. ڪاڙيءَ ڪي ماني ملي ڪانه هئي، سو در تي اچي فقير ڪي چيائين ته: فقير سائين! ماني اڄ خير ڪي آهي، نه سون ڪاڏو آهي ۽ نه وري تو لاءِ آهي، هي به پاڻيءَ جا وڻا آهن، هڪڙو تون پي ته ٻيو آڻون ٿي پيان. ٻوءِ فقير وڻو پاڻيءَ جو پي ڪيس دعائون ڏيندو رهندو اهيو. اهو لقاءُ ڏسي، ننهن جو اندر ئي سڙي ويو ۽ دل ۾ سس ڪي تڙي ڪيڻ جا گهات گهڙڻ لڳي. ڇا ڪيائين جو جڏهن مڙس گهر ۾ اچي اجاويهندو ئي مس هو ته هي سس جي خلاف ڪانه ڪا ڳالهه ناهي مڙس ڪي ٻڌائيندي هئي. پٽ ويچارو سمجهندو سيڪجهه هو، پر زال جي ڊپ ڪان ڪجهندو ڪونه هو. آخر انسان ويچارو ٻڌي ٻڌي به ڪيترو ٻڌندو، سو هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته اما اچي پيرسن ٿي آهي، هتان وڃي وڃي ڪنهن ٻي هنڌ ڇڏي اچانس، ٻوءِ ڪتنس ياڳ. هتي جي مصيبت ڪان ته

آجي ٿي پوندي . اھو پھ پچائي ، ھڪڙي ڏينھن ماءُ کي سان ڪري ھڪڙي پاسي ڪٽي رخ رکيائين. سجو ڏينھن ھلندي ھلندي شام جو ھڪڙي جھنگ ۾ اچي پھتا . اتي ماءُ کي ويھاري ، پاڻي گولڻ جي بھاني سان ھي اچي گھر نڪتو . ماءُ کي جھنگ ۾ ڇڏي اچڻ کان پوءِ پٽ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ، سڄي رات ننڊئي نہ آيس . خيال ڪيائين تہ ويچاري ماءُ جنھن مونکي ڇٽي نہائي وڏو ڪيو ، ان کي اھڙي طرح ڇڏڻ واجب نہ آھي . خير صبح ٿيو تہ ماءُ کي وٽي اچڻ لاءِ سنبريو ، پر زال ڇڏيس ئي نہ ، چي: جھنگ ۾ گدڙ بگھڙ کائي ويا ھوندس ، ويچاري وڃي الله وٽ سکي ٿي . ھيءُ مانڙي ڪري ويھي رھيو . اھڙيءَ طرح روز صبح جو ماءُ کي آڻڻ لاءِ سنبرندو ھو ، پر زال وري ڏيون ڏيون ڪاليھيون ٻڌائي ويھاري ڇڏيندي ھئس . آخر ھڪڙي ڏينھن زال کي ڇڏي جھنگ ڏانھن روانو ٿيو . جڏھن انھيءَ ھنڌ تي پھتو جتي ماءُ کي ڇڏي آيو ھو ، چا ڏسي تہ ھڪڙو عاليشان محلات تيار ٿيو ٻيٺو آھي ، ڏسي عقل چرخ ٿي ويس. ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريائين پر ڪوبہ ماڻھو ڇيٽو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس ، تڏھن محلات جي در تي ٻيھي وڏي واڪي ماءُ کي سڏ ڪرڻ لڳو ، پر ڪجھ دير گذرڻ کان پوءِ بہ سندس سڏن جو جواب نہ مليو . لاچار نا اميد ٿي گھر موٽي آيو ، ۽ سموري خبر اچي زال سان ڪيائين. جنھن ڇيس تہ: سڏن جو جواب نہ مليو ھوئي تہ دروازو کڙڪائي ڏسين ھا ، ضرور ڪونہ ڪو ماڻھو اچي ھا ۽ تنھنجي ماءُ جي خبر پڇجي وڃي ھا . ھاڻي بہ تي ڏينھن ترسي وري اتي وڃي ائين ڪجئين. پرھئي ڏينھن ھو وري ماءُ جي گولا ۾ جھنگ ۾ ويو ۽ اتي محلات جو دروازو کڙڪايائين . ٿوريءَ دير کان پوءِ اندران ھڪڙي ٻانھي نڪري آئي ، جا کانئس نالو نشان پڇي ، اندر گھڙي

وئي ، ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪيس وڏي شان مان سان محلات ۾ وٺي ويئي .

اندر گهڙڻ شرط سندس هوش حواس اڏامي ويا ، چا ٿو ڏسي ته سندس ماءُ هندوري ۾ پيئي لڏي . چوگرد ٻانهيون ادب سان هٿ ٻڌيو بيٺيون آهن . ماءُ پنهنجي پٽ سان ڳراٽي پائي ملي ۽ کيس پنهنجي پرسان ويهاري چيائين ته : پٽ ! ماريندڙ کان بچائيندڙ ويجهو آهي ، تو ته پنهنجيءَ پر ۾ مونکي ماري ڇڏيو هو ، پر ڏٺي پاڪ جنهن کي بچائي تنهن کي نڪا لهر نڪو لوڏو . پٽس اهو ٻڌي ڏاڍو پشيمان ٿيو ، پوءِ ماٽس کيس ٻڌي ڏينهن پاڻ وٽ رهائي تمام گهٽي دولت ڏيئي واپس روانو ڪيو .

انهي غريب شخص ماءُ کان موڪلائي خزانو کڻي گهر اچي زال کي ڏنو ، ۽ محلات واري سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائينس. اها ٻڌي جوٽس جو اندر ئي سڙي ويو . آخر خيال ڪيائين ته ته اها برڪت انهيءَ جهنگل ۾ آهي ، تنهنڪري چو نه آئون اتي وڃي قسمت آزمائيان ! سو هڪڙي ڏينهن وڃڻ مڙس کي چيائين ته: مونکي اتي ڇڏي اچ ، متان منهنجو به پاڻ سٽائو ٿي پوي . مڙس گهٽوئي سمجهايس ته: تو عمر ۾ اتي جي هڪڙي لپ به ڏٺيءَ جي وات نه ڏني آهي ؟ پوءِ ڪهڙي منهن سان تون ڏٺيءَ کان اها نعمت ٿي گهرين . پر هوءَ مڃي ئي نه . چئي : مونکي اتي ڇڏي آءُ . لاچار هي ڪا واهه نه ڏسي مڙس هن کي انهيءَ جهنگل ۾ ڇڏي آيو . موٽڻ مهل جوٽس کيس تاڪيد ڪيو هو ته، ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ اچي هتي مونکي سڏ ڪج ، آئون هليو ايندس. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ، انجام موجب جهنگ ۾ ويو ۽ جتي زال کي ڇڏيو هئائين اتي ويهي کيس سڏڻ لڳو . نڪو ڪٽان جواب نڪو سوال مليس. آخر ويچارو غريب منهن مٿو پٽيندو ، جوءِ وڃائي اچي گهر پهتو .

—※※—

گُڻ چور*

ڪنهن شخص ڪي چار زالون هيون ، جن اوڙو پاڙو تپائي ڪنيو هو ، سڄو ڳوٺ منجهائن ڪڪ هو. ان شخص جڏهن ڏٺو ته منهنجي زالن کان ڪڪ ٽي ڳوٺ راڄ وارن سون سان اٽڻ ويهڻ چڏي ڏنو آهي ، تڏهن خيال ڪيائين ته هتان لڏي ڪنهن ٻئي هنڌ هلي رهجي. اها گڻ ڪري ، هڪڙي ڏينهن چئني زالن کي سنيڙائي ، ٻئي شهر ڏانهن روانو ٿيو. سڄو ڏينهن پنڌ ڪندي ڪندي ٽڪجي پيا ، سو هڪڙي وڏي وڻ جي هيٺان ساهي پڻ لاءِ ويٺا. ته ايتري ۾ هيو هڪ شخص ٻه پنهنجي هڪڙي زال سميت اچي انهيءَ وڻ جي ڇانو ۾ ويٺو. هڪٻئي سان حالي احوالي ٿيڻ کان پوءِ هڪڙيءَ زال واري ، پهرئين شخص کي چئن سهٽين زالن سان ڏسي دل ۾ خيال ڪيو ته چو نه پنهنجي هڪڙي زال ڏيئي، هن بيوقوف کان چارئي زالون ونجن، جو منجهائن اچي ڦاٽو آهي. اها ڳالهه ڪٽي چيائين ته: ادا! اڄ ته پاڻ ٻئي زالن تي سؤدو ڪريون ، منهنجي زال تون ڪٽ ، ۽ اهي چارئي زالون مونکي ڏي ، پوءِ ڪٽن منهنجا پاڳ! هو ته اڳئي زالن مان ڪڪ هو ، تنهن يڪدم ڪٽي هائوڪار ڪئي. سؤدو ٺهي ويو ، ٻئي جڻا هڪٻئي سان زالون مٽائي ، پنهنجو پنهنجو گس وٽي روانا ٿي ويا.

جنهن شخص چار زالون قبوليون هيون ، سو ڏاڍو سياڻو هو. هلندي هلندي وجهه ڳولڻ لڳو ته ڪنهن اٽڪل سان چئني

---

* هيءَ روايت وچولي (تعلقي ڏنڊي الهيار) مان عبدالرحمٰن ميمڻ ڏان ٻڌي.

زالن جا عيب معلوم ڪجن. ٿوري پنڌ ڪان پوءِ هڪڙي ندي آئي، جا ڪين اڪرڻي هئي. ان شخص خيال ڪيو ته اهو ئي موقعو آهي. سو زالن کي چيائين ته: پٽ هتان تمام پري آهي، هلندي هلندي سڄ وات تي ئي لهي ويندو، تنهنڪري چو نه هتان ئي پائيءَ مان آڪري هن ڪپ تي هلجي، جيئن سڄ ينئي هلي پنهنجي ڳوٺ رسون. زالن هائوڪار ڪئي. پوءِ ڇا ڪيائين جو هڪڙيءَ زال کي ڪلهي تي ڪڍي نديءَ ۾ گهڙيو. وچ سير ۾ اچي ان زال کان پڇيائين ته: سياڪي! ڪر خبر، تو ۾ ڪهڙو عيب آهي، جو مونکي هڪڙيءَ زال تي چار ڇڻيون مليون آهيو؟ زال پڌائڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن چيائينس ته: جي اشرافت مان نٿي پڌائين ته درياءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيندوسئين. زال هن نئين مڙس سان پهريون پيرو ڳالهايو هو، تنهن کان سواءِ مڙس جي طبيعت کان بہ واقف نہ هئي، سو ڊجي ويئي ۽ چيائينس ته: ميان! مون ۾ اهو عيب آهي جو آئون ڏينهن ۾ ڏهه يار ڪندي آهيان، مون۾ اجهو اهو عيب آهي، هاڻي تنهنجي برضي. اهو ٻڌي مڙس چيس ته: توکي شاباس هجي جو سڄ ڳالهايو اٿيئي، آئون تنهنجو عيب سهي ويندس. ائين چئي هن کي وڃي نديءَ جي هن پر ڇڏي آيو. ٻيءَ زال سان بہ ساڳي ڪار ڪيائين، جنهن ٻڌايس ته: ميان! آئون آهيان گهر جي ڪٽائي، داڻو ڪٽو، پيسو ڏوڪڙ جيڪي بہ گهر ۾ هوندو سو سڀ چٽو ڪري ڇڏيندیس. هن چيس ته تنهنجو اهو عيب بہ سهڻ جهڙو آهي. ائين چئي هن کي بہ پرئين ڪپ تي ڇڏي آيو ۽ وري اچي ٽيءَ زال کي ڪنيائين. وچ سير ۾ پهچي ان کان بہ ساڳي ڳالهہ پڇيائين. جنهن چيو ته: آئون جتي هوندیس، اتي اوڙو پاڙو مون مان ڪاتل ڏسندين، مونکي جهيڙي ڪان سواءِ بي ڪا ڳالهہ ڪانہ وڻي، خود تون بہ گهر ۾ ويٺي ڪو ساهُ نہ لهندين. مڙس چيس ته: تون بہ سهڻي آهين ..

تو ۾ ڪو اهڙو عيب ڪونهي. پوءِ هن ڪي ٻ پارائڪاري وري اچي چوڻين زال کي ڪنيائين . ٽن زالن وانگر هن ڪان ٻ پڇيائين تہ: تو ۾ ڪهڙو عيب آهي؟ هن زال ورندي ڏنيس تہ: ميان! مون ۾ ٻيو ڪو عيب ڪونهي ، آئون رڳو ڪنهن جو ٿورو ڪونہ مڃندي آهيان . مڙس چيس تہ: تو ۾ اهو هڪڙو عيب نہ پر لکين عيب آهن . ائين چئي هن کي درياءَ ۾ ٻوڙي باقي ٽي زالون پاڻ سان وٺي اچي گوٺ پيڙو ٿيو .

پنهنجي گهر اچي ، پهريائين اهو ڪم ڪيائين جو ٻانو ڪٽي ، گهر جي پٺ ڪان لوڙهي مان لوگهو ڪري ، پهرين زال کي چيائين تہ: هاڻي ٻيهڪريءَ سان انهيءَ گهٽيءَ مان ڏهن جا ويهہ يار ڪجانءِ ، توکي روڪ ڪانهي ، پر هن اصلوڪي دروازي ڏان پاڻ وٽ يار نہ گهرائج ! وري ٻيءَ زال کي انّ جي ڳنڊيءَ ۾ ليڙو ڪري ڏنائين ۽ چيائينس تہ: تون پيئي سڄو ڏينهن چٽو ڪر . اها پلي ڪيڏائيندئين تہ وري ٻي پري ڏيندو سئين. باقي ٽيءَ زال کي چيائين تہ: تون اوڙي پاڙي سان جهيڙو ڪرڻ بدران مون سان وڙهج ، جيستائين گهر ۾ وينو هجان تيسين آئون حاضر آهيان ، باقي گهر ۾ نہ هجان تہ پوءِ آئون پنهنجو بوتو ناهي ٽو ڏيئين ، ان سان جهڙو ڪجئين . تنهنجو ڪم مون سان آهي ۽ نہ کي اوڙي پاڙي سان . پوءِ ان کي پنهنجو بوتو ناهي ڏيئي ، پاڻ پورهئي تي هليو ويو .

هن جي وڃڻ کان پوءِ تنهي زالن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ادي ! هيءُ مڙس تہ لاکيٽو ٿو ڏسجي ، جو بنان ڪنهن جهيڙي جهٽي جي سيني ڪمن جي پاڻ کي موڪل ڏيئي چڏي اٽس ، تنهنڪري هڻي ڏول مڙس سان ڪانڪٽائبي. اهاصلاح ڪري ، هڪڙي چٽي آڻي وڃي گهٽيءَ جولوگهو بندڪيو ، ٻيءَ وري گنديءَ جو ليڙو

ڏنو ۽ ٽيءَ زال وري مڙس جو بوتو اڇلائي ڇڏيو. پوءِ ٽيئي ڇٽيون پنهنجي گهر جي ڪم هاج ڪي لڳي ويون.

شام جو مڙس ڏنڊي تان موٽي آيو. ڪيس ايندو ڏسي جهيڙاڪ زال ڊوڙي وڃي پاڪر پاتس ۽ ڏاڍي عزت سان ڪٽ تي ويهاري، هٿ ٻڌي سندس حاضريءَ ۾ ٻيهي رهي. ٻي زال وري وڃٽو ڪٽي هوا هٽڻ لڳيس ۽ ٽي زال بدن کي زور ڏيڻ لڳيس. اتي مڙس ڪٽي جو نظر ڪري ٿ بلي! گهٽي بند ٽي پيئي آهي، ۽ گنديءَ کي ليڙو ڏنو پيو آهي، ۽ تنهن هوندي ب جهيڙا ڪار زال کي چيائين ٿ: بختاور! جي وڙهٽو هجيئي ته آئون هڪيو وينو آهيان. جنهن تي زال چيس ته: تو جهڙي ڊول مڙس سان ڪانءِ وڙهنديس، هاڻي تون خاطري رک، اسان ۾ ڪوب عيب ڪونهي. اهو ٻڌي آهو شخص ڏاڍو خوش ٿيو. ماني ٽکي کان پوءِ ٽنهي جڻين پڇيس ته ٻيون ٽ سپ ڪالهيون ڏهيون، ۽ اسان کي رکو اها ڳالهه ٻڌاءِ ته تو چوٽين زال کي چو هوڙيو؟ جنهن تي هن ورندي ڏني ٿ: هوءِ سڄي پڄي عيبدار هئي. هنن چيس ٿ: عيب ته اسان ۾ ٻه هئا، پوءِ اسان کي چو نه هوڙيئي؟ هن شخص وراڻيو ٿ: هن جو اهو هڪڙو عيب ب لکن عيبن جي برابر هو، توهان کي ب هن ٽي کاريو هو، نه ته توهان ۾ ڪو اهڙو عيب ڪونهي، تڏهن هنن پڇيس ٿ: پلا هن ۾ ڪهڙو عيب هو؟ هن چيو ته هن وٽ قدر ڪونه هو. آئون هن سان ڪيتروئي وڙ ڪريان ها، ۽ هو بنهه ڪانءِ مڃي ها، اها ٽي ڳڙ چورءِ بي شڪري. اهڙو ماڻهو خدا کي ب نه وڻندو. تنهنڪري چيم ته ڪني آڻڻ وڃي چڪي آهي. پوءِ اهي ٽيئي زالون سڄي عمر پنهنجي هن مڙس سان مٺ محبت ۾ گذاريندیون رهيون.

—※※※—

بخت ۽ عقل*

ڪالهه ٿا ڪن ته ڪنهن زماني ۾ ، عقل ۽ بخت اچي پاڻ ۾ اٽڪيا. بخت چئي ته مون کان سواءِ باقي دنيا ۾ ڇا آهي؟ ۽ عقل چئي ته مون بنان دنيا ۾ نسوري اوندهه آهي. اهي ڪالهيون ڪندي پاڻ، ۾ فيصلو ڪيائون ته انهيءَ ڪالهه جو نبيرو هليو ڪنهن ڇڪي مڙس کان ڪرائجي. اها ڪالهه ڪٽي آٽي پنڌ پيا. هلندي هلندي ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي رسيا. اتي سندن نگاهه وڃي هڪڙي هاري تي پيئي ، جو ويچارو پورهئي جي ٽڪ کان سٺون نٺون ٽيو ، ڪنهن ون جي ڇانو هيٺ ليٽيو پيو هو.

انهيءَ شخص کي ڏسندي‌ئي ، بخت چون لڳو ته: ڪيئن نو پائين يار عقل! پنهنجي نبيري لاءِ هيءُ شخص ٺيڪ ٿيندو؟ عقل ويچارو جو پڻ هلندي هلندي ٽڪجي پيو هو ، تنهن کو انڪار ڪرڻ ڪيو ۽ جواب ڏنائينس ته : بيشڪ ، مونکي ڪو اعتراض ڪونهي. پر اتي ڪين وري ٻيءَ ڪالهه اچي منجهايو ، ته آخر پهرين ڪير پنهنجي خوبيءَ جو امتحان ونڊي. ٿوريءَ ريڙهه پيڙهه کان پوءِ ، بخت ڊوڙي وڃي انهيءَ ستل هاريءَ جي دماغ ۾ بالم ٽي ويهي رهيو.

خدا جي ڪرڻي اهڙي ٿي ، جو انهيءَ ڏينهن ان ملڪ جو بادشاهه پنهنجي لشکر سوڏو شڪار تي چڙهيو هو. شڪار ڪندي ، ڪنهن مهل سندس گهوڙي وٽي ٽاهه ڪاڏو ، ۽ بادشاهه کي ڪٽي وٽي ڀڳو. بادشاهه کي گهوڙي جي هن حالت ڏاڍو

---

* هي آ ڪاڻي وچولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان‌ولي محمدطاهر زادي کان ملي.

منجهائي وڏو ، ۽ چيڪي ۽ تدبيرون ياد هئس سي سڀ هلائي دنگ ڪيائين ؛ ليڪن گهوڙي وٽ نہ ڏني. آخرڪار بادشاهہ لاچار ٿي لغام ڪي ڪٽي ڇڏيو ، ۽ ساهہ تان آسرو لاهي ، گهوڙي جي ڪنڌ ۾ ٻڪ وجهي چنبڙي پيو. قدرت مالڪ جي ، گهوڙو بادشاهہ کي ڪٽي آڏاٽو آيو ، ۽ اچي انهيءَ هاري جي ٻنيءَ مان لانگهائو ٿيو ، جتي بخت ۽ عقل اچي سهڙيا هُئا. گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ تي هاري آسالڪ چرڪ پري اٿيو ، جاڳ ڪٽي نگاهہ ڪري ، تہ سامهون انهيءَ گهوڙي کي هوا ۾ وانگر آڏامندو ايندو ڏٺائين. هاري ۽ نہ ڪا ڪئي هم نہ تم ، ٽپ ڏيئي آٽي ڪڙو ٿيو ، گهوڙو اڃا سنڌس ويجهو آيو ئي مس تہ هن سٽ ڏيئي ڪٽي لغام کان جهليس. گهوڙو يڪدم بيهي رهيو ، اتي بادشاهہ ۽ اڪيون ڪوليون ۽ ٽپ ڏيئي گهوڙي تان لهي پيو. هاري گهوڙي کي چڪي ڪٽي هڪڙي وٽ سان ٻڌو ، ۽ بادشاهہ کي چانو هيٺ آرام سان ويهاري ، خبرن چارن کان اُڀ ۾ جهڙو حال هوس ، تهڙي رکي سکي ماني ڪٽي بادشاهہ جي اڳيان رکيائين. بادشاهہ کي ۽ ٻڪ ۽ اڄ ڏاڍو ستايو هو ، تنهن اها غريباڻي ماني کائي ڏؤ ڪيو ، ۽ جان بچڻ تي خدا جو شڪرانو ادا ڪيو. پوءِ بادشاهہ کانئس پڇيو تہ: هي ڪهڙو ڳوٺ آهي ۽ فلاڻو شهر هتان ڪيتري پنڌ تي ٿيندو؟ هاري وراڻيس تہ: اهو شهر هتان هڪڙي ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ان بعد هاريءَ سان خبرون چارون ڪندي ، بادشاهہ ڪيس پنهنجي حقيقت ڪان واقف ڪري ، سمورو احوال ٻڌايو. انهيءَ تي هاري ڏاڍو خوش ٿيو ، جنهن بادشاهہ جو فقط نالو ٻڌو هئائين ، سو اڪين سان ڏسي حيران ٿي ويو. پوءِ تہ اها جاءِ نہ ليپس ، جتي ڪٽي بادشاهہ کي ويهاري ! بادشاهہ کي پنهنجي غريباڻي جهوپڙيءَ تي وٺي آيو ، جتي حال سارو سنڌس



... 'هاريءَ ٿپ ڏيئي ڪٿي گهوڙي جو لغام جهليو، ۽ گهوڙو بڪدم
ٻيهي رهيو' ... — ص ٦٨

گهٽي ٽهل ٽکور ڪيائين. بادشاهه خيريت سان اها رات رهي صبح جو هاري ڪي ساڻ ڪري پنهنجي بادشاهي ڏانهن موٽيو.

بادشاهه ۽ هاري ، منزلون ڪندي ڪندي اچي شهر ۾ سهڙيا. امير ، وزير ۽ لشڪر ، بادشاهه جي گم ٿي وڃڻ تي ارمان ۾ پئجي ويا هئا ، سي ڪيس سلامت موٽندو ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ ملڪ ۾ چؤ طرف خوشيون ٿي ويون. بادشاهه جي حڪم سان هاريءَ جي رهڻ جو بندوبست بادشاهه جي شاهي محلات ۾ ٿيو. رات وچ ۾ ڪيمخواب جا ويس وڳا هن جي لاءِ ٺهي ويا. ٻئي ڏينهن صبح جو هاري ٺهي جڙي ويس وڳا پائي دربار ۾ آيو ، جتي بادشاهه هن جو وڏو آدرياءُ ڪري ، ڪيس پان سان گڏ تخت تي ويهاريو. هاڻي هاري روزانو بادشاهه سان گڏ تخت تي اچي ويهندو هو ، ۽ بادشاهه ڪيس انعام اڪرام ڏيئي ڇڏيو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب ، جيئن هاري ، بادشاهه سان گڏ تخت تي ويٺو هو ، تيئن ويٺي ويٺي بادشاهه جي تاج ڏانهن نهاري ، دل ۾ ڪو خيال اچي ويس ، سو نه ڪيائين هم نه تم ، چنبو هڻي بادشاهه جو تاج لاهي وڏائين. اهو حال ڏسي بادشاهه جا امير ، وزير ، سپ ڪاوڙ سان باهه ٿي اٿي بيٺا ، ۽ ڪٽي ٻڌائونس: اتي بخت اچي ششدر ٿيو ، ڏنائين ته مڙس هٿن مان ويو ، سو هڪدم ويس بدلائي ، نانگ بنجي وڃي تاج ۾ ويٺو ، ۽ وري ان مان نڪري تڪڙو تڪڙو دربار مان نڪري ويو. اهو نانگ ، دربار ۾ بادشاهه سميت سڀني ڏنو ، تن خيال ڪيو ته جيڪڏهن هي شخص بادشاهه جي مٿي مان تاج نه لاهي ها ته اهو نانگ بادشاهه کي ڏنگي وجهي ها. پوءِ ته بادشاهه ٻيو دفعو جان بچڻ جي خوشيءَ ۾ هاريءَ جو ڏورو مڃي ڪيس پاڪر پاتو ۽ بي انداز انعام ڏنائين. آڳئين کان به وڌيڪ عزت ڏنائينس.

پوءِ هاري هميشه وانگر بادشاهه سان گڏ تخت تي ويهندو هو. جيئن ته ڪيس عقل هئوئي ڪونہ تنهنڪري وري به هڪڙي ڏينهن ٻيو بيوقوفيءَ جو ڪم ڪري وڌائين. اهو هيئن جو بادشاهه جي سونهاري دن تائين هئي، جا ڪيس ڪانہ وٺندي هئي. سو ڇا ڪيائين جو ڏسندي ڏسندي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي، ونيِ جو لوڏو ڏنائينس ته بادشاهه منهن پر وڃي فرش تي ڦهڪو ڪيو. وري به امير، وزير، بادشاهه جي هڙئي ٻيعزتي ڏسي، تراريون ڪڍي اڇي ٻيٺا. بخت ڏنو ته مڙس ويو، سو وري به درٻار جي ڇت جي اها ڪاٺ، جنهن جي پر ۾ بادشاهه جو تخت ٻيو هو، سا ڪڍي ڇڏيائين. مٿان جو ڇت جو اهو حصو ڪريو، سو سڌو اڇي تخت تي پيوءِ تخت ڇڃي پور پور ٿي ويو. اتي درٻارين ۽ بادشاهه ڏنو ته، هي شخص ائين نہ ڪري ها ته بادشاهه آڦٽ مري وڃي ها. سي وري به بادشاهه جي جان بچڻ تي هاريءَ جو شڪرانو ڪرڻ لڳا. بس پوءِ ته بادشاهه اهڙو خوش ٿيو جو هن ڪي اڳئين ڪان ۾ وڌيڪ عزت ڏيئي، ڪيس پنهنجو وڏو وزير مقرر ڪيائين ۽ حڪم ڪيائين ته اڄ ڪان ونيِ هي شخص مانيِ به مون سان گڏ ڪائيندو.

هاريءَ تي بادشاهه جو ايترو راضي ڏسي، امير ۽ وزير حسد ڪرڻ لڳا، هنن پنهنجيءَ پر ۾ بادشاهه جا ڏاڍا ڪن پريا، پر بادشاهه کي اعتبار ئي ڪونہ آيو. ڇو ته جنهن شخص سندس ٿي دفعا حياتي بچائي هئي، سو ڪيئن سندس دشمن ٿيندو! پر آخر چوندا آهن ته: جنهن جي پنيان باهہ، تنهن جو آسروئي لاهہ. سو بادشاهه کي نيٺ اڇي دل ۾ بدگماني پيدا ٿي. ظاهري طرح ڪجي نٿي سگهيو، ۽ وجهہ ٻيو ڳولينڊو هو. بخت، هاريءَ سان مدد ڪري ان کي ايڏي اوج تي پهچائي پوءِ هڪڙي ڏينهن

عقل کي چيو تہ: سون پنهنجي خوبي توکي ڏيکاري، جو هڪڙي مسڪين هاري کي گدائي مان کڻي بادشاهي تي رسايم، هاڻي آئون ڪيس اوج تي چڙي تنهنجي حوالي ٿو ڪريان، ڏسان تنهنجي ياري! ائين چئي هاري کي چڙي ٻاهر ٽيو، ۽ عقل ان شخص جي دماغ ۾ وڃي ويهي رهيو.

انهي ڏينهن اڌ رات جي ٽهل، بادشاهہ ستو پيو هو تہ، هاريء خيال ڪيو، بادشاهہ سون تي هيترو مهربان آهي، هاڻي چو نہ ويهي سندس شان ۾ ڪو قصيدو لکان! سو آڻي ميز تان پنو ۽ قلم کنيائين، پر قلم گهڙيل ڪونہ هو، تنهنڪري اڻي ڪٻٽ مان جڙادار چاقون ڪڍيائين؛ ڪٻٽ کولڻ جي آواز تي بادشاهہ جي اک کلي پيئي. هاريء جي هٿ ۾ جو ڪليل چاقون ڏٺائين، سو پڪ ٿيس تہ جي آئون نہ سجاڳ ٿيان ها تہ هي اڄ مونکي ضرور ماري چڏي ها. سو يڪدم چوبدارن کي سڏي حڪم ڪيائين تہ: هن ملعون کي پڪڙي وڃي جيل ۾ هڻو! هن جو فيصلو سپاٽي دربار ۾ ڪبو. هاري ويچاري پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ گهڻئي منٿون ڪيون، پر بادشاهہ سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ چوبدارن بہ ونڊي وڃي جيل ۾ هنيس. ٻئي ڏينهن بادشاهہ حڪم ڏنو تہ هن کي ڦاهيءَ چاڙهي چڏيو. جڏهن سپاهي هاريءَ کي ونيو سوريءَ ڏي پئي ويا، تڏهن بخت وڏي وڃي عقل سان ملیو ۽ چيائينس تہ: واهہ يار! اها آهي تنهنجي هاري سان مدد گاري، هڪڙي ڏينهن ۾ ڦاسي ٿو ڏيارينس. عقل چيس تہ: ٻيلي! جهيڙو پنهنجو، هي مڙس راهہ ويندو ٿو مارجي، هاڻي هن جي بچاءَ جو بندوبست ڪر. بخت اها ڪالهہ مڃي، ڏوڙي وڃي هاريءَ سان لڳو. ۽ عقل پڇي پاسو ڪيو. جڏهن هاري سوريءَ تي پهتو، تڏهن سپاهين پڇيس تہ: ڪجهہ چوڻو اٿيئي؟ جواب ڏنائين تہ: هڪڙو پيرو بادشاهہ سان ملاقات ڪندس. سپاهين هڪدم ونڊي وڃي بادشاهہ وٽ پيش

ڪيس. اتي هاري بادشاهه ڪي چيو تہ: بادشاهه سلامت! جيڪڏهن اوهان ڪي مارڻو هجيم ها تہ جيئن اوهان جي تاج ۽ نانگ ڏنو هئم، تيئن ڪونہ ٻڌايانو ها. وري جڏهن ڇت جي ڪام ۾ڳل ڏنم، تڏهن بہ ڪونہ ٻڌايانو ها. هاڻي حقيقت هن طرح آهي. پوءِ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس ۽ بادشاهہ ڪي چيائين تہ: هاڻ وڌيڪ مرضي جا مالڪ آهيو. بادشاهہ ڪي اها ڳالهہ دل سان لڳي آئي. هاريءَ ڪي ڪاهي معاف ڪري، هن ڪي گهڻا انعام اڪرام ڏيئي پنهنجي وطن ڏانهن روانو ڪيائين. ان بعد، عقل پنهنجي هار سڄي، بخت ڪي پاڪر پاتو، ۽ ٻئي ڇڻا، جيڏانهن جا هئا، اوڏانهن هليا ويا.

—✻—

عقل ۽ بخت*

هڪڙي پيري 'عقل' ۽ 'بخت' اچي پاڻ ۾ هوڙيا؛ عقل چئي ٿي. آئون سرس، ۽ بخت چئي ٿي، آئون وڏو. نيٺ فيصلو ڪيائون ٿ ڪنهن ماڻهو تي هلي ٿا پنهنجو زور آزمايون، پوء پاڻهي خبر پوندي ٿ ڪير سرس آهي. سو هنن ڳولي ڳولي وڃي هڪڙو ٻڪرار هٿ ڪيو. اهو ٻڪرار، ڪنهن ماڻهو وٽ مهيني تي ٻڪريون چاريندو هو. رات ڏينهن ٻڪرين سان گڏ رهندي، هن ۾ ٻڪرين جهڙيون عادتون پئجي ويون هيون، پاڻي ٻ ٻڪرين وانگر اونڌو ٿي پيئندو هو، ۽ ماني ٻ انهن وانگر کائيندو هو.

انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي ڏيءَ جي شادي ڪرڻي هئي. شهزادي تمام سهڻي هئي، جنهنڪري پرانهن ملڪن جا بادشاهه، شهزادا، شهزاديءَ جي سڳ جي گهر ڪرڻ لڳا. بادشاهه خيال ڪيو ٿ جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي کي سڳ ڏينس ٿ ٻيا ناراض ٿيندا، ڪنهن سان ڦٽائو ٻ ڪونهي؛ تنهنڪري چو نه اهڙي اٽڪل ڪجي، جو لال ٻ ليپي ۽ پريت ٻ رهجي اچي. سو يڪدم ٻڙهو ڏياريائين ٿ، فلاڻي ڏينهن، فلاڻي ميدان تي، چؤڻري ڊرندي؛ جنهن ٻ ماڻهوءَ جي مٿان چؤڻري ايندي، تنهن کي شهزاديءَ جو سڳ ملندو.

مقرر ٿيل ڏينهن تي پري پري جا بادشاهه، شهزادا، امير ۽ غريب سڀ اچي انهيءَ ميدان تي گڏ ٿيا. خدا جي قدرت سان

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان گل محمد "آزاد" کان ملي.

اهو بڪرار ۽ گهمندو ڦرندو اچي اتي نڪتو ۽ ماڻهن جا حشام ڏسي دل ۾ خيال ڪيائين تہ، لقاءُ ضرور ڏسجي، سو وڏي اچي هڪڙي پاسي تي ويٺو.

عقل ۽ بخت ۽ بڪرار جي پڻيان اچي ان ميڙ ۾ پهتا. بخت، عقل کي چيو تہ: هاڻي منهنجو مزو ڏسج، آئون انهي بڪرار سان سائي ٿو ٿيان. پوءِ امين ٿيڻ تہ ڪير سرس آهي. عقل چيو تہ: پلي. آخر بادشاهہ چؤنري ڦيرائڻ جو حڪم ڏنو، چؤنري ڦري ۽ سڏو اچي آن بڪرار جي مٿان بيٺي. سيئي حيران ٿي ويا تہ چؤنري وڃي هڪڙي غريب تي ڏري، جنهن جا ڪپڑا ليڑون ليڑون ۽ وارن ۾ متيءَ جا مڙ پيل آهن! شهزادن ۽ بادشاهن جڏهن ڏٺو تہ سهڻي شهزادي هڪڙو غريب ڪٽي ٿو وڃي، ۽ خود بادشاهہ ٻڌايو ششدر ٿيو، سو وٽي ءُلايائون تہ "سائڻ نہ پلي، ٻانهي پلي" - آخر فيصلو ٿيو تہ چؤنري وري ڦيرائجي. خدا جي قدرت جو ٻيو دفعو، ۽ وري ٽيون دفعو ۾ ساڳي ڪار ٿي. چؤنري ڦري اچي بڪرار تي بيٺي. لاچار انجام موجب بادشاهہ بڪرار کي پنهنجو نائي ڪري قبوليو ۽ ڪيس ڪپڑا لٽا پارائي، سنوارت ۽ غسل ڪرائي، ماڻهن جهڙو ماڻهو ڪري پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏني.

نڪاح ڪان پوءِ بڪرار کي مانيءَ ملي، جا هن دستور موجب بڪرين وانگر اونڌو ٿي ڪاڌي. ماڻهن کي سندس انهيءَ عادت تي ڏاڍو عجب لڳو. آخر وڃي شهزادي وٽ چڏي آيس، اتي ۾ اهي ئي بڪرارن واريون هڪلون پئي پيس. ويچاري شهزاديءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ ماٺ ڪري ويٺي سڀ رنگ ڏٺا. آخر بڪرار جي اها حالت ڏسي، شهزاديءَ کي پڪ ٿي تہ، بڪرار ۾ تر جيترو ۾ عقل ڪونهي، چو نہ سائس شرط رکي

ٻه ٽي سوال پڇان ، جنهن جا هي جواب ائين ئي ابتا ڏيندو ، سو ڦاهيءَ جي سزا ڏياري هن کان جند ڇڏايان . اهو ويچاري چيائينس ته : آئون توکان ٽي سوال پڇان ٽي ، جيکڏهن تون انهن جا ٺيڪ جواب ڏيندين ته واهه ، نه ته ڦاهيءَ تي چڙهڻو پوندءِ ! ٻکرار شهزاديءَ جي ڳالهه قبول ڪئي . تنهن تي شهزاديءَ کانئس هي ٽي سوال پڇيا ته : ٻڌاءِ ته پيٽ ڪنهن جو چڱو ، جر کهڙو چڱو ، ءِ گل کهڙو چڱو ؟ ٻکرار جواب ڏنس ته : پيٽ ٻڌي جو چڱو ، جر کاڻيءَ جو چڱو ءِ گل گلاب جو چڱو . ٻکرار جا ابتا جواب ٻڌي شهزادي ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٽي وئي ءِ يڪدم وزير کي گهرائي چيائين ته : هن بيوقوف کي وٺي وڃي ڦاهيءَ تي چاڙهيو .

عقل ءِ بخت ٻنهي اهو تماشو پئي ڏٺو . عقل ڏٺو ته ، هاٿي مڙس ٿو مري ، سو بخت کي چيائين ته : تو هن جو پلو ڪيو جو شهزاديءَ جو سڱ وٺي ڏنو ، پر اهو پاڻ کهڙي ڪم جو ، جو شاديءَ رات ئي ڦاسيءَ ٿو چڙهي ؟ هاٿي جي هجئي همت ته مدد ڪرينس . بخت وراڻيو ته : مونکي جيتري طاقت هئي سا مون ڏيکاري ، هاٿي ڪٿيس قسمت ! تنهن تي عقل چيس ته : چڱو آئون ٿو توکي هن جي جان بچائي ڏيکاريان . ائين چئي عقل ڇا ڪيو جو يڪدم وڃي ٻکرار جي مغز ۾ ويهي رهيو . اِتي ٻکرار جون اکيون ڪليون ، ءِ وزير کي چيائين ته : ميان وزير ! خير ته آهي ! مونکي ڪيڏانهن پيو وٺي هلين ؟ وزير ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي . جنهن تي ٻکرار خيال ڪيو ته هتي جيکڏهن اُبهرائي ڪبي ته سفت مارجي ويندس ، تنهنڪري ڪا اٽڪل هلائي جند ڇڏائجي . سو چيائينس ته : ميان وزير ! شهزاديءَ جو حڪم اکين تي ، پر مرڻ کان پهرين مونکي

بادشاهه سان هلي ملاءِ ، پوءِ تون پلي هلي مونکي قاسيءِ تي چاڑهه .

وزير اها گالهه مڃي ڪيس بادشاهه وٽ حاضر ڪيو . بادشاهه کانئس پڇيو ته : ڪيئن آيو آهين ؟ ٻڌرار جواب ڏنس ته: بادشاهه سلامت! تو خوشيءِ سان مونکي شهزاديءِ جو سڱ ڏنو ، پوءِ رات جو پرڻائي اڄ وري قاسيءِ تي چاڑهائڻ ، اهو ڪهڙو انصاف آهي ؟ بادشاهه وزير ڏي نهاريو ، جنهن ڪيس ٻڌايو ته : جيئندا قبلا! شهزاديءِ جو حڪم آهي ته هي بيوقوف آهي ، تنهنڪري هن کي قاسيءِ تي چاڑهيو وڃي . بادشاهه يڪدم شهزاديءِ کي گهرائي کانئس حقيقت پڇي . جنهن تي هن بادشاهه کي ٻڌايو ته : ههڙيءِ طرح اسان شرط رکيو ۽ هن منهنجي سوالن جا جواب برابر ڪوڙ ڏنا ، تنهنڪري مون اهو حڪم ڏنو . بادشاهه چيس ته : چڱو ، تون اهي سوال وري منهنجي روبرو ڪر . جي جواب ڏنائين ته ڇهيو ، نه ته پوءِ پلي قاسي ڏيارينس . تڏهن شهزاديءِ پهريون سوال ڪيو ته : پيٽ ڪنهن جو چڱو؟ ٻڌرار جواب ڏنو ته : پيٽ ڏرتيءِ جو چڱو ، جنهن ۾ سيڪجهه سمائجي ٿو وڃي . وري شهزاديءِ ٻيو سوال پڇيس ته : "جر ڪهڙو چڱو ؟ ٻڌرار جواب ڏنس ته : جر مينهن جو چڱو ، جنهن تي سڀني ساهه وارن جو جياپو آهي . آخر ٽيو سوال پڇيائينس ته : گل ڪهڙو چڱو ؟ جنهن جو ٻڌرار جواب ڏنو ته : گل وڻ جو چڱو ، جو سڃي خلق کي ڏکي ٿو . اهي جواب ٻڌي ، بادشاهه ڏيءُ کي چيو ته : اسان ، اهي ته سموريون ڳالهيون عقل وارن جون آهن . شهزادي پان ۾ پشيمان ٿي ته اهڙو تکڙو فيصلو چو ڪيم ، آخر شرمسار ٿي پنهنجي مڙس کان معافي ورتائين ۽ پوءِ هميشه لاءِ

خوش گذارڻ لڳا .

اهو تماشو ڏسي ، بخت ، عقل کي چيو تہ : ادا عقل ! برابر سواء تنهنجي آئون ڪجهہ بہ ڪونہ آهيان . پوءِ ٻئي پاڻ ۾ پرچي سدائين دوست ٿي رهيا .



مهاڻو چوکر*

هڪڙو مهاڻو هوندو هو، جو چار ڪٽي درياء تي هر روز مڇيون ڦاسائڻ ويندو هو. ڪيس روز هڪ مڇي هٿ ايندي هئي پر هن کي وڃڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي. ڪيس هڪڙو پٽ ٻ هو، سو زال سان صلاح ڪيائين ته: مونکي دير ٿي وڃي ٿي چوکر مون سان گڏ هلندو، ته مڇي ڏينڊوسانس ته توکي جلد ملندي. انهيءَ کان پوءِ، جيئن هو مڇي ڦاسائڻ ويندو هو، ته چوکر ٻ سان وڃي ويندو هو.

هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو، جو مهاڻو چوکر جيئن مڇي ڪنيو گهر ڏانهن پئي آيو، ته وات تي هڪڙو فقير گڏيس، جنهن چيس ته: چوکرا، خدا جي نالي اڌ مڇي ڏي. چوکر، خدا جو نالو ٻڌي، اڌ مڇي فقير جي حوالي ڪئي. باقي اڌ مڇي ڪنيو پئي آيو، ته هڪڙي سرڻ اهو ٻ لامارو ڏيئي ڪٽي ويندي رهي. چوکر گهر پهچي ڊپ کان ماءُ کي چيو ته: اڄ مڇي ڪانڊ ملي. ائين چئي، هو ٻاهر ٻيڙ ٻارڻ سان وڃي راند ڪرڻ لڳو.

مهاڻو جڏهن گهر آيو، تڏهن زال پڇيس ته: اڄ مڇي ڪانڊ ملي چا؟ مهاڻي جواب ڏنو ته: مون ته مڇي چوکر کي ڏني هئي! مهاڻي کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، ۽ چوکري کي ڳولڻ لڳو. ڏسي ته ٻاهر چوکرن سان راند پيو ڪري. سو هن کي

---

* هيءَ آکاڻي لاڙ (تعلقي ٽڪي) مان عبدالله گندري کان ملي.

ڏاڍي ڦيهه ڪيڏائين ، ۽ جهلي ماڻس وٽ ونڻي آيو ۽ هن جي روبرو هن کان پڇيائين تہ : سچي ڪر تہ مڇي ڪيڏانهن ڪيئي؟ چوڪر ڏڃي ڏڃي جيتوڻيڪ سچ ڳالهايو ، پر مهاڻي مٿس اعتبار نہ ڪيو ، ۽ چيائينس تہ: ٻيهر تہ مانيءَ ڪائي اڃا تنهنجي چوڙي ٿو لاهيان !

چوڪر مار جي ڊپ کان روئندو جهنگ منهن ڏيئي اٿي هليو. ڏسي تہ هڪڙو سونين ڪيوٽين ويل چوڪرو ۽ روئندو پيو اچي . جڏهن ٻئي جڻا روئڻ کان واندا ٿيا ، تڏهن هڪٻئي سان احوال اورڻ لڳا . مهاڻي جي پٽ تہ پنهنجو سڄو سڄو احوال ٻڌايو ۽ ٻئي چوڪر پنهنجي ماجرا هن ريت ٻڌائي تہ : منهنجو مال رڻ ويو آهي تنهنڪري ڊپ کان هتي اچي لڪو آهيان . پوءِ تہ هي ٻئي پاڻ ۾ گهاٽا يار ٿي پيا ۽ صلاح ڪيائون تہ ڪيڏانهن ۽ هلون ، تہ گڏجي هلون. تنهن تي ڪيوٽين واري چوڪر چيس تہ : ڪٿي ۽ ڪو ماڻهو گڏيو ، تہ انهيءَ سان پاڻهي آئون ڳالهائيندس. مهاڻي جي پٽ اها ڳالهہ قبول ڪئي .

هلندا هلندا ، ٻئي جڻا اچي ڪنهن بادشاهہ جي شهر ۾ پهتا ، ۽ انهيءَ فڪر ۾ هٿا تہ پيٽ جي پوڄا ڪجي . ڏسن تہ بادشاهہ جي ڪچهري پري پيئي آهي . هي ۽ لنگهي ٿيا اندر . بادشاهہ وزير کي چيو تہ : چوڪرن کان خبرون وٺ تہ ڪيئن آيا آهن. وزير جي پڇڻ تي سونين ڪيوٽين واري پنهنجو حال هن طرح ٻڌايو تہ: بادشاهہ سلامت ! اسين ۽ پائر آهيون . مائٽن جي ڊپ کان پڇي لڪي اچي هتي پهتا آهيون. هاڻي ڪٿي کو روزگار لڳو تہ رهي پونداسون. جڏهن بادشاهہ هيءَ ڳالهہ ٻڌي ، تڏهن حڪم ڪيائين تہ : جيڪڏهن هي نوڪري ڪن ، تہ ڪين نوڪريءَ سان لڳايو وڃي . تڏهن وزير چوڪرن کان پڇيو تہ: اوهين نوڪري ڪندؤ؟

چوڪرن چيو تہ : هائو! اسين تيار آهيون ، پر ڪم ڪهڙو ڪرڻو پوندوسون؟ وزير کين ٻڌايو تہ ڪم آهي خزاني جي سنڀال ڪرڻ . توهان جو پگهار اڄ ڏينهن کان شروع ... هينئر وڃو ، ۽ سڄ لٿي سهل اچي نوڪريءَ تي چڙهجو! چوڪرا هائو ڪري ، دربار مان اٿي هليا ويا .

رات ٿي ، چوڪرا پهري لاءِ تيار ٿي آيا . سونين ڪيوٽين واري ٻئي ڪي چيو تہ : ادا پهريون پهر تنهنجو آهي ، بوءِ آئون پاڻهي پهرو ڏيندس . مهاڻي جي چوڪر جيئن پهرو پئي ڏنو ، تيئن ڏسي تہ پنج ان جڏا خزاني ۾ پيا لٽين . انهن کي هڪل ڪيائين تہ : خبردار! ڪير آهيو؟ تہ انهن بہ يڪدم جواب ڏنو تہ : اسين ازغيبي چور آهيون . هن بادشاهہ ۾ ڦري فقير ڪرڻو اٽئون ، چوتہ هي نڪي خيرات ٿو ڏي ۽ نڪي مال جي ڪا زڪواة ٿو ڏيي . چوڪر اهو ٻڌي ، از غيبي چورن کي چيو تہ : هي پيرو اوهين معاف ڪريو آئيندي جيڪڏهن هن خدا جي نالي خيرات نہ ڪئي تہ اسين خود بہ هن جي نوڪري نہ ڪنداسون . اهو ٻڌي هو ازغيبي شخص ويندا رهيا .

چوڪر پهرو ڏيندي محلات ۾ اچي ڏسي ، تہ هڪڙو نانگ آهي ، جو راڻيءَ کي کائڻ لاءِ تيار آهي . هن ڪيندئي ترار نانگ ماري ٽڪر ٽڪر ڪري ، راڻيءَ جي ڪٽ هيٺان ڏکي رکي ڇڏيو ، پر نانگ کي ماريندي ، زهر جو هڪڙو ڦڙو ، راڻيءَ جي گل تي وڃي ٻيو هو . هن چاڪيو جو ترار جي نوڪ کي ڪپهہ جو ٻڙو ويڙهي ان سان ڪٻي ورتو . پر راڻيءَ کي اوچتو سار ٿي ۽ اکيون کوليائين تہ چوڪر کي ويندو ڏنائين . ڪيس ڪ ٿي تہ ، چوڪر مونکي ڇڏي ڏيئي ٻيو وڃي ، سو يڪدم پنهنجي مڙس بادشاهہ کي خبر ڏنائين . بادشاهہ غصي ۾

پرجي ويو ۽ حڪم ڪيائين تہ صبح کان اڳ چوڪرن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي. جلاد اڃي حاضر ٿيا. انهن چوڪرن کي جهليو، پر هنن انهن کي چيو تہ: اسان کي حڪم قبول آهي، پر اسان جون بادشاهہ سان کي ڳالهيون آهن، اهي ڪرڻ ڏيو پوءِ پلي ڦاسيءَ تي چاڙهيو.

جلادن چوڪرن کي بادشاهہ جي خدمت ۾ پيش ڪيو بادشاهہ سخت ڪاوڙ مان پڇيو تہ: هنن کي هتي ڇو آندو اٿو؟ هي وڏا ڏوهاري آهن، هنن کي سنهنجي منهن تي نہ آڻيو. تنهن تي چوڪرن چيو تہ: بادشاهہ سلامت! اسان تي جيڪو ڏوهہ رکيو ويو آهي، سو نسورو ڪوڙ آهي. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان جيڪا بلا ماري، ان جي زهر جو ڦڙو اوهان جي راڻيءَ جي ڳل تي پيو، جو اسان اگهيو آهي ۽ اهو بہ ترار جي نوڪ سان. راڻيءَ کي اوچتي سار ٿي، جنهن شڪ ۾ اسان کي ڏوهي ٺهرايو آهي. تڏهن بادشاهہ پڇيو تہ: اها بلا ڪٿي آهي، جيڪا اوهان ماري؟ تڏهن هنن ڪٽ جي هيٺان ڏيکيل بلا جو بادشاهہ کي ڏس ڏنو. بادشاهہ هلي ڏٺو تہ برابر ڪٽ جي هيٺان نانگ ٽڪر ٽڪر ٿيو ڏيکيو رکيو آهي. بادشاهہ اهو سڀ ڪجهہ اکين سان ڏسي موٽيو تہ چوڪرن چيو: بادشاهہ سلامت! اسان جو ٻيو بہ عرض آهي تہ، پنهنجي خزاني جي جاچ ڪريو تہ جيترو اسان جي سنيال وقت هو اوترو آهي، يا گهٽ وڌ؟ بادشاهہ اهو بہ هلي ڏٺو، تہ خزانو اڻيئين کان بہ جهجهو پيو آهي. تڏهن چوڪرن عرض ڪيو تہ: بادشاهہ سلامت! اسين هاڻي نوڪري نہ ڪنداسون. ڇو تہ جتي بنا ڏوهہ جي ڦاسي اچي، اتي ٻيو ڪهڙو انصاف ملندو؟ بادشاهہ چوڪرن کي چيو تہ: غلطي کان الين ٿي ويو، وري الين ڪونہ ٿيندو. چوڪرا

بادشاهه وٽ رهڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر انهن مان سونين ڪيوٽين واري چوڪري بادشاهه کي چيو ته: اسين اوهان وٽ ٻن شرطن سان رهنداسون، هڪڙو ته منهنجي شادي ڪرائيندين، ۽ ٻيو ته خدا جي راهه ۾ خيرات ڪندين. بادشاهه هن جا اهي ٻئي شرط قبول ڪيا، ۽ چوڪر بادشاهه وٽ نوڪري ڪندا رهيا.

ٿوريئي وقت ڪان پوءِ بادشاهه چوڪرن جي محنت ۽ ايمانداريءَ ڪان ايترو خوش ٿيو، جو ڪيوٽين واري چوڪر کي پنهنجي نياڻي سان شادي ڪرايائين، ۽ ٻئي شرط موجب خدا جي راهه ۾ خيرات ڏيڻ ۽ زڪواة ڏيڻ لڳو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هن ڪان اڳ جيڪا سندس ملڪيت از غيبي لتجي ويئي هئي، سا خزاني ۾ واپس پهچي ويئي. بادشاهه نيٺ چوڪرن کي چيو ته: هاڻي توهين ڇاٽو ۽ خزاني جو ڪم، جيئن اوهان جي مرضي هوندي تيئن ٿيندو.

ڪيوٽين وارو چوڪر، شادي ڪرڻ ڪان پوءِ، ڪٽ تي پنهنجي ۽ زال جي وچ ۾ ڪنو رکي سمهندو هو. نيٺ زال پڇيس ته: ائين چو ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائينس ته: اسان وٽ اها رسم آهي ته ڪجهه عرصو ائين ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح هن کي ماڻ ڪرائي، ڪجهه وقت ڪان پوءِ بادشاهه ڪان موڪل گهرياٿين، ته هاڻي آڻون پنهنجي ملڪ ويندس. بادشاهه ڪيس خوشيءَ سان موڪل ڏني، پر هن کي هڪ سؤ اٺ خزاني جا ڀرائي ڏاڄ طور ڏنائين. هو اهي اٺ ۽ پنهنجو ياءُ ساڻ ڪري، اچي اتي نڪتو جتي پهرئين هو ٻئي پاڻ ۾ ملڻا هئا. اتي ڪيوٽين واري چوڪر ٻئي چوڪر کي چيو ته: ادا! هنن آڻن مان اڌ تنهنجو آهي، ۽ اڌ تنهنجي شاديءَ جو آهي ۽ منهنجي الله واهي اٿئي. چوڪرو واڙڻو ٿيو ته: هي الائي ائين چو ٿو ڪري. سو پڇيائينس

ت: ادا ڇو؟ هي ڇا ٿو چوين! تنهن تي ڪيوٽين واري پڇيس ت: تون مونکي سڃاڻين ٿو؟ چوڪر جواب ڏنس ت: آڻون توکي فقط ايترو سڃاڻان ٿو، ت تون مون سان هتي روئندي گڏيو هئين، ۽ پوء پاڻ ٻئي گڏ رهياسين، نوڪري ڪئيسين، ۽ تو شادي ڪئي. ڪيوٽين واري چوڪر چيس ت: ادا! آڻون اهو شخص آهيان، جنهن کي تو اڌ مڇي راهه خدا ڏني هئي. مون ڏٺو ت جڏهن انهيء ڳالهه تان تنهنجي پيءُ توکي ماريو، ۽ تون ڊپ ۾ وٺي پڳين، تڏهن توسان اڇي شريڪ ٿيس. هاڻي هيء عورت جيڪا مون وٽ آهي، سا تنهنجي آهي ۽ مال ملڪيت جو به تون مالڪ آهين... هاڻي پرتين ڏٺيء کي. ائين چئي ڪيوٽين وارو چوڪرو اڳتي هلي گم ٿي ويو.

مهاڻي جو چوڪر پوء زال ۽ هڪ سؤ اٺ خزاني جا قطاري اڇي گهر پهتو. سندس پيءُ ۽ ماءُ هن. کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ باقي حياتيء جو وقت مزي سان گذارڻ لڳا.

—✻—

۾ بادشاهه ۽ غريب شخص*

هڪڙو غريب شخص هوندو هو، جنهن پنهنجي شاديءَ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، مگر سندس مائٽن ڪٽان ۾ هن‌جي شادي نه ڪرائي. تنهنڪري ڪاوڙجي ملڪ ڇڏي ڪنهن پاسي اٿي هليو. هلندي هلندي نيٺ هو هڪ رڻ ۾ وڃي نڪتو. اتي سارو ڏينهن رليو، مگر هن کي ڪا به بستي نظر نه آئي. آخر شام جو هڪ تلاءُ ڏٺائين ۽ ان مان پاڻي پي اڃا وينو ته تلاءُ مان ۾ نانگ نڪتا، جي ٽورو اڳتي هلي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا. وڙهندي وڙهندي ٽڪجي ماندا ٿي پيا. انهن مان هڪڙو نانگ ڪنهن وهت جي آڻي ڇيٽي تي وڃي پيو ۽ خشڪيءَ ۽ آڇ کان ان جو رس چوسيندو رهيو، جنهنڪري ڪجهه سمت ۾ اچي ويو. پر پيو اڌڙو ماندو ٿي پيو جو چري به نه سگهيو. هي شخص ان تي رحم کائي تلاءَ مان پاڻيءَ جا ٻڪ ڀري ان جي وات ۾ وجهندو ويو. گهڙيءَ ڪن کان پوءِ اهو نانگ سرت ۾ اچي ويو ۽ اڌڙو ڪڙو تڙو ٿي پيو، جو تڪڙو ڊوڙي ڇيٽي چوسيندڙ نانگ تي حملو ڪري، ان کي ماري وڌائين. پوءِ ته اهو نانگ ليٽي پيٽي ماڻهوءَ جي صورت ۾ هڪڙو ناهوڪو جوان شهزادو بنجي پيو. ان غريب شخص کي سڏ ڪري چيائين ته: اي ادا! تو منهنجي جان بچائي آهي، سو تنهنجو احسان ڪونہ وساريندس. آڻون نانگ نه آهيان پر انسان آهيان، ۽ هي جيڪو نانگ ڏسين ٿو سو به

---

* هيءَ آڪاڻي وچولي (حيدرآباد شهر) مان زمرد شيخ ڪان ملي.

انسان آهي. اسين ٻئي بادشاهه آهيون. اسان جو پاڻ ۾ تڪرار هو، ۽ ڇيوسين ته لڙائي ڪري رعيت جو خون نه ڪرائيندا سون پر ان جي بدران پاڻ ۾ وڙهي، جيڪو به اسان مان سلامت رهندو سو ٻنهي بادشاهين جي بادشاهي ڪندو. هاڻي تون مون سان گڏجي هل ۽ وٺيئي ته مون واري تخت تي ويهه، وٺيئي ته هن جي تخت تي ويهي حڪومت ڪر!

پوءِ هي ٻئي ڇڙا گڏجي وڃي بادشاهيءَ ۾ پهتا. بادشاهه اتي پهچڻ سان پنهنجي پٽ جو سڳ هن کي ڏنو، پر شاديءَ وقت بادشاهه جي ماءُ هن کي چيو ته: جيڪڏهن تون اسان جا چار شرط قبول ڪندين، ته شادي ٿيندئي نه ته نه! اهي شرط هي آهن ته: تنهنجو جيڪو اولاد ٿيندو، سو توکي نه ڏيندا سين؛ ٻيو ته تنهنجي زال کي جڏهن سنيال ٿيندي تڏهين تون ٻي دائي نه آڻيندين، پر اهو ڪم آئون پاڻ ڪنديس؛ ٽيون ته ويم وقت تون هٽ ۾ ڪوبه لوهي اوزار نه ڪٽندين؛ ۽ چوٿون ته جيڪا بادشاهي منهنجي پٽ توکي ڏيئي ڪئي آهي تنهن تان هٽ ڪٽندين. هن اهي چار ئي شرط لاچار قبول ڪيا، پوءِ سندس شادي خير سان ٿي گذري.

ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ هيءُ شخص پنهنجو ڳوٺ ياد ڪري اوڏانهن وڃڻ لاءِ سنپريو. اها ڳالهه سس سان ڪيائين، اها ڪا جادوگرڻ هئي سو جادوءَ جي زور تي هن کي زال سوڌو پاڻ سان گڏ نيئي ڳوٺ پهچائي، پاڻ موٽي آئي ۽ هو اتي خوش گذارڻ لڳا.

نيٺ ٿوري گهڻي ڏينهين هن کي الله جي فضل سان پٽڙو ڄائو، جو هن جي سس اچي ڪٽي ويئي ۽ هو ارمان ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح وري هن کي ڏيءَ به ڄائي. اها به سسٽس

ڪٽي ويندي رهي. هن ڪي ماڻي ته ڏاڍي ڏکي ڳالهه لڳي، تنهن کان سواءِ ماڻهن به هن دي گهٽو ٽوڪيو. پر هي ويچارو شرط قبول ڪري چڪو هو، تنهنڪري ڪجي پڄي نه سگهيو. پر دل ۾ ڏاڍو پئي جليو. قدرت سان جڏهن هن ڪي ٽيون پيرو ٻار جمن وارو ٿيو، تڏهن هيءَ مات ڪري ٻي دائي وٺي آيو. مگر هن جي سس اوچتو اچي پهتي، جنهن دائيءَ دي ڏوڙائي ڪڍيو. آخر هن ڪي پٽ جائو پر انهيءَ ڪي پاڻ وٽ جهلي ويهي رهيو ۽ هٿ ۾ هڪ تڪي ڪاتي ڪٽي ويٺو. اتي ائين سمجهائين نه ڪا شيءِ منهنجي هٿ ۽ان اهو ٻارڙو پيئي ڪسي... تڏهن الر ڪري هن ان ڪي ڪاتي هنئين، ۽ هن ڪي ائين معلوم ٿيو جڏ ڪنهن شيءِ ۾ ڪاتي وهي ويئي. ايتري ۾ هو جان ڪٽي نهاري ته گهر ۾ زال سس سوڏي آهي ئي ڪانه ٻار به سان ڪٽي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويون.

پوءِ ته هي ويچارو اتي وري ساڻئي طرف پنڌ پيو، ۽ ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ مس مس وڃي ساڳئي تلاءِ تي پهتو. اتي اتفاق سان ساڳيو بادشاهه، جو شڪار جي خيال سان نڪتو هو، سو ڪيس مليو. جو هن ڪي آدرپاءُ ڪري ڳوٺ وٺي آيو، جتي هن پنهنجي زال ۽ ٽيئي ٻار صحيح سلامت ڏٺا. اها ڳالهه به معلوم ٿيس ته پاڻ جيڪا ڪاتي هٿئي هڻائين تنهن سسٽس جو پير ڪپي ڇڏيو هو، ۽ هوءَ ان ڦت کان چڙي چڙي مري ويئي هئي. نيٺ هو پنهنجي زال ۽ ٻارڙن کي ساڻ وٺي پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينهن مزي سان گذارڻ لڳو.

—❀—

ڏهن روپين جو خواب*

هڪڙو ڪاڦير ڪاڦين جي پري ڪنيو وات وڃيو پئي ويو، تہ رستي ۾ هڪ شخص گڏيس، جنهن چيس تہ: توکي هڪ سٽي شيءِ ڏيان، جي تون وڃين. ڪاڦير پڇيس تہ: اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ ان شخص چيو تہ: اهو آهي ڏهن روپين جو خواب، تون وڃندين؟ هن غريب وت هڻا ئي ڏهہ رپيا رکيل، سي ۽ ڪڍي ان کي ڏنائين، ۽ چيائين تہ: ادا! مونکي ڏي ڏهن روپين جو خواب. ان شخص چيس تہ: وڃ! ڏهن روپين جو خواب اڃئي. اڳئين زماني جا ماڻهو اهڙا ويساهي هوندا هئا، جو جيڪي ڪو چئي، ان تي اعتبار ڪري ويندا هئا. ائين چئي اهو شخص تہ وات وڃيو هليو ويو. ڪاڦير پنهنجي ڪرت ڪار ۾ مشغول رهيو.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب ڪاڦير ڪاڦين جي پري ڪنيو پئي آيو، تہ ڏسي تہ هڪڙي جوان، سهڻي ۽ سدا سلوڪ زال سندس پنڌان پيئي اچي، جنهن کي کيترا ئي سونا ڳهہ ڳڻا پيل هئا. ان عورت ڪاڦير کي چيو تہ: آڻون تو سان شادي ڪنديس. ڪاڦير چيس تہ: آڻون هڪ غريب ماڻهو، مون سان ڪيئن شادي ڪندينءِ! عورت جواب ڏنس تہ: تون رڳو قبول ڪر تہ شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهين! آخرڪار هن ڪاڦير قبول ڪيو ۽ پنهي پاڻ ۾ شادي ڪئي.

شاديءَ کان پوءِ ان عورت ڪاڦير کي چيو تہ: تون بادشاهہ

---

* هيءَ آکاڻي اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

وٽ وڃ ، ۽ وڃي ڏيس عرض ڪر ته ، آئون اوهان وٽ نوڪري ڪندس . ڪائير . زال جي چوڻ تي بادشاهه وٽ وڃي عرض ڪيو ، ۽ بادشاهه به ڪئي هن ڏي پاڻ وٽ نوڪريء ۾ رکيو .

هڪڙي ڏينهن ان عورت پنهنجي مڙس ڏي هڪ لوٽو ڏنو ۽ چيائينس ته: فلاڻي ڪوهه تان پاڻي جو ڀري آڻي ڏي . ڪائير لوٽو ڪڻي ان ڪوهه تي آيو ، ۽ اڇي ڪوهه ۾ وڌائين . ڏسي ته ڏيڏر ۽ نانگ آهن ، سي پاڻ ۾ پيا وڙهن . نانگ ڏيڏر کي ڪاڻ جي پيو ڪري ، پر ڏيڏر وارو ڏي نه پيو ڏئيس . ڪائير اهو حال ڏسي سمجهيو ته نانگ کي بک آهي ، جو ڏيڏر کي ورتو اٿس . تنهنڪري هن پنهنجي ستر مان ماس جو ٽڪرو ڪپي ڪڻي ڪوهه ۾ اڇلايائين ، جو نانگ کاڌو ، ۽ ڏيڏر کي ڇڏي ڏنائين . پوء هي لوٽو پاڻيء جو ڀري پنهنجي گهر موٽي آيو ۽ زال کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين .

ڪائير روزانو بادشاهه جي ڪچهريء ۾ ويندو هو . هڪ ڏاڙي هڪڙي شخص اچي چيس ته : مان تو وٽ نوڪر ٻيهندس . ڪائير ورندي ڏنيس ته : ادا ! آئون پاڻ نوڪر ماڻهو آهيان ، سو توکي نوڪر ڪيئن رکي سگهندس؟ هن جواب ڏنو ته ، آئون بنان پگهار جي تو وٽ نوڪري ڪندس . جنهن تي ڪائير لاچار ٿي هن کي پنهنجي در جو نوڪر ڪري رکيو .

هلندي هلندي بادشاهه کي معلوم ٿيو ته هن نوڪر جي گهر ۾ هڪ سهڻي عورت آهي . جنهن تي بادشاهه جي دل ۾ دغا ٿي ، ۽ ان لاء وزير سان صلاح ڪيائين . وزير بادشاهه کي صلاح ڏني ته هن نوڪر کي حڪم ڏيو ته سمنڊ مان خرزين سڄن موتين جي ڀري آڻي . پوء نه ڪي هن کان اهو ڪم ٿيندو ، نه کي واپس ايندو . ان ڪري سان هن کي باهر روانو ڪري ، اوهان

من جي گهر ۾ وڃي سگهو ٿا .

بادشاهه ڪي اها صلاح وڻي ۽ هڪدم ڪانير کي حڪم ڏنائين ته : سمنڊ تان سڄن موتين جي خرزين ڀري اڄ ! اهو حڪم ٻڌي هي گهر آيو ، ۽ اڇي منجي اونڌي ڪري ويهي رهيو . اهو ڏسي زال پڇيس ته : سيان . خير ته آهي؟ جواب ڏنائين ته : بادشاهه سلامت هيءُ ڪم رکيو آهي ، جو مون کان ٿي ڪين سگهندو . زال چيس ته: ڪوبه فڪر نه ڪر . وڃ ۽ وڃي بادشاهه ڏان موڪلائي اڇ ۽ ڪائنس ناٽو ۽ گهوڙو ب وڻي اڇ ، ۽ اهو انجام ب وڻي اڇ ته جيڪڏهن آئون هي ڪم پورو ڪري آيس ته مونکي ڇا انعام ملندو؟

ڪانير بادشاهه جي ڪچهري ۾ اڇي عرض ڪيو ته: بادشاهه سلامت ! آئون جي اهو ڪم ڪندس ، ته مونکي ڇا انعام ملندو؟ بادشاهه چيس ته: جي تون هي؛ ڪم ڪري آئين ، ته توکي اڌ بادشاهي ۽ وڏهر ڏيءَ جو سڱ ڏيندس. اهڙيءَ ريت بادشاهه ڪان انجام اقرار وڻي ، ڪانير پنهنجي گهر آيو . زال ڏيس سفر لاءِ تيار ڪري چيو ته: هيءُ پٽ اٽيئي جوکٽي وڃي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪر ، پوءِ هڪڙو ڏيڏر نڪري ايندو ، ان کي چٽجاءِ ته مونکي خرزين سڄن جي گهرجي. پاڻهي اهو ڏيڏر توکي بندوبست ڪري ڏيندو . ڪانير زال ڏان موڪلائي اهو پٽ سان کڻي ، گهوڙي تي چڙهي اٽي هليو . ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ سمنڊ جي ڪناري تي اڇي پهتو . بسم الله ڪري پٽ سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيائين ، ته ڏيڏر يڪدم اڇي حاضر ٿيو . ڪانير کي ڏسي چيائين ته : ڪو ڪم هجي ، ته بلاشڪ حڪم ڪر . ڪانير چيس ته : خرزين سڄن موتين جي گهرجي . ڏيڏر چيو ته: بس! ائين چئي، وڻي پنهنجن ڏيڏرن کي ڏاڪار ڪيائين ته هزارين ڏيڏر اڇي حاضر ٿيا . وڏي ڏيڏر سيني ڏيڏرن کي حڪم ڪيو ته: وڃو ، وڃي سمنڊ مان سڀن

ميڙي ڪڍي اچو. بس، حڪم جي دير هئي. ڏيڏر يڪدم سمنڊ ۾ هليا ويا ۽ پاڻ سان ڪيتريون سپون ڪڍي آيا، جن ۾ ايترا ته موتي هئا، جو هڪڙي خرزين ته چڏيو پر سوين ڳوڙيون ڪڍي پرجن.

هوڏانهن بادشاهه تيار ٿي هن جي گهر ڏانهن هليو. جڏهن ڪاڪير جي در وٽ پهتو ته اهو نوڪر، جو رکيو هئائين، سو اڳيئي ليٽي پيٽي نانگ ٻڍجي در جي چانئٽ ۾ ويهي رهيو هو. اڃا بادشاهه در وٽ آيو، ته نانگ ڏنگ هنيس، ۽ اتي جو اتي مري ويو.

ڪاڪير ويچارو موتي خرزين ۾ وجهي، ڏيڏر ڪان موڪلائي هلڻ تي هو، ته هن چيس ته: آڻون اهو ڏيڏر آهيان، جنهن ڪي تو ڪوهه ۾ نانگ ڪان چڏايو هو. هاڻي اهو ٿورو لٽو ۽ اسان جي السلام عليڪم! ڪاڪير موتي اچي ڏسي ته بادشاهه مري ويو آهي، ۽ تخت خالي پيو آهي. امير امراء سڀ انتظار ۾ وينا آهن. هي جيئن ايندو ويو، تيئن بادشاهي وعدي موجب هن ڪي ڪڍي بادشاهه جي ڏيءَ سان شادي ڪرايائون، ۽ تخت تاج جو مالڪ بنايائون. شادي ڪرڻ ڪان پوءِ، هي نهي ڪي بادشاهه ٿي وينو، ته ان نوڪر چيس: ادا! منهنجي الله واهي، آڻون هاڻي وڃان ٿو. آڻون اهو نانگ آهيان، جنهن ڪي توڪوهه ۾ گوشت جو ٽڪرو اڇلائي ڏنو هو. بس اڃا هي روانو ٿيو، ته هن جي اڳين زال اچي چيس ته: آڻون به هاڻي موڪلايان ٿي، چوته آڻون تنهنجو ڏهن روپين وارو خواب آهيان. هاڻي تون ٿئين بادشاهه، منهنجي به الله واهي! ائين چئي سڀئي هن ڪان موڪلائي رمندا رهيا، ۽ ڪاڪير ڏهن روپين ۾ بادشاهي هٿ ڪري ويهي رهيو.

—※※—

نوريئڙو شهزادو*

هڪڙو هو بادشاهه ، جنهن کي ست زالون هيون ، پر قدرت خدا جي، جو هڪڙيءَ راڻيءَ مان به اولاد ڪونه هوس. انهيءَ لاءِ گهڻي خير خيراتون ڪيائين ، پر ڪجهه به ڪونه ٿيس. بادشاهه کي انهيءَ فڪر اهڙو ته پريشان ڪري ڇڏيو جو کاڌ ڳالهه نه اچهيس. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪيس خبر پيڻي ته شهر ۾ فقيرن جي هڪڙي ٽولي آئي آهي. جنهن ۾ تمام ڪامل ۽ پهتل فقير آهن. بادشاهه ٻئي ڏينهن سهي سنبري فقيرن وٽ دعا گهرڻ لاءِ ويو ۽ هنن کي پنهنجي دل جو احوال ڪري ٻڌايائين. فقيرن دعا ڪيس ۽ چيائونس ته : اي بادشاهه ! تون هڪڙو سونو تير ڪمان ٺهرائي، صبح جو سوير پنهنجي باغ ۾ ڪٽي وچ ۾ وڃي انب جي وڻ ۾ اهو تير هڻ ، جيڪي انب هڪڙي ڦي تير سان ڪرن ، اهي هڪ هڪ ڪري وڃي پنهنجي راڻين کي ڪاراءِ.

بادشاهه موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو ۽ انهيءَ ڏينهن سونهي تير ڪمان تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنائين ، جو سانجهيءَ تائين ٺهي تيار ٿي ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ، بادشاهه اهو تير ڪمان کڻي پنهنجي باغ ۾ ويو ، ۽ انب جي وڻ وٽ اچي تير ڪمان ۾ ڪشي، بسم الله ڪري وٽي جو وڻ ۾ هنيائين ته قدرت سان تير لڳڻ تي وڻ مان ست انب پٽ تي ڪري پيا. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ست ئي انب آڻي ، هڪ هڪ ڪري پنهنجي راڻين کي

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي ميرپور ماڙيلي) مان "شور" خاڻپوري کان ملي

ڪائڻ لاءِ ڏنائين . سڃاڻ جو ننڍيءَ راڻيءَ کي جيڪو انب ملیو تنهن ۾ ڪو نوريڙو چڪ هڻي ويو هو . خير ، خدا جي مرضي سان سيئي راڻيون پيٽ سان ٿيون ، ۽ ڏهين مهينني ۾ ڇهن ئي راڻين کي پٽ ڄاوا ، پر سڀ کان ننڍي ستينءَ راڻيءَ کي نوريڙو ڄائو . بادشاهه ويچاري کي ڏاڍو عجب لڳو ، پر ربّ جي رضا کي ڪير نه سگهي . نيٺ ڇهه ئي شهزادا ۽ ستون نوريڙو ننڍا ٿي وڏا ٿيڻ لڳا ۽ اچي جوان ٿيا . ڇهئي شهزادا هر روز گهوڙن تي چڙهي ، پاڻ سان نوڪر ڇاڪر وٺي شڪار تي نڪرندا هئا ۽ نوريڙو به پويان پنهنجي ننهن جهنگل ڏانهن نڪري ويندو هو ، وڃي اتي مزا ڪندو هو ، ۽ جيڪو اتي ملندو هوس تنهن سان ويهي رهائيون ڪندو هو ۽ انهن سان يارائيون ڳنڍي ڇڏيائين .

هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير ، ڏهي سنيري ستئي پائر شڪار جي لاءِ نڪتا . هو ڇهئي پائر هڪ پاسي ويا ، ۽ نوريڙو ٻئي پاسي . نوريڙو اڪيلي وڏيو ته دوست هرڻ ڏنائين جو تکو تکو ڪنهن پاسي ڊوڙندو پئي ويو . نوريڙو به هن سان گڏجي اٿي هليو . هلندي هلندي گهمندي گهمندي ، هنن کي شام ٿي ويئي . تڏهن نوريڙي هرڻ کي چيو ته : يار ، اڄ ته مون سان گڏجي منهنجي گهر هل ! نوريڙي جو گهر به اتان ويجهو هو ، سو هرڻ هن سان گڏجي هن جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو . هوڏانهن سانجهيءَ جو هو ڇهئي پائر رلي آيا ، پر ڪوبه شڪار هٿ ڪونه لڳن ۽ خالي هٿين موٽي آيا . نوريڙي سان جو هرڻ ڏنائون سو اچرج ۾ پئجي ويا . بادشاهه ٻاهر نڪري آيو ، ۽ هنن کي هٿين خالي ڏنائين پر نوريڙي وٽ هرڻ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو .

ٻئي ڏينهن بادشاهه خيال ڪيو ته هاڻي پنهنجي پٽن کي شادي ڪرايان ، سو سڀني پٽن کان صلاح پڇيائين . ڇهن ئي

شهزادن هائو ڪئي. تنهن تي نوريڙي چيو تہ: آئون ب شادي ڪندس! بادشاهہ هنن ڇهن ئي پائرن ڪي خوبصورت شهزادين سان شاديون ڪرايون، باقي نوريڙي لاءِ هڪڙي ڪاڻي شهزادي وڃي بچي. نوريڙي اها شادي قبول نہ ڪئي، ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ: آئون پاڻهي ٿو شادي ڪري اچان. پوءِ نوريڙو پيءُ کان موڪلائي اٿي مسافريءَ تي نڪتو. هلندي هلندي هڪڙي بادشاهيءَ ۾ اچي نڪتو. اتي بادشاهہ جي محلات جي پڇا ڪري، سڌو وڃي اتي لٿو. جڏهن محلات ۾ اندر گهڙيو، تڏهن ڏٺائين تہ برابر بادشاهہ جي خوبصورت ڌيءَ وينيآهي. نوريڙي ب شهزاديءَ جي اڳيان وڃي ڏاڍي ادب سان سلام ڪيو. شهزادي جو نوريڙي کي ڏٺو سو حيران ٿي ويئي، ۽ پڇيائين تہ: تون ڪير آهين؟ نوريڙي ورندي ڏني تہ: آئون فلاڻي بادشاهہ جو پٽ آهيان، ۽ توسان شادي ڪرڻ آيو آهيان. شهزاديءَ جو اها ڳالهہ ٻڌي، سو هڪدم نوڪر ڊوڙائي پيءُ کي گهرايائين. ۽ پيءُ کي نوريڙو ب ڏيکاري سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائينس. بادشاهہ ٻڌي اچي ڪاوڙيو، ۽ نوريڙي کان پڇيائين تہ: ڙي! توکي ڪهڙي مجال جو شهزاديءَ کي ائين ٿو چئين؟ نوريڙي هڪدم شهزاديءَ ڏانهن نهاري، پاڪر جو اشارو ڪري چيو تہ: بادشاهہ سلامت! اڃهو هيئن. بادشاهہ اهو ڏسي اچي ڪاوڙيو، ۽ هڪدم نوڪر کي حڪم ڪيائين تہ هن کي جهلي وڃي رڌن جي واڙي ۾ ڇڏبو، تہ پلي ريڍون ڪرن سان ساري ڇڏينس. سپاهين هڪدم حڪم جي تعميل ڪئي ۽ هن کي جهلي اٿي روانا ٿيا.

سپاهي جيڏيءَ مهل نوريڙي کي واڙي ۾ ڇڏي ويا، تيڏيءَ مهل نوريڙو هڪدم اتان نڪري، سڌو پنهنجي يار ڳهڙ ڏي وبو. ڳهڙ نوريڙي کي ڏسي چيو تہ: اڇ ڙي يار نوريڙا!

ڪهڙو حال اٿئي؟ نوريڙي بگهڙ کي چيو ته : ٻيو سڀ ٺيڪ آهي پر اڄي مون سان هل ، تنهنجي لاءِ شڪار هٿ ڪري آيو آهيان. ٻوءِ بگهڙ کي ونڊي اڇي سڏو رڍن جي واڙي تي ٻيهاريائين. بگهڙ ٻ ڪيترن ڏينهن جو بکايل هو ، سو اڇي جو رڍن ۾ ٻيو ته نہ ڇڏيائين کا هڪڙي رڍ ... سڀ ماري ڪيائين سڀ ، ۽ ٻوءِ واپس نوريڙي کان موڪلائي هليو ويو. ٻئي ڏينهن نوريڙو سڏو بادشاهه جي دربار ۾ آيو. بادشاهه جو نوريڙي کي ڏٺو ، سو حيران ٿي ويو ۽ نوريڙي کان پڇيائين ته : اڙي ! تون وري ڪيئن بچي نڪتين؟ نوريڙي زبان مرڪائي ۽ وات سان چاهو ڏيڻي چيو ته ، بادشاهه سلامت! اجهو هيئن. بادشاهه هڪدم نوڪر واڙي ڏانهن ڊوڙايا ، جن وڃي ڏٺو ته رڳو رڍن جا هڏا پيا آهن. بس ٻوءِ ته بادشاهه وري حڪم ڪيو ته هن کي نيئي ٻڪرين جي واڙ ۾ وجهوس ته سڳن سان اوجهه ڪيي وجهنس! ڏسون ته اتان ڪيئن ٿو بچي سگهي؟ بادشاهه جي سپاهين هڪدم نوريڙي کي جهلي وڃي ٻڪرين جي واڙ ۾ وڌو. هوڏانهن سپاهين جو پٺ ڏيڻ ۽ نوريڙي جو نڪري بگهڙ ڏي وڃڻ. بگهڙ کي سڄي حقيقت ٻڌايائين. بگهڙ وري ٻ نوريڙي سان گڏجي واڙ تي آيو ۽ هڙئي ٻڪريون ماري ڪائي ڪپائي سڀ ڪري ويو. وري صبح جو نوريڙو بادشاهه جي محلات ۾ ويو ۽ وڃي بادشاهه کي ادب سان سلام ڪيائين. بادشاهه جو ڏٺو ته نوريڙو وري ٻ بچي آيو آهي ، سو سمجهيائين ته هي منهنجي جند ڪونہ ڇڏيندو. ٻوءِ شهزادي ۽ جي شادي نوريڙي شهزادي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪرايائين. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ ، نوريڙو شهزادو پنهنجي راڻي سميت بادشاهه کان موڪلائي پنهنجي وطن ڏانهن روانو ٿيو ۽ اڇي پنهنجي ملڪ ۾ پهتو. جتي ڏاڍي مزي سان گذارڻ لڳو.

—※※※—

شهزاد و ڪُنو *

هڪڙو بادشاهه هوندو هو، جيڪو ڏاڍو رحمدل ۽ انصاف وارو هو. ڪيس به راڻيون هيون، پر پنهي مان ڪوبه اولاد ڪونه هوس. بادشاهه انڪي پهر انهيءَ خيال ۾ گذاريندو هو ته اولاد کان سواءِ هي راج پاڻ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو! من ڪيترائي پير فقير، ولي ۽ درويش پيتيا، پر ڪٽان به من جي مراد پوري ڪانه ٿيس. رات ڏينهن انهيءَ ڳٽتيءَ ۾ گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻڌائين ته هڪ الله لوڪ درويش جو ٽولو هتان لنگهڻو آهي، سو هي به وڃي رستي تي ويهي رهيو. آخر فقيرن جو ٽولو آيو، جنهن ۾ ڪيترائي درويش هئا. پيا ته سڀئي درويش هن وٽان لنگهي ويا، پر هڪڙو درويش جو پويان هو، تنهن جي نظر وڃي بادشاهه تي پيئي، ۽ هن کان پڇيائين ته: بابا! تون هتي ڇو ويٺو آهين ۽ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟ بادشاهه درويش ڳي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته پنوڑي متيءَ جو سڪايل آهيان. اوهين درويش آهيو، اوهان جي دعا الله سائينءَ جي درگاهه ۾ قبول پيل آهي، مهرباني ڪري مونکي اهڙي ڪا دعا ڪريو جو منهنجي من جي مراد پوري ٿئي. فقير کي رحم اچي ويو ۽ کيس پنهنجو لکڻ ڏيئي چيائين ته: هيءَ ڪٽي وڃ، هو جو باغ ڏسين ٿو، ان ۾ انب جا وڻ ٻيا آهن، انهن مان هڪ وڻ کي لکڻ هٽج ته وڻ مان هڪ انب ڪرندو، اهو انب ڪٽي وڃي

---

*هيءَ آکاڻي ٽرهارکر (تعلقي چاچري) مان راڻچند کان ملي.

پنهنجي راڻيءَ کي ڪارائڻ . خدا ڪندو تہ توکي ان مان پٽ
ڄمندو ، ۽ تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي . هي ڏاڍو خوش
ٿيو . فقير ڪان لڪ ونڊي ، هن ڪان موڪلائي ، سڌو باغ ۾
آيو ۽ هڪڙي انب جي وڻ کي هنيائين ، تہ هڪڙو پڪل انب
اڇي پٽ تي ڪريو . اتي بادشاهہ خيال ڪيو تہ ، هي تہ هڪڙو
انب آهي ، هڪڙي راڻيءَ کي ڏينس تہ ٻي راڻي ڪاوڙ
ڪندي . تنهنڪري ڇونہ ٻيو دفعو ٻہ لڪ هڻان ، تہ ٻيو انب ٻہ
ڪري ، جو ڪٽي وڃي ٻنهي راڻين کي ڏيان ، تہ ٻئي راڻيون
ٻہ خوش ٿين ۽ مونکي ٻہ هڪ ڪان ٻہ پٽ ٿي پون . اهو خيال
ڪري وري ٻيو دفعو لڪ وڻ کي هنيائين تہ لڪ وڻ ۾
اٽڪي ٻيو ، ۽ هٿ وارو انب ٻہ وڃي وڻ ۾ ڇنڊيو . اتي ڏاڍو
پشيمان ٿيو ، پر هاڻي ڪري ڇا ؟ ٻيو ڪو حيلو وسيلو نہ ڏسي ،
وري درويش جي ڀڻيان لڳو . گهڻ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اڇي قافلي
کي ڀهتو . درويش سان سڄو احوال ڪيائين تہ : هڻڙيءَ طرح
اوهان جي چوڻ موجب ڏڪ هنيم ، تہ هڪ انب برابر ڪريو ،
پر سون لا لچ ڪئي ۽ ٻيو دفعو ٻہ لڪ هنيم تہ اڳيون انب ٻہ
وڃي واپس وڻ کي ڇنڊيو ۽ لڪ ٻہ وڻ ۾ اٽڪي ٻيو . هاڻي
مهرباني ڪري مونکي معاف ڪريو ، ۽ مونکي ٻہ راڻيون آهن ،
هڪڙيءَ کي انب ڏينس ، تہ ٻي ناراض ٿيندي سو مهرباني ڪري
ٻہ انب ملن ، تہ وڃي ٻنهي راڻين کي ڏيان . فقير چيس تہ : ڇڪو ،
انهيءَ باغ ۾ وڻ هيٺ وڃي ڏس ، تہ ٻہ انب ۽ لڪ ٻيا هوندا ،
سي ڪٽي وڃي ٻنهنجن ٻنهي راڻين کي ڪاراءِ . خدا ڪندو
تہ تنهنجي من جي مراد پوري ٿيندي . هي ويچارو فقير ڪان
موڪلائي واپس وريو ۽ سڌو باغ ۾ آيو . اتي ڏسي تہ فقير جي
چوڻ موجب انب جي وڻ هيٺ لڪ ۽ ٻہ انب ٻيا آهن ، سي

کڻي سڏو گهر آيو. محلات ۾ وڃي هڪڙو انب هڪڙي راڻيءَ کي ڏنائين، جنهن کائي چڏيو، ۽ بي راڻيءَ جا ان وقت وهنجي رهي هئي، ان جو انب ٽڪر جي ڪُنيءَ ۾ رکي چڏيائين.

بادشاهه به وڃي ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيو. راڻيءَ کي انب جي ڳالهه وسري ويئي، پر جڏهن ٻئي ڏينهن صبح جو ڪيس انب جي ياد گيري پيئي، تڏهن وڃي ڪُنو کڻي ڏسي ته انب جو پڪل هو، سو سڄو ڀري ويو آهي ۽ ان جو رس ٽڪر جو ڪنو ڇهي ويو آهي، ۽ باقي ان جو ڪجهه حصو، جو ڪنيءَ ۾ پيو هو، سو ڪرڙي کائي چڏيائين. ڏٺيءَ جي قدرت ڏسو جو نون مهينن بعد پهرينءَ راڻيءَ کي پٽ جائو. بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. چوڏاري واڌايون وري ويون، خوشيون ۽ شادمانا ٿيا، خزاني جا در ڏلي ويا، پٽ جون ديگيون چڙهي ويون، غريبن خوب کاڌو پيتو. ٻئي راڻيءَ جي پيتان ڪُنو جائو، جا ويچاري ڏاڍي غمگين ٿي.

شهزادو اڃ ننڍو سيان وڏو، ڪجهه وڏيرو ٿيو ته راند روند ڪرن ويندو هو، ۽ ڪنو به ويچارو ٽپڪيون ڏيندو باهر نڪري ويندو هو، ۽ پنهنجي منهن گهمي ڦري سوٽي ايندو هو. هوڏانهن پاڻس پلا بادشاهي ٻار، سڪي پني جائو، سو بلڪل دادلو هو، جنهنڪري ڪنهن کي ڏڪ ڪنهن کي بجو، هرڪنهن کي پيو مارندو هو، اصل سڄي شهر ۾ دانهن ڪيائي چڏيائين.

ڪنو هڪڙي ڏينهن گهمندو ڦرندو هڪڙي هنڌان اڇي لنگهيو، ته ڏسي ته کي ماڻهو وينا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن. هن به کسکي وڃي پاسو جهليو. اهي کي چور هئا، جي چوري ڪري واپس موٽيا هئا، ۽ مال پئي ورهايائون. مال ورهائي هڪٻئي کي چيائون ته: ٻيلي! هاڻي بک لڳي آهي، ڪو طعام تيار

ڪري، ڪائي پيٽ پرجي، پوءِ سيڪو پنهنجي وات وٺي. پر هنن وٽ رڌڻ لاءِ ڪو ٽاڻ ڪونہ هو. سيڏو بہ پاڻ سان ڪٽي آيا هئا. اتي ڏسن ڪٽي تہ پرسان ڪنو پيو آهي! چيائون تہ: ٻيلي واهہ! ڪنو پيو آهي، پلاءُ تيار ڪريو تہ ڪائي چڙهہ ڪريون. منجهائن ڪن باهہ ٻاري، ڪي ويا پاڻي پرڻ، ۽ ڪي وڃي پرسان هڪڙيءَ واڙ مان ڇيلو چورائي ڪٽي آيا. گوشت تيار ڪري پلاءُ رڌي، ڪنو لاهي هيٺ رکيائون تہ پلاءُ دم ڪائي تہ پوءِ ڪائينداسون، ۽ پاڻ وينا ڳالهيون ڪرڻ. ڪني ڏٺو تہ، هاڻي هي ڳالهين ۾ لڳا پيا آهن. سو اتان کسڪيو... ٽپڪيون ڏيندو اچي گهر پهتو. ڪجهہ دير کان پوءِ چورن چيو تہ، هاڻي اچو تہ پلاءُ کائون. جان ڏسن تہ ڪنو ڏهيئي ڪونہ! هيڏانهن هوڏانهن جاچ ڪيائون، پر ڪنو هجي تہ لهي! چيائون تہ: هتي تہ ماڻهو بہ ڪونہ آيو، پوءِ ڪنو ڪير ڪٽي ويو؟ هيڏانهن هوڏانهن پير نهاريائون، پر پير هجن تہ ڏسن! صبح بہ ٽيڙ وارو هو. هي ڪني جي پچر چڏي هليا ويا. ڪنو گهر پهتو. راڻي ڏک لاهي ڏنو تہ پلاءُ سان پريو پيو آهي، سو ٻيءَ راڻيءَ کي بہ خبر ڪيائين تہ: ادي! ڏس، تون ڪلندي هئينءَ تہ سونڪي پٽ جائو آهي ۽ توکي ڪنو جائو آهي، اهو توکي ڪهڙي ڪم ايندو! تنهنجو پٽ بہ ڏس، دانهن ڪيائي چڏي اٽس، ۽ منهنجو پٽ ڏس، سون لاءِ پلاهہ ڪٽي آيو آهي! پوءِ تہ ٻنهي ڳڏجي وڃي پلاءُ ڪاڌو، ۽ باقي بچت ٻانهين کي ڏنائون.

ٻئي دفعي ڪنو گهران نڪتو، گهمندو ڦرندو هڪڙي شاهوڪار جي گهر آيو ۽ وهنجڻ جي جاءِ وٽ ويهي رهيو. ڪجهہ وقت گذريو تہ شاهوڪار جي ڌيءَ وهنجڻ لاءِ اتي آئي.

خيال ڪيائين تہ زيور لاهي رکان ، پر متان ڪو وسري وڃي يا وڃائجي وڃي ، تنهنڪري چو نہ هن ڪنهن ۾ رکي ڇڏيان . اهو خيال ڪري پنهنجا سڀ سونا ۽ هيرن ۽ موتين سان جڙيل زيور ڪٽي لاهي ڪنهن ۾ رکيا ، ۽ پاڻ وهنجڻ جي جاءِ ۾ گهڙي . هن جي وڃڻ کان پوءِ ڪنو ٻ ٽپڪيون ڏيندو سڏو اچي گهر پهتو . امير زادي ڪپڙا پاتا . ڪپڙا پائي پانيائين تہ زيور پايان ... ڏسي ڪٽي تہ ڪنو نهيئي ڪونہ ! هيڏانهن هوڏانهن جاچيائين پر ڪنو نہ لڌو . تنهن ويچ ۾ ڪنو وڃي گهر پهتو . ماءُ جان ڪٽي ڏک لاهي ڏسي تہ هيرن ۽ موتين سان جڙيل سونن زيورن سان ڀريو پيو آهي ! ڏاڍي خوش ٿي . ٻيءَ راڻيءَ سان ٻ ڳالهہ ڪيائين تہ : ادي ! منهنجو پٽ جام ڪمائي آيو آهي . آها ٻ اچرج ۾ پئجي ويئي . اتي البت حسد ٿيس ، پر ٻاهريون ٻنو رکي ، خوش ٿي هن کي مبارڪ ڏنائين .

هڪڙي ڏينهن ڪنو گهمندو ڦرندو ، ڪنهن ٻئي شاهوڪار جي گهر پهتو . اتي برسات ٻ اچي پيئي . ڪنهي خيال ڪيو تہ برسات بند ٿئي تہ پوءِ گهر وڃان . سو ويچارو هڪڙي جاءِ جي وراندي ۾ ويهي رهيو . شاهوڪار جي ننڍي چوڪري کا دادلي هئي ، جنهن اچي ڪنهن شيءِ تان ڪيتو ڪيو . ماءُ ڪيترو ئي سمجهايس ، پر چوڪري مان ئي نہ ڪري . ماٽس ٻ ڪيس ڏتاري ڏتاري اچي ڪڍ ٿي ، سو چوڪريءَ کي ڪٽي ڪنهي ۾ وجهي ، متان ڏک ڏيئي ڇڏيائينس . ڪنهي ٻ ڪيون ڏيئي گهر جو رخ رکيو . ڪجهہ وقت بعد شاهوڪار جي زال ڏنو تہ چوڪريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي ۽ مان ڪٽي اٿس ، هاٿي ڪيس ڪنهي مان ڪيان . اهو خيال ڪري ڪوئيءَ مان آٿي وراندي ۾ ويئي . آتي ڏسي تہ ڪنو

آهي ٿي ڪونہ! هيڏانهن هوڏانهن جاچ ڪيائين ۽ پر ڪنو نہ لڏو. نيٺ پنهنجي مڙس سان ڳالهہ ڪيائين. سيني ڏاڍي ڳولا ڪئي پر ڪنو نہ لڏو.

هوڏانهن ڪنو اچي گهر پهتو. ماڻس جا اڳئي هريل هئي، تنهن خيال ڪيو تہ اڄ بہ منهنجي پٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور آندو هوندو، سا آڻي ۽ ڪني جو ڏڪ لاٽائين. چا ٿي ڏسي تہ اندر هڪ تمام حسين چوڪري ويٺي آهي، جنهن کي ڪڍي باهر ويهاريائين ۽ خيال ڪيائين تہ اها هن کي پرٽائيندیس.

اها خوشخبري ٻڌي راڻيءَ کي ٻڌايائين تہ: اڄ منهنجو پٽ زال وٺي آيو آهي. اها بہ ڏسڻ لاءِ آئي. ظاهري تہ خوشي ڏيکاريائين پر اندر ۾ سڙي ويئي، تہ مار! هن ڪنيءَ تہ ڪري گذاري. روز روز ڪجهہ نہ ڪجهہ آڻيو ڏي ۽ منهنجي پٽ تہ اٽلو گلا ڪيائي ڇڏي آهي. ڪيس ڏاڍو حسد ٿيو ۽ خيال ڪيائين تہ وجهہ وٺي، ڪنيءَ کي ڀڄي باهر اڇلائي ڇڏيان.

پوءِ تہ ويهي هوءَ ڪنيءَ کي ڀڃڻ جا پور پچائڻ لڳي. ڪنو بہ هميشہ پنهنجي ماءُ سان پٽ پيو هلندو هو، ۽ سدائين هن جو گوڏو وٺيو ويٺو رهندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪنو ڪوٺيءَ ۾ ويٺو هو، ۽ ماڻس باهر ڪنهن ڪم هاڻ ۾ لڳي ويئي هئي. ساڻ ڪاڏي راڻيءَ سمجهيو تہ، ڪنيءَ جي ماءُ ڪنهن ٻئي پاسي ويل آهي ۽ اڄ ڪيس ڀڃڻ جو پورو موقعو آهي، سو وڃي لٽ ڪٽي آئي، ۽ ڪوٺيءَ ۾ گهڙي، جهڙو آر ڪري پاڻيائين تہ ڪنيءَ کي لٽ هٽي پيڃان. تهڙو ڪنيءَ وٺي رڙيون ڪيون. رڙين جي آواز تي ماڻس ڏکري آئي ۽ ڏسي تہ ٻي راڻي لٽ ڪنيو ٻيٺي آهي. يڪدم لٽ هن جي هٿ مان



... 'سارڻ کاڏي راڻي اُٺ ڪري آڻي، پانيائين ته ڪُني ڪي لٽ هڻي پيچان؛ تهڙو ڪُني ولي رڙيون ڪيون، جنهن تي ڪُنهي جي ماءُ اچي سهڙي'... - ص ١٠٠

کسیائین ، پوء اها خبر وڃي بادشاھ سان ڪيائين. بادشاھ اھا ڳالھ ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو. ھو تہ انصاف وارو ھو ، تنھن ڪڏھن راڻيءَ کي گھرايو ۽ ڪانئس سڃي ڳالھ پيرائتي پڇي. راڻيءَ قبول نہ ڪيو. بادشاھ وري ٻانھين کان پڇيو ، جن سڃي ڳالھ سربستي ڪري ٻڌايس. تڏھن لاچار راڻيءَ ٻہ قبول ڪيو. بادشاھ سڃي ڳالھ ٻڌي سمجھي ويو تہ ڳالھ برابر سچي آھي ۽ جيڪڏھن گھر ۾ انصاف نہ ڪيم تہ ٻاھر رعيت ۾ ڪھڙو انصاف ڪري سگھندس! اھو خيال ڪري حڪم ڪيائين تہ راڻيءَ کي اھو ڪنو مٿي تي ڏيئي ، سڃو ڏينھن سڃ جي ساھون آس ۾ ٻيھاري ڇڏيو. بس حڪم جي دير ھئي... راڻيءَ ڪٽي ڪنو مٿي تي ڪنيو ، ۽ سڃ ڏانھن منھن ڪري آس ۾ ٻيھي رھي. پوء سڃو ڏينھن ڪنو راڻيءَ جي مٿي تي ويٺو موج ڪندو رھيو. ھن جي ماءُ اھو ڏينھن ھن کي ماني ٻ اٽي ڪارائي ، وھنجاريائينس سھنجاريائينس ٻ اتي. مطلب تہ ساڻ ۾ سڙيل راڻيءَ جا برا حال ھٿا. سڃو ڏينھن دون چاڑھيو ، چپ ٻولا ڪيو ، آس ۾ ٻيٺي رھي... ۽ منھن ڪاراڇجي دانگي ٿي ويس.

ان ڏينھن کان پوء بادشاھ حڪم ڪيو تہ ھاٿي جيڪا ٻ مائي ٻئي ڪنھن جي ٻار تي ساڻ ڪائيندي ، تہ ان جو ٻ اھو حال ٿيندو. بادشاھ جي اھا ڳالھ پوء عام ٿي ويئي ، ۽ ملڪ ۾ چوڏاري ھن جي انصاف جي ھاڪ ٻڌجي ويئي.

—✻✻✻—

نولُو جاگِدا جوان*

هڪڙو هو بادشاهہ ، جنهن کي ست راڻيون هيون ، پر کنهن سان اولاد ڪونہ هوس . گهڻئي پير فقير پچايائين ، پر ڪٿان ب سندس اميد پوري نہ ٿي . نيٺ خيال ڪيائين تہ اولاد کان سواءِ هيءُ بادشاهي ڪهڙي ڪم جي ؛ سو تخت تاج چڏي ، هڪڙي ٽوائي تي اونڌي منجي ڪري وڃي سمهي رهيو . هڪڙو ڏينهن خدا جو ٿيو ، جو فقيرن جو هڪڙو ٽولو اتان اچي لنگهيو ، پيا تہ سڀ فقير هن کي اورانگهي هليا ويا ، پر انهن ۾ هڪڙو تمام جهور پوڙهو فقير ، جنهن جا پنڌ ب اڇا ٿي ويا هئا ، سو اچي هن جي منجي وٽ بيهي رهيو ۽ چيائينس تہ : جنّ هجين يا انسان ، اٿي فقير کي رستو ڏي ! بادشاهہ جواب ڏنس تہ : فقير ! جيئن پيا فقير لنگهي ويا آهن ، تيئن تون ب اڪري وڃ . جنهن تي فقير وراڻيس تہ : اي شخص ، مون پنهنجي جمار ۾ اڪ ڏٺي ماکوڙي ب نہ لتاڙي آهي ، سو تو انسان کي ڪيئن اورانگهيندس ! بادشاهہ جواب ڏنس تہ : فقير سائين ، آئون دل ۾ هڪڙي مراد رکي هتي اچي ستو آهيان ، هاڻي جيسين اها مراد پوري نہ ٿيندي تيسين نہ اٿندس . فقير ڏٺو تہ هي شخص ڪونہ اٿندو ، اورانگهڻو ب ڪونهي جو سڄي عمر جي

---

* هن آکاڻيءَ جو مدار پنجن روايتن تي آهي ، جي وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل ۽ محمد صالح سڀي ، لاڙ (تعلي بدين) مان محمد سومار شيخ ۽ اتر (ڪڙ ۽ آباوڙي تعلقن) مان احمد خان "آصف" ۽ فاضل قائمي کان مليون .

عبادت ۾ ٿي ويندي. تڏهن لاچار ٿي چيائين ته: چڱو پلا ٻڌاءِ ٽهنجي من جي مراد ڪهڙي آهي؟ جنهن تي بادشاهه پنهنجي ڳالهه ڪري ٻڌايس. فقير ڳالهه ٻڌي چيس ته: بس، ڳالهه ٻ اها، چڱو اٿي ڪڙو ٿي؛ سپاٽي صبح جو اٿي، وهنجي سهنجي تير ڪمان کڻي، پنهنجي باغ ۾ وڃ ۽ بسم الله ڪري، انب جي وڻ هيٺ ڏک هڻ، جي ست انب ڪريا ته ست پٽ ۽ جي ست پن ڪريا ته ست ڏيون جمندءِ. فقير جي اها ڳالهه ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ يڪدم اٿي فقير کي رستو ڏنائين، جو پنهنجي راهه وٽندو رمندو رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سويرو، بادشاهه تڙ قليل ڪري، تير ڪمان کڻي سڌو باغ ۾ آيو. بسم الله ڪري انب هيٺ ڏک هڻائين، ته خدا جي قدرت سان ست انب اڇي هيٺ ڪريا، جي بادشاهه کڻي هڪ هڪ ڪري، وڃي ٻڌجي راڻين کي ڏنا. جهن جڻين ته اهي يڪدم کائي ڇڏيا، پر ستين راڻي، جا سڀني ۾ ننڍي هئي، تنهن چيو ته: آئون وهنجي سهنجي پوءِ کائيندس. سو انب کڻي وڃي هڪڙي جاري ۾ رکي ڇڏيائين. راڻي وهنجي سهنجي پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي ويئي، ڪيس انب واري ڳالهه دل تان ئي وسري ويئي. تان جو مٿان اڇي رات ٻئي، ۽ راڻي وڃي آرامي ٿي. قدرت خدا جي اهڙي ٿي، جو هڪڙو نوڙو جاري تي رکيل انب ٽڪي کائي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽنڊي راڻي آڻي ڪنهن ڪم سان جاري ڏانهن ويئي، ته انب ڏنائين پر ٽڪيو پيو هو. بادشاهه جي حڪم موجب کائڻو ضرور هوس، تنهنڪري ٽڪي ڪنهن کي ٻڌايائين ٽڪي سڏايائين ۽ مانڙي ڪري اهو ٽڪيل انب کائي ڇڏيائين. فقير جي چوڻ موجب ستئي راڻين کي اميدواري

ٿي. بادشاهه جي سڄي عمر جي اميد پوري ٿي هئي، سو غريب غربي کي ڏئي ڇڏيائين. آخر ڏينهن پڻيان راتيون ٿيندي وقت پنهنجي مُداء تي گذرڻ لڳو، تان جو اچي نو مهنا پورا ٿيا. سيني راڻين هٿ پير لڏا، بين ڇهن راڻين کي ٿ برابر پٽ ڇاوا پر ويچاري ننڍي راڻي، جنهن ٽڪيل انب کاڏو هو، تنهن کي هڪڙو نولو ڇائو بادشاهه ۽ راڻي، ڏٺئ جو گجهه سمجهي سندس رضا تي راضي رهي، مات ڪري ويهي رهيا.

جڏهن ٻيا ڇهه شهزادا نڇڻ لڳا، تڏهن شهزادو نولو ٻ لاڏ ڪوڏ سان پلڇڻ لڳو. خير خدا جي حڪم سان شهزادا اڄ ننڍا سياڻي وڏا، نيٺ اچي لائق ٿيا. هڪڙي ڏينهن ڇهنئي شهزادن ٻيءَ کي چيو ته: بابا سائين! اسان کي ڇهه پلا گهوڙا ۽ ڇهه تير ڪمان ڏيو ته شڪار ڪري اچون. گالهه ڪرڻ جي دير هئي گهڙيءَ ڪن ۾ گهوڙا ۽ گز ڪمانون اچي ويا. نولو جو پائرن کي شڪار تي ويندو ڏٺو، سو ڊوڙي ماءُ وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته: اما، ٻيا شهزادا شڪار تي پيا وڃن، مونکي ٻ هڪڙي ٻلي ۽ گز ڪمان ونئي ڏي ته آڻون ٻ پائرن سان گڏ شڪار تي وڃان. ماڻس کي ڏاڍو عجب لڳو ته چا لڳي نولو، چا لڳي شڪار! سو ڪيس گهٽوئي سمجهايائين پر هيءَ نه مڙيو. لاچار ماڻس هڪڙي ٻلي. ڪاڻيءَ جي ڪمان ۽ چرخي جي ٽڪ جا تير ٺهرائي ڏنس، جي هو چيلهه سان ٻڌي، ٻليءَ تي چڙهي اچي پائرن سان گڏيو.

پائرن جو هن کي ائين ٻليءَ تي ايندو ڏٺو. سي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پيا. آخر پڇيائونس ته: ادا نولو. ڪيڏانهن؟ چي: توهان سان شڪار تي. هنن خيال ڪيو ته هي هاڻي اسان جو شڪار ڦٽائيندو. تنهنڪري چيائونس ته: ميان نولو،

ساجهر ئي گهر موٽي وڃ ، هتي ٽنهنجي جاءِ ناهي . پر هيءَ چئي ته ، آئون اصل ڪونہ موٽندس . شهزادن ڏٺو ته هيءَ واپس نہ ٿو وڃي تڏهن مار جا ڏڪا ڏنائونس . اتي نولوءَ خيال ڪيو ته راهہ گناهہ مار ۽ ڪاڻي ڪانهي ، ڇو نہ لڪي لڪي هنن جي پٺيان هلان . سو چيائين ته : ادا ، جي توهان جي اها صلاح آهي ته آئون موٽي ٿو وڃان . جنهن تي شهزادن کيس شاباس ڏني ۽ دلاسو ڏنائونس ته موٽندي ٽنهنجي لاءِ تمام سٺيون شيون وٺي اينداسين . ائين چئي هي ڇهئي ڀائر گهوڙا ڊوڙائيندا هڪ پاسي روانا ٿي ويا . نولو ۽ سندن پٺ ڪانہ ڇڏي ۽ لڪندو لڪندو هلي ڊوڙائيندو هنن جي پٺيان هلڻ لڳو .

ڪاهيندي ڪاهيندي هي ڇهئي ڀائر ۽ ستون نولو اڇي هڪڙي رڻ پٽ ۾ پيا . اتي هنن کي سڄ لهي ويو ، سو رستو منجهي ويهي رهيا ته ڪيڏانهن هلجي . اوچتو سندن نظر وڃي هڪڙي ٻيڙيءَ تي پئي جنهن ڇيٽا پئي چونڊيا . هي ۽ گهوڙا هڪلي اڇي پوڙهيءَ وٽ پهتا ، جا کين ڏسي پهرين کلي ۽ پوءِ وري روئڻ لڳي . اتي شهزادن پڇيس ته : پوڙهي خير ته آهي؟ تون اسان کي ڏسي پهرين کلئين ، ۽ پوءِ رئين ، تنهن جو ڪهڙو سبب؟ پوڙهيءَ وزندي ڏنين ته: ابا ، رئيس انهيءَ لاءِ جو اوهين جنهن پاسي وڃو پيا ، اتي ڏاڻيون رهندیون آهن ، جي اوهان کي کائي ڇڏيندیون ، ۽ ڪليس انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن سون وٽ رات رات ٽڪندا ته ڏاڻين کان بچي ويندا .

ڏاڻين جو ٻڌي شهزادن کي اڇي ڊپ ورايو . سو پوڙهيءَ کي چيائون ته: مائي! اسان کي کهڙي ڪٽيءَ ڪنيو آهي ، جو ڏاڻين ڏي وڃون! گاڏو خوراڪ اسان وٽ آهي . باقي رات جا چار پهر گذاري صبح جو موٽي ويندا سين . پوءِ پوڙهي کين پاڻ سان گڏ وٺي ويئي .

مڃاڻ اها پوڙهي ڪا وڏي ڏاڻ هئي. جيڪو ماڻهو انهيءَ پٽ ۾ ايندو هو، تنهن سان ساڳيو ٿيندو هو. پاڻ وٽ رهائي چڏيندي هئي، ۽ اڌ رات جو ان کي ڪائي چڏيندي هئي. انهيءَ ڏاڻ کي ڇهه ڏيون ۽ هڪڙو پٽ هو، جي سائس گڏ رهندا هئا، اهي به ماءُ وانگر ماڻهن کي ڪائيندا هئا. پوڙهيءَ جڏهن شهزادن کي وٺي آڻي جاءِ ۾ ويهاريو، تڏهن نولو به سندن پٽ وٺي، هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پنهنجي ٻليءَ کي ٻڌي لڪي ويهي رهيو. هيءُ تمام ننڍڙو هو، تنهنڪري نڪي ڏاڻ ڏٺو ۽ نه وري پائرن کي خبر پئي. هنن کي پڪ هئي ته نولو سمجهي ويو. شهزادا پنهنجا گهوڙا ڪڙهه ۾ ٻڌي ڏاڻ جي گهر ۾ گهڙيا، ڇا ڏسن ته سبحان الله ڇهه سهڻيون سدا ملوڪ ڇوڪريون ويٺيون آهن. اهو ڏسي دل ۾ ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ ويهي رهاڻ ڪرڻ لڳا. نولو ڪنڊ مان سمورو لقاءُ ويٺي ڏٺو. اوچتو سندس نظر هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ وڃي پئي جتي ماڻهن جون سريون پيون هيون. اتي پڪ ٿيس ته هاڻي پائرن جو خير ڪونهي، پر انهن کي بچائڻو به ضرور آهي، سو ڇا ڪيائين جو جاءِ جي منگهه ۾ لڪي ويهي رهيو. رات جو پوڙهي هنن گي هنڊ ڪٽون وڃائي ڏنيون. هي ڇهئي ڄڻا سڄي ڏينهن جا ٿڪل هئا، تنهنڪري ليٽڻ سان ئي ننڊ ڪٽي وين. پر نولو کي ننڊ ئي نه نه پئي اچي، ۽ ڏسي ته پوڙهي پئي پاسا ورائي. آخر اڌ رات جو پوڙهي اٿي ويٺي ۽ هڪ وڏي ڪاتي ڪٽي تڪي ڪرڻ ويٺي. اتي نولو کي پڪ ٿي ته پائر ٿا ڪسجن، سو اتان ويٺي ويٺي چيائين ته:

ڪاتي نه ڪاڪاءَ، نولو جاڳندا جوان.

پوڙهي اهو از غيبي آواز ٻڌي حيران ٿي ويئي. هيڏانهن

هوڏانهن نهاريائين پر ڏسڻ ۾ ڪجهہ نہ آيس. تنهنڪري وري ڪاتي تڪي ڪرڻ لڳي. تڏهن وري ٻہ نولو چيس تہ :

ڪاتي نہ ڪلڪاءِ، نولو جاڳڊا جوان.

اتي پوڙهيءَ ڳي اچي ڊپ ورايو تہ هيءَ الاجي ڪهڙي از غيبي آفت آهي، جا هر هر پئي ڊيڄاري، ۽ اهو ڊپ ٿيس تہ متان شهزادا جاڳي پون، تنهنڪري ڪاتي رکي وري وڃي ليٽي پئي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ وري اٿي، آهستي آهستي ڪاتي تڪي ڪري، پير پير ۾ ڏيئي ڪڙهہ ۾ ويئي، جتي ڇهن ئي گهوڙن ڪي ڪهي، وري اڇي سمهي رهي. اتي ڏائڻ جي ٻاهر وڃڻ تي نولو خيال ڪيو تہ مهل اها آهي، سو چا ڪيائين جو پائرن جي متان چادرون پيل هيون. سي لاهي، ڏائڻ جي ڇهن ئي چوڪرين تي وڃهي ڇڏيائين، ۽ انهن جون ميريون چادرون لاهي پائرن تي وڌائين. ائين چادرون متائي، پاڻ چپ چپ ڪري واءُ سواءُ لهڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. ڏسي تہ، مار پوڙهي گهوڙن ڪي پٽي ڪهي! پوڙهي گهوڙا ڪهي، انهن جا ڪن ڇڪي، ڪڏ ڪوٽي پوري ڇڏيا، پوءِ موٽي اچي ليٽي پيئي ۽ ڪوڙا ڪونگهرا هڻڻ لڳي. ٿوري وقت ڪان پوءِ وري اٿي ۽ ڪاتي ڪڻي اچي نين چادرن وارن متان ٻيٽي، ڪيس اها خبر هئي ڪانہ هئي تہ اتي شهزادن جي بدران سندس ڏيئرون ستيون پيون آهن! هن ٿورو وقت ترسي ڪجهہ پڙهي ڇوڪاريو ۽ پوءِ يڪدم ڪاتي ڪڍي، هڪڙي هڪڙي جي سري لاهي، پر ۾ پيل ڪُنڊلي ۾ وڃهي وڃي سمهي رهي. انهي لڳاءُ ڏسڻ ڪان پوءِ نولو خيال تہ جيڪڏهن پائرن ڪي هوشيار نہ ڪندس تہ صبح جو پڪ هيءَ ڏائڻ ڪاوڙجي ڪين ماري ڇڏيندي، سو سيني ڪي رهندڙا هڏي اڌارڻ لڳو. پائر ڪيس

ڏسي ڏاڍا ڪاوڙيا، پر نولو اشاري سان سمجهائي، ڪين وٺي آڻي ڏائڻ جي ڪنڌ ڏيئرن مٿان ٻيهاريو. پوءِ اتان وٺي ڪڙهم ۾ آيو، جتي سندن گهوڙا ۽ ڪنا پيا هئا. اها حالت ڏسي شهزادن کي عجب لڳو، ۽ هن کان سڀ خبر چار پڇيائون؛ جنهن تي نولو کين سموري خبر ٻڌائي، ۽ چيائين تہ: مهل اها اٿو، پڇو تہ پڇون، نہ تہ خير ڪونهي. شهزادن کي ٻہ اڇي سر سان لڳي، سو وٺي ڪڙين تي زور رکيائون. نولو ٻہ سندن ٻنيان پنهنجي ٻلي ڏوڙائيندو پئي ويو.

هوڏانهن صبح جو سوير ڏائڻ جو پٽ اٿيو ۽ دستور موجب ماءُ کي چيائين تہ: اما، سيري. ماءُ چيس تہ: مٺا، ڏاريو آهين چا؟ گندلي ۾ پيون اٿئي. چوڪرو ويو ۽ گندلي ۾ هٿ وجهي سسي کڏي کٽي ڏسي تہ سندس پيٽ! سو رڙ ڪري چيائين تہ: اما، ادين جون سسيون! ماڻس ٻہ ننڊ جي خمار ۾ هئي، سو ورندي ڏنائينس تہ: اهي پاڻهي اٿي کائيندیون، تون پنهنجي پتيءَ جي هڪڙي سسي کٽي کاءُ. چوڪري ڏنو تہ اما ڳالهائي ڪانهي سمجهي، تنهنڪري هڪڙي سسي کٽي وڃي کيس ڏيکاريائين، جا ڏسي پوڙهي ڏائڻ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويئي ۽ وٺي رڙيون ڪرڻ لڳي. بس پوءِ تہ چوڪري کي بغل ۾ کٽي واءُ مينهن ڪندي اٿي شهزادن جي پويان لڳي. ڪجهہ پنڌ ڪان پوءِ اڇي هنن کي پهتي. شهزادن ٻہ هن کي ڏٺو، سي ڊپ ۾ هڪڙي وڻ تي چڙهي ويا ۽ نولو ٻلي تان لهي، وڻ جي هڪڙي پور ۾ ويهي رهيو.

ڏائڻ چا ڪيو جو چوڪري کي هيٺ ڇڏي، پاڻ تڪڙي تڪڙي وڻ تي چڙهڻ لڳي. اتي نولو ڏنو تہ هاڻي پائڙ جو خير ڪونهي، سو چا ڪيائين جو وڻ جي پور مان نڪري،

چوکري کي زور سان چنبا هڻڻ لڳو، چوکري وٽي رڙيون ڪيون ۽ ماءُ کي سڏڻ لڳو. ماٽس، جا اڌ وڻ چڙهي ويئي هئي، پٽ کي جو رڙيون ڪندي ڏٺائين، سا يڪدم هيٺ لهي آئي. ايتري ۾ نولو وري به پور ۾ گهڙي ويو. ڏاڙهو پٽ کان رڙين جو سبب پڇيو. چوکر ٻڌايس ته: ههڙيءَ طرح هن پور مان هڪڙي نولو نڪري مونکي چنبا هنيا. ماٽس چيس ته: ٻيهر ته اهو پورو ڪري ڏيئين. سو آن پور ۾ نهارڻ لڳي. نولو به انهيءَ کي موقعو سمجهيو، سو چيلهه مان تير ڪمان ڇوڙي، تير ڪشي نڪاءُ جو ڪٽي ڪيائينس ته هڪڙي اک نڪاءُ ڏيئي وڃي ٻاهر پيس، بس پوءِ ته دانهن هيٺ دانهن مٿي هيس. ايتري ۾ نولو ٻيو تير ڪشي تيار ڪري ٻيٽو، وري به جهڙو پوڙهيءَ هور تي اک رکي، تهڙو ورائي ڪٽي تير ڇوڙيائين ته ٻي اک به نڪري ويس. پوءِ ته ڏاڙهو سور وچان رڙيون ڪري اتي ئي ڀان ٽي ڪري پئي. نولو پور مان نڪري ٻاڙن کي سڏيو، انهن لهي اچي ڏاڙهو کي ٻڌو، ۽ چوکري کي ڏاڍي ڏيهه ڪيو، ماءُ سان ٻڌي، اچي گهر پيڙا ٽيا.

آن ڏينهن کان وٽي سيئي نولو کي پانڻ لڳا ۽ جيڏانهن به هي ڇهه شهزادا ويندا هئا، تيڏانهن نولو به پهنجي ٻليءَ تي چڙهي، ننڍڙو گز ڪمان چيلهه سان ٻڌي، ڇهن ئي جي اڳيان پيو هلندو هو.

—※※※—

چگو ۽ مدو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه شخص رهندا هئا، جن مان هڪڙي کي "چگو" ۽ ٻئي کي "مدو" ڪري سڏيندا هئا. ٻئي پاڻ ۾ گهاتا يار هئا. هڪڙي ٻيري پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته، چونڊ هن سال ٻئي جٽا گڏجي ٻني ڪريون. اها ست ستي ٻاجهر پوکيائون. ٻئي پوکڻ کان پوءِ چگو ڪم کي لڳو ٻيو هوندو هو، باقي مدو اهڙو ته نڪار هو، جو هڪڙو ڏينهن ڪم تي ايندو هو ته اٺ ڏينهن وري ٻنيءَ ڏانهن منهن ئي ڪونه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن چگو وڃي چوندو هوس ته، يار! هيءُ ڪم سون هڪڙي کان ٿئو ٿئي، تون گڏجي هل ته پورو ڪريون؛ ته اڄ نه سپاٽي ڪري نڀائي ويندو هو. ويچارو چگو اڪيلي سر مٿو ڏيندو آيو، تان جو ٻاجهر به اچي پڪي. جڏهن لاباري جو وقت ٿيو، تڏهن مدو به رڙهي اچي ٻنيءَ ٻيڙو ٿيو ۽ چيائين ته: هائو يار هائو، ٻني ته بيشڪ واهه جي ٿي آهي! پر هاڻي وٺ ته پاڻ ۾ ورچ ڪريون. چگي چيو ته: ادا ٻلي، پر لابارو ڪري، انّ ڪاهي پوء ورچ ڪبي. مدي چيو ته: ائين وري ڪيئن؟ ڦريائين ورچ ڪبي، پوء لابارو، جو ته جنهن جي حصي ۾ جيڪي اچي سو لڻي پنهنجي گهر ڪٽي وڃي. چگي دل ۾ خيال ڪيو ته هاڻي دوستي ۾ وري ڪهڙو ليکو ڪجي. سو چيائين ته: ادا، جيڪا تنهنجي مرضي. تنهن تي مدي چيو

---

* هيءَ آکاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

ت: هاٹي ڳالهه بڌ، پهرين ورڇ آئون ڪٽندس، پوءِ تون. اٿي چڱي چيس ت: يار! ائين وري ڪيئن؟ تو ڪمايو ۽ ڪونه ۽ وري ورڇ ۾ پهرين تون ٽوڪيئن! انهيءَ ٿي مدي ڪاوڙجي وڃي ڪوٽ جي چڱن مڙسن کي دانهن ڏني ت، مون ۽ چڱي ڳڏجي ٻڌيءَ ۾ ڪمايو آهي، هاٹي هو مونکي ورڇ نٿو ڏئي. اٿي سڀني چڱي کي گهرائي سمجهايو ت، ادا هن کي پنهنجو حصو ڏي. چڱي ڏنو ت هاٹي ڦاٹس، سو مدي کي پهرين ورڇ ڏيڻ قبول ڪيائين.

ان کان پوءِ ٻئي ڇٹا گڏجي ٻنيءَ تي آيا. مدي هن کي چيو ت: پوڪ جو مڻيون حصو منهنجو ۽ هڻيون حصو تنهنجو ٿيو، هاٹي آئون پنهنجو حصو لٹي ٿو وڃان، باقي تون ڇاڻ تنهنجو حصو ڇاٹي. چڱي ويچاري ڏٺو ت ٿيو ت نسورو ظلم، ۽ جي هاٹي رڳڙو ٿو ڪريان ت خوار ٿيندس، تنهنڪري ميڻي ۾ ساٿ ت سُٹي ۾ ساٿ. پوءِ پنهي ڇڻن لاباڙو شروع ڪيو، مدي ٽاڻ ٽاڻ سنگ لٹي ڪري ۽ ڏگ ڪري رکيا، ۽ چڱي ويچاري ڪانا لٹي وڃي دن ڪري رکي ڇڏيا، ۽ پوءِ ٻئي ڇٹا وڃي پنهنجي پنهنجي گهر آرامي ٿيا.

خدا جي قدرت اهڙي جو ٿوري گهٹي ڏينهن ڪو بادشاهه، لاءِ لشکر سميت اتان اچي لانگهائو ٿيو. لشکر جي گهوڙن ۽ وهٹن لاءِ گاهه جي ضرورت هئي. آسپاس مان پچا ڪيائون، ۽ چڱي ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي وٽ ڪانا هجن ئي ڪونه. تنهنڪري تمام گهٹا پئسا ڏيئي هن ڪان سڀ ڪانا خريد ڪري ورتائون. هوڏانهن مدو، جو ڪم تي هريل ئي ڪونه هو، سو سنگن گاهڙ ڪان پوءِ نٽائيندو هو. اڄ نه سياٹي ڪندي ڪندي هڪڙي ڏينهن اچي ڏاڍو سينهن وسيو، جنهن ۾ سڀئي سنگ لڙهي ويس.

پوءِ تہ جهڙو هو تهڙو هٿ چنڊي مات ڪري ويهي رهيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ مدو بڪ مرن لڳو. ڳوٺ ۾ چگي ڪان سواءِ ڪو ٻيو يار ۽ ڪونہ هوس. سو منهن ڀلڙو ڪري ان جي گهر ويو ۽ چيائينس تہ: يار! اڄ تہ وري ڪو ٻني ٻارو ڪريون. چگي کي اڳئي سيکت آيل هئي. سو چيائينس تہ: ادا! مونکي معاف ڪر، آئون تو سان پائيواري نہ ڪندس. تنهن تي مدي چيو تہ: يار! گذريءَ کي ياد نہ ڪر. هاڻي تون جيڪو ويساهہ ونين، آئون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان تہ آئيندہ، توسان دولاب نہ ڪندس. چگي ويچاري هن جي قياس جهڙي حالت ڏسي، ٻنيءَ ۾ پائيوار ٿيڻ قبول ڪيو. خيال ڪيائين تہ جي ٻيائي رکندو تہ پنهنجي نيّت لوڙيندو. ٻنهي جڻن هن ٻيري گجرون پوکيون. ۽ ٿي ڏينهن سو مدو سنئون هليو. پر پوءِ اهو ڳڻ اها کهاڙي. هن ٻيري ۽ مدي جي ساڳي حالت. ڏينهن جا ڏينهن نبريو وڃن پر هن جو پتو ڪونہ پوي. چگو ويچارو ٻيو اکيدو ڳهندو هو. آخر جيئن تيئن ڪري هن گجرون تيار ڪيون. مدي کي جو اها خبر پيئي، سو اڳئين وانگر رڙهي اچي پاسو ورتائين، چي: هائو يار! اڄ اسان جي محنت صاب پيئي آهي، هاڻي اڄ تہ فصل ورهايون. چگي چيو تہ: اشراف! تو هي ٻيو دفعو مونکي ڏک ڪيو آهي، پر خير، وري ۽ تنهنجو مون سان ئي ڪم آهي، هن ٻيري ۽ توکي جيئن وڻي تيئن فصل ورهائي ڪڍ. مدي اهو ٻڌي چيو تہ: ادا! ناراض ڇو ٿو ٿين، ۽ پائر ٿيو ليکو. اڳئين گهمري مٽيون حصو سون ۽ هيٺيون حصو تو ڪنيو هو. تنهنڪري هاڻي وري مٽيون حصو تون ڪڍ ۽ آئون ڪڻان ٿو هيٺيون حصو. ڪيئن هاڻي تہ حساب برابر ٿيو؟ چگي جواب ڏنس تہ: هائو يار! واهہ جو مونکي خوش ڪيو اٿئي. تو هي

ٻيو ٻيرو سون مسڪين سان دولاب ڪيو آهي ، پر خدا سونڪي
ٻ ڪونہ ڇڏيندو ، پلي تون ئي وڃي پت گهاڻو ڪر . ائين چئي
چڪي مٽان مٽان ناڙو لٽي وڃي پنهنجي گهر رکيو ، ۽ گجرون
سڀ مدي جي حوالي ٿيون .

قدرت اهڙي اچي ٻڌي ، جو ٻئي ڏينهن کو سوداگر ائن
تي مال لڏيو ڏيساور ٻئي ويو ، تنهن اچي اتي ڊاهو ڪيو .
هن کي ائن جي چاري لاءِ گاهه جي ضرورت پئي ، سو ٻڌا
ڪيائون تہ هتي کو گاهه ملندو ؟ ڏس ملين تہ چڪي وٽ گجرن
جو ناڙو اٿو ، ان وٽ وڃو . سوداگر ڏنو تہ هينئر هتي ٻيو ڇا
ملندو ، سو مڙيئي گهاٽي واڌي ۾ اهو سڀ ناڙو خريد ڪري
ورتائين . انهيءَ سودي مان ٻ چڪي کي خاصي رقم ملي .

هوڏانهن چڪي جي وڃڻ کان پوءِ مدي خيال ڪيو تہ
هاڻي گجرون آهن منهنجون ، اڄ ڏهيو باقي سڀاڻي اچي
ڪيندس . پوءِ انهيءَ مهل گهر موٽي آيو . هن جو هڏ ڪم تي
هريل تہ هوٽي ڪونہ ، سو گجرن ڪيڏ لاءِ روز ٻيو سنبرندو هو .
نيٺ گجرن جي سنيال نہ ٿيڻ ڪري انهن ۾ اچي مرض ٻيو ،
جنهنڪري سموريون اگارجي ويون ، ۽ وري ٻ هيءُ جهڙو هو
هو تهڙو رهجي ويو .

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ مدو وري ٻ بکن مرڻ لڳو .
خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن چڪو هتي رهيو تہ منهنجي ڪن
جي سڀني کي خبر پڄي ويندي ، ۽ ڪوبہ ماڻهو منهنجي وڪڙ
۾ ڪونہ ايندو . تنهن کان سواءِ چڪي وٽ ڪافي ڏوکڙ آهن ،
تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو ڪائنس اهي ڏوکڙ هٿ
ڪجن . نيٺ هڪڙي ڏينهن پلڙو منهن ڪري چڪي وٽ ويو ،
۽ چيائينس تہ : ادا ! اڳي مون برابر توسان دولاب ڪيو ، پر

ٻيلي! توڪي وري به ان سان فائدو ٿيو ۽ آئون ساڳيو بکن پيو مران. تون منهنجو يار آهين، تون مون سان مدد نه ڪندين ته ٻيو ڪير مدد ڪندو! چڱي ڪي من ۾ وري به چڱائي هئي، سو هن جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ٻڌائينس ته: ادا! هر ڪنهن کي پنهنجي ڪيتي جي جزا ۽ سزا ٻئي ملندي. هاڻي ٻڌاءِ ته آئون توسان ڪهڙي مدد ڪريان! تنهن تي مدي ٻڌايس ته: فلاڻي بادشاهيءَ ۾ روزگار گهٽو آهي، چو نه اتي هلي قسمت آزمائجي. چڱي اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ ٻئي جڻا نهي سنيري ڪلهون پاڻيءَ جون پاڻ سان ڀري اڻي پنڌ ٻيا. چڱي پاڻ سان گڏ سپ ميڙي چونڊي به ڪنئي. هلندي هلندي هڪڙي رڻ پٽ ۾ اچي پهتا. وات تي مدي، چڱي کي چيو ته: ادا! جي بنهي ڪلين سان پاڻي پيئنداسون ته پاڻي جلدي ڪپي ويندو، تنهنڪري ڦهريائين هڪڙي جي ڪليءَ مان، پوءِ ٻيءَ ڪليءَ مان، ائين پاڻي مڙئي ڳچ وقت هلندو. اها صلاح ڪري ڦهريائين چڱي جي ڪليءَ مان پيئڻ لڳا، تان جو چڱي واري ڪلي خالي ٿي ويئي. چڱي پوءِ مدي ڪان پاڻي گهريو، پر مدي چيو ته: منهنجي ڪليءَ کي هٿ نه لائج. آئون پاڻيءَ جي ڏڙي به ڪونه ڏيندوسانءِ. چڱي ويچاري ڏاڍيون منٿون ميڙيون ڪيس، پر هو پنهنجي ڳالهه تان نه هٽيو. اتي آخر چڱو اڄ ڪان بيحال ٿي ڪري پيو، ۽ مدي کي چيائين ته: ٻيلي! ڪنهن حيلي به مونکي پاڻي پيار. مدي چيس ته: ها، جيڪڏهن هڪڙي اک ڪيڻ ڏين ته پاڻي پيارئين. چڱي جو اڄ ڪان ساهه ٿي نڪتو، تنهنڪري چيائينس ته: ادا، مونکي قبول آهن. مدي کي ڪپندي اها ڳالهه هئي، سو يڪدم ڏڪ هڻي چڱي جي هڪڙي اک ڪيڻ، ڪيس پاڻي پياريائين. انهيءَ بعد وري اڻي پنڌ ٻيا.

چڱو پاڻيءَ جي ڏڪ لاءِ پنهنجي هڪڙي اک ڪڍائي سور ڪان ڪنجهندو مڊي جي پڻيان هلندو ويو ، پر اڃا منزل پري هئي . هلندي هلندي ڪيس وري اڃ لڳي ، سو مدي ڪان پاڻي گهرياٿين . هن چيس ته : يار! پاڻي ڏيندوسانءِ ، پر هي اک ٻ ڪيڻ ڏي . چڱو ويچارو ڏاڍو حيران ٿيو ، مدي ڪي گهٽيئي منٽون ڪيائين ، پر هن ماڳهين نه ٻڌيو . چڱي ڏٺو ته هاڻي هي واهم ته آهيئي ڪانءِ ، سو مدي ڪي چيائين ته: چڱو يار ! هاڻي هيئن ڪر جو سونڪي ڪنهن وڻ وٽ وڻي هل ، پوءِ اک ڪڍ ، ته گهٽ ۾ گهٽ انڌو ٿيو وڻ جي ڇانو ۾ ويٺو هجان . مدي اها ڳالهه قبول ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ، پريان هڪڙو وڻ نظر آيس ، هڪلي اڇي اتي پهتا . مدي ، چڱي جي هي ٻ اک ڪڍي ، هن ڏي پاڻي پياري پنهنجي وات وڻي رهندو رهيو ، ۽ چڱو ويچارو سور ڪان ان وڻ هيٺ ڏي پيو رهيو .

چڱو ان وڻ هيٺ ويٺو رهيو ، ٻڌان اڇي رات پئي ، پر هن لاءِ جهڙو ڏينهن تهڙي رات . انهي وڻ تي ڪنهن پکيءَ جو آ ڪيرو هو ، جنهن ۾ نر ماد پکي ويٺا هئا . مادييءَ نر کي چيو ته : تون سڄو ملڪ ٽو گهمين ، هاڻي ڪا نئين خبر ٻڌاءِ . نر چيس ته: اڄ ته ڪا اهڙي ڳالهه آهيئي ڪانءِ جا ٻڌائين ، باقي جي هن وڻ جي حقيقت ڄاڻين ته ٻڌائيئين . مادييءَ چيس ته : اهائي ٻڌاءِ . جنهن تي نر ٻڌايس ته: هن وڻ جي پنن ۾ اهڙي خاصيت آهي جو جيڪڏهن آهي گهوٽي ٻوري ٻاهي اکين تي ٻڌجن ، ته ماڻهو پٻان انڌو هجي ته اهو ٻ سڄو ٿي پئي ، ۽ جيڪڏهن هن وڻ جا ڇوڙا پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي ، ان پاڻيءَ سان وهنجي ته ڪهڙو ٻ ڪوڙهه ڇڏي وڃي . چڱي وڻ هيٺان ويٺي پکين جي اها خبرچار ٻڌي ، سو بڪدم هٿوراڙيون ڏيئي ان وڻ تي چڙهي ويو ۽ اتان ٽورا

پن پڻي هيٺ لهي آيو. گهوٽڻ لاءِ هن وٽ ڏنڊو ڪونڊو هوئي ڪونہ، تنهنڪري اهي پن وات سان چٻاڙي، اکين تي رکي، مٽان پٽڪو ٻڌي سمهي رهيو. صبح جو اٿي اکيون کوليائين تہ سيڪجهہ ڏسڻ ۾ آيس. پوءِ تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خدا جا شڪرانا ڪيائين. ان بعد ڪپ جيترا چوڏا ۽ پن پنهنجيءَ چادر ۾ ٻڌي اٿي روانو ٿيو.

هلندي هلندي اچي هڪڙي ڏتل ڪوٽ وٽ پهتو. ڏسي ڪٽي تہ سڄ لڳي پئي آهي. هي مڙس ٻ سڄي ڳوٺ کي چوڏاري ڦري آيو. ڏنائين تہ هڪڙي هنڌ وڏو شاهي ٽلهو آهي، جنهن جي وچ ۾ وڻ ٻيٺل آهي. هيءُ ٻ ٽڪل هو سو وڻ جي چانو ۾ ساهي ڪٽڻ لاءِ ويهي رهيو. اڃا ڪجهہ ديرئي ڪانہ گذري هئي تہ پري کان هڪڙو شينهن انهيءَ ٽلهي ڏي ايندو ڏنائين. هن ويچاري جو شينهن ڏنو، سو ڊپ کان يڪدم انهيءَ وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. شينهن ٻ اچي انهيءَ ٽلهي تي چڙهي، وڻ هيٺان بالم ٿي ويهي رهيو. وري ٿوري دير کان پوءِ هڪڙو بگهڙ ٻ اچي شينهن جي سامهون ويٺهي رهيو. وري اهائي مهل تہ هڪڙو ڪٻو ٻ پڇ لوڏيندو اچي شينهن جي سامهون وينو. اتي شينهن پهرين ڪئي کان پڇيو تہ: اڙي ڪٻا! ڪهڙو حال اٿئي؟ ڪُئي ورندي ڏني تہ: سائين! سڀ خير آهي، هڪڙو سؤ رپين جو گڏ ڪيو اٿم، جو صبح شام ڳڻيو مست ٿيو وينو آهيان. وري شينهن بگهڙ کان پڇيو تہ: ميان بگهڙ! تون پنهنجي خبر ٻڌاءِ؟ بگهڙ جواب ڏنو تہ: سائين! مڙئي خير آهي. هتان سڌ ڪن پنڌ تي هڪ ٻڪرار رهي ٿو. هن جي ڏڙ ۾ هڪڙي ٻڪري آهي، جنهن جي ميڙالي ۾ مڻ آهي، سو آن تي مست ٿيو وينو آهيان. وري بنهي جڻن شينهن کان

پڇيو تہ : سائين ! تون پنهنجي خبر چار ڏي . شينهن وراڻيو تہ : ادا ! مڙيئي خير آهي. هي تہ ڪا خبر ڪانهي ، پر اڄ ٿو توهان کي ٻڌايان تہ هن ٽلهي هيٺ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل آهي ، آئون ۽ ان تي مڳ ٿيو وينو آهيان . اهي خبرون چاروڻ ڪرڻ بعد ٽيئي ڄڻا جتان آيا هئا ، اوڏانهن روانا ٿي ويا.

انهن جي وڃڻ بعد چگو ۽ وڻ تان لٿو ۽ ڪئي جو پير ڪٽي سڏو اڇي ان جي ڏر تي پهتو. ڏسي تہ برابر ڪئو سؤ رپيا رکيو وينو ڳئي . مانڙي ڪري هڪڙو پٿر ڪٽي ڪئي کي هنيائين . جنهن تي ڪئو ڇرڪ پري ڏر ۾ گهڙي ويو. چگو رپيا ڪٽي رمندو رهيو ، ۽ سڏو اڇي ٻڪرار وٽ ٽڪاءُ ڪيائين اتي ڏسي تہ برابر هڪڙي بري ٻڪري ڏڻ جي وچ ۾ ٻيٺي آهي . هن دل ۾ خيال ڪيو تہ آهي نہ آهي تہ اها ٻڪري سو ٻڪرار کي چيائين تہ: يار! جي اها ٻڪري وڪڻين تہ پنجاهہ رپيا ڏيئين ! .ٻڪرار وراڻيس تہ: يار! واهہ جو سودو ڪنداسين ، مونکي پاڻ پيسن جي گهرج هئي . پوءِ چگو ٻڪرار کي پيسا ڏيئي ، ٻڪري کاهي اڳتي روانو ٿيو. اڌ رستي تي ٻڪريءَ کي کهي ، ان جي ميڙالي ماڻ مٿ ڪيي ڪٽي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌائين .

چگو پوءِ هلندي هلندي اڇي هڪڙي بادشاهي ۾ پهتو . شهر ۾ گهمڻ سان خبر پيس تہ هتي جي بادشاهہ کي ڪوڙهہ جي بيماري آهي ، جنهن لاءِ گهڻئي حڪيم طبيب علاج ڪري ڏٺا آهن ، پر ڪنهن ۾ فائدو ڪو نہ ٿو ٿئي. آخر بادشاهہ اعلان ڪيو آهي تہ جيڪو ۽ مونکي هن مرض کان ڇڏائيندو ، تنهن کي نياڻي ۽ اڌ راج ڏينداس . اهو ٻڌي چگي چيو تہ واهہ جو علاج ڪنداسين. سو سڏو اڇي بادشاهہ جي دربار ۾ پهتو ۽ چيائين تہ : بادشاهہ

سلامت! آئون تنهنجو علاج ڪرڻ آيو آهيان، شفا الله جي وس آهي، پر حيلو ڪرڻ انسان جو فرض آهي. هاڻي مونکي رکو هڪڙي ديگ پاڻي جي ٽهڪائي ڏيو. بادشاهه جي حڪم سان پاڻيءَ جي ديگ ٽهڪائي وئي. چگي چا ڪيو جو ڪجهه چوڏا ڪيي ان ۾ وڌا، پوءِ بادشاهه کي عرض ڪيائين تہ: سائين! هاڻي هن پاڻيءَ سان غسل ڪري سمهي رهو، خدا گهريو تہ مرض چڏي ويندو. بادشاهه اوڏي محل غسل ڪري سمهي رهيو، وري جو نند مان اٿي ڏسي تہ ڪوڙهه جا داغ هٽائي ڪونہ. پوءِ چگي کي وڏي عزت ڏئي شاهي مهمان ڪري رهايائين. بادشاهه جي چگي پلي ٽيڻ تي سڄي ملڪ ۾ خوشيون ٿي ويون. خزاني جا در کلي ويا، ستن ڏينهن تائين هر غريب امير جي مانيءَ شاهي لنگر تي هئي. ان بعد بادشاهه پنهنجي انجام موجب شهزاديءَ جي شادي چگي سان ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڪرائي. هاڻي چگو ڏاڍي مزي سان اتيئي رهڻ لڳو.

هوڏانهن مدو، جو چگي کي انڌو ڪري اٿي هليو هو، سو رلندو رلندو هڪڙي ڏينهن انهيءَ ساڳي بادشاهيءَ ۾ اچي نڪتو، پر مدي کي چگي جي بادشاهه ٽيڻ جي خبر ڪانہ هئي. هڪڙي ڏينهن چگو گهوڙي تي چڙهي چوبدارن سان گڏ شهر جو گشت ڪرڻ لاءِ نڪتو، تہ اوچتو مدي سڃاڻي ورتس. هن دل ۾ خيال ڪيو تہ آئون تہ هن کي انڌو ڪري آيو هوس، پوءِ هي سڄو ڪيئن ٿيو! وري ٻہ شهر جي ماڻهن کان خبر چار وٺي، پڪ ڪري سڌو بادشاهه وٽ آيو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ: بادشاهه سلامت! اوهان جنهن شخص کي ڏيءَ جو سگ ۽ اڌ بادشاهي ڏني آهي، سو ڪوري جو پٽ آهي. هاڻي جي اوهان کي انهي ڳالهه جو امتحان وٺڻو آهي تہ چئوس

ته خزاني جو آڻ پري اچي، پوءِ پاڻهي خبر پنجي ويندي. بادشاهه، ان وقت تائين چڱي ڪي وڏگهراڻو سمجهندو هو، سو ڪوري هڻڻ جو پڏي حيران ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ لڳس؛ تنهنڪري مدي جي اها گالهه قبول ڪيائين.

بادشاهه ٻئي ڏينهن صبح جو چڱي ڪي گهرائي چيو ته: ابا! منهنجو خزانو ڪٿي ويو آهي، سو هاڻي ان جي پورت ڪرڻ لاءِ ۾ آڻ خزاني جا ٻريل ڪپن. هاڻي جي تون مڙسي ڪرين ته ڏاڍو چڱو. چڱو اهو پڏڻ شرط خالي آڻن جي قطار ۽ ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري، خزاني آڻڻ لاءِ روانو ٿيو.

هلندي هلندي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اتي وڃي پهتو، جتي شينهن واري ٽلهي ۾ ستن بادشاهن جو خزانو پوريل هو. پريان ڏسي ته شينهن ٽلهي تي ويٺو آهي، سو ڪجهه دير اتي ترسي ٻيو. جڏهن شينهن هليو ويو تڏهن ٽلهي وٽ اچي ماڻهن کي حڪم ڪيائين ته هن ٽلهي کي کوٽيو! ماڻهن ايڏا ٽوروڻي هيٺ کوٽيو ته، ان مان بي انداز خزانو نڪري آيو. هي اهو سمورو خزانو آڻن تي ڪٽائي، اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پهتو، ۽ بادشاهه اڪيان خزاني جا آڻ آڻي لاٿئين. بادشاهه ايترو خزانو ڏسي عجب ۾ پنجي ويو، جو ته ايترو خزانو هن وٽ ڪونه هو. بادشاهه پوءِ يڪدم مدي کي گهرائي چيو ته: تون ڪوڙو آهين، ڪوڙي ماڻهو لاءِ هن بادشاهيءَ ۾ اها سزا آهي ته ان کي جيئري گڏهه ۾ سبرائي، درياءَ ۾ لوڙهيو وڃي؛ تنهنڪري توکي به اها سزا ملندي. مدي کيترين ئي آزمون ڪيون پر ڪنهن به ڪونه ٻڌس. آخر ڪيس جيئري گڏهه جي پٽ ۾ سبي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائون. چڱي پنهنجي چگائيءَ جي ڪري باقي سڄي عمر عيش آرام سان گذاري.

—※※※—

بخت جي بازي*

هڪڙي ڏينهن ڪنهن شخص پنهنجي قسمت جي سخت گلا ٻڌي ڪئي تہ سندس اڳيان اوچتو هڪڙي سهڻي زال اچي بيٺي، ۽ هن کي چيائين تہ : اي شخص! تون ڇو منهنجي نيلائي ٿو ڪرين؟ هن چيس تہ : مون هن وقت تائين هڪڙو ڏينهن بہ سک سان نہ گذاريو آهي. ٻارهوئي وتان ٿو سورن ۾ سڙندو، سو قسمت کي نہ چوان تہ ڪنهن کي چوان؟ پر ٻڌاء ٿہ تون ڪير آهين؟ هن زال چيو تہ: آئون تنهنجي قسمت آهيان. غريب شخص چيس تہ : جي تون منهنجي قسمت آهين تہ پلا ٻڌاء تہ توکي مون سان ٻلائي ڪرڻ کان ڪنهن روڪيو آهي؟ قسمت کوبہ جواب نہ ڏئي، هن کي اشرفين جي هڪڙي ڳوٽري ڏني ۽ پاڻ غائب ٿي ويئي.

هن غريب جو سونين مهرن جي همياڻي ڏني، سو مڙس ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي. خوشيء مان هوائي قلعا اڏيندو، گهر ڏانهن پڇندو آيو. ڏٺائين تہ زال گهر ۾ ڪانہ هئي. مڙس ترسي نہ سگهيو ۽ خيال ڪيائين تہ ڪيس هينئر جو هينئر اها خوشخبري ٻڌايان. سو اها همياڻي چُلهہ ۾ پوري زال کي ڳولڻ لاء نڪتو. هن جو گهر مان نڪرڻ ۽ ٻنيان کا پاڙيواري سندس گهر آئي ۽ تانبي جي ڳولا ۾ وئي جو چلهہ ڦلوريائين تہ ڳوٽري نڪري آئي، سا مائڙي ڪري ڪٽي ور ۾ هنيائين ۽ اتان نڪري ويئي.

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان ولي محمد طاهر زادي کان ملي.

ٿوريءَ دير ۾ هيءُ ٻہ زال کي ڳولي ڳولي گھر وٺي آيو ، ۽ چيائينس تہ: پلو ٽيٽي! پنھنجا ڏکيا ڏينھن ھاٿي ختم ٿيا. وري جو گھر ۾ اچي چلھہ ۾ ڏسي تہ مار کاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آھن! سڙي پچي اگر ٿي ويو. جوٽس کانئس سموري حقيقت پڇي، چيس تہ: تون پورھيو کارھيو ڪونہ ڪرين ، رڳو ڪوڙا ناھہ ٺاھي ڇاٽين ، تنھنڪري ھاٿي آٽون تو وٽ بکن ۾ ڪانہ رھنديس. ھن ويچاري گھٽئي قسم سُنھن ڪنيا تڏھن وڃي زال ريڙي.

ھيءُ ويچارو وري ٻہ قسمت جون وات ۾ري گلائون ڪرڻ لڳو. ھڪڙي ڏينھن اھا ساڳي سھڻي اچي آڳيان بيٺيس ۽ حال احوال وٺڻ لڳيس. جنھن تي ھن اشرفين جي وڇ جي سربستي ڳالھہ ڪري ٻڌايس. قسمت وري ٻہ قياس ڪري ھن ڪي ھڪڙي سوني دھري ڏيئي گم ٿي ويئي. ھيءُ دھريءَ ڪي ڏسندو خوشيءَ مان بازار ڏانھن ھلڻ لڳو ، تہ وڪڻي پيسا وٺي ڪو آڇکو ڪجي. وات تي پور پيس تہ ڏسان تہ دھريءَ جون ڪيتريون سرون آھن ، سو جيئن کوليائين تہ ھڪڙي سرڻ آئي ۽ جھٽ ھٽي دھري چنبن ۾ ڪٽي اڏامي وئي. ھن سرڻ ڪي گھٽيٽي ھڪلون ڏنيون پر ھن جو پاڳ ھو بنھہ ڦٽل، سو سرڻ ٻہ آٻتا سٻتا لامارا ڏيئي نظر کان غائب ٿي ويئي، پوء ھيءُ يار ڪرم ڪٽيندو اوندو ڪنڌ ڪري اچي گھر پڄي رھيو. جوٽس پڇيس تہ: اڄ وري کھڙو سانگ ستيو اٽئي؟ چيائينس تہ: اڄ اسان جي قسمت وري ڪلي ھئي ، جو سونيءَ دھري نصيب ٿي ، پر ڪو نصيب ڦٽل اٿم جو ھڪڙي سرڻ جھٽ ھٽي ڪٽي وئي. جوٽس کي انھي ڳالھہ تي ويساھہ ڪونہ آيو ۽ ڪيس گھٽ وڌ ڳالھائي ماڻ ڪري ويھي رھي.

ٿورن ڏينھن کان پوء وري ٻہ ساڳيو سوداء ۽ اھائي اٽئن.

هڪڙي ڏينهن قسمت وري ٻ هن وٽان اچي ڦيرو ڪيو. ڏسي تہ هي ڪانڌيارو، قسمت جي ڦلاين مان ڏاڍي ئي نہ ٻيو. سو بيهي ڪانئس خبر چار پڇيائين. هن سموري ڳالهہ ڪري ٻڌايس، جنهن تي قسمت هن پيري وري ٻ ڪيس هڪڙي لعل ڏيئي گم ٿي ويئي. هي لعل وڃي ويچارڻ لڳو تہ آڻون ڪيڏو نہ ناشڪر آهيان، جو ڏٺيءَ کي وساري ڇڏيو اٿم. ڇڪو ائين آهي تہ تڙ پاڻي ڪري پهرين ڏٺيءَ جي بندگي ڪريان، ۽ پوءِ هن لعل کي ڪنهن جوهريءَ وٽ وڃي وڪڻان.

اهو خيال ڪري هڪڙي واهہ جي ڪپ تي آيو، ۽ ڪپڙا لاهي لعل پٽڪي ۾ ويڙهي سيڙهي واهہ جي ڪپ تي رکي وهنجڻ لڳو. وهنجي سهنجي باهر نڪتو. سندس دل تان لعل واري ڳالهہ ئي لهي ويئي، سو جيئن پٽڪي جي پلاند کي چنبڪو ڏئي ٻڌڻ لڳو تيئن لعل وڃي واهہ ۾ پئي. پوءِ تہ هن وري ٻ ڪپڙا لاهي گهٽيون ٽهيون ڏنيون، پر لعل چوي تہ، تون آهين ڪير جو مونکي ڪوليو لهين! گهٽئي مٽا مونا هٽي ٻيٽو، پر ٻيو مڙئي ٽيو خير. بس پوءِ تہ انسوس ڪندو گهر موٽي آيو، ۽ دل جو سور دل ۾ رکي پنهنجي ياڳ کي پتيندو سمهي رهيو.

هڪڙي ڏينهن هي غريب شخص، ڪنهن ڪم سانگي گهران نڪتو تہ وري ٻ قسمت اڳيان اچي بيٺس، چي: ڪر خبر، هاڻي ڪهڙا حال اٿئي؟ هن پلڪڙو منهن ڪري جواب ڏنس تہ: جهڙو ڇڏي وئي هئينءَ. تنهن تي قسمت چيس تہ: هاڻي مون سمجهيو، ڇڪو تون مون سان گڏجي هل تہ هڪڙي هنڌان تنهنجي پٽي پڻي ڪرايان. پر ياد رکج، جڏي آڻون توکي وڻي ٿي هلان، اتي مون سان جيڪي عقوبتون ٿين تن تي تون نہ ڪيڄئين. هن هائوڪار ڪئي، ۽ قسمت ليس ڪٽي وڻي اڏاڻي.

ڪنهن مهل گذرن ڪان پوء قسمت هڪڙي جبل تي لهي پئي ، ۽ هن شخص ڪي هڪڙي ون جي هيٺان ويهاري ، چيائين ته: هاڻي تون هتي ماڻ ڪري ويهي رهه . ڪڇڻين پڇڻين ڪجهه به نه. هو هاڻو ڪري ڇڏي ڪري ويهي رهيو. ايتري ۾ سج اچي لٿو، اوچتو هڪڙي پاسي کان ڪي ازغيبي ماڻهو اچي ويا ، جن پٽ پهاري، چٽڪار ڪري گلم غاليچا وڇايا ۽ وچ ۾ هڪڙو سونو تخت رکيائون، پوء سپ ڪنڊ جهڪائي ادب سان ويهي رهيا . ٿوريءَ ويرم کان پوء اوچتو هڪڙو شخص ظاهر ٿيو ، ۽ اچي تخت تي ويٺو. غريب شخص جي قسمت وڏي وجي ان شخص کي نوڙي سلام ڪيو ، ۽ ناچ جي موڪل گهري . تخت ڏٺيءَ هن تي پاجهه جا هڙا ڦيري ناچ جي موڪل ڏني . بس پوء ته هن جو راڳ ۽ ناچ ڏسي سڀئي دنگ رهجي ويا . تخت ڏٺيءَ ڪي عورت جو ناچ ۽ گانو اهڙو ته وٺيو جو پاڻ به ويٺي ويڻي نچڻ لڳو. آخر جڏهن اها ڪچهري پوري ٿي تڏهن ان شخص هن کي چيو ته: گهر جيڪي گهرٽو هجيئي . قسمت هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو ته : سائين ! هتي هڪڙو شخص ويٺو آهي ، ان جي پارت ڪرڻ آئي آهيان؛ بس رڳو انتي کو وڙ ٿئي. اهو ٻڌي اهو مهندار باهه ٿي ويو ، ڪنڌي چهبڪ اچي هن کي ورتائين ۽ هڏ گڏ پڇي رکيائينس . پر هن جي اهائي ٻي پئي ته : تون سر والي آهين، مونکي موڪلاء نه . اتي هن شخص ڏٺو ته هوء اصل ڪانه ٿي مڇي سو لاچار ٿي پيو ۽ چيائين ته : چڱو مون هن کي بخش ڪيو ۽ هيءُ ٽڪو سنهنجي پاران وڃي هن کي ڏي . اتي غريب جي قسمت ڏاڍي خوش ٿي . لک احسان ۽ مهربانيون مڇي ، ان کان ٽڪو ونڻي يڪدم غريب شخص وٽ آئي ۽ ڪيس ٽڪو ڏيئي چيائين

ت: هاڻي سڀ سڌايون اٿئي. هن ويني سڃو لقاءُ ڏنو، سو پڇيائينس ت منهنجون ت سڌايون ٿيون پر تو سان هيتري ويڌن ڇو ٿي؟ قسمت چيس ت: اهو بخت هو جنهن توکي وساري ڇڏيو هو، سو هاڻ تون جيڪي وٺيئي سو وڃي ڪر. هاڻي تنهنجو ياڳ سجاڳ آهي.

جوان ٽڪو هٺ ۾ ڪري دل ۾ خيال ڪندو اچي ت، واءُ جو بخت جاڳيو آهي. هاڻ هن ٽڪي مان ڇا ڇا وٺندس. اهي پور پڇائيندو اچي بازار ۾ نڪتو، خيال ڪيائين ت هن ٽڪي جي سڃي ئي وٺيو وڃان، من زال راضي ٿئي. سو ٽڪو ڏئي هڪڙو وڏو ڏنبرو خريد ڪيائين، ۽ اچي گهر ڀيڙو ٿيو. سڃي ت وٺي آيو پر ٻارڻ ڪٺان اچي، سو ڪهاڙي ڪٽي هڪڙي وڻ تي چڙهي ويو، اتي اوچتو سندس نظر وڃي هڪڙي پراٽي آکيري تي پئي، جنهن ۾ ڪا چمڪندڙ شيءَ ڏسڻ ۾ آيس. وڏي جو ڏسي ت بلي، اهائي ساڳي دهري هئي جا سندس هٿن مان سرڻ کسي ويئي هئي! اها ڏسي اتان ئي وڏي واڪي چوڻ لڳو ت: لڏي ڙي لڏي. خدا جي قدرت ت انهيءَ وڻ جي سامهون، آنهيءَ زال جو گهر هو، جنهن سندس اشرفين جي ڳوٽري چورائي هئي، تنهن به ڪو انهيءَ مهل اها ڳوٽري ڪولي اشرفيون پئي ڳڻيون، مٺان جو هن جي رڙ ٻڌائين، سو اچي سر سان لڳيس ت چوري ت پڪڙجي پيئي، هاڻي پاڙي ۾ خوار ٿيندیس. سو چا ڪيائين جو اها ٽيلهي ڪٽي اچي غريب جي زال کي پيرين پئي، ۽ چيائينس ت: ادي! ڏک ڏکج ۽ مڙس کي نه ٻڌائج؛ مون توبهه ڪئي، اچي هيءَ پنهنجي ڳوٽري سنيال. ايتري ۾ اهو شخص دهري نچائيندو اچي پهتو ۽ زال کي چيائين ت: ڏس هيءَ اهائي دهري آهي. تنهن تي زال چيس ت: ميان!

سونکي معاف ڪج، تون سچو آهين. ائين چئي همياٽي ڪٽي اڳيان رکيائينس. پوءِ تہ خوشيءَ وچان نچڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جيئن ئي سڃيءَ جو پيٽ چيريائون تہ ان مان اهو لعل نڪري آئي جا واهر ۾ وهنجندي وڃائي هئائين. هاڻي سندس ياڳ سڃاڳ هو سو جنهن ڪم ۾ هٿ وجهي تہ اتان رڳو فائدو ئي فائدو ٿي مليس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪٽي واپار شروع ڪيائين، ٿوريئي وقت ۾ سڃي ملڪ جو وڏو سوداگر ليکجڻ ۾ آيو. پوءِ سڃي عمر پنهنجيءَ زال سان گڏ آرام سان گذاريائين.

خدا جو ميراثي *

هڪڙو غريب پجارو جڏهن سچو ڏينهن پرائي ڪپهه پچندو هو ، تڏهن مس مس پيٽ پالڻ جيترو وڃي پلئي پوندو هوس. سندس زال وڏي ترياڪ عورت هئي ، جا شهر جي ڪوتوال سان ڪريل هئي . هن ويچاري گهٽوئي سمجهايس ، پر جوٽس جي روش ۾ تر جيترو به فرق نه آيو . نيٺ جڏهن ڏٺائين ته هاٿي ٽي راڄ ۾ بدنامي ٿئي ، تڏهن زال کي اتي ئي ڇڏي ، پنهنجي پيڇڻ ڪٽي ، نه موڪلاٽي نه توڪلاٽي ، هڪڙي پاسي ڪٽي رخ رکيائين .

هلندي هلندي هڪڙي جهنگ ۾ وڃي نڪتو ، جتي ڏسي ته هڪڙي عاليشان محلات بيٺي آهي ، پر پر پاسي ۾ ڪا وسٽن واڙي آهي ئي ڪانه ! هيڏانهن هوڏانهن ڏسي اندر گهڙي ويو . ڏسي ته سبحان‌الله ! ڪيترن ئي قسمن جا طعام رکيا آهن . پلنگن تي هنڌ وڇايا پيا آهن . اتي ڪيس بک به اڇي لڳي هئي سو نه ڪيائين هم نه تم ، جوٽون پڇي ڪائڻ کي لڳي ويو . جڏهن ڪائي چڙهه ڪيائين ، تڏهن اڇي ننڊ ورايس ، سو محلات جي دروازي تي پنهنجي پڇڻ ٽنگي ، لت کوڙي هڪڙي پلنگ تي بي اونو ٽي سمهي رهيو . سڃاڻ ته اها محلات ڪنهن ديو جي هئي ، جو اهڙو ته خوفناڪ هو جو ٻارنهن ڪوهيءَ ۾ ڪنهن آدم ڪي ڪونه ڇڏيو هٿائين . جيڪي ايندو هوس سو رڙڪي ويندو هو . اهو جڏهن موٽيو ته "آدم بوءِ ، آدم بوءِ" ڪندو اڇي

---

* هيءَ آڪاڻي اتر (تعلقي اباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي .

دروازي تي ٻيٺو. اندر جهاتي پائي ڏسي تہ برابر هڪڙو ماڻهو بيخوف ٿيو پلنگ تي ستو پيو آهي، خيال آيس تہ هن کي ڪائي پنهنجي ڪک پريان، پر اوچتو سندس نظر در تي ٽنگيل پڇڙ تي وڃي پئي. اچي ڊپ ورتس تہ هيءَ الائجي ڪهڙي آفت آهي، سو اتان ئي در تان ٻيهي هڪل ڪيائين تہ: ڪير آهين؟ اتي ڪڙو ٿيءَ! انهي تي پچارو جاڳي پيو. ديو کي ڏسڻ سان ئي ڊڄي ويو، پر پوءِ خيال ڪيائين تہ جي مرڻو آهي تہ مڙس ٿي مرجي، اجايو ڊپ ڇا جو ڪريان. سو دل ٻڌي ٻيهرواهيءَ سان ديو ڏانهن نهاري چيائين تہ: ڇا ٿو چئين؟ اتي ديو کي خيال ٿيو تہ جو ماڻهو مون کان نٿو ڊڄي سو ضرور مون لاءِ ڪا مصيبت کڻي آيو هوندو. تڏهن پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائينس تہ: ٻي ڳالهہ پوءِ، پهرين اهو ٻڌاءِ تہ هيءَ در تي ڪهڙي آفت ٽنگي اٿئي؟ پچاري کي پڪ ٿي تہ ديو پڇڙ کان ڊنو آهي، سو اهو موقعو وڃائڻ مناسب نہ سمجهيائين، ۽ وڏي رعب تاب سان جواب ڏنائين تہ: اڙي ديو! انهيءَ جي ويجهو ويندين تہ مرندين. اتي ديو کي هيڪاري ڊپ ٿيو، سو ڊڄندي ڊڄندي پڇيائينس تہ: ٻلا تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟ پچاري چيس تہ: آئون خدا جو ميراثي آهيان، خدا جي هڪڙي بندي جو پرڻو آهي، سو دهلن جي لاءِ وڏيءَ ڪل جي ضرورت آهي. تنهنڪري خدا جي طرفان مونکي اوزار ملیو آهي تہ تنهنجي ڪل لاهي اچان، جيئن دهل مڙهجن. اتي ديو کي اچي سر سان لڳي. ڏڪندي ڏڪندي هٿ ٻڌي پچاري کي ليلائڻ لڳو تہ: خدا جي نالي جيڪي ڪجي سو ٿ، باقي مون تان ٽارو ڪر. پچارو چئي تہ: آئون ڪنهن بہ حالت ۾ تو کي نہ ڇڏيندس. نيٺ ديو جي گهٽي منٽ ميڙ تي پچاري

چيس تہ: چڱو هاڻي هيئن ڪر، جو هيءُ سڀ مال اسباب ۽ دنيا دولت ڪٽي منهنجي گهر پهچائي اڇ. آئون ڪنهن ٻئي ديو جي ڪل وڃي ٿو لاهيان. اهو ٻڌي ديو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄو ڏن ڪٽي ڪنيائين، ۽ پجاري کي ٻ ٻڌيءُ تي ڪٽي وڌي اڏاٽو. رستي تي ديو هڪڙي سائي ڪپڙ ڪي ڏسي باس باسي تہ: ساوا وڻ خدا جا! جيڪڏهن آئون صحيح سلامت موٽيس، تہ سڀان رات تنهنجي هيٺان سينهي ديون کي خيرات ڪرائيندس. پجاري اها گالهہ رکي دل ۾، ٿوريءَ دير ۾ پجاري جو گهر اچي ويو. ديو ان کي مال دولت ڏيئي، سندس احسان مڃندو موٽي ويو.

پجاري جي زال کا باهر ويل هئي، سا جا موٽي اچي ڏسي تہ مار! سڄو گهر سون سان پريو پيو آهي. حيران ٿي ويئي آخر رهيو ڪونہ ٽيس سو مڙس کان پڇيائين؛ پر هن پورو جواب ئي نہ ڏنس. جوٽس کي جا لڳي ڪاوڙ، سو چا ڪيائين جو انهيءَ مهل وڃي سموري گالهہ پنهنجي يار ڪوتوال سان ڪيائين. ڪوتوال کي اچي ناڻي جي لالچ ورايو، تنهن ڪدم پجاري کي گهرائي چيو تہ: سچي ڪر اها دولت ڪٿان آندءِ؟ نہ تہ ڪاٽ ۾ ٿو وجهئين. پجاري مڪر ڪري ڍڪندي ڍڪندي چيس تہ: سائين! فلاڻي هنڌ هڪڙو ڪپڙ آهي، آئون رات آڻي وڃي ٽڪيو هوس. آڏيءَ رات جو کي ماڻهو آيا، جن کي ڪهہ پجائڻي هئي. مون کين اتي وڃي ڪهہ پڇي ڏني، هنن وري مونکي هڪڙي مٺ زپين جي ڏني جي گهر ڪٽي آيس. هنن مونکي اڄ ٻ اڇڻ لاءِ چيو آهي، پر جي اوهين پڇڻ ڪٽي وڃو تہ پوءِ آئون ڪونہ ويندس. ڪوتوال ڏنو تہ شڪار جلد ڪاسي پيو، سو چيائينس تہ: چڱو، آئون ئي ويندي، مونکي پڇڻ آڻي ڏي. پجارو هائوڪار ڪري، پڇڻ ڏيئي ويس. ڪوتوال خيال



... 'ديوَ سموري دولت ۾ ڪنڀين ۽ ٻچاري ڪي ٻُڌيءَ تي ڪٽي
ولي آڏاڻو' ... — ص ۱۲۸

کيو تہ آئون اڪيلو هوندس تہ ٿوري دولٽ ملندي ، تنهنڪري چونہ پجاري جي زال کي ب وٺيو وڃان . سو جڏهن رات ٿي تہ پجاري جي زال سان ڪري ، پوءِ ڪٽي ڏس ڏنل ڪپڙ ڏي روانو ٿيو . اتي پهچي ٻئي ڇٽا هڪڙي ڪنڊ وٽي ويهي رهيا .

ڪجهہ دير گذرڻ کان پوءِ ديو ب اچي گڏ ٿيا . ديون ، هن ديو کان پڇيو تہ : يار! ڪهڙي ڳالهہ ڪري خيرات ٿو ڪرين؟ جنهن تہ هن سڄي حقيقت ڪري ٻڌاين . سمورا ديو هن تان کلڻ لڳا ، چي : ڪڏهن خدا جا ميراثي ب ٿيا؟ پڪ توکي اهو شخص بيوقوف بنائي ويو آهي .

ڪوتوال کي پجاري جي زال چيو تہ : هاڻي ديو خوش ٿيا آهن ، تنهنڪري هل تہ هلي کانئن ڪجهہ پجائڻ جو پچون . ڪوتوال ب پجاڻ کلهي تي رکي جڏهن هنن جي سامهون آيو ، تڏهن هن ديو رڙ ڪري چيو تہ: ادا! اهو اٿو خدا جو ميراثي . پوءِ تہ سڀئي ديو ڪوتوال ۽ پجاري جي زال تي چڙهي ويا ، گهڙي ڪن ۾ ٻنهي کي ٻوٽي ٻوٽي ڪري چينبي چڏيائون .

هوڏانهن غريب پجاري ب سڄي رات سندن وات ڏني پر هو نہ آيا . تڏهن پڪ ٿيس تہ ٻنهي کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملي . پوءِ تہ پاڻ ڪٽي واپار شروع ڪيائين ۽ ٻي شادي ڪري آرام سان ويهي رهيو .

—✱✱✱—

ٹڳڑيو فقير*

هڪڑي يتيم چوڪري وٽ بي انداز ملڪيت هئي. پٽس مرڻ وقت ڪيس نصيحت ڪري ويو هو تہ: پٽ! ٹڳڑيي فقير جي نالي خيرات ڪندو رهندين تہ ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن ڪونہ ڏسندين. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ چوڪري اڇي جو خيرات تي زور رکيو تہ ٿورن ئي ڏينهن ۾ سمورو مال ملڪيت دف ڪري ڇڏيائين. هاڻي وٽس ڪاڏي لاءِ ٽڪو بہ ڪونہ هو، اڇي ٻکن مرڻ لڳو تنهنڪري پڪو ارادو ڪيائين تہ اڄ ڏينهن کان پوءِ ٹڳڑيي فقير جي نالي هڪڑو پئسو بہ خيرات نہ ڏبو. آخر خيال ڪيائين تہ چو نہ هلي پرديس ڪمائجي. سو سهي سنيري ٻيءِ بادشاهي ۾ وڃي نڪتو. مڙس محنتي ۽ پورهيت هو، سو ٿورن ئي ڏينهن ۾ ايترو ڪمايائين جو ڪاڏي پيتي کان پوءِ بہ وٽس سؤ رپيا بچي پيا. اهي چيلهہ سان ٻڌي پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيو. وات تي هڪڑي شهر ۾ انهيءِ ملڪ جي شهزادي رهندي هئي. سندس محلات شهر کان ٻاهر هو. اها شهزادي تمام سهڻي هوندي هئي. ڪيترا ئي اميرءِ شهزادا رڳو سندس منهن ڏسڻ لاءِ حيران هوندا هئا. تنهنڪري شهزادي سؤ رپيا ونڊي پنهنجو منهن ڏيکاريندي هئي. هيءُ همراهہ بہ اڇي اتان لانگهائو ٿيو. شهزاديءِ جي سونهن جي تعريف ٻڌي هن ڪي بہ شهزاديءِ جي ديدار ڪرڻ جو شوق ٿيو.

---

* هن آکاڻيءِ جون بہ روايتون سليون، هڪ حيدرآباد شهر مان شيخ محمد يوسف کان ۽ بي لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان ملي.

محلات جي دروازي تي پهچي پير تي ڏونڪو هنيائين ، ٻانهي نڪري آئي جنهن کي سؤ رپيا ڏيئي شهزاديءَ جي منهن ڏسڻ لاءِ چيائين. ٻانهيءَ ڪيس پريرو ٻيهاري محلات جي دريءَ ڏانهن نهارڻ لاءِ چيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ شهزادي انهيءَ دريءَ وٽان لانگهائو ٿي . شهزاديءَ جي صورت ڏسي هي چريو ٿي پيو. وري منهن ڏسڻ لاءِ واجهه وڌائين ، پر ٻيو ٿيو خير . مانڙي ڪري موٽي پنهنجي ملڪ آيو . وٽس اباڻي ملڪيت مان باقي زمين جو هڪڙو ٽڪرو بچيل هو ، ان تي ڪٽي آرڻ پوکيائين.

هڪڙي ڏينهن هڪڙو سوالي وٽس آيو ۽ ڪانئس ٽڳڙيي فقير جي نالي خيرات گهرياٸين . هن شخص ٽڳڙيي فقير جي نالي خيرات ڏيڻ کان قسم ڪٽي چڏيو هو ، تنهن سوالیءَ کي صفا جواب ڏنو . تنهن تي ان سوالیءَ کانئس سبب پڇيو . هن شخص پنهنجي غريب ٿيڻ جي سموري حقيقت ٻڌائي ، جنهن تي سوالیءَ چيس تہ : بس، ڀالهہ ہ ايتري ! اهو ٽڳڙيو فقير آڻون آهيان، جنهن جي نالي تي خيرات ڪندو هئين . هاڻي جڏهن تو خيرات ڏيڻ بند ڪري چڏي آهي تڏهن تو وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ تو منهنجي نالي تي جيڪا ملڪيت لٽائي آهي ، تنهن جو عوض توکي ڏيان . هاڻي گهر جيڪي گهرٽو اٽئي ! اتي هو شخص ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ٽڳڙيي فقير کي چيائين تہ : سائين ! مونکي ٻي تہ ڪا مال ملڪيت جي تمنا ڪانهي، باقي شهزادي جي منهن ڏسڻ جي خواهش اتم ، اها پوري ٿئي . ٽڳڙيي فقير چيس تہ: چڱو ، اول هيءُ سڄو آرڻ منهنجي نالي خيرات ڪري ، هڪڙو رپيو ڪٽي مون سان گڏجي هل تہ توکي شهزاديءَ جو ديدار ڪرايان . هو شخص پوءِ سڄو آرڻ ٽڳڙيي فقير جي نالي خيرات ڪري ، هڪڙو رپيو ساڻ ڪٽي هن سان گڏجي اٽي پڌ پيو .

هلندي هلندي اچي شهزادیء جي شهر کي ويجها ٿيا: ڏنائون ته هڪڙو ٻکرار، ٻکرين جو ڏڻ کاهيو پيو وڃي. ٽڳڙيي‌فقير انهيءَ ڏڻ مان هڪڙو نندو چيلو ڏسي ٻکرار کان ملهه پڇيو. ٻکرار چيلي جو ملهه هڪڙو رپيو ٻڌايو. ٽڳڙيي‌فقير يڪدم رپيو ڏيئي اهو چيلو خريد کيو. ٻکرار اڳتي هليو ته وري ٻئي ڇٽا ڏوڙي اچي کيس رسيا، ۽ ٽڳڙيي‌فقير چيس ته: اي ٻکرار! اهو رپيو ٻ آيو توکي، ۽ هيءَ چيلو ٻ آيو توکي، هاڻي انهيءَ جي عوض اسان کي ڪجهه وڏو چيلو ڏين ته ڏاڍو چڱو. ٻکرار هو بيوقوف تنهن کي حساب دل سان پچي آيو، سو وڏي خوشيءَ سان هڪڙو وڏو چيلو ڏڻ مان ڪيڙي هنن کي ڏنائين. ٻکرار ڏن کاهي ڪجهه اڳيرو هليو ته وري ٻ ٻئي ڇٽا ڏوڙي اچي رسيس. سخي پير کيس چيو ته: ميان ٻکرار! رپيو ٻ ڦيو توکي، ۽ پهريون چيلو ٻ توکي ڏنم، هاڻي هيءَ چيلو ٻ وٺ، اسان کي ڪو سٽو ٻکر ڏيار ته پلو ڪم ٿئي. ٻکرار وري ٻ دل ۾ حساب ڪري ڏٺو ته فائدو ٿو ٿئي، سو ڳولي‌ڳولي ڏڻ مان هڪڙو ٽاهوڪو ٻکر ڪيڙي ڪٽي هنن جي حوالي ڪيائين. پوءِ ٽڳڙيي ڇا ڪيو جو ٻکر کي چيلهه ۾ ڪٽي نوڙي ٻڌي، ۽ٻئي ڇٽا ٻکر کي پوئين پيرين ڇڪي محلات ڏانهن هلڻ لڳا. ٻکر ويچاري کي نوڙي ٻڌل هئي چيلهه ۾، سو ٻيڪات ڪندو ڪنيرو گهلبو آيو. ٻکر جا ٻيڪات اهڙا هجن جو الامان .... آسمان ڪٽي مٽي تي ڪنيائين. ائين ٻکر کي گهليندا گهليندا اچي محلات وٽ پهتا. اتفاق سان انهيءَ مهل محلات جي دريءَ کان اها خاص پانهي ٻيٺي هئي، جا سؤ رپيا وٺي شهزادیءَ جو منهن ڏيکاريندي هئي. اها ٻ تمام سهڻي هئي، تنهن جو ٻکر جي اونڌي گهلجڻ وارو لقاءُ ڏٺو، سو ڏوڙي شهزادیءَ کي وٺي آئي. ٻئي ڇٽيون دريءَ

مان هنن درويشن کي ڏسي ڪلي ڪلي ڪيويون ٿي پيون .
اتي ٽڳڙيي هن شخص کي ٽونڪ هڻي چيو تہ : شهزادي ۽
کي ڏسي ڏؤ ڪر . هن شخص ، جنهن جا چرين جهڙا حال هئا ،
تنهن شهزادي ۽ کي ڏسي ڏؤ ڪيو ۽ ٽڳڙيي کي چيائين تہ :
بس ، شهزادي ۽ جو ديدار ڪرٽو هٿم سو ڪيم ، هاڻي موٽون
پوئتي . ٽڳڙيي چيس تہ : درويش ! اڃا ڳالهہ ڪٿي پئي آهي .
هاڻي جيئن آئون چوان ٽو ، مانڙي ڪري تيئن ڪج ، پوء ويٺو
خدا جا رنگ ڏس . هي ٻئي جڻا ٻڪر کي چڪين اڳتي ، ۽
ٻڪر چڪي پوئني . ڪنهن مهل هي ٻڪر کي ڳچ پنڊ چڪيو
وڃن ، تہ وري ڪنهن مهل ٻڪر هنن ٻنهي کي چڪي وڃي ،
هي گهلبا اچن . ٻئي جڻا ڏوڙ ۾ گهلجي اهڙا ٻڇڙا ٿي ويا جو
سڃاپجڻ ۾ ئي نہ پيا اچن . تان جو مٿان اچي سڄ لٽو ، ۽ هي
مانڙي ڪري محلات جي اڳيان ميدان تي ويهي رهيا . اهو
سمورو لقاءُ محلات جي اڳيان ٽيو هو ، راڻي ۽ ٻانهي دريء مان
ٻيٺي سڄو تماشو ڏنو . ٻڪر ۽ هنن جي ٻڇڙي حالت ڏسي ڪل
۾ اونديون پئي ٽيون . آخر جڏهن هي ٻئي جڻا ٽڪجي محلات
جي ٻاهران ويهي رهيا ، تڏهن هي ٻئي جڻيون ٻ دريء کان
هٽي محلات ۾ هليون ويون . جنهن شهزادي ۽ جو منهن ڏسڻ لاءِ
وڏا وڏا بادشاهہ حيران هئا ، تنهن جو ديدار هن شخص مفت ۾
ڏؤ تي ڪيو .

شهزادي ۽ ٻانهي محلات ۾ ويٺي هنن چرين تان **ڪليون**
ڪا مهل گذري تہ وري ٻڪر جا ٻيڪات ٻڌائون . ڏوڙي اچي
دريء کان ٻيٺيون . ڏسن تہ آپرندي منهن ڪري ٻڪر کي ڪٽي
ڏسيو اٽن ، هڪڙو جڻو ٻڪر جي چيلهہ تي ۽ ٻيو ڪنڌ تي
تي چڙهيو ويٺو آهي ۽ آٻتي ڪاتيء سان وينا ٻڪر ڏهم **ڪن!**

ڀڪر جي رڙ مٿان رڙ پي پئي. اهاحالت ڏسي شهزاديءَ پانهي کي چيو تہ: هي ويچارا تہ ڪي الله لوڪ ٿا ڏسجن، جن کي ڀڪر کهڻ جي بہ خبر ڪانهي؛ هاڻي هيئن ڪر، جو وڃي ڪين ڀڪر کهڻ سيکاري اچ. پانهي حڪم جي بندي، سا ماڙيءَ تان لهي هيٺ آئي، ۽ ٽڳڙيي فقير ڏي ڪاتيءَ جو سٻتو پاسو ڏيکاري چيو تہ: منهن الهندي پاسي ڪري، هن سٻتي پاسي سان ڀڪر کهو. ٽڳڙيي فقير هن شخص کي ٿونڊ هڻي دريءَ کان ٻيٽل شهزادي ڏيکاري. هو شهزاديءَ جو چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو منهن ڏسي بهاري ۾ اچي ويو.

پانهيءَ جي موٽي اچڻ کان پوءِ، ٻئي جڻيون ماني ٽکي ڪائي وڃي آرامي ٿيون. شهزاديءَ کي ننڊ ئي نہ اچي. هنن ٻنهي درويشن جي حال تي ڏاڍو قياس پئي آيس، ۽ وري ڪل بہ پئي آيس. آخر رهي ڪانہ سگهي، اٿي اچي دريءَ وٽ ٻيٺي. ڏسي تہ ٻئي جڻا ڀڪر کي ڪلهن بدران وار پيا پٽين. اتي شهزاديءَ کي هيڪاري ڪل آئي، يڪدم پانهيءَ کي سڏي چيائين تہ: هنن ويچارن کي تہ زماني جي ڪابہ خبر ڪانهي، هاڻي تون وڃي ڀڪر ڪلي ٿاهي هنن کي ڏيئي اچ. تنهن ڪان سواءِ رڌ پچاءُ جو بہ وڻن سامان ڪونهي، تنهنڪري ٿانو ٽپا بہ کين ڏيئي اچ. وري بہ پانهي حڪم موجب وڃي ساڻن ڀڪر ڪلهن ۾ مدد ڪئي ۽ رڌ پچاءُ لاءِ ٿانو بہ ڏيئي آئي. اهو سمورو وقت بہ شهزادي دريءَ کان ٻيٺي هئي، ۽ هو شخص ديدار ڪندو رهيو. جيئن ٽي شهزاديءَ کي ڏٺائين، ويتر ويس ٽي حواس گم ٿيندا. اتي ٽڳڙيي فقير پنهنجيءَ پر ۾ پڇيس تہ: ڪيئن ٿو پائئين؟

هنن ٻنهي جڻن، پانهيءَ جي وڃڻ کان پوءِ پترن جي

چلھ ڪاھي، ان تي ديگڙو اونڌو رکي، مٿان رکيو گوشت ۽ هينان ٻاري باھ، پوء وينا باھ کي ٽوکون ڏيڻ. ڪائڻ ڪا باھ ٻري ۽ نڪي گوشت رڌو. ائين ڪندي ڦير رات جو گذري ويو. اوچتو شهزاديء کي وري اچي هنن ٻنهي جڻن ڪي ڏسڻ جو خيال ٿيو. اچي دريء وٽ بيٺي، گوشت عجيب نموني سان رجهندي ڏسي ڏوڙي وڃي ٻانهيء کي آڌريائين. ٻنهي جڻن خيال ڪيو ته هنن ويچارن ٻنهنجيء عمر ۾ شايد رڌو پڪو ڪونہ آهي، تنهنڪري هنن سان مدد ڪجي. پوء ٻانهي وڃي اهو گوشت ۽ ٻيا مصالحو ڪٽي آئي جو ٻنهي جڻين رڌي ڪاهي تيار ڪيو، ۽ ٻانهي ڪٽي وڃي ڪين ڏئي آئي.

ٻانهيء جي موٽڻ ڪان پوء ڳڙيي فقير هن شخص کي چيو ته: تو رڳو شهزاديء جي منهن ڏسڻ لاء چيو هو، پر هينئر ماڻهين سندس هٿ رڌل ڪاڌو ٿو ڪائين؛ پر ايا ڪٽي ڳالهہ پئي آهي، ويٺو خدا جا رنگ ڏس. ائين چئي ڳڙيي فقير هڪڙو ٻوٽ ڪٽي هڪڙي پاسي ڪان ٻاڙ چڪ هنيو ۽ ٻيو پاسو هن جي وات ۾ وڌائين. اچي چڪ چڪان کي لڳا، نہ ٻوٽ ڇڄي، نہ جند ڇٽي. ڪيڏيء مهل ڳڙيو فقير گهليو وڃي ته ڪيڏيء مهل هو شخص. انهيء معاملي هلندي وري ٻ شهزاديء، ٻانهي کي چيو ته: هنن ٻنهي درويشن جي خبر چار وٽ ته ڀاني ڪاڌئون يا سمهي رهيا. ٻانهي دريء مان ڏسي ته مار، درويش ٻوٽ ۾ چڪ هنيو چڪ چڪان کي لڳا پيا آهن. اتي ٻانهيء هنن تي قياس آڻي شهزاديء کي چيو ته: شهزادي! هي ٻئي جڻا کي نٻڙ درويش ٿا ڏسجن، جن کي ڪاڌي جي خبر ڪانهي. هاڻي جي ثواب ڪٽلو آهي، ته هل ته هلي هنن کي ماني ڪارايون. شهزاديء چيس ته: ٻانهي! جڙي ٿي آهين چا، مون سڄي عمر

محل کان باهر پير نہ ڪڍيو آهي، سو هينئر ڪٿي ٿي باهر نڪران. پر پانهيءَ کيس اهو ٻڌايو تہ: هينئر رات آهي، ڪير ٿو ڏسي. پاڻ جيڪڏهن هنن کي نہ ڪارائيندينسين تہ ويچارا درويش پنهنجي محلات اڳيان بک مري ويندا ۽ پوندوسين پاپ ڳچيءَ ۾. آخر شهزادي راضي ٿي. پوءِ ٻئي ڇٽيون گڏجي هيٺ لٿيون. پانهيءَ ورتو ٽڪڙيي فقير کي ۽ شهزاديءَ ورتو هن غريب شخص کي. پوءِ ٻنهي کي ويهاري پنهنجي هٿن سان گرانهن ناهي هنن جي وات ۾ وڏائون، تڏهن ٿي هنن کاڌو. اهڙيءَ طرح کين ماني کارائي ڏؤ ڪرائيون. ڏؤ وري کهڙو، گرانهن وات ۾ پوي تہ ابتا سبتا چاٻا ڏيئي يا تہ گرانهن ڪيو ڇڏين، يا تہ ڳڙڪايو ڇڏين. آخر جيئن تيئن ڪري شهزاديءَ ۽ پانهيءَ جي جند ڇٽي، پر افعالن مان سهيّ ڪيائون تہ آهن کي انان چريا. هوڏانهن وري ٽڪڙيي فقير، هن شخص کي ذري ذري پيو اک پچي تہ، ڪيئن پٽ! هاڻي تہ شهزاديءَ جي هٿن سان ماني پيو کائين؟

ماني کارائڻ کان پوءِ شهزاديءَ کي اچي خيال ٿيو تہ ويچارا سمهندا چا تي! نہ هنڌ اٿن نہ ڪٽ. سو پانهيءَ کي حڪم ڏنائين، جا ريشمي هنڌ ڪڍي آئي، ۽ پٽ تي وڇائي هنن کي سمهڻ لاءِ چيائين. هو ٻئي جڏا هڪ ٻئي کي اشارا ڪري جدا جدا ٿي سمهي رهيا، شهزادي ۽ پانهي محلات ۾ موڪي ويون. اتي اڌ رات اچي ٿي هئي پر شهزاديءَ کي ننڊ ئي نہ اچي، سا اڃي ٿهلڻ لڳي. اوچتو دريءَ مان سندس نظر وڃي باهر پيئي. ڏسي تہ هنڌ ٽلها پيا آهن، درويش آهن ئي ڪونہ. وري ڪٽي جو ڏسي تہ بلي! ٻئي جڏا ليٽ ڪبوتر پيا ڪن. ليٽڙيون پائيندي پائيندي وڃو الائي ڪٿان نڪرن. ويچار ۾ پئجي ويئي تہ هنن

درويشن کي سمهارجي ڪيئن ! آخر خيال ڪيائين تہ ثواب جو ڪم آهي ، چونہ هنن کي اها رات محلات ۾ ڪٽي سمهارجي . سو پانهيءَ کي آڏاري موڪليائين ، جا هنن درويشن کي پاڻسان وٺي آئي . ڪين ۾ پلنگ سمهڻلاءِ ڏنائون ، پر سندن اهائي ڪار ، آڏيو پٽليو پلنگ تان وجو هيٺ ڦهڪو ڪن . ٻئي ڇڻيون اڇي بيزار ٿيون . آخر پاڻ ۾ صلاح ڪري پانهي وڃي ٽڳڙيي فقير کي ٻک وڏاءِ شهزادي هن غريب شخص کي پاڪر وڃهي قابو ڪري پلنگ تي سمهي رهي . هنن گهٽئي ڏڙايو پر هوءَ ٻئي ڇڻيون ڪين مضبوطيءَ سان پاڪر وڃهي سمهي رهيون . اتي ٽڳڙيي فقير هن غريب شخص کي هڪل ڪئي تہ : ڪيئن ٿو پائين ؟ تون جنهن شهزاديءَ جي رڳو منهن ڏسڻ لاءِ سؤ رپيا خرچ ڪري ويو هئين ، اڄ ان سان گڏ ستو پيو آهين . شهزادي ۽ پانهي اهو ٻڌي حيران ٿي ويون . پوءِ تہ ٽڳڙيي فقير ڪين سموري حقيقت ڪري ٻڌائي . شهزاديءَ دل ۾ خيال ڪيو تہ هڪڙي ڏاڙئي شخص کي هٿ سان مائي ڪارائي اٿم ، ۽ ان سان گڏ ستي آهيان ؛ هاڻي جي شادي ڪنديس تہ ٻ انهيءَ سان. پوءِ صبح ٿيندي ئي اُن غريب شخص سان شادي ڪيائين . اهو شخص ٿورن گهڻن ڏينهن ڪان پوءِ انهيءَ ملڪ جو بادشاهہ بنجي ويو .

آڏموٽ *

هڪڙو ميربحر هو، جنهن جي زال سان اهڙي ته دل هوندي هئي جو سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺو هوندو هو، ۽ وري جوئس جي ساڻس اصل ڪاڻ پوندي هئي، ۽ دل ۾ پئي چوندي هئي ته: ماريو اڄ مري ته سپاٽي ٻيو ڏينهن ٿئي! مڙس کي ڏهاڙي چوندي هئي ته: هڻڙا تهڙا! سڄو ڏينهن گهر جون ڪٽون ويٺو چنين؛ وڃي ڪجهه ڪمائي اڇ! مگر هو وڃڻ کان انڪار ڪري سندس حاضريءَ ۾ ويٺو هوندو هو. ٿيٺ هڪڙي ڏينهن ڪيس مجبور ڪري گهر مان ڪيڏائين، ۽ ٻه ٽي ميڻا روٽ پچائي انهن ۾ زهر ملائي ڪيس ڏنائين. هي ٻه ڪسندي ڪسندي راهي ٿيو، ۽ اچي هڪڙي بادشاهي شهر ۾ پهتو.

آٿي جي بادشاهه جو مڪنو هاڻي انين ڏينهن شهر ۾ گهمندو هو، جنهنڪري سڀ ماڻهو دربون دروازا ۽ هٽ بازاريون بند ڪري اندر لڪي ويهي رهندا هئا. ميربحر ٻه ان ڏينهن اچي شهر ۾ سهڙيو هو. هيڏانهن هاڻي ٻه پنهنجي هستي ۽ مستيءَ وچان شهر ۾ گهمڻ لڳو ته اوچتو سندس منهن سامهون اچي اهو ميربحر ٻيو. پيلبان هن کي هڪل ڪئي ته ڀڄي پري ٽيءُ! پر هي ڀڄي نه سگهيو. ايتري ۾ هاڻي اچي مٿان ڪڙڪيس ۽ ڪيس سونڊ سان جهلي گهلڻ لڳو. قدرت سان مير بحر سونڊ مان ڇڏائي هيٺ ڪري ٻيو ۽ اها مانين واري هڙ هاڻيءَ جي

---

* هيءَ آڪاڻي آتر (تعلقي لاڙڪاڻي) مان عبدالڪريم سنديلي ڪان ملي.

سونڊ ۾ اچي ويئي. مانين ۾ پيل هو زهر سو جيئن هاڻيءَ اها هڙ وات ۾ وڌي ۽ کائڻ لڳو، تيئن ڏو وڃي پٽ ۾ ڪريو ۽ چڙي ۽ ڪاڪ هنيائين. پيلبان واڙو ٿي ويو، چي: مار! اهڙو پهلوان آهي جو هاڻيءَ کي هڪ ئي چمات سان ماري وڌائين.

ميربحر اتي ئي بيٺو رهيو، پر هن سان گالهائي ڪير؟ پيلبان سڌو بادشاهه ڏانهن پڳو ۽ "فرياد" "فرياد" ڪندو دربار ۾ اچي چوڻ لڳو ته: بادشاهه سلامت! اهڙو پهلوان اسان نه ڏٺو نه ٻڌو، جو اوهان جي مڪني هاڻي کي هڪڙيءَ چمات سان چؤطاق ليٽائي وڌو اٿس. بادشاهه اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ته اهڙو انسان جو اڪيلو هاڻي کي ماري، وڃهي، ۽ هاڻي ۾ آهو جو سموري لشڪر سان منهن ڏيندو هو! سو چيائين ته وڃو ۽ اهڙي جوڌي جوان کي راضي ڪري عزت ۽ مان شان سان وٺي اچو. بس پوءِ ته امير وزير، نوڪر چاڪر سڀ گڏجي وٽس آيا ۽ هٿ جوڙي بادشاهه جي طرفان دعوت ڏنائونس. پاڻ ۾ چوڻ لڳا: مڙس مٽ جيڏو، پربت جيڏي هاڻيءَ کي هڪ چمات سان ماري ڇڏيائين، واهه پهلوان واهه! ميربحر اهو ٻڌي ڪونڊ ۾ پرجي ويو ۽ مخرج سان گالهائڻ لڳو. آخر اچي بادشاهه وٽ پهتو. بادشاهه هن کي اڻي هٿ ڏنو ۽ سندس ڏاڍي مرحبا ڪيائين. ٿوريءَ ويرم ۾ ڪيمخواب جا ڪپڙا اچي وياڻ سڀ رچيون تيار ٿي ويون ۽ هن ميربحر کائي ڏوڪ ڪيا.

بادشاهه، وزيرن سان صلاح ڪئي ته پهلوان پنهنجي مرضيءَ جا مالڪ ٿيندا آهن، متان هيءُ هتان هليو وڃي، تنهنڪري چڱو ائين آهي ته مان هن کي پنهنجي وڏور ڏيءَ پرڻائي، پاڻ وٽ هميشه لاءِ هٿيڪو رکان، ته جئن مهل ۾ ڪم اچي. بس پوءِ ته پير تي ڏونڪو لڳي ويو. ڪجريون پيون ڪُسن ته ٻڪريون

پيون نچن. ڏهلن ڏسڻ ۽ وڏي شان مان سان مير بحر جي شادي ٿي گذري. قدرت خدا جي، چا چيتو پتُ، چا بسم الله! مڙس ڏاڍا مزا ماڻڻ لڳو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ بادشاهه جو ميهار فرياد ڪٽي آيو ۽ اچي دربار ۾ چيائين تہ: بادشاهه سلامت! هڪڙو شينهن اوهان جي مال مان روزانو هڪ نہ ٻيو ڏور ماري کنيو ٿو وڃي، تنهنڪري پهلوان کي حڪم ٿئي تہ ان کي ماري؛ نہ تہ مال جو خير ڪونهي. اهو ٻڌي بادشاهه، پهلوان کي انهيءَ شينهن مارڻ جو حڪم ڏنو. هن ڦپ ڏيئي چيو تہ: اهو ٻليءَ جو ٻچڙو آئون جهٽ ٿو ماري اچان. ائين چئي اٿيو تہ سهي، پر شينهن جو ٻڌي ساهه مٽ ۾ اچي ويو هئس. موت کي اکين آڏو ڏسي سڏو زال وٽ آيو ۽ ان کي پنهنجي سموري حقيقت ٻڌائي، چيائين تہ: مڃي ماري اچان ٿو آئون، تہ وکڻ تون. پلا مون کڏهن ڪُٽي ۽ ڪاهہ ماري. سو شينهن سان ڪيئن منهن ڏيندس؟ شهزادي عاقل ۽ دلير هئي، تنهن خيال ڪيو تہ هاڻي جي خواري ڪنديس تہ منهنجي عزت چٽي ۽ بابي کي ملڪان ملڪ تڪو لڳندو، سو چا ڪيائين جو مردانا ڪپڙا ڪري، ترار هٿ ۾ ڪٽي اتي ويئي جتي شينهن ايندو هو. ڏنار کان پڇيائين تہ، شينهن ڪهڙي طرف کان ايندو آهي ۽ ڪيڏيءَ مهل ايندو آهي؟ ڏنار جي ٻڌائڻ تي چا ڪيائين جو ترار هٿ ۾ ڪري انهيءَ لانگهي کان ٽي ويهي رهي. ٿوري دير گذري تہ شينهن اچي ڪڙڪو ڪيو، ۽ جڏهن آن لانگهي مان لنگهڻ لڳو، تڏهن شهزاديءَ خدا کي ياد ڪري، زور سان ترار هنئي تہ شينهن جي سسي ويڃي وڃي پري پيئي. پوءِ شهزاديءَ شڪرانا ڪري، پنهنجا ڪپڙا شينهن جي رت ۾ ٻوڙي، ڪنن ۽ ڇپ جون چوٽيون ويڃي گهر

موٽي آئي ، ۽ اهي ڪپڙا لاهي مڙس کي ڏيئي چيائين تہ : هاڻي وڃي بابي سان احوال ڪر . پهلوان آهي ڪپڙا پائي ترار ڪٽي بادشاهہ جي دربار ۾ آيو ۽ اڇي چيائينس: سائين ! شينهن ماري آيس ، هي آهن ان جون نشانيون . بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي خوب پهرايائين ۽ وڏو جشن ڪري ڪيس "اٽموٽ" جو خطاب ڏنائين . بس پوء تہ سندس نالو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو .

ٿورن ڏينهن کان پوء وري هڪڙو ماڻهو بادشاهہ وٽ فرياد ڪئي آيو ۽ اڇي عرض ڪيائين تہ بادشاهہ سلامت ! منهنجو ڪوهہ شهر جي لڳ آهي ، جتي هڪڙو شينهن اڇي هريو آهي ۽ منهنجا ڪيترا گڏهہ کائي ويو آهي . تنهنڪري اسان غريبن تي رحم جي نظر ڪري ، انهيء پهلوان کي حڪم ڪريو تہ هلي اسان جو آزار لاهي . بادشاهہ پهلوان سان احوال ڪيو . هن چيو تہ : حاضر سائين ! اهو خسيس ڪم آهي ، اجهو ٿو اک چٽ ۾ ڪري وڃان . ائين چئي وري ب گهر ۾ اڇي اونڌي منجي ڪري سمهي رهيو ، ۽ زال کي چيائين تہ: سون کان اهڙا ڪم ڪيا ڪونہ پڇندا ، جيڪڏهن هلٽو ۽ لڏو اٽئي تہ اٽي هل . شهزادي هن جا اهي لفظ ٻڌي بيحال ٿي پيئي . خيال ڪيائين تہ مڙس ب سچ ٿو چئي ، تنهنڪري شام جو مڙس کي چيائين تہ: شهر جي ٻاهران گڏهہ چرندا هوندا ، اتان رات جو هڪڙو گڏهہ ڪاهي اڇ تہ غريب ماڻهو بنجي هتان نڪري هلون ، ڇو تہ شاهاڻي نموني هلڻ سان ڪاڪاهہ ظاهر ٿي پوندي . پوء سڄ لهڻ تي هو تہ " اٽموٽ " شهر جي ٻاهران گڏهہ ڪاهڻ ويو . اتي هڪڙو ڪوهہ هو ، جتان زالن پاڻي پئي پريو . سڄ لهڻ جي ڪري عورتون جلد جلد پاڻي پري گهرن ڏانهن هلڻ لڳيون تہ

اوچتو شينهن ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ اتي آيو ۽ اڇي حوض ۾ ٻوٽ وڌائين. اٽموت ڪڏهن شينهن ڏٺوئي ڪونہ هو، ٻيو وري اوندهه ٿي وئي هئي، تنهنڪري سمجهائين ته ڪو گڏهه آهي، سو ٻي ڊپو ٿي، هن جي ڪنڌ ۾ نوڙ وجهي وٺي گهليائينس. قدرت سان شينهن جي حشمت ئي مري ويئي! ميربحر هن کي ڪاهي سڌو گهر ڏي راهي ٿيو. جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو ته ماڻهن جو ساهه ئي سڪي ويو، چي: ڏسو ته اٽموت شينهن کي ڪنڌ ۾ رسو وجهيو ڪاهيو پيو وڃي. ماڻهو ٻوڙ ڪان ٻڌي ويا ۽ هن گهر اڇي زال کي چيو ته: گڏهه آندو اٿم، هاڻي رکينس ٽپڙ ته ٻڌ ٻئون. شهزادي۽ سڃاتو ته مڙس شينهن ڪاهي آيو آهي، سو اٽديئي لوها زنجير ڪٽي شينهن کي قابو ڪري ٻڌائين، ۽ مڙس کي چيائين ته: هيءُ ته شينهن آندو اٿئي! هن جو ائين چون ۽ اٽموت جو پنهنجو پاڻ کي ڇڏن، بيهوش ٿي ڪري ڀيو. شهزادي۽ سندس هٿن پيرن جون ترين مهٽيون ۽ ڪيس دم دلاسا ڏئي چيائين ته: هاڻي دربار ۾ وڃي بادشاهه کي ٻڌاءِ ته اهو شينهن ٻڌي آيو آهيان ۽ منهنجي حويلي۽ تي هلي ڏسو. ٻوءِ هن جڏهن شينهن کي چوکنيو ٻڌل ڏٺو تڏهن دلجاءِ ٿيس، ۽ ست سڻ ڪندو سڌو ويو بادشاهه وٽ. وڏي واکي ڏاڙ هڻي چيائين ته: سائين! ٻلي۽ جي ٻلونگڙي کي هٿن سان جهلي آيو آهيان، هلي ڏسو. بادشاهه وزيرن سميت شينهن ڏسڻ آيو، ۽ شينهن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هاڻي ميربحر کي اڳيئين کان وڌيڪ عزت ملڻ لڳي.

ٿوري گهڻي ڏينهين سندن ملڪ تي ٻيو هڪڙو بادشاهه چڙهي ڪري آيو. ٻوءِ ته جنگ جي تياري ٿي ويئي ۽ بادشاهه اٽموت پهلوان کان صلاح پڇي ته هاڻي ڇا ڪجي؟ هن ڏٺو ته

بادشاھ سونکي ويڑھائڻ کان سواءِ ڇڏيندو اصل کونہ ، تنھنکري چو نہ پاٹھي قبول کريان. سو چوڻ لڳو تہ : جيئندا قبلا ! اوھين کوبہ خيال نہ کريو ، آئون جو وينو آھيان . ائين چئي گھر آيو ۽ اڇن سان اونڌي منجي کري ويھي رھيو . شھزادي ۽ پڇيس : ھيو تہ خير آھي جو اڄ وري اونڌي منجي کري اڇي وينو آھين؟ شھزادي ۽ کي سموري حقيقت ٻڌائي چيائين ، آئون اڪيلي سر لشکر سان کيئن منھن ڏيندس؟ ھاڻي جي ھلڻو اٿئي تہ ھل نہ تہ آئون ٿو وڃان . جوڻس چيس تہ ھينئر ڇڄي کونہ سگھنداسين ، باقي سڄ لھي تہ پوء ھلنداسين . آخر سڄ لٿو تہ شھزادي ۽ ڳھن ڳٽن جو کارو مٽي تي کڻائي چيس تہ : ھي کارو شھر کان ٻاھر کنھن ھنڌ رکي اڇ تہ باقي سامان پوء کڻي ھلون .

اٽموٽ کارو مٽي تي کڻي شھر کان ٻاھر نڪتو تہ کيس روشني ۽ جا چمڪاٽ ڏسڻ ۾ آيا . اھا روشني دشمن جي لشکر جي چانوڻي ۽ جي ھئي . انھي ۽ لشکر اڇ سان ئي جنگ جي ميدان جي چوڌاري کاھيون کوٽي چڏيون ھيون . جيئن تہ ھن جي نظر چمڪاٽ ۾ ھئي ، تنھنکري ھلندي ھلندي ڏو وڃي کاھي ۽ ۾ ڪريو . رات جو وڳڙو ھو . اڪ نہ ڏسي گوڏي کي ھن جي ڪرڻ سان کاھي ۽ ۾ جو آواز ٿيو ، ان تي لشکر سجاڳ ٿي پيو . ھنن کي راتاھي جو تہ اڳيئي پڙ ھو . سو سمجھيائون تہ اٽموٽ اڇي ويو . ڊپ ۾ ھڪدم اٿي کڙا ٽيا چوڌاري ترارن جا چمڪاٽ ٿي ويا ، ۽ ھٿي پاڻ کي ڊيري کري وڌائون . اٽموٽ ترارن جا آواز ٻڌي لڪڻ لڳو . ھوڏانھن لشکر مان کي مارجي ويا تہ کي تاءُ کان جنگ جو ميدان چڏي پڇ پائي وٺي ڀڳا ، تہ ڪن وڃي بادشاھ کي اطلاع ڏنو تہ :

سائين ! هڪڙي ڇٽي سڄي لشڪر جو ڪم لاهي ڇڏيو. اٽموٽ ساري رات پؤ ڪان ڪڏ مان نہ نڪتو، صبح جو جڏهن مارا ماري بس ٿي، تڏهن رت ۾ ڪپڙا ڳاڙها ڪري، سڏو بادشاهه وٽ آيو، ۽ چيائينس ته: سائين ! دشمن جي لشڪر ڪي ماري مات ڪيم. ڪي ميدان ڇڏي ويا، تہ ڪي آڦٽ ماري ڇڏيم. بادشاهه هن ڪي آفرين چئي وري ۽ ڏاڍا انعام ڏنا ۽ خلعتون پهرايون.

هوڏانهن هن بادشاهه وري پيغام موڪليو ته اسان سان رات دولاب ٿيو آهي، تنهنڪري وري جنگ جوٽيندا سون. اتي اٽموٽ ۽ ڪجهه دل جهلي ۽ جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو. گهوڙن جي ڪڙهه ۾ آيو، هڪڙو ڏهرو گهوڙو ڏسي ان ڪي سنجڻ لڳو. سڃاڻ ته اهو گهوڙو ڪو ساوندبي هو. گهوڙي تي چڙهي حفاظت لاءِ پاڻ ڪي نوڙين سان خوب ٻڌي قابو ڪيائين. پوءِ ته هن جي اڙي هٽڻ ۽ گهوڙي جو اڏامڻ. گهوڙو زمين کان پنج هٿ مٿي اڏامڻ لڳو. اتي هن مڙس ڪي موت اکين آڏو ڦرڻ لڳو، سو سر جي بچاءُ لاءِ هڪڙي وڻ جي ڏار ڪي چنبڙي پيو. گهوڙي جي زور سبب اهو ڏار ڪڙڪڙ ڪري ڀڄي پيو. اٽموٽ اهو ڏار ڪنيو لشڪر ڏانهن ڪاهيندو آيو ۽ ائين چوندو آيو ته: "جتي ٻڌي تتي پوان" قدرت سان ان لشڪر ۾ گهٽا ٽٽا پٽي ذات جا ماڻهوهئا، تن سمجهيو ته اٽموٽ چئي ٿو ته : جتي ٻڌي تتي مار ڪريان. سو اهڙو ڊپ اڇي وراين جو قطارون ڪري وڃي پيگا. اٽموٽ ڪي به اتي ايمان آيو ۽ قرار هٿ ۾ جهلي وڃي جو ساوندبي گهوڙي ڪي ميدان ۾ جولان ڏياريائين ته سڄي لشڪر ڪي منڊن ۾ تالان ڪري ڇڏيائين. ڪيترا مئا، ڪيترا ڀڄي وڃي بادشاهه وٽ لڪا ۽ چوڻ لڳا ته : سائين ! هي پهلوان اسان

کان زور آهي. بادشاهه لاچار ٿي اٿوت جي صهري بادشاهه جي آڻ مڃي ۽ آنکي قبول ڪري موڪلي ويو. عاٿي ٿم اٿوت جي عزت اڳي کان اڳري ٿيڻ لڳي ۽ باقيءَ حياتيءَ جا ڏينهن وڏي شان سان گذارڻ لڳو.

—※—

پَنجمار *

هڪڙو ماڻهو هو جو هميشه پنهنجي بهادريءَ جون ٻڌاکون هڻندو هو. هن کي رات ڏينهن اها گهٽتي هوندي هئي ته اهڙو ڪو ڪم ڪريان جو شهر جا ماڻهو منهنجي ساراهه ڪن. هڪڙي ڏينهن ماني کائڻ ويٺو ته مڪيون اچي ماني تي ويٺيون. هن ياريکي آئي جو ڪاوڙ سو هڪ ٻه ڪري پنج مڪيون ماري وڌائين ۽ زال کي هڪل ڪيائين ته: ڏس سون پنج دشمن ماري وڌا آهن. اڄ کان پوءِ سونکي "پنجمار" سڏجانءِ. بس پوءِ ته انهيءَ نالي سان مشهور ٿي ويو.

هڪڙي سال ملڪ ۾ ڏڪار پيو. پنجمار رڳو ٻڌاکون هڻي وقت گذر ڪندو هو، گهر ۾ ان" جو داڻو نه ليڻي. زال اچي ڪڪ ٿي، سو هن کي چيائين ته: هتي نڪو پورهيو آهي، ۽ نڪي اتون ڪو ڏنڊو ٿو ڪرين، تنهنڪري هل ته ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ هلي پورهيو ڪري پيٽ پاليون. اهو ويچار ڪري، وٽن جيڪو گڏهه هو، ان تي ٽپڙ ٻڌي روانا ٿيا.

پنڌ ڪندي ڪندي اچي هڪڙي ولايت ۾ پهتا. هڪڙي شهر جي پرسان لڏو لاهي، پنجمار زال کي چيو: تون هتي ويهه ته آئون شهر مان پورهيو ڪري چار پئسا ڪمائي اٿو وٺي اچان. شهر ۾ گهمندي جان ڏسي ته هڪ چوراهه تي ماڻهن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو آهي. خبر پيس ته شهر جو بادشاهه

---

* هيءَ آکاڻي ڏرهاڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رانچند ڪان ملي.

گهمڻ لاءِ نڪتو آهي ، سو وڏي وڄي بادشاهه کي سلام ڪيائين. هي ٻڌاڪي ته اڳيئي هو ، سو بادشاهه کي حال احوال ٻڌائيندي ٻڌاڪون هڻڻ لڳو ته : آئون پنهنجي ملڪ جو بهادر ماڻهو آهيان، پنج پنج دشمن گڏ ماريندو آهيان ، تنهنڪري مونکي پنجمار سڏيندا آهن . هاڻي جي اوهين نوڪري ڏيندا ، ته جيڪو به ڏکيو ڪم هوندو ، جو ٻين کان ٿي نه سگهندو ، سو ڪري ڏيکاريندس. بادشاهه ٻڌاڪون ٻڌي پاڻيو ته هي برابر ڪو پهلوان آهي ۽ هن کي نوڪريءَ ۾ رکجي، تنهنڪري هن کي ڪجهه رقم گذران لاءِ اڳواٽ ڏيڻ ڏنائين .

پنجمار ، بادشاهه کان موڪلائي سيڏو سامان وٺي موٽي آيو ۽ سمورو احوال زال کي ٻڌايائين. مانيءَ تيار ڪري ٻئي زال مڙس کائي خوش ٿيا. پوءِ شهر ۾ پنهنجي رهڻ لاءِ هڪڙي جاءِ هٿ ڪيائين ۽ پنهنجي گڏهه کي ڏينهن جو چوڙي چڏيندو هو ۽ شام جو ڳولي وٺي ايندو هو. بعضي بعضي ٽورو گاهه به کائڻ لاءِ ڏيندو هوس ؛ جنهنڪري گڏهه پاڻهي ۾ گهر موٽي ايندو هو ، جيڪڏهن نه ايندو هو ته هي ڳولي وٺي ايندو هوس.

اُن شهر جي ٻر ۾ هڪڙو جهنگ هو ، جنهن ۾ هڪڙو شينهن رهندو هو ، جو چوپايو مال يا ماڻهو ڏسندو هو ته ماري کائي چڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته رات جو شهر ۾ ڪاهي ايندو هو ۽ ماڻهو ماري ڪٽي ويندو هو. بادشاهه شينهن کي مارائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي مگر اهڙو ڪو پهلوان ڪونه هو ، جو شينهن کي ماري . هڪڙي ڏينهن بادشاهه پنجمار کي چيو ته: تو سون سان انجام ڪيو هو ته جيڪو ڏکيو ڪم ٻين ماڻهن کان نه ٿيندو سو پورو ڪري ايندس . هاڻي شهر جي ٻر واري جهنگ ۾ هڪڙو شينهن پيدا ٿيو آهي جنهن

گهٽو نقصان ڪيو آهي، تنهنڪري تون وڃي ان شينهن کي ساري اڃ. بادشاهه سان هائوڪار ڪري، اها ڳالهه پنهنجي زال سان اچي ڪيائين. زال صلاح ڏنيس ته: هائي پڃ ته پڇون. پر گڏهه ڪونه آيو آهي، تنهنڪري تون وڃ گڏهه ڳولڻ ته آڻون سمورو سامان ٻڌي رکان ٿي. ايتري ۾ سڃ لهي ويو ۽ برسات پوڻ شروع ٿي. پنجمار ۽ برسات ۾ گڏهه ڳولڻ لاءِ جهنگ ڏانهن ستيندو ويو.

شينهن ۽ ڪو سارو ڏينهن جهنگ ۾ رليو، پر شڪار هٿ ڪونه آيس. سو جيئن پنهنجي ڏَر ڏانهن موٽيو پئي، تيئن رستي تي برسات ڏاڍو هلاڪ ڪيس. وات تي هڪڙي جهوپڙي هئي، جنهن ۾ هڪڙي ٻيڙي مائي پنهنجي جوان پٽ سان رهندي هئي. اجهي خاطر شينهن جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ وڃي لڪي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير بعد مائيءَ جو پٽ ۽ موٽيو. جهوپڙيءَ جي ڇت ڪڪائين هئي، جنهنڪري مينهن جا ڦڙا ڏاڍي زور سان اندر اچڻ لڳا. چوڪري کي اها پڙ خبر هئي ته جهنگ ۾ هڪڙو شينهن رهندڙ آهي، سو پونگيءَ ۾ اندڙ گهڙڻ سان ماءُ کي چيائين ته: اما! آهي ته سڀ خير، مينهن پاڻيءَ کان ته بچي آهين؟ ماڻس وراڻيو: ابا! شينهن جي مارڻ جا ته نه آهيون، پر هي جهڙ ڦڙو ٿو ماري. شينهن ۽ هي گفتو ٻڌي ورتو سو ويچار ڪيائين ته، مار! جهڙ ڦڙو ته ڪو مون کان ۽ زبردست آهي، جو هي مون کان نه ٿا ڊجن، پر جهڙ ڦڙي کان ڊجن ٿا. سو شينهن کي ۽ اچي ڊپ لڳو ته متان اها آفت مٿس نه اچي ڪڙڪي.

انهيءَ ويچار ۾ هو ته پنجمار ۽ گڏهه ڳولينڊو ڳولينڊو مينهن کان بچڻ لاءِ پونگيءَ ڏانهن ڪاهيندو آيو. جهڙو پونگيءَ



... 'هڪڙو منهن، پي اوندهه، سو پنجمار، شينهن کي سمجهيو ته اهو سندس گڏهه آهي. آن کي ڪن کان ولي گهر ڏانهن موٽيو' ...

- ص ۱۴۹

م اندر ٿي گهڙيو تهڙو سندس نظر وڃي ويئل شينهن تي پيئي ، پانيائين ته سون وارو گڏهه ليٽيو پيو آهي . دل م خيال ڪيائين جي مينهن کان پاڻ بچائڻ لاءِ پونگيءَ م اندر ويندس گڏهه پڃي ويندو . تنهنکري من ڊي جهلي هيٺر ٿي هليو وڃان . رات هئي اونداهي سو شينهن کي ڪن ڪان جهلي اڻي هليو . شينهن خيال ڪيو ته ماڻهو کي ڇا مجال آهي جو منهنجي ڪن کان جهلي ! هي ضرور آهو جهڙ ڏڙو آهي جنهن جي ڪالهه پوڙهي ۽ سندس پٽ پئي کئي . هاڻي چگو ائين ڏيندو ته ڪڇجي ڪي به ڪين ، ماڻ ميڙ ۾ هن سان هليو هلجي ، متان ڪاوڙجي ماري نه ڇڏي !

پنجمار جڏهن گهر پهتو ، تڏهن پنهنجيءَ زال کي هڪل ڪري چيائين ته : رسو ڪٽي ڏي ته هن کي ٻڌان . زال آڻي رسو ڪٽي آئي ، ڏسي ته مار! هيءُ ته شينهن کي جهلي آيو آهي ، تنهنکري چون چرا نه ڪبي ، نه ته شينهن اسان سڀني کي ماري ڇڏيندو . سو ٽپ ڏيئي رسو ڪٽي آئي ۽ زال مڙس ٻنهي جڻن شينهن کي سوگهو ٻڌي ڇڏيو . پوءِ پنجمار کي سندس زال چيو ته : ميان ! تون ته پل ۾ گڏهه جي بدران شينهن جهلي آيو آهين . اتي پنجمار خوف وڃان پڃڻ ٿي لڳو ته زال چيس : ڀڄ نه ، شينهن کي پاڻ قابو ٻڌي ڇڏيو آهي. اتي هيءُ مڙس به مڇي ٻيٽو ۽ تلوار ڪٽي ٻڌل شينهن کي ماري ان جو ڪن پڇ کپي جدا رکيائين ، ۽ باقي کي ڪٽي ٻاهر آڇلائي ڇڏيائين .

صبح جو شهر جي ماڻهن جو پنجمار جي گهر وٽ مڙل شينهن ڏٺو ، سي يڪدم بادشاهه وٽ دوڙندا ويا ۽ سموري خبر وڃي عرض ڪيائون . بادشاهه پنجمار کي سڏائڻ لاءِ ماڻهو

موڪليو. پر پنجمار جي زال بادشاهه جي ماڻهوڪي چيو ت: پنجمار. رات جو شينهن سان سخت لڙائي ڪاڏي آهي، جنهنڪري اوجاڳي ۽ تڪليف ڪان هن. وقت گهري ۽ نند يم آهي. جنهن وقت جاڳندو آن وقت موڪلي ڏيندياسانس. بادشاهه کي جو شينهن مارڻ جي احوال پڌڻ جو شوق هو. سو وري ب پالکي تيار ڪرائي پنجمار کي ونئي اچڻ جو حڪم ڏنائين. پنجمار هاڻي پالکي ۽ م چڙهي بادشاهه وٽ پهتو ۽ ڏاڍي ادب سان سلام ڪري شينهن جا ڪن ۽ پڇ آڏو رکيائين. ان سان گڏ و گڏ ڏاڍيون پڻاڪون هڻي ٻڌايائين ت: سائين! سچي رات شينهن سان ويڙهه ڪاڏي اٿم آخر مس مس اسر ويل ماري سات ڪيومانس. بادشاهه مبارڪون ڏنس ۽ سيني اميرن هن جي ساراهه ڪئي. پنجمار، بادشاهه کان موڪلائي جيئن گهر ڏانهن ٿي آيو، ت سندس ڏسڻ لاءِ شهر جا ماڻهو رستي تي بيٺا هئا. پنجمار سيني جا سلام جهليندو آخرڪار اچي پنهنجي زال وٽ پهتو.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه وري ب پنجمار کي گهرايو ۽ چيائينس ت: پنجمار! رعيت ڏاڍي تڪليف م پئجي ويئي آهي. چاڪاڻ جو شهر جي باهران جهنگ م هڪڙا چار چور پيدا ٿيا آهن. جن ماڻهن کي ڏاڍو آزاريو آهي. اسان جا سپاهي ب چورن کي هٿ ڪرڻ م ناڪام ٿي موٽي آيا آهن. هاڻي اهو اهنج ب توکي ملڪ تان لاهڻو آهي. تنهنڪري جلد وڃ ۽ چور پڪڙي آءُ. پنجمار، بادشاهه سان هائو ڪري اچي گهر سهڙيو. زال کي سچي حقيقت ڪري ٻڌايائين. جنهن چيس ت: چور توکان ڪونہ جهليا ٿيندا. تنهنڪري هن دفعي پٽ وائڪي ٿي پوندي. رات ٿئي ت پڇ ت پڇون. اتو، گيهه ۽ ڪانيون پيون آهن، باٽي ڪنڊ بازار مان ڳنهي اڇ ت منا لولا پچائي پاڻ سان

کڻي هلون . پنجمار شهر ۾ کنڊ وڻڻ لاءِ ويو ۽ جيئن ئي هڪ دڪان تي چڙهيو تہ يڪدم هن شينهن ماريندڙ مڙس کي ڏسي اهڙو تہ منجهي پيو جو کنڊ جي بدران زهر پني ۾ ڀڏي ڏنائينس . هن آها زهر واري پڙي آڻي پنهنجي زال کي ڏني ، جنهن تڙ تکڙ ۾ اٽي ۽ گيهه سان گوهي لولا پچائي دابلي ۾ وڌا ۽ پوءِ ٽپڙ ٽاڙي ڀڏي گڏهم تي رکي ، راتو واهم اٽي ٻڌا .

جڏهن شهر کان گهڻ پنڌ پري نڪري ويا ، ۽ اچي جهنگ پهڙا ٽپا تہ چار چور ، جي همیشه واٽهڙن کي ڦريندا هئا ، سي هنن کي ڏسي مال ڦرڻ جي خيال کان ڦري آيا ۽ گڏهم سامان سوڏو ڦري ورتائون . چور ڏاڍا بکايل هئا سو منا لولا ڪائي کيائون ڏؤ ، ۽ پاڻي پي پانيائون تہ آرام ڪريون تہ ايتري ۾ پيٽ ۾ اچي لوچ پوچ لڳن ، ۽ مڙس ڦٽڪڻ لڳا . پنجمار ۽ سندس زال ، جي ڊپ ۾ ٿورو پريان وينا هئا ، تن جو ڏٺو تہ پهريائين تہ چورن گاڏي کائڻ مهل خوب پتاکون وينديون هنيون ، پر هاڻي تہ مرگوئي مات ٿي ويا آهن ، سو آهستي آهستي خبر وڻڻ لاءِ ويجهو رڙهندا آيا . جان کڻي ڏسن تہ مار! چار ئي چور مٿا پيا آهن ! هي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ چورن جون سمیون ڪپي سامان گڏهم تي رکي موٽي شهر ۾ آيا ، ۽ پنهنجي گهر پهچي بنا ڳٽيءَ جي سمهي پيا .

صبح جو خبر چار لهڻ لاءِ بادشاهه جي ماڻهوءَ پنجمار جو در کڙکايو ۽ چيائينس تہ : بادشاهه سلامت توکي گهرايو آهي . هيءُ ب چورن جون سمیون کڻي اچي دربار ۾ حاضر ٿيو . بادشاهه کي سلام ڪري چيائين: جيئندا قبلا ! چور هئا چار ، جي هڪڙو چور هجي ها تہ جهت ڪري وڻائس ها ، سڄي رات جنگ ڪئي اٿم تڏهن مس مس کين ماريو اٿم . ائين چئي سمیون ڪڍي

بادشاهه جي اڳيان رکيائين . پوءِ ته وزيرن ۽ اميرن مٿانس گهٽيون گهورون گهوريون ۽ جهجها انعام ڏيئي روانو ڪيائونس .

ٿوري گهڻي ڏينهين بادشاهه جي ملڪ تي هڪ ٻئي بادشاهه ڪاهه ڪئي، سو هڪدم پنجمارڪي درٻار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ملیو؛ هو جهٽپٽ اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيو . بادشاهه پنجمارڪي ٻروارِي بادشاهه جي ڪاهه جي خبر ٻڌائي ۽ چيس ته: اسين توکي سموري لشڪر جو اڳواڻ مقرر ڪريون ٿا ، تنهنڪري تون فوج وٺي جنگ جي ميدان تي وڃ. بادشاهي حڪم ٻڌي پنجمار ويچاري جون پنج ٻه ويون ته ست ٻه ويون: لاچار بادشاهه سان هائو ڪار ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيو ۽ سموري خبر اچي زال سان ڪيائين . ۽ چيائينس ته : هن ڪان اڳ ٻه دفعا موت کان بچي ويا آهيون . پر هن دفعي بچڻ مشڪل آهي! زال ورندي ڏنيس ته: فڪر نه ڪر . جيڪو سرگهيل گهوڙو ڏسين اُن تي چڙهجانءِ . چاڪاڻ اهو گهوڙو ضعيف هوندو ڪري جلد ئي پنڌ ۾ ٽڪجي پوندو ۽ پوئتي رهندو ويندو ، تان جو لشڪر اڳتي نڪري ويندو ۽ تون پوئتي رهجي ويندين . اهڙيءَ طرح پنهنجي جان جو بچاءُ ٿي پوندءِ .

ٻئي ڏينهن لشڪر تيار ٿيو ۽ هيءُ ٻه زال جي صلاح موجب هڪڙو ڏٻرو گهوڙو جانچي اُن تي چڙهي ويٺو . جنهن گهوڙي تي هيءُ چڙهيو سو بدن ۾ ڏٻرو هو پر هو نهايت ٿهٻو ۽ چرڪ وارو . سو بيگل باجن جي آواز تي اچي چرڪيو ۽ پنجمار کي ڪٽي سڌو رخ رکيائين دشمن جي لشڪر ڏانهن. ويچاري پنجمار جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو . گهوڙي دشمن جي لشڪر ۾ اهڙو ٽاکوڙو وجهي ڏنو ، جو ڪي سپاهي ڪيڏانهن پڳا ڪي ڪيڏانهن. آڦي باقي جو دشمن جي سپاهين کي خبر پيئي ته انهي



... 'پنجمار جو گھوڑو ٽاڻ ڪائي، وڃي دشمن جي لشڪر ۾ پيو.
جنهن ڪان هراسجي، دشمن جو لشڪر وڃي پڳو'... -ص ۱۵۲

گهوڙي تي پنجمار چڙهيل آهي سو هيڪاري هراسجي ويا. اتي پنجمار وارو لشڪر به اچي پهتو، جنهن دشمن جي لشڪر ۾ مونجهارو ڏسي ونئي حملو ڪيو. دشمن جا سپاهي ڀڄي ويا ۽ فتح پنجمار جي ٿي.

بادشاهه فتح جي خبر ٻڌي پنجمار تي ڏاڍو خوش ٿيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته آئون هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهيان، ۽ منهنجي ڌيءَ به اچي جوان ٿي آهي. چو نه ان جو سڳ ڪٽلي پنجمار کي ڏيان ۽ ڪيس پنهنجو ولي عهد بنايان. سو هن کي گهرائي ڪيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڳ ڏيڻو ڪيائين. هاڻي هن جا بخت ڪلي پيا هڪدم سندن شاديءَ جي تياري ٿي ويئي. شادي کان پوءِ پنجمار بادشاهه جو ولي عهد ٻڌجي ڏاڍي رعب تاب سان حڪومت هلائڻ لڳو.

—※※—

گُئونُ پيٽاڻ کودڙو *

ڪنهن ماڻهو شهر مان هڪڙي گُئون خريد ڪئي ۽ اها ڪاهي پنهنجي ڳوٺ ڈانهن روانو ٿيو. وات تي چرپٽ راجا جي ملڪ مان اچي لنگهيو. رستي تي هڪڙي هنڌ رات پئجي ويس جنهنڪري هو اتي ترسي پيو. ڏڪي هئي ڏڪي، سا اتفاق سان اُتي ويامي پيئي ۽ گابو ڈٺائين. ڏڪيءَ جيڪا جڙ لاڻي هئي سا مالڪ ڪٽي ٿورو پر پرو وڃي اڇلي ڇڏي. ان جهنگ مر هڪڙو گدڙ رهندو هو، جو جر جي ڏپ تي آيو ۽ جر کائي ڇڏيائين. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن هيءُ شخص گابي سميت ڏڪي ڪاهي پنهنجي ڳوٺ ڈانهن روانو ٿيو. ٻئي رات ٻ وات تي ڪنهن ڳوٺ ۾ ترسيو. ڳوٺ جي ماڻهن چا ڪيو جو هن جي سمهڻ کان پوءِ گابو ڪاهي وڃي گڌهه جي پرسان ٻڌي ڇڏيو، ۽ ان جي جاءِ تي وري نندڙو کودڙو ٻڌي ڇڏيائون. هي ويچارو صبح جو اٿي ڏسي ٿ گابو نهي ٿي ڪونہ، ۽ ان جي بدران کودڙو ٻڌو ٻيٺو آهي.

هن ڳوٺ جي ماڻهن کي چيو ٿ: ادا! رات منهنجو گابو چوري ٿي ويو آهي، سو هٿ ڪري ڏيو. ڳوٺ جي ماڻهن چيس: چريو ٿ ڪونہ ٿيو آهين! گابو ڪٿان آيو؟ تنهنجي ڏڪيءَ ٿ کودڙو جڙيو هو جو پرسان ٻڌو ٻيٺو آهي... اجايو کوڙ ٿ گالهاءِ. هنن کي گهٽئي رد ڪد ڈنائين پر ٻيو ٿيو خير. پاڻ سان ڈنو وائنو ظلم ٿيندو ڏسي خيال ڪيائين ٿ چو نہ

---

* هي ۽ آ ڏاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

وڃي ڻن ملڪ جي حاڪم کي ڏانهن ڏيان. سو هڪلي آيو ڪچهريءَ ۾ ۽ راجا کي ڏانهن ڏنائين ته، هڏيءَ طرح فلاڻي ڳوٺ جي ماڻهن سڏجو گابو گم ڪري ان جي جاءِ تي ڪوڙو ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ چون ٿا ته ڏڳيءَ جو ڦر اهوئي آهي. راجا ڳوٺ جي ماڻهن کي گهرائي پڇا ڪئي، جنهن تي هنن چيو ته: سائين! هيءُ ڪوڙ ٿو ڳالهائي هن جي ڏڳيءَ گابو ڪونہ ڇڏيو آهي، پر ڪوڙو ڇڏيو اٿس جو ٻيئو آهي.

راجا هن کي چيو ته: تنهنجو ڪو شاهد هجي ته پيش ڪر! هن چيو ته: ها سائين! سڏجو شاهد هڪڙو گدڙ آهي، جو فلاڻي جهنگ ۾ رهي ٿو. راجا حڪم ڪيس ته، ان کي جلدي وٺي اچ. هيءُ ويو ۽ جهنگ مان گدڙ کي ڳولي وڃي هٿ ڪيائين ۽ ساري حقيقت ڪري ٻڌايائينس. گدڙ چيس ته: تون ڪوبہ خيال نہ ڪر، تنهنجو گابو ڪونہ ويندو. سونکي راجا جي دربار ۾ وٺي هل. آئون خدا ڪارڻ سچي شاهدي هڻي ڏيندس.

اتي اهو شخص گدڙ کي سان ڪري راجا جي دربار ۾ آيو. گدڙ ڪچهريءَ ۾ اچي ماٺ ڪري هڪڙي هنڌ ويهي جهوتا ڪائڻ لڳو. راجا هن کان پڇيو ته: اڙي گدڙ! توکي هن بابت ڪهڙي خبر آهي؟ پر گدڙ بيخبرو ٿي ڏانهس ڪوبہ ڏيان نہ ڏنوءِ ڪوڙ ڪري جهوتا ڪائيندو رهيو. تڏهن راجا وري ٻيهر پڇيس: اي گدڙ! تون جهوتا ڇو ٿو ڪائين؟ گدڙ نياز سان جواب ڏنو ته: سائين! رات درياءُ کي باهہ لڳي هئي. سون سڄي رات اوناڙيون ڪري گدڙ گدڙ جي ذات گڏ ڪئي، پوءِ اسين سيئي گڏجي باهہ اجهائڻ کي لڳي وياسين: ساري رات مٿاڪت ڪرڻ کان پوءِ مس مس وڃي صبح جو باهہ وسائي اٿئون. اهو راتوکو اوجاڳو آهي جنهنکري جهوتا ٿو کان.

راجا اهو ٻڌي چيس: اڙي بيوقوف! ڪڏهن درياءَ کي به باهم لڳي آهي؟ تڏهن گدڙ وراڻيو ته: سائين! جي درياءَ کي باهم نه لڳندي آهي ته وري ڏڳين به ڪوڙا ڇٽيا آهن! راجا کي اهو جواب ڏاڍو وٺيو ۽ انهيءَ ڳوٺ جي ماڻهن کي چيائين ته: يڪدم گابو حاضر ڪريو نه ته سڀني کي قاسيءَ تي چاڙهائي ڇڏيندس. انهيءَ تي اهي ماڻهو دنا ۽ گابو آڻي راجا جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ڪيائون. راجا حقدار کي سندس گابو ورائي ڏنو، جو وڃي منزل ڏانهن روانو ٿيو ۽ گدڙ پنهنجي جهنگ ڏي راهي ٿيو.

چَبِي راجا *

هڪڙي سوداگر زادي پنهنجي پيءُ کان "اڙي" ملڪ جي ڏاڍي هاڪ ٻڌي ، جنهن جو راجا "چَبِي" نالي هو. هڪڙي ڏينهن سوداگرزادي جي دل ٿي ته اڙيءَ جو ملڪ ڏسان ، سو موڪلائي توڪلائي غوراب پرائي ان ملڪ ڏانهن راهي ٿيو. هلندي مهل به پٽس وڃڻ کان گهٽئي روڪيس ته: پٽ! اتي "انڌير نگري چر پٽ راجا" وارو قصو لڳو پيو آهي ، تنهنڪري ڏاڍو ڏکيو ٿيندين . پر سوداگرزادي هڪ به نه مڃي. لاچار پٽس چيس ته : چڱو ، انهيءَ اڙيءَ جي ملڪ ۾ " فسادي" نالي هڪڙو ٻُڪي رهي ٿو ، جو منهنجو گهاٽو سنگتي آهي ، تون لهڻ سان سڏو وڃي ان کي منهنجا سلام ۽ هي سوکڙيون پاکڙيون ڏج. کوڻ کم انجي موکل ڏاران نه ڪج. سوداگرزادي سفر ڪري جڏهن اڙيءَ جي ملڪ ۾ لنگر هنيو ، تڏهن پنهنجي غورابن مان لهي سڏو شوق سان شهر ڏانهن رخ ڪيائين . شهر ۾ پهتو ته بازار جي منهن وٽ هڪڙو موچي ويٺل ڏ ٺائين . سوداگرزادي پنهنجي جُتي لاهي موچيءَ کي ڏني ته مونکي ٻَڌي سولي ڪري ڏي . موچيءَ پڇيس ته : محنت چا ڏيندين؟ سوداگر جواب ڏنس ته : توکي راضي ڪندس . موچيءَ ٽوپو ٽنگڙ ڏيئي ٻَڌيون چڪي جتي سوداگر کي ناهي ڏني. سوداگرزادو جُتي پير ۾ پائي

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهر زادي کان ملي .

خوش ٿيو ۽ هڪ رپيو ڪيسي مان ڪڍي موچيءَ ڏانهن هٿ وڌايائين ؛ پر موچيءَ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته تو سونڪي راضي ڪرڻ جو انجام ڪيو آهي ؛ سو جيستائين سونڪي راضي نه ڪندين تيستائين هتان توکي چرڻ نه ڏينداس .

اڇهيءَ تي سوداگر زادي پنجن رپين جي آڇ ڪيس ، پر موچي ربو ناڪار ۽ ڪنڌ ڏوڻيندو رهيو . تنهن ڪان پوءِ سوداگر زادي ڏهن رپين جي آڇ ڪيس ، پر موچيءَ وٺڻ کان انڪار ڪيو . اتي خلق مڙي اچي انبوهه ٿي ۽ سيني سوداگر زادي کي چيو ته : جي موچيءَ کي راضي نه ڪندين ته ڪوتوال جي اڇ تي هو توکي گرفتار ڪري ڇڏيي راجا وٽ وٺي ويندو ، جو هن کي ناراض ڪرڻ جي عيوض توکي ڦاسيءَ تي لڙڪائيندو . ڦاهيءَ جو نالو ٻڌي سوداگرزادي کي اچي ڊپ ورتو ؛ سو يڪدم سؤ روپيا ڪڍي موچيءَ جي اڳيان اڇلايائين ، پر موچيءَ جي اهائي نه پئي پوي .

سوداگر زادو ڳٽيءَ ۾ پئجي ويو ته چا ڪريان ۽ چا نه ڪريان ! ايتري ۾ سڪي فسادي اتان اچي لانگهائو ٿيو . سندس نظر وڃي سوداگرزادي تي پيئي . حيرت ۾ پئجي هڪدم اچي هن کان خبر چار ورتائين . سوداگرزادي جڏيءَ گڏيائڻ جي سموري حقيقت ڪري ٻڌايس . تڏهن سڪيءَ سوداگرزادي کي چيو : ٻچا ! هي اڙيءَ جو ملڪ آهي ۽ هن ۾ ڪوبه اڙي ڪري ٻيهي رهيو ۽ اڙيءَ تان نه لٿو ته ان جي سزا ڇڏيي راجا وٽ ڦاهي آهي . سو توکي ڪهڙيءَ ڪٽيءَ ڪنيو جو هن ديس ڏانهن پير ڏريا اٿئي ؟ تنهن تي سوداگرزادي اول کان وٺي پنهنجو حال احوال سڪي فسادي کي ٻڌايو ، جنهن ٻڌڻ کان پوءِ سڪي سهي ڪري ورتو ته هيءُ ته منهنجي دوست جو پٽ آهي ؛ سو هن کي پريرو

وڻي چيائين تہ: ڪو بہ ڊپ نہ ڪر. آئون تنهنجو خادم آهيان. هائي تون هيٺ ڪر جو پنجن رپين جا نڪل ۽ ڪنڊ پگڙا وڻي ماڻهن ۾ ورهائڻ شروع ڪر. هرهڪ کي مٺ پري ڏي ۽ چئو تہ: هتي جي راجا چڀي کي پٽ جائو آهي، ان لاءِ هيءَ سکا ٿو وڻهايان، پک ٿو ڏي بہ پري ٿو ڏيان، کيئن تون راضي آهين؟ پوءِ هرڪو "ها" چوندو ونڊو ويندو. اهڙيءَ طرح انهيءَ موچيءَ کي بہ ڏج. آئون هت بيٺو آهيان پوءِ تون رنگ ڏسج.

مُڪيءَ فسادي جو چون ڪري سوداگرزادي مٺائي ورهائڻ شروع ڪئي. جڏهن موچيءَ کي ڏيئي مٺيان لفظ چيائين، تہ موچي وزنديءَ ۾ چيو تہ: آئون راضي آهيان راضي. اتي مُڪي فساديءَ هڪل کيس تہ: ڏي موچيءَ جا پٽ! تون هن کي هڪ راڦو لهئين، پر تو بہ لڳا "راضي راضي" چيو آهي. هائي هڪڙو لٽو ۽ باقي هڪڙو هن کي پري ڏي، نہ تہ ٿو چڀي راجا وٽ نياءُ هلي.

موچيءَ جا ڏيڙئي ڏرا ٿي ويا ۽ مُڪي فسادي کان معافي ونڻ لڳو: جنهن سوداگرزادي کي سندس هڙ پونجي ڏياري، ۽ کيس چيو تہ: رات وچ ۾ اڙيءَ جي ملڪ مان نڪري وڃ، نہ تہ تنهنجو خير نہ هوندو.

رات جو سوداگرزادي دل ۾ خيال ڪيو تہ رڳو اڙيءَ جي شهر ڏسڻ سان تہ جيءُ ڪونہ پريو. چگو اٿين آهي تہ خود چڀي راجا سان بہ ملاقات ڪجي، جنهن کان ماڻهو ايترو پيا ڪنبن. اهو خيال ڪري ٻئي ڏينهن صبح ساجهر راجائي دربار ۾ اچي ويٺو. ڪن ساعت گذري تہ هڪڙو ماڻهو آيو جنهن گدرا سوڪڙيءَ طور راجا وٽ پيش ڪيا. ۽ گدرن جي واکاڻ ڪئي. راجا حڪم ڪيو تہ: ڪنهن وٽ چاڦون موجود هجي تہ کڻي ڪري

ٻاهر ، تہ هي گدرا ڪائي ڏسون. جيستائين ڪو ٻيو ڪيڏي ئي ڪيڏي ، تنهن کان اڳ سوداگر پنهنجي ڪيسي مان هيرن جواهرن جڙيل ڪپ ڪيڏي ڪڍي راجا کي پيش ڪيو. راجا چاقون ڏسي وزير کي ڏيکاريو ۽ سوداگرزادي کي چيائين تہ : اهو چاقون منهنجي توشاخاني مان گم ٿيل آهي. خبر ڪر تہ توکي ڪيئن هٿ لڳو؟ ۽ ان سان گڏ ٻي جيڪا مالي ويل آهي ، سا ٻ ڪيڏي پڏري ڪر.

سوداگر جي پٽ جون ٻ ٻ ويون تہ ڇهہ ٻ ويون. پنهنجو چاقون ٻ پرائو ٿي ويو ؛ ان کان سواءِ ڇڄي راجا وٽ هر هڪ نياءُ ۾ قاسيءَ کان سواءِ ٻي ڪا سزا ڪانہ هئي. تنهن مڙس تي گڏين جا ڪوٽ چاڙهي چڏيا. چي: ٻيلي، مُڪي فسادي چگي صلاح ڏني هئي تہ پڇڙو هجئي تہ ٻچي، وري هن ديس ڏي منهن نہ ڦيرج. مڙس تہ هاڻ مڙس! ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن وڃان؟ انهيءَ شش و پنج ۾ هو تہ راجا جو امر ٿيو تہ: هن سوداگر کي ست ڏينهن ترنگ ۾ رکي سڇي ڪرايو. جي سڇي نہ ڪري تہ پوءِ ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهيوس.

چوبدار هن کي ٻيڑيون هڻي وٺي ويا. ٻ ڏهاڙا جيل ۾ نبريس تہ مُڪي فسادي ءَ کي خبر پئجي ويئي، تہ نياڳو سوداگرزادو وڃي ترنگ ٻيڑو ٿيو آهي. سو سڏو هن جي ملاقات تي آيو ، ۽ هن کان سربستي خبر وٺي کيس کي جملا سمجهائي چيائين تہ: ستن ڏينهن کان پوءِ ڇڄي راجا توکي پري دربار ۾ گهرائيندو ۽ آڻون ٻ ايندس؛ پوءِ تون کيس اها چاقون ملڻ جي حقيقت سڏائج ، اميد تہ تنهنجو چوٽڪارو ٿي پوندو.

پوري ستين ڏينهن سوداگرزادي کي چوبدارن آڻي راجا وٽ حاضر ڪيو. راجا چيس تہ: چاقون لاءِ توکي ڇا چوٽو آهي؟

سوداگرزادي چيو تہ: سائين! آئون نندڙو هوس ۽ هڪڙيءَ رات پنهنجي پيءَ سان گڏ جاءِ جي اڳڙ تي ستو پيو هوس. جڏهن آدي رات ٿي تہ ڪي چور اسانجي گهر ۾ ٽپي پيا، ۽ اسان تي جلهه ڪيائون. آئون ڪٽ هيٺان ڪري پيس، پر چور بابي جي سري انهيءَ چاقون سان وڍي ٽپڙ ڪٽي پڃي ويا. صبح جو اسان پنهنجي راجا ڪي انهيءَ ماجرا کان واقف ڪيو، جنهن ڪيترا سپاهي چورن جي کيڙ موڪليا ۽ هي چاقون مونکي هٿ ۾ ڏيئي چيائين تہ پٽهين جي مرڻ ڏان پوءِ تون ب ساڳيو ڏنڊو ڪندين ۽ ملڪ وڙيندين، پوءِ ڪٽي ب جي هن چاقونءَ بابت ڪو چوبول ٻڌين. يا هن چاقون جو ڪو ڏٺي ڏوٽي ٿئي تہ هڪدم مون ڏانهن جاڻ موڪلج تہ آئون لشڪر موڪلي اُن کي گرفتار ڪرائي پٽهين جو بدلو وٺندس. پوءِ مون پٽي ڳولا ڪئي. اڄ گهٽن ورهين کان پوءِ هن چاقون جي توهان ئي دعويٰ ڪئي آهي. هاڻي جي يڪ پڪاڻي اهو توهان جو آهي تہ مونکي ڪوب نڪر ڪونهي. آئون پنهنجي راجا کي اطلاع موڪليان ٿو تہ جيئي راجا اهو چاقون پنهنجو ڪيو آهي، هاڻي جيڪا توهان کي ڪرڻي هجي سا ڀل ڪريو.

هيءَ ڳالهه ٻڌي ڇبي راجا جا ڦپ ٿري ويا ۽ وزير کي چيائين تہ: چاقو گهرايو تہ ان کي چڱيءَ طرح جاچي ڏسون تہ سچ پچ پاڻ وارو آهي يا اسان کان ڀل ٿي آهي. وزير چاقون گهرائي ڏسڻ بعد چيو تہ: راجا! هي چاقون هرگز پنهنجو نہ آهي. هيءُ وڏو آهي ۽ هُو نندو هو، هن تي جواهر گهٽ جڙيل آهن، ۽ پنهنجو سڄو جهنجهيل هو، وڏيڪ وس وارا آهيو. ڇبي راجا چاقون سوداگر جي پٽ کي واپس ڪندي چيو تہ: بابا! اسان کان پولو ٿيو آهي. هي چاقون اسان جو نہ آهي. تون ان لاءِ ديسان ديس ڦرندو وت، پوءِ جتي ب سڄو چور هٿ

لڳئي تہ پنهنجي راجا ڪي خبر ڏج ، باقي ان ڪپ سان اسان جو تر جيترو بہ واسطو نہ آهي .

سوداگرزادو درٻار ڪان ٻاهر نڪتو تہ مُڪي فسادي چيس‌تہ: ٻچا ! اڃا بہ ترسڻ جو ويچار آهي يا وڃڻ جو؟ هن جواب ڏنو تہ: نہ سائين نہ، سون توبهہ ڪئي . هاڻي يا ڄمار هن ملڪ ڏي رخ نہ ڪندس . ائين چئي ٻيڙا هاڪاري وطن ڏي روانو ٿيو ۽ وري سڄي ڄمار ان اڙيءَ جي ملڪ ڏانهن منهن نہ ڪيائين .

—※※※—

مَڏي ۽ مَجڏ *

هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪو شخص رهندو هو، جنهن جي عادت هوندي هئي ته آڌاري ورتل شيءَ کنهن کي به موڪلي ڪونہ ڏيندو هو، جنهنڪري ڪيس سڏيندائي "م َ ڏي" هئا. سندس انهيءَ عادت جي ڪري سچو ڳوٺ منجهائس ڪڪ ٿي پيو هو. نہ ڪو ڪيس ڏيندو هو ۽ نہ وٺندو هو. اها حالت ڏسي مڏي خيال ڪيو ته هاڻي هتي رهڻ محال آهي؛ تنهنڪري چونہ هلي کنهن ٻئي پاسي قسمت آزمائجي. سو گهران هڪڙو آنو ڪڻي وادي وٽ ويو، جنهن ڪان آڻي ۾ ڪاٺ جي تلوار ٺهرائي، سيان ۾ وجهي، آڻي پنڌ پيو. اڃا ڪجهہ اڳيرو ويو، ڏسي ته هڪڙو شخص دڪي لوڏيندو ٻيو اچي. مڏي خيال ڪيو ته، واهہ واهہ! خدا اتيئي شڪار ڪٽي ڏياريو آهي. سو وڏي وڃي سائس حالي احوالي ٿيو. دڪيءَ واري شخص ٻڌايس ته: ادا! آئون سوداگر آهيان پر قسمت ڏڪيا ڏينهن ڏيکاريا آهن، باقي هيءَ دڪي وڃي بچي اٿم؛ سو وڃان ٿو ڪنهن پاسي قسمت آزمائڻ. جڏهن تي مڏي وراڻي ڏنيس ته: ادا، منهنجي پڻ ساڳي حالت آهي، باقي هيءَ تلوار بچي اٿم. تنهن تي دڪيءَ واري چيس ته: ادا! جي سودو ڪرين ته تلوار ڏي مونکي ۽ دڪي ڪڻ تون. مڏي ڏٺو ته پاڻهي بل ڏنو اٿس سو يڪدم

---

* هن آکاڻيءَ جون ٻه روايتون، وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ميرمحمد "ڪابل" ۽ حيدرآباد شهر مان محمد يوسف شيخ کان مليون.

هائوڪار ڪيائين ۽ تلوار ڏيئي، ڏکي وڻي پويان پير ڪيائين.

ڏکيءَ وارو جوان به ڪو وڏو نڱ هو، جنهن کي "مڇڏ" ڪري چوندا هئا. سو به مڏي وانگر ڳوٺان قسمت آزمائڻ لاءِ نڪتو هو. هو ڏکيءَ ۾ ڇهن پيسن جو ڏڌ مکڻ وڃي صبح سان پنڌ پيو هو ته اوچتو رستي ۾ مڏي مليس، ۽ پاڻ ۾ سودو ڪيائون. مڇڏ به خوش هو ته ڇهين پيسن ۾ تلوار وڪيو وڃان. گهر وڃي جو تلوار ميال مان ڪيڏي ڏسي ته مار! تلوار ڪاٺ جي! وري جو ان جو ملهه پچيائين ته ڏڪرجي ويو. سڄو سارو ٽڪي جو نقصان. سو يڪدم سهي سنيري مڏي جي ڳوٺ روانو ٿيو.

هوڏانهن مڏي جڏهن ڏکي وڻي اڻي هليو، تڏهن دل ۾ چيائين ته، اڄ ته خوب شڪار هٿ لڳو آهي. منهنجي تلوار آني جي ۽ هيءُ ڇهن پئسن جو مال! ٽڪو وري به فائدو ٿيو، سو سڌو آيو گهر ۽ زال کي ايندي شرط چيائين ته: سيگهو ڪر، ماني پچاءِ ته کائون. جوئس يڪدم اٽي، اٽو گوهي. باهه ٻاري ماني پچائي ورتي. هن ٻار به مانيءَ تي مکڻ وڃهي، کائي چڙهه ڪيو. ماني کائيندي زال کي سڄي حقيقت ٻڌايائين. اڃا گهڙي ڪا نه گذري ته دروازي تي ٽک ٽک ٿي. اتي هن مڙس کي ڪٽڪو ٿيو ته ستاڻ مکڻ ۽ ڏکيءَ وارو همراهه نه اڇي پهتو هجي، سو هوريان هوريان اٽي در جي سوراخ مان ڏسي ته برابر ساڳيو همراهه ٻيو آهي. زال کي چيائين ته: ڳالهه ٻڌئي، ٽکي وارو همراهه اڇي پهتو، پر آڻون به زمين اٽلي پوي ته ٽکو ڪونه ڏيندو سانس، سو هاڻي تون هيئن ڪر جو آڻون ٿو سمهان ۽ تون مون تي چادر وڃهي ويهي اوسار. جيڪڏهن توکان پڇي ته ڇڄانس ته منهنجو مڙس

اڄ گذاري ويو آهي. اها صلاح بيهاري هڪدم کٽ تي سمهي رهيو ۽ زال مٽائس چادر وڇهي ويهي اوسارڻ لڳي.

هوڏانهن وري مَڇڊ جو در تي ٻيٺو هو، تنهن جو روڇ جو آواز ٻڌو، سو يڪدم در کولي اندر آيو ۽ اچي پڇيائين تہ: مائي، ٻيو تہ خير آهي؟ مَڏي جي زال ورندي ڏنيس تہ: ادا! کهڙي ٿو خبر پڇين. ويچارو مَڏي صبح جو ٻاهر نڪتو هو، وري گهر موٽي آيو تہ الائجي چا ٿيس جو ايندي شرط دم ڏنائين. مَڇڊ جو اها خبر ٻڌي، تنهن دل ۾ چيو تہ هي مئو تہ کونهي، پر آئون قبر تائين ۽ ٽکو کوڻ ڇڏيندوسانس. سو مائيءَ کي چيائين تہ: مائي! هيءُ ويچارو منهنجو دوست هو، هاڻي منهنجي مرضي آهي تہ هن جي کفن دفن جو بندوبست آئون کريان؟ مائي هائي انکار کيئن کري، لاچار کيس انهيءَ جي موکل ڏنائين. هن ۽ يڪدم وڃي گوٺ جي ماڻهن کي جاڻ کيو تہ ويچارو مَڏي مري ويو آهي، فلاڻي وقت سندس جنازو کڻبو. سيني کي جاڻ کري گهر موٽي آيو ۽ اچي تڙ لاءِ پاڻي کوسو کيائين. انهيءَ وچ ۾ هو مَڏي جا ڪپڙا لاهڻ لاءِ ويو. ڪپڙا لاهيندي هن جي کن ۾ چيائين تہ: يار! سڄي گوٺ کي ٻڌائي آيو آهيان، کاندي آيا کي آيا، اڄا ۽ مهل اٽيئي، ٽکو ڏيئي پنهنجي جند ڇڏاءِ. پر مَڏي اهڙو ڪچي جهڙي پٽ. مَڇڊ چيس تہ: يار! تون مَڏي آهين، پر آئون ۽ مَڇڊ آهيان، سو قبر ۾ ۽ ٽکو وٺندوسانءِ. آتان آڻي هن ٿهکندڙ پاڻي آندو ۽ مَڏي کي ڪٽي اچي ڦرهي تي وڌائين. ۽ گرم پاڻي سان کيس تڙ ڏيڻ لڳو. پاڻي تمام کوسو هو پر هن پار ۽ ٻڙڪ ئي ٻاهر ڪانہ ڪيڊي. انهيءَ وچ ۾ هن ٻڌي پيرا چيس تہ: ٽکو ڏي. پر مَڏي کي ۽ جواب کوڻہ ڏنس. آخر هن

وهنجاري وري آئي ڪٽ تي وڌس. اتي ڪانڊي ۾ اڇي ڳڏ ٽيا ۽ جڏهن ڪڍي وڃڻ لڳس، تڏهن ڇڃڏ ڪانڊين کي چيو ت: ادا! ٿورو ترسو ت سندس منهن ڏسي ڪانئس موڪلايون. ائين چئي آهستي آهستي سندس ڪن ۾ چيائين ت: يار! هاڻي اٿي ڏڙو ٿيءُ نه ت وڃين ٿو قبرستان ۾. انهيءَ ٻڌڻ تي ڇڏي جواب ڏنو ت: ٽڪو ت ڪونه ونندين؟ ڇڃڏ چيس ت: پهريائين ٽڪو، پوءِ پي ڀالهه. تنهن تي ڇڏي چيس ت: پوءِ پلي ڪڍي هلوم. ائين چئي دت هڻي سمهي رهيو. پوءِ سڀ ڪانڊي جنازي کي ڪڍي مقام ڏي هليا. قبر اڳيئي کوٽي پٽي هئي، ڪانڊين لاش کي ڪڍي اندر قبر ۾ وڃي رکيو. ٿيءَ ورائن مهل ڇڃڏ ڪانڊين کي چيو ت:-پائرو! هاڻي منهنجي دوست ۽ اوهان جي پاڙيسري جو منهن جنهن کي ڏسڻو هجي، سو لهي اڇي قبر ۾. سيني ماڻهن ڇڏي جو منهن ڏنو ۽ آخر ۾ ڇڃڏ وري به ڪن ۾ هوريان هوريان چيس ت: يار! هاڻي جي ٽڪو ڏين ت وهواهه! نه ت ٿي مٽان مٽي ورائجئي. پر ڇڏي ڪوبه جواب نه ڏنو. آخر لاچار ٿي ڇڃڏ قبر مان ٻاهر نڪتو، پوءِ سيئي گڏجي ڇڏي ڪي پوري پنهنجي گهر روانا ٿي ويا، پر ڇڏي اتيئي مقام ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن جي موٽي وڃڻ کان پوءِ قبر ۾ هڪڙي دري ٺاهي ڇڏپائين، ت مٽان گهٽجي مري نه وڃي ۽ پاڻ پاسي واري گهاٽي ڪٻڙ تي چڙهي لڪي ويهي رهيو. ڇو جو ڪيس پڪ هئي ت نيٺ هي قبر مان ٻاهر نڪرندو: پان سان گڏ گهڙو ۽ ڪوڙ آندي هئائين، سا به مٽي وڻ ۾ ٽنگي بالم ٿي ويهي رهيو. ويٺي ويٺي شام اڇي ٽيس پر ڇڏي قبر مان نه نڪتو. اتي هن دل ۾ خيال ڪيو ت هن مڙس به خد ٻڌو آهي. پر آڻون

جي ڇڏيانس تہ پوءِ منهنجي نالي کي حيف آهي. ائين چئي وڃ تان لهي پر واري مسجد سان هڪڙو ڏيو کڻي آيو. جو پاري قبر جي سيراندي ڪان رکي، پاڻ وري به ڪپڙ تي چڙهي ويهي رهيو.

قدرت سان ڪي چار چور، جي رات جو چوري ڪرڻ جي سانگي سان نڪتا هئا، سي اچي مسڏي جي قبر وٽان لنگهيا. قبر تي سوجهرو ڏسي هڪٻئي کي چيائون تہ: سبحان الله! هيءُ کو بزرگ شخص ٿو ڏسجي. سو پاسي ۾ ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ پهلي، هڻڙي بزرگ شخص جي دعا وڃ ڪپي. اتي هڪڙي چور چيو تہ: اي نيڪ بخت! اڄ رات جيڪڏهن اسان کي کو سٺو داءُ لڳو تہ آئون توتي عاليشان پڙ وجهندس. ٻئي چور چيو تہ: آئون هتي ئي مٽائي ورهائيندس. ٽئين چور چيو تہ آئون پنج رپيا نذرانو رکندس: پر چوٽون چور جو ڪاٽو هو، تنهن چيو تہ: آئون پنج پادر ٻڌي قبر تي هڻندس. انهيءَ تي ٻين ٽن جڻن چيس تہ: اڙي چريا! ائين نہ چئو، مٽان درويش ڪاوڙجي پئي تہ هلي ڦاسون نہ ڪنهن آزار ۾. پر ڪاٽي سندن ڳالهہ ئي ڪانہ ٻڌي. نيٺ هي چارئي جڻا اٿي چوريءَ تي هليا. قدرت سان انهيءَ رات هنن وڃي هڪ وڏي زميندار جي گهر کي ڪات هنيو، جنهن مان تمام گهڻو مال هٿ آين. دل ۾ خوش ٿيا تہ ٻيلي واهہ! هيءُ تہ کو وڏو پهتل شخص هو. جنهن اسان جي ٻڌي، سو سڀ مال کڻي پنهنجي انجام پاڻڻ لاءِ مسڏ جي قبر تي آيا. پهرئين چور قبر تي چادر وڌي. ٻئي چور مٽائي ورهائي ۽ ٽئين چور قبر تي پنج رپيا رکيا. باقي چوٽون ڪاٽو چور پادر لاهي هڪ- ٻ ڪري قبر کي هڻڻ لڳو. مسڏ جو ڪپڙ تي ويڙل هو، تنهن جو اوچتا ڦهڪا پڏا، سمجهيائين تہ

الاجي ڪهڙي آفت آهي جا قبر پئي کوٽي، سو ڏسڻ لڳو. جنهنڪري هٿن مان ڪوڙ چڏائجي ويس ۽ هيٺ رکيل مٽ تي اچي ڪري. رات هئي نوائي سو مٽ جي پڇڙ جو ايڏو تہ ٽڪاءُ ٿيو جو چور ڊجي ويا، سمجهيائون تہ ڪاٽي تي درويش جو قهر نازل ٿيو آهي، تنهنڪري ڊپ ۾ مال متاع چڏي، پنهنجو سر بچائي اٿي پڳا، ۽ مقام کان باهر اچي دم پٽيائون.

مڇڊ چورن کي پڇندو ڏٺو، سو سڌ سماءُ ونڻ لاءِ آهستي آهستي ڪپڙ تان هيٺ لهي آيو. اتي ڏسي تہ بلي، هتي تہ مال متاع پيا آهن! پڪ ٿيس تہ چور ضرور مال ڪٽڻ لاءِ وري ايندا سو ٻي واهر نہ ڏسي يڪدم سپ ٽپڙ تاڙي ريڙهي مڏي واري قبر ۾ گهڙي ويو، ۽ وڃي هن کي چيائين تہ: هي مال ڏس، هاڻي اٿي تہ اڏو اڏ ڪريون. مڏي اهو مال ڏسي ٽپ ڏيئي اٿي ونهي رهيو. پوءِ ٻنهي جڻ گڏجي سمورو مال اڏو اڏ ڪري ورهائي ڪنيو. جڏهن سپ ورهائي بس ڪيائون تڏهن مڇڊ چيس تہ: ادا! منهنجو ٽڪو؟ پر مڏي چئي تہ، ٽڪو وري چا جو؟ وري اچي منجهن تڪرار ٿيو.

چورن کجهہ ديرکان پوءِ ڪاڻي چور کي چيو تہ: نياڳا! اها سموري مصيبت تنهنجي ڪري آئي آهي. سو هاڻي تون مقام ۾ وڃي خبر چار ونڻ اڃ. ڪاڻو چور آهستي آهستي پير پير ۾ ڏيندو سڏو اچي قبر وٽ پهتو. ڏسي تہ مال آهيئي ڪونہ، سو ڏاڍو عجب لڳس اتفاق سان سندس نظر وڃي قبر ۾ ٽيل دريءَ تي پيئي. خيال ڪيائين تہ اندر جهاتي پائي ڏسان تہ سهي تہ آهي چا! پوءِ هري هري ڪري قبر جي دريءَ ۾ منهن وڌائين. مڏي چا ڪيو جو سٽ ڏيئي ڪاڻي چور جي مٿي مان پٽڪو لاهي ڪٽي مڇڊ کي ڏنو ۽ چيائين تہ: اچي. ٽڪي

ھ توکي پتکو آيو. ڪاٽو چور وٽي ڀڳو ۽ سڏو اچي پنهنجن سنگتين وٽ پهتو ۽ چيائين تہ: ڀجو ڙي ڀجو! انهي قبر ۾ اڳرا تہ سردا اچي گڏ ٿيا آهن ، جو پنهنجي سموري ملڪيت هٿن ۾ ٽکو ٽکو ٿي ورهائجي ويئي تہ به پوري ڪانہ پئي ، انهن مان هڪڙي جڙي جو ٽکو لٽي پيو جنهن کي سنهنجو پتکو لاهي ٽکي ۾ ڏنائون. چور اها ڳالهہ ٻڌي وٽي ڀڳا. صبح جو هو ٻئي جڙا قبر مان نڪري ، سمورو مال ڪٽي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

—:※:—

حرامي ۽ حلالي *

ڪنهن ملڪ ۾ هڪڙو غريب شخص رهندو هو، جو ڪاٺيون وڪڻي پنهنجي پڃڻ جو پيٽ گذران ڪندو هو. ڪيس ۾ پٽ هٿا جن مان هڪڙي کي "حلالي" ۽ ٻئي کي "حرامي" ڪري سڏيندا هٿا. حرامي وڏو هو ۽ حلالي ننڍو. ٻئي ڀائر اڃان ننڍا هٿا تہ سندن ٻيءُ ڪائر مري ويو. ٻيءُ جي سڙ ڪان ٻوءِ حلالي ساڻيو ٻيءُ وارو ڏندو اختيار ڪيو. هو روز صبح جو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري شهر ۾ وڪڻي پئسا آڻي ماءُ جي هٿ ۾ ڏيندو هو، جن مان سندن پيٽ گذر ٿيندو هو، پر حرامي ڪو ۾ ڪم ڪار ڪونہ ڪندو هو، اٽلو سڄو ڏينهن ڪٽ تي چڙهيو ويٺو هڪڪنهن تي حڪم هلائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن حلالي صبح جو سويل ڪاٺيون ڪرڻ ويو ڏسي تہ جهنگ ۾ هڪڙيءَ ڪٽ تي اشرفين جو ڍڪ رکيو آهي. ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. اتي ڪٽ جي ڏٺيءَ جي انتظار ۾ ٻيٺو رهيو، پر جڏهن سانجهيءَ تائين ڪوبہ بني پشر پيدا نہ ٿيو، تڏهن اشرفين واري ڪٽ ڪٽي سڏو گهر آيو، ۽ اچي ماءُ کي ڏنائين. جي هن لڪائي رکي چڏيون. حلالي وري ٻئي ڏينهن ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو. ڏسي تہ ساڳئي هنڌ هڪڙي ڪٽ ريشمي ڪپڙن سان ڀري پيئي آهي. هن سمجهيو تہ شايد ڏٺي تعالىٰ منهنجي غريبيءَ تي قياس آڻي مهربان ٿيو آهي. نہ تہ ڪنهن کي

---

* هيءَ آ ڪاڻي اتر (لاڙڪڻي) مان محمد حنيف صرهيي ڪان ملي

گٽي پئي آهي جو هن جهنگ ۾ اشرفيون ۽ ڪپڙا ڇڏي وڃي ! سو سمورا ڪپڙا ڪٽي اچي ماءُ کي ڏنائين . وري ٽئين ڏينهن وڃي ڏسي تہ ڪٽ پري پئي آهي . اهو بہ مفت جو مال سمجهي، هڙ ٻڌي هلڻ تي هو تہ اوچتو وڏو ڏڪاءُ ٿيو . حلالي ڊپ ۾ ڍهلجي ويو ، وري جو ڪنهي مٿي نهاري تہ هڪڙو قداور ديو ٻيٺو آهي ، اتي اچي ڏڪني ورتس . نيٺ ديو ڪڙڪيدار آواز ۾ چيس تہ : اي چوڪرا ! مونکي ڪنهن آدمزاد سان شادي ڪرڻي آهي ، خبر اٿم تہ تنهنجي ماءُ ڏکيل آهي ، هائي وڃي ڪيس مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪر . ٿيو ڏينهن هتان جيڪي اشرفيون ڪٽي ويو آهين ، انهن مان پنهنجي ماءُ جا گهر ڳنا ڦراءِ ، ڪالهہ وارن ڪپڙن مان ڏاج ڦراءِ ۽ هي اڇوڪيون ڪارڪون وڃي پاڻ وٽ رک . جي نڪاح واري رات ڪم ايندين ؛ پر ياد رک جي انهيءَ ڳالهہ ۾ تر جيترو بہ فرق پيو تہ تنهنجو خير ڪونهي . آءُ پرينهن ڇڇ وٽي اچي توهان وٽ لهندس . ائين چئي ديو غائب ٿي ويو .

حلاليءَ کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي . ويچارو ڏکندو ٽڪندو ڪارڪون ڪٽي گهر آيو . ۽ ماءُ کي سموري حقيقت ٻڌايائين . ماڻس ڳالهہ ٻڌي پهرين تہ مات ۾ پنجي ويئي . پر ڪجهہ دير کان پوءِ ويچاري پئي هٿ گوڏن تي هٿي چوڻ لڳي تہ : ماريا ! منهنجي لاءِ هي ڪهڙو ويل وهايئي ؟ حلالي چيس تہ : اما ! جيڪا ٽيٽي هئي سا ٿي . هائي ڏٽيءَ جي نالي شاديءَ لاءِ تيار ٿيءُ ، نہ تہ پنهي جو خير ڪونهي . ماڻس لاچار هائوڪار ڪئي ۽ حلالي ڪجهہ اشرفيون ڪٽي گهہ ۽ ڪپڙا ڦهرائي آيو . ٽئي ڏينهن ديو پنهنجي ڇڇ سان ڪري اچي حلالي جو مهمان ٿيو . ڏاڍي ڏام ڏوم سان شادي ٿيڻ کان پوءِ ، ديو

حلالي۽ ۽ حرامي۽ ڪي سان ڪري پنهنجي ملڪ موڪيو.

هائي حلالي، ديو جي گوٺ ۾ ڏاڍو ويڳاڻو گذارڻ لڳو. ماڻس ڪي ٻ من جي ڪري ڏاڍيون تڪليفون سهڻيون پيون، تنهن جو ٻ مٽس ڏاڍو ڏمر هو. ڪن ڏينهن پڇاتا حلالي جي ماءُ ڪي ديو سان هڪڙو پٽ جائو. ديو جي ٻ حلالي ۽ حرامي سان ڪانه پوندي هئي پر ڪيس اولاد ڪونه هو، تنهنڪري انهن ٻنهي ڀائرن سان وندريو ويٺو هو، پر پنهنجي سڳي پٽ جمڻ کان پوء هڪڙي۽ رات ديو خيال ڪيو ته هائي مونکي پنهنجو سڳو پٽ ٻ آهي، تنهنڪري جو نه حلالي ۽ حرامي ڪي ماري ڇڏيان. اها خبر پنهنجي زال سان ٻ ڪيائين. هوء ويچاري انڪار ٿي ڪري ته مري ٿي، سو ڪسندي ڪٽي هائوڪار ڪيائين. ديو ٻڌايس ته: آئون صبح جو نانگ ٿي ٻاهر چائٽ وٽ وڃي ويهندس، جيئن ٿي حلالي ٻاهر نڪرندو تيئن ڪيس ڏنگ هڻي ماري ڇڏيندس جو ته هو سيني کان سويل اٿندو آهي. ان کان پوء حرامي۽ ڪي سندس ڪٽ تي ستي ٿي ڏنگي ماري ڇڏيندس. اتفاق سان حرامي اها سموري خبر چار ٻڌي ورتي ۽ ديو کي مارڻ جو پڪو ڦهه ڪيائين. رات پئي ته حرامي ڪوڙا ڪونگهرا هڻي جاڳندو رهيو. صبح جو سويل حلالي۽ جي اٽ کان اڳئي کٽ تان لهي وڃي کهاڙي ڪنيائين ۽ آهستي آهستي دروازي وٽ اچي ڏسي ته برابر هڪڙو نانگ ويڙهيو سيڙهيو لڪو ويٺو آهي. بوء وجهه ڏسي کهاڙي۽ سان اچي نانگ کي ورتائين. اک ڇنڀ ۾ هڻي ڪترا ڪتري ڇڏيائينس. پوء ڊوڙي وڃي ماءُ کي جاڳائي، ديو کي مارڻ جي سموري حقيقت ٻڌايائين ۽ ياءُ کي چيائين ته: ادا! ڇا ته ڇون، نه

ته ديو بُڇ بُڇ ڪري ڇڏيندا. پوءِ ته ٻئي پائر مٿيون پيڙي وڃي پيگا.

هلندي هلندي اچي ڪنهن ولايت ۾ نڪتا. اتي حرامي حلاليءَ کي چيو ته: ادا! هاڻي اسان کي هڪٻئي کان جدا رهڻي قسمت آزمائڻ گهرجي. تون اتر طرف وڃ ته آئون ڏکڻ پاسي ٿو وڃان، جيڪڏهن حياتي هوندي ته وري اچي گڏبا سين. ائين چئي حرامي هڪڙو چاقون ڪڍي حلاليءَ کي ڏنو ۽ چيائينس ته: هيءَ منهنجي نشاني اٿئي. جنهن ڏينهن چاقون ڪتجي وڃي، ان ڏينهن سمجهجئين ته منهنجو خير نه آهي. حراميءَ کان چاقون وٺي حلاليءَ به کيس هڪڙو چاقون ڏنو ۽ چيائينس ته: هيءُ چاقون وري منهنجي نشاني اٿئي. جيڪڏهن ڪتجي وڃي ته تون سمجهجئين ته منهنجو به خير نه آهي. ائين هڪٻئي کي اهي نشانيون ڏئي، پنهنجو پنهنجو رستو وٺي اٿي هليا.

حلالي رلندو پنندو اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو. پڇا ڳاڇا تي خبر پيس ته هتي جي وڏيري کي هڪڙي نوڪر جي گهرج آهي. هي يڪدم وڏيري وٽ آيو ۽ کيس نوڪري ڏيڻ لاءِ چيائين، جنهن نوڪري نه ڏنيس پر چيائينس ته: جيئن منهنجي ٻانهي نوڪي چوندي تيئن ڪرڻو پوندئي. جي اهو شرط قبول ڪرين ته وڃي ڪم سان لڳ، نه ته پنهنجو رستو وٺ. حلالي ويچارو ضرورتمند هو، سو وڏيري جو شرط قبول ڪري وڃي ڪم سان لڳو. سڄ لٿي محل ٻانهي ڏاکوڻ ۾ مانيءَ ۽ پاڻيءَ جي ڪٽلي ڪٽي اچي آڳيان رکيس، ۽ چيائينس ته: ڏاکون کولي مانيءَ نه کائج، پڳال کولي پاڻي نه پئج ۽ زبان چوري ڳالهه نه ڪيج! ائين چئي ٻانهي ويندي رهي. حلالي ڏاڍو حيران ٿيو ته هاڻي

چا ڪريان! نيٺ ماڻي ڪائڻ کان سواءِ صبر ڪري ويهي رهيو. ڳهڙيءَ ڳڻ ڪان پوءِ ٻانهي ڏاڪڻ ۽ ڪلهي ڪٽي هلي ويٺي ۽ حلالي جهڙو بکيو هو تهڙو رهجي ويو. پوءِ روزانو ٻانهي ماڻي ڪٽي اچي ڪيس ساڻيءَ طرح چوندي هئي. حلالي ۽ نہ ڏاڪڻ کي هٿ لائيندو هو، ۽ نہ وري ڪنهن سان اها ڳالهہ ڪندو هو، نيٺ بکڻ ڪاتي ٿوري وقت کان پوءِ مري ويو.

هوڏانهن حرامي، ٻاڻ ڪان جدا ٿي اچي هڪڙي نانوائي وٽ نوڪر ٻيٺو. هو روز ٻاڻ جو ڏنل چاڪڻ ڏسندو هو. هڪڙي ڏينهن دستور موجب چاڪڻ ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيس، چاڪاڻ: ته چاڪڻ ڪٽجي ويو هو. حرامي سمجهي ويو ته حلاليءَ جو خير ڪونهي، سو يڪدم نانوائي سان حساب ڪتاب صاف ڪري انهيءَ پاسي روانو ٿيو، جيڏانهن حلالي ويو هو. پڇا ڪندي ڪندي اچي انهي ڳوٺ ۾ پهتو، جتي ويچارو حلالي مئو هو. پڇا ڪرڻ تي خبر پيس ته برابر وڏيري وٽ حلالي نالي نوڪر هو جو مري ويو. حرامي پنهنجي ٻاڻ جي مرڻ جو سبب معلوم ڪرڻ تي ڀاڻيو پر ڪٽان ۽ خبر ڪانہ پيس. پڪ ٿيس ته حلاليءَ کي ضرور وڏيري مارايو آهي، سو هو ۽ هڪلي اچي وڏيري جي اوطاق تي پهتو ۽ ڪيس نوڪري ڏيڻ لاءِ چيائين، جنهن ڪيس اهو ساڻيو شرط بڌايو جو قبول ڪري وڃي ڪم سان لڳو. رات جو ماڻي ڪائڻ جو وقت آيو ته ساڻي ٻانهي ڏاڪڻ ۽ ڪلي آڻيان رکي چيس ته: ڏاڪڻ ڪولي ماڻي نہ کائج، پڳال ڪوللي پاڻي نہ پيج ۽ زبان چوري ڳالهہ نہ ڪيج، آڻون اڇا ٿي اچان. اتي حراميءَ کي پڪ ٿي ته حلالي کي هنن ئي بکن وگهي ماريو آهي. هاڻي انهن ٻئي مون ٻئي، جي وڏيري جو گهر ڦٽائي تابان نہ ڪريان ته منهنجي ڳالهہ ۾ گهٽ آهي. پوءِ ڏاڪڻ

کولي ويهي مزي سان ماني کائڻ لڳو. گهڙي ۾ کانئ گذري
تہ ٻانهي ڏانو ڪنن آئي. حرامي ۾ اتديئي ٻئي هٿ نڙڪيت ۾
وڃهي وئي جو گهٽو ڏنس تہ اتي جو اتي آڦٽ مري پيئي.
پوءِ جا ڪيائين جو ٻانهيءَ جو لاش ڪٽي لڪندو چندو
ڪوٽ مان ٻاهر نڪري رستي تي آيو. لاش کي وڻ جي ٽيڪ
تي ويهاري، پان ڏوڙندو وڏيري وٽ آيو، ۽ اچي چيائينس تہ:
سائين! واهم واهم، جا اوهان جي ٻانهي، جا رستي تي ويئي واٿڻن
سان عشق ڪري! وڏيرو اوڏيءَ مهل سنگتين سان ويٺو هو. سو
تپي ٻاهم ٿي ويو ۽ لٽ ڪٽي حراميءَ کي سانڍ ڪري اڇي
ڏسي تہ برابر وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺي آهي. وڏيري ۾ ڪاوڙ
۾ نڪا ڪئي هم نڪا تم، اچي لئين سان ورتائينس. ٻانهي تہ
اڳيئي مٽل هئي. سا لئين لڳڻ ڪري ڏيري ٿي پيئي.
بس پوءِ تہ حراميءَ جو اڇي مڪو متو. وڏيري کي چيائين
تہ: وڏيرا! هي جا ڪيئي، بيگناهن کي خون ڪري وڌئي!
هاڻي تہ ڦاسي چڙهي ويندين. حرامي جا اهي لفظ ٻڌي وڏيري
جا ڏيڙ ئي ڏرا ٿي ويا ۽ هن کي ايلاز منٽون ڪرڻ لڳو.
تہ: جيڪي چوين سو ڏيئين پر ڪالهه گم شم ڪري ڇڏ. حرامي
پنج هزار روپيا وٺي خاطري ڏنس تہ هاڻي تنهنجو نانو ڪير
وٺي! وڏيري کي حراميءَ تي ڪاوڙ ڏاڍي آئي پر ڪچي
کونہ سگهيو. حرامي پٺيان وٺي ٻانهيءَ جو لاش ڪٽي وڃي
درياه ۾ لوڙهي ڇڏيو. ٻانهيءَ جي مرن کان پوءِ هاڻي ماني
وٺن لاءِ حرامي پاڻ حويليءَ تي ويندو هو.

وڏيرو پنهنجي نوڪرن تي اهڙي سختي رکندو هو جو
ڪوبہ نوڪر مهيني کان وڌيڪ وٽس جالي نہ سگهندو هو ۽
ڇڏيوبندڙ نوڪرن جا پٺيان ۾ وڏيري کي ڦهي ويندا هئا. وڏيرو

ائين نوڪرن کان سفت ۾ ڪم وٺڻ تي هري ويو هو ، پر حرامي پهريون نوڪر هو جنهن نه فقط وٽس سڄو مهينو ڪمايو هو ، پر ڪانئس پنج هزار روپيا ب ورتا هئا . تنهنڪري وڏيري ڪي حراميءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ هوندي هئي . آخرڪار حرامي هڪڙيءَ رات جو حويليءَ تان ماني وٺي ويو ته اندران وڏيري ۽ سندس زال جو آواز ٻڌائين . وڏيري زال کي پئي چيو ته: آءُ حرامي نوڪر مان اڇي ڳاٽو آهيان، تنهنڪري ڪنهن حيلي سان ڪيس ماري ڇڏجي ته ڏاڍو چڱو . جوٽس وراڻيو ته جيڪڏهين ائين آهي ته هيئن ڪر ، جو تون ڪوليءَ جي سنگهه ۾ نوڙي ڪٽي وڃي ويهه . حرامي ڄاڻ ماني ڪٽڻ آيو . آڻون سندس ماني وڃي ڪوليءَ ۾ٽي رکان: جڏهن حرامي ايندو ته ڏيس ڪوليءَ ڏي ماني ڪٽڻ لاءِ موڪلي توکي اشارو ڪنديس ، پوءِ تون سندس ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي ڪٽي ڇڪجئين . اها ڳالهه ٻڌي وڏيرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نوڙي ڪٽي وڃي سنگهه ۾ لڪي ويٺو .

حراميءَ ته اها ڳالهه ٻڌي ورتي هئي ، سو وري موٽي آيو ۽ ڄاڻي واڻي دير ڪري پوءِ ويو . وڏيريءَ چيس ته : ابا ! ماني اندر رکي اٿئي وڃي ڪٽ. حرامي اڳيرو هليو مڪر ڪري ڪيري پيو . وڏيريءَ جي ڇڻ تي چيائين ته: پير ۾ ڪنبو لڳو اٿم ، تنهنڪري هلي نٿو سگهان . پلائي ڪري اندران ماني ڪٽي ڏي ته وڃان . وڏيريءَ کي ب ڳالهه ويئي وسري ته اندر حرامي کي مارڻ لاءِ ماندان سنديو پيو آهي، سو اندران ماني ڪٽڻ ويئي. حرامي ب موقعو سٿو ڄاڻي زناني آواز ۾ وڏيري کي اشارو ڪيو . جنهن تي هن اوندهه ۾ پنهنجي زال جي ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي وٺي ڇڪ ڏني . گهڙيءَ کن ۾ ئي ويچاري وڏيريءَ جا پساهه پورا ٿي ويا . اتي حرامي يڪدم اٿي وڏيري کي هڪل ڪئي

ته وڏيرا! خير ته اٿئي؟ ۽ ٽي ڏينهن ٿيا ته پانهيءَ کي لٽيون هٽي ماريئي ، اڄ وري پنهنجيءَ زال کي. زال جي موت جي خبر پڌي وڏيرو وائڙو ٿي ويو. هيٺ لهي ڏنائين ته برابر حراميءَ جي بدران زال ماري وڌي اٿم.

اتي حراميءَ وڏيري کي چيو ته : وڏيرا! اڄ آئون توکي ضرور ڪاڻ ۾ وجهائيندس. حراميءَ جا ڏڙڪا پڌي وڏيري جون متيون منجهي ويون ، سو پنهنجو پٽڪو لاهي ڪٽي حراميءَ جي پيرن تي رکيائين ۽ چيائينس ته : هن پيري منهنجي عزت بچاءِ . حرامي چيس ته: ڏهه هزار رپيا روڪڙا ڏي ته ڪالهه لٽي متي ڪريان . وڏيري کي سر سان لڳل هئي سو يڪدم ڏهه هزار رپيا ڪڍي حرامي کي ڏنائين .

زال جي مرڻ کان پوءِ وڏيرو ويڳاڙو رهڻ لڳو. خيال ڪيائين ته ڪنهن پاسي وڃي روح پرپايان ، سو حراميءَ کي پڌائڻ کان سواءِ ڪپڙا وغيره پڌي راتو واهه پنهنجن مائٽن ڏانهن روانو ٿي ويو . حرامي به همیشه‌سندس تاڙ ۾ رهندو هو . سو وڏيري کي رات جو ويندو ڏسي سندس پٺيان لڳي پيو . وڏيرو ڪجهه پنڌ کان پوءِ ساهي ڪٽڻ لاءِ هڪ هنڌ اڃا ويٺوئي مس ته حرامي به اڇي سلام ڪيس . هو حرامي کي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ پڇيائينس ته : تون هتي ڪيئن آئين؟ حرامیءَ جواب ڏنس ته : سائين ! اڌ رات جو چورن وانگر ارهان کي ويندو ڏسي سمجهيم ته ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٿا آهيو . آئون نوڪر ماڻهو . خيال ڪيم ته جو نه هن ڏکئي وقت ۾ اوهان جي مدد ڪريان . هاڻي ٻڌايو ته منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ وڏيري خيال ڪيو ته هن حراميءَ مان جند اصل ڪين ڇڏندي ، تنهنڪري ڪپڙن واري هڙ ڏيئي اتي مائٽن ڏانهن هليو . ڳوٺ وٽ اچي وڏيري ، حراميءَ

ڪي چيو تہ: تون اڳواڻ وڃي ڪين ٻڌاءِ جي خبر ٻڌاءِ. حراميءَ وڏيري جي ساڻن ڪي اڇي چيو تہ: وڏيرو ۽ آڻون اوهان وٽ مهمان ٿي آيا آهيون ، تنهنڪري اسان جي ماني تيار ڪريو پر وڏيري لاءِ چانور اڏو اڏ لوڻ وڌهي ڏار رڌجو ، چاڪاڻ تہ هن دي حڪيم گهٽي لوڻ ڪائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي. ائين چئي پنتي موٽيو. ساٿس گڏ وڏيري جا ڪي ماڻٽ ٻ آيا ۽ هن ڪي ڏاڍي شان مان سان وٺي آڻي اوطاق ۾ ٽڪايئون.

خبرن چارن ڪان پوءِ هنن ٻنهي جي آڏو ماني آڻي رکيائون. وڏيرو گرانهن ڪٽي تہ رهو لوڻ! آهستي آهستي حراميءَ ڪان پڇيائين تہ: هيءَ ڪهڙي ماڃرا آهي؟ حرامي چيس تہ: وڏيرا! مونکي ڪهڙي خبر. وڏيرو لاچار ٻڪ ڪان ڪجهه ماني ڪائي وڃي آرامي ٿيو. ايڏا گهڙي ڪن مس گذري تہ اڇي پيٽ ۾ وٽ پيس. سو حراميءَ کي اڌاري چيائين تہ: هاڻي ڇا ڪريان؟ حراميءَ چيس تہ: سائين! منجهو ڇو ٿا؟ پاڻيءَ وارو دلو خالي ڪري ، انهيءَ ۾ وڃي جان آجي ڪريو. صبح جو آڻون پاڻهي دلو وڃي جهنگ ۾ اڇلي ايندس. وڏيري حرامي جو چوڻ مڃي صبح ٽيڻ ڪان اڳ سڃو دلو هنگي ڀري ڇڏيو. صبح جو دلي اڇلائڻ لاءِ حراميءَ کي اڌارائين پر هو دت هڻي سمهي رهيو. وڏيري ڏاڍا حيلا ڪيا پر ٻيو ٽيو خير. اتي سڃ ايرڻ وارو هو ، هن خيال ڪيو تہ جي ماڻهن ڏسي ورتو تہ ڏاڍي خواري ٽيندي تنهنڪري ڇو نہ آڻون پاڻ اڇلائي اچان ، سو دلو مٿي تي رکي ٻاهر نڪتو. حرامي ڇا ڪيو جو سروٽو ڪٽي ٽڪاءُ ڪرايائين دلي ڪي. ڏڪ لڳڻ سان دلو ڇينهون ڇينهون ٿي پيو ۽ وڏيرو گند ۾ ڀرجي پيو. ان ڪان پوءِ حرامي ڏٺو تہ هاڻي هن سان گهٽي جٽ ڪئي اٿم سو وٽس اچي چيائين تہ: ادا وڏيرا! آڻون تنهنجي اڳوٽي نوڪر

حالڻي جو پاڻ آهيان. تو ۽ تنهنجي پانهيءَ منهنجي پاڻ کي بکون ڏيئي ماربو، جنهن جو ويرتوکان ورتم. پانهيءَ کي به گهٽو ڏئي ماريم، وڏيريءَ کي به تنهنجي هٿان مارايم ۽ توکي به گهٽو خوار خراب ڪيم هاڻي پنهنجي الله واهي اٽئي. ائين چئي هن گوٺ ڏانهن موٽ کاڌي؛ اتي اچي وڏيري وٽان هٿ ڪيل پٺسن سان دڪان ڪيي ويهي رهيو ۽ باقي ڏينهن اشرافت سان گذارڻ لڳو.

حلالي ۽ حرامي *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه پائر رهندا هئا، جن مان هڪڙي کي "حلالي" ۽ ٻئي کي "حرامي" جي نالي سان سڏيندا هئا، جي ڪم ڪار ڪونہ ڪندا هئا. سندن ماءُ ڳوٺ جو پيهڙو ڪري ايندي هئي، ۽ هي ٻئي پائر ڪٽ تي چڙهيو مست ٽيو وينا ڪائيندا هئا. هڪڙي ڏينهن حلالي، حرامي کي چيو تہ: ادا ڏي ادا! پاڻ اٿي تي چٽي ٽيو وينا حرام جي مانيَ ڪائون، چو نہ هلي ڪو پورهيو ڪري پيٽ پاريون؟ حرامي چيس تہ: جي اهڙو خيال اٿئي تہ وڃي شهر مان ڪجهہ ڪمائي اچ؛ باقي آئون ڪونہ هلندس. پاءُ جو جواب ڏي ويچارو حلالي شهر روانو ٿي ويو. شهر ۾ رلندي سڄو ڏينهن گذري ويس پر پورهيو ڪونہ لڳس. آخر ڪم لاءِ ڇاڇا ڪيائين. هڪڙي حجام هن کي چيو تہ: آئون نوڪري ڏيندوسين، پر انهيءَ شرط سان تہ منهنجا چار ڪم توکي ضرور پورا ڪرڻا پوندا، جي اهي ڪم نہ ڪندين تہ نڪ چپ ويڙ ڏيندين، ۽ ٻڌان ڏهہ رپيا ٻہ ڏيڻا پوندءِ؛ پر جي مون توکي جواب ڏنو تہ وري آئون نڪ چپ ويڙائيندس ۽ ڏهہ رپيا ڏيندس. هاڻي جي هجنئي ڳالهہ منظور تہ وڃي ڪم ڪي لڳ، نہ تہ وٽ پنهنجو رستو. حلاليءَ چيس تہ: ڪم تہ ٻڌاءِ. حجام ٻڌايس تہ: ٽلهي تي رکيل ميٽ پاڻيءَ جو پريندين، سهو ماري ايندين، ڪائيون ڪري ايندين، ۽

---

* هيءَ آ ڪاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

گوڏي جيڏي گاهه ۾ ڏيکا پايندين. حلال‌يءَ خيال ڪيو ته هاڻي آيو آهيان سو موٽبو ڪونه، ڏڻي ڪندو ته اهي ڪم پورا ڪري ڏيندس. سو چيائينس ته: يارا! مونکي منظور آهن. پوءِ حجام هن کي پنهنجي اوطاق ۾ آڻي ويهاريو.

حلال‌ي صبح جو پهرين پاڻي پرڻ تي ٻينو، پاڻي پريندي پريندي سندس ڪلها گسي ويا پر مٽ پرجي ئي نه. نيٺ ڪ‌ٽي پيو ۽ موٽي حجام کي اچي چيائين ته: ادا! تو وارا ڪم مون کان زور آهن، مون کان ته مٽ ئي ڪونه ٿو پرجي، باقي ڪم ڪٽان ڪري سگهندس! تنهن تي حجام چيس ته: پوءِ جلدي ڪر نڪ چپ وڍ ڏي ۽ ڏهه رپيا ٻه ڏي. حلالي ويچارو لاچار ٿي پيو، سو انجام موجب نڪ چپ وڍائي ڏهه رپيا ڏيئي گهر موٽي آيو. حرامي پاڻ جي اهڙي حالت ڏسي اچي ڪل ۾ پيو. چي: ادا! تون حلال ڪمائڻ ويو هئين، پوءِ هيءَ جٽ ڪيئن ٿيئي؟ حلال‌يءَ سڄو احوال ڪري ٻڌايس. تنهن تي حرامي‌ءَ چيس ته: چڱو، تون سو نڪ چپ وڍائي آئين، پر هاڻي ڏس ته آڻون ڪيئن نه ٿو انهي حجام سان پڄان.

ٻئي ڏينهن صبح جو سهي سنيري سڏو حجام وٽ ويو ۽ چيائينس ته: مونکي ڪم ڏي. حجام کيس ساڳيا حلال‌يءَ وارا شرط ٻڌايا، جي هو قبول ڪري ڪم کي لڳي ويو. پهرين مٽ کي پرڻ لڳو. تن ڇڻ وارن کان پوءِ جان ڪٽي ڏسي ته مٽ ۾ پاڻي‌ءَ جي ڦڙي به ڪانهي! ويچار ڪيائين ته هيترو پاڻي پريو اٿم سو ڪيڏانهن ويو. سو خار ۾ مٽ کي ٽڏو هڻي اونڌو ڪيائين، جان ڪٽي ڏسي ته مٽ ۾ هڪڙو سوراخ آهي جنهن جي هيٺان هڪڙو ڪوهه نهيو پيو آهي، سمورو پاڻي وڃي ٿي انهي‌ءَ ۾ پيو. هن چا ڪيو جو اهو مٽ پڄي، انهي‌ءَ

جاءِ تي نئون مٽ رکي پري ڇڏيو. انهيءَ ڪم کان واندو ٿي جهنگ مان ڪاٺيون ڪرڻ ويو، جهنگ تمام پري هو. واٽ تي حجام جو نار ڏٺائين، نہ ڪيائين هم نہ تم ان کي پڇي ڪاٺيون آڻي گهر رکيائين. تنهن کان پوءِ سهو مارڻ ويو. سهو ماري، ڪُهي پچائي پاڻ کائي ويو، باقي حجام جي ٽيپي ڪُتي ماري، ان جي گوشت سان سهي جي کل پري اچي حجام جي سامهون رکيائين. پوءِ ڏڪا ڇوڙي ويو گوڏي جيڏي گاهه ۾ پاڏڻ. انهن سان وري هيءَ جٽ ڪيائين جو گوڏي جيڏي گاهه جي بدران، گوڏي جيڏي واريءَ ۾ پاڏي آيو. هوڏانهن حجام چا ڪيو جو گوشت رڌي کائي، باقي "ٽيپي، ٽيپي" ڪري سڏ ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ حرامي ۽ موٽي آيو، حجام کي چيائين تہ: هڪڙي ٽيپي ڪُتي تہ کائي ويٺو آهين. هي ڪا هجي تہ وٽي اچان؟ اهو ٻڌي حجام ڏاڍو شرمندو ٿيو. پر وري ۽ ٻاهريون ٻنو رکي پڇيائينس تہ: چڱو چڱو، تو منهنجا باقي ڪم ڪيا؟ حرامي چيس تہ: ها، هلي ڏس. وڃي ڏسي تہ مٽ ۽ پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي، ڪاٺيون ۽ ٽيون پيون آهن؛ باقي بچيا ڏڪا، سي اچي ڏسي تہ گوڏي جيڏي گاهه جي بدران واريءَ ۾ پاڏيا پيا آهن! تنهن تي حجام، حراميءَ کي چيو تہ: اڙي! مون توکي ڏڪا گوڏي جيڏي گاهه ۾ پاڏڻ لاءِ چيو هو يا گوڏي جيڏي واريءَ ۾؟ حراميءَ جواب ڏنس تہ: سائين! مون تہ هنن کي گوڏي جيڏي گاهه ۾ ڇڏيو هو، آڻون پانيان ٿو تہ هنن گاهه کائي باقي وڃي واري ڇڏي آهي. حجام وٽ انهيءَ جو ڪو جواب ئي ڪونہ هو، سو ساڻ ڪري ويهي رهيو. ۽ دل ۾ چيائين تہ ڪنهن بدمعاش سان هٿ اٽڪيو اٿم.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ حجام کي ڪنهن پاسي مدعوت

ملي تنهنکري حراميءَ کي گهر جي پارت ڪري چئي ويو تہ : منهنجي ماءُ بيمار آهي ، تنهن تان ويهي مکيون هڪل . هوڏانهن حجام ڏ نـي پٽ ۽ هيڏانهن حرامي وڃي ڪنڌ ڪان ٽپڻي وٺي آيو . ان سان حجام جي ماءُ تان مکيون هڪلڻ لڳو . جتي مک ويهي اتي ٽڪاءُ ڪرايائينس ٽي ٽپڻي . پن ٽن ڏڪن ڪان پوءِ ويچاري مائي وڃي الله جي ٿي . حرامي پڪدم مائيءَ کي وهنجاري سهنجاري ڪپڙا لٽا پارائي ، هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ويهاري ، چلم تازي ڪري ، ان جو نڙ هن جي وات ۾ وجهي ڇڏيو . شام جو حجام موٽي آيو ؛ اچي ڏ سي تہ مار ! اما تہ اڄ ڪلي پئي ، سو حرامي کي شاباس ڏيئي خبر چار پڇيائينس . حراميءَ چيس تہ : سائين ! تنهنجيءَ ماءُ کي اڄ هڪ وڏي حڪيم جي دوا آڻي پياري اٿم ، تنهنکري خوش آهي . حجام خوشيءَ مان ڊوڙي وڃي ماءُ کي ڀاکر پاتو . هوءَ اڳئي مئي پئي هئي ، سو هن جو ڀاکر پائڻ ۽ مائيءَ جو مٽان ٽي ڪرڻ . اهو ڏ سي حجام رڙ ڪري چيو تہ : اڙي حرامي ! هيءَ تہ مئي پئي آهي . حراميءَ جواب ڏ نس تہ : نہ سائين نہ ، هن مکر ڪيو آهي . سويل تہ ڪلي پئي . هاڻي وري ڪيئن مري ويئي ؟ خير قصو ڪوتاهہ ، حجام مڃي ڳالهہ سمجهي اندر جو جو سور اندر ۾ رکي ڪٽي مات ڏکئي . جي ٿو حراميءَ کي نوڪريءَ کان جواب ڏئي تہ نڪ چڙ ، وڌائڻو ٿو پوي ؛ تنهنکري مرندي ڪسندي حراميءَ کي چيائين تہ : ڳوٺ مان ڪو ماڻهو ساڻ ڪري وڃي ڪن جيڏي قبر کوٽي اچ . حرامي اڪيلوئي وڃي جهٽ پٽ ڪن جيڏيون ڪڏون کوٽي اچي حجام کي ٻڌايو : تـو تہ رڳو هڪڙيءَ قبر جر چيو ، پر آئون اٺ ڏهہ قبرون کوٽي آيو آهيان . حجام چيس تہ : هلي ڏيکار ! ٻئي ڇڻ

گڏجي مقام ۾ آيا . حجام جڏهن نديون نديون ڪڏون ڏٺيون، تڏهن رڙ ڪري چيائين تہ : ٻڙيءَ ٻڏا ! هي قبرون ڪوٽيون اٿئي؟ حراميءَ چيس تہ : سائين ! تو چيون هيون ڪن جيڏيون قبرون ، سو ڪن سان ساپي ڪئي ، ائين بيگناهہ ڪاوڙ نہ ڪر . جي منهنجو ڪم نٿو وٺئي تہ ڏي جواب . حجام کي اچي نڪ چپ ويڙهي جو ڏپ لڳو ، سو خوشامد ڪري حراميءَ کي چيائين تہ : نہ ادا ! تنهنجي وڏي مهرباني ، قبر آڻون پاڻهي ٿو ڪٽان ، تون وڃي ڳوٺ جي ماڻهن کي جاڻ ڪر .

حراميءَ کي تہ هئي حجام کي سيکٽ ڏيڻي سو وڃي سڄي ڳوٺ کي جاڻ ڪيائين تہ: حجام جي ماءُ مري ويئي آهي. پر چيو اٿس ڪوبہ منهنجي ماءُ جو ڪانڌي نہ ٿئي ، جي ڪو آيو آهي تہ ڏاڙهي پٽي پوئو ڪندوسانس . ماڻهن چيو تہ : ادا ! ڪنهن کي پنهنجي عزت لهرائي آهي ، هيءَ تہ ماءُ مئي اٿس پر جي پاڻ مري پئي تہ بہ حرام جو اسان مان ڪو وتس ويجي. نتيجو اهو ٿيو جو ڪوبہ ماڻهو ڪانڌي ٿيڻ لاءِ ڪونہ آيو. حراميءَ وري چا ڪيو جو لاش کٽ تي رکي، ڪٽي پنهنجن پٽن تي کنيو ۽ لڏندو لمندو قبرستان ڏانهن روانو ٿيو . لوڏن ۾ لاش تہ رستي تي ئي ڪري پيو ، ۽ هي خالي کٽ ڪٽي وڃي مقام پيڙو ٿيون حجام خالي کٽ ڏسي پڇيس تہ : لاش ڪٽي؟ حراميءَ جواب ڏنس تہ : سائين ! آڻون پانيان ٿو تہ رستي تان پڄي ويئي آهي ، مون ڪونہ چيو هو تہ هن مڪر ڪيو آهي . تنهن تي حجام چيس تہ: ڇريا ! ڪڏهن مٽل جيئرا ٿيا ! لاشڪ تون ڪٽي ڪيرائي آيو آهين ، وڃي ڳولي ڪٽي اچينس . حرامي هاڪو ڪري ، لٽ ڪلهي تي رکي مائيءَ کي ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو . ٿورو اڳتي ويو تہ رستي تي هڪڙي ڪراڙي مائي کي ڇيڙا

چونڊيندي ڏنائين ، حرامي ٻ ٻکي لکي ٽکاءُ ڪرايس ٿ ، ڏڪ سان ساهه نه مون ڏنو نه تو ڏنو . ڪٽي ڪلهي تي اڇي حجام جي اڳيان اڇلايائين ته : سنيال پنهنجي ماءُ کي ، ڇيٽن جي پويان پگهي پئي ويئي جو ٽيون هٽي ورائي آيو آهيانس . حجام ڏنو ته هيءَ کا ٻي مائي آهي ، اڇي سر سان لڳس ، سو يڪدم ان پوڙهيءَ کي پورن لڳو ۽ هن کي وري ٻ ماءُ کي ڳولڻ لاءِ موڪلياٿين . حرامي وري ٻ ڳولينديءَ اڇي ڏسي ته برابر حجام جي ماءُ هڪڙي ڏينهن تي پئي آهي . جهلي ٽنگ ڪان گهلي گهلي آئي مقام ۾ ڇڏيائينس . حجام پڇيس ته : اڙي ! هي ڇا ڪيو اٿئي؟ حراميءَ چيس ته مونکي ڏسي ڇڙ لڳي ، پر رستي تي هڪڙي لوڙهي ۾ ڦاسي پئي ، اتي ڪٽي ٽنگ ڪان جهليو مانس ۽ گهلي آيو آهيانس . حجام سڙي پچي ويو ، پر ڪجهو ڪونه ، ماڻڙي ڪري ماءُ کي پوري گهر موٽي آيو .

ٿورن ڏينهن کان پوءِ حجام کي ڪنهن ڪاج جي دعوت ملي . پهرين ته اڪيلي سر وڃڻ جو خيال ڪيائين ، پر پوءِ ڪم ڪار لاءِ حراميءَ کي ٻ ساڻ ونئي ويو . اتي پهچي حراميءَ پهرين اهو ڪم ڪيو جو بورچي کي سمجهائي ڇڏيائين ته : حجام لوڻ مڙئي سرس کائيندو آهي ، تنهنڪري ان لاءِ رات جي مانيءَ جدا ناهج . رات جو حجام کي گهٽي لوڻ واري مانيءَ ملي . بک ٻ ڏاڍي هيس ، سو کائي پي ڏڪري وڃي سمهي پيو . حراميءَ چا ڪيو جو ساڻ ساڻ ڪري هن جي ڪوٽيءَ کي باهران ڪڙو ڏيئي ڇڏيائين ، آڏيءَ رات جو اوچتو حجام کي اڇي پيٽ ۾ وٽ پيا . باهر نڪرڻ لاءِ در کوليائين پر در نه کليو ، لاچار ٿي حراميءَ کي سڏ ڪيائين . هن در کوليڻ کان سواءِ خبر چار پڇيس ، حجام چيس ته : يار ! جهنگ جو

خيال ٿيو اٿم . حراميءَ چيس تہ: هن ڪوٺ جا ساٺهو رات جو گهر ڪان. ٻاهر ڪونہ نڪرن ، جو هتي بگهڙ تمام گهٽا آهن ، هاڻي جي حياتيءَ سان ڪڪ هجين تہ پلي جهنگ ڏانهن وڃ ، باقي جي اتي ڪو خالي دلو پيل هجي تہ ان ۾ جهنگ جو خيال لاهي ڇڏ ، آئون صبح جو پاڻهي وجي اچلائي ايندس. حجام هن جي صلاح سڄي ، سڄي رات ۾ هنگي دلو پري ڇڏيو . فجر سهل خيال ڪيائين تہ الائي ڪتان حرامي ڪٽي خوار ڪري ، سوچو نہ آئون ئي دلو اچلائي اچان . پوءِ آهستي آهستي حراميءَ کي سڏ ڪيائين ، جنهن اچي يڪدم در کوليو ، تہ هي دلو مٿي تي ڪٽي ٻاهر نڪتو . حرامي چا ڪيو جو گهر جي ڀاتين کي جاڳائي چيو تہ: ميان ! توهان جو مهمان دلو ڪٽي پاڻي پيو پري . اهو ٻڌي سڀني اچي حجام کي جهليو ۽ چوڻ لڳس تہ: ادا ! هي وري ڪهڙو ڪلور ٿو ڪرين؟ ڇڏ تہ اسين پاڻي پري اچون . پر حجام دلو ڇڏڻ جي نہ پيو ڪري . انهيءَ رد بدل ۾ هنا تہ حراميءَ نڪاءَ ڪرائي دلي کي لٽ ، لٽ لڳڻ سان دلو پڇي پيو ۽ حجام سڄو گند ۾ پرجي ويو . حجام ويچارو نڪ چپ ويائڻ جي خيال ڪان وري بہ سور پي ويو .

هڪڙي ڏينهن حجام ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو تہ سندس ننڍي پٽ لي اوچتو پيٽ ۾ وٽ پيا . حجام حرامي کي چيو تہ : وجي چوڪري کي هنگائي اچ. حرامي ، چوڪري کي ٻاهر وٺي ويو ، اڃا هو هنگڻ ويٺوئي ڪونہ تہ حراميءَ چيس تہ: خبردار! هنگندين تہ لت لت تي رکي چيريندوسئين . ڊپ ۾ چوڪري جو هنگڻ تان خيال ئي لهي ويو ۽ وري اچي ڪچهريءَ ۾ حجام سان گڏ ويٺو . ٿوريءَ دير ڪان پوءِ وري بہ چوڪري چيو تہ: بابا ! هنگان . وري بہ حرامي وٺي ويس ۽ چيائينس تہ: هنگندين تہ لت لت تي رکي چيريندوسئين.

وري ٽئي ڀيري ٻ چوڪري حجام ڪي چيو ت: بابا! هنگان ، تڏهن حجام ڪي ڏاڍي خار لڳي ۽ حرامي‌ءَ ڪي چيائين ت: هن ڀيري نہ هنگي ت لت لت تي رکي چيري ڇڏجئينس . حرامي چوڪري ڪي ٻاهر وٺي وڃي لت لت تي رکي چيري ڇڏيو . ۽ پاڻ ڪچهري‌ءَ ۾ موٽي آيو . اتي حجام کانئس پڇيو ت: چوڪرو ڪٿي؟ حرامي چيس ت: تو چيو هو ت ، نہ هنگي ت لت لت تي رکي چيري ڇڏجئينس ، سو ٻاهر چيريو پيو اٿيئي . اهو ٻڌي حجام ڪي ڏکر چڙهي ويا ۽ انهي‌ءَ ٻهل ئي چيائين ت: تون منهنجي ڪم جو نہ آهين . انهي تي حرامي‌ءَ هڪدم چيس ت: پوء ٻلا نڪ چپ ودڻ ڏي ۽ ڏهم رپيا ٻ ڏي ! اهو ٻڌي حجام ڪٽي ماڻ ڪئي .

ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوء حجام ڪي گهر کان ٻاهر ڪم ٿيو ، سو حرامي‌ءَ ڪي چئي ويو ت: حرامي! منهنجي در جي پارت اٿئي . هن جي وڃڻ کان پوء حرامي‌ءَ چا ڪيو جو دروازو ڪيڏي اتي رکيائين ۽ ٻيو مال متاع ، ويندي فرش جون ڇڳل سرون ٻ ڪيڏي پنهنجي گهر چڏي آيو ، باقي دروازي ڪي روز چنڊيو ڦوڪيو ويٺو هوندو هو . ٻن ڏينهن کان پوء حجام اچي ڏسي ت گهر جو نقشوئي بدليو پيو آهي ، حرامي‌ءَ کان پڇيائين ت: هيءُ وري چا ٿيو؟ حرامي جواب ڏنس ت: سائين ! تنهنجو در مون قابو رکيو آهي ، اجهو ڪٽي ٿو اچان . ٿوري‌ءَ دير کان پوء دروازو اڳيان رکي چيائينس ت: ت ڏسو ت ڪو سرو يا ڪو جيت ت ڪونہ لڳو اٿس؟ حجام چيس ت: پر مون ت توکي سڄي گهر جي پارت ڪئي هئي . حرامي‌ءَ اڳتي جواب ڏنس ت: سائين ! تو رڳو مونکي در جي پارت ڪئي هئي . حجام ڏاڍو حيران ٿيو پر ڪري چا ٿي سگهيو . حرامي‌ءَ مان اچي ڇاڻو هو .

هاڻي حجام خيال ڪيو ته هن حراميءَ سان پڄڻ جي وات ڪانهي، تنهنڪري چو نہ هن کان لڪي ڀڄي وڃان. پر حرامي ہ اڳيان استاد هو، سو حجام کي ٽڙ ٽپڙ ٻڌندي ڏسي سمجهي ويو. پوءِ چا ڪيائين جو سامان واري ڪاري ہ لڪي ويهي رهيو. حجام ٻيو ڪم ڪار لاهي سوٽيو. حراميءَ کي نہ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم سامان ءِ ڪارو ڪٽي شهر مان نڪري ويو. رستي تي هلندي هلندي ٽڪجي پيو، سو ساهي پٽڻ جي خيال سان ڪارو ڪٽي هيٺ اڇلايائين ته حراميءَ اندران رڙ ڪئي. حجام جان ڪٽي ڏسي ته حرامي منجهس وينو آهي. اتي حجام روئي ڏنو ۽ حراميءَ کي چيائين ته: ٻيلي حرامي! تو منهنجو گهر ٻار تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي پلائي ڪري منهنجي جند ڇڏ، جيڪي ڇئين سو ڏيئين پر رڳو منهنجو نڪ چپ نہ ڏي. حراميءَ ڪلي چيس ته: جڏهن منهنجي پاءَ جو نڪ چپ ٿي وڌيئي، تڏهن ته قياس ڪونہ پيئي، هاڻي آڻون چو تنهنجو قياس ڪريان؟ حجام لاجواب ٿي نڪ چپ وڌائي ڏهہ رپيا ہ ڏيئي جند ڇڏائي، ۽ حرامي پاءَ جو بدلو وٺي گهر موٽي آيو.

—✻✻✻—

ٻہ ٹنگ *

ڪنهن زماني ۾ هڪڙا ٻہ ٹنگ مشهور هئا، جن مان هڪڙو ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ ٻيو شهر ۾ رهندو هو. ٻئي جڏا ٽنگي ۾ پنهنجو ست پاڻ هئا. ٻنهي هڪ ٻئي جو نالو ٻڌو هو، پر اڃا پاڻ ۾ گڏيا ڪونہ هئا، خيال پيا ڪندا هئا تہ ڪنهن نموني ملاقات ڪجي. آخر ڪار هڪڙي ڏينهن، ڳوٺاڻي ٹنگ، ارادو ڪيو تہ وڃي، شهري ٹنگ، سان ملاقات ڪري اچان ۽ خبر ٻہ لهي اچان تہ همراهہ ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. سو سهي سنيري اٿي شهر ڏانهن پنڌ پيو. ٽيٽ اچي انهيءَ شهر ۾ پهتو جتي شهري ٹنگ رهندو هو. پچائيندو پچائيندو اچي سندس گهر پهتو. ٻاهران ڪيس سڏ ڪيائين تہ شهري ٹنگ نڪري آيو. اوڏانهوءَ ڪي پنهنجي در تي بيٹل ڏسي ڪانئس خبر چار پچيائين، جنهن تي هن سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس. پوءِ تہ شهري ٹنگ هن سان ياڪر پائي ملیو، ۽ چيائينس تہ: يار! ڀلي آئين جيءُ آئين. آئون وري ڪهڙو ٹنگ آهيان؟ ٹنگ تہ تون آهين جو دنيا ۾ نالو مشهور اٿئي. هاڻي اڄ تہ ڪا رات رهي رهاڻ ڪريون، سياڻي جا ڪم سياڻي تي. ائين چئي هن ڪي وٺي وڃي پنهنجي اوطاق ۾ ويهاريائين.

جڏهن مانيءَ ڪائڻ جو وقت ٿيو تڏهن شهري ٹنگ، ڳوٺاڻي ٹنگ کي سونيءَ ڏاکونہ ۾ مانيءَ آڻي ڏني. ڳوٺاڻي ٹنگ مانيءَ

---

* هيءَ آکاڻي لاڙ (تعلقي گوني) مان قاضي الهورايي ڪان ملي.

ته ڪاڏي، پر سموڙو وقت ان سوني ڏاکوڻ ڪي ڏسندو رهيو ۽ خيال ڪيائين ته مون وٽ ته اهڙو ڏاکوڻ آهي ئي ڪونہ. جي هي مون وٽ اچي مهمان ٿيو ته پوءِ هن ڪي ڇا ۾ مانيو ڪارائيندس. تنهنڪري مونکي اهو ڏاکوڻ ضرور چورائڻ گهرجي. اتي شهري ٽڳ ۾ سمجهي ورتو ته هي جو ڏاکوڻ ڪي تمام گهٽو پيو نهاري، سو ضرور ڪا ڪيڏ ڪندو، تنهنڪري رات جو ڏاکوڻ ڪي لڪائي رکڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. سو رات جو سمهڻ ڪان اڳ ڇا ڪيائين جو ڏاکوڻ ڪي پاڻيءَ سان ڀري، هڪڙي چڪي تي رکيائين ۽ پاڻ ان جي هيٺان ڪٽ وڃهي سمهي رهيو. ڇو ته هن دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪڏهن ڳوٺاڻو ٽڳ اهو ڏاکوڻ چڪي تان لاهيندو ته لوڏي تي ان مان پاڻي ضرور هاربو، جنهنڪري آڻون جاڳي پوندس. اهو ويچار ڪري بي اونو ٿي سمهي رهيو.

هوڏانهن ڳوٺاڻي ٽڳ جي نند ئي اڏامي ويئي. سڄو وقت اهي پهه پچائيندو رهيو ته ڪهڙي نموني ڏاکون هٿ ڪجي. آخر هڪڙي اتڪل سڃهي آيس. جڏهن ڏٺائين ته هينئر شهري ٽڳ گهريءَ نند ۾ آهي، تڏهن اٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ته هڪڙو حقو نظر چڙهيس. سو ڇا ڪيائين جو ان مان نڙ ڪڍي ڪٽي ڏاکوڻ ۾ وڌائين ۽ سمورو پاڻي چوسي ٻاهر ڪڍي، ڏاکون چڪي تان لاهي وڃي پر واري تلاءُ جي تري ۾ لڪائي آيو. اهو ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ بي اونو ٿي پنهنجي ڪٽ تي سمهي رهيو. اڃا ڪيس پوري نند مس آئي ته شهري ٽڳ کي سڃاڻي ٿي، ڪٽي جو نهاري ته چڪي ۾ ڏاکون نهي ئي ڪونہ! ڏاڍو عجب لڳس ته ڪهڙي نموني سان ڳوٺاڻي ٽڳ ڏاکون لاٿو هوندو. آخر ڳالهه سمجهه ۾ نه آيس، تڏهن اٿي

اچي سندس سيراندي٤ کان ٻيٽو. جان ڪٽي ڏسي ته سندس وار پاڻي٤ ۾ پسيا پيا آهن. اتي پڪ ٿيس ته هن ڏاکون ضرور تلاءُ ۾ لڪائي رکيو آهي؛ سو يڪدم وڃي جو تلاءُ ۾ ٽپي هنيائين ته هٿ وڃي ڏاکون٤ تي لڳس. سو ڪٽي اُچي وري ٻ ساڳي٤ جاء تي رکي سمهي رهيو.

صبح جو گوناٽو ٽڪ اٿي ڏسي ته سار! ڏاکون ته صحيح سلامت چڪي تي رکيو آهي. دل ۾ چيائين ته هي٤ يار ٻ ڪا آفت آهي. قصو ڪوتاهه نيرن جي وقت، شهري ٽڪ وري ٻ ان ساڳئي سونهي ڏاکون٤ ۾ ساڻي آڻي ڏنس. گوناٽو ٽڪ سمورو وقت ان ڏاکون٤ کي ڏسندو رهيو. سندس اهو نمونو ڏسي شهري ٽڪ، اچي کل ۾ پيو. چي: يار! ڪر خبر، وري ڪٽندين چا؟ گوناٽي ٽڪ وراڻي ڏنس ته: نه يار، پر قرب ڪري مونکي ٻڌاءِ ته توکي اهو ڏاکون هٿ ڪيئن آيو؟ شهري ٽڪ چيس ته اهو آئون توکي ڪنهن ٻئي وقت ٻڌائيندس. پهرين تون مونکي ٻڌاءِ اهو ڏاکون تو ڇڪي تان ڪيئن لاٿو؟ گوناٽي ٽڪ سڄي گاله ڪري ٻڌايس. جنهن کان پوءِ شهري ٽڪ ٻ سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. اهو ٻڌي گوناٽي ٽڪ چيس ته: يار! تون برابر استاد آهين. جنهن تي شهري ٽڪ چيو ته: ادا! گهٽ تو ۾ ٻ ناهي. هاڻي هل ته ٻئي ڇڏ ڪڏجي هلي ٽڪي ڪريون. تنهن تي گوناٽي ٽڪ چيس ته: يار! آئون ته تنهنجو مهمان ٿي آيو آهيان، تنهنڪري جيڪا رٽ رٽيندين، آئون ان لاءِ تيار آهيان. شهري ٽڪ چيس: پلا ٻڌ، هتي هڪڙو تمام شاهوڪار سوداگر ڪاله گذاري ويو آهي. ڪيس ٻ ٻڌ، هڪڙي ڏي٤ ۽ هڪ پيڙ آهي. هاڻي تون چا ڪر جو سانجهي٤ مهل مونکي ان سوداگر جي قبر ۾ پوري اڇ ۽ پوءِ تون سياڻي صبح جو سويل سوداگر جي گهر وڃي. ٻاڻ کي سوداگر

جو پٽ ظاهر ڪجانءِ. سوداگر جي زال اڳ ۾ ئي مري ويئي آهي. ٽنهنڪري توکي پيو ڪوبہ سڃاڻ وارو ڪونهي. آئون توکي سوداگر جي مهر واري منڊي ۾ ڏيان ٿو، پر سوداگر جا پٽ توکي پنهنجو پاءُ ڪري نہ سڏيندا ۽ ڏکا ڏيئي لوڏي ڪڍندا. پوءِ اهڙي ڪيڏ ڪجانءِ جيئن بادشاهہ کي وڃي دانهن ڏين، ۽ پوءِ پلي بادشاهہ فيصلو ڪري. پوءِ جي بادشاهہ توکي گهرائي، تہ عرض ڪجئين تہ جيئندا قبلا! توهين مون سان بابي جي قبر تي گڏجي هلو، آئون هلي ٿو ڪائنس شاهدي گهران، جي جواب ملیو تہ پوءِ منهنجو حق مونکي ملي، جي شاهدي نہ ملي تہ جيڪا چور جي سزا سا منهنجي. آئون قبر ۾ اڳئي اکو ويٺو هوندس. تون جڏهن بادشاهہ ڏي وڃي ايندين ۽ اچي سڏ ڪندين، تڏهن آئون توکي اهڙو جواب ڏيندس جو سيني کي توتي ويساهہ اچي ويندو. پوءِ تون پنهنجو ٽيون حصو وڃي اچي مونکي هتان ٻاهر ڪيج. پوءِ مال هليءڪنداسين اڌ و اڌ. ڪوناڻي ٺڳ کي سندس اها صلاح ڏاڍي وڻي، پوءِ تہ پاڻ ۾ انجام اڪرام ڪري گهران نڪتا. شهري ٺڳ، ڪوناڻي ٺڳ کي سوداگر جوگهر ٻہ ڏيکاريو ۽ شهر جا رستا ۽ گهٽيون گهمائي، ڪيس چڱيءَ طرح شهر جو واقف ڪري ڇڏيو. پوءِ موڪلائي وڃي اچي گهر ۾ ماڻي ڪارايائينس. جڏهن اڌ رات ٿي تڏهن ٻئي ڄڻا اٿي قبرستان ۾ پهتا، ۽ ڪوناڻي ٺڳ سوداگر واري قبر ڪوڙي، شهري ٺڳ کي ان ۾ اڪل سان ويهاري، قبر قبرن جهڙي ڪري ڇڏي.

صبح ٽيو تہ ڪوناڻي ٺڳ اچي سوداگر جي گهر جي در تي روج راڙو شروع ڪيو ۽ پنهنجي پيءَ جا پار ڪيڏي روئڻ لڳو. اتي سوداگر جي پٽن ٻہ ٻاهر نڪري ڪائنس پڇيو تہ: ميان! تون وڏي ڪير آهين؟ ڪوناڻي ٺڳ چين تہ: ادا! آئون توهان جو وڏو

پاءُ آهيان ، جو ننڍي هوندي سوداگريءَ تي ويو هوس ، توهان کي شاباس آهي جو اڄ مونکي سڃاڻو ۽ نه ڏا . بابي جي ملکيت توهان کي ايترو انڊو ڪري ڇڏيو آهي ! اهو ٻڌي سوداگر جا ٻئي پٽ وائڙا ٿي ويا ۽ هن کي چيائون تہ : تون وري اسان جو ٿيون پاءُ ڪٽان اچي وڻين؟ بابي کي تہ فقط اسين ۽ پٽ هٽاسين. نڱ چين تہ : ادا ! بطال نہ ٿيو ، ابو اما گذاري ويا آهن تڏهن مونکي نہ ڏا سڃاڻو ، ۽ ابي جي سموري ملکيت پاڻ کائڻ ڏا گهرو ؛ پر آئون توهان کي اڪيلو ملکيت ڏيائن ڪونہ ڏيندس . ائين چئي ڳوناڻو نڱ سڏو بادشاهہ وٽ ويو ، ۽ ان کي وڃي فرياد ڏنائين تہ: جيئندا قبلا ! منهنجو پيءُ فلاڻو سوداگر فوت ٿي ويو آهي . اسين پاڻ ۾ ٿي پائر ۽ هڪڙي پيڻ آهيون. بابي مونکي فلاڻي ملک ڏانهن سوداگريءَ لاءِ موڪليو هو ، جتي پيو واپار ڪندو هوس . هن دفعي جڏهن منهنجو پيءُ اوچتو بيمار ٿي پيو ، تڏهن پائرن مونکي ان جي ڪاب سڌ نہ ڏني . اتفاق سان ڪالهہ ڪنهن ڪم سانگي هتي آيس ، تہ مونکي بابي جي وفات جي خبر پيئي . هاڻي جڏهن پنهنجي گهر موٽي آيو آهيان ، تڏهن مونکي پنهنجا پائر سڃاڻن ۽ ڪونہ ٿا ۽ منهنجي ملکيت جو حصو ۽ ڏيائي ويهي رهيا آهن . هاڻي اوهان وٽ دانهن ڪئي آيو آهيان ، مهرباني ڪري منهنجو داد ڪريو . بادشاهہ ، نڱ جي سموري ڳالهہ ٻڌي سوداگر جي ٻنهي پٽن کي گهرائي ڪائن حقيقت پڇي . جنهن تي هنن بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: بادشاهہ سلامت ! هي الائجي ڪٽي جي بلا آهي ، اسين تہ ڪيس ڏسون ۽ اڄ ٿا. اتي نڱ ، بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ : جيئندا قبلا ! اجها هيءَ بابي جي مهر واري مندي آهي ، جا هن مونکي نشاني طور ڏني هئي ، سوداگر جي پٽن دانهن ڪري بادشاهہ کي چيو تہ:

بادشاهه سلامت! اها مهر ڪي ڏينهن ٿيا جو چوري ٿي ويئي هئي، پانڌجي ٿو ته هن ئي چورائي آهي، باقي بابي هن ڪي ڪانه ڏني آهي. اتي ٽڳ، بادشاهه ڪي چيو ته: سائين! جيڪڏهن اهو ڪوڙ آهي ته پلا هيءُ فيصلو قبول ڪن، جو سيئي گڏجي هلون بابي جي قبر تي، جا اڳا مون ڏني به ڪانهي. پوءِ آڻون ٿو بابي کي سڏ ڪريان، جي سچو هوندس ته پوءِ بابو قبر مان به ان ڳالهه جي شاهدي ڏيندو، پر جي آڻون ڪوڙو هوندس ته پوءِ ڪو به جواب نه ڏيندو. اهو ٻڌي سيني چيو ته: ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو سٺو فيصلو ٿي نه ٿو سگهي. سو سيئي ماڻهو بادشاهه سان گڏجي قبرستان ۾ آيا، جتي سوداگر پوريل هو. بادشاهه ٽڳ ڪي چيو ته: هاڻي تو ڪي جيڪي به چوٽو آهي سو چئو. ڳوناڻي ٽڳ قبر مٿان ٻيهي، زور سان سڏ ڪري چيو ته: بابا! هي تنهنجا به پٽ سونڪي پنهنجو ٻاءُ ڪري نٿا سڃين. جي آڻون تنهنجو پٽ آهيان ته پوءِ تون ان جي شاهدي ڏي، جيئن تنهنجي ڇڏيل ملڪيت مان پنهنجي پتي وٺي سگهان. قبر ۾ ويٺو هو هٿراڏو سوداگر، تنهن هڪدم جواب ڏنو ته: ابا! هي بيشڪ اوهان جو ٻاءُ آهي. هن ڪي منهنجي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ضرور ملڻ گهرجي. اهو آواز ٻڌي سڀ ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته برابر هيءُ حق تي آهي جو سئل ماڻهو قبر مان به هن جي شاهدي پيو ڏئي. بادشاهه ڪي به پڪ ٿي، سو يڪدم ٻنهي ڀائرن کي چيائين ته: هينئر جو هينئر هن ڪي حصو ڏيو نه ته ٿو ڪاٽ ۾ وجهانو. ويچارا ٻئي ڀائر حڪم جا بندا، تن مانڻي ڪري وڃي پيءُ جي ملڪيت جو ٽيون حصو هن ڪي ورهائي ڏنو.

گونائي ٽڪ اها سموري ملڪيت هٿ ڪري دل ۾ خيال ڪيو ته، هاڻي شهري ٽڪ ڀلي ته قبر ۾ ڀيو هجي. جي قبر مان ڀڄي نڪتو ته پوءِ پيا منهن ڏيندا سين. اهو پڻ پچائي سڏو اچي پنهنجي گوٺ پهتو ۽ پنهنجيءَ زال سان سڄي حقيقت ڪري چيائين ته: ملڪيت ڪٽي آيو آهيان، پر شل ڦٻي! چو ته هو منهنجو ٻه استاد لڳي. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هڪڙي رٽ رٽي، آندل ملڪيت پنهنجي گهر جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪڏ کوٽي پوري ڇڏيائين ۽ زال کي چيائين ته: گوٺ کان ٻاهرئين ڏٽل ڪوهه ۾ وڃي ٿو لڪي ويهان. اها گاله ڪنهن کي ٻه نه ٻڌائج، باقي تون روز مانيءَ جي وقت پاڻي پرڻ جو بهانو ڪري، مونکي ماني پهچائيندي رهجانءِ، ڪجهه ڏينهن ته ائين پيا گذاريندا سين پوءِ جي شهري ٽڪ آيو ته پاڻهي ٿي ويهي ويهي ٽڪجي پوندو ۽ هليو ويندو.

هوڏانهن شهري ٽڪ قبر ۾ پنهنجي يار جو انتظار ڪندي ڪندي بيزار ٿي ڀيو. ڪيس پڪ ٿي ته همراهه ملڪيت **ڪٽي** ڀڄي ويو، سو ڇا ڪيائين جو رات ڏينهن هڪ ڪري، هٿن **سان** قبر کوٽي ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي گهر اچي پڇا ڪيائين ته: هوڏانهن پارن وارو منهنجو دوست هتي آيو هو؟ جواب مليس ته: هتي اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه آيو. اتي هيڪاري پڪ ٿيس ته همراهه ڏڪ ڪڍي ويو. پوءِ ته انهي مهل ئي پڇا ڳاڇا ڪري اچي گونائي ٽڪ جي گوٺ پهتو. در تي سڏ ڪري چيائينس ته: يار! ٻاهر نڪري آءُ، آئون اچي ويو آهيان. ٿوريءَ دير کان پوءِ گونائي ٽڪ جي زال ٻاهر نڪتي، جنهن کي پنهنجو نالو ٻڌايائين. جنهن ڇيس ڏني: ادا منهنجو مڙس جيئن تو ڏانهن ويو آهي تيئن وري ڪونه موٽيو آهي. شهري ٽڪ دل ۾ خيال ڪيو ته شايد اڃا وات ۾ ئي

هجي. اڄ نہ تہ سياڻي ضرور ايندو. سو جيستائين اچي تيستائين تہ هتي ئي ٿو ترسان. اهو خيال ڪري اتي ئي ويهي رهيو. ہ ڏينهن گذريا پر ڪوناڻو نڳ پيدائي ڪونہ ٿيو. جڏهن ٽيون ڏينهن ہ گذريو، تڏهن هن ڏٺو تہ مائيءَ تي مانيون پچايون آهن. دل ۾ خيال ڪيائين تہ هڪڙي تہ منهنجي لاءِ ہي سندس، باقي تي ماني الائجي ڪنهن جي لاءِ پچائي اٿس؟ جڏهن مائي ماني آڻي اڳيان رکيس، تڏهن شهري نڳ چيس تہ: ياڃائي پيٽ ۾ سور اٿم، هينئر ماني ڪونہ کائيندس. تنهن تي مائيءَ چيس تہ: ڇڪو ادا! تون سمهي رهہ تہ آئون ڪوهہ تان پاڻي پري اچان. مائيءَ ڃا ڪيو جو ماني پچي، شهري نڳ ڪان لڪائي ڪٽي دلي ۾ وڌي ۽ دلو مٽي تي رکي ڪوهہ ڏانهن رواني ٿي ويئي. شهري نڳ تہ اهو سپ ڪجهہ اڪ ٽيٽ ڪري ويٺي ڏٺو، سو سهي ڪري ويو تہ هجي نہ هجي همراهہ پڪ ڪنهن ڪوهہ ۾ لڪو وينو آهي. سو لڪي لڪي مائيءَ جي پويان وڃڻ لڳو. ڳوٺ ڪان ٻاهر نڪري، مائيءَ اچي ڏنل ڪوهہ ۾ دلو وڏو ۽ آهستي آهستي مڙس ڪي خبر چار ٻڌائڻ لڳي. جڏهن سندس مڙس دلي مان ماني ڪڍي ورتي، تڏهن وري پاڻيءَ واري ڪوهہ تي ويئي ۽ اتان دلو پري موٽي گهر آئي. شهري نڳ اهو سڄو رنگ ڏسي مائيءَ ڪان اڳ ڪڙو ڪڙو اچي گهر ويهي رهيو.

صبح ٿيو تہ مائي وري مانيءَ جا سانباها ڪرڻ لڳي. اتي شهري نڳ چيس تہ: ياڃائي! اڄ تہ گوشت ڪائڻ لاءِ دل پئي چئي، سو تون هي رپيو وٺ ۽ بازار مان وڃي گوشت وٺي آءُ. مائي هائوڪار ڪري ويئي بازار مان گوشت وٺڻ ۽ هن پٽيان ڃا ڪيو جو مائيءَ جا پراٽا ڪپڑا پائي، مٽي تي دلو رکي، منهن ڪي ٻڪل سان ڍڪي، وڃي ان ڪنل ڪوهہ ۾ دلو وڏو. دلي

کي لهندو ڏسي ، گونائي نڱ کي اچي ڊپ ورايو ته لاشڪ شهري نڱ اچي پهتو آهي. پر وري ٻ دل کي ڏڍ ڏيئي پڇائين: خير ته آهي جو هن مهل ڪمهلو ڪوهه تي آئي آهين؟ شهري نڱ پنهنجو آواز مٺائي سندس زال وانگي ڀالهائيندي چيو ته: تنهنجو شهري دوست گهر ويٺو آهي ، ۽ رکي سکي مانيء نٿو کائي. ٻوڙ ۽ پلاءُ ٿو طلبي . هاڻي مون وٽ پئسا ته آهن ئي ڪونه جو هن کي طعام رڌي کارايان . گونائي نڱ جڏهن شهري نڱ جو نالو ٻڌو تڏهن وايون ئي بطال ٿي ويس . چي: رن! توکي خبر ٻ آهي. ته گهر جي اتر پاسي واريءَ ڪنڊ ۾ سمورا پئسا پوريا پيا آهن ؛ پوءِ اتان چو نه ٿي رپيو ۾ ڪيڊي ورتئي . هاڻي جلدي هتان وڃ ، متان ڪو ڏسي نه وڃي! شهري نڱ کي ڪپندي ٻ اها ڀالهه هئي . سو يڪدم وڃي پڳو ۽ اها ڪنڊ ڪوڙي سپ نائو ڪيڊي ورتائين . ۽ مائيءَ جي موٽي اچڻ کان اڳ ۾ ئي اتان روانو ٿي ويو .

مائي موٽي اچي ڏسي ته نڱ ڪونه . پاڻيائين ته ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو هوندو . سو ويڻي ان لاءِ ٻوڙ رڌڻ . گوشت رڌجي تيار ٿي ويو پر شهري نڱ اڃا ڪونه موٽيو . مائي دل ۾ خيال ڪيو ته ، جيستائين اهو موٽي ٿيستائين هيءُ ٻُڳل گوشت مڙس کي چو نه ڪارائي اڇان . سو چا ڪيائين جو هڪڙو اڌراتو پچائي ، گوشت ڪيڊي ڊڻي ۾ وجهي مڙس لاءِ ڪٽي اڻي هلي . اڃا دلو ڪوهه ۾ وڃائين مس ته مڙس ٻ سسي ٻاهر ڪيڊي . گوشت ڏسي چيائينس ته: رن! رڻي ٻن کان وڌيڪ ڏوکڙ ته ڪونه ڪيديا اٿئي؟ جوئس اهو ٻڌي عجب ۾ پنجي ويئي ۽ چيائينس ته: آئون چو تنهنجا پيسا کٽنديس . هي ته تنهنجي يار رپيو ڏنو هو جنهن مان ٻوڙ وڻي آئي آهيان . مڙس چيس ته: هي

سويل جو تون آئي هئينءَ ۽ مون کان اڇي پئسا گهريا هئئي؟ جوٽس چيس تہ: خدا پر ڄج! آئون ڪڏهن هتي آيس جو تو اهو ٻڌايو. آئون تو وٽ اڄ پهريون ڀيرو آئي آهيان. اتي ٽڳ کي پڪ ٿي تہ شهري ٽڳ اڪل سان پيسا ڪيڊي ويو آهي. سو ڏاڍي ڪاوڙ لڳيس، پر دل جو سور دل ۾ رکي زال کي چيائين تہ: مونکي ٻاهر ڪڍ. جوٽس ٻاهر ڪڍيس ۽ هي ٻئي زال مڙس ڊوڙندا گهر آيا، پر ڇا ڏسن تہ گهر ۾ تہ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. اهو ڏسي منهن مٽو پٽي چيائين تہ: مونکي ٽڳ ڦري ويو، پر آئون به ڪيس قبر تائين ڪونہ ڇڏيندس. ائين چئي انهيءَ مهل شهر جو رستو ڪٽي ورتائين.

هوڏانهن شهري ٽڳ، ڳوٺاڻي ٽڳ جي گهران پئسا ڪٽي اڇي پنهنجي گهر ۾ لڪايائين ۽ زال کي چيائين تہ: هو ڳوٺاڻو ٽڳ به مون کان ڪو گهٽ ڪونهي. اهو نيٺ هتي ايندو، تنهنڪري جڏهن به هو اڇي تڏهن آئون پاڻ کي ماري ڇڏيندس، هن کي ٻڌائج تہ منهنجو مڙس مري ويو. زال کي اها ڳالهہ سمجهائي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪٽ وجهي ويهي رهيو. شام ڏاري ڳوٺاڻي ٽڳ به اڇي ڪڙڪو ڪيو. شهري ٽڳ سندس آواز ٻڌي يڪدم اکيون پوري دم جهلي سمهي پيو. جوٽس به روڄ ٽٽڪو شروع ڪري ڏنو. پاڙي جا ماڻهو اڇي گڏ ٿيا. مائي روئندي ٽٽيندي ماڻهن کي ٻڌايو تہ: منهنجي مڙس کي الاجي ڇا ٿيو جو اڄ اوچتو ويئي ويئي مري پيو آهي. ڳوٺاڻي ٽڳ جڏهن اهو تماشو ڏٺو، تڏهن يڪدم شهري ٽڳ جي نبض تي هٿ رکي ڏٺائين، جنهن مان سمجهيائين تہ همراهہ جيئرو آهي، پر پيسن هضم ڪرڻ لاءِ اهو سمورو ڊونگ ڪيو اٿس. سو هن جي زال کي چيائين تہ: ياڄائي! هي منهنجو يار آهي، هاڻي آئون هن جو علاج پاڻهي ٿو ڪريان، ٻيو مڙئي خير

آهي، هن جو رڳو ساهه دمجي ويو آهي! سو هاڻي مونکي ڏاڍو ڏک ٿي ته هن جو علاج ڪريان. ائين چئي مائيءَ ڪان اڳي پاڻ جهت ڪري گهر مان ڏاڍو ڳولي ڳولي، باهه ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري، اڇي شهري ننگ جي پيٽ تي رکيائين، پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ. اصل چڙيو به ڪين. اهو ڏسي هل ۾ چيائين ته هي ائين ڪونه سڏرندو. سو مڪر ڪري روئندي چيائين ته: ياچائي! برابر هي مري ويو آهي. پوءِ هن پاڙي وارن کي چيو ته: پاڙيرو! هي منهنجو يار هو. مون هن کي قرض طور هڪ هزار رپيا ڏنا هئا. سو هاڻي هن لاش جو جيڪو به وارث ٿئي، سو مهرباني ڪري مونکي اهي پيسا پري ڏي. پاڙي وارن جواب ڏنو ته: اسان کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو هروپرو ويهي هن جا وارث بنجون ۽ پنهنجا هزار رپيا وڃايون. هي تنهنجو يار هو، هاڻي تون ڄاڻ هي ڄاڻي. ڳوٺاڻي ننگ پاڙي وارن جو اهو جواب ٻڌي چيو ته: ماشاءالله! هاڻي توهين سڀ وڃي آرامي ٿيو، آئون هن کي پاڻهي ٿو وڃي پوريان. ائين چئي شهري ننگ جو لاش کلهي تي کڻي اٿي هليو.

جڏهن شهر کان باهر نڪري آيو تڏهن لاش کي زمين تي سٽي، چيائينس ته: يار! تون مئو ڪونه آهين رڳو ملڪيت کائڻ لاءِ ڪوڙ ڪيو اٿئي؛ پر ياد رک، آئون توکي پائي ٻ ڪونه ڇڏيندس. هاڻي اڏ پٽي ڏي نه ته ڪڏ ڪوٽي پوري ڇڏيندوسين. پر شهري ننگ وري به نه چڙيو. پوءِ ڳوناڻو ننگ هن کي کڻي مقام ڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري به هن کي چيائين ته: اڙ، نه ته هاڻي ٿو ڪڏ ڪوٽي پوريئين! پر شهري ننگ ائين جو ائين پيو رهيو. اهو ڏسي ڳوناڻي ننگ چيس ته: يار! هاڻي توکي پوريان ڪونه ٿو. باقي

هي بڙ جو وڻ بيٺو آهي ، ان ۾ ٽنگي ٿو ڇڏيئين ؛ پتي ڏيندين ته وهواءَ نہ ته ٽنگيو پيو هوندين . ٻوڙاڻي ٽنگ ڇا ڪيو جو پنهنجو پتڪو لاهي ڪٿي شهري ٽنگ جي ٻنهي ٽنگن ۾ ٻڌائين ۽ ڪيس بڙ جي هڪڙي مضبوط ٽار ۾ اونڌو لٽڪائي، پر ۾ ڄار جي هڪڙي گهاٽي وڻ ۾ لڪي ويهي رهيو .

سڄ لٿي مهل هڪڙا چار چور اچي انهيءَ وڻ هيٺ ويٺا . اوچتو انهن جي نظر وڃي شهري ٽنگ تي پئي جو اونڌو ٽنگيو پيو هو . هڪٻئي کي چون لڳا ته : يار! هي ته ڪو " ٽنگيو پير" آهي ، جنهن پاڻ کي اونڌو لٽڪائي ڇڏيو آهي . سو هڪڙي چور چيو ته: ٽنگيا پير! دعا ڪر ته ڪا سٽي چوري لڳي . آڻون انجام ٿو ڪريان ته تنهنجا اهي ڏند ڀڃائي ، انهن جي جاءِ تي ٻيا سونا ڏند وجهائيندس . ٻئي چور چيو ته : آڻون ٽنگئي پير کي هيٺ لاهي ، هن جي تربت جن سان ٻڌائيندس . ٽئين چور چيو ته: آڻون مٽس روضو اڏائيندس ، ۽ چوٽين چور چيو ته : جي ائين ڪندؤ ته پوءِ آڻون ٻ مٽس هر سال ميلو ملهائيندس . اها سڪا باسي، چار ئي چور آٽي پنهنجي ڪرت تي روانا ٿيا . خدا جي قدرت سان ان رات ڪنهن شاهوڪار سوداگر جي ست ماڙ ڪي وڃي ڪات هنيائون ، جتان هيرن جواهرن ۽ موتين جون پريون ٻڌي ، موٽي اچي انهي سا ڪئي بڙ جي هيٺان ويٺا ۽ چيائون ته : واهه ڙي ٽنگيا پير واهه ، ڏاڍو پهتل ٿو ڏسجين . اتي هڪڙي چور ٻئي کي چيو ته : هاڻي تون پنهنجي ڪيل انجام موجب هن جا ڏند ڀڃي سونا وجهاءِ ته پوءِ آڻون صبح جو هن جو لاشو لاهي تربت تيار ڪرايان . تنهن تي اهو چور هڪڙو رنبو ڪٽي وڻ تي چڙهڻ لڳو .

چورن جون اهي سموريون ڳالهيون شهري ٽنگ پئي ٻڌيون

سو چور کي مٿي ايندو ڏسي اچي سر سان لڳس . نيٺ جڏهن چور اچي پهتس ۽ هن ڏي منڊيءَ کان جهلي، جيئن ڏي ڏندن ۾ رنبو ڏي هنيائينس . تيئن نڳ ۽ پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي ڇڏيءَ ۾ وڌس . رنبي واري چور جون وايونئي بطال ڏي ويون ۽ پاڻ کي ڪٽي جو ڇڏي ته ڏو هيٺ اچي ڪريو ۽ ڏانهون ڪرڻ لڳو ته : ادا ! ڄجو ، هي ته ڪو جن" آهي. اهو ٻڌي هيٺ ويڻل ٽيئي چور هراسجي، چوريءَ جو مال اتي ئي ڇڏي وڃي ويڳا . اهو ڏسي شهري نڳ ڇا ڪيو جو پاڻ کي اونڌي مان سنئون ڪري ، رسي ڇوڙي هيٺ لهي آيو ۽ چورن واري خزاني جون ڀريون ٻڌن لڳو . ڪوٽائي نڳ ۾ اهو لقاءُ ويڻي ڏٺو سو يڪدم نڪري نروار ٿيو ۽ شهري نڳ کي هڪل ڪري چيائين ته: خبردار ٿج ! تنهنجي ليکي ته آڻون ڪوٽ هليو ويو آهيان ، پر آڻون توکان پائيءَ پائيءَ جو حساب چڪائي پوءِ ڪوٽندس .

هوڏانهن چٽن چورن مان هڪڙي چور پنهنجن سنگتين کي چيو ته: ٻيلي ! آخر ڏسون ته آهي ڇا ؟ اهو کو جن" ٻوت آهي يا ڪا ٻي بلا . ٻيو نه ته ۽ پنهنجو خزانو ته ڪٽي اچون . سو ڇا ڪيائون جو هڪڙي چور کي انهيءَ جي خبر چار لهڻ لاءِ وڏانهن موڪليائون. اهو لڪندو لڪندو پير پير ۾ ڏيندو ، جڏهن ڀڙ جي ويجهو پهتو ، تڏهن ڏٺائين ته مار! هتي ته هڪڙي مان ۽ بنجي ويا آهن ۽ ملڪيت تان پاڻ ۾ اٽڪيا پيا آهن . هو ڏسي چور وڃي پنهنجي پيرن تي زور ڪيو ۽ اچي همراهن کي چيائين ته: يارو! چڱو ڇاڙو ته هتان ڀڄي هلو. هاڻي ته ڪ مان ڦري ۽ جن" ڏي پيا آهن ، جي ملڪيت تان پاڻ اٽڪيا پيا آهن . ڄجو ته ڄجون نه ته پيا ۽ جن" اچي ويا ته

پوءِ پنهنجي سر جو خير ڪونهي. ٻيا چور پنهنجي همراهه جو اهو احوال ٻڌي ڏڪڻ لڳا. ۽ ڊپ ۾ وٺي ڀڳا.

هوڏانهن ٻئي ڳڀ جڏهن هڪٻئي ۾ وڙهي ٿڪا، تڏهن فيصلو ڪيائون ته: وڙهڻ ۾ فائدو ڪونهي. اسين هڪٻئي کي ڇڏيڏاسين ته ڪونه، تنهنڪري چگائي انهيءَ ۾ آهي ته هڪٻئي ۾ مال ورهائي ڪڍون. پوءِ ته ٻئي ڇڻا گهر موٽي آيا، جتي سوداگر ۽ چورن واري ملڪيت هڪٻئي ۾ ورهائي ڪنيائون. انهيءَ ڪان پوءِ ڳوٺاڙو ڳڀ ڪانئس موڪلائي گهر موٽي آيو.

ڏک عيسو ، ڏک موسو ، مال مڙئي ڏنڊڻ جو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڏي پائر رهندا هئا . هڪڙي جو عيسو ، ٻئي جو موسو ۽ ڏاڏي جو نالو ڏنڊڻ هو . پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هنن جڏهن پاڻ ۾ ملڪيت ورهائي ، تڏهن عيسي ۽ موسي صلاحو ڏي ، ڏنڊڻ کي فقط هڪڙي مينهن ڪٽي ڏني ۽ ٻيو سڀ مال پاڻ ورهائي ڪيو . ڏنڊڻ ويچارو هيڪلو ۽ نندو هو ، تنهنڪري جيڪا هڪڙي مينهن ملس ، سا مانڙي ڪري ڪٽي قبول ڪيائين .

هڪڙي ڏينهن ڏنڊڻ لوهار کي رپيو ڏيئي چيو ته : ادا ! مونکي اهڙو چڙو ٺاهي ڏي ، جنهن ۾ان اهو آواز اچي ته "ڏک عيسو ، ڏک موسو ، مال مڙئي ڏنڊڻ جو ." لوهار هن کي چڙو ٺاهي ڏنو ، جو اچي پنهنجي مينهن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيائين .

روز شام جو جڏهن مينهن چري موٽندي هئي ، ته ان جي چڙي ۾ان اهوئي آواز پيو ايندو هو ته "ڏک عيسو ، ڏک موسو ، مال مڙئي ڏنڊڻ جو ." عيسو ۽ موسو اهو آواز ٻڌندا هئا ، ڪين انهيءَ تان ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئي ، سو هڪڙي ڏينهن ٻنهي ڇڻن فيصلو ڪيو ته ڇو نه مينهن کي ئي ماري ڇڏجي ، نه هوندي مينهن ۽ نه وڄندو چڙو . آخر هڪڙي ڏينهن وڃهه وڻي ڏنڊڻ جي مينهن کهي ڇڏيائون . ڏنڊڻ کي انهيءَ ڳالهه جي جڏهن خبر پئي تڏهن صبر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڀاروئي ڪونه هوس ،

---

* هن ڳالهه جون ٻه روايتون وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ميرمحمد "سڪايل" ۽ آتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمن کان مليون .

پر ايترو سو پائڻ کي چيائين تہ : ادا ! مينهن تہ اوهان کهي کاڌي ، گوشت اوهان کي مباح باقي چوڙو تہ مونکي ڏيو. هنن خيال ڪيو تہ چوڙي مان هن کي چا ملندو ، سو ڪيس موٽائي ڏنائون .

ڏنڊ ويچاري چوڙو ڪٽي گهر سڪائڻو رکيو. هفتي ٻن کان پوءِ جڏهن سڪي ويو تڏهن وڪڻ لاءِ شهر ڏانهن ڪڍي ويو. رستي تي رات پنجي ويس . خيال ڪيائين تہ رات جو مٿان جانور نہ کائي وڃن . تنهنڪري هڪڙي ون تي چڙهي ويهي رهيو. ڪا مهل مس گذري تہ ڪي چور ، شهر مان چوري ڪري انهيءَ ون جي هيٺان اچي مال ورهائڻ ويٺا . انهن چورن ۾ هڪڙو ڪاڻو چور ہ هو ، ٻين چورن هن کي ڪجهہ پتي گهٽ ڏني . جنهن تي هو رڙيون ڪري ٻين کي پٺن لڳو تہ : خدا ڪندو تہ مٿان کا ڇت ڪرندو . ڏنڊ تہ ون تان اهو سمورو تماشو پي ڏٺو ، تنهن چا ڪيو جو سڪل چوڙو يڪدم هنن جي مٿان ڪٽي اڇلايائين . چوڙو هو ڳرو ۽ سڪل ، سو مٿان ئي وڻ جا سڪل ڏار ۽ ٽاريون پيندو ڪڙڪ ڪندو اچي هنن جي مٿان ڪريو. چورن پهرين آواز ٻڌو ۽ پوءِ جو مٿان چوڙو ڪرين ، سو پڪ ٿين تہ ڪاٽي جي پٽ هٽي ويجي هنڌ ڪيو آهي ، تنهنڪري ڊپ ۾ وٺي ڀڳا .

چورن جي پڄڻ کان پوءِ ڏنڊ وڻ تان هيٺ لهي ، مال ميڙي ڪٽي اچي گهر پهتو ۽ ڏيءَ کي چيائين تہ : اما ! وڃي چاڇهن جي گهران پاڻي وٺي اچ تہ ناڻو ميڙون . ڏنڊ جي ڏيءَ پنهنجن چاڇڻ ، عيسي ۽ موسي وٽ ويئي ۽ ڪائنڊ پاڻي گهريائين. تنهن تي موسي پڇيس تہ : مائي ! ڪر خبر ، اڄ تنهنجي پيءُ چا آندو آهي جو مٺين ٿي؟ چوڪريءَ وراڻي ڏنس تہ :

چاچا! هيو تہ ڪجهہ ٻ ڪونهي، بابي چيو آهي تہ پاڻي ڪٽي اڄ تہ ناڻو ميون. هنن پاڻي تہ ڪيس ڏني پر پوء ويچارن ويٺا تہ ڪالهہ تائين تہ ڏنڊن بکيو پانگ هو، اڄ ايتري دولت ڪٽان آيس جو ڪٽي ڏي نٿو سگهي! سو يڪدم سندس هڏ ڏوکي بنجي خبر چار وٺڻ جي خيال سان وٽس آيا. ڪالهين مٽان ڪالهيون ڪندي نيٺ پڇيائونس تہ: ادا! ڪر خبر تہ ايترو ڏن آندء ڪٽان؟ ڏنڊن ڪي ٻ هنن سور ڏنا هٿا، سو خيال ڪيائين تہ هنن ڪي سيڪٽ ڏيڻ جي مهل اها آهي، تنهنڪري دل ۾ ناهم ناهي چيائين تہ: ادا! هيو تہ ڪجهہ ڪونهي باقي فلاڻي شهر ۾ سڪل چوڙي جو ڏاڍو اڳهہ آهي؛ آڻون ٻ پنهنجي مينهن جو چوڙو اتي وڪڻي آيو آهيان، جو ايترو ڏن مليو اٿم.

عيسو ۽ موسو اها ڪالهہ ٻڌي سڏو گهر آيا. ڇاڪيائون جو ڏن جي لالچ ۾ سموريون مينهون ڪهي انهن جا چوڙا لاهي سڪائيا وجهي چڏيائون. ٻن ڏينهن ڪان پوء گاڏيء ۾ چوڙا ڪٽائي ڏس ميل شهر ڏانهن روانا ٿيا. آتي هنن ڪي ڪنهن پڇيو ٻ ڪونہ ... نيٺ لاچار ٿي هڪڙي ماڻهو سان اها حقيقت ڪيائون تہ: ادا! اسان وٽ چوڙا ويڪو آهن، ٻڌو اٿون تہ هتي چوڙن جو تمام گهٽو ملهہ آهي. ماڻهو چين تہ: هتي چوڙن جو اڳهہ ٽئي ٽي ڪونہ ... باقي جي چئو تہ آڻون توهان ڪي وڪائي ڏيان؟ اتي هنن ڪي پڪ ٿي تہ ڏنڊن اسان ڪي ٺڳي ويو آهي. نيٺ ٽورن گهٽن پيسن ۾ چوڙا وڪڻي، منهن مٺو پٽيندا اچي ڪوٽ پهتا، جتي پهچڻ شرط خار ۾ ڏنڊن جي گهر ڪي باهم ڏيئي ساڙي رک ڪري چڏيائون. ڏنڊن ڪي انهيء تي ڏاڍو ڏک ٿيو پر دل جو سور دل ۾ رکي، ماڻي ڪري گهر جي رک جو هڪڙو ٻورو پري گڏهم تي رکي اتي هڪ طرف روانو ٿيو.

ڳوٺ ڪان ٿورو اڳيرو ٿيو ته هڪڙو شاهوڪار اچي گڏيس جو پڻ واپار ڪريو، ڏن جو پريل پورو پنهنجي گڏهه تي رکي ساڳئي پاسي پئي ويو. هڪ پئي سان سلام ڪلام ڪري، گڏ هلڻ لڳا. ڏنڊڻ خيال ڪيو ته هڪ ڪان ٻه ٽي پياسون، سو پئي يار گڏهن تي چڙهيو منزلون ڪندا هلندا پئي ويا. هڪڙي هنڌ شاهوڪار کي جهنگ جو اچي خيال ٿيو، ڏنڊڻ کي چيائين ته: ادا! تون هن گڏهه کي اڳتي ڪاهيندو هل ته آئون جهنگ جو خيال لاهي ٿو اچان. ڏنڊڻ دل ۾ خيال ڪيو ته هيلي وقت ڏاڍو سنو ملیو آهي، سو چا ڪيائين جو سندس رڪ وارو پورو لاهي شاهوڪار واري گڏهه تي رکيائين ۽ شاهوڪار وارو ڏن سان پريل پورو لاهي پنهنجي گڏهه تي رکيائين. ايتري ۾ شاهوڪار ٻه اچي رسيو. ڏنڊڻ ڪجهه پنڌ ساڻس هلي، هڪڙي هنڌ هن کي چيو ته: يار! آئون هاڻي هن پاسي ويندس، پنهنجي موڪلاڻي اٿئي. خير پئي هڪپئي کان موڪلائي پنهنجو پنهنجو رستو ونڊي روانا ٿيا. ڏنڊڻ ٻه ڦيرو ڏيئي اچي پنهنجي گهر پهتو.

گهر پهچڻ سان ڏنڊڻ پنهنجي ڏيءَ کي چيو ته: چاچڻ جن ڪان پاڻي وٺي اچ ته ڏن ميون. چوڪري، جا پنهنجي گهر سڙي وڃڻ ڪان پوءِ چاچڻ جي گهر رهندي هئي، سا وڃي پاڻي وٺي آئي. عيسي ۽ موسي جي هئي ڏاڍ هريل سو وري ٻه سمجهيائون ته لاشڪ ڏنڊڻ ڪٽان ڏن وٺي آيو آهي، سو وري ٻه ساڙيا گاڙيا ٿي اچي ڏنڊڻ جي پر ورتائون. وري جو دولت جو پورو ڏٺائون سو ويتر اچرج لڳن، ڪانئس پڇيائون ته: ادا! هيترو سارو ڏن ڪٽان ڪمائي آيو آهين؟ هن پائرن کي ٻڌايو ته: ادا! فلاڻي شهر ۾ چار جو اگهه ڏاڍو چڙهيل آهي، سو مون ٻه پنهنجي سڙيل گهر جي رک ڪڍي وڃي هوڪا ڏنا ... ساڻهن



... ويٽي جٽا ڪڏهن تي چار رکي، شهر ۾ هوڪا ڏيڻ لڳا...

- ص ٢٠٧

کي هئي کا ڏاڍي گهرج سو رک جي هڪڙي لهه جي عيوض جهولي ڏن جي ٿي ڏنائون . سون وٽ جيکا رک هئي سا سموري ختم ٿي ويئي ، پر اڃا به کين گهرج هئي . آئون سياڻي ٻي رک به کڻي ويندس . عيسي ۽ موسي کي مٿس ويساهه اچي ويو ، سو ٻنهي ڀائرن ٻاڻ ۾ فيصلو ڪيو ته اڄ ئي گهر ساڙي ، رک جا هورا ڀري شهر هلون ، متان وري نه ڏنڊن پهچي وڃي . ان بعد ٻئي ڄڻا آڻي سڏو گهر آيا ۽ گهر کي ڪٽي تيلي ڏنائون . جڏهن گهر سڙي رک ٿي ويا ، تڏهن رک جا هورا ڀري ، اچي انهي شهر ۾ پهتا ۽ هوڪا ڏيڻ لڳا ته : چار ويڪو چار . ماڻهن کي سندن انهي هوڪي تي ڏاڍي کل آئي ، چي : ميان ! چريا ته ڪونه ٿيا آهيو ، ڪڏهن چار به وڪائي؟ اتي هنن کي پنهنجي بيوقوفيءَ تي ارمان ٿيو ۽ ڏنڊن ته ڪاوڙ به لڳن تنهنڪري شوڪجي ڦوڪجي اچي ڪوٽ پهتا ۽ يڪدم ڏنڊن کي موچڑا هٿي درياهه جي ڪپ تي ڪلا ڪوڙي رسن سان قابو ڪيو ، چيائونس ته : هائي جوڳ اٿئي ، پلي تي درياهه جي چولين ۾ ڀڏي مرين ! ائين چئي ٻئي ڄڻا ويندا رهيا .

ڏنڊن ويچارو درياهه جي ڪپ تي ڀڏو پيو هو ته اتي هڪڙو ميهار پاڻي پيارڻ لاءِ پنهنجون مينهون وٺي آيو . ڏنڊن کي ڀڏل ڏسي ڪانئس پڇيو ته : ادا ! توکي انهيءَ آزار مان ڇڏايان ؟ ڏنڊن جواب ڏنس ته: نه اڑي ادا ! آئون ته ڀڏل خوش آهيان ، تون جو خواجه خضر جي زيارت ويٺو ڪريان . تنهنڪري ڇوڙڻ جي تڪليف نه ڪر . اها ڀالهه ڀڏي ميهار کي شوق ٿيو ته چو نه آئون به خواجه خضر جي زيارت ڪريان . سو ڏنڊن کي منٿون ڪرڻ لڳو ته : ادا ! پلائي ڪري مونکي به ٿوري دير لاءِ اتي ڪٽي ڀڏ ته آئون به خواجه خضر جي زيارت

ڪري پنهنجي دل خوش ڪريان. ڏنڏ چيس تہ: يار! تون مڙس کو حبدار ٿو ڏسجين، توکي اها زيارت ضرورت ڪرائيندس. هاڻي مونکي ڪول. ميهار يڪدم ڪيس کوليو، پوءِ ڏنڏ لٽ ڏيئي ڪٽي هن کي ٻڌو ۽ چيائينس تہ: يار! هاڻي وينو خواجہ خضر جي زيارت ڪر، پنهنجي الله واهي. ائين چئي سندس مينهون ڪاهي روانو ٿيو ۽ ميهار ويچارو رڙيون ڪندو رهجي ويو.

عيسي ۽ موسي جو هن کي صحيح سلامت ۽ هيترين مينهن سميت ايندو ڏٺو، سو سندن ڇيهہ ڇڇي پيا، پر ٻاهريون ٻنو رکي ڏنڏ کي ڏاڍو پيار ڪيائون ۽ چيائونس تہ: ادا! اسان کي معاف ڪج. اسان کان پل ٿي... پلا هاڻي ٻڌاءِ تہ تو اهي مينهون ڪٿان آنديون؟ ڏنڏ ٻائرن کي وري لالچ ۾ ايندو ڏسي چيو تہ: ادا! ٻہ پيرا توهان کي ڏس ڏنم تہ مصيبتون سٽم... هاڻي آئون توهان کي اصل ڪونہ ٻڌائيندس تہ هيترين مينهون ڪٿان آنديون اٿم. پر عيسو ۽ موسو ضد کان نہ لٽا، چي: چا ٻہ ٿي ٻوي اسان کي ضرور ٻڌاءِ. تنهن تي هن چين تہ: ادا! جڏهن اوهين مونکي درياءَ جي ڪپ تي ڪيلي ۾ سوگهو ٻڌي گهر روانا ٿيا، تڏهن ٿوريءَ ويرم کان پوءِ خواجہ خضر درياءَ مان منهن ڪڍيو. مون ڏاڍي نياز سان کيس عرض ڪيو تہ: ماڻهو مونکي هتي ٻڌي ويا آهن. خواجہ خضر مونکي چيو تہ: فڪر نہ ڪر، جيڪو ماڻهو هن جاءِ تي پان کي ٻڌائيندو آهي، تنهن کي آئون پنهنجي زيارت ٻہ ڪرائيندو آهيان ۽ مينهون ٻہ انعام ڏيندو آهيان. اهي مينهون پوءِ خواجہ خضر کان ملهم جو گاهي آيو آهيان. عيسو ۽ موسو ٻئي جڻا انهيءَ مهل تيار ٿي ٻيٺا تہ: اسان کي ٻہ آتي هلي ٻڌ تہ اسان کي ٻہ

مينهون ملن ۽ زيارت ۾ نصيب ٿئي.

ڏ نڏڻ ته خدا ڪان اهي ڏينهن پئي گهريا ته من ڪو وجهه مليم جو هنن پائرن ڪي سيکت ڏيان، سو هنن ڪي درياءَ جي ڪپ تي وٺي آيو. سا ڪيءَ جاءِ تي ڪلو ڪوڙي رسي سان ٻڌي قابو ڪيائين، ۽ چيائين ته: ادا! هاڻي سڄي عمر وينا اتي خواجه خضر جي زيارت ڪجو. توهان مون غريب سان دولاب ڪيو تنهن جو نتيجو اهو اٿوَ. اهو ٻڌي عيسي ۽ موسي وٺي گهوڙا گهوڙا ڪئي، پر ڏنڏڻ سندن هڪ ۾ ڪاڻ ٻڌي ۽ موٽي گهر آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هڪڙي پلي مينهن ڪي پنهنجو ٿهرايل چڙو ٻڌي، ٻيون مينهون ڪاهي درياءَ تي آيو، ۽ چڙي واري مينهن وٺي اچي پائرن جي پرسان لنگهيو، جنهن مان آواز پئي آيو ته "ٽڪ عيسو، ٽڪ موسو، مال مڙئي ڏنڏڻ جو." عيسي ۽ موسي ڪي ڏاڍي سيکت آئي هئي سو روئي ٻاڻ ڪان معافي ورتائون، تڏهن ڏنڏڻ ڪي ۾ مٿن رحم آيو. نيٺ پنهي ڪي معاف ڪري، ڪولي گهر وٺي آيو. اهو ڏينهن سياڻو، وري ڪڏهن ۾ عيسي ۽ موسي، ڏ نڏ ڻ جي ٺڳهرائي نه ڪئي، ۽ ڏ نڏ ڻ ۾ ڪين مال ۽ دولت مان اڌ حصو ڏيئي، گهر گهات ٿهرائي ڏ نا. پوءِ ٽيئي پائر سڄي عمر ڪير ڪنڌ ٿي رهيا.

—※※※—

چورن متان سور *

. ڪنهن شهر ۾ هڪڙو وڏو چور رهندو هو ، جنهن جو چوطرف ڏاکو ڇيل هو ؛ آسپاس جا سڀ چور هن جي سلامي پريندا هئا . ڪڏهن ڪڏهن چوريءَ تي نڪرڏو هو ۽ ايترو مال ميڙي ايندو هو ، جو ڪيترا ڏينهن ويٺو موج سان ڪائيندو هو . ان ڪان سواءِ ٻيا چور به هن کي گهٽوئي ڏن پٽ ڏيندا هئا . هڪڙي پيري چوري ڪئي گهٽو وقت گذري ويو هئس ، تنهنڪري خيال ڪيائين ته چو نہ هڪڙو ٻڪر ڏيئي اچان . هلندي هلندي هڪڙي ڳوٺ جي ٻاهران اچي پهتو ؛ ڪوهه جي ويجهو هڪڙيءَ نم هيٺان پوتڙو وڃائي ليٽي پيو . ان وقت ڪوهه مان زالن پئي پاڻي پريو ۽ هڪٻئي سان حال پئي اوريو . هڪڙي زال ٻيءَ ڪان پڇيو ته: ادي ! تون پيڪن ڪڏهن ويندي آهين؟ هن جواب ڏنس ته: منهنجا پيڪامونکي ڇهين ڇهين مهينني وٽي ويندا آهن . اهڙيءَ طرح ٻين زالن به هڪٻئي ڪان پڇيو . انهن ۾ هڪڙي سهٽي ۽ گاڏيلي زال ، جيکا دوپستي به هئي ، تنهن چيو ته: ادي ! آءُ ته پيڪن ڪان سڪان پيئي ، چوٽ بابو ته ويچارو مري ويو ، پر امڙ به جدائي ڪري ويئي . باقي مامو ۽ مامي وڃي رهيا آهن ، اهي به نڪي اچن نڪي وڃن .

انهيءَ ڳالهه ٻوڌه ڪان پوءِ زالون ته دلا ڪٽي هليون ويون پر چور کي اچي هورا ڪورا لڳي ته انهيءَ عورت جي مائٽن

---

* هيءَ آ ڪاڻي آتر (لاڙڪاڻي) مان الهداد چغتائي ڪان ملي .

جي جاڻ ڪريان. سو آٿي ان جي پڻيان لڳو، ۽ جڏهن عورت گهر ۾ گهڙي تڏهن ڪجهه دير کان پوءِ هن به اچي در کڙڪايو. ان عورت جو مڙس کو بنهه موالي هو، تنهن جو هن ڏاڙي ماڻهوءَ کي در تي ڏٺو سو گهٽ وڌ گاڙهائڻ لڳو. ان تي چور چيو تہ: ابا! هائو هائو، چو نہ گاريون ڏيندين. اسان پنهنجون نياڻيون انهيءَ لاءِ ڏنيون تہ اوهان جون گاريون سهون؟ پر يار! چا ڪجي جو سڃاڻپ وارا مڙس مري ويا. جي پڻهين جيئرو هجي ها تہ ائين گاريون ڪين ملن ها. آڻون تنهنجي زال جو مامو آهيان. تون تہ آهين نشن ۾، پر چوڪري به نٿي سڃاڻي. ڏاڍي ارمان جي گاڙهه آهي! مائيءَ جو اِها گاڙهه ٻڌي سا رڙهي آئي ۽ مڙس کي چيائين تہ: سڃاڻين نہ ٿو تہ هي منهنجو ڀلاڻو مامو آهي. ائين چئي مامي کي ڪيڪارڻ لڳي ۽ ڪيس ونڊي آئي گهر ۾ ويهاريائين. اتي رات به پنجي ويئي هئي سو مانيءَ ڪي ڪائي هڪٻئي کان حال احوال وٺڻ لڳا. چور چيو تہ: ادا! ٻيو سڀ خير آهي. پنهنجن ئي ڪمن ڪارين ۾ لڳا پيا آهيون. گهر ۾ اڪيلائي آهي تنهنڪري ڪنهن پاسي نڪرڻ به نٿو ٿئي. چوڪريءَ جي ڏسڻ جو به ڏاڍو اونو هئم، پر قسمت هن پاسي ڪانہ ٿي ٿيم. هينئر چوڪرن جا طهر ڪرائڻا آهن، سو خيال ڪيم تہ سڌ به ڏيئي اچان ۽ چوڪريءَ کي به ڏسي اچان. هاڻي مهرباني ڪري اوهين به ٿي ڏينهن اڳوات هلو ۽ هلي مارڪي ۾ شريڪ ٿيو. وري مائيءَ جي مڙس احوال ڏنا تہ: ادا! وقت خير جو ٻيو گذري. هيل فصل به پلو ڪونہ ٿيو آهي پر شڪر آهي جو ٻٽي ڪٽا ٿي پوندا. هاڻي لاباري جا ڏينهن آهن، تنهنڪري ٻاهر نڪرڻ به اوکو آهي. تو به تنگ وقت ۾ اچي سڌ ڏنو آهي. خير، مونکي تہ ڪٽي ڇڏيو، آڻون طهر واري

ڏينهن اچي ٽڪاءُ ڪندس. باقي هيءَ اوهان جي پاڻيجي آهي، ان ڪي پلي پاڻ سان اڳوات وٺي وڃو. اتي چور دل ۾ خوش ٿيو ۽ چيائين ته: ادا! جيڪا تنهنجي مرضي، چوڪري ته آئون اڳوات وٺي هلان ٿو پر تون مهرباني ڪري طهر واري ڏينهن ضرور پهچي وڃجئين.

ٻئي ڏينهن مائي هار سينگار ڪري، گهر گنا پائي تيار ٿي ٽڪ ماسي سان سائٽن ڏانهن روانيءَ ٿي. هن ويچاريءَ پنهنجو مامو نديءَ ۾ ڏٺو هو، تنهنڪري هينئر سڃاڻي نه سگهي. تنهن کان سواءِ هوءَ ويچاري پنهنجن اباڻن ڪکن ڏسڻ لاءِ آتي هئي، سا چور کي مامو ڄاڻي، وڏي خوشيءَ سان سائس گڏجي روانيءَ ٿي. جڏهن گوٺ کان تمام پري نڪري آيا ۽ سج ٻه ٽورو لڙڻ تي هو تڏهن چور، مائيءَ کي چيو ته: مائي! نه آئون تنهنجو مامو نه تون منهنجي پاڻيجي؛ هاڻي پنهنجا سڀ گهر گنا سونڪي لاهي ڏي ۽ ٽون ڪر پويان پير. مائيءَ کي اها گاله بڏي ڏاڍو عجب لڳو؛ چور کي گهٽائي واسطا وڌائين پر هو نه مڙيو. لاچار ويچاريءَ پنهنجا سڀئي گهر لاهي چور جي اڳيان رکيا. چور هن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڇڏي، گهر کڻي پاڻ رسندو رهيو. مائي ڏٺو ته جٺ ته ڏاڍي ٿي، نه گهر جي ٽيس نه گهاٽ جي. نڪي اباڻن ڪکن تائين پهتس نه ڪنهن وسڻون پيڙي ٽيس ۽ گهر ۾ قرايم؛ هاڻي جي ٿيَ واپس وران ته مڙس هٿي هڏ گڏ پيچي ڇڏيندم. ناحق ڏاڙي ماڻهو کي مامو سڏي دربدر ٽيس. اهي پور پچائيندي پڪو ارادو ڪيائين ته هاڻي مڙس ڏانهن نه وڃبو ۽ اهو چور جيڪو دغا ڪري ويو آهي، تنهن کان پلاند ضرور وٺبو. بس، پوءِ ته پوئتي موٽي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ آئي ۽ اتي هڪڙي جاڻ سڃاڻ ڪُراڙيءَ

وٽ اچي رهي. هوءَ جيئن ته ڪورهاري هئي، تنهنڪري اتي هڪڙو پٽڙو جڙيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن مائي خوش ٿي ۽ هلڻ جهڙي ٿي، تڏهن چور جي نالي تي پڇا ڪندي اچي هن جي ڪوٽ ۾ پهتي ۽ سڌي چور جي گهر ۾ ويئي. اهو اتفاق سان ان وقت ڪنهن شڪار جي پٽيان ويل هو ۽ گهر ۾ رڳو سندس زال ويٺي هئي. مائي ته اڳ ۾ئي سوچي آئي هئي ته چور کان پلاند ضرور ونڊيس، سو چور جي زال کي چيائين ته: مائي! تو ته اڇا ۽ چڏي ڏنو آهي. مامو ته ڪڏهن ڪڏهن منهن ڏيکاري ويندو آهي، پر تون ته صفا ڪاڻ اڇين. چور جي زال ۽ ڪا ڏاري هئي، تنهن سمجهيو ته هيءَ منهنجي مڙس جي ڪا مائٽياڻي آهي. تنهنڪري چيائين ته: ادي! سونڪي ته خبرئي ڪانهي ته مڙسم جا ڪهڙا مٽ مائٽ آهن. خير، چور جي زال هن مائيءَ کي مان ڏيئي ويهاريو ۽ ماني ٽڪي ڪائي ويئون گالهيون ڪرڻ.

چور جي عادت هوندي هئي ته جڏهن ڪو سڪر ماڻهو سندس ڪوٽ مان لنگهندو هو، تڏهن ان جي مهماني ضرور ڪندو هو؛ پوءِ ان کان سپ پئسا ڏوکڙ ڦري، ڦاهي ڏيئي وڃي جهنگ ۾ پوري چڏيندو هو. ان مائيءَ جو گهر ۾ ڦاهي لڙکيل ڏٺي، سو چور جي زال کان پڇا ڪيائين. هوءَ ۽ ڪا بنهه پورڙي هئي سو سچي گالهه ڪري ٻڌايائينس. پر هن مائيءَ چيس ته: امان! تو ڪي سڌ آهي ته ڦاهي ڪٿن ايندي آهي؟ چور جي زال جهٽ پٽ گچيءَ ۾ سر ڪڍ ڦاهي وڃهي چيو ته: منهنجو مڙس هي تختو پيرن هيٺان ڪيي چڏيندو آهي ته ماڻهو لڙکي لڙکي مري ويندو آهي. هن مائي ۽ ان وچ ۾ تختو ڪيي ورتو. ته جو جي زال ڦاهيءَ ۾ ٽنگجي ٻيهي رهي ۽

اڪ چنبي ۾ ساهم نڪري ويس. پوءِ اها مائي، چور جو سڄو گهر ٻهاري، زر زيور ۽ مال ملڪيت ڪٽي پلي گهوڙي تي چڙهي گهر ڏانهن روانو ٿي. وات ۾ پوڙهيءَ وٽان پنهنجو پٽ ٻه ڪنيائين ۽ شام ڏاري اچي گهر پهتي. مڙس کي ٻهانو ڪري چيائين تہ: مبارڪ هجئي، مامي جي گهر مونکي پٽ ڄائو. آڻي گهٽئي مهمان اچي نڪتا، تنهنڪري چوڪرن جو ڪالهه‌ئي طهر ڪرائي ڇڏيائون، مونکي ٻه اتي گوڙ ۾ تڪليف هئي، تنهنڪري آڻون تہ هيڏانهن هلي آيس، باقي مامي چيو تہ آڻون پاڻ آڻي ايندس ۽ اچي توڪان معافي وٺندس. هن ويچارن غريبيءَ سارو ڏاڍي عزت ڏني ۽ اباڻي ورثي مان ايترا تہ زر زيور ۽ پئسا ڏوڪڙ ڏنا اٿن جو سڄي عمر وينا مزي سان ڪائيندا سين. مڙس ٻه ابترو مال ڏسي ڪڪيون هٽڻ لڳو. ان ڏينهن کان وٺي مائي، رات جو چڱيءَ طرح در دروازا بند ڪري سمهڻ لڳي، چو تہ هن ڪي پڪ هئي تہ چور کان جو پلاند وٺي آئي آهيان سو چڏيندو هو ٻه ڪوٺہ.

هوڏانهن چور جڏهن شڪار ماري گهر پهتو، تڏهن ڏسي تہ زال ڦاهيءَ تي ٽنگي پئي آهي ۽ گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. سڄيءَ عمر جي ڪمائي ڪٽ ڏسي باهم ٽي ويو. پيرو ڪنيائين تہ عورت جا پير لڳس. يڪدم سمجهي ويو تہ فلاڻي مائي جٽ ڪري ويئي آهي. خير ان وقت تہ چور ڪٽي مات ڪئي، پر ڪي ڏينهن رکي ٻہ ٽي همراهہ ساڻ ڪري اچي مائيءَ جي ڳوٺ پهتو. همراهن کي ڳوٺ جي باهران بيهاري پاڻ ويو مائيءَ جي گهر. مائيءَ جو هن کي ڏٺو سو هڪدم ڪٽي اڳ ورتائيس، چي: ماما! پلي ڪري آئين، ٻار ٻچا تہ خوش آهن؟ مون مڙسم کي اڳ ۾ ٿي چيو هو تہ مامو چوڪرن جا اڳواٽ طهر ڪرائڻ جي توڪان معافي وٺڻ ايندو. چور ٻه ڳالهه

سهي ڪري ورتي، سو چوڻ لڳو تہ: هائو مائي! آڻون مڙهين ڪان معافي ونڻ آيو آهيان. اتي مائيءَ جي مڙس ٻ چور ڪي ڏوراپا ڏنا تہ: ادا! اوهان ڪي ائين واجب ڪونہ هو، پر خير جيڪي ٿيو سو چڪو. اهڙيءَ طرح حال احوال ڏيندي اڌي رات ٿي. مائيءَ آڳ ۾ ٿي اتي ۾ ڪا نشيدار شيءَ ملائي مانيءَ ناهي ڇڏي هئي، سا آڻي اڳيان رکيائين. مانيءَ کائڻ کان پوءِ مڙس ۽ چور ڪي اڌي گهيرٽ چڙهيا. مڙس تہ اڳئي سوالي هو، باقي چور نشي ۾ سڪ ٿي ويو ۽ لت کوڙي جو ستو تہ خبر ئي ڪانہ پيس. اڌ رات ڏاري مائي اٺي چور جو مٿو ۽ ڏاڙهي کوڙي، ڪٽي ۾ ويڑهي ڀري ڪري، ڪلهي تي ڪٽي اٺي هلي. وات تي چور جا يار ٻيڻا هٿا، تن جو هن ڪي ڏنو سو عليڪ سليڪ ڪان پوءِ ٻچا ڪيائونس. مائيءَ چيو تہ: آڻون ٻ ڪاٽڪو آهيان ۽ هڙ ۽ مال اٿم. چورن چيو: واهہ ٻيلي! حصو اسان جو ٻ لڳي. خير هٿندي ڏٽندي ڳالهہ اتي وڃي ٻيٺي تہ چورن وارو مال ڪاٽڪو ڪٽي ۽ ڪاٽڪوءَ وارو مال چور ڪٽن. انهيءَ تي مائي چورن وارو مال ڪٽي هلي ويئي، باقي چور مائيءَ واري مال ڪي چڪاسڻ لڳا. ايا جو ڳنڍ کولي ڏسن تہ سندن يار ٻڌو پيو آهي. همراهن هن ڪي هوشيار ڪيو ۽ خبرون ورتائونس. چور ڪين سڃي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، اتي هنن همراهن ڪي ٻ خبر ٻڌي تہ مار! اسان جو مال ٻ ويو هضم ٿي. سو خارن مان مائيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ڳوٺ ڏانهن موٽي آيا.

هائي مائيءَ جو ڊپ ويتر وڌي ويو، تنهنڪري رات جو ڪڙا ڪلف چاڙهي پاڻ پٽي پهرو ڏيندي هئي. سندس مڙس سدائين نشي ۾ الوٽ هوندو هو، جنهنڪري هن ڪي نہ هو دشمن جو ڦڙ نہ سڃڻ جو آسرو، پر مائي ويچاري سورن ۾ ٻڌجي


ويئي. هڪڙي ڏينهن چور ۽ سندس ٽي همراهه مائيءَ جي گهر تي ڪاهي آيا، پر اندر وڃڻ جي ڪا واهه نه ڏسي گهر کي ڪات هڻڻ لڳا. مائي ته اڳ ۾ ئي خبردار هئي، تنهن جو ڪڙڪو ٻڌو سو پڪ ٿيس ته چور اچي رسيا. من چا ڪيو جو هڪ تيز پاڪي ڪٽي ان پٽ وٽ ٽي ٻيٽي جنهن کي ڪات پئي لڳو. جڏهن ڪات سر ٿيو تڏهن هڪڙي چور منهن اندر ڪيو؛ مائيءَ جهٽ هٿي هن جو نڪ چپ ويڊي ورتو. چور وٽي پاڻ کي ڇڏائڻ اچلايو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو ته: اندر شايد ٻاهرا ڊنگر آهن، آئون ڪونه ويندس. انهيءَ تي ٻئي چيو ته: تون ڪو هير دل آهين. ائين چئي هن منهن سوراخ ۾ وڌو ته مائيءَ هن سان به ساڳي ڪار ڪئي. اهڙيءَ طرح مائيءَ ڇڻ ئي چورن جا نڪ چپ ويڊي ورتا. اتي چورن پاڻ سنياليو، ڏسن ته نڪ چپ ويڊيا پيا آهن. ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ ڪڏجي انجام ڪيائون ته وري چوري نه ڪندا سون. ان ڏينهن کان پوءِ اهي چار ئي يار ٻيلي مان ڪائيون ۽ ڏاڪ ويڊي، آهي وڪڻي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هٿا.

انهيءَ وچ ۾ ٻه مهينا گذري ويا. مائيءَ ڏٺو ته مامو هاٿي اچيئي ڪونه ٿو، سو هڪڙي ڏينهن مڙس کان موڪلائي هنن چورن جي ڳولا ۾ نڪتي. ڇائيندي ڇائيندي آخر ڏس مليس ته اهي چور سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ ڪائيون ڪندا آهن ۽ شام جو فلاڻي ٻوڙهيءَ وٽ اچي رهندا آهن. مائي ڏس وٽي سڌي انهي ٻوڙهيءَ وٽ آئي ۽ اچي چيائينس ته: نانيِ! خوش ته آهين؟ مامو ڪونه ٿو ڏسجي؟ ٻوڙهيءَ چيس ته: اڙي اما! اهي ويا آهن ٻيلي مان ڪائيون ۽ ڏاڪ ڪرڻ، پر تون ڪير آهين؟ من مائيءَ ٻڌايو ته: آئون وڏي چور جي ڀاڻيجي آهيان. گهٽن

ڏينهن کان ماسي کي ڪونہ ڏٺو هئم . سو چيم تہ اڄ ڏسي اچانس . پوڙهيءَ ڪيس عزت ڏيئي ويهاريو ۽ خيرعافيت ڪئي . جڏهن مانيءَ پڇائڻ جو وقت ٿيو تڏهن مائيءَ چيو تہ : ٻاڻي! اڄ تون آرام ڪر تہ آڻون ٿي مانيءَ پڇايان . تون رڳو ماسي جن کي مانيءَ ڏيئي اچجئين ۽ منهنجي اڻ جي بہ خبر ڏجئين . پوءِ مائي مانيءَ پڇائي ٻوڙ رڌي تيار ڪيو ۽ ڊبڪيءَ ۾ چورن جا نڪ چپ رکي . انهن جي مٿان مانيون رکي ، پوڙهيءَ کي ڏنائين تہ وڃي مانيءَ ڏيئي اچ . پوڙهي وئي مانيءَ ڏيڻ ٻيان مائيءَ سڄي گهر کي ڦهوري هڪڙيءَ ڪنڊ مان ناڻي جو پوريل ڏيڳڙو وڃي هٿ ڪيو . جنهن مان ناڻو ڪڍي ڏيڳڙو اتيئي ڏٽو ڪري اڻي پنڊ پئي .

پوڙهي جڏهن چورن وٽ پهتي تڏهن هن کان نياپو ڏيڻ وسري ويو ۽ چور بہ مانيءَ ڪائڻ ۾ جُٹجي ويا . مانيءَ ڪائيندي ڏسن تہ ڊبڪيءَ جي تري ۾ نڪ چپ رکيا آهن . انهيءَ تي وڏي چور پوڙهيءَ کان پڇيو تہ : ماسي هيءُ ڇا آهي ؟ ڪو ماڻهو گهر ۾ آيو آهي ڇا؟ تنهن تي پوڙهيءَ چيو تہ : ابا! مون کان ڳالهہ وسري ويئي ، تنهنجي پاڻيجي آئي آهي . چورن جا اها ڳالهہ ٻڌي سو ڀڪ ٿين تہ مائي ضرور کا حرڪت ڪري ويئي هوندي ، سو اٿي گهر ڏانهن پڳا ۽ اچي ڏسن تہ ڏن وارو ڏيڳڙو پٽ تي پيو آهي ۽ مائي ٿهي ٿي کائہ . همراهن جا ڇيهہ ٿي ڇڇي پيا . صلاح ڪيائون تہ مائيءَ وٽ ميڙ ڪري ، پلو سونهارو ڪٿي هلجي نہ تہ هوءَ جند اصل کائہ ڇڏيندي . آخر هڪڙي ڏينهن چارئي چور مائيءَ وٽ آيا ۽ هن کان معافي ورتائون . مائيءَ وڏي چور کي چيو تہ: تون تہ آهين منهنجو مامو . تنهنکري پنهنجا ٽيا سڄي عمر جا جهيڙا . باقي ٻيا

پلي معافي وٺن . هن وراڻيس ته: مائي! هن قرآن جي محابي سونکي به بخش ڪر . انهيءَ تي مائي ڪٽي مات ڪئي پر ايترو چيائينس ته: مون ۾ بس ڪٽي. ۽ چورايل مال ڪنهن به صورت هر اوهان ڪي نہ ڏيندس . چورن ۾ لاچار اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هنن جي جند آزاد ٿي .



ڪرڪاري ڏاند جو ملهه*

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو غريب شخص رهندو هو. ڪيس هڪڙو پٽ هو، جو جڏهن جوان ٿيو تڏهن پڻس چيس ته: ابا، هاڻي وڃي ڪو ڏنڊو ڏاڙي ڪر. جنهن تي چوڪري چيس ته: بابا، منهنجي مرضي آهي ته ڪو واپار ڪريان. انهيءَ لاءِ مونکي پاڻ وارو ڪارو ڏاند ڏي ته اهو وڪڻي واپار شروع ڪريان. پڻس اهو ڏاند سندس حوالي ڪيو، جنهن کي پندرهن ويهه ڏينهن بيهاري، ڪارائي پياري ڪجهه ساڃڙو ڪري شهر ڏانهن وڪڻڻ لاءِ ڪاهي ويو.

واٽ تي هن کي نڱڻ جو هڪڙو ٽولو گڏجي ويو، جي هن سان حالي احوالي ٿي سمجهي ويا ته پڪ هيءُ ڪو بيوقوف ٿو ڏسجي. سو انهن مان هڪڙي اڳ وڌي چيس ته: يار! واپار ڪندين؟ هن چيو ته: واهه جو ڪندس. اتي ٻئي نڱ ويجهو اچي چيس ته: چڱو ادا، لڳي تاڙي، ڪر ٻڪر جو ملهه. اهو ٻڌي هن کي ڏاڍو عجب لڳو ته هي ڏاند ڪي ڪيئن ٿا ٻڪر سمجهن؟ سو چيائين ته: ميان! انڌا آهيو چا؟ هي ڏاند آهي يا ٻڪر! سندس اها گالهه ٻڌي نڱ اچي ڪل ۾ چٽڪيا. چي: يار! هي همراهه ڪو درويش ٿو ڏسجي. وري چيائونس ته: اڙي يار! توکي ڪو ٻڪر ڏيئي، ڏاند جا پئسا وڌي ڏري ويو آهي.

---

* هن آکاڻيءَ جون ٻه روايتون وچولي (تعلقي شهداد پور) مان مير محمد "سڪايل" ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان محمد سومار شيخ ڪان مليون.

هڪڙيءَ تي هيءُ ۽ ٻيءَ تي ننگ. نڱڻ هن کي گهٽو ٿي پنهلايو، نيٺ گهٽيءَ رد بدل کان پوءِ نڱڻ هن کي چيو تہ: ادا، جي توکي اسان جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿو اچي تہ پوءِ هل تہ ڪنهن چڱي مڙس کان فيصلو ڪرايون. تنهن تي هن چيو تہ: واهہ! اها ڳالهہ پلي ٿي. سو ننگ هن کي پنهنجي اڳواڻ وٽ وٺي آيا. نڱڻ پنهنجي سردار کي اک ڇپي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، جنهن ڏاند کي ڏسي چيو تہ: بيشڪ هيءُ ٻکر آهي، هن غريب کي ڪو ڦري ويو آهي. هاڻي ويچاري کان ٻکر وڻڻ ۽ پنج رپيا ڏئي اماڻيوس. اهو ٻڌي نڱڻ چيس تہ: ڏئي، تہ ٻئي چيو تہ ڏاند آهي. اسان جي ڳالهہ تي اعتبار ڪرين ها تہ هيتري تڪليف ئي نہ ٿئي ها. تنهن تي هن چيو تہ: يار پلي، جي اوهان جي اها صلاح آهي تہ مونکي پنج رپيا ڏيو ۽ ٻکر ڪاهيو. پوءِ نڱڻ هن کي پنج رپيا ڏيئي اماڻي ڇڏيو. ويچارو پنج رپيا وٺي جڏهن گهر پهتو، تڏهن پيءُ پڇيس تہ: ابا! ڏاند وڪٽي آئين؟ جواب ڏنائين تہ: هائو، اڏارو وڪٽي آيو آهيان. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ پيسا ملندا. پٽس ڪٽي ساڻ ڪئي.

ٿورن گهٽن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ وري پيءُ کي چيائين تہ: بابا! مونکي هڪڙي ٻکري وٺي ڏي تہ وري واپار ڪري اچان. پٽس هن کي ٻکري وٺي ڏني. هو اها وٺي وري ٻہ ساڳيو گس ڏئي اچي نڱڻ جي گهر وٽان لنگهيو. نڱ تہ اڳيئي هن کي سڃاڻندا هئا، تن جو هڙو سولو ۽ سڌائو شڪار ايندو ڏٺو. سو ڊوڙي اچي اڳ ورتائونس. ڏاڍي آجيان ڪري چيائونس تہ: يار، هي ڪڙ وڪڻ لاءِ ڪنهيءَ ٿئي؟ اهو ٻڌي هن وري ٻہ چين تہ: يار! عجب جهڙا ماڻهو ٿا ڏسجو، هيءَ ٻکري

آهي يا ڪڙ؟ تڏهن ٽڳن وري هڪيئي کي چيو ته : يار ! هي وري به پاڻ ڦرائي آيو آهي . پوء چيائونس ته : يار ، اسان کي تنهنجو ڏاڍو ارمان آهي جو توکي سدائين ماڻهو ڦريو وڃن . پر چوڪرو چئي ته : ائين وري ڪيئن هوندو ؟ تنهن تي هن چيس ته : چڱو ، جي اسان تي اعتبار نه ائئي ، ته هل ته چڪي مڙس وٽ هلون . نيٺ وري به ڪيس پنهنجي سردار وٽ وٺي آيا . ٽڳن هن سان سموري حقيقت ڪئي جا ٻڌي سندن اڳواڻ چيو ته : هن ويچاري سان وري ويساهه گهاتي ٿي آهي . هاڻي هيئن ڪريو جو هڪڙو آنو ڏيئي اها ڪڙ وٺوس . اتي هن کي پڪ ٿي ته هي آهن ته ڪي ٽڳ پر اڄ ڀلي وڃي پنهنجو پٽ گهاتو ڪن ، هاڻي انهن پئي مون پئي . پوء ٽڳن جي اڳواڻ کي چيائين ته : پريا مڙس ! تنهنجو فيصلو اکين تي ، آنو ڏي ۽ ڪڙ وڃ . اهڙيءَ طرح هي ويچارو ، مفت ۾ ڏاند ۽ ٻڪري ڦرائي موٽي آيو .

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد هن ٽڳن کان ويرَ وٺڻ جو ارادو ڪري ، شيشيون وٺي انهن ۾ ڪوڙيون سوڙيون دوائون ڪٽي وڌيون ، ۽ ڪپڙا ٻدلائي حڪيم بنجي ، هوڪا ڏيندو اچي انهن ٽڳن جي ڳوٺ ۾ پهتو . اتي هوڪو ڏنائين ته " انڌن منڊن جو طبيب " . ٽڳن جي اڳواڻ جي به ڪا نظر جهڪي ٿي ويئي هئي ، سو هوڪو ٻڌي پنهنجن چاڙتن کي چيائين ته : ابا ، انهيءَ طبيب کي وٺي اچو ته آئون ڪانئس دوا ڪرائيندس . ٽڳن هن کي ڪونه سڃاتو ۽ وڏي عزت ڏيئي ڪيس اندر وٺي آيا . چوڪري سندس اکيون ڏسي چيو ته : هن جو علاج ڏاڍو ڏکيو ٿيندو ، تنهنڪري جيڪي دوائون سون وٽ ڪونهن ، سي وڃي بازار مان وٺي اچو . پوء هنن کي ڪوڙا نالا ٻڌائي هڪڙن

ڪي هڪڙي پاسي روانو ڪيائين تہ ٻين ڪي وري جهنگ ڏانهن موڪليائين ، تہ وڃي فلاڻيون فلاڻيون ٻوٽيون ڳولي اچو. اهڙيءَ طرح سڀني ڪي اماڻي ٺڳن جي سردار ڪي ٻڌي ، اڇي ڏنڊي سان ورتئينس. ڏاڍي ڦيهہ ڪيي چيائينس تہ : پريا مڙس! هاڻي ڪر ڪاري ڏاند جو ملهہ . ٺڳن جي سردار جو گيسيءَ جو ٽڪاءُ پئي پيو. چي : مونکي مار نہ ، باقي جيڪي وڻئي سو فلاڻيءَ صندوق مان ڪڍي وڃ پر منهنجي جند ڇڏ. جيڪي توکي وڻي سو وڃي ڪاري ڏاند جو ملهہ ڏاهہ . ڇوڪرو ٻہ ڪنجون وڻي پيتي کولي ، ٺڳن جو الهہ تلهہ ڪڍي اچي پيءُ وٽ ڏکتو. پڇس پڇيس تہ : هيتري مايا ڪٿان مليئي؟ هن ٻڌايس تہ : بابا! ڪاري ڏاند جو ملهہ مليو آهي ، سو هيءُ اٽيئي . باقي ٻڪريءَ جو ملهہ ڪن ڏينهن ڪان پوءِ ملندو. اهو ٻڌي پڇس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو.

ٿوري گهڻي ڏينهين وري ٻڪريءَ جي ملهہ اڳاڙڻ جو خيال ڪري ڇا ڪيائين جو هڪڙو غريب ماڻهو ، جو ڀڄڻ جو ڇوهو ڏ ئائين ، تنهن ڪي چيائين تہ : ادا ! آڻون توکي ڏهہ رپيا ڏيندس ، تون رڳو مون سان گڏجي هل ۽ جنهن مهل آڻون چوان انڊ ن منڊ ن جو طبيب ، انهيءَ مهل ڪي ماڻهو ايندا ۽ پوءِ تون وڃي ڀڄج . هن غريب شخص دل ۾ خيال ڪيو تہ سڄو ڏينهن ڪمايان ٿو تہ ٻہ رپيا ٻہ ڪونہ ٿا ملن ، سو ايتري ٿوري ڪم لاءِ ڏهہ رپيہ ٿا ملن ، تنهن يڪدم ڪڍي هائو ڪئي. اهڙيءَ طرح مزور ڪري ، ان ڪي پاڻ جهڙو ويس پهرائي شيشين جي صندوق ڪڍائيين ۽ اچي ٺڳن جي پاڙي ۾ هوڪو ڏنائين تہ : "آيو انڊن منڊ ن جو طبيب". ٺڳن جو اهو آواز ٻڌو سي يڪدم لٽيون ڏڪا ڪئي ٻاهر نڪتا . جو اهو طبيب ڪين گهر ويڻي ڦري ويو هو.

سو جيئن هو باهر نڪتا تيئن هن مزور کي اشارو ڪيو ته ، ڀچ ! مزور وٽي پڳو. ٽڳن سمجهو ته طبيب پڳو ٿو وڃي ، سي سيئي ان جي پٽيان ڪاهي پيا . ٽڳ ويا هن مزور جي پٽيان ، ۽ هن جوان چا ڪيو جو وري ٻ ڏنبو ڪٽي ٽڳن جي سردار کي اچي پتو. هڏي ، ڏاڍي مار ڪيڻ کان پوء چيائينس ته : پريا مڙس ! اڳي توکان ڪاري ڏاند جو ملهه وٽي ويو هوس ، باقي ٻڪريء جو ملهه رهيل هو ؛ سو جلدي پيذا ڪر نه ته اتي جو اتي ٿو پورو ڪريئين . ٽڳن جي سردار کي اچي سر سان لڳي ، سو هن کان جند ڇڏائڻ لاء چيائين ته : ابا ! جيڪي توکي وٽي سو ٻڪريء جي ملهه ۾ ڪٽي وڃ باقي مونکي نه مار. هي وري ٻ سمورو مال هڏي اٽي روانو ٿيو ، ۽ پٺس جي اڳيان آڻي رکيائين ، چي : بابا ! ٻڪريء جو ملهه اهو اٽيئي .

هوڏانهن ٽڳ موٽي اچي ڏسن ته سندن سردار وري ٻ اڳي وانگر هڏو پيو آهي ۽ پيتي خالي ٿي پئي آهي . پچا ڪرڻ تي سردار ٻڌاين ته : توهين ته ٽڳ جي پٽيان ويا هئا ، پر هو الائجي ڪٿان گوهي ڏئي اچي هتي نڪتو ، ۽ ٻڪريء جي ملهه ۾ سمورو مال ڪٽي ويو. اهو هڏي ٽڳن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ته پيري سان هي اسان کي گهر ويٽي ڦريو وڃي ، هاٽي هن کي اصل ڪونه ڇڏيداسين . اهو فيصلو ڪري هڪڙي ڏينهن پاڻ ۾ گڏجي سڻل ڪري اچي هن جي گوٺ پهتا . پچا ڪري اچي هن جو در کڙڪايئون . چوڪرو باهر نڪري آيو. ٽڳن چيس ته : تون اسان کي ٻ دفعا ڦري آيو آهين ، سو هاٽي تو سان فيصلو آهي . چوڪري سياڻپ ڪري چين ته : پائو ! حاضر آئون اوهان سان هڏل آهيان . جيڪو حڪم ڪريو ؛ پر هينئر توهين ٽڪجي آيا آهيو تنهنڪري سانجهيء تائين ترسي آرام ڪريو ؛ پوء پيا چيڙي نبيري

ڪنداسين . جي سون ڏانهن اوهان جو حساب ٿيندو تہ منهنجو پيءُ بہ پري ڏيندو . چوڪري هنن ڪي اهو دلاسو ڏيئي ، هڪڙيءَ اهڙي جاءِ تہ اچي ويهاريو ، جنهن تہ تمام وڏي ڪکر وينل هئي. رات جو هنن ڪي ماني ٽڪي کارائي سمهاري ڇڏيائين .

چوڪري اڌ رات جو اٿي آهستي آهستي وڃي ڪکر جي ماناري ڪي ڀانو جو اچي هنن جي مٿان ڪريو ، پوءِ ٻاهران دروازو بند ڪري گهر سمهي رهيو . هوڏانهن ڪکر اچي سڄي سا هنن ڪي چنبڙي ويئي . نڱن ڳهڻيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون پر ڪير ٻڌي . نيٺ اتي جو اتي پورا ٿي ويا ، ۽ سندن نڱيءَ جي ڪين سزا ملي .

ڪرمون ڪراڙ ۽ ست چور *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪرمون نالي هڪڙو ڪراڙ رهندو هو. تنهن هڪڙي ڀيري جوئر جي پوک ڪئي ۽ رات ڏينهن محنت ڪري پوک کي پچايائين. چورن ۽ ٻيلن جي ڏوڪان چوڏاري اهڙو لوڙهو ڏئي ڇڏيائين جو ڪا به شيءَ اندر اچي نه ٿي سگهي. انهيءَ ڪان سواءِ وٽس ٻوتي، نالي هڪڙو ڪتو هو، جو سڄي رات پوک جي چوڏاري ڀيو ڀهرو ڏيندو هو. جوئر جا وڏا ۽ ڦڪل سنگ ڏسي چورن جي دل ڏاڍي هرکندي هئي، پر ڪرمون جي سخت پهري سبب ڪنهن جي به اڪل ڪانه هلندي هئي.

هڪڙي ڏينهن ڪي ست چور، ڪرمون جي پوک جي پرسان لنگهيا. تن جو جوئر جا وڏا وڏا ۽ ڦڪل سنگ ڏٺا سو سندن دل هرکي پئي ۽ چوري ڪرڻ لاءِ گس گوڙ لڳا، پر ماڻهن کان جو ڪرمون جي نظرداري ۽ ڪتي جي پهري جي ڳالهه ٻڌائون، سو نا اميد ٿي چوريءَ جو خيال لاهي روانا ٿيا. جڏهن ٿورو اڳيرو هليا، تڏهن انهن ستن چورن ۾ جيڪو وڏيءَ عمر وارو هو، تنهن چيو ته: ٻيلي! هتين ڪلهو هلڻ مڙسن جو ڪم ناهي، تنهنڪري همراهي ڪرايو ته آئون ٿو اها چوري ڪري اچان. توهين رڳو رات جو اچي انهيءَ جهنگلار (نار) جي اوٽ ۾ ويهجو، پوءِ جيئن آئون چوان تيئن ڪجو ته سڀ ڪم

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

سولاً ٿي پوندا. اها صلاح ڪري هڪيئي ڪان جدا ٿي هليا ويا. وڏي چور چا ڪيو جو ڪپڑا لاهي، چوتو ٻڌي ڪيري لڳن ڪي لائي، وڃي هڪڙي ٻئي جهُلار جي وٽ ورتائين. اتي ڪنهن راهڪ جو لوهي چمٽو پيو هو، سو چوريءَ ڪئي سڏو ويو ڪرمون جي جهلار تي ۽ پري ڪان ئي فقيرن وارا منتر پڙهن شروع ڪيائين. ڪرمون ڏٺو ته هيءُ ڪو وڏو ساڏو پيو اچي، سو ڏوڙي اچي سندس پيرن تي هٿ رکيائين ۽ ڪُڇيءَ ۾ ڪپڑو پائي، هٿ ٻڌي ادب ۾ ٻيهي رهيو. چور چيس ته: بابا! اسين فقير ماڻهو آهيون، روٽي پاڻي جي اسان کي ضرورت ڪانهي، رکو رات رهڻ لاءِ ڪا جائڙي ڏيار. ڪرمون هڪڙي فقير کي پاڻ وٽ آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس جهلار تي ويهاري سو سو چاکريون ڪرڻ لڳو. چور ڏٺو ته ڪرمون تي سندس ستارو چوٽ چڙهي ويو آهي، سو ڪيس چيائين ته: بابا! اسان کي پنهنجي پوک ڏيکار ته توکي دل سان دعا ڪريون. ڪرمون چيو ته: سائين! انهيءَ ڪان وڏي مهرباني ٻي ڪهڙي ٿيندي! سو ڪيس وٽي وڃي پوک جو ٻارو ٻارو ڪري گهمايائين. چور جڏهن گهٽيون گهيڙ جاچي آيو، تڏهن ڪيس ڪنهي جو خيال ٿيو ۽ ڏنائين ته ڪتو اهڙو آهي جنهن ڪان جند ڇڏائي ڪانه سگهبي. اهو ويچار ڪري ڪرمون کي چيائين ته: بابا! اسين فقير ماڻهو رات جو گهمي ڦري ٻه پيا ڏٽيءَ جي بندگي ڪريون، متان ڪتو اسان کي تنگ ڪري، تنهنڪري تون ان کي ٻڌي ڇڏ. اسان کي ننڊ ته اچي ئي ڪانه، تنهنڪري تون بيفڪر ٿي سمهي رهه. ڪرمونءَ دل ۾ چيو ته روز رات جو پهرو ٿو ڏيان، اوڄاڻي اکيون ئي ڪيڏي ڇڏيون آهن. اڄ ته آئون به سمهي ڪا ننڊ ڪريان. سو فقير جي چوڻ موجب ڪتي کي ٻڌي قابو ڪري ڇڏيائين. جڏهن

سنجهو ٿريو تڏهن چور دل ۾ چيو تہ: هاڻي سنگتين کي واقف ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري ڪرمون کي چيائين تہ: بابا! اسان جو وقت بندگي ڪرڻ کان سواءِ نہ گذرندو. جي تون ناراض نہ ٿين تہ آئون بندگي ڪري وٺان. ڪرمون دل ۾ خيال ڪيو تہ بندگي جي ڪري پاڻ آواز ٿيندو ۽ چور چڪار ۾ ويجهو ڪونہ ايندو، سو فقير کي چيائين تہ: سائين! اوهانجو ينهنجو گهر آهي جيئن وٽيو تيئن پيا ڪريو، آئون تہ وڃي ٿو سمهي رهان. پوءِ ڪرمون چور کان موڪلائي وڃي سمهي رهيو.

چور ڏٺو تہ ڪرمون هاڻي گهريءَ نند ۾ ستو پيو آهي، تڏهن پنهنجن دوستن کي هوشيار ڪرڻ لڳو تہ:

ڪرمون ڪراڙ، موتي ڪتو، بحڪم مون ڪيا،
لئي وٺان لاکڙ ڪٽي، اتان لنگهيجا،
آڪل سائي، پيچل سُڪي، وچئون ڪپيجا،
ڏاتو ڏرڙي هٿ نہ اچيو، هٿن سان پچيجا،
ڏُکو سونٽو جي تہ ليبو، منهن جا ڏاڪا ڪڍيجا،
چم چپري هٿ نہ اچيو، تہ لوٽا چوڙيجا،
وڏو پير، هٽندو تير، پاڳا ستئي ڪريجا.

چورن جڏهن اهي اهجاڻ ٻڌا، تڏهن يڪدم پوک ۾ گهڙي پيا ۽ گهڙيءَ کن ۾ وڏا ۽ پڪل سنگ لٽي ورتئون. منهن ماڻ ڏاڪا ۽ چوڙي آيا هئا، جن سان سنگ ستي ڪٽي تيار ڪيائون، انّ ۽ تُهہ ڏار ڪرڻ لاءِ ڇڻ ٻدران ڏالون ڪٽي ورتئون ۽ انهن سان انّ وائري صاف ڪيائون. پوءِ پنهنجي ٻار جي صلاح موجب جهلار ماڻ هڪڙو لوٽو چوڙي آيا، جنهن سان انّ ٻئي پورا ست پاڳا ڪري، ڇهہ حصا پاڻ ڪنيائون ۽ ستون حصو پنهنجي ستين دوست کي ڏيئي انهيءَ مهل وٽي ٻڌا.

صبح جو ڪرمون آڻي ڏسي تہ پوک سڄي ٻيلي پئي آهي .
پوءِ تہ وڻي دانهون ڪوڪون ڪيائين ، پر ڏڏو ڪير ٻڌين ڪونہ
پوي ، نيٺ مانڙي ڪري ويهي رهيو .

—※※—

اڏ ٽڪ *

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو ڇوڪرو پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو. پيءُ ته ننڍي هوندي ئي مري ويو هوس، باقي ماءُ پالي تاتي اڇي جوان ڪيس. هڪڙي ڏينهن ڇوڪري اڇي انگل ڪيو ته: اما! مونکي شادي ڪراء. ماٺ ڇيو ته: بابا! پاڻ غريب مسڪين، ڪير پاڻ کي سڳ ڏيندو؟... جڏهن خدا جي مرضي ٿي ٿڏهن تنهنجي شادي ب ٿي ويندي. تنهن تي ڇوڪري ڇيس ته: ڇڪو جي ائين آهي ته تون مونکي هڪڙو ٽڪو ڏي ته آئون پاڻهي ٿو شادي ڪري اچان. ماٺ ڇيس ته: ابا! ڪڏهن ٽڪي ۾ ب شادي ٿي!... مانڙي ڪري ويهي رهه. پر ڇوڪرو پنهنجي ڳالهه تان نه لٿو. ماٺ لاچار ٿي کيس هڪڙو ٽڪو ڏنو، جو هن ونڊي پاڻ وٽ قابو ڪيو، ۽ ماءُ کان موڪلائي هڪڙي پاسي اٿي هليو.

هلندي هلندي اڇي ڪنهن ڳوٺ ۾ پهتو. اتي کيس بک ب اڇي ورايو، سو ٽڪو متائي، ان مان پائيءَ جي ماکي ونڊي گيدوڙيءَ جي پن تي مکي، مزي سان چٽيندو اڇي درياءَ جي ڪپ تي پهتو. اتي بادشاهه جي ڏوهي پٽي ڪپڙا ڏوتا، تنهن جو هن کي گيدوڙيءَ جا پن چٽيندو ڏٺو، سو پڇيائينس ته: ڇوڪرا! ڪر خبر گيدوڙيءَ جا پن ڇو پيو چٽين؟ ڇوڪري جو ڏٺو ته ڏوهيءَ جي دل سرکي آهي، سو اٽڪل ڪري ڇوڙ

---

* هيءَ آکاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

لڳس ته: آئون توکي اصل ڪونہ ٻڌائيندس، چو ته تون آهين شهر جو ماڻهو، جيڪڏهن توکي ڏس ڏنم ته وڃي ٻين کي ٻڌائيندين، پوءِ آئون ڪيڏانهن ويندس! اهو ٻڌي ڏوهي کي پڪ ٿي ته انهيءَ گيدوڙيءَ ۾ ڪا وڏي حڪمت آهي، جو مون کان پيو لڪائي. تڏهن ڏاڍيون آزيون ڪيائينس. لاچار چوڪري چيس ته: يار! تنهنجي سرکي ٿو ٻڌايان، جو پلو مڙس ٿو ڏسجين. هاڻي ٻڌ، فلاڻي هنڌ گيدوڙيءَ جو هڪڙو وڻ ٻيئو آهي، جنهن جا پن ماکيءَ ۾ ٻڌا پيا آهن... پر ٻيلي پلائي ڪج، جو ڪنهن کي ٻڌائج نہ... باقي توکي روڪ ڪانهي. ڏوهي چيس ته: يار! واهه جي گاڙهه ٻڌايئي، هاڻي جتي ايتري پلائي ڪئي اٿئي، اتي مهرباني ڪري هنهنجو نالو به ٻڌاءِ، ۽ هنن بادشاهي ڪپڙن جو به ٿورو خيال ڪر ته آئون اتان ٿي اچان. چوڪري چيس ته: منهنجو نالو "ڪالهه پوجاڙي" آهي. اهو ٻڌي ڏوهي هن جي مهرباني سڄي ملهل ڏس ڏانهن روانو ٿيو. ڏوهيءَ جي پٺ ڏيڻ ۽ چوڪري جو ڪپڙا ميڙڻ. ٿوريءَ دير ۾ سمورا ڪپڙا ميڙي چونڊي، هڙ ڪري وڻي اتان ڀڳو ۽ اچي ٻئي شهر ۾ ٽڪاءُ ڪيائين.

ڏوهي گهڻ دير کان پوءِ رُلي رُلي، هٿين ٽلهو تڙ تي مُٺي آيو. اتي ڏسي نڪو ڪالهه پوجاڙي ۽ نہ ڪپڙا. اتي اچي سير سان لڳس ته بادشاهه جا ڪپڙا چورائجي ويا، هاڻي ڇا ٿيندو. نيٺ گهٽي ويچار کان پوءِ هليو بادشاهه کي انهيءَ گاڙهه جو اطلاع ڪرڻ. دربار ۾ اچي هٿ ٻڌي بادشاهه کي عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! ڪالهه پوجاڙي چور اوهان جا ڪپڙا چورائي ويو آهي. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو ته هن کي مون ڪپڙا اڄ ڏنا ۽ چورائجي ڪالهه ويا؛ پڪ ٿيس ته ڪوڙ ٿو گاڙهائي، سو

ڏاڍي ڏيهه ڪيارائي ويچاري ڪي شهر نيڪالي ڏئي ڇڏيائين.

هوڏانهن چوڪرو هلندو اچي ٽڏسي هڪڙو شخص گهوڙي تي چڙهيو پيو وڃي. هن به وڏي وڃي آڳ جهليس. سلام ڪلام ڪان پوءِ هڪٻئي سان خبرون چارون ڪري گڏ هلن لڳا. گهوڙي واري شخص کي به ڪو اوڏيءَ مهل جهنگ جو خيال اچي ٿيو هو، سو هن کي چيائين ته: ادا! گهڙي ڪن گهوڙي جي سنپال ڪر ته آئون جهنگ جو خيال لاهي اچان؛ پر پنهنجو نالو ته ٻڌاءِ؟ چوڪري چيس ته: ادا! منهنجو نالو آهي "اڏ پائيوار". گهوڙي وارو شخص نالو نشان پڇي جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. هن جي پٺ ڏيڻ ۽ چوڪري جو گهوڙي تي لانگ ورائڻ ... گهوڙي جي مالڪ وٽي رڙيون ڪيون. چي: او يار اڏ پائيوار! منهنجو گهوڙو ته ڇڏي وڃ. سندس رڙين تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، جن کي ٻڌايائين ته: اڏ پائيوار منهنجو گهوڙو ڪنيو پيو وڃي. تنهن تي ماڻهن چيس ته: ميان! پوءِ انهيءَ ۾ رڙين ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. جيترو تنهنجو حق اوترو هن جو. تنهن تي هن انهن کي سڄي حقيقت سمجهائي، پر جيسين ماڻهو تيار ٿين تيسين هو الاجي ڪٿان وڃي نڪتو.

چوڪرو گهوڙو ڊوڙائيندو اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو. اتي ڪيس رات به اچي پئي. سياري جي مند هئي ۽ انهيءَ رات سيءُ به چئي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. هن خيال ڪيو ته آڇهي ڪان سواءِ رات گذارڻ ٿيندو پاڻ مارڻ. آخر هڪڙي اٽڪل سڃهي آيس. ڇا ڪيائين جو يڪدم پراڻا ڪپڙا لاهي. بادشاهي وڳو پهري ڳوٺ ۾ اندر گهڙيو. اتي ڏسي ته هڪڙي چوڪري پئي اچي. هن وڏي وڃي آڳ جهليس ۽ ڏاڍي رعب تاب سان چيائين ته: چوڪري! اسين هن ملڪ جا شهزادا آهيون. اسان

ڪي هتي رات رهڻي آهي ، اُن جو بندوبست ڪر . چوڪري هن جا ڪپڙا ڏسي سمجهيو ته پڪ شهزادو آهي ، سو حاضر چئي سڏو پنهنجي پيءُ ڪي اچي حقيقت ٻڌائي ، جيڪو يڪدم وڃي ڪيس عزت سان وٺي آيو .

رات جو ڏاڍي مان سان ڪيس مانيي ڪارائي ڪائنس خبرون چارون پڇڻ لڳا . چوڪري کين ٻڌايو ته: بادشاهي ڪمن ڪان جند ئي آڃي ڪانهي ، ڪڏهن ڪڏهن ٿو گهمڻ جو وقت ملي پر هن پيري بادشاهه حڪم ڏنو آهي ته تنهنجي شادي ڪرڻي آهي ، سو وڃي پنهنجي لاءِ ڪنوار ڳولي اڃ . انهيءَ ڪري شهر شهر ، ڳوٺ ڳوٺ پيو گهمان. ائين چئي ڪجهه ترسي ، وري هن شخص ڪي چيائين ته: سويل جيڪا چوڪري سونڪي هتي وٺي آئي هئي ، سا ڪير هئي ؟ هن شخص وراڻيس ته: سائين ! آها منهنجي ڌيءَ آهي. اهو ٻڌي هن چيو ته: بس ، آئون شادي ڪندس ته ان سان ڪندس . غريب شخص اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ٿ: سائين ! انهي ڪان وڏي خوشي جي ڳالهه ڪهڙي ٿيندي : چوڪري چيس ته: چڱو جي تون راضي آهين ته پوءِ آئون تنهنجي ڌيءَ ڪي صبح جو پاڻ سان گڏ وٺي ويندس ۽ ورندي ٽئي ڏينهن سندس گهر گڻا ڏاج ڏيوڻ ۽ چوڪري توهان ڪي موٽي ملندي ۽ پنجين ڏينهن اسين ڄڃ وٺي اينداسين. اهو فيصلو ڪري ، چوڪرو مائڙي ڪري سمهي رهيو .

چوڪري جي سمهڻ کان پوءِ ، چوڪريءَ جي ماءُ پيءُ خيال ڪيو ته خدا اسان ڪي دين دنيا ۾ هڪڙي ڌيءَ ڏني آهي ، اسان جو پٽ به اهو ته ڌيءَ به اها ... اسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي سو سندس آهي . اهو خيال ڪري پنهنجي سموري ميڙي چونڊي ، ڪپڙا لٽا هڪڙي هڙ ۾ ٻڌي ناهي رکيائون ،

صبح جو چوکري اٿي گھوڙو سنجي تيار ڪيو ۽ ان شخص کي چيائين تہ: پنھنجي ڏيءَ کي مون سان گڏ ٻيلھ ويھار. ھن شخص پنھنجي ڏي گھوڙي تي ويھاري ، پيسن ، زيورن ۽ ڪپڙن جي ھڙ ڪيس ڏئي چيو تہ: شھزادا! اسين غريب آھيون، جيڪي ڪجھ اٿئون سو مھرباني ڪري ڏاج سان گڏ ، اسان جي پاران ڪري موڪلجو. چوکري ھڙ وٽي سوگھي ڪئي ۽ وٽي گھوڙي کي مٽ ڏني تہ پھر ڪن ۾ ستو اچي گھر پھتو. ماءُ کي سلام ڪري چيائين تہ : اما! ھيءُ اٿئي تنھنجي ننھن ، ۽ ھي تنھنجو ٽکو. چوکريءَ کي جڏھن انھي ڳالھ جي خبر پئي تہ ھي شھزادو ڪونھي ، تڏھن منھن متو پٽڻ لڳي ، پر ھاڻي ڪري ب ڪجھ نٿي سگھي. لاچار چوکري سان شادي ڪري ويھي رھي .

—❦—

پَج تہ چَئيان *

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙي ڪراڙي عورت رهندي هئي، جنهن ڪي هڪڙو پٽ هو. چوڪري جو پيءُ نري ويو هو، سو ماءُ ڪي ڏاڍو ڏاڍلو هو. انهيءَ ڪري ڏاڍو آئنڙو ٿي ٻيو هو. چور ۽ اهڙو هوندو هو جو ماڻس گهر ۾ ڪابه شيءَ رکي ساهم ڪانه پٽيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن چار چور چوريءَ تي ٿي ويا. سي ان پوڙهيءَ وٽ آيا ۽ ڪيس مانيءَ ڪارائڻ لاءِ چيائون. پر مائي کين جواب ڏنو تہ: ابا! آئون تماڻ مسڪين زال آهيان.. مون وٽ گهر ۾ ڪابه ڪاڏي جي شيءَ ڪانهي جا آئون توهان کي رڌي ڪارايان؛ تنهنڪري جيڪڏهن اوهان کي مانيءَ ڪائڻي آهي تہ ڪجهہ ونيِ اچو تہ رڌي آئون ٿي ڏيانءِ. چورن مائيءَ کي چيو تہ: اما! تون پرواهہ نہ ڪر، اڄي هي پئسا اٿئي، وڃي انهيءَ مان چيلو، چانور ۽ گيهہ، مصالحو ونيِ اڄي مانيءَ تيار ڪر. مائي پيسا ونيِ ڳوٺ مان هڪڙو چيلو، چانور ۽ ڪجهہ گيهہ مصالحو ونيِ آئي. چورن چيلو ڪُهي وڏي ٽُڪي تيار ڪري مانيءَ کي ڏنو. مائي گوشت پچي تيار ڪيو. پوءِ چورن کي چيائين تہ: آئون پاڻي پري ٿي اچان؛ پر ابا! منهنجو پٽ اڃو آڃاهہ چور، سو سنيال ڪجو متان گوشت نہ کائي وڃيو ۽ چانورن کي به نہ ڳهمائي وڃيو. چورن مائيءَ کي چيو تہ: اما! تون

---

* هيءَ آکاڻي آٿر (تعقي ٻني عاقل) مان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

دلجاءِ ڪر، اسان ڪان تنهنجو پٽ زور ڪونہ ٿيندو. ٽون مانڙي ڪري جندي پاڻي پري اڇ تہ ڪاڏي جي ڪجي. تنهنجو چوڪرو جي اڇ اسان جي اکين ۾ سرمو پائي ويو تہ پوءِ ڪيس مڃيو.

مائي ويئي پاڻي پرڻ ۽ چور پنهنجي ڳالهين ۾ لڳي وئا. ڪا مهل ٿي تہ چوڪرو ۽ تاڙيون وڄائيندو اندر لنگهي آيو. چورن هن کي چيو تہ: ميان! اندر نہ وڃ، متان تون پاڻين تہ اندر وجي گوشت ڪائي اڇان. چوڪري ڏٺو تہ مار! اندر ڪو گوشت پيو رڌجي، سو يڪدم چوٽ لڳو تہ: ٻيلي! اندر منهنجو ڪم آهي، سو مونکي ڇڏيو تہ ٿي اڇان. آئون گوشت کين ڪائيندس ڇاڪاڻ جو آئون تاڙيون پيو وڄايان. چورن ڏٺو تہ برابر جيڪڏهن هي گوشت ڪائيندو تہ تاڙيون بند ڪرڻيون پوندس، تنهنڪري جهٽ خبر پڄي ويندي، سو هن کي چيائون تہ: اندر ٻلي وڃ پر جي تاڙين جو آواز بند ٿيو تہ اُتي جو اُتي توکي پورو ڪري ڇڏينداسون. چوڪري چين تہ: يار! جيڪڏهن آئون تاڙيون وڄائڻ بند ڪريان تہ هڪڙي وک ۾ نہ کٽي سگهان. ائين چئي تاڙيون وڄائيندو اندر گهڙي ويو. اندر ڏسي تہ ٻلي! گوشت جو ڏيگڙو پُڳو رکيو آهي. بس مهل اها آهي، سو ڇا ڪيائين جو هڪڙي هٿ سان سڳر ڪُٽي تاڙيءَ جو آواز ڪرڻ لڳو ۽ ٻئي هٿ سان ڏيگڙي جو ڏک لاهي، سمورو گوشت کائي چٽ ڪري ڇڏيائين. ٻاقي وجي ڪو رس ڇڏيائين. وري ۾ ساڳيءَ طرح سان تاڙيون وڄائيندو ٻاهر نڪري آيو. چورن کي ۾ پڪ ٿي تہ هن گوشت ڪونہ کاڌو آهي، سي ٻيڻکر رهيا.

ڪجهہ دير کان پوءِ مائي ۾ پاڻي پري موٽي آئي. اندر گهڙي وجي ڏسي تہ ڏيگڙو ائين چڙهيو پيو آهي. ڪٽي جو ڏک لاهي تہ ٻوٽي هڪڙي ۾ نہ ليي، رڳو رس پيو ٽهڪي! واکو

ڪري چورن کي چيائين تہ: ابا! هيڏانهن اندر منهنجو چوڪرو تہ ڪونہ آيو هو؟ چورن وراڻي ڏني تہ: هائو، آيو تہ هو پر هن جا هٿ رُڌل هئا. مائي چيو تہ: ابا! سون اوهان کي چيو هو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هن کي اندر نہ ڇڏجو، پر اوهان ائين نہ ڪيو. هائي هو سڀ گوشت کائي ويو. چورن کي ڏاڍي کاوڙ لڳي پر هائي چا ڪن. نيٺ وري ماٺهو موڪلي شهر مان ٻيو گوشت گهرايائون ۽ مائي ماني ٺاهي جا سينڊي کاڌي. وڃن وقت چورن مائيءَ کي چيو تہ: مائي! انهيءَ چوڪري جي هانڊن اسان کي ڏي، پوءِ پاڻهي ٺا سڏو ڪريونس. مائي چين تہ: ابا! اوهان جي مرضي، پر جي منهنجي ٻڌيو تہ انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڏيو. هو اوهان کان زور آهي. پر چورن ڪيو تہ: اهو اسين ڄاڻون، تون رڳو چوڪري جي هانڊن اسان کي ڏي. تڏهن مائي چين تہ: ابا! پلي وڃي وجوس.

ٻئي ڏينهن صبح جو مائيءَ کان چوڪري جي هانڊن وڃي، چور ڀڄي روانا ٿيا. رستي تي چوڪري کي چيائون تہ: اسين سڀ چور آهيون ۽ توکي بہ چوري ڪرڻي پوندي. چوڪري چين تہ: آڻون بہ چور آهيان ۽ هر حالت ۾ اوهان سان هڪل آهيان. خير. هي هنڌي ڇڙا شڪار جي تاڙ ۾ وات وڃو ٻئي ويا تہ ڦهرين هڪڙو ڪاهير ملين. جو گڏهہ تي ڪائيون ڪنيو ٻئي ويو. گڏهہ جي پٺيان هڪڙو ٿُهڻو گهيٽو هڪل هو، جنهن جي ڳچيءَ ۾ ٿر هڪل هو. جو ٻئي وڳو ۽ ڪاهير ٻي اونو ٿيو اڳيان ٻئي ويو. چوڪري دل ۾ خيال ڪيو تہ هيلي واهہ! انهيءَ گهيٽي کي تہ اجهو ٿو ڪري وڃان. سو چورن کي چيائين تہ: توهين اتي ترسو تہ آڻون اهو گهيٽو چوڙي ٿو اچان. چورن چيس تہ: چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين؛ رستي هلندي. جيڏي

جاڳندي ماڻهوءَ کان ٿون ڪيئن ٿو گهيڙو رمايو سگهين؟ چوڪري چين ٿي: اوهين انهيءَ ڳالهه کي ڇڏي ڏيو. ائين چئي وڏي اچي گهيڙي کي پاسو ڏنائين. پهريائين ٿي گهيڙي جي ڳچيءَ سان مٿر ڇوڙي گڏهه تي رکيل ڪاٺين جي ڀريءَ سان هڪڙي ڪاٺيءَ جي پڇڙيءَ ۾ ٻڌائين، پوءِ گهيڙي جو هوٽ ٻڌي ڪڍي پٺيءَ تي رکيائين ۽ سڀڪو اچي چورن کي ڏنائين. چور سندس اهڙي هوشياري ڏسي حيران ٿي ويا. اهي اڃا انهيءَ حيرانيءَ ۾ ئي هئا ٿ چوڪري چين ٿي: هاڻي ترسو ٿ اوهان کي گڏهه ۽ آڻي ٿو ڏيان. چورن چيس ٿي: ميان! هاڻي گڏهه جي پڇر ڇڏ، متان ٻڌائين نه! هي گهيڙو آندو اٿئي، اهائي ڇڳي ڳالهه آهي... متان گڏهه سان گڏ گهيڙو ۽ ڏيڙو پوي! پر چوڪرو چئي ٿي: نه، اوهين رهو ماڻ ڪري ٻيٽا رنگ ڏسو. ائين چئي اچي گڏهه ۽ ڪاٺير جي پٺ ورتائين. ڪاٺير جو اڃا تائين ٻهنجي خيال ۾ پئي ويو، جنهن کي گهيڙي جي وڃڻ جي ڪا به ڪل ڪانه هئي، چو جو هن پنهان مٿر جو آواز پئي ٻڌو، ۽ هن جي پائڻي ٿ گهيڙو پنهان اچي پيو. پر چوڪر ڪاٺير کي سڏ ڪري چيو ٿي: يار ڪاٺير! ٿون ٿ کو ڏاڍو سياڻو ٿو ڏسجين، جو گڏهه جي ڳچيءَ جي هڏڙان پنهان ڪاٺيءَ ۾ مٿر ٻڌي ڇڏيو اٿئي! ڪاٺير جو اهو ٻڌو سو هڪوهڪو ٿي ويو. ڏهي ڪڍي ٿ گهيڙو ليئي ڪونه ۽ مٿر پيو وڃي! سو وٽي رڙيون ڪرڻ لڳو، چي: مون سان ظلم ٿي ويو، آڻون غريب هاڻي ڪيڏانهن وڃان؟ تنهن تي چوڪري ويجهو اچي چيس ٿي: چاچا! هي وقت رڙين ڪرڻ جو ناهي، آڻون هت ويهي ٿو تنهنجي گڏهه ۽ ڪاٺين جي سنڀال ڪريان ۽ تون وڃي ڪا گهيڙي جي سڏ سماءُ لهي اڃ. خدا ڪندو ٿ گهيڙو ليي پوندو. چوڪري جي ڳالهه

ٻڌي ڪاڪير جي پيٽ ۾ ڪجهه ساهه پيو. پوءِ ته چوڪري ڪي گڏهه جي پارت ڪري پاڻ گهيٽي جي ڳولا ۾ وڃڻ لڳو. اتي چوڪري چيس ته: چاچا! آئون گڏهه جي سار سنيار لهڻ لاءِ تيار آهيان، پر هتي آهي ڏهڻ، تنهنڪري هيڏانهن ڪي هوڏانهن ته آئون غريب توڪي ڪٿان گڏهه پري ڏيندس؟ ڪاڪير ڪي لڳي پئي هئي گهيٽي جي، سو چيائين ته: ادا! جي گڏهه ڪي ڏهڻ ڳهي وئي ته پرتي رب ڪي. ائين چئي ڪاڪير ڪيا پويان پير. جڏهن ڪاڪير گهڻ پنڌ نڪري ويو، تڏهن چوڪري چا ڪيو جو گڏهه ڪي وٽي پر واري جهنگ ۾ هڪڙي وڻ سان ٻڌي، آن جي ٻنهي ڪنن جون چوٽيون وڍي، وري واپس رستي تي آيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏٺائين ته پريان گپ تي نظر پيس. هو يڪدم اتي ويو ۽ گڏهه جي ڪنن جون چوٽيون آن ۾ پوزي، پاڻ ٻيهي رڙيون ڪرڻ لڳو، چي: ڪاڪير! تنهنجو گڏهه ڏهڻ پئي گهي. جنهن ڀڀل ڪاڪير جي ڪنن تي اهو آواز پهتو، هو وٽي اوڏانهن ڀڳو، چي: ميان! ڪيڏانهن ويو منهنجو گڏهه؟ تڏهن چوڪري ڏاڍي ارمان سان چيس ته: چاچا! چا ڪريان، گڏهه تنهنجي ڪي ڏهڻ ڳهي وئي، باقي ڪي ڪن وڃي بچيا اٿس. آئون ته زور لائي لائي ٽڪجي پيو آهيان. هاڻي تون هن ڪي ڪنن مان جهلي ٻيهه ته آئون ڪنهن پر واري ڳوٺ مان ڪا ڪوڏر ڪٽي اچان ته پوءِ کوٽي ٻاهر ڪڍونس. ڪاڪير هاڻي ته صفا توائي ٿي ويو، سو مات ڪري گڏهه جي ڪنن ۾ هٿ وجهي جهلي ويهي رهيو. چوڪري پوءِ چا ڪيو جو پاسو وٽي گڏهه چوڙي وڃي پنهنجي سنگتين جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ وري پر واري ڳوٺ مان ڪوڏر ڪٽڻ ويو. پٽيان ڪاڪير خيال ڪيو ته جيستائين چوڪرو ڪوڏر ڪٽي اچي، تيستائين آئون چو نه زور لايانس. سو

وڃهي گڏهه جي ڪن ۾ هٿ وڌي جو چڪ ڏنائين تہ ڪن ٻاهر نڪري آيا ۽ پان وڃي ٻڌيءَ پر ڪريو. اتي ڏاڍو ڏک ڏيس ۽ ماڻڙي ڪري ڪلهڙو منهن ڪري ويٺو پنهنجي قسمت تي روئڻ. ايتري ۾ ڪوڏر ڪٽي اچي ڏسي تہ ڪاڦير ڪلهڙو منهن ڪيو ويٺو آهي. ايندي سان پڇائينس تہ: چاچا! هي چا؟ ڪاڦير جواب ڏنو تہ: ابا! سون گڏهه کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چڪ ڏني تہ ڪن پٽجي آيس. باقي گڏهه تہ هيٺ رهجي ويو. ڇوڪري ڇيو تہ: چاچا! اها تنهنجي قسمت، هاڻي پنهنجي الله واهي! ائين چئي سوٽي وڃي پنهنجي دوستن سان ملیو. ڪاڦير ويچارو گهيٽو ۽ گڏهه وڃائي، ڪائين ماڻ ڪجهه پنهنجي ڪلهي تي ۽ ڪجهه اتي ڇڏي پنهنجي وات وڌي رسندو رهيو.

هوڏانهن چار چور ۽ ڇوڪرو هلندي هلندي اچي ڪنهن شهر ۾ پهتا. اتي ڪين ٻڪ ٻ اچي لڳي، سو سڀني صلاح ڪري ڇيو تہ: ڇوڪرا! تون اسان ۾ ننڍو آهين، تنهنڪري بازار مان وڃي ڪجهه وڌي اچ تہ ڪائون. ڇوڪري ڇيو تہ: حاضر. اڇهو ٿو وڌي اچان. سو چٽني کي هڪڙيون جي هيٺان ونهاري، اڳتي هليو. هڪڙي هٽ ڏسي تہ ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا آهن. ۽ هڪڙو ماڻهو انهن ۾ پئسا پيو ورهائي. ڇوڪري خيال ڪيو تہ واهه جو سڻائو موقعو آهي. چونہ اتي ڪو ڏڪ ڪيڊي هلان. سو ماڻهن ڪان پڇيائين تہ: ادا! هي چا جا پئسا پيا ورهائجن؟ ڪنهن ٻڌايس تہ: ادا! هيءَ سيٺ ٻنين جاءِ ٿو ٺهرائي. اسين سڀ وٽس مزور ٿا ٻيهون. سو اڄ اڳوات ڪاڌي پيتي لاءِ پئسا پيو ڏئي. ڇوڪري دل ۾ ڇيو تہ. واهه! ڳالهه ٺهي وئي. سو يڪدم سيٺ ڪي چيائين تہ: سيٺ صاحب! اسين پرديسي

آهيون ۽ ٻن ڏينهن کان وڻي لنگهڻا آهيون. تنهنڪري مهرباني ڪري اسان کي ڪم تي ٻيهار ۽ ڪجهه پئسا ٻه ڏي ته پيٽ قوت لاءِ ڪجهه وٺون. سيٺ چوڪري ڏي ڏسي چيو ته: گهڻا ڇڻا آهيو؟ چوڪري وراڻي ڏني ته: سائين! اسين پنج ڇڻا آهيون. هڪڙو آڻون ٻينو آهيان ۽ باقي چار ڇڻا هو پريان ويٺا آهن. سيٺ چيو ته: انهن کي ٻه سڏ ڪر ته کائڻ پچان. چوڪري چيس ته: سائين! اسين پنجئي ڀائر آهيون ۽ سڀئي ڏنڊي ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون. ائين چئي هڪل ڪري چئني ڇڻن کان پڇيائين ته: اوهان جي ٻه وٺان نه؟ چئني چورن جي خيال ۾ ته چوڪرو پڇي ٿو ته اوهان جي مانيءَ ٻه وٺان. سو چيائون ته: هائو هائو، اسان لاءِ ٻه وٺ. سيٺ چيو ته: نيڪ آهي. ٻڌاءِ گهڻا پئسا ڏيانو؟ چوڪر جواب ڏنو ته: ويهه ويهه رپيا هڪ هڪ کي ڪپن. سيٺ هڪ سؤ رپيا پنجئي ڇڻن جا گڏي چوڪري کي ڏنا ۽ چيائين ته: هن ماٺهوءَ سان گڏجي وڃي ڪم تي ڇڪهو. چوڪري سيٺ کي چيو ته: ٿوري دير ترسو، هو همراهه ويٺا آهن ته آڻون رکو مانيءَ وٽي اچان ته پوءِ ٿا وڃون. ائين چئي چوڪرو ته دڪان تان لهي پنهنجي وات وٽي رسندو رهيو ۽ هو چارئي چور آتي مانيءَ جي آسري تي ويٺا رهيا. جڏهن گهڻي دير گذري تڏهن سيٺ هنن چئني کي چيو ته: ميان! هاڻي هلو ڪم تي. چارئي چور وائڙا ٿي ويا، ته سيٺ چئي ڇا ٿو ۽ ڪم ڪهڙو! سو هن کان پڇيائون ته: سيٺ صاحب! ڪهڙو ڪم ٿو چئين؟ سيٺ چين ته: اها! پڪائي ڇڏيو، چوڪرو هڪ سؤ رپيا مزوريءَ جا اڳواٽ وٺي ويو آهي، هاڻي اٿو هلي ڏلها ڪٽو. اتي چورن جا طاق لڳي ويا ۽ سيٺ کان پڇڻ لڳا ته: سيٺ صاحب! چئين ڇا ٿو،

اسان کڏهن توکان اڳواٽ مزوري ورتي. اتي سيٺ کاوڙجي چيو تہ: توهان کونہ چيو هو تہ چوکري کي پلي ڏي، هاڻي وري ڦري ٿا وڃو. توهان جي چڪائي انهي ۾ آهي تہ هلي پنهنجي کم تي چڙهو. اتي هوسجي ٻالهہ سمجهي ويا تہ چوکرو اسان سان اهڙا جٽ کري ويو آهي. سو کاوڙجي چيائون تہ: چوري اسان سان ويساهہ گهاتي کئي آهي، پر اسين ب کيس چڏڻ وارا کونہ آهيون. پر هاڻي وٽن سؤ رپيا هٿائي کين تنهنکري لاچار چار ئي چٽا مٿي ب مات کري وڃي کم تي چڙهيا. سڄسان سڄسي کجهہ ڏينهن کم کرڻ کان پوء قرض وارا سؤ رپيا لاٽائون ۽ سيٺ کان موکلائي اٽي چوکر جي گولا ۾ نکتا تہ کيئن ب کري اهو ور چوکري کان ضرور وٺنداسين.

هوڏانهن چوکرو ب سؤ رپيا کٽي منهن کري اٽي هکڙي پاسي هليو. هن کي اها ب اڻ تڻ هئي تہ ضرور چارئي چٽا مونکي گولڻ لاء نکرندا، تنهنکري هو وڏيک هوشياري سان رهڻ لڳو. هکڙي ڏينهن هي وات وٽيو پئي آيو تہ رستي تي هکڙي چتي گدڙي گڏيس. جنهن هن کي ڏسي هکدم مٿس روڙ کري کاهہ کئي. چوکري ب هکدم ٽپا کئي هم نکا کئي ٿم. وجهندي پچ ۾ هٽ وٽي زوم مان گداڙي کي چوڏاري ڦيرايائين ۽ وري کٽي زمين تي سٽيائينس. هک ب پيرا ائين کرڻ سان گداڙي صفا مري ويئي. اوچتو جو پريان ڏسي تہ رستي تان هکڙو ماڻهو پلي گهوڙي تي چڙهيو پيو اچي. هن دل ۾ چيو تہ خدا کٽي گهر ويٺي گهوڙو ڏياريو آهي، سو هکدم کيسي ۾ جيکي سؤ رپيا هٿس تن مان کجهہ رپيا کڍي کٽي مٽ ۾ جهليائين. پوء

گداڑيءَ کي پڇ ۾ هٿ وجهي ڪڍي ڦيرايائينس. ڦيرائي ڦيرائي ڪڍي جو گداڑيءَ کي پٺ تي ڇڏيائين ته هٿ وارا پيسا ۽ وڃي گداڑيءَ سان گڏ پٺ تي ڪريا. رپين جي جا ڇڻ ڇڻ ٿي ته گهوڑي وارو حيران ٿي ويو.... ۽ گهوڑو بيهاري اهو لقاءُ ڏسڻ لڳو. پر چوڪري ڏانهس ڪو به خيال ڪونہ ڏنو ۽ رپيا ميڙڻ لڳي ويو. گهوڑي واري چوڪري کان پڇيو ته هي ڪهڙو اسرار آهي؟ چوڪري وراڻي ڏني ته: سائين! هي گداڑي مونکي پنهنجي پيءُ ڏني هئي. هن ۾ اهو اسرار آهي جو جڏهن پيسن جي ضرورت پوندي اٿم تڏهن گداڑيءَ کي پڇ کان ونڊي. ڦيرائيندو آهيان ته منجهانئس پيسا ڇڻ ڇڻ ڪري نڪري ايندا آهن ۽ وري ڪمال ۽ اهو ته جيترا پيسا ڪپندا آهن اوترائي نڪري ايندا آهن. گهوڑيءَ واري جو مهڙي ڪرامت واري گداڑي ڏني سو وات ئي پاڻي ٿي ويس. چوڪري کي منٿ ڪرڻ لڳو ته: يار! اها گداڑي مونکي نہ ڏين؟ چوڪري چيس: سائين! آئون پاڻ مسڪين آهيان، منهنجو گذر سفر انهيءَ تي آهي سو آئون ڪٿي ٿو ڏيان؟ آخر جڏهن گهوڑي واري چوڪري کي گهڻو ستايو تڏهن چيائينس ته: چڱو يار! تون مڙس پلو ٿو ڏسجين تنهنڪري ٿو تنهنجي ڳالهه مڃان، هاڻي تون مونکي انهيءَ جي عوض اهو گهوڑو ڏي. گهوڑي واري دل ۾ خيال ڪيو ته پيسن واري گداڑي هوندي ته گهوڑا پيا ۽ ٿي پوندا، سو يڪدم ڪٿي هائوڪار ڪيائين ۽ ٽپ ڏئي گهوڑي تان لهي، چوڪري کان گداڑي ورتئين ۽ چوڪري ۽ چڙهي گهوڑي تي ونئي جو ٽُڪ ڏني ته هوا ٿي ويو.

چوڪري جي وڃڻ کان پوءِ ان شخص کي گداڑيءَ جي آزمودي ويڙ جو خيال ٿيو، سو پڇ کان ونئي ڦيرائڻ لڳس. آخر

ڦيرائي ڦيرائي ڪٽي زمين تي هنيائينس، پر منجهائنس هڪڙي پائي
ب نہ نڪتي. نيٺ پنج ست ڀيرا گداڙيءَ کي ابتا سٻتا ڦيرا ڏنائين
پر وري منجهائنس کي ب ڪين! اتي گهوڙي واريُ جون اکيون
ڪليون تہ نڪجي ويس. سو منهن مٿو پٽي مائڙي ڪري رستي
جي پر ۾ ويهي رهيو. هي اڃا انهن ئي ڳٽين ۾ ويٺو هو تہ
چار ئي چور ب اچي اتي پهتا. حالي احوالي ٽين کان پوءِ چئني
جڻ چيس تہ: اسين پڻ ساڻپائي چوري پڻيان آهيون. هائي تون
ب اسان سان گڏ هل. پوءِ چار چور پنجون گهوڙي وارو چوڪري
جو پيرو ڪٽندا، ماڻهن کان پار پتا وٺندا، گوٺ گوٺ مان رلندا
رلندا ڏَس پچائيندا پئي آيا.

هوڏانهن چوڪرو گهوڙي تي چڙهيو پنهنجي وات وٺيو پئي
آيو تہ رستي تي هڪڙي مائي گڏيس، جنهن کي مٿي تي مکڻ
جي چاڏي هئي. چوڪري دل ۾ خيال ڪيو تہ اڄ تہ مکڻ کو
کائجي. سو گهوڙي جي واڳ ورائي اچي مائيءَ جي پاسي کان
گهوڙو ڪيائين. مائيءَ کي چيائين تہ: اما! تون ضرور بار ڪٽي
ٽڪجي پئي هوندئين؟ هائي اها ماٽي ڏي تہ توکي ڪٽائي
هلان. مائي ب برابر ٽڪجي پئي هئي تنهن يڪدم ڪٽي ماٽي
ڏنئينس. ٿوري پنڌ کان پوءِ مائيءَ پڇيس تہ: ابا! تنهنجو نالو
ڇا آهي؟ چوڪري جواب ڏنو تہ: اما! منهنجو نالو آهي "پڇ تہ
چٽيان". پوءِ چوڪري آهستي آهستي گهوڙي جي وک وڌائي، ۽
ماٽيءَ مان مکڻ ڪڍي کائڻ شروع ڪيائين؛ مائي پٽيان گهٽئي
رڙيون ڪيون: ابا! پڇ تہ چٽيان، او ابا پڇ تہ چٽان! تڏهن هن
گهوڙو ٽوريو ڊرو ڪيو. مائي اڇي چيس تہ: ابا! پڇ تہ
چٽيان! ماٽي مونکي ڏي. مائيءَ جو ايترو چوڻ ۾ چوڪري جو ماٽيءَ
کي پٽ تي اڇلائڻ، چيائينس تہ: اڇي، ماٽي پڳي پئي اٿئي. هائي

ويڻي مڪڙ چٽ. اهو حال ڏسي مائي ننهن مٿو پٽڻ لڳي، پر هو گهوڙو ڊوڙائي رفو چڪر ٿي ويو. اڃا اها مائي اتي ئي بيٺي هئي ته مٿان هو چار چور ۽ پنجون گهوڙي وارو به اچي اتي نڪتا. هنن ڪانئس روٽڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي مائي ٻڌاين ته: هنڙن پارن واري چوڪري ننهنجي ماڻي به پگهي ۽مڪڙ به ڪاڻي ويو آهي. اهو ٻڌي چورن چيس ته: نانيِ! اسان سان به اهو چوڪرو ڳجهي ڪري ويو آهي، اسين به سندس. پٽيان پيا وڃون جي ٿون هلين ته صلاح اٽئي. مائيءَ خيال ڪيو ته پڪ هي ڇڳا مڙس آهن سو سندن ڳالهه سڃائين ۽ اها به انهن سان گڏجي اڳتي روانيِ ٿي.

هوڏانهن وري اهو چوڪرو گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو ته ڏسي ته هڪڙي زال هڪڙي ننڍي نيٽي چوڪريءَ کي پاڻ سان گڏ وٺيو پنڌ ستيندي پئي وڃي. چوڪري جو انهن کي ڏٺو سو دل ۾ خيال ڪيائين ته: واهه! الله سائينءَ ڪٽي اڇي پٽ ۾ ڪنوار ڏياري آهي. سو گهوڙو وڌائي اڇي مائيِ ۽ چوڪريءَ جي ڀر ورتائين. اوپارين لهوارين خبرن کان پوءِ مائيءَ کي چيائين ته: امڙ! اوهين ٻئي ٽڪجي پيون هوندیون، ۽ آئون به اوهان جو ڇوڪو آهيان. هاڻي واري واري تي هڪڙي ڇٽي گهوڙي تي چڙهي هلي ته اڳيرو ڪري ڇڏيانو. چوڪري جا واقعي ٽڪجي پئي هئي، تنهن ڀڻ ماءُ کي چيو ته: آئون ته ٽڪجي پئي آهيان ۽ پهرين آئون چڙهي ٿي هلان. مائيءَ چيس ته: ڀلي. بس پوءِ ته چوڪري گهوڙو ٻيهاري چوڪريءَ کي ڪٽي پٽيان ٻيلهه چاڙهيو. اتي مائيءَ چوڪري کان پڇيو ته: ابا! تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چوڪري جواب ڏنس ته: اما! منهنجو نالو "گهر نائي" آهي. ٿوري پنڌ کان پوءِ چوڪري گهوڙي

ڪي ٿورو ٿورو تڪو هڪليو. تنهن تي مائيءَ هڪل ڪيس ته : ابا گهر نائي! ٻيهر ته گڏيا ٿا هلون. ڇوڪري وراڻي ڏنيس ته : امڙ! آئون ڇا ڪريان، گهوڙو آهي اهڙو سو جهلڻ سان جهلجيئي ڪونه ٿو، هاڻي آئون هلي ٿو هن اڳئين ڳوٺ وٽ ٻيهان ۽ تون هري هري هلي اچ ته پوءِ توکي چاڙهيو ٿو هلان. تنهن تي پوڙهيءَ چيس ته : ابا! ڇڪو. ائين چئي ڇوڪري ونئي گهوڙي ڪي تيز ڪيو.

جڏهن مائي آنهيءَ ڳوٺ ۾ پهتي تڏهن ڏسي ته نہ آهي گهوڙي وارو ۽ نہ آهي سنديس ڏيءَ. اتي ونئي گهوڙا گهوڙا ڪيائين. ڪيس رڙيون ڪندو ڏسي مائهن اچي پڇيس ته : مائي ڇو ٿي رڙيون ڪرين؟ مائي کين ٻڌايو ته : ابا! گهر نائي مون سان دولاب ڪري، منهنجي ڏيءَ ڪٽي ويو آهي. مائهن اچي ورايس، چي : مائي! انهيءَ ۾ رڙين ڪرڻ جي ڪهڙي گالهه آهي، هو پنهنجو حق ڪٽي ويو آهي. هاڻي نانڙي ڪري وڃي ويهي رهه. هن مائهن کي گهڻو ئي ٻڌايو پر مائهن سندس هڪ به نہ ٻڌي. لاچار ويچاري مائي پٽي نانڙي ڪري ويهي رهي.

ايترين نگين ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪري خيال ڪيو ته هاڻي ڪنوار ٻه ملي آهي، نانڙي ڪري شادي ڪري ويهي رهان. سو هڪڙي ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪچي جاءِ جوڙي ويهي رهيو. ڪيس هر وقت اهو ٻه ڊپ هوندو هو ته ٻيا ته ٿيهو پر چار چور منهنجي جند ڪونه ڇڏيندا، ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن اچي سهڙندا. سو هڪڙي اٽڪل رڻي تير ڪمان ناهيائين ۽ زال کي چيائين ته: جيڪڏهن چور اچن تہ کين ڇڄجان۽ ته آئون شڪار ڪرڻ ويو آهيان. پوءِ چار پنج تتر مُلهه ونئي، انهن جا ڪنب ڇڄي هڪڙي ڪُنديءَ منجهه وجهي

زال ڪي سمجهائي چڏيائين ته آئون جنهن وقت توڪان پڇان ته: تتر ڪُندي‌ءَ ۾ آيا آهن. تڏهن تون بيپرواهي‌ءَ سان جواب ڏجانءِ ته الائي ڪجهه ڪڙڪو ته آيو پئي. ائين سمجهائي چوڪرو باهر نڪري ويو. قدرت خدا جي سان انهي‌ءَ ڏينهن چور، گهوڙي سوار ٿي مائي پچائيندا پچائيندا اچي آتي نڪتا. ڪيس سڏ ڪيائون، مائي نڪري آئي جنهن چيو ته: ادا! باهر شڪار ڪرڻ ويو آهي. چور به ويٺا هٿا سڙيا، تن چيو ته: شڪار تي ئي هلي هٿ ناريونس سو يڪدم انهي‌ءَ طرف روانا ٿيا. ٿورو پنڌ اڳتي هليا ته چوڪرو ملين، جيڪو ڏسن ته هوا ۾ تير ڦيو اڇلائي ٿو چئي ڦيو ته: ڇهُو تتر گُندي‌ءَ ۾. چور هن کي ائين ڪندو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. ڪين چوڪري جون جئيون جڏ وسري ويون، سو ڪانئس پڇڻ لڳا ته: هي ڇا ڦيو ڪرين؟ چي: ادا! گهر ۾ ڦيو ٻوڙ ڪونهي ٻه ڇار تتر ٿو ماريان. چورن چيس ته تتر ڪٿي آهن؟ جواب ڏنائين ته: ميان! تتر ته پاڻهي گهر پهچي ويندا. ائين چئي هڪڙي پاسي تير هڻي هڪل ڪيائين ته: اڇهو تتر گندي‌ءَ ۾. اهڙي‌ءَ طرح ٻه چار تير هنيائين ٿو هر ڀيري اڇهو تتر گندي‌ءَ ۾، چوندو رهيو. چورن ڪي ڏاڍو اچرج لڳو، چي: يار! پهرين هن جي اها استادي ڏسون، پوءِ ٿا ساڻس حساب ڪتاب ڪريون. اهو خيال ڪري ڪيس چيائون ته: يار! اسان کي به هلي ڏيکار ته تتر گهر ڪيئن پهتا آهن! هن چين ته: پلي هلو. سو چور هنسان گڏجي سندس گهر آيا. چوڪري اچڻ شرط زال کان پڇيو ته تتر گهر پهتا؟ زال بيپرواهي‌ءَ سان چيو ته: الاجي ڪڙڪو ته آيو پئي. جان ڪٽي گندي‌ءَ ۾ ڏسن ته سچ پچ تتر پيا آهن. چورن انهي‌ءَ ڳالهه بابت هن کان پڇيو، جنهن تي هن ٻڌايو ته: اها ڪرامت سڄي هن ڪمان ۾ آهي. چورن کي اچي

لڳي تہ ، اها ڪمان ڪنهن نہ ڪنهن طرح هٿ ڪجي . تن ڪيس چيو تہ: ادا! اها ڪمان اسان کي ڏيار. چوڪري چيو تہ: ادا! انهيءَ ڪمان تي تہ منهنجو گذارو آهي ، پر جي اوهان نٿا مڙو تہ چار سؤ رپيا ڪٿي اچو. چورن خيال ڪيو تہ چئن سون ۾ هڙي شيءَ تماه سستي آهي ، سو چئني جڻن گڏجي صلاح ڪري پهرين تہ گهوڙي واري ءَ مائيءَ واري مائي کي چيو تہ : هائي توهين موٽي وڃو ، اسان هن ڏان پاڻهي حساب ڪتاب ونداسين. هنن کي روانو ڪري پان چار سؤ رپيا ڪٿي ، گهرن ۾ گنديون صفا ڪري رکي سڏو چوڪري وٽ آيا ، ءَ ڪيس چارسؤ رپيا ڏئي ، تير ڪمان وٺي واپس موٽيا . رستي تي خيال ڪيائون تہ چو نہ ڪمان کي آزمايون ، سو انهيءَ مهل هڪڙي جٹي تير ڪمان ۾ ڪشي هوا ۾ هڻي چيو تہ : چهو تتر گنديءَ ۾ . ائين تيرن مٹان تير هڻندا اچي پنهنجن گهرن پيڙا ٹيا ، ءَ پنهنجن زالن کان پڇيائون تہ : تتر گنديءَ ۾ آيا؟ سندن زالون کي هيون چيڙاڪ سي سندن اهڙي اجائي گالهہ ٻڌي ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويون ، چي : مٹا هيڙا تهڙا ڪڏهن گندين ۾ ۽ تترا آيا! پر هنن کي ويساهہ ئي نہ اچي . وڃي جو ڪٿي گنديون کولين تہ جهڙيون چڏي ويا هٹا تهڙيون ئي خالي پيون هيون ... بس پوءِ تہ چار ئي سڙي پچي ويا . چي : چورو وري ۽ نڪي ويو ، هائي ڪيس اصل ڪونہ چڏينداسين. انهي مهل ئي چار چٹا چوڪري کي گهٽ وڌ گالهائيندا روانا ٹيا .

چوڪري کي تہ آڳئي انهيءَ گالهہ جو خيال هو تہ هو وري ۽ ايندا ، سو چا ڪيائين جو هڪڙو چيلو ڪهي ان جو نڙ گهٽ رت سان پري ڪٿي زال جي ڪچي ۾ ٻڌائين ءَ سمجهائي چڏيائينس تہ جڏهن چور اچن تڏهن تون مون سان جهيڙو ڪٿي

سڃائجان ۽ سالي پچائڻ کان ناڪار ڪجئين. پوءِ آئون ڪاوڙجي توکي ڪاتيءَ سان ڪهندس، جڏهن تو تي ڪاتي وهايان تڏهن تون گرڙاٽ ڪري چڙيون هٿي، چپ ماري سمهي رهجانءِ. پر وري جڏهن ڪاتي مار ڪاتي جيار چئي آٻتي ڪاتي ڦيرايان، تڏهن ڪلمون پڙهي آٿي وهجانءِ. جهٽ ڪاڻ گذري ته چار ئي چور اچي پهتا ۽ پري کان ئي مٿس آلرون ڪرڻ لڳا. چوڪري چين ته: ادا! پهريائين اچي ماني ڪائو، پوءِ جيئن توهان کي وڻي تيئن ڪجو. چورن کي لڳي هئي ٻک سو خيال ڪيائون، ماني ته ڪائي وٺون پوءِ هي اسان کان ڪيڏانهن ويندو. ايتري ۾ چوڪري پنهنجي زال کي سڏي چيو ته: رن! منهنجا دوست آيا آهن، اٿي ماني پچائي وڃ. زال چيس ته: ماريا! تنهنجي مهمانن مان آئون ته اڃي ڄاڻي آهيان ۽ روز روز مانيون وٺي پچايان. چوڪرو ڪاوڙ مان اٿيو ۽ يڪدم ڪاتي ڪڍي وڃي زال کي ڪهي چڏيائين. چورن گهٽئي روڪيس پر هي نه مڙيو. زال چڙيون هٿي هٿي سڀئين ٽي سمهي رهي. اتي چور ارمان ڪرڻ لڳا پر هي ويهي ڪلڻ لڳو، چي: يار! اها سزا هن جي هئي. هن کي مارڻ جيارڻ ته منهنجي وس ۾ آهي. جهيڙاڪ زالن لاءِ هيءَ ڪاتي اصل پُڙي آهي. اتي چورن کي به شوق ٿيو ته ڏسون ڪيئن ٿي وري جيئري ٿئي! سو چيائونس ته: پلا هن کي جيئرو ڪر! هن چيو ته: اڇو هي وٺو... ائين چئي يڪدم ڪاتي ڪڍي ڪاتي مار ڪاتي جيار، چئي وڃي آٻتي وهائي. ته جوڙس اٿي ويئي. چور عجب ۾ پئجي ويا. وري کين پنهنجي زالن جي ياد گيري پئي. انهن به هن کي تپائي ماريو هو سو خيال ڪيائون ته انهن کي اهڙي سزا ڏيئي سڌارجي... سو چوڪري کي چيائون ته: ادا! توکي سڀ گناهه

معاف آهي، تون ڪو اسان کي اها ڪاتي ڏي. تڏهن چوڪري چيو تہ: ادا! هاڻي جي اوهانجي اها مرضي آهي تہ پلي چار سؤ رپيا ڏيو تہ ڪاتي ڏيانو. چورن کيس يڪدم چار سؤ رپيا آڻي ڏنا ۽ ڪاتي وٺي سڏو گهر پهتا ۽ هرو ڀرو زالن سان ڪوڏن لڳا. جڏهن زالن ۾ اڃا جواب ڏنن، تڏهن يڪدم ڪيندي ڪاتي هڪڙي هڪڙي کي ڪهي ويهي رهيا. پوء وينا پاڻ ۾ چرچا گهما ڪرڻ لڳا تہ: زنن کي من ڪامت اچي، زنن تپائي ڪنيو هو. گهڻي وقت کان پوء ڪاتي مار ڪاتي جيار چئي زالن تي ابتي ڪاتي ڦيرڻ لڳا، پر هي ويچاريون تہ وڃي رب کي پهتيون هيون. سي ڪيئن اٿن! بس پوء تہ ٻه ٻه وين ڇهه ٻه وين، دل ۾ خيال ڪيائون تہ جي هاڻي چوڪري سان مٽ اٽڪائيندا سين تہ مرندا سين، سو ماڙي ڪري روئي پٽي ويهي رهيا.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوء چوڪري ۾ دل ۾ خيال ڪيو تہ هاڻي چورن سان جند ڇٽي، پيسا ۽ ميڙيم ۽ زال ۽ مائيم، هاڻي هلي ماءُ پيڙو ٿيان. سو گهوڙي تي چڙهي زال کي وٺي اچي ماءُ وٽ پهتو ۽ باقي سڄي عمر آرام خوشيء سان گذاريائون.

—✻✻✻—

ٹنگ جو پُٽ*

هڪڙو هو ٽنگ . جنهن کي هڪ ننڍڙو پٽ ۽ هوندو هو . سندس مرڻ کان پوءِ ان ٽنگ جي زالِ ۽ پٽ اڪيلا رهندا هئا . چوڪري جي ماءُ ويچاري پورهيو ڪارهيو ڪري پنهنجو ۽ پٽ جو پيٽ پئي پالينديِ هئي . مطلب ته ٻنهي ماءُ پٽن جو ڏکيو سکيو وقت پئي گذريو . چوڪرو اڃ ننڍو سڃان وڏو آخر اچي جوان ٿيو . هڪڙي ڏينهن چوڪري ماءُ کي چيو ته : اما ! آڻون وڏو ٿيو آهيان ، پاڻيان ته آڻون ۽ کو ڏنڊو ڏاڙي ڪريان . هاڻي ٻڌاءِ ته ابو کهڙو ڏنڊو ڪندو هو ته آڻون ۽ اهو ڏنڊو ڪريان . ماڻس ٻڌايس ته : تنهنجو پيءُ ٽنگي ڪندو هو . چوڪري چيو ته : جي بابو ٽنگي ڪندو هو ته آڻون ۽ ٽنگي ڪندس . تڏهن ماءُ چيس ته : پٽ ! ٽنگي تنهنجي ڏاڻءُ جو ڪم ڪونهي ، مونکي شڪ آهي ته متان ڪٽي ڦاسي نه پوين . پر هو ضد ڪري ٻيهي رهيو ته : سوڪل ڏينم ته وڃي ٽنگي ڪريان . ٽيٽ جڏهن ماءُ ڏٺو ته هي اصل پنهنجي ڳالهه تان ڪونه لهندو تڏهن هن لاچار سوڪل ڏنس . انهيءَ تي چوڪرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ماءُ کي چيائين ته : بس هاڻي رڳو هڪڙو پلو گهوڙو . سڀا ڪپڙا ۽ ڪجهه ڏوڪڙ ڏي ته آڻون ڏنڊي تي وڃان . ماءُ چيس ته : پٽ ! پاڻ غريب مسڪين ، پاڻ وٽ ڪٽان آيا گهوڙا ، ڪپڙا ۽ ڏوڪڙ ؛ باقي فلاڻو شاهوڪار تنهنجي پيءُ جو سنگتي هو ، ان وٽ وڃ . متان اهو تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهي . ڏس ونئي چوڪرو سڏو ان

---

* ٻيءَ آ ڪاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا ڪان ملي .

امير وٽ آيو ۽ ساڻس حال احوال ڪيائين . سيٺ ڪيس ڏاڍي عزت ڏني ۽ ڪيس ضرورت جون سموريون شيون ڏنيون .

چوڪرو ڪڍڻ جو اهو وڳو پائي ، ماڻ کان موڪلائي ، گهوڙي تي چڙهي هڪڙي پاسي روانو ٿيو . هلندي هلندي اڇي هڪڙي ڳوٺ جي ويجهو پهتو . ان ڳوٺ جي پرسان هڪڙو تلاءُ هو ، جنهن جي چوگرد ساوڪ لڳي پئي هئي ، سو چوڪري دل ۾ خيال ڪيو ته آئون ته ڳوٺ ۾ ڪنهن کي سڃاڻان نه ڪو نه جنهن وٽ وڃي ترسان ؛ تنهن کان سواءِ گهوڙو نه آهي ٽڪل ، تنهنڪري اتي ئي لهي ساهه پتجي . سو اهو خيال ڪري تلاءَ وٽ لهي پيو . هٿ منهن ڌوئي ، گهوڙي کي چرڻ لاءِ ڇڏي ، پاڻ وڃي پاسي واري وڻ هيٺ ويهي رهيو .

قدرت خدا جي سان اهو ڳوٺ ڪو ڪڍن جو هو . ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪڍن جون سؤ کن زالون دلا مٽي تي ڪٽي پاڻي پرڻ آيون . زالن جو ڏسو ته هڪڙو چوڪرو ڪڍڻ لٽن ٽهيل وڻ هيٺان ويٺو آهي . سو هڪٻئي کي چيائون ته: ادي ! چوڪري کي ههڙا اڇا ڪپڙا پيل آهن ، گهوڙو به اٽس ، سو ڏوڪڙ به ضرور هوندس . پوءِ يڪدم موٽي ويون ۽ گهر وڃي پنهنجن مڙسن کي ٻڌايائون ته ههڙن پارن سان هڪ چوڪرو گهوڙي سميت تلاءُ تي ويٺو آهي ، هاڻي وارو ڪريوس ۽ وڃي ڪيس پاسو ڏيو . ڪڍن کي جو گهر ويڻي شڪار ملیو . سو پاڻ ۾ صلاح ڪري ، بن تن ڇڻن کي موڪليائون ته وڃي چوڪري کي دعوت ڏيئي هتي وٺي اچو . به تي ڇڻا تلاءُ ڏانهن روانا ٿيا ۽ اڇي ڏاڍيءَ حب سان چوڪري کي مليا . سلام دعا کان پوءِ ڪيس پاڻ وٽ هلي رهڻ جي دعوت ڏنائون . چوڪري کي ته رهڻي رات هئي . سو يڪدم

سڀني سندن دعوت قبول ڪيائين ، ۽ هنن سان گڏجي گوٺ ڏانهن روانو ٿيو. گوٺ ۾ پهچڻ تي ٻين ٻڌن ٻ هن جي چڱي آدرياءُ ڪئي ، سڀني کيس ڏاڍيءَ حب سان ملايا ۽ کيس عزت سان اوطاق ۾ هڪ ڪٽ وڇائي ڏنائون .

آخر جڏهن رات ٿي ۽ ماني ٽڪي کائي اڇي ڪچهري ڪرڻ ويٺا ، تڏهن ٻڌن هن کي چيو تہ: ادا! اڄ پاڻ شرط رکنداسون ، پوءِ جي شرط اسان کٽي تہ تنهنجو گهوڙو ۽ ٽپڙ اسين کٽنداسين . جي تو شرط کٽي تہ پوءِ اسين توکي ايترا ٽپڙ پري ڏيندا سين . چوڪري ڏٺو تہ هي آهن گهڻا همراهہ ۽ آڻون آهيان هڪڙو ، سو جي انڪار ڪندس تہ ٻ ٽپڙ ڦري وڃندا ، تنهنڪري هنن جي ڳالهہ هوند ٻ ٻڌي پوندي ، سو لاچار هائوڪار ڪيائين. تڏهن ٻڌن چيس تہ: پاڻ سڀئي هڪٻئي کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون جي ٻڌل يا ڏنل نہ هجن ، جي ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌل يا ڏنل نڪتي تہ ان شرط هارائي . تڏهن چوڪري چيو تہ: چڱو سونڪي قبول آهي .... پهرين توهين کا ڳالهہ ڪريو . تنهن تي هڪڙي ٻڌ هيءَ ڳالهہ شروع ڪئي تہ : اسان جي گوٺ جي پرسان جيڪو ڊورو آهي ، اتان اڳي تمام وڏو درياءُ وهندو هو . درياءُ جي ڪپ تي جيڪي ٻ هيڻ جا وڻ آهن ، سي سڀ اسان پوکيا آهن . جڏهن هيڻ جو فصل تيار ٿيندو آهي ۽ ڪاڙهو ٿيندو آهي ، تڏهن هنن هيڻن مان ايترو تہ تيل نڪرندو آهي جو هي درياءُ وهڻ لڳندو آهي ، ۽ ڪيترن ملڪن مان وهندي وڃي سمنڊ ۾ پوندو آهي . انهيءَ ڳالهہ جي ڪا توکي خبر آهي؟ چوڪري چيو تہ: ها ادا! سچ ٿو چئين انهي ڳالهہ جي سونڪي خبر آهي ؛ ۽ اهوئي درياءُ آهي جيڪو اسان جي گوٺ جي پرسان ٻ لنگهندو آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان

وٽ دڪان تان ڪو تيل وٺي ڪونہ! سيڪو ضرورڻ آهر انهيءَ نديءَ مان تيل ڪٽندو آهي. اها تہ مونکي بہ خبر آهي، باقي بي ڪا عجيب گاله ٻڌايو. نگن ڏنو تہ هي شرط تہ اسان هارائي سو چوڪري کي چيائون تہ هاڻي تنهنجو وارو آهي، تنهنڪري تون ڪا گاله ڪر. تڏهن چوڪري وري هيءَ گاله شروع ڪئي:

آئون پنهنجي پيءُ جو دادلو پٽ آهيان، سو انهيءَ لاڏ جي ڪري مونکي هڪ سؤ زالون پرٽايائين. هڪڙي ڏينهن منهنجون سموريون زالون ڪيڏانهن گهمڻ ويون تہ اوچتو اهڙو تہ واچوڙو اچي لڳو جو انهن سڀني کي اڏائي الاجي ڪيڏانهن ڪٽي ويو. آئون ڏاڍو ڏڪيس. نيٺ انهن جي ڳولا ڪندو ڪندو اچي تلاءُ تي پهتس. اتي ڏٺم تہ ڪي سؤ زالون پاڻي پيون پرين؛ ڏسان ڪٽي تہ اهي ئي ساڳيون سون واريون سؤ زالون بيٺيون آهن. ٽوهان جي مهرباني جو هنن کي منهنجي اچڻ تائين ترسايو آٿو.... هائي اهي مونکي ڏيو تہ موٽي ڳوٺ وڃان. نگن جا ٽپ ئي ٺري ويا، جي ٽا چون تہ اها گاله اسان جي بدل آهي تہ چوڪري کي زالون ٽيون ڏيٽيون پون، پر جي ٽا چون تہ، اسان کي انهي گاله جي خبر ڪانهي، تہ شرط ٽا هارائين. پر پهرين گاله تہ ڏکي هئي، تنهنڪري ويچارن چيو تہ: بابا! اها گاله اسان جي برابر بدل ڪانهي؛ اسان شرط هارائي. پوءِ تہ چوڪري کي شرط ۾ رکيل ٽپڙ ڪٽي ڏنائون. دل ۾ تہ گهٽي سور ٽين تہ هڪڙو چوڪرو اسان کان ٽپڙ ڪٽيو پيو وڃي، پر حال ڪٽي صبر ڪيائون.

صبح جو سويرَ چوڪرو نگن کان موڪلائي، ڪٽيل ٽپڙ ڪٽي خير سان اچي ماءُ وٽ پهتو. ڪيس پڪ هئي تہ اهي نگ ويرَ تہ ضرور وٺن ايندا. اتي هڪڙي اٽڪل سڃهي آيس، سو ڇا

ڪيائين جو جهنگ مان ٻه سها وڃي ڦاسائي آيو. هڪ ڪي گهر ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ ٻئي ڪي پاڻ سان گڏ وٺيو پيو هلندو هو. نڱن جي ٻه روز پيو خبر وٺندو هو ته ڪڏهن ٿا اچن.

هڪڙي ڏينهن ڪيس خبر پئي ته شام جو نڱ ايندا آن ڏينهن هن چا ڪيو جو ماءُ ڪي چيائين ته: اڄ شام جو سؤ ماڻهن جي مانيُ تيار ڪري رکج. ائين چئي پاڻ وري سهو پاڻ سان وٺي ٻنيءَ تي روانو ٿيو. سڄ لٿي مهل ڏسي ته پريان نڱ پيا اچن. هي ٻه ٽوڙو اڳتي وڃي، ڏاڏيءَ جب سان ڪين ملیو ۽ سينهن ڪي وٺي ان ٻنيءَ ۾ هڪ وڻ هيٺان اچي وهاريائين. سلام ڪلام ڪان پوءِ ڪين چيائين ته: ڪجهه وقت اتي ساهي ڪٽو ته پوءِ گهر ٿا هلون. وري سهي ڪي چيائين ته: اڙي سها! اسين ٽوري دير ڪان پوءِ اچون ٿا، تون تيسين اڳ ۾ هلي منهنجي ماءُ کي چئو ته اڄ سؤ مهمان آيا آهن، تن جي مانيُ تيار ڪري رکج. ائين چئي سهي جي ڳچيءَ مان رسي ڪڍي، سهي کي ڪٽي ڇڏيائين. سهو ته هو جهنگلي، سو الاجي ڪيڏانهن ڀڄي ويو. نڱن ڪي ڏاڏو عجب لڳو ته سهو ڪيئن ٿو وڃي مانيُ تيار ڪرائي.

مُنهن سير مهل چوڪري نڱن ڪي‌چيو ته: هاڻي رات ٽيڙ واريَ آهي، هلو ته گهر هلي ڪو آرام ڪريون. آخر سيئي اچي چوڪري جي گهر پهتا. مانيُ ته اڳ ۾ ئي تيار هئي، سو يڪدم سينهن ڪي هٿ ڏئاري مانيُ ڪارايائين. پر نڱن ڪي اهائي اڻ ٽڻ ته اهو سهو ته ماڻهن کان ٻه چڱو... سو پيا ان سهي کي ڏسن جيڪو اڳئي گهر ۾ ٻڌو پيو هو. پاڻ ۾ چيائون ته: پاڻ ٻاويل سويل، پيا ٻاهر اچون وڃون، جو ڪڏهن گهر اويل ٿا پهچون ته زالن کي مانيُ پچائڻ جي وري تڪليف ڪرڻي پوندي آهي.

تنهنکري. چو نہ اهو سهو پاڻ هن کان وٺون؟ اويل سويل لاءِ پيو کم ايندو. سيني ٽکن اها گالهہ قبول ڪئي: آخر ماني ٽکي کائي رات جو ڪچهري ڪرڻ ويٺا، تڏهن ٽکن چوڪري کي چيو تہ: يار! اهو تنهنجو سهو تہ اسان کي ڏي. چوڪري چيو تہ: هيلي! سهو اويل سويل پيو مونکي کم اچي، تازو اڄ ہ توهان ڏنو، سو اهڙو سمجهو ۽ ڪمائتو سهو آئون ڏيئي ڪونہ سگهندس؛ باقي پيو سر گهرو تہ ہ حاضر آهي. تڏهن ٽگ وري کيس منٽون ڪرڻ لڳا ۽ چيائونس تہ: يار! اسين تنهنجو ٽورو ہ ٽا ڪٽون ۽ پيسا ہ جيڪي چوين سي توکي ڏيون، پر اهو سهو اسان کي ڪيئن ہ ڪري ڏي. چوڪري ہ ڏنو تہ هاڻي دام ۾ ڦاٽا آهن سو چيائين تہ: ادا! سهو تہ اڳ ہ ڪيترن مون کان گهريو پر مون ڪونہ ڏنو، پر هاڻي توهان سان انڪار ہ نٽو ڪري سگهان، چو جو جهونا سنگتي آهيو، متان دل ۾ ڪريو. هاڻي هيئن ڪريو جو هڪ هزار رپيا ڏيو ۽ سهو وٺي وڃو. مونکي تڪليف تہ گهڻي ٿيندي، پر پلي توهان کي ڪسر هجي. هن ٽگن کي ہ ٻيٽو هو شوق، سو هزار رپيا ڏيئي چوڪري کان سهو ورتائون.

صبح جو ٽگ چوڪري کان موڪلائي، سهو پاڻ سان وٺي پنهنجي گوٺ روانا ٿيا. گوٺ ڪجهہ پرپرو هو ۽ سڄ اچي لهڻ تي ٿيو، سو پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ، پاڻ شايد دير سان گوٺ پهچون، تنهنکري سهي کي اگواٽ موڪلجي تہ وڃي گهر ٻڌائي پنهنجي مانيءَ جو بندوبست ڪرائي ڇڏي. اها صلاح ڪري سهي کي چيائون تہ: تون اڳ ۾ هلي اسان جي گهر خبر ڏي تہ اسان جي ماني تيار ڪري رکن. ائين ڇٽي سهي جي ڇڇيءَ مان رسي ڪٽي ڪڍيائون. هن جي ليکي تہ هاڻي سهو پاڻهي وڃي خبر ڏيندو؛ پر سهو تہ جيڏانهن جو هو وڃي اوڏانهن جهنگ

۾ نڪتو. جڏهن نڱ گهر پهتا ، تڏهن ڏسن ٿا نہ ڪا مانيءَ نہ ڪا ٽڪي ، زالون آهن سي نند ۾ ستيون پيون آهن! سينيءَ کي آٽاريائون ۽ پڇيائون ٿا : مانيءَ چو نہ پچائي اٿوَ ؟ تڏهن زالن چيو ٿا اسان کي ڪهڙي خبر ٿا اوهين ڪڏهن ايندا؟ نڱن چيو ٿا: اسان سهي جي هٿان چوائي موڪليو هو ، تنهن نياپو ڪونہ ڏنو چا؟ زالن چيو ٿا: مت ٿا ڪاڻ ڪٽي اٿو ، ڪهڙو سهو ڪهڙو نياپو ؟ اتي نڱن کي پڪ ٿي ٿا چوڪرو نڱي ويو. هاڻ ڏاڍي ڪاوڙيل ، چي : چوڪري ڪان حساب ٿا ضرور وٺبو پر پلي ڪو وجهه ملي!

هيڏانهن چوڪري کي ٻ ڪتڪو لڳو پيو هو ٿا نڱ ويو ضرور وٺڻ ايندا ، پر هن پيري مارڻ ڪان سواءِ اصل ڪونہ ڇڏيندا. سو اڳ ۾ ئي اٽڪلون سوچڻ لڳو. آخر هڪڙي اٽڪل سمجهه ۾ آيس ، سو ماءُ کي چيائين ٿا : هاڻي جڏهن اهي نڱ اچن ، تڏهن آئون هن وڏي ڳندي۽ ۾ لڪي وڃي ويهي رهندس ۽ تون ويهي روئج . جي هو پڇن ٿا ڇئجئين ٿا ، ٿي ڏينهن ٿيا آهن جو منهنجو پٽ مري ويو آهي ، پر لاش کي دفن ڪرڻ واري ڪا پهر ئي ڪانهي ، لاش ڏپ ڪري وبو آهي تنهڪري هن گندي۽ ۾ وجهي ڇڏيو اٿم ، ماءُ چيس ٿا : ڇڪو ابا! جيڪا تنهنجي مرضي .

آخر ٻئي چوٿين ڏينهن نڱ ٻ ويرِ وٺڻ لاءِ اچي نڪتا . چوڪرو نڱن کي پري کان ايندو ڏسي ، هڪڙي ٽکي ڪاتي ڪڍي گندي۽ ۾ ٽپي پيو. جڏهن نڱ اچي هن جي گهر وٽ پهتا ٿا چوڪري جي ماءُ يڪدم ويٺي ،ئي . نڱن پڇيس ٿا : چو ٿي روئين؟ چيائين ٿا: ابا! منهنجو پٽ ٿيو ڏينهن گذاري ويو آهي پر ڪا پهر ڪانهي جا سندس لاش دفن ڪري . هاڻي لاشو ڏپ ڪري ويو آهي، سو ڪيئن هن گندي۽ ۾ وجهي ڏيڪ ڏيئي ڇڏيو اٿم.

جي اعتبار نہ اچيو ته ڪٽي گنديءَ جو ڏڪ لاهي ڏسو. تنهن تي هڪڙو ٻگ اٽيو ۽ گنديءَ تي چڙهي، ڏڪ لاهي اندر جاچڻ لڳو. پر جيئن ته اندر هئي اوندهہ گهٽي، سو پوٺ اندر وڃهي ڪجهہ هيٺ پرو ٽيو. ٻگ جو هيٺ نوڙڻ ۽ چوڪري جو ڏڪ هٽي سندس نڪ ڪپڙ. هن ٻگ خيال ڪيو ته جي سنگتين سان ڳالهہ ڪندس ته سڀ مون تي ڪلندا، تنهنڪري پلي ته سڀ مون جهڙا ٿين. سو يڪدم نڪ کي هٿ ڏيئي، هيٺ لهي، منهن ٻئي پاسي ڪري چوڻ لڳو: مار ڏاڍي ڪني ڏپ آهي! تڏهن ٻين ٻگن چيس: اسان کي ته ڪا ڏپ ڪانہ ٿي اچي، تون ڪيئن ٿو چئين ته ڪني بانس آهي؟ تڏهن نڪ ڪپيل ٻگ چيو ته: هتي ويجهو اچي ڏسو، کي پري ٻيٺا هوندا ته ڪيئن ڏپ ايندي؟ تنهن تي وري انهن مان هڪڙو ٻيو اٽي گنديءَ ہر جاچڻ لڳو. چوڪرو ته تيار وينو هو، سو هٽي آن جو ٻ نڪ وڌي وڌائين.

هن ويچاري کي ٻ نڪ ڪچڻ جي ڳالهہ سنگتين سان ڪرڻ ڪان ٿي ڦڪائي، سو هيءُ ٻ ڏپ جي ڳالهہ ڪري مات ڪري منهن ڦيرائي ٻيهي رهيو. اهڙيءَ طرح واري سان سيڻي گنديءَ ہر نهارڻ آيا ۽ خير سان چوڪري ٻ سيني جا نڪ وڌي چڌيا. سيڻي ٻگ هڪٻئي ڏي ڏسڻ لڳا. چا ڏسن ته سيڻي جا نڪ وڌيا پيا آهن! تڏهن سڀ مات ہر پئجي ويا. نيٺ هڪٻئي کي چيائون ته: هاڻي هن سان ڪهڙو مقابلو، هن اسان جو نڪ ٿي وڌي چڌيو آهي. پوء ويچارا مانڙي ڪري جتان آيا هئا اوڏانهن موٽي ويا ۽ وري چوڪري سان ڪونہ ڪوٺسيا. چوڪرو ٻ ٻگيءَ کان سدائين لاءِ چڌي، پورهيو ڪري وقت گذارڻ لڳو.

غفور چوکرو*

ڪنهن ڳوٺ ۾ "غفور" نالي هڪڙو چوڪرو رهندو هو. هن ويچاري جو پيءُ مري ويو هو. هو جڏهن وڏو ٿيو تڏهن هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڪُراڙي ماءُ کان پڇيائين ته: اما! بابو ڇا ڪندو هو؟ ماڻس ٻڌائڻ کان نٽايو، تڏهن لٺ ڪٽي حشمت سان ماءُ کان پڇا ڪيائين. ماءُ لاچار ٿي ورندي ڏنيس ته: بابا! پٺهين ڪندو هو ٽڪي. تنهن تي غفور ماءُ کي چيو ته: تڏهن ته تو وٽ به گهٽو ڪجهه هوندو. پر ماءُ چيس ته: پيو ته ڪجهه ڪونهي باقي هڪڙو ڪوٽو رپيو آهي. غفور اهو ڪوٽو رپيو ماءُ کان ونڊي اٽي پنڊ پيو. ڪجهه اڪيرو هليو ته هڪڙو سونارو گڏيس. حال احوال ڏيندي وٺندي سوناري چيس ته: آئون اڳيان فلاڻي ڳوٺ ويندس، پر ٻيلي! سڄ لهي ويو آهي ۽ سون وٽ ڇهه ويهون روپين جون آهن، متان ڪوڙي وڃي تنهنڪري اڄ ته هتي ترسي پئون ۽ صبح جو گڏجي هلنداسون. غفور چيس ته: يار! جيڪا تنهنجي صلاح. سو ٻئي ڇٽا هڪڙي جاءِ جاچي اتي سمهي رهيا. سونارو، لئي ٻوڙو اوٽ ڪري سمهي پيو، پر غفور ٽواٽي تي ئي سمهي پيو. اڌ گهڙي ڪانه گذري ته ڪي چار چور اتان اچي لنگهيا. هڪڙي چور جو غفور ڪي اچي ٽڏو لڳو. تڏهن ٻئي چيو ته:

---

* هن آکاڻي جو مدار اثر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي ۽ وچولي (تعلقي سانگهڙ) مان الهڏتي رند ڪان مليل روايتن تي آهي.

بُندي اٿو ڙي بُندي . تڏهن غفور جاڳندي کاوڙ مان چيو ته : بندي آهي توهان جو پيءُ.... آئون ماڻهو آهيان ماڻهو. وري ٻئي هڪل ڪئي ته: اڙي ، سجو اٿو سجو! تنهن تي غفور چيو ته : سجا آهيو توهين ، ڏسو مون وٽ رپيو آهي . چورن رپيو ڏسي چيو ته : اڙي رپيو ۽ ڪوٽو اٿس . تڏهن غفور چيو ته : ڪوٽا هوندا اوهين ..... اجهو هُو لئيءَ جي پاڙ ۾ سونارو ستو پيو آهي ، اٽاري ڪٽي پچوس . چورن دل ۾ چيو ، ٻيلي واهه ! سون سڻائو ٿيو . سو لٽيون تيار ڪري اڇي سوناري جي مٽان ٻيٺا . ويچاري ڊپ ڪان نہ ڪي ڪڇيو نہ ڪي پڇيو ، هڙ ڪٽي چورن جي حوالي ڪيائين . چورن اهي پئسا ته ڪنيا پر غفور جو ڪوڙو رپيو ۽ ڪونہ ڇڏيائون .

چور رپيا ڪٽي اٿي هليا ، تڏهن غفور ۽ سندن ڪيڏ لڳو . چورن کيس ڏسي چيو ته : تون اسان جي پٺيان نہ اچ ، اسين چوريءَ تي پيا وڃون . غفور چيو ته : آئون ۽ چوريءَ تي هلندس . چورن گهٽئي کيس ڏڪا ڏنا پر غفور ڇڏي ته هوندو ڪيڙ جو موٽي . لاچار چورن ڏٺو ته هي ڪونہ مڙندو سو پاڻ سان ساڻ ڪنيائونس .

هلندي هلندي اڇي هڪڙي شهر ۾ پهتا . اتي هڪڙي وڏي ماڙي جاڇي ان کي ڪات هٽي غفور کي چيائون ته : تون ڪات جي مٽي ڪيندو وڃ . غفور مٽي ڪيڏ بدران ڇا ڪيو جو گهر ڏٺين کي وڃي اٽاريئين . چي : ادا ! ڪو ڇڇ هجي ته ڏيو ، اسان توهان جي گهر کي ڪات هنيو آهي ، ان جي مٽي ڪيندا سون . ڏٺين کي جو خبر پئي سي ڊوڙندا آيا . چور وٽي ڳڀا ۽ پاڳيا هنن جي پٺيان لڳا . وڃهه وٽي غفور ۽ ڇڄي ويو ، ٽوريئي وقت ۾ غفور وڃي چورن سان مليو . چور ته مٽس کاوڙيا ويٺا هٿا ، تن ڏاڍي ڇيهه

ڪيس. چي: گهر ڏٺين ڪي چو سڏيئي؟ هن چيو ته: مون وٽ ڪي ڪيڏ لاءِ ڪو ٽپڙ ڪونہ هو، تنهنڪري مون هنن کان ڇڄ گهريو، ان ۾ ڪهڙي اربع خطا ٿي!... پر جي توهان کي اها ڳالهہ نٿي وڻي ته اڳتي ائين ڪونہ ڪندس. پر مونکي وڻي ضرور هلو. لاچار چور هن کي وري به پاڻ سان گڏ وٺي اڳتي روانا ٿيا.

چور هڪلي اچي هڪڙي ٻئي شهر ۾ پهتا. وري هڪڙو گهر جاچيائون، جنهن جي دروازي تي هڪڙو چپر آڏو ڏنل هو. هنن گڏجي انهي چپر کي پٽڻ شووع ڪيو. جڏهن سيني زور ڏنو، تڏهن غفور به زور ڏيندي وٺي ڪيو ۽ دمب هو ۽. آواز تي گهر جا ڀاتي اٿي ڪڙا ٿيا ۽ اچي چورن جي پٺيان پيا. چور ڀڄي ويا پر غفور جهلجي پيو، سو گهر جي مالڪن ٻڌي ڏاڍي مار ڪيي ڇڏي ڏنس. هي وري به موڇڙا ڪائي اچي چورن سان گڏيو، جن به ويچاري جا هڏ گڏ ڀچي وڌا. جڏهن چور غفور کي ماري ماري ساڻا ٿي پيا، تڏهن هن چين ته: يار! مونکي ماريو نہ، منهنجي اها عادت آهي ته جڏهن به ڪنهن شيء کي زور ڏيندو آهيان ته اها رڙ پاڻهي نڪري ويندي آهي. هاڻي اڳتي ائين ڪونہ ڪندس. چورن چيس ته: جيڪڏهن وري ڪا اهڙي مسخري ڪيئي ته ماري ڇڏينداسونءِ. هن وري به وڌا قسم ۽ سونهن ڪنيا تڏهن لاچار ڪيس ساڻ ڪنيائون.

چور اڳيرو هلي وري هڪڙي شهر ۾ پهتا. ڪو سکيو ستابو گهر ڏسي ان کي ڪاٽ هنيائون. ڪاٽ مان لنگهي اندر ويا ته ڏسن ته هاڻو ٻيلي! سيويون به موجود آهن، ته گيهہ ڪنڊ به پيو آهي ۽ باهہ به ٻئي دکي. هنن يارن کي بک به ڏاڍو

ستايو هو سو کاڌي جو مال ڏسي وات پاڻي ٽپڻ لڳن. هاريندي ڏي باهر گيهه کنڊ وجهي سيويون تيار ڪري ورتائون. کائن وينا ته غفور کي به سڏ ڪيائون جنهن به هنن سان گڏ ويهي کاڌو. پاسي ۾ هڪڙي مائي ستل هئي، تنهن ننڊ مان آرس پچندي، ڪر موڙيندي، هڪڙي ٻانهن وڌائي هنن ڏي ڪئي. غفور چا ڪيو جو کوسين سيوين جي ڏوئي پري، اٿي وڃي مائيءَ جي هٿ تي رکي. مائي رڙيون ڪري اٿي ڪڙي ٿي. رڙين تي گهر جا ٻيا ٻاڦي ۽ سجاڳ ٿيا، چور ته اتي ئي گهر ۾ ڪوٺڙي ۾، ڪو جنڊ پٽيان، ڪو رليءَ ۾ ته ڪو وري ڪٺ هيٺان لڪي ويو؛ غفور وري ڇت تي چڙهي وڃي لڪي ويهي رهيو. گهر جا ڀاتي جي اندر گهڙيا ته ڏسن ته سيويون تيار ٿيون رکيون آهن ۽ ڪنهن رڌي پڪي کاڌيون آهن. سو هنن جو شڪ وڃي مائيءَ ۾ پيو ته هن ئي ڪنهن کي رڌي کارايون آهن؛ پر ڳالهه ڪلهه تي رڙيون ڪيون اٿس. سو لڳا مائيءَ کي مارڻ. مائي ويچاري مٿي هٿ ڪٽي چوڻ لڳي ته: مونکي مٽيون غفور وينو ڏسي ته مونکي ڪابه خبر ڪانهي! غفور جو مٿي لڪو وينو هو، تنهن پڙڪو ڪائي چيو ته: مائي! منهنجو نالو ڇو ٿي وٺين؟ هڪڙو تڏي ۾، ٻيو جنڊ جي پٽيان، ٽيون ڪٺ جي هيٺ ۽ چوٿون رليءَ ۾ ويڙهيو پيو آهي، انهن جو ته نالوئي ڪونه ٿي وٺين! گهر ڏٺين جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ڏسن ته برابر چور انهن ۾ لڪا پيا آهن. پوءِ ته انهن کي ڪٽي جهليائون ۽ مٿي چڙهي غفور کي به ڪٽي قابو ڪيائون. غفور ٻانهون ٻڌي نيزاري ڪندي چيو ته: ٻيلي! آئون چور نه آهيان. هنن پاڻ مون کان ڇهه ويهون ۾ هڪڙو ڪوٽو رپيو قرير آهي. پوءِ کين سربستي ڳالهه

ڪري ٻڌايائين . ياڳين ٻ چورن جا ٽپڙ ڦوليا تہ هنن وٽان برابر ڇهہ ويهون رپين جون ۽ هڪ ڪوٽو رپيو مليو. اهي سڀ رپيا غفور ڪي ڏنائون جو ڪٽي خوش ٿي گهر ڏانهن روانو ٿيو ۽ چورن ڪي پنهنجي ڪئي جي سزا ملي.

حاجن انڌڙو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ "حاجن" نالي هڪڙو چوڪرو رهندو هو. ننڍي هوندي ئي سندس ماءُ مري ويئي هئي، جنهنڪري سندس پيءُ ٻي شادي ڪئي. حاجن جي ماڻيجي ماءُ وٽ ڪو شخص ايندو ويندو هو، جا ڳالهه ڪيس ڪاڻ وٺندي هئي، ۽ سدائين ٻيو اهي ٻڌ ٻڌائيندو هو ته ڪنهن به نموني انهي شخص جو اچڻ وڃڻ بند ڪرايان.

هڪڙي ڏينهن دستور موجب اهو شخص ماڻس وٽ آيو. حاجن، جو ان وقت گندي جي پٽيان لڪو ويٺو هو، هن جون سڀ ڳالهيون ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو. جڏهن اهو ماڻهو وڃڻ وارو ٿيو، تڏهن حاجن جي ماءُ ڪي چيائين ته: آئون هلان ٿو ٻني ۾ تي، تون به اتي اچجئين ته اڪيلائي ۾ رهاڻ ڪريون. آئون ٻارا رستي تي اڇلندو ويندس، تون اهو گس وٺي هلي اچجائين.

هن جي وڃڻ ڪان پوءِ حاجن جي ماءُ اتي اتو ڳولهي. ماني پچائي، ڏاڍو گيهه وجهي، ڪتي ڪري. ٽالهي ڀري ميل ڏس تي هلڻ لڳي. پر حاجن ان ڪان اڳي ڇا ڪيو جو نشان طور چڏيل ٻارا اتان ڪٽي انهيءَ گس تي چڏيا جتي سندس پيءُ ٻني هر ڪاهيا، ۽ پاڻ به پيءُ سان هرن ۾ مدد ڪرڻ لڳو. هوڏانهن ماڻس به ڪتي تيار ڪري. خوش ٿيندي

---

* هن آکاڻيءَ جون به روايتون آتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي ۽ لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان مليون.

تارن وارو گس وٺي ، اچي پنهنجي مڙس وٽ نڪتي. بس... مائيءَ جو اندر ئي سڙي ويو ، ۽ پڪ ٿيس ته اها حرڪت حاجن جي آهي ، پر لاچار ڪٽي مات ڪيائين . مڙس پڇيس ته : خير ته آهي؟ اڄ ڪيئن هن پاسي نڪري پئي آهين؟ تڏهن جوٽس ورندي ڏنيس ته : مون باس باسي هئي ته جڏهن حاجن هر جو ٻيو وڃندو ، تڏهن "پير ڪوڪي" جي ڪٽي ورهائيندیس ، سا ڪنيو پئي وڃان . پر حاجن ڪي ته اڳ ۾ ئي سڄي قصي جي خبر هئي ، تنهن يڪدم چيو ته: خدا ڪارڻ جي ڪٽي ته خدا ڏياري ! ٻيو ته ڪير آهي ئي ڪونہ ، ويهو ته ٽيئي ٽا گڏجي ڪائون . اتي مائيءَ ڏٺو ته ڪٽي ٽي وڃي ، سو چوڻ لڳي ته: هي پير ڪوڪي تي باسيل ڪٽي آهي ، ٻيو جي نہ ، ته ۽ سامهون واري ٻنيءَ ۾ ڪو شخص هر ٻيو ڏئي ، ان ڪي ته سڏ ڪريو ته من ڪائي دعا ڪري. تنهن تي پٽس حاجن ڪي چيو ته: ها پٽ ! وڃي سامهون واري ٻنيءَ مان هاري ڪي سڏي اڇ . حاجن جون ته اڳ ۾ ئي هن ۾ باهيون هيون سو يڪدم وڃي ڪيس چيائين ته: ڀائو! بابي چيو آهي ته اڄ اسان جي گهران ڪٽي آئي آهي، اها ٽا ڪائون تنهنڪري هن طرف نہ ڏسج ، متان پيٽ ۾ نہ سور وجهين ! ۽ اهو ٻ چيو اٿس ته جي هيڏانهن ڏنو اٽيئي ته وڌڙ ڪٽي اچي ڪٽيندوسئين . ان شخص ڪي ته ٻيٽو هو پنهنجو آسرو، سو چيائين ته : ميان ! اسين ڪي ٻڪيا آهيون ڇا جو نظر هٽنداسين . توهين پلي ڪائو. حاجن موٽي اچي پيءُ ڪي ٻڌايو ته : ڇيو اٿس ته اچان ٿو. هن جي اچڻ جو ٻڌي حاجن جي ماءُ ڪجهہ مڙئي سرهي ٿي ته بحنت سنجائي ٿي . پر جڏهن ڪجهہ مهل گذري ، ۽ هو نہ آيو ، تڏهن پٽس وري حاجن ڪي موڪليو ته : وڃي هاري ڪي سڏي اڇ . حاجن وري ٻ ان شخص ڪي چيو ته : بابي چيو آهي ته هاڻي اسين هٽ ڏوئي ڪائڻ ٽا ويهون ، تنهنڪري

هيڏانهن اصل نہ نهارج . تڏهن ان شخص چيس تہ: ميان! ڪونہ ٿو توهان جي پيٽ ۾ سور وجهان ، جي مون نهاريو تہ پوءِ ڪٽي چڏجو. هن کي ائين چئي حاجن موٽي اچي پيءُ کي ٻڌايو تہ: چئي ٿو تہ بس اجهو ٿو اچان . پر جڏهن وري ٻہ گهڙو وقت گذري ويو ، تڏهن پٽس چيس تہ : چورا! خبر ناهي تون چا چئي آيو آهين جو هو اجا تائين ڪونہ آيو آهي ؛ هاڻي آئون ٿو ڏسانس . حاجن ڏنو تہ هاڻي ٿو هاري ڪٽي کائي، سو پيءُ کي چيائين تہ : بابا! انهيءَ پاسي هڪڙو چتو ڪتو ويٺو آهي، تنهن کي هيءَ وڌڙ ڪنيو ويج . پٽس وڌڙ ڪٽي هاري ڏانهن ويڙ لڳو. هن جو پري کان هن کي هٿ ۾ وڌڙ ڏنو ، تڏهن خيال ڪيائين تہ همراهہ ڪاوڙيو پيو اچي، سو وٽي ٽي ٿو رکي پيرن تي زور. هن گهٽئي سڏ ڪيس پر هو جيئن پوءِ تيئن تکو پڇندو ويو . پوءِ حاجن جو پيءُ تہ موٽي آيو ۽ ٻنهي پيءُ پٽ ڪٽي کائي ڏؤ ڪيو ، باقي ماڻس اندر ۾ ڪامي پڇي مانڙي ڪري ويهي رهي .

هوءَ جڏهن خالي ٿالهي ڪٽي موٽڻ لڳي ، تڏهن حاجن خيال ڪيو تہ هي ضرور پير ڪوڪي تي ويندي ، سو يڪدم وڃي اڳ وٽي پير ڪوڪي جي پڙ هيٺان سمهي رهيو . جڏهن ماڻس اتي پهتي تڏهن چوڻ لڳي تہ : اي پير ڪوڪا! حاجن کي انڊو ڪر تہ توتي اچي ڪٽيءَ جو ڪٽورو ورهائي ويندس .

تنهن تي حاجن پڙ هيٺان جواب ڏنو تہ: مائي! ڪيس بسرين جي مار ماران ڪر تہ جلد انڊو ٽي پوندو . اهو ٻڌي هيءَ خوش ٿي ۽ موٽي اچي حاجن کي جلد انڊو ڪڍ لاءِ بسريون پچائڻ لڳي. جڏهن حاجن گهر آيو ، تڏهن ڪيس ڏاڍو پيار ڪرڻ لڳي .

حاجن دل ۾ خوش ٿيو ته اجهو ٿيون بسريون ملن. ڪا ويرم ڪانه گذري ته ماڻس بسريون ڪٽي آڻي اڳيان رکيس، چئي: ابا! ڪاءُ هي جوان ۽ جنبي ويءِ ڪائي ڏاڍو ڏؤ ڪيائين. پوءِ ته روز ڪيس ڏاڍيون بسريون پئي ڪارائيندي هئي. ڏهه پندرهن ڏينهن ته ڏاڍي مزي سان بسريون ڪاڌائين. نيٺ هڪڙي ڏينهن ماڻجي ماءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ چيائين ته: ابا! منهنجي نظر خبر نه آهي ته چو گهٽ ٿيندي ٿي وڃي. اهو ٻڌي ماڻس دل ۾ ته ڏاڍي خوش ٿي پر منهن تي چيائينس ته: پٽ! خدا ڪندو ته ٺيڪ ٿي ويندين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حاجن چيس ته: ابا! اڄ ته آڻون صفا ڪونه ٿو ڏسي سگهان، خبر نه آهي ته چا ٿي ويو آهي. اتي هيءَ دل ۾ ڏاڍي خوش ٿيڻ لڳي ته پير ڪوڪي منهنجي ٻڌي. پر ظاهري هن کي دلاسو ڏيڻ لڳي ته: ابا! خدا مڙئي خير ڪندو، تون دل نه لاهه.

هڪڙي ڏينهن مائيءَ دل ۾ خيال ڪيو ته، حاجن جو آزمودو وٺان ته برابر انڊو ٿي ويو آهي يا اڃا ڪجهه نظر اٿس. سو چا ڪيائين جو باهر اڳڻ ۾ ڪٽ وڃائي ان تي ڪجهه ان جا داڻا پکيڙي، حاجن کي چيائين ته: آڻون وڃان ٿي پاڻي پرڻ، تون لٽ ڪٽي هوشيار ٿي ويهه متان گڏهه گابو اچي ان ۾ ڪائي وڃي. ائين چئي پاڻ دلا ڪٽي باهر وئي، ۽ وڃي ٻاهر ٿي گڏهه گابا هڪلي اچي ان تي چڙهائين. حاجن ته سيڪجهه ويٺي ڏٺو، پر ڪٽي ٿو ڪڍي. جڏهن ماڻس ڏٺو ته هي مانڪ ڪيو ويٺو آهي، تڏهن پري کان هڪل ڪري چيائينس ته: حاجن! گڏهه پيا ان ۾ ڪائين، هڪلين نٿو! اتي حاجن چا ڪيو جو ڇاٽي واٽي لٽ ڦيرائيندي اچي ماڻس جي مٿي تي رکيل دلي ڪي ٽڪاءُ ڪرايائين.

تڏهن ظاهري طرح سان تہ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائين، پر دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي تہ برابر هي انڊو آهي. اها پڪ ڪري هڪڙي ڏينهن وري ان شخص ڪي گهر ۾ گهرايائين. جڏهن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ويٺا تہ حاجن باهران اکڻ سان ماڻهو ڪي سڏ ڪري چيو تہ: اما! آئون ڪجهہ ڪجهہ مڙئي ڏسان پيو. اتي ان شخص ڪي اچي سر سان لڳي. تڏهن وري حاجن رڙ ڪري ماڻهو ڪي ٻڌايو تہ: اما! هاڻي تہ منهنجي نظر چٽي ٿي پئي آهي. اهو ٻڌي پنهي ڪي اچي ڏڙڪو لڳو. ان شخص ڇڄ جو سعيو ڪيو تہ ايتري ۾ باهران حاجن جي پيءُ جي ڪنگهڪار ٻڌائين. اتي هيڪاري اچي ڏنو ۽ مائيءَ ڪي چيائين تہ: جلدي ڪر مونکي ڪٽي لکاءِ، نہ تہ سر ويندم. تنهن تي زال چيس تہ: هن ڪنڌ واري گنديءَ ۾ گهڙي وڃ. هن همراهہ ۾ نہ ڪا ڪني هم نہ ڪا تم، يڪدم ٽپ ڏيئي گنديءَ ۾ گهڙي ويو.

پيءُ ڪي ايندو ڏسي حاجن شينهن ٿيْ پيو، يڪدم ڏوڙي وڃي پيءُ ڪي ٻڌايائين تہ: بابا! مون باس باسي هئي تہ منهنجي نظر سڃي ٿيندي، ان ڏينهن گنديءَ ڪي باهہ ڏيندس. سو اڄ هي گندي ضرور ساڙيندس. پٽس تہ ڪيس موڪل ڏني، پر ماٽس چئي: آئون گندي اصل ڪونہ ساڙڻ ڏيندیس. پر حاجن سندس هڪ ٻہ نہ ٻڌي، يڪدم گنديءَ جو منهن بند ڪري، سڪل ٽوڙا ڏيئي، ڏنائينس تيلي. اهو شخص ويچارو اندر گهٽولي ڪٽيو ۽ باهر نڪرڻ لاءِ وس ڪيائين. پر اتي ئي سڙي پچي پورو ٿي ويو.

—:※:—

لولڑو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو چوڪرو رهندو هو. جو روز صبح جو پنهنجون مينهون ۽ ڏڳيون چارڻ لاءِ جهنگ ۾ وڃي ويندو هو ۽ وري شام جو موٽي ايندو هو. چوڪرو پنهنجي مائي پان سان ڏاڍي ڪٽي ويندو هو. هن جي عادت هئي ته هو ٻين سڀني ڏاڙن کان پري هڪڙي پاسي ويهي مائي کائيندو هو ۽ مائيءَ جا جيڪي پور بچندا هئس سي ڪڏ ڪوٽي پوري چڏيندو هو. قدرت خدا جي سان ڪن ڏينهن کان پوءِ انهيءَ جاءِ تي هڪڙو وڏ ڦٽو، جوٽورن ڏينهن ۾ وڏي وڏو ٿيو. ان وڻ جي چوٽيءَ ۾ لولا پيا لڙڪندا هئا. ڪن ڏينهن کان پوءِ، انهيءَ وڻ جي ڪري، چوڪري تي نالو ئي "لولڙو" پئجي ويو، ۽ هاڻي لولڙو روز ون تي چڙهي لولا پٽي پيو کائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن، ڪا ڊائڻ اچي انهيءَ وڻ هيٺان لنگهي. لولڙو به مٿي ون تي چڙهيو وينو هو. ڊائڻ لولڙو ڪي جو ڏٺو ته وات پاڻي ٿي ويس، ۽ دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته ڪنهن به حيلي سان انهيءَ چوڪري کي کائيندیس؛ سو ڪيس ڪٽي وڃڻ جا وجهه ڳولڻ لڳي. هڪڙي ڏينهن لولڙو انهيءَ وڻ تي چڙهي لولا پٽي پئي ڪاڌا ته اوچتو اها ڊائڻ لولڙو ڪي اڪيلو ڏسي لولن جي وڻ هيٺان اچي بيٺي، ۽ ڏاڍي عاجزي سان ڪيس چوڻ

---

* هن آکاڻيءَ جون ٽي روايتون اتر سان عبدالرزاق (تعلقو روهڙي)، محمد جمن "مشتاق"، تعلقو پنوعاقل) ۽ فاضل قائمي (تعلقو اباوڙو) کان مليون.

لڳي ٿي: ابا! بک ٿي مران، پلائي ڪري مونکي هڪڙو لولڙو ڏي ته کائي پيٽ پريان. انهيءَ تي لولڙو کي ڏاڍو قياس آيو، سو چيائينس ته: نانيِ! جهولي جهل ته لولو اڇلايان. ڏاڻ چيو ته: ابا! جهولي ڪاتل آهي. چوڪري چيس ته: چگو پوءِ پوتي جهل. ڏاڻ چيو ته: ابا! پوتي ۾ ڪاتل آهي. چوڪري چيو ته: پلا نانيِ! پڪ جهل، آئون ساني اڇلايان ٿو، تون جهپي وڃ. انهي تي ڏاڻ ورائيو ته: ابا! آئون ڪيئن جهپي سگهنديس؟ ساني ٻتان پٽ تي ڪري ءِ ميري ٿي پئي؛ تنهنڪري تون پنهنجي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي هيٺ لٽڪاءِ ته آئون چوڙي وڃان. پوءِ لولڙو ڇا ڪيو جو پنهنجي پٽڪي ۾ ۽ تي‌لولا ٻڌي هيٺ لڙڪايا. ڏاڻ اهو موقعو ڏسي پٽڪي کي وڃي جو چڪ ڏني ته لولڙو اڇي پٽ تي ڪريو. ڏاڻ ڪيس يڪدم ڪٽي چوڪنيو ٻڌي پنهنجي ٻگريءَ ۾ وجهي مٿي تي رکي وڃي پڳي. هلندي هلندي ڏاڻ کي اڇي اڄ ستايو. سڌ پنڌ تي هڪڙو ڪوهه جو ڏسڻ ۾ آيس، سو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪوهه ڏانهن وڃڻ لڳي. پر کي ساڻهو ٻيڻ ڏسي خيال ڪيائين ته جيڪڏهن ڪوهه تي لولڙو کي ڪٽي ويندیس ته ٿي سگهي ٿو هو رڙيون ڪري، ءِ ساڻهو کيس سڃاڻي مون ڪان ڦري وڃن. تنهنڪري هتي ڪٽي لڪائي پاڻي پي اڇان. اهو پهه پچائي هڪڙي وڃ جي هيٺان ٻگري رکي ڪوهه ڏانهن ويئي.

قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو ڏاڻ جي وڃڻ کان پوءِ ڪو ساڻهو اتان اڇي لانگهائو ٿيو. وڃ جي هيٺان ٻگري پيل ڏسي خيال ڪيائين ته ڏسان ته انهي ۾ ڇا آهي. جهڙو ڪٽي ڪولي ته ان مان چوڪرو نڪري آيو. ان شخص کي ڏاڍو عجب لڳو، ءِ هن کان خبر چار پچيائين. جنهن تي لولڙو سڄي

حقيقت ڪري ٻڌائي. تڏهن ان شخص چيو تہ: هاڻي تون لڪي وڃي ويهي رهہ. پوءِ هن ڇا ڪيو جو بگريءَ کي ڪنڌن ۾ سرن سان پري آئين جو آئين رکي پاڻ ٻہ لڪي وڃي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏائڻ پاڻي پي موٽي آئي ۽ بگري ڪٽي پنهنجي گهر ڏانهن ٻڌي. گهڻ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پٽيءَ ۾ ڪنڌا لڳس، تڏهن چوڻ لڳي تہ: هڻ هڻ چهنڊڙيون، اجهو ٽي توکي هلي ڪهان. وري جڏهن سروتا لڳس تہ چيائين تہ: پلي مڪون هڻ، اجهو ٽي هلي توکي ڪهان. اهڙيءَ ريت دل کي خوش ڪندي اچي پنهنجي گهر پهتي ۽ پنهنجي ڏيءَ کي چيائين تہ: اڄ سڏيو شڪار آندو اٿم، جلد تيار ڪري وٺ تہ کائون.

ڏائڻ جي ڏيءَ بگري کولي ڏسي تہ اندران رڳو سروتا ۽ ڪنڌا نڪتا، تڏهن ماءُ کي چيائين تہ: هن ۾ تہ پينگ پٽي واڪا ڪري، آهي ڇا جو تيار ڪريان؟ اهو ٻڌي ڏائڻ حيران ٿي ويئي ۽ بگري خالي ڏسي ڏاڍا خار لڳس.

ٻئي ڏينهن ڏائڻ وري ساڳئي لولن جي وڻ وٽ ويئي ۽ ڏسي تہ لولڙو وڻ تي چڙهيو ويٺو آهي. هوءَ کيس وري ٻہ لولن لاءِ منٽ ڪرڻ لڳي، پر لولڙي چيس تہ: تون تہ اهاساڳي ڏائڻ آهين جا ڪالهہ سونکي ڪهڻ لاءِ ڪٽي وئي هئينءَ؟ ڏائڻ چيو تہ: نہ ڙي بابا! آئون غريب رن زال آهيان، اها ڪا ٻي هوندي. لولڙي کي ڏائڻ جي روئڻ ۽ منٽن تي اعتبار اچي ويو، سو ٻہ ٽي لولا ٽپي وڻ تان هيٺ لهي آڻي ڏنائينس. ڏائڻ کي لڳو وجهہ سو وري ٻہ ڇوڪري کي ڪنيي بگريءَ وجهي، وٽي گهر ڏانهن ٻڌي. اڄ بڪ هوندي ٻہ رستي تي ڪٽي ٻہ نہ ترسي، ۽ مينهن واءُ ڪندي اچي گهر پهتي. بگري ڏيءَ

جي حوالي ڪري چيائين ته : شڪار آندو اٿم ، هاڻي جهٽ تيار ڪري وڃ ، ته آئون بازار مان مرچ مصالحو وٺي اچان . ائين چئي ڏاڙهڙ باهر نڪري ويئي .

ڏاڙهڙ جي ڏيءَ بگريءَ کي ڪوليو ته هڪ چوڪرو نڪري آيو . لولڙو جي مٽي جا وار تمام وڏا هئا ، سي جي چوڪريءَ ڏٺا ته کيس ڏاڍا وٽيا ۽ ڪاڪيس پڇيائين ته: چوڪرا ! تنهنجا وار وڏا ڪيئن ٿيا آهن؟ لولڙو جواب ڏنو ته: اها ته تمام سولي گاله آهي ، نانائي اکري ۽ ڏاڙهي مهري ڪٽي اڇ ته پوءِ مان تنهنجا وار وڏا ڪريان : مٽو اکريءَ ۾ وجهي هڪ ڏڪ هٽبو ته وار وجي چيلهه تائين پهچندا ۽ ٻيو ڏڪ هٽبو ته وار وجي پيرن تي پوندا . ڏاڙهڙ جي ڏيءَ کي وڏن وارن جو تمام گهٽو شوق هو ، تنهنڪري يڪدم نانائي اکري ۽ ڏاڙهي مهري ڪٽي آئي . لولڙو چا ڪيو جو ڏاڙهڙ جي ڏيءَ جو مٽو اکريءَ ۾ وجهي مٽان نڪاءُ ڪيائينس مهري ته مٽو چڄجي پيس ۽ ٻئي ڏڪ سان ساهه ٻ هليو ويس .

پوءِ لولڙو چالاڪي ڪري ڏاڙهڙ جي ڏيءَ جا ڪپڙا پائي ويهي رهيو ۽ ان کي ڪُهي وڌي ٽڪي ، ديگڙي ۾ وجهي باهه تي چاڙهي چڙيائين . جڏهن ڏاڙهڙ بازار مان موٽي آئي ، تڏهن ديگڙو تيار ڏسي ڏاڍي خوش ٿي . رات جو وقت هو تنهنڪري چوڪري کي سجاڻي نه سگهي ۽ ڏاڍي خوشيءَ سان پنهنجي ڏيءَ جو گوشت کائي ويئي . ۽ لولڙو کي ٻ گوشت کائڻ لاءِ چيائين ، پر هن انڪار ڪري چيو ته : امان ! مونکي پيٽ ۾ سور اچي پيو آهي ، تنهنڪري اڄ نه کائيندس.

ٻئي ڏينهن صبح جو لولڙو ڏاڙهڙ کي چيو ته : امڙ ! هل ته واهه تي تڙ ڪري اچون . ڏاڙهڙ چيو ته: ڀلي . پوءِ ٻئي

گڏجي واهه تي آيون. ڏائڻ چيس ته: آئون ته ترڻ ڄاڻان ڪونہ ، تنهنڪري آئون هتي ڪپ تي ويني آهيان باقي تون پلي وڃي تر . لولڙو ترڻ ڄاڻندو هو ، سو وچ ۾ وڃي دانهون ڪرڻ لڳو ته: امڙ! ٻڏان ٿي. ڏائڻ ڏٺو ته ڏيءَ ٿي ٻڏي سو بنا ڪنهن خيال جي ان کي ڪيڏ لاءِ وچ سير ۾ ڏوڪي پئي. لولڙو يڪدم ڪٽي ٽپي هنئين . ڏائڻ سمجهيو ته پڪ ڏيڏس ٻڏي ويئي ، سو پاڻ به ٽپي هٽي ان کي گولڻ لڳي. پر هوءَ هئي اٽنارو . سا پاڻي جي وهڪري ۾ اڇي غوطا کائڻ لڳي . لولڙو تري يڪدم ٻاهر نڪري آيو ، ۽ ڪپ تي وڃي چوڻ لڳس ته: ڏائڻ رن ! تو پنهنجي ڏيءَ جو گوشت کاڌو ، مونکي نہ کاڌو ! آئون ساڳيو اهوئي لولڙو آهيان ، جنهن کي ڦوڙيءَ ۾ بند ڪري آندو هئئي. ڏائڻ کي پلا پنهنجي سر جي لڳي پئي هئي ، سا ڪٽي ٽي ٻي ڳالهه ٻڌي ! لولڙو کي ڏاڍيون منٿون ڪيائين ته مونکي ٻاهر ڪڍ . پر لولڙو هڪ به نہ ٻڌس ، ۽ ڏائڻ غوطا کائي کائي ٻڏي ويئي . پوءِ لولڙو سندس مال ملڪيت ڪٽي گهر موٽي آيو .

—❀—

بودلو چوڪرو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ "بودلي" نالي هڪڙو چوڪرو رهندو هو، جو سادڙو ۽ ٻالو ٻولو هوندو هو. جيڪو جيئن چوندو هو تيئن ڪندو هو. جڏهن سمجهه پريو ٿيو تڏهن سندس مائٽن ڪيس هڪڙي ۾ واري ڳوٺ مان شادي ڪرائي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بودلي خيال ڪيو ته وڃي ساهرن جي گهران ٿي اچان. سو مائٽن کان موڪلائي ساهرن وٽ آيو. اتي سندس ڏاڏي آڇيان ٿي. رات جو ڪيس ڪچڻي رڌي ڪارايائون... بس همراهه چپ چٽيندو رهجي ويو. پنهنجيءَ سس کان پڇيائين ته: چاچي! ڪر خبر، هي ڪهڙو طعام تيار ڪيو اٿئي؟ سسٽس ٻڌايس ته: ابا! اها ڪچڻي هئي. بودلي کي ڪچڻي وٽي وئي هئي، سو دل ۾ پڪو ٻڌ ڪيائين ته ڳوٺ موٽي وڃي اهو طعام رڌائي چڙهه ڪندس. موڪلائڻ مهل وري به سس کان نالو پڇي پڪ ڪري پاڻمرادو ڪچڻي، ڪچڻي، چوندو گهر ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي اتفاق سان ٽاپو آيس، ۽ وڃي منهن ڌر ڪريو. ڏڪ اچڻ سان "ڪچڻي" جو نالو وسري ويس. ياد ڪري ڪري بيهي رهيو پر ٻيو ٿيو خير. نيٺ ڪچڻي نه ياد ڪونه آيس، باقي "ڪاءُ چڙي" ياد اچي ويس. اتي ڪجهه مڙئي سرهو ٿي گهر ڏانهن پنڌ پيو. خيال ڪيائين ته دل ۾ چوڻ سان متان وري نالو وسري وڃي، تنهنڪري وڏي واڪي "ڪاءُ

---

* هن آکاڻيءَ جون به روايتون مليون؛ هڪ وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهر زادي کان ۽ ٻي لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان ملي.

چڙي، ڪاءُ چڙي" چوندو هلڻ لڳو. هلندي هلندي اچي هڪڙي پڪل پوک جي پرسان لنگهيو، جنهن تان هڪڙي هاري پئي جهار هڪلي. بودلو ب ڪاءُ چڙي، ڪاءُ چڙي، ڪندو اچي پرسان لنگهيو. هاري جڏهن بودلي جو اهو آواز ٻڌو، سو ڪاوڙجي ٻيو، چي: هي وري ڪهڙو نياڳو ساماڻو آهي جو چڙين (جهرڪين) کي پيو چئي ت ڪائو ڪائو. سو يڪدم پيهي تان لهي اچي مارڻ لڳس. بودلي رڙيون ڪري چيس ت: ادا هاري! مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو ائين پيو مارين؟ هاريءَ کي ت هيون باهيون سو ڪٽي ٿو هن جي اهڙي ڳالهه ٻڌي. نيٺ جڏهن ماري ماري ٽڪجي پيو، تڏهن چيائينس ت: خبردار، وري ڪڏهن ڪاءُ چڙي، چيو اٿئي. اتي بودلي ڏنو ت "ڪاءُ چڙي" تان هاري ڪاوڙجي ٿو. تڏهن چيائينس ت: ادا! پلا جي ائين نه چوان ت پوءِ چا چوان؟ ڪڙميءَ چيس ت: تون ائين چوندو وڃ ت "سپ اڏامي وجو، سپ اڏامي وجو". هي حاضر چئي. "سپ اڏامي وجو" چوندو اڀتي هليو. ٻئي وڪون مس ڪنيائين ت ڪو ماري ملين، جو پڪين ڦاسائڻ لاءِ ٻار مندين وينو هو. بودلو ب "سپ اڏامي وجو، سپ اڏامي وجو" چوندو اچي پرسان لنگهيو. ماري ڪو گهٽيءَ ڏيرڪان ٻيزار ٿيو وينو هو. چو جو پڪي ڪونه ڦاٽوهوس. وري جو بودلي جي واتان ٻڌائين ت سپ اڏامي وجو، سو ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو. چي: هي وري ڪهڙو نياڳو اچي نڪتو ... پوءِ ت هن ب نڪا ڪئي هم نه تم، ڏاڍي ڦيهه ڪيي چيائينس ت: هائي چوندو وڃ "جهجها ڦاسو، جهجها ڦاسو". هن ويچاري کي ڳالهه ئي سمجهه ۾ ڪانه آئي. تنهنڪري وري ب جيئن ماريءَ چيو هوس تيئن چوندو اڳتي هليو.

بودلو ويچارو "جهجها ڦاسو، جهجها ڦاسو" چوندو پئي ويو ت ڪي چور منهن ۾ ملين. جي ڪنهن پاسي چوريءَ جو سٽو

ڪري نڪتا هئا ، تن جو هن جي واتان اهڙو سوڻ ٻڌو ، سي ڪاوڙجي پيا ، ۽ ڏاڍي مار ڪڍي چيائونس تہ: هاڻي ائين چوندو وڃ تہ "هڪڙو چڙي ٻيو ڪٽجو"... ويچارو بودلو ائين چوندو اڃا اڳيرو مس ٿيو تہ ڪي ماڻهو گڏيس . جي لاشو ڪنيو پئي آيا . بودلو ہ "هڪڙو چڙي ٻيو ڪٽجو" چوندو اچي لنگهيو . ڪانڊين جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ وين . جهلي ڏاڍي ٽيهه ڪڍي چيائونس تہ: ميان ! چوندو وڃ تہ "اهڙي شل دشمن سان ہ نہ ٿئي" . ڪجهه وکون ڪنيائين تہ ڇڄ ملیس ، تن جو اهو ٻڌو تہ هي ٻيو چئي تہ اهڙي شل دشمن سان ہ نہ ٿئي، سي ہ اچي ڪاوڙيا. چي: هي وري ٿو اسان تي جاڙ ڪري... اڙي وٽوس ! هڻي ويچاري کي ستي رکيائون . مار کائي، بودلي پڇين تہ: ادا ! آئون جي ائين نہ چوان تہ پوءِ ڇا چوان؟ ڄاڃين ٻڌايس تہ : چئو تہ شل اهڙي جڳ جهان سان ٿئي . بودلي ڇيو تہ: حاضر . سو وري ہ ائين چوندو گهر ڏانهن هليو تہ "شل اهڙي جڳ جهان سان ٿئي !"

ائين چوندو پنڌ ستيندو اچي هڪڙي گوٺ پهتو ٿيو... ڏسي تہ هڪڙي گهر کي باهم لڳي پئي آهي ۽ ماڻهو پيا وسائين . هن خيال ڪيو تہ وڃي انهن کي مدد ڪريان، سو وڏي وڃي انهن ماڻهن سان شامل ٿيو ۽ ائين ہ چوڻ لڳو تہ : اهڙي شل جڳ جهان سان ٿئي . ماڻهن جو ٻڌو تن چيس تہ : اڙي ڇا ٿو چئين؟ چي : اهڙي شل جڳ جهان سان ٿئي . بس پوءِ تہ ماڻهن کان باهم وسائڻ وسري وئي . اچي هن ويچاري کي ورتائون . ڏاڍي مار ڪڍي چڏي ڏنائونس .

سج لٿي سهل اچي گهر پهتو ، اچڻ سان زال کي چيائين تہ سونکي اها رڌي ڪاراءِ . جيڪا تنهنجيءَ ماءُ ڪارائي هئي . زال چيس تہ : خبر ناهي تہ اما توکي ڇا رڌي ڪارايو هئو ؟

بس زال جو ايترو چوڻ ۾ هن جو ڪاوڙجڻ . ان تان ڏاڍي مار ڪيائينس. زال وٽي رڙيون ڪيون. جنهن تي گهر جا ٻيا ٻ ماڻهو اچي مڙيا ۽ چوڻ لڳا ت: بودلي اڄ پنهنجي زال کي ماري ماري ڪچڻي ڪري ڇڏيو آهي . بودلي جو ڪچڻيءَ جو نالو ٻڌو سو چيائين ت: ادا! بس ، جيڪڏهن اها ڪچڻي رڌي ڪارائي ها ت هوند ڪونہ ماريانس ها . پوءِ زال کي پرچائي چيائين ت: هاڻي سگهي ٿي ڪچڻي رڌي ڪاراء ت دعائون ڪريئين . پوءِ جوٽس ڪچڻي رڌي ڪارايس ، جا ڪائي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سفر وارا سمورا موڇڙا وسري ويس .

—✻—

لڪو ۽ جان پڪو *

ڪنهن زماني ۾ ، هڪڙي ڳوٺڙي ۾ ۽ زال مڙس رهندا هٿا. مڙس جو نالو "لڪو" ۽ زال جو نالو "جان پڪو" هو. ٻئي زال مڙس جهڙا غريب هٿا ، تهڙائي سادا ۽ ڀالا ڀولا هٿا . هروپرو پيا جيتن ، جانورن ۽ ماڻهن سان همدردي ڪندا هٿا. ڪين هڪڙي ڏيءَ نه هئي . خدا جي قدرت جو اها جهڙي هئي سهڻي ، تهڙي وري عقل ۾ اڪاپر هئي . سا ڪين گهٽوئي سمجهائيندي هئي ، پر هو سدائين اهو چئي ڪيس ٽاري ڇڏيندا هٿا ، ته : اما ! اهي ۽ الله جا جيءَ آهن ، انهن کي جي ڪارايوسين ته ثواب ٿيندو .

هڪڙي ڏينهن چوڪري گهر ۾ ويٺي هئي . لڪو ۽ جان پڪو ڪنهن پاسي ويل هٿا. اوچتو دروازي جو ڪڙو ڪڙڪيو. چوڪري اٿي وڃي در کوليو... ڏسي ته هڪڙو سدا ملوڪ جوان گهوڙي کي واڳ کان جهليو بيٺو آهي . ڪانئس پڇائين ته : ڪهڙو ڪم اٿئي؟ ان شخص چيو ته: مونکي اڄ لڳي آهي ، پاڻي پيارينم . چوڪريءَ ڏٺو ته گهوڙيسوار ڪٿان پريان مسافري ڪري آيو آهي ، اڄ ۽ ڏاڍي لڳي اٿس ، ۽ انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن پاڻي پئندو ته بيمار ٿي پوندو . تنهنڪري پاڻيءَ سان وٽوپري ان ۾ ڪجهه ڪڪ وجهي ڪٽي آئي . گهوڙي واري شخص پاڻي ترسي ترسي پيتو ، ۽ جو ٽڪڙو پٽ ڪري آڏا ڪڪ ٿي آيس . جڏهن پاڻي پي ڏوڪ ڪيائين تڏهن چوڪريءَ کان پڇائين ته: چوڪري ! پاڻيءَ ۾ ڪڪ ڇو پيل هٿا؟ چوڪريءَ

---

* هي آکاڻي آنر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي .

جواب ڏنس تہ: جيڪڏهن اهي ڪک نہ هجن ها تہ تون پائي ٽڪڙو پيٽ ڪري بيمار ٿي پئين ها، تنهنڪري هون ڪک وڌا هڻا. چوڪريءَ جو اهو جواب گهوڙيسوار ڪي ڏاڍو وڻيو ۽ مٿس موهت ٿي پيو. دل ۾ پڪو خيال ڪيائين تہ شادي ڪندس تہ انهيءَ سان نہ تہ بس. سو ڪانئس پڇيائين تہ: تنهنجا ڪي مائٽ آهن يا اڪيلي آهين؟ جواب ڏنائين تہ: منهنجا مائٽ آهن پر ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويا آهن. پوءِ اهو شخص اتي ئي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ لڪو ۽ جان پڪو ٻہ اڇي سهڙيا، جي سائس حالي احوالي ٿيا. گهوڙيسوار پڌاين تہ: آئون فلاڻي شهر جو سردار آهيان، ۽ توهان جي ڏيءَ سان شادي ڪندس. هنن غريبن ڪي انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڇا ڪندو هو، سو چيائونس تہ: ابا! اسان جون اکيون ٺڏيون، پلي ڇڄ وڻي اڇ.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سردار ڇڄ وڻي آيو، خير سان شادي ٿي. موڪلاڻ مهل ان سردار سندن غريبي حال ڏسي لڪو ۽ جان پڪو کي ڪجهہ ڏن ڏنو، پر هنن هڪڙي پائي ٻہ کان قبولي، چي: اسين ٻہ سر پيا وقت گذارينداسين، اسان کي تنهنجو اهو ڏن ڪونہ کپي. رڳو اسان غريبن جي ننگ جو خيال رکج. سندن اهو جواب ٻڌي سردار وڌيڪ خوش ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪنوار وٽي پنهنجي شهر ۾ آيو.

ٿوري گهڻي ڏينهن لڪو ۽ جان پڪو خيال ڪيو تہ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن جو ڏيءَ جو منهن ڪونہ ڏٺو اٿئون، هلي ڏسي تہ اچونس. سو ٻئي زال مڙس سنبري نهي ڏيءَ ڏانهن روانا ٿيا. شام ڌاري اچي انهيءَ شهر پهتا، پچائي پچائي نيٺ وڃي سردار جو گهر هٿ ڪيائون. ڏيءَ ۽ نائي ڪين ڏاڍي عزت ڏئي ڪين پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو.

هڪڙي ڏينهن سندن ڏيءَ نانيءَ کنهن دعوت ۾ وڃڻا هئا. جي کين گهر جي پارت ڪري ويا. هنن جي وڃڻ ڪان پوءِ جان پکو هيڏانهن هوڏانهن گهر جي خبر چار لڏي، ڏسي ته ڪي ڪبوتر آهن جي مٽيءَ ۾ لٿا پيا آهن. سو يڪدم ڊوڙي اچي لکو کي ٻڌايائين ته: لکو! هو ته ڏس ويچارا ڪبوتر ڪن ايامن ڪان وهنتائي ڪونہ آهن، هائي جهٽ ڪر ته هلي کين وهنجاريون. تنهن تي لکو چيس ته: چڱو تون جلد ڪري پاڻي ڪوسو ڪري وڃ. جان پکو وڃي پاڻي ڪوسو ڪري آڻي، پوءِ ته ٻئي ڄڻا ڪبوترن کي وهنجارڻ لڳا، ۽ پاڻي هو تمام ڪوسو. تنهنڪري پاڻي پوڻ سان ڪبوتر ڦٽڪي مري ويا. اتي ويچارن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. خيال کيڏون ته اهو ڪم ته چڱو ڪونہ ٿيو. وري لکوءَ زال کي چيو ته: بختاور! هن جاءِ جون ٻتيون مٽيءَ سان ڀريون پيون آهن، چو نہ انهن کي ليپو ڏيون. جان پکو کي اها گاڙهه ڏاڍي وٺي، سو گهر ۾ جيڪو به ڏڏ مکڻ پيو هو، سو گڏ ڪري ٻتين کي ليپو ڏيڻ لڳي. ڇا ٻتيون ڇا مکڻ ۽ ڏڏ!.... ٿوري ئي دير ۾ مکين ۽ جيتن جا ميڙ اچي گڏ ٿيا. اتي ڏٺائون ته اها گاڙهه به ڪانہ ڏهي. انهيءَ افسوس ۾ ويٺا هئا ته سندن نانيءَ ڏيءَ به موڪي آيا. تن ڏين ائين افسوس ۾ ويٺل ڏسي پڇيو ته: ڇا گاڙهه آهي؟ هنن کين سربستي گاڙهه ڪري ٻڌائي. جنهن تي هنن ٻنهي کي ڏاڍي ڪل آئي، ۽ ڏيءَ چين ته: مڙئي خير آهي، انهيءَ ۾ گهٽتيءَ جي گاڙهه ڪانهي.

ٻن تن ڏينهن ڪان پوءِ لکو ۽ جان پکو خيال ڪيو ته هاڻي موڪي گهر هلجي، سو ڏيءَ ۽ نانيءَ ڪان موڪلائي توڪلائي وڃڻ لڳا. وڃڻ ڀل نانيءَ کين چانور ۽ ڪڙا لٿا ڏئي گوڻ روانو ڪيو.

سياري جي موسم هئي، هي ٻئي زال مڙس پنڌ ستيندا پئي آيا ته رستي تي ڪي ٽيئون ڏانئون، جن تي ماڪ وڻل هئي. سو لڪو ٻنهنجي زال جان ٻڪوءَ ڪي چيو ته: بختاور! ڏس ته ويچارين لين ڪي ڪيڏو نه سيءُ لڳندو هوندو! تنهن تي زال چيس ته: ميان! ٻوءِ اهي ڪپڙا ڪهڙي ڪم ايندا؟ وڃهه ويچارين جي مٿان ته سيءِ ڪان بچن. ٻوءِ ته جيڪي به ڪپڙا ڏيءِ ءِ نانيءِ ڏنا هئن سي سڀ لين تي وڃهي خوش ٿيندا گهر ڏانهن روانا ٿيا.

اڃا ڪجهه پنڌ هليائي ڪونه ته رڍن جو ڏڻ ملين، سمورين رڍون ٻيڪات ڪنديون پئي آيون. تڏهن جان ٻڪوءَ، لڪوءَ ڪي چيو ته: ميان! آئون ڄانيان ٿي ته رڍون ويچارين ٻڪيون آهن ... چو نه اهو ان" انهن ڪي ڪارائي دعا ڪتون؟ مڙس چيس ته: ڀلي، ٻوءِ سمورو ان" رڍن آڏو وڃهي هٿين ٽلها ڏاڍا خوش ٿيندا، ٻنهنجي ڏيءِ ءِ نانيءِ ڪي دعائون ڪندا اچي گهر پيڙا ٿيا.

—※※—

پوپٽ نجومي*

ڪنهن ڳوٺ ۾ پوپٽ نالي هڪڙو غريب شخص رهندو هو، جنهن کي پيٽ پري کائڻ جيتري ڪمائي به ڪانه ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري جوٽس سائس سدائين پئي وڙهندي هئي. نيٺ هڪڙي ڏينهن زال جي مهڻن کان بيزار ٿي، خيال ڪيائين ته ماٺهو نجومت جو انڌو منڌو علم سکي گهٽئي ڏوکڙ هٿ ڪندا آهن، تنهنڪري چو نه آئون به ڪا اهڙي اٽڪل ڪريان جو هن آزار کان ڇٽي پوان. تنهنڪري زال کان موڪلائي جهنگ منهن ڪري اٿي هليو. هلندي هلندي هڪڙي هنڌ ڏسي ته هڪڙو گهوڙو ڇيڪ پيو چري. دل ۾ خيال ڪيائين ته الاجي ڪنهن جو آهي، ۽ ڪيڏانهن هليو ويو ته ويچارو مالڪ پوندو آزار ۾. تنهنڪري چا ڪيائين جو گهوڙو جهلي هڪڙي وٽ سان ٻڌي اچي ڪنهن پئي شهر ۾ پهتو. سڃاڻ ڪو اهو گهوڙو شهر جي ڪنهن چگي مڙس جو هو، جنهن جي ڳولا ۾ چوڌاري ماٺهو موڪليل هئا. انهن ماٺهن مان هڪڙو پوپٽ کي گڏجي ويو. پوپٽ ان شخص کي ائين ڇندو ڏسي، کانئس پڇيو ته: ميان! ڪر خبر، کهڙيءَ ڇڪ ۾ آهين؟ ان شخص ٻڌايس ته: اسان جي مالڪ جو هٿن پارن سان گهوڙو وڃائجي ويو آهي، اهو پيا

---

*هن آکاڻيءَ جون پنج روايتون اتر مان فاضل قائمي (آباوڙو)، احمد خان "آصف" (ڪڪڙ)، عبدالرزاق (روهڙي) ۽ غلام قادر (لاڙڪاڻو)، ۽ لاڙ (تعلقي ٽڪي) مان عبدالله گندري کان ملهون.

ڳوليون. گهوڙي جا پار پڌي ٻڪ ٽيس تہ لا شڪ اهوئي گهوڙو آهي، جنهن کي آئون جهنگ ۾ پڌي آيو آهيان. خيال ڪيائين تہ انهيءَ کان وڌيڪ سنو ڪو موقعو ڪونہ ملندو، کي پيسا ۾ ملي ويندا ۽ نالو بہ ٿي پوندو. سو چيائينس تہ: پائو! اجائي ڊڪ ڊوڙ نہ ڪر، مونکي پنهنجي مالڪ وٽ وڃي هل تہ آئون ٽپٽو هٿي پڌايانس تہ گهوڙو ڪٿي آهي. جنهن تي اهو ماڻهو هن کي پنهنجي مالڪ وٽ وڃي آيو. پوءِ ڪوڙو سوڙو ٽپٽو هڻي گهوڙي جي مالڪ کي چيو تہ: تنهنجو گهوڙو الهندي پاسي جهنگ ۾ فلاڻي وڻ سان چور پڌي ويا آهن، جيڪڏهن توهان جا ماڻهو هينئر نہ پهتا تہ گهوڙو چور کاهي ويندا. گهوڙي جي مالڪ يڪدم پنهنجا ماڻهو ان طرف ڊوڙايا، جي ٿوري وقت کان پوءِ گهوڙو کاهي آيا. مالڪ جو گهوڙي کي ڏنو سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پوءِ کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏنائين بس پوءِ تہ سڄي شهر ۾ پوءِ جو نالو وڄي ويو.

هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو ان ملڪ جي شهزاديءَ جو نو لکو هار وڃائجي ويو. ڏاڍي گهوليا ٿي پر هار جي اصل خبر ڪنهن نہ پئي تہ ڪيڏانهن ويو. بادشاهہ کي ڪن ماڻهن پڌايو تہ: پوءِ نجومت ۾ هوشيار آهي، ان کي گهرائي هار جي خبر ونجي. بادشاهہ هڪدم پوءِ کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڏنو جو ٿوريءَ دير کان پوءِ اچي حاضر ٿيو ۽ سلام ڪري بيهي رهيو. بادشاهہ کين چيو تہ: پوءِ! شهزاديءَ جو نو لکو هار وڃائجي ويو آهي. پڌاءِ تہ اهو ڪٿي آهي ۽ ڪنهن کنيو آهي. اهو جواب مونکي سياڻي ملڻ گهرجي نہ تہ ڦاسيءَ جي سزا ملندءِ. ڦاسيءَ جو پڌي ويچاري پوءِ کي اچي سر سان لڳي. چي: ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنهن جو گهوڙي جو ڏس

ڏ نم . نيٺ ساهم جو آسرو پلي ، اونڌي ڪٽ ڪري پئجي رهيو .
رات ٿي تہ ويٺو ورهہ پچائڻ . پالہ مرادو چون لڳو تہ : هاءِ
جندڙي ! سپاٽي ڦاسيءَ چڙهندينءَ . هاءِ جندڙي ! سپاٽي ڦاسيءَ
چڙهندينءَ .

سڃاڻ اهو هار "جندڙي" نالي هڪڙي ٻانهيءَ چورايو هو .
تنهن کي جڏهن اها خبر پئي تہ بادشاهہ پوٽ کي ٽپٽي کولڻ
لاءِ چيو آهي . هار کنيو آهي مون ، سو اوس منهنجو نالو نڪرندو
تنهنڪري هلي کا منٽ ميڙ ڪري جند ڇڏايان . اهو خيال
ڪري پوٽ جي گهر ويئي . ايا در تي ئي هئي تہ ڪن
تي پوٽ جو آواز پيس تہ : هاءِ جندڙي ! سپاٽي ڦاسيءَ چڙهندينءَ .
اهو جو ٻڌائين سو ويتر پڪ ٿيس تہ پوٽ کي سچي خبر
پئجي ويئي آهي . تڏهن ڏوڙي اچي پيرن تي ڪريس ۽ منٽون
ڪرڻ لڳي تہ : پوٽ ! منهنجي جان بچاءِ ، هار برابر مون کنيو
آهي . پوٽ جا اها ڳالهہ ٻڌي سو پيٽ ۾ ڪڇهہ ساهم پيس ، پر
ظاهري طرح منهن متائي ٻانهي کي ڏڪا ڏيڻ لڳو تہ : آئون
بادشاهہ سان ضرور ڳالهہ ڪندس . ٻانهيءَ ليلائي چيس تہ : منهنجا
سڀ ٽپڙ ٽاڙي ۽ مال متاع وٽ پر مونکي جيئدان ڏي . نيٺ
پوٽ پنج سؤ رپيا ونڊي جندڙيءَ کي چيو تہ : هاڻي تون وڃ ۽
هار ڪٽي وڃي محلات جي ڏاکڻي ڪونيءَ جي ڪنڌ ۾ ڦٽو
ڪر . باقي ڪم آئون پاڻهي ڪندس . ٻانهي اهو قبول ڪري
موڪلي ويئي ۽ پوٽ ٻي اونو ٽي سمهي رهيو .

صبح ٿيو تہ بادشاهہ جا ماڻهو پوٽ جي در تي آيا . هن
چوائي موڪلين تہ : تکڙ نہ ڪريو آئون وهنجي سهنجي پوءِ
ايندس . ڪجهہ دير کان پوءِ پوٽ گهراڻ نڪتو ۽ دربار ۾ اچي
سلام ڪري هڪڙي پاسي ويهي رهيو . بادشاهہ جي چون تي

ٽپڻ شروع ڪيائين. آخر گهٽي دير کان پوءِ چوڻ لڳو تہ:
بادشاهہ سلامت! شهزادي جو هار هڪڙي ڪُٽي ڪٽي وڃي
محلات جي ڏکڻ طرف واري ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيو
آهي. بادشاهہ اوڏي محل ڏي ماڻهو ڊوڙرايا، جن ٿوريءَ دير کان
پوءِ هار آڻي هن جي اڳيان رکيو. انهيءَ تي بادشاهہ ڏاڍو
خوش ٿيو ۽ پوپٽ کي انعام ۾ ڪيتروئي ناڻو ڏنائين. پوپٽ ب
پنهنجو سر بچائي، بادشاهہ کي دعائون ڪندو اچي گهران نڪتو.

انهيءَ گاله کان پوءِ بادشاهہ جو ب پوپٽ تي يقين ٿي
ويو، پر وزير کي اعتبار ئي نہ پيو اچي، چي: هي ڪوڙو
ڪوڙي جو پٽ آهي. گهر ۾ پوڻي ب ڪانہ ٿهيس ۽ هليو آهي
ٽپڻا ڦولڻ. تنهنڪري هر وقت پيو بادشاهہ جا ڪن پريندو هو تہ
ڪنهن ب نموني پوپٽ کي آزمائجي. نيٺ بادشاهہ هڪڙي
ڏينهن وزير جي گاله مڃي تہ پوپٽ جي علم جو امتحان وٺجي.
اڃا انهن ئي گالهين ۾ هٿا تہ هڪڙو پوپٽ اچي بادشاهہ جي
مٿان لنگهيو. بادشاهہ جهٽ هٿي ان کي ڪٽي مٽ ۾ قابو
ڪيو ۽ وزير کي چيائين تہ: هاڻي پوپٽ کي گهراءِ تہ آزمودو
وٺون. وزير کي پڪ هئي تہ مٽ واري شيءِ جي ٻئي ڪنهن
کي ب خبر نہ آهي، تنهنڪري پوپٽ جي ڪوڙ سچ خبر
پنجي ويندي.

جڏهن بادشاهي قاصد پوپٽ وٽ پهتو، تڏهن وري اچي
ڏڪٽيءَ ورتس ۽ پڪ ٿيس تہ هاڻي بچڻ جي پيٽي ڪانهي. خير،
زال کان موڪلائي، ڏکندو ڏکندو اچي بادشاهہ وٽ حاضر
ٿيو. جنهن يڪدم پڇيس تہ: ٻڌاءِ تہ منهنجيءَ مٽ ۾ ڇا آهي؟
پوپٽ کي کهڙي خبر جو جواب ڏئي. تنهنڪري خيال ڪيائين
تہ بادشاهہ کي سچي حقيقت ڪٽي ٻڌايان تہ ڪيئن اڄ ڏينهن تائين



...'بادشاهه مٽ ڪولي پوءِ ڪي ڇڏي ڏنو، ۽ هانيڪ ڪي ڪهڻو ني
انعام ڏنائين'... ـ ص ۲۸۵

پئي کوڙ ڦايا اٿم . سو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو تہ :

بک ٻڌو گهوڙو ، جندڙي ڪارڻ هار ،

پوپٽ ٻلا چا ڪري ، چڏ ڏٽي پچار .

بادشاهہ سمجهيو تہ پوپٽ ڪان ڪا ڳالهہ ٻ ڳجهي ڪانہ رهي ٿي سگهي ، ۽ اها ٻ خبر پئجي ويئي اٿس تہ منهنجي۽ مٽ ۾ چا آهي ، سو پوپٽ کي چڏي ڏنائين ۽ ٻانيڻ کي گهٽوئي انعام ڏيئي روانو ڪيائين .

هاڻي پوپٽ وٽ ايترو ناڻو گڏ ٿي چڪو هو جو جيڪڏهن سڄي عمر ويهي کائي تہ نہ کٽي . تنهن ڪان سواءِ ٻ دفعا ذري گهٽ سر ويو هئس ، تنهنڪري نجومت جي ڏنڊي ڪان آئيندي توبه ڪري . مال ملڪيت سان ڪٽي اچي پنهنجي شهر ۾ پهتا ، جتي حياتي۽ جا باقي ڏينهن آرام سان گذاريائين .

—※※※—

اڻ ڏٺي اڻ ٻڌي گاله*

ڪنهن زماني ۾ ، هڪڙي شهر ۾ ٽي دوست رهندا هئا ؛ جن مان ٻه سڳا ۽ هڪڙو ڪاڦو هو. ٽئي اهڙا ته ٽوٽي ۽ سست هئا جو سڄو ڏينهن هڪڙي هنڌ ستا پيا هوندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ڪٽي مانيءَ ٽڪر ڏنو ته واهه نه ته پيا هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن ٽنهي ڄڻن گڏجي صلاح ڪئي ته : يار ، هاڻي ويهي ويهي ڪيستائين مفت جون مانيون ڪائينداسين ، هلو ته هلي ڪٽي ڏنڊو ڏاڙي ڪريون ! تنهن تي ڪاڦي چيو ته : ادا ! اوهان جي گاله واجبي آهي ، پر پڪ ڄاڻو ته هن شهر ۾ توهان کي ڏنڊو بنهه ڪونه ملندو ... باقي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي قسمت آزمايون ته ڀلي. ڪاڦي جي گاله هنن ٻنهي کي ٻ سڄي لڳي ، سو ٽئي ڄڻا سهي سنيري اٿي پنڌ پيا. هلندي هلندي ڪنهن ڳاڇي ٻيهر ٽيا. اتي ٻک ٻ اڇي ڏاڍي لڳن. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائون پر ڪا وسڻ واڙي نظر نه آين ، تڏهن فيصلو ڪيائون ته ، جتي ٻ مانيءَ پڇندي ڏسنداسين ، اتان وڃي ڪائينداسين . آخر ڪجهه پنڌ ڪري ڪان پوءِ هڪڙو گهر نظر آين ؛ اتي وڃي ڏسن ته هڪڙي مائي ويٺي مانيءَ پڇائي. اتي هڪٻئي کي چيائون ته : هيلي واهه ، جي مانيءَ کائبي ته هن مائيءَ جي کائبي ، نه ته بکيا چڳا آهيون. اهو خيال ڪري ، پهرين هڪڙي سڄي کي مانيءَ وٺڻ لاءِ موڪليائون. جنهن وڃي مائيءَ کي

---

* هي آ ڪاڻي حيدرآباد شهر مان ممتاز مرزا کان ملي.

چيو تہ : مائي! اسين مسافر آهيون ، مٺائي ڪاراءِ ! مائي وراڻي ڏنيس تہ: ادا ! جام مانيون... پر شرط هي آهي تہ ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌاءِ جيڪا سون ڪڏهن نہ ٻڌي هجي. جي نہ، تہ پوءِ پنهنجو رستو وٺ. هن گهڙئي عقل ڏوڙايو پر ڪا ڳالهہ ڪانہ ياد آيس جا ڪٽي ٻڌائي مائي وڃي. لاچار جهڙو هو تهڙو هٽين ٽلهو اچي يارن سان حالي احوالي ٿيو. تڏهن وري ٻيو سڄو مائيءَ وٽ ويو ، پر ٿوري دير کان پوءِ آهو بہ هٽين ٽلهو موٽي آيو.

ٻنهي يارن کي ائين موٽندو ڏسي ڪاٽي چيو تہ : يار ! توهان تہ کي بہ ڪونہ ڪيو ، هاٽي ڏسو تہ آئون ڪيئن ٿو منجهائنس مائي ڪيان. ائين چئي يڪدم مائيءَ وٽ آيو ، ۽ تکڙو تکڙو چيائين تہ : مائي! هو سنهڙو ٽلهڙو ، ڪارڙو ٻورڙو ، نندڙو جوان تنهنجو ڇا ٿئي ؟ مائيءَ پڇيس تہ : ڪهڙو ؟ ڪاٽي چيس تہ : او جيڪو ٻيلي ڏانهن تکڙو تکڙو ٻئي ويو. اتي مائي کي شڪ پيو تہ اِهو شايد منهنجو مڙس هوندو. سو پڇيائينس تہ : ٻلا هن ڇا ٻئي ڪيو؟ ڪاٽي ٻڌايس تہ : هن فلاڻي هنڌ ، هڪڙي مائيءَ کي اشارا ٻئي ڪيا. مائي ايترو ٻڌي ڪاوڙ ۾ ٽپي باهہ ٿي وئي ، چي : ادا ! تون ٿورو هٿ ترس تہ آئون ٿي انهي کي ڏسان ... اهي پار منهنجي مڙس جا آهن. ائين چئي يڪدم آٿي ٻيلي ڏانهن ڊوڙي.

مائي جڏهن گهڻو پنڌ نڪري وئي، تڏهن ڪاٽي پنهنجن سنگتين کي سڏي ، مائيءَ تي مڪڙ رکي ڪائي چڙهہ ڪيو. پوءِ سڄن ڪاٽي کي چيو تہ : يار! مائي ڪاڏيسين هاٽي پڇ تہ پڇون. پر ڪاٽي چين تہ : يار! مزو تہ هاٽي ٿيندو. خدا جي قدرت ايتري ۾ ان مائيءَ جو گهر وارو بہ ڪٽان گهمندو ڦرندو اچي اتي نڪتو. ڏاريا ماڻهو گهر ۾ ويٺل ڏسي ڏاڍو عجب لڳس.

ڪائن پڇيائين تہ : ڪريو خبر ، توهين ڪير آهيو؟ ڪاڻي نہ پهہ جواب ڏنس تہ : اسين تنهنجيءَ زال جا مائٽ آهيون ، هن ڪين ڏاڍي عزت ڏئي ويهاريو. ۽ پوءِ ڪاڻي ڪان پڇيائين تہ: ادا! پلا ٻڌاءِ تہ منهنجي زال ڪيڏانهن ويئي آهي ؟ ڪاڻي جواب ڏنس تہ: ٻيءتہ اسان کي خبر ڪانهي، باقي هڪڙي جوان ماڻهو اڇي ٻاهران سڏ ڪيس ، تنهن سان گڏجي ٻيلي ڏانهن وئي آهي . مڙس اهو ٻڌي باهہ ٿي ويو ڪٽندي لٽ وٽي ٻيلي ڏانهن ٻڳو. ٻن سڄن کي اڇي سر سان لڳي تہ هاڻي ٿا جيئري مرون . پر ڪاڻي کين دلداري ڏني تہ: گهٽتي نہ ڪريو ، وينا تماشو ڏسو.

ايتري ۾ مائيءَ جو ٻاءُ اڇي اتي سهڙيو ۽ اوڏانهن ماڻهن کي ڏسي ڪائن خبر چار پڇڻ لڳو. ڪاڻي ٻڌايس تہ : اسين قبر کوٽڻ لاءِ آيا آهيون . مائي جي ٻاءُ پڇيس تہ: خير ؟ چي : ٻائو ، ٻي تہ ڪا سڌ ڪانهي ، باقي اسان کي هڪڙو ماڻهو وٽي آيو آهي ۽ چيو اٿس تہ توهين قبر کوٽيو تہ آئون پنهنجي زال کي کهي ٿو اچان ... ۽ اهو ٻہ چيو اٿس تہ اها ڳالهہ ڪنهن کي نہ ٻڌائجو. هاڻي يار تون ٻہ ڪنهن کي نہ ٻڌائج . مائي جي ٻاءُ جو ايترو ٻڌي سو ڪاوڙجي پڇيائين تہ : مونکي ڏس ڏيو تہ ڪيڏانهن ويا آهن ؟ ڪاڻي وراڻيس تہ: او سامهون واري ٻيلي ۾ ويو آهي . مائيءَ جو ٻاءُ ٻہ رڙيون ڪندو ٻيلي ڏانهن روانو ٿيو.

هوڏانهن هلندي هلندي مڙس وڃي زال سان گڏيو ، جنهن نہ ڪا پڇا نہ ڪا گاڇا ، ٻہ ٽي سؤنٽيون وهائي ڪيدس . زال ٻہ هٿي ڪا ڪاوڙ جي تکي ، سا ٻہ ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس ؛ نيٺ جڏهن ڏئي وٽي ٻينا ، تڏهن زال چيس تہ : ڏوهہ تنهنجو ، مارين وري مونکي! مڙس چيس تہ: يارن جي پٽيان تون پئي ڦرين ، ڏوهہ

وري منهنجو! اتي زال مڙئي شڪي ٿي، چي: ٻڌاءِ، توکي ڪنهن چيو آهي. هن ٻڌايس تہ: تنهنجن مائٽن، جن کي گهر وڀاري آئي آهين. پوءِ مائيءَ کيس ٻڌايو تہ: اهي منهنجا مائٽ ڪونہ آهن. مونکي تنهنجي لاءِ ٻڌايو هئائون تہ تون ٻيلي ۾ ڪنهن زال کي پيو اشارا ڪرين، تڏهن آئون نڪتيس. باقي مونکي ٻي ڪا به خبر ڪانهي. پوءِ ٻنهي کي پڪ ٿي تہ ڪن ٽڳن سان واسطو ٻيو آهي، سو يڪدم گهر ڏانهن ٻڳا. اڃا به ٽي وڪون اڳتي ويا تہ مائيءَ جو پاڻ ملين. تن هنن کي صحيح سلامت ڏسي شڪر ڪيو، ۽ پيٽوپي کان پڇڻ لڳو تہ: ادا! گهر ۾ قابرو ڇو ويهاري آيو آهين؟ هي اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو، چي: ادا! ڪهڙا قابرو؟ هن به کين سڄي ڳالهہ ٻڌائي. پوءِ تہ ٽئي ڄڻا ڪاوڙجي گهر ڏانهن موٽيا.

جڏهن ٻن سڄڻ هنن کي ائين موٽندي ڏٺو، تڏهن اڇي سرسان لڳن، پر ڪاٽي چين تہ: ڊپ نہ ڪريو، ويهي مزو ڏسو. هو جيئن گهر ۾ گهڙيا، تيئن سيني ڪاٽي تي ڳالہ ڪئي، چي: تو جهڙي چالاڪي اسان نہ ٻڌي نہ ڏٺي. آخر تو ائين ڇو ڪيو؟ تنهن تي ڪاٽي کين سڄي ڳالهہ ٻڌائي چيو تہ: هاڻي اسان ماني ٻ ڪاڌي، ۽ مائيءَ کي اڻ ڏٺي اڻ ٻڌي ڳالهہ ٻ ٻڌائي، هاڻي پنهنجي الله واهي. ائين چئي ٻنهي دوستن کي وٺي جيڏانهن وڃڻو هون انهيءَ پاسي روانو ٿيو.

—✻—

سونو ڪُڪڙ *

هڪڙي پيري ڪنهن بادشاهہ پنهنجي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريو ته جيڪو به ماڻهو سونڪي کا اهڙي ڳالهہ ٻڌائيندو، جيکا مون ڪڏهن به نہ ٻڌي هجي، تنهن کي سونو ڪڪڙ انعام ڏيندس؛ پر جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ ٻڌل هوندي ته پوءِ ان ماڻهو کي ڪاڻ ۾ وڌو ويندو.

سڄي ملڪ ۾ اها ڳالهہ پکڙجي وئي. الاڄي ڪٽان ڪٽان جا ماڻهو بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ اچي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا، پر جيڪو ڳالهہ ڪٽي، بادشاهہ پهرئين ئي جملي تي چئي ته : هل! اها ڳالهہ ٻڌل آهي. بس اُنهيءَ مهل سپاهين وٺي وڃي ان ماڻهو کي بند ۾ ٺي وڌو.

انهي شهر ۾ هڪڙو غريب ٻکرار رهندو هو. ويچاري کي ٻن ويلن لاءِ به وڏا وس ڪرڻا پوندا هئا. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته هلي کا بادشاهہ وٽ قسمت آزمايان... جيڪڏهن سونو ڪڪڙ ملیو ته پوءِ موجون آهن، جي نہ ته به هن آزار کان ته جند ڇٽي پوندي. سو دل ئي دل ۾ هڪڙي ڳالهہ ٺاهي اچي بادشاهہ جي ڪچهريءَ ۾ پهتو. بادشاهہ کيس ڏسي چيو ته : ميان! ڪيئن آيو آهين؟ جواب ڏنائين ته : سائين! اڻ ٻڌل ڳالهہ ٻڌائڻ آيو آهيان. بادشاهہ ڪلي چيس ته : ميان! توکان وڏا عاقل ۽ هوشيار ٻڌجي ويا، هتان موٽي وڃ. ٻکرار چيس ته :

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي هالا) مان ٻڌي ڪنهار کان ملي.

جيئندا قبلا! پهرين گالهه ٻڌو پوءِ فيصلو ڪريو. بادشاهه چيس تہ: چڱو، پلا ٻڌاءِ! ٻڪرار هٿ ٻڌي هن طرح گالهه شروع ڪئي:

جيئندا قبلا! هي انهن ڏينهن جي گالهه آهي، جڏهن تون اڃا ننڍڙو هئين ۽ تنهنجو پيءُ هن ملڪ تي بادشاهي ڪندو هو. منهنجو پيءُ ۽ هن ملڪ جو وڏو سوداگر هو. سندس واپار سڄيءِ دنيا سان هلندڙ هو، مال ملڪيت ۾ ۽ بابي جي برابر ٻيو ڪو ۽ ماڻهو ڪونہ هو، تنهنڪري سڄي بادشاهيءَ ۾ سندس وڏو اثر هو. وڏي گالهه اها جو تنهنجو پيءُ ۽ منهنجو پيءُ ٻئي پڳ مٽ يار هئا. رضائون قضائون سڀني انسانن تي آهن، ڏڪئي سڪئي وقت هڪٻئي جي ڪم پيا ايندا هئا.

هڪڙي ڀيري بابو ڪنهن ولايت ڏانهن واپار سانگي وڃڻو هو. سو وڃڻ مهل بابي پنهنجي گهر جو سڀ سونو جنبہ تنهنجي پيءُ کي امانت طور رکڻ لاءِ ڏنو هو ۽ چيو هئائينس تہ: آئون توڪان اهو ڏکيءَ سکيءَ مهل ونندس. ڪيترن سالن ڪان پوءِ منهنجو پيءُ واپار ڪري موٽي آيو. انهيءَ وچ ۾ تنهنجو پيءُ گذاري ويو ۽ تون تخت تي ويٺين؛ پر بابي جنبہ واري گالهه زبان تي ڪانہ آندي، ڇو جو بابي اهو جنبہ ڏڪئي وقت لاءِ پاسيرو ڪري رکيو هو. ڪن ڏينهن ڪان پوءِ بابو ٻ گذاري ويو، پر مرڻ وقت مونکي سڄي حقيقت ٻڌائي چيو هئائين تہ: جڏهن ٻ ڏکيو وقت اچئي تڏهن اهو سونو جنبہ وڃي بادشاهه ڪان وٺج. ڪجهه ڏينهن تہ الله جي مهرباني ٿئي تنهنڪري مون سائينجن ڪان ان جي گهرُ ٻ ڪانہ ڪئي. پر دنيا جا لاها چاڑها آهن، انسان ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪ ۾. ڏکيا ڏينهن پڇي ڪونہ اچن، پر تڏهن ٻ مون توهان کي تڪليف ڪانہ ڏني. هاڻي جڏهن ڪائڻ لاءِ ڪوڏي نہ رهيم تڏهن

اچي حاضر ٿيو آهيان . هاڻي جي اوهان اها جنڊ واري گاله ٻڌي هجي تہ ، پوءِ مهرباني ڪري سونو جنڊ موڪلائي ڏيو ، ۽ جي اها گاله نہ ٻڌي هجيو تہ اهو سونو ڪڪڙ ڏيو .

بادشاهہ سڄي گاله ٻڌي ماڻ ۾ اچي ويو . جي ٿو چئي تہ اها گاله ٻڌل اٿم تہ سونو جنڊ ٿو ڏيڻو پئيس ، ۽ جي چئي ٿو تہ گاله ٻڌل نہ اٿم تہ سونو ڪڪڙ ٿو ڏيڻو پئي . آخر ڪجهہ دير ڪان پوءِ چيائين: ميان! بابي تہ مونکي اها گاله ٻڌائي ڪانہ هئي . تنهن تي ٻڪرار چيس: بادشاهہ سلامت! جي توهان جي اها گاله ٻڌل ڪانهي تہ پوءِ اهو سونو ڪڪڙ منهنجو آهي . اتي بادشاهہ سندس چالاڪيءَ ڪان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس ڪڪڙ ڪٽي ڏنائين ، جيڪو هن وڪٽي وڃي گهر ٺهرايو ۽ شادي ڪئي ، ۽ باقي سڄي عمر آرام ۽ خوشيءَ سان گذاريائين .

—❀—

نسورو ڪوڙ*

آڳاٽي زماني ۾ ڪنهن ملڪ تي هڪڙو بادشاهه حڪومت ڪندو هو، ڪيس هڪڙي سهڻي ۽ سدا ملوڪ ڏيءَ هئي. جڏهن شهزادي وڏي ٿي تڏهن تمام پري پري جي ملڪن جا شهزادا، شهزاديءَ جي سڳ لاءِ اچڻ لڳا. بادشاهه خيال ڪيو ته اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان جو جيئن ڪو به بادشاهه ناراض نه ٿئي. سو پنهنجي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريائين ته جيڪو ماڻهو نسورو ڪوڙ ٻڌائيندو، تنهن کي شهزاديءَ جو سڳ ملندو. پوءِ ته ڪيترا ماڻهو اچي نڪتا، پر بادشاهه ڪنهن جي به گالهه ڪانه مڃي.

هڪڙي ٻکرار خيال ڪيو ته هلي ڪو بخت آزمايون. سو به اچي بادشاهه ڪچهريءَ ۾ پيڙو ٿيو، چي: بادشاهه سلامت! آئون ٿو توکي نسورو ڪوڙ ٻڌايان. بادشاهه ڪيس موڪل ڏني، ۽ هن گالهه شروع ڪئي. چي: جيئندا قبلا! اڳئين زماني جي گالهه آهي ته جڏهن اڄا الله سائين انسان کي پيدا ڪونه ڪيو هو، تڏهن ڀهرين ڀهرين سونکي هن دنيا ۾ خبر چار لهڻ لاءِ موڪليوويو. هڪڙي ڏينهن گهمندي ڦرندي اچي هڪڙي هنڌ تي پهتس جتي ڏسان ته هڪڙو سمند ايتو به پيو وهي ته سبتو به پيو وهي. خيال ڪيم ته هن پار وڃي ڏسان ته ڇا آهي. پوءِ ته يڪدم ڏوڙ جا ترها ۽ واريءَ جون رسيون ٻڌي، الله توهار ڪري سمند گهڙي پيس. ڪٿي ٻڏان، ڪٿي چڙهان، نيٺ اچي ٻئي پار پهتس. هلان ته

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي ميرپور ماٿيلي) مان محمد عالم "شور" کان ملي.

پيرن ڪي پايون لڳم ، ڪئي ڏسان تہ ہ ہوڙيون ٿي وڃي ڪاڻ. جيڪا وڃي نہ پئي سا ڏئي ٿي ڏيگيون خريد ڪيم ، جن سان ہ پڇاندي ، ٿي لڳئي نہ . جيڪا لڳيئي نہ تنهن گابا ڏنا ٿي ، جن سان ہ لندا ، ٿئي جو پڇ ليئي نہ . جنهن ڪي پڇ ڪونہ هو تنهن ڪي تہ يڪدم ڪيم الله وات خيرات . گوشت ڪٽي ويس شهر ڏي ، رستي ۾ شهر سليم ٿي ، ہ سڃا ٿئي ۾ ڪو ماڻهو ئي ڪونہ ليي. سڃي ملڪ ۾ گهمندي ڦرندي ڪنا لڏم ٿي ، ہ پيلا تہ ٿئي جو ترو ليئي ڪونہ . پوء تہ يڪدم گوشت ۽ پاڻي ڪني ۾ وڃي باهہ تي ڪٽي چاڙهيم . جهٽ ڪان پوء ڏسان تہ پاڻي بيٺو آهي ، گوشت ليئي نہ . بس پوء تہ انهيءَ مهل پائي ڪڍي ڪٽي بوچڙ ۾ ہڏم . هلندو اچان تہ رستي تي ماڻهو گڏيم ٿي ، سڏ ڪرڻ سان خبر پيم تہ مار ، ہ ہوڙا ، ٽيو ہڏيئي ڪونہ . مون ہ وڏي رڙ ڪري ڪائڻ پڇيو تہ : يارا! گوشت ڪائيندئو؟ چيائون تہ: هائو . وري جو ڏسان تہ بوچڙ ليئي ڪونہ ، رڳو هڏ پيئي آهي . سو ڏي بادشاهہ سلامت! اها هڏ اجا تائين منهنجي ڪلهي تي رکي اٿئي . هاڻي جي وٽئي تہ انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار ڪر ، نہ تہ تنهنجي مرضي ، ڳالهہ اجها اها اٿئي .

بادشاهہ سڃي ڳالهہ ہڏي چيو تہ : انهيءَ ڏان وڏيڪ دنيا ۾ ڪوڙ نہ ٿيندو . پوء تہ يڪدم شاديءَ جو اعلان ٿي ويو . ہئي ٿئي ڏينهن شهزادي ۽ ہڪرار جي شادي ٿي .

—※※※—

ڏاهو ڀڪرار *

ڪنهن ملڪ تي هڪڙي راڻي راڄ ڪندي هئي. سندس سونهن جي ملڪان ملڪ هاڪ هئي. وري عقل جي اهڙي اڪابر هئي، جو ساڻس ڪوبہ ڳالهائي نہ سگهندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي دل گهريءَ ٻانهيءَ چيس تہ: راڻي! هاڻي شادي ڪر. راڻي ٻانهيءَ جي ڳالهہ ٻڌي چيو تہ: چئين سچ ٿي .... پر آڻون شادي انهيءَ ماڻهو سان ڪندس، جيڪو مون جهڙو سياڻو ۽ عقل ۾ اڪابر هوندو. تنهنڪري هاڻي هيئن ڪر جو سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهماراءِ تہ راڻي انهي ماڻهوءَ سان شادي ڪندي، جيڪو ڪيس اهڙي ڪجهارت ڏئي جا هوءَ ڀڃي نہ سگهي .... پر جي راڻي ڪجهارت سلي تہ پوءِ ڪجهارت ڏيندڙ ڪي ڪاٽ ۾ وجهرائبو.

رڳو حڪم جي دير هئي، سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهمي ويو. ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، پر راڻيءَ کي جيڪا ڪجهارت سلي سا هڪڙي ئي ڏڪ ۾ ڀڳي پئي هجي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ماڻهو وڃي ڪاٽ ۾ پيا.

انهن ڏينهن هڪڙو ڪٽي، ڪنهن ويجهيءَ ڇڪ ۾ رهندو هو. نہ ڪا سندس شادي ٿل هئي، ۽ نہ ئي ڪي ٻيا مائٽ هئس. اڪيلو ٻيو ويچارو وقت گذاريندو هو. سو هڪڙي ڏينهن انهي اڪيلائي کان ڪڪ ٿي خيال ڪيائين تہ، ڇو نہ وڃي انهيءَ راڻيءَ کي ڪا پرولي ڏجي.

---

* هيءَ آڪاڻي اتر (تعلقي ميرپور ماٿيلي) مان خاوند بخش "ساقي" ڪان ملي.

جي نہ سلياڻين تہ سپ سهنج ٿي پوندا ، شادي ڪري بادشاهي ونڃي ويهي الوليون ڪبيون. جي نہ تہ پوءِ ترم ۾ دال ماني تہ مفت ۾ پئي ملندي ؛ هن وات هٿ جي جهيڙي ڪان تہ پاند پالها ٿيندا. اهو خيال ڪري ، مڙس سهي سنيري شهر ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي وات تي هڪڙو ٻيو همراهه مليس ، هڪٻئي سان حالي احوالي ٿيا. ڪٿيءَ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. مڃاڻ اهو سائين جو سنواريو وري هن ڪان ٻ ڪو ٻ رتيون ڪٽر هو. تنهن ٻ چيو تہ : ادا! هاڻي پنهنجو گس ٻ اهو آهي، پوءِ ڪٽن ياڳ. سو اڳ هو هڪ ، هاڻي ڦري ٿيا ٻ. پئي جڏا قصا ڪٿيندا، پنڌ ڪندا شهر ڏانهن راهي ٿيا. اڌ ۾ ڪين ڪنهن اهڙي جهنگ مان لنگهڻو پيو جتي تمام گهڻا ڪانڌيرا هئا. ڪانڌيرن ۾ طرح طرح جا گل ۽ انهن جا تيز ڪندا ڏسي ڪٿيءَ هڪڙي ڳجارت ٺاهي ورتي. پوءِ پنهنجي سنگتيءَ کي ٻڌايائين تہ: ٻيلي! مون ڳجهارت ٺاهي ورتي آهي. هن چيس تہ : ڪهڙي؟ تنهن تي ڪٿيءَ ٻڌايس تہ:

اڇا ڳاڙهـا گلڙا ، رنگين پاتئون پات ،
و ۾ تني جي وات ، ڪهنبي ورن "ڪٿي" چئي.

ڳجهارت ٻڌي همراهه چيس تہ : واهه جي ڳجهارت آهي! پر يار مون تہ اڃا تائين ڪانہ ٺاهي آهي. آئون ٻ ڪوشش ڪريان ٿو.

ڪجهه پنڌ اڳتي هليا تہ هڪڙو ٻکرار ڏڻ چاريندي ملين. هڪٻئي سان سلام ڪلام ڪان پوءِ حالي احوالي ٿيا. هنن ڪپس پنهنجي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ، جا ٻڌي ٻکرار چين تہ: يار! ترسو تہ آئون ٻ توهان سان ٿو هلان. جي ياڳ پڙايو تہ ماڻهن جو ڏڻ چاريندس ، جي نہ تہ جيل ۾ ماڻهن جي ڏڻسان تہ هوندس. سو ڏڻ ڪي الله پرتو ڪري ، هنن سان گڏجي اڳي هليو. اڳيان

کین کو دریاءَ پار کرڻو هو. جیستائین کا ٻیڑي اچي تیسنائین دریاء جي کپ تي ویهي ڌاڑون هڻڻ لڳا. ٻئي سنگتيءَ ڏنو ته دریاء جي کپ سان هکڙو کانو لڑهندو پیو اچي؛ کاني تي هکڙي پنیوري ویٺي آهي، ۽ پنیوريءَ جي وات ۾ هکڙو مڇر آهي، جنهن کي ٻئي کائي. اهو ڏسي یکدم رڙ کیائین ته: ادا! منهنجي گجهارت نهي وئي. تنهن تي هنن چیس ته: اسین ب ته بڌون. هن چیو ته:

نر جي مٿان نر، نر جي مٿان نار،
نظر کري نهار، ته نر ناريءَ جي وات ۾!

گجهارت ٻڌي کٽي ۽ ٻکرار واهه واهه کرڻ لڳا. نیڻ ٻیڑي آئي ۽ ٽئي جوان ٽپي پار پیا. هلندا، ویلا ولندا آخر اچي ان شهر ۾ پهتا، جتي جي راڻيءَ پڑهو ڏیاریو هو. ٻچا گهاڻا کري وڃي راڻيءَ جي محلات کي رسیا. دروازي تي هکڙي وڏي پیر رکیل هني، هنن ب اچي پیر تي ڏونکو هنیو. ٿوريءَ دیر کان پوءِ هکڙي ٻانهي نکري آئي، جنهن کي هنن پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌایو. ٻانهي سندن قاتل ٽتل کپڑا ڏسي کین صلاح ڏني ته: چکو اٿو ته سوٽي وجو، توهان جي هتي حاجت کانهي. پر هنن چیو ته اها کٽي اسان جي قسمت، تون رکو هک پیرو راڻيءَ وٽ وڃي هل. قصو کوتاهه. ٻانهي ٽنهي جڻن کي راڻيءَ وٽ وڃي وئي. بس راڻيءَ کي ڏسندي ئي هنن جو عقل حیران ٿي ویو. کجهه اچهین ئي کونہ، جڙ ته مڳ وات ۾ پڳجي ویا هئن. آخر گهٽيءَ دیر کان پوءِ راڻي کین چیو ته: ڏسو چا ٿا؟ واري واري سان گجهارت ڏیو. تنهن تي پهرین کٽيءَ پنهنجي گجهارت ڏني ته:

اڇا ڳاڙها ڳلڙا ، رنگين پاتڻون پات ،
وهم تني جي وات ، ڪهنبي ورن "ڪٽي" ڇئي .

ڳجهارت پڌي راڻيءَ ساڻس ڳالهايو ۽ ڪونہ ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائين تہ: هن کي وڃي ڪاٺ ۾ وجهو . ويچاري ڪاندين جا گل ۽ ڪنڌا ڏٺا آهن ، ۽ هليو آهي مون سان شادي ڪرڻ . ويچاري ڪٽيءَ جا تہ ڏيڏر ئي ڏرا ٿي ويا . سپاهي پلا حڪم جا بندا ، سي ڪٽيءَ کي ٻڌگي ويا ۽ وڃي قيد ۾ ڦيڙو ڪيائونس . وري آيو ٻئي جو وارو ، پر پنهنجي ڪٽي دوست جو حشر ڏسي سندس حوصلا خطا ٿي ويا هئا ! آخر ڳيتون ڏيندي ڏيندي چيائين تہ:

نر جي مٽان نر ، نر جي مٽان نار ،
نظر ڪري نهار ، تہ نر ناريءَ جي وات ۾ !

راڻي ڳجهارت پڌي چيو تہ : هن کي ب وڃي قيد ۾ وجهو ، جو هن ويچاري درياءَ جي مٽان ڪانو ، ڪاني مٽان پنيوريءَ پنيوريءَ کي سڃر ڪائيندي ڏسي اڇي ڳجهارت ڏني آهي . هن کي ب وٺي وڃي قيد ۾ ڇڏي آيا .

هاڻي آيو ٻڪرار جو وارو . جنهن ڏٺو تہ ڏڪئي ڪان ڏڪيون ڳجهارتون ب راڻي ڀڃيو وڃي ، هاڻي يارن کي قيد ۾ ڇڏي پوئتي موڪل ب نهي ڪوڙ ٿو ، ۽ نڪي وري ڪا ڳجهارت ناهي ٻڌائين . تنهنڪري سر تان آسرو لاهي هڪڙي تمام سولي ٻجهارت ناهي ، حشمت سان چيائين تہ: راڻي ! هوشيار ٿي ، اڇي ٿي ٻجهارت . راڻيءَ ڪلي چيو تہ: ڇئو . ٻڪرار چيس تہ: راڻي ! رب" ٿئي راضي تہ هڪ مان ب ، جي رب" ٿئي بي راضي تہ ٻن مان ٿي . ٻجهارت ٻڌندي ئي راڻيءَ جون وايون ولڙيون ٿي ويون ، هيڻيون هيڻ ٿيون ٿي . ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ پئي اچيس . چي: تصوئي ابتو ، جيڪڏهن رب" مهرباني ڪري تہ ٻيڻا ٿي پون ، ۽

جي بي راضي ٿي ٽيٽا ! راڻي ڏڪا هڻي هڻي ٽڪجي پئي ، پر هڪرار جي نهڪار پئي پوي . آخر سڄو ڏينهن گذري ويو ، پر راڻيءَ کان گجهارت کانه پڳي . اتي پڪ ٿيس ته راڻي منڊي پئي آهي . آخر گهڻ دير کان پوءِ راڻيءَ بان٘ کئي ، ۽ پنهنجي هار سڄي چيس ته: هاڻي گجهارت سڄي ڪر . هڪرار چيس ته: راڻي! هاڻي قاضي گهرائي مون سان نڪاح وجهه . ته پوءِ توکي گجهارت ٻڌايان . نيٺ راڻي پنهنجي انجام موجب قاضي کي گهرائي غريب هڪرار سان شادي ڪئي . پوءِ راڻيءَ چيس ته: هاڻي بجهارت سڄي ڪري ٻڌاءِ! هڪرار چيس ته: هائو ، پر پهريائين جيڪي منهنجا سنگتي جيل ۾ وڌا اٿي انهن کي گهڙاءِ ۽ ٻين کي به آزاد ڪر . راڻيءَ هڪدم حڪم ڪيو ته سڀني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو ، ۽ سندس سنگتي به اتي اچي حاضر ٿيا . پوءِ هڪرار چيو ته : راڻي ٻڌ ، رب ٽئي راضي ته هڪ مان ٿ ، جي ٽئي ٻي راضي ته ٻن مان ٽي . انهيءَ جو مطلب هي آهي ته جيڪڏهن رب٘ سائين مون تي مهربان ٽئي ۽ تون گجهارت نه ٻجهي سگهين ته پوءِ تو هارايو . انهيءَ جي معنيٰ ته تون مون سان شادي ڪرين . ۽ پاڻ ۾ ٽيون ، ڏهين چيم ته رب٘ ٽئي راضي ته هڪ مان ٿ . پر جيڪڏهن رب٘ سائين ناراض ٿيو ۽ منهنجي گجهارت ٻجهي ٽي پئي ته پوءِ ۾ سنگتي منهنجا اڳ قيد ۾ هٽا ۽ ٽيون آئون ، ڏهن چيم ته رب٘ ٽئي ٻي راضي ته ٻن مان ٽي . راڻي سڄي گالهه ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي . پوءِ ڪيس دليئون پنهنجو مڙس سڄي ، تخت تي ويهاريائين ، ۽ هٿن پنهنجن ۾ دوستن جون شاديون ڪرائي ، ڪين پنهنجو وزير مقرر ڪرائي اتي رهائي ڇڏيو ۽ باقي سڄي عمر آرام ۽ خوشيءَ سان گذاري .

—※※※—

کیرپڑو بادشاھ *

کیرپڑو بادشاھ ۽ پکوڑو وزير ، ڪمند جي گھوڙن تي گڙ جا ھنا رکي چڙھيا . ھلندا اچن . ھلندا اچن ، ڏسن ڪٽي تہ شربت جي درياءَ ۾ لڏون مھاڻو ، ڏونگھيءَ جي ٻيڙي جھليو ٻيٺو آھي . لڏون مھاڻي ، کيرپڑي بادشاھ کي ڏسي چوڻ لڳو : ياي آئين کيرپڑا بادشاھ ! اچي چڙھ ڏونگھيءَ جي ٻيڙيءَ تي تہ شربت جي درياءَ جو سير ڪرايانءِ . کيرپڑو بادشاھ ڪمند جي گھوڙي کي اتي ڇڏي ، پکوڑي وزير سان گڏجي ، ٽپي چڙھيو ڏونگھيءَ جي ٻيڙيءَ تي . ٻڏندا ترندا اچي ھن پر نڪتا . ڏسن ڪٽي تہ حلوي جي گپ ۽ ماکيءَ جي ترکل لڳل پئي آھي . پوءِ تہ گپندا ترکندا ، لنگھي پار پيا . ساڻھون ڏسن تہ ميسوءَ جو ڪوٽ . نختيءَ جون ڪنگريون ، سون وڻي جو در ، پتاشي جو ڪلف ۽ توشي جي ڪنجي لڳل پئي آھي . توشي جي ڪنجيءَ سان پتاشي جو ڪلف کولي اندر گھڙيا . ڏسن ڪٽي تہ مائي جليبي راڻي ، پلنگ ٽوڙ جي ڪٽ تي ويٺي آھي ، ۽ ريوڙي ٻانھي سندس خدمت ۾ ھٿ ٻڌيو حاضر بيٺي آھي . جليبي راڻيءَ جي نظر جان کيرپڑي بادشاھ تي پئي ، تنھن پري کان ھڪل ڪري چيس : ياي آئين کيرپڑا بادشاھ ! اچي ويھ مصريءَ جي تخت تي . کيرپڑو بادشاھ ، مصريءَ جي تخت تي چڙھي ويٺو ۽ پکوڑي وزير کي حڪم ڏنائين تہ : وڃ ، ھن شھر جي خبر چار وٺي اچ تہ ڇا ٿو وھي واپري .

---

* ھيءَ آ ڪاڻي وچولي (تعلقي حيدرآباد) ساڻ محمد بچل کان ملي .

پکوڙو وزير ڪوٽ کان ٻاهر نڪتو. گهمندي ڦرندي ڏٺائين ته گاله ته مڙيئي ساڳي آهي، پر هاڻي ڪيرپڙو بادشاهه پڇندو، تنهن کي ڪجهه ڪوڙ ٺاهي ٻڌائجي. اهو خيال ڪري ڪوڙ ٺاهي سڏو آيو ڪيرپڙي بادشاهه وٽ، جڏهن پکوڙي وزير کان ملڪ جو حال احوال پڇيو. ان تي پکوڙي وزير چيو: سائين! هي ته سڀ گاله ساڳي آهي، باقي هن شهر ۾ هڪڙي نئين گاله ڏٺي اٿم. اها هيءَ آهي ته جڏهن آڻون ٻاهر نڪتس ته ڪوهه ڏٺم ٿي، ۽ ٽلها ٽئين ۾ سٽي نه ٿهي جنهن ۾ سٽي نه ٿهي، تنهن ۾ شهر ڏٺم ٿي، ۽ پڙپانگ ته ٽئين ۾ ماڻهو نه ٿي. جنهن ۾ ماڻهو نه ٿي، تنهن ۾ ٺاٺارا ڏٺم ٿي، ۽ ٽوڻا ته ٽئين جي پانهن نه ٿهي. جنهن جي پانهن نه ٿهي، تنهن ديڳڙا ٺاهيا ٿي، ۽ پڳل ته ٽئين جو ترو نه ٿهي؛ جنهن جو ترو نه ٿهي تنهن ۾ چانور رڌائون ٿي، ۽ ڪچا ٽيون اصل نه رجهي؛ جيڪو اصل نه رجهي، تنهن تي ملا گهرايائون ٿي، ۽ گنجا ته ٽئين کي وار نه ٿي؛ جنهن کي وار نه ٿي، تن جا نوڪر هجن ٿي، ۽ ڪاڻا ته ٽئين جي اک نه ٿهي؛ جنهن جي اک نه ٿهي، تنهن جون بندوقون هجن ٿي، ۽ پڳل ته ٽيءَ جو گهوڙو نه ٿهي؛ جن جو گهوڙو نه ٿهي، تنهن سان هرڻ ماريئون ٿي، ۽ پڇي ويا، ٽيون اصل نه ٿي؛ جيڪو اصل نه ٿي، ڏي ڪيرپڙا بادشاهه! تنهن کي گولي گولي ڪهي ڪباب ڪري کائي پي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان. ڪيرپڙي بادشاهه، پکوڙي وزير کي چيو: هن شهر جو نمونو ئي نرالو آهي، هيءَ ته نئين گاله پڌيسون؛ پر پکوڙا وزيرا! تون ته هرڻ کائي آئين ۽ منهنجي لاءِ ته ذرو به ڪونه آندءِ؟ تون ته ڪو پيتو ٿو ڏسجين! ائين چئي جليبي راڻيءَ کان موکلائي پنهنجي ملڪ موٽي آيا.

—※※※—

ڪاڏي وارو خواب - ١ *

ڪنهن شهر ۾ ٻه دوست گڏ رهندا هئا. سندن اٺ ويهڻ ڪائن پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ گڏ هو. هڪڙي ڏينهن ٻنهي دوستن هڪٻئي سان فيصلو ڪيو ته، اڄ رات جيڪو ٻه، جهڙو ٻه خواب لهي سو ٻڌائي. اهو فيصلو ڪري وڃي سمهي پيا. صبح جو اٿي هڪ ٻئي سان جالي احوالي ٿيا. پهرئين دوست ٻڌايو ته: ادا! مون رات ڏاڍو مزيدار خواب ڏٺو آهي، جو ٻڌ ته ٻڌايئين. پائو! توکان موڪلائي وڃي ستس، ڪا مهل ڪانه گذري ته ڏسان ٿو ته هڪڙي شهر جو ٻنيو آهي، ويجهو وڃي ڏسان ته ٽي ڳوٺ آهن. ٻه ڦٽا پيا آهن ته ٽيو وسي ئي ڪونہ. اتي ڪير ڏٺم ٽي، ٻه ڄڻ ٽيو ڄاڻي ڪونہ؛ جيڪو ڄاڻي ڪونہ تنهن ڪُٽا ڏنا ٽي، تن سان ٻه پڳل، ٽيو جهلي ڪونہ. جيڪو جهلي ڪونہ تنهن ۾ چانور رڌم ٽي؛ ٻه ڪچا ٽيو رڌجي ڪونہ جيڪو رڌجي ڪونہ تنهن ٽي ملان آندم ٽي. ٻه ڄڻ ٽيو ڄاڻي ئي ڪونہ؛ انهن ڏنا پئسا ٽي، تن ۾ ٻه ڪوڙا ٽيو هلي ئي ڪونہ؛ جيڪو هلي ڪونہ تنهن جون ورتم سينگڙيون ٽي، تن ۾ ٻه پڳل ٽي جهلي ئي ڪانہ؛ ان سان ماريم تتر ٽي، ٻه لڪا ٽيو ليي ڪونہ؛ جيڪو ليي ڪونہ تنهن جو ناهيم پلاءُ؛ تنهن ۾ ٻوٽي ليي ئي ڪانہ. ٻوءِ ڪائي ڪيم ڏؤ ۽ پريون ٻڌي ڪٽي اڇي نڪتس. اڳتي اڇان ته ڏؤنري جي دڪي ٽنگيل ڏٺم.

---

* هن آکاڻيءَ جون ٻه روايتون ملين، هڪ لاڙ (تعلقي ٽڻي) سان عبدالله ڪندري ڪان ۽ ٻي وڇولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) سان ولي محمد طاهر زادي ڪان ملي.

ٹکاءُ ڪرايومانس گز. تہ دکي پٽ تي ڪري پئي ۽ ڏوڙو متي ٽنگيو پيو آهي. دکي ڪٽي درياءَ تي ويس، ڪن لاتومانس تہ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ڪٽي جو ڏسان تہ سيگاري مڇي ويٺي سرندو وڃائي ۽ سندس ٻڇا پيا بيت چون. اڃا اتي ئي هوس تہ اڪ ڪلي ويم.

ٻئي دوست چيو تہ: يار! واهہ جو خواب لڏئي، هاڻي اسان جو ۾ خواب ٻڌ. تو ڪان سوڪلائي وڃي سڱ، گهڙي ڪن گذرڻ ڪان پوءِ ڏسان تہ هڪڙو ڪُڙ جو گهوڙو، جنهن ڪي لڏن جو لغام، توشن جو تل، مون ٽال جا ٽڪا، حلوي جو هنو ۽ سڙيينين جا سنج پيل هٿا، سو منهنجي اڳيان اچي بيٺو آهي. مون ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، چاشنيءَ جو چهيڪ ڪٽي سڱ ڪٽي ٽپو ڏنو. گهوڙو سرڙاٽ ڪڙهات دوڙڻ لڳو. دوڙندي دوڙندي اچي گهيٽ جي گپ ۾ ڦاٽو. اڙي جو هنئيمانس تہ چوٻاز اچي ڪيرڙن جي ڪڍ ۾ ڪريو، ۽ قضا سان گذاري ويو. بس گهوڙي مرڻ ڪان پوءِ آئون ڪيرين ۾ اچي ويس. ڪا واهہ نہ سجهيم تہ ڪيڏانهن وڃان! نيٺ ڏٺيءَ تي توڪل رکي هڪ پاسي ڪٽي رخ رکيم. هليو اڃان تہ اڳيان شربت جو سمنڊ ڏٺم جنهن ۾ گيهہ جي گنگا وهيو ٿي پئي. ان جي چوڌاري سرملیو مهاڻو، پتاشي جو پٽ جهليو بيٺو آهي. وڏي اچي پر ورتيمانس، چي: يار! مونکي هن پار پهچائيندين؟ چيائين تہ پيو ڪم ڪهڙو اٿم. نڪتي نول ۾ وٺي، مونکي آڻي هن پر چڏيائين. اتي ڪٽي ڏسان تہ، مار! هيءَ تہ وڏو ولايت آهي! ڏاڍو خوش ٿي اڳتي وڌڻ لڳس. اورپرو اچان. تہ ماڪيءَ جو محلات آهي جنهن جي در تي دال دربان، ڏونگهيءَ جو ڏنڊو ڪنو هوشيار خبردار پيو پڪاري. سري اچي سلام ڪيومانس. پڇيائين تہ: ميان مسافر، ڪير آهين؟ چيومانس تہ: ماڪيءَ جي محلات ڏسڻ

جو شوق اٿم ، اجازت ملي تہ گهمي ڏسان . چيائين تہ: سوکل ڏيئين ٿو پر لڪ چپ ر ، اک ٽيٽ ٿي وڙڪندو وڃجانءِ . پوءِ تہ پٽون پارهن ٿي ويا . چُوريءَ جي چور دروازي کان اکري اندر ٽپس. بلي بلي! پلنگ ٽوڙ پاتشاهہ ، پکوڙو پٽس، رپ راڻي، جا گيهرن جو گج ، شيري جي شلوار ، جليبين جي جُتي، چنگالي جي چادر ڏکيو ، هنن سان گڏ تلي‌ٻڌيءَ جي تخت تي ويٺي آهي . محلات ۾ ٽکين جون ٽاڦريون گاجري حلوي جا گلم وڇايل هئا ؛ انهن تي ڪاڇن جون ڪٽون ۽ پاپڙن جا پلنگ، جن تي وڙين جا وهاٽا ، فالودي جي فراسين مٽان رکيل هئا . اتي راڳ روپ جي محفل ٿي . ڀهريائين مصري ميراثيءَ سيوين جي سارنگيءَ تي ميٺي ٻانيءَ جي سُرڪ ڪئي. ان بعد گائيي گويي بسکوٽن جي باجي تي ٺهريءَ جو تان هنيو ؛ اُن تي ڪچورين جو ڪماچ ڪٽي ريوڙي‌خان رانيات جو راڳ شروع ڪيو . چوڏاري ڇمون ڇام ، مايهي جا ميڙ ، ڪباب ڪوتوال، جي برفيءَ جي ٻيگمن سان گڏ ڪوهرن جي ڪرسين ، موٽين جي ، سُوڙن ۽ گجرن جي گاديلن تي ويٺل هئا ؛ تن راڳيندڙن کي خواريءَ جون خلعتون ۽ پادرن جا پيسا روڪ انعام پي ڏنا. اتي هڪڙي ميسوپاڪ ملازم جي مون تي نظر وڃي پئي ، جنهن هڪڙي قلڪي قيدار کي چيو تہ: ڏس تہ اهو ڪير ماڻهو آهي جو سيٽ رکي ، شاهي محل ۾ ڪاهي آيو آهي؟ قلڪي، قيسڙو منهن جهلي مون ڏي نهاريو. پوءِ تہ نڪل ۽ نباتون نوڪر مونکي وکوڙي ويا ، گهلي آڻي پاتشاهہ اڳيان پيش ڪيائون ؛ جنهن مالپڙن جا موچڙا هٽائي ، خوراڪ جي خفني پارائي ، ٻوڙ پلاءُ جي ٻڙيءَ تي چاڙهائي ڏيڻن جي ڏنڊشوروي ۾ ٻوڙڻ جو حڪم ڪيو . اتي آئون دانهن ڪري جاڳي پيس .

—❀—

ڪاڏي وارو خواب ـ ٢*

هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ستو پيو هوس تہ خواب ٿو لهان تہ لسي نينگريءَ ٽڏو سڏ ڪيو تہ: ٽڪر پور، تازو پاروٽو، بيضو آنو، ناشتو ڪپل ڪيرو ڪائي باهر نڪرو! ڪائي جو باهر نڪران تہ ڏسان گهوڙو پلاٽيو ٻيٽو آهي، گهوڙو ڪماند جو، هنوگڙ جو، تل سيري جو، ٽڙا مالپڙن جا، فالودن جا رڪيب، مڪڙ جي واڳ وٽي، گلقند ۽ گهيت جو چهبڪ هٿ ۾ ڪري چڙهي ويٺس. ٽوڙا قدم اڳتي ڪنيم، مصري ۽ ماکيءَ جو مٽان سينهن اچي وٽو. ڏسان تہ گهوڙو هليو نٽو سگهي، پيرن ۾ نگاهہ ڪيم تہ حلوي ۽ چانهہ جي ڪپ چڪ لڳي پئي آهي، شربت جو درياءَ وهي اچي مٽيو آهي. اتي ڦرص مهاڻي مونکي سڏ ڪيو تہ: ڀڄي آءُ پائو! مون وٽ ٻيڙي آهي تہ توکي اڪاري ڇڏيان. اچي ڏسان تہ ڏونگهيءَ جي ٻيڙي، جنوهر جي لٽ، عاج جا اولا، ڪيرپڙي جا ڪوها، مٽس پيهن جا پٽر وڇاٽا پيا آهن. رس جو رند ڏئي، ملائي جي پر سان ٽاڏل ۾ ٻيهي رهيس. ات ڪک ڪشتو، هربو سرڪو، آچار سانڌاڻو ۽ ڪجر ڳڏيا پيا اچن. چيائون: ڀڄي آءُ پائو! توکي لڏون بادشاهہ گهرايو آهي. جان وڃي ڏسان تہ گيهرن جي ڪٽ تي لڏون بادشاهہ چڙهيو ويٺو آهي. وٽس چار نوڪر وينا آهن پڳڙو، نڪل، گانٽيو ۽ پکوڙو. انهن سان چار ڳالهيون ڪيم تہ پنج پيٽون ڊوڙي آيون بوندي، ٽڪي، نختي، مٺائي ۽ ستڪاني. مٽان انهن جي

---

* هيءَ آڪاڻي لاڙ (تعلقي ساڪلي) مان حاجي حاميد خاصخيليءَ ڪان ملي.

ماءُ ، ڪنڌ ٻائي آئي . ڇيائين ته : ڪهڙيون خبرون ٿا ڪريو؟ ڇيائونس ته : مسافر مانيءَ ٿو گهري . ڇي : ڪهڙي مانيءَ ٿو گهري؟ ميدا سيدا ، منا خشڪا ، چانور چوڪا ، چورما ، زردا قورما ، سيويون ، اڦراتا ، ڪڪڙ قيما ، ڪباب ، انهيءَ جي ڪائڻ کان سواءِ من ڪي ٻوڙ ٻلاءُ ۽ پلي جي پت جي مار ڏئي ، گيهه پت جو گس وڌائي ڇڏيوس ، جي انهيءَ مار ۾ ڏک ڏٺي پويس ته تازي ڏونري جي ملم پٽي ڪجوس. اتان اڳتي ٽيس ته ڪنڊي ، ريوڙي اکڙوٽ ، بادامي ، ڪيرول ، چڪوڻ ، نيزو ، پان ، ٻيڙي ، لونگ ، ڦوٽو ، جعفر ، سوپاري ۽ گڏيا اچن . ڇي : ڀڄي آءُ ٻائو! توکي جليبي راڻي ڪوڏايو آهي . مون چيو ته: مونکي پار ڏيو ته پوءِ هلان. هي پار ڏنائون: منهن ميوات جو ، مٿو زردال جو ، ڪنڌ قندهاري صوف جو ، نڪ آمي ڦار جو ، اکيون انگور ۽ انجير جون ، وات انب جو ، ڏند ڏاڙهونءَ جا ، چپ چشڪن جا ، زبان ڪيوڙي جي ڦرهي جي ، موسميءَ جي محل ۾ نارنگي ۽ ناسپاتيءَ جو ماس منهن تي چڙهيل ، دل تي هڪ ناريل جو نار ٻيو وهي ، زيتون جا ٻه وڻ سندس ڇاتيءَ تي موريا ٻيٺا آهن ؛ وٽس ليمون ، جمون ، ڦاروو پاڻ ٻيا ٻهاري سهاري ڪن . هٿ گلاب جا ، پير داک جا ، هڏ صوف جا ، طبيعت ڪشمش ۽ ڪاڇن جي ، بدن برف جو . اني اڳيرو ٽيس ته مائي معجون مونکي گڏي چنهن چيو ته : ادا! ڳڙڏاڻيءَ جي ڳوٺ ۾ اڇ ته توکي ڪجور جي بازار ڏيکاريان ، جنهن ۾ خوراڪ جي جاءِ ٿهي ٻڌي آهي. ڏسان ڪڏي ته ڪيڪ بسڪوٽ ، نان پاڙ نوڪر ٻيٺا آهن . ميسوءِ جي درتي پتاشي جو ڪرف ، چڙهيل ڏسي ، نباتن جي ڪنجي ڪڏي ڪرف تي هنيم ، ته ڪرف ٻيو پري ، آڻون پيس چري . سار ٽيم ته ڪجن ، ڪارڪن ، ڪريلن ۽ ڪيسوڦلن جي ڇانو ۾ پيرن اگهاڙو ستو پيو آهيان. ايتري ۾ اڪ ڪلي ويم .

—✻—

چور ۽ کوڏوال*

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو هاري رهندو هو. ڏڪڻ جو هڪڙو جوڙو ۽ هئس، جن کي "چور" ۽ "ڪوتوال" جي نالي سان سڏيندو هو. وٽس ٻي ۽ ڪيتري ئي ملڪيت هئي، پر عقل بنهه ڪونہ هوس. انهيءَ گهٽ عقليءَ جي ڪري ڪيس ڪيترين‌ئي تڪليفون ٿيندين‌هيون، پر جيئن تہ بخت سٹائو هئس، سو سڀ سهنج ٿي ويندا هئس. هڪڙي ڏينهن زال صلاح ڏنس تہ: پاڻ وٽ الله جو ڏنو سيڪجهہ آهي، تنهنڪري چگو ائين آهي تہ تون وڃي ڪٽان عقل سکي اچ. مڙس کي ۽ اها ڳالهہ دل سان لڳي سو ٻئي ڏينهن زال کان ٽي سؤ رپيا وٺي ماڻي مسافري تي نڪتو.

ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اچي هڪڙي جهنگ ۾ پهتو. اوچتو هڪڙو ٻيڙو چور اچي گڏيس، دعا سلام ڪري ڪائنس حال احوال وٺڻ لڳو. جنهن تي هاريءَ ٻڌايس تہ: ادا! نڪتو آهيان عقل سکڻ. چور کي ٻڌ ٿي تہ هي ڪو متين موڙهل آهي، سو راهہ ويندي خدا ڪٽي هڻو سستو شڪار ڏيارين آهي. هاڻي هن کان اجهو ٿو رقم جهاڙيو وٺان. اهو ٻهہ ڀچائي هاريءَ کي چيائين تہ: ٻڌ! آئون هن ملڪ جو چگو مڙس آهيان، ۽ مون کان وڌيڪ ڪو ۽ عقل وارو ڪونهي، تنهنڪري تون مون کان عقل سک. هاريءَ چيس تہ: ٻيلي! پلو ٿيئي، ائين تہ مونکي گهٽي هلاکي کان ٿو ڇڏائين. وارو ڪر اهو تہ مون

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

تي احسان ٿو ڪرين. چور چيس تہ: آئون توکي عقل ضرور سيکاريندس، پر منهنجو قاعدو آهي تہ گالهہ لاءِ هڪ سؤ رپيا ونندو آهيان. جي قبول هجئي تہ ٻڌايئين. هاريءَ چيو تہ: ادا! مونکي قبول آهي. اتي چور ڏاڍو خوش ٿيو تہ بنان ڪنهن محنت جي شڪار ڪاسي پيو. سو پهرين چيائينس تہ: چڱو پهرين گالهہ ٻڌءِ چڪيءَ طرح ياد ڪر تہ 'ٽهڪا ٽهڪي لڳندي پئي هئي'. هاري اها گالهہ خوب ياد ڪئي ۽ چور کي هڪ سؤ رپيا ڏيئي، چيائينس تہ هاڻي ٻي گالهہ ٻڌاءِ. چور چيس تہ: ٻي گالهہ هيءَ آهي تہ 'ٻگهہ تي پٽڪي ڇڏي پئي هين'. هاري اها گالهہ بہ خوب ياد ڪئي ۽ چور کي سؤ رپيا ڏيئي، چيائينس تہ: ٻائو! هاڻي ٽي گالهہ ٻڌاءِ. چور چيس تہ: ٽي گالهہ هي اٿئي تہ، 'هرڻ جانگهي ڇڏي پئي هن'. هاري اها گالهہ بہ خوب ياد ڪئي ۽ چور کي باقي ٽيو سؤ رپين جو ڏئي واپس پنهنجي گهر روانو ٿيو. گهر پهتو تہ زال پڇيس تہ: ميان! ڪر خبر، عقل سکي آئين؟ مڙس چيس تہ: هائو. ٿورو ترس تہ ڏنڊي ڏاڙي جي سنڀال ڪري اچان تہ سانجهي توکي سڀ ٻڌائيندس.

رات جو ٻئي جڻا ساني ٽکي ڪائي واندا ٿيا، تڏهن زال کي چيائين تہ: هاڻي ويهہ تہ توکي ٻڌايان تہ آئون ڪهڙو عقل سکي آيو آهيان. زال چيس تہ: ها ٻڌاءِ. هاري چيس تہ: پهرين گالهہ تہ ٽهڪا ٽهڪي لڳندي پئي هئي. اتفاق سان انهيءَ رات چورن هن جي جاءِ کي ٻاهران ڪاٽ پئي هنيو. جڏهن هنن اهي لفظ ٻڌا، تڏهن شڪ پين تہ شايد گهر جي مالڪن اسان کي ڏسي ورتو آهي، سو فی الحال چڪ هڻي ويهي رهيا. اتي هاري زال کي ٻي گالهہ ٻڌائي تہ بگهہ تي پکي ڇڏي پئي هن. جڏهن چورن اهي لفظ ٻڌا تہ پڪ ٿين تہ ضرور گهر جي مالڪن

اسان کي ڏسي ورتو آهي، تنهنکري هکدم پنهنجا ٽپڙ تاڙي سنياليو ڇڏ لاءِ تيار ٿي ٻيٺا، تہ اِتي وري هن پنهنجيءَ زال کي ٿي ڳالهہ ٻڌائي تہ: هرڻ جانگهي ڇندي پئي هن. چورن جو اهي لفظ ٻڌا سي هکدم وڻي ڳيا، چو تہ پک سمجهيائون تہ، مالکن اسان کي ڏسي ورتو آهي. چورن جي ڇڏ جو آواز ٻڌي ٻئي زال مڙس هکدم هوشيار ٿيا، ٻاهر وڃي ڏسن تہ گهر کي کاٽ لڳو پيو آهي. پوءِ تہ هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون پر کو ماڻهو ڇيٽو هوئي کونہ. وري گهر جي سنيال لڏائون تہ جا شيءَ جتي هئي سا تتي صحيح سلامت پئي هئي. پوءِ تہ ٻئي ڏاڍا خوش ٿيا. زال چيس تہ اها اٿئي عقل جي برکت.

هوڏانهن جڏهن چورن ڏٺو تہ کير ۽ سندن پٽيان کونہ پيو، تڏهن ڏاڍو افسوس ٿين تہ ناحق اسان ڳڀاسين. پوءِ صلاح کيائون تہ هاڻي جيکي ٿيو سو ٿيو، باقي سياڻي هيئن ڪجي جو اسان مان کو هکڙو ڇڻو وڃي انهيءَ هاري جي گهر مهمان ٿي رهي، ۽ سڄي خبر چاروڻي، پوءِ رات جو هلي کاٽ هٽنداسين. اها صلاح ڪري صبح جو هکڙو چور هاريءَ جي گهر وڃي مهمان ٿيو. هاري انهيءَ مهل ٻنيءَ تي ويل هو. گهر ۾ زال ويٺل هئي، جنهن هن کي ڏاڍي عزت ڏني؛ کٽ تي هٿ وڇائي وهاريائينس ۽ کيس ماني ۽ کارايائين. منجهند جو هاري، کوڙوال ۽ چور ڏيڳا کاهي واپس گهر آيو. جيڏيءَ مهل کوڙوال ڏيکو گهر جي ڏيڏيءَ وٽ آيو، تيڏيءَ مهل وڻي پنتي ڳيو. اهو ڏسي هاريءَ رڙ ڪري پنهنجي زال کي چيو تہ: زال! تون چور کي وڻي ٻڌ تہ آئون کوڙوال کي وڻيو ٿو اچان. چور جو پريان کٽ تي ٽهيو ٽکيو ويٺو هو، تنهن جو اهو ٻڌو سو کيس پک ٿي تہ، مار! هي تہ کو نجوسي مڙس آهي، جو منهنجي خبر هن کي

ڪا اڳواڻ پڻجي ويئي آهي، سو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪسڪي وڃي ٻُڌ جي پلئ ۾ لڪي ويهي رهيو ته هاڻي هي ڪنهن پاسي ٽين ته ڪسڪي وڃان. هاري جڏهن ڏاند ورائي گهر آيو تڏهن ڏ ڪو واڙ ۾ ٻڌي پاڻ گهر ۾ آيو. پوءِ زال ٻڌايس ته: هڪڙو مهمان آيو هو جو تنهنجي لاءِ وينو هو، پر هينئر الاجي ڪيڏانهن ويو آهي. هاريءَ چيو ته: مڙئي ڪو هوندو. هاڻي سگهي ٿي ماني ڏينم. جڏهن هاري ماني ڪائي بس ڪئي تڏهن باقي بچيل ماني ڪتي ڪي ڏيڻ لاءِ، ان کي سڏ ڪيائين، جنهن جو نالو "لڏو" رکيو هئائين. سو "لڏو لڏو" ڪري ڪتي کي سڏڻ لڳو. چور جو اهو ٻڌو سو چيائين ته مار! هن ته سونکي ڏسي ورتو، تنهنڪري پڄاڻ اجايو سمجهي مات ڪري ٻه جي پلئ مان نڪري اچي هاريءَ جي اڳيان بينو ۽ چيائين ته: ادا! لپنداسين نه ته باقي ٻيو ڇا ڪندا سين. هاري هڪدم سڃي ڳالهه سمجهي ويو، ۽ هن کي معافي ڏئي چيائين ته: اڳتي هن پاسي منهن ٻ نه ڪج. چور ٻ قسم کڻي ويو ۽ وڃي پنهنجي همراهن کي ٻڌايائين ته: ٻيلي! هو ته نجومي مڙس آهي، جنهن کي ٿي ٿيندي جي خبر ٿي پوي، تنهنڪري هن جي چوري نه ڪبي. هاري ٻ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن مزي سان گذارڻ لڳو.

—※※※—

اڀائي بيوقوف*

هڪڙو بادشاهه هو، جو ڏاڍو خفقاني هو. نت نوان بيوقوفيءَ جا حڪم ڏيو ڪندو هو. سندس وزير ويچارو اهڙن حڪمن جي ڪري بيزار ٿي ويو هو، پر چا ڪري ... لاچار ڪي آچار ڪونهي.

هڪڙي ڏينهن بادشاهه وزير کي چيو: اڀائي بيوقوف وٽي اڇ، نه ته توکي ڦاسيءَ چاڙهائيندس. وزير ڏٺو ته انڪار ڪندس ته ناحق موت جي منهن ۾ ويندس، تنهنڪري عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! هڪ هفتي جي مهلت ڏيو. هفتي بعد ڪم پورو ڪري ايندس. بادشاهه کيس مهلت ڏني.

وزير ڪچهريءَ مان اٿي گهر آيو. سوچ ويچار ڪري بيوقوف ڳولڻ لاءِ گهران روانو ٿيو. ڪجهه پنڌ ڪرڻ بعد، هڪڙو مسافر سامهون ايندي ڏٺائين. پاڻ ۾ ڳڏيا، خوش خير و عافيت بعد هن کان پڇيائين ته: ادا! ڪر خبر، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ مسافر چيو ته: مبارڪ ڏيڻ ٿو وڃان. وزير تنهن تي پڇيو ته: ڪهڙي مبارڪ آهي ۽ ڪنهن کي ڏيڻ ٿو وڃين؟ تڏهن مسافر چيو ته: ادا، منهنجي زال هئي، جا ٻئي مڙس سان بدپشي ٿي پيئي. مون گهڻو ئي کيس سمجهايو، پر هوءَ نه سمجهي، آخر مون ڪک ٿي کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هن جي يار جو گهر منهنجي گهر جي سامهون آهي. جڏهن هوءَ گهر مان نڪتي،

---

* هيءَ آ ڪاڻي ڏرهاڪر (تعلقي مٽي) مان رائچند ڪان ملي.

تڏهن وڃي پنهنجي يار وٽ ٿهي ٽڪي وينو. هن ڪي اڃ پٽ ڄائو آهي، هن جو يار ٻاهر ويل آهي، تنهن ڪي اوڏانهن مبارڪ ڏيڻ ڏيو وڃان. وزير ڏٺو تہ هڪڙو بيوقوف ڪو ٻيو، سو ڪيس وٺي آئي بادشاهہ جي اڳيان حاضر ڪيائين. بادشاهہ وزير کان پڇيو تہ: بيوقوف آندءِ؟ وزير جواب ڏنو تہ: هائو سائين! بادشاهہ پڇيو تہ: ڪٿي آهن؟ وزير چيو تہ: سائين! هڪڙو هي آهي. پهريائين هن کان حال احوال وٺو، پوءِ ٻي ڳالهہ. بادشاهہ هن کان احوال ورتو، سڄي ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ ٿورو ڪلي، وزير کي چيو تہ: بيشڪ هڪڙو بيوقوف هيءُ آهي، باقي ڏيڍ بيوقوف ڪٿي؟ وزير جواب ڏنو تہ: جئندا قبلا! گستاخي معاف، ٻيو بيوقوف تون پاڻ آهين، جنهن مونکي اهڙي بيوقوفي جهڙي ڪم لاءِ حڪم ڏنو. بادشاهہ کنڊ ڪڍي هيٺ ڪيو ۽ قبول ڪيائين، پر چيائين: باقي اڌ بيوقوف ڪٿي؟ جنهن تي وزير جواب ڏنو تہ: سائين! اڌ بيوقوف تہ آئون پاڻ آهيان، جو سمجهہ هوندي بہ توهان جي چوڻ تي بيوقوف وٺڻ ويس. بادشاهہ وزير جو جواب ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيو، ۽ وري ڪڏهن اهڙا حڪم ڪونہ ڏنائين.

—※※—

وڏو بيوقوف ڪير *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪن ماڻهن هڪڙي چوسول ٿي ويٺي ڪچهري ڪئي ته آتان هڪڙو واڌيڙو اڇي لنگهيو، جنهن هنن کي سلام ڪيو. واڌيڙو جي سلام تي، چارئي ڇڙا هڪٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته: اهو سلام هن ڪنهن کي ڪيو؟ جنهن تي هڪڙو چوڻ لڳو ته: آئون وڏيري جو پٽ آهيان، تنهنڪري هن سونڪي سلام ڪيو آهي. وري ٻئي چيو ته: نه، آئون پهلوان جو پٽ آهيان، تنهنڪري هن سونڪي سلام ڪيو آهي، مطلب ته سڀ کو پاڻ ڏانهن چڪڻ لڳو، جڏهن پاڻ ۾ ٽاهه نه ٽين، تڏهن ان واڌيڙو کان پڇيائون ته: يار! ٻڌاءِ تو هي سلام ڪنهن کي ڪيو؟ واڌيڙو دل ۾ خيال ڪيو ته مون ته ڪچهريءَ کي سلام ڪيو، پر هي کي بيوقوف ٿا ڏسجن، سو هنن کي مڙئي مزو ڪرائجي. اِهو خيال ڪري هنن کي چيائين ته: ادا! مون آنهيءَ کي سلام ڪيو آهي جيڪو توهان ۾ وڏو بيوقوف هوندو، ماڻي سونڪي ٻڌايو ته وڏو بيوقوف ڪير آهي؟ اهو ٻڌي هر کو پاڻ کي وڏو بيوقوف چوڻ لڳو. تنهن تي واڌيڙو چوڻ لڳن ته: ادا! توهان مان هر کو پنهنجي پنهنجي بيوقوفيءَ جي ڳالهه ٻڌائي، پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي ته وڏو بيوقوف ڪير آهي. تنهن تي هڪڙي چيو ته: ادا! هائو اها ڳالهه پلي. ائين چئي هيءَ ڳالهه ڪيائين ته: ادا! سونڪي ٻابي ٻڪرين جو ڏڻ

---

* هن آکاڻي جون ٻ روايتون آٿي (ڏوکاڻي) مان الهداد جفتائي ۽ (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق کان مليون.

وٽي ڏنو هو، جنهن کي چاريندو ۽ آڻون هوس. هڪڙي ڏينهن هڪڙو ماڻهو مون وٽ آيو ۽ مونکي چيائين ته، يار! مبارڪ هجئي، تنهنجو مڱڻو ٽيو آهي. مڱڻي جو ٻڌي آڻون ڏاڍو خوش ٿيس ۽ چيو مانس ته، ادا! خير مبارڪ، ائين چئي مون هن کي پلي ٻڪري ڪاهي ڏني. جا هو ڪاهي هليو ويو. ڇهين مهيني ڪان پوءِ وري ٻ ساڳيو شخص مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته پائو! توکي لک لک مبارڪون هجن، تنهنجي شادي ٿي آهي. شاديءَ جو ٻڌي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس ته الله منهنجي من جون مرادون پوريون ڪيون ۽ وري ٻ ٻڪري ڏنيمانس. ٻارهين مهيني هن همراهه وري ٻ اچي مونکي مبارڪ ڏني. چي، توکي پٽ جائو آهي؛ توکي مبارڪ هجي. تڏهن کيس چيم ته ادا! اهي ته ڳالهيون مڙئي ڇڪيون پر اهو ته ٻڌائي ته منهنجي زال ۽ پٽ ڪٿي آهن؟ هن چيو ته هل ته هينئر ئي هلي توکي تنهنجي زال ۽ پٽ ڏيکاريان. ائين چئي مونکي وٽي آٽي هڪڙي گهر وٽ بيهاري چيائين ته: هاڻي اندر وڃي ڏس ته تنهنجا ٻار ٻچا اندر وينا آهن يا نه؟ آڻون انهيءَ شخص کان موڪلائي، گهر ۾ اندر لنگهي ويس. جنهن وقت آڻون اندر پهتس، اُن وقت مائيءَ کنهن ڳالهه تان چوڪري کي پئي ماريو؛ ٻار کي ماريندو ڏسي مونکي ٻ لڳي خار، سو لاهي موچڙو اچي ان زال کي ورتم، اتي مائيءَ وٽي گهوڙا گهوڙا ڪئي؛ چي: هي الاجي ڪير ڪارمُنهون گهر ۾ گهڙي آيو آهي! مائيءَ جي دانهن تي سندس مائٽ اچي پهتا تن هٿي منهنجو پاندو ئي پوري ڇڏيو. آخر جيئن تيئن ڪري جند ڇڏائي، هڏ گڏ ڀڃائي، منڊڪائيندو اچي ٻڪرين پيڙو ٽيس، آتي ڏسان ته ٻڪرين جو ڏڻ ئي غائب! چو ته آهو همراهه جنهن منهنجي پرپٽ شادي ڪرائي هئي

سو مونکي مصيبت جي منهن ۾ موڪلي پويان اچي ڪريون ڪاهي گم ٿي ويو هو. پوء ته منهن مٿو پٽي مات ڪري ويهي رهيس ، يار! پنهنجي ڳالهه اها اٿو.

اتي وري هي چيو ته : ادا! منهنجي ڳالهه ٻڌ پوء پاڻهي امين ٿيندين . مونکي شادي ڪئي اجا ٿورا ڏينهن گذريا هئا ته منهنجو پيءُ گذاري ويو. منهنجي زال وري اهڙي ته جهيڙاڪ ۽ ڪروڌن هئي جو هر ڪم لاء پئي ڪُرڪُرڪندي هئي . هڪڙي رات جو ڪائي هي جڏهن واندا ٿياسون تڏهن سمهڻ وقت زال کي چيم ته گهر جو ٻاهريون دروازو بند ڪري اچ . هوء چئي ته تون وچ ۽ آئون چوان ته تون وچ . آخر فيصلو ٿيو ته جيڪو پهرين ڳالهائيندو ، در ۾ اهو بند ڪري ايندو. اسين ٻئي زال مڙس مات ڪري ويهي رهياسين ، نڪي هوء ڳالهائي نڪي آئون ڳالهايان . سياري جي رات هئي سو باهه ٻاري ، چلهه وٽ ويهي رهياسين . اتفاق سان انهيءَ رات ڪو چور گهر ۾ گهڙي آيو ۽ سامان ڍوهڻ لڳو ، اسان ٻنهي اهو ويني ڏٺو ، پر ڪچياسين اصل ڪونہ . انهي لاء ته متان در نہ ڏيڻو پوي . نيٺ جڏهن چور زيورن لاهڻ لاء اچي منهنجي زال کي هٿ ڳنڍيا ، تڏهن زال چيو ته: مٽا! توکي شرم نٿو اچي جو ڏاريون مڙس ٿو مونکي هٿ لائي ۽ تون مات ڪري ويٺو آهين؟ اهو ٻڌي چور ته وٺي ڀڳو. هن جو ايترو چوڻ سون ۾ ٺهه پهه ڪيس چيو ته ، تو شرط هارايو اٿي در بند ڪر . تنهن تي چيائين ته هاڻي در ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو ، چور ته سڀ سامان ڪٽي ڇڄي ويو. ادا! هاڻي تون ئي ٻڌاء ته بيوقوف ڪير آهي . تنهن تي واٽهڙو چيو ته: ميان! ترس ٻين جي ۾ ڳالهه ٻڌون پوء فيصلو ڪنداسين .

تنهن تي ٽئي ڄڻي چيو ته: ادا! ٻيءَ منهنجون ۾ شاديون ڪرايون هيون . ٻئي زالون تمام سهڻيون هيون ۽ منهنجي

ٻ ٻنهي سان دل هوندي هئي، پر هو ٻئي پاڻ ۾ ٺهنديون ئي ڪونہ هيون. اسين رات جو ٽئي هڪڙي ڪٽ تي سمهندا هئاسين، آئون اڃان هڪڙيءَ ڏي منهن ڦيرايان ٿ تيسين پٽيان ٻي ونيو ڇهندڙيون هٽي، تنهنڪري آئون سنئون سمهندو هوس. هڪڙي رات، ٻئي زالون منهنجي ٻانهن تي ستيون پيون هيون. اسان جي ڪٽ جي سيراندي ڪان ڏيو ٻئي ٻريو. انهيءَ رات پتنگ ٻ هئا، سو هڪڙي ڪرڙيءَ جيئن پتنگ کي ٽي جهپ هنيو، تيئن وڃي ڏٻي جي وٽ جي مٽان ڪري ۽ ڦٽڪڻ لڳي، اوچتو ڪرڙيءَ جو ٻچو وڃي ڏيي جي وٽ کي لڳو، جا اڇي منهنجي اک تي ڪري. هاڻي جي ڦٽڪان ٽو ۽ ٻانهون ٽو ڪيان ٿ ٻنهي زالن جي ننڊ ٽي ڦٽي ۽ جهيڙو ٽو ڇڇيءَ ۾ پوي؛ سو اتيئي ٻئي سور سٽم. نيٺ جڏهن اک جو دوڏو ٽڪاءُ ڏئي وڃي پري پيو، تڏهن ونيي گهوڙا گهوڙا ڪيم، جنهن تي ٻئي زالون سجاڳ ٽي آٽي ويٽيون ۽ چوڻ لڳيون: هي چا ٿيءَ؟ تڏهن چيومان اوهان جي عشق مون سان هيءَ حالت ڪئي آهي، سان ٿ ٻي ٻ اک ساڙڻ وارو هوس، پر توهان جاڳي پيون. ائين چئي پوءِ سموري حقيقت ساڻن ڪيم. تڏهن زالن ڏاڍو ارمان ڪيو پر آئون اک وجائي ويهي رهيس. هاڻي ادا! ٻڌاءِ ٿ بيوقوف ڪير هي ٻ يا آئون؟ تنهن تي واٽهڙو چيس ٿ اڃان ٻڌا ٻ آهن.

چوٽين جڏي ٻڌايس ٿ: يار! منهنجي شادي ننڍي هوندي ٽي هئي منهنجي زال مون ڪان وڏي هئي، تنهنڪري گهر جو سڄو ڪم ڪار مون ڪان ونڊندي هئي. هڪڙي ڏينهن مينهن اڇي ونو، مينهن ٻ اهڙو اڇي ونو جو گهڙي ڪن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي ٽي ويو. تڏهن مون زال کي چيو ٿ: وڃي ڪٽان ٽاندو ڪٽي اڄ ٿ باهم ٻاري مانيي پچايون. پر هن چيو ٿ: تون وڃ. پوءِ ٿ

ٻئي اڇي ضد تي چڙهياسين ، ائين ڪندي اڇي ٻهر ٽيا ، اتي بک ۽ اڇي ورايو ، تڏهن زال کي چيم ته : ڀلا جي منهنجي ڳالهه نٿي مڃين ته هيئن ڪر جو منهنجي ڪلهن تي چڙهي ويهه ته ڪٽان هلي ٽاندو ڪٽي اچون . ان تي منهنجي زال راضي ٿي ۽ منهنجي ڪلهن تي چڙهي ويني . اڙي ادا ! مٽان مينهن ، هيٺان گپ چڪ ۽ ڪنڌا ، ڪلهن تي زال ، نيٺ اچي ٽڙي ٽاڙي هڪڙي گهر وٽ لاٿومانس . هيءَ اندران وڃي هڪڙي ٽڪر ۾ ٽاندو ڪٽي آئي ۽ وري منهنجي ڪلهن تي چڙهي ۽ ٽاندن وارو ڪونو ٽڪر ۽ ڪٽي منهنجي ٿي ڪياڙيءَ تي رکيائين ، سو ڙي ادا ! اهڙا سور سهندو اڇي گهر پهتس جتي ماني پچائي ڪاڌيسين ، هاٿي ٻڌاءِ ته وڏو بيوقوف ڪير ؟

اتي پنجين بيوقوف چيو ته : ڀائو ! هاٿي منهنجي ۽ ٻڌ ، پوءِ فيصلو ڪج ته اسان ۾ وڏو بيوقوف ڪير آهي . ائين چئي هن هي قصو ٻڌايو ته : هڪڙي دفعي مونکي پنهنجي ڳوٺ ڪان پنج ست ميل بري ، ٻئي ڳوٺ ۾ ڪنهن ضروري ڪم سانگي وڃڻو هو . ماٺهن کان پڇا ڪيم ته ، ان ڳوٺ ڏانهن ڪهڙي رستي کان وڃبو ؟ ماٺهن چيو ته : ٽڪ سامهون هليو وڃ . اهو ٻڌي آڻون ۽ ٽڪ سامهون هلڻ لڳس . رستي ۾ جيڪڏهن ڪو ڪرڙ ، ڪانڌيرو سامهون ٿي آيو ته ۽ انهن مٽان چڙهندو ، ٽپندو ٻئي ويس ته مٽان ٽڪ نه ٿري وڃي . اهڙيءَ طرح هلندي هلندي هڪڙو ٻيرآڏو اڇي ويو . جڏهن ٻيرتي چڙهي وري ٻئي پاسي هڪ ٽاريءَ کي جهلي هيٺ ٿي لٿس ، تڏهن هيٺ جو ڪٽي نظر ڪيم ته ڏسان ته هڪڙو ڪوهه ٻيٽو آهي . هاٿي جي ٽڪ جي سڏائي ٿو چڏيان ته ڳوٺ ٿو وڃايان ، ۽ جي ٽڪ جي سڏائي ٿو وڻان ته ڪوهه ۾ ٿو ٻڌي مران . سو ادا ! ساهه جي ڇڏ ڪان ٿيو ۽ نه ڇيو ڏيان

اهڙي طرح لڙڪندي لڙڪندي مونکي اچي ٻه پهر ٿيا. اوچتو پريان ڏسان ته ڪا ڇڄ پئي اچي، ۽ هڪڙو مڱڻهار تکڙو تکڙو جڏهن منهنجي پر سان اچي لنگهيو، ڏڏهن سڏ ڪري چيومانس ته، يار! خدا تنهنجو پلو ڪري، منهنجي ڀتان جند ڇڏاء. ويچاري مڱڻهار ڪوهه جي ڪپ تي ويهي، منهنجي تنگ ۾ هٿ وڌهي لوڏو ڏنو پر جنهن ڪاڻ۽ ۾ آئون لڙڪيل هئس اها تمام ٿلهي هٿي سا پري ڪاڻ وئي ۽ وٺي پوئتي موٽ ڪاڏائين. مون ٻه ڀپ ڪان ٽاري۽ مان هٿ ڪونہ ڪيا، مڱڻهار، جو ڪوهه جي ڪپ تي ويٺو هو سو ٻه ڪوهه ۾ ڪرڻ جي ڀپ کان منهنجي تنگن ۾ چنڙي پيو. پوء ته پئي ڇڻا لڙڪڻ لڳاسين. ايڙي ۾ ڇڄ ٻه اچي اتي پهتي، تن وري فقير کي جٽ ڪئي ته توکي ڪيئن آٽ تي نانگ ڪاڏو؟ آخر منجهائن ڪنهن صلاح ڏني ته، گهوٽ سڏتوجڻتوآهي، جيڪڏهن اهو اچي فقير جي پيرن کي جهلي، ته ٻنهي جي جند ڇٽي پوي. سيني کي اها صلاح وٺي سو يڪدم گهوٽ کي اتي وٺي آيا، جنهن اچي فقير کي پيرن کان ورتو ۽ ڇڪ ڏني. منهنجا هٿ ٻه اچي ٽڪا هٿا سو جيئن ئي ٻن ڇڻن جو زور ۽ ڇڪ آيم، سو هٿ ويم نڪري ۽ گهوٽ سميت وڃي ڪوهه ۾ ڦهڪو ڪيوسين. ڪوهه ۾ وري رڳو هٿا ڪنڌا ۽ پٽ، تن سڄو بدن رت ڪري ڇڏيو. آخر ڇڄ وارن ڏاڍين تڪليفن سان سيني کي ٻاهر ڪڍيو پوء هو ته سڀ هليا ويا ۽ آئون ٻه رتوڇاڻ ٿي، ڏڏو منهن ڪٽي واپس اچي گهر پهتو ٿس. اها اٿو منهنجي نڪ جي سڏائي. هاڻي ٻڌاء ته ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو بيوقوفائي ڪندو ڇا؟ تنهن تي وري ڇهين ڇوڙ ته: اهڙيون بيوقوفيون ته اسان جا ٻار ٻيا ڪن، منهنجي بيوقوفي توهان سيني کان زور آهي. تڏهن

چيائونس تہ: پلا ٿون بہ پنهنجو ڪارناموَ ٻڌاءِ.

تنهن تي ڇهين بيوقوف پنهنجي ڳالهہ هن طرح شروع ڪئي تہ: هڪڙي دفعي منهنجي سالي جي پٽن جي شادي هئي، ڪُڙ مہ بہ اچان هفتو ڪن دير هئي تہ هڪ ڏينهن منهنجو سالو مون وٽ لنگهي آيو ۽ اچي مونکي دعوت ڏنائين ۽ پيٽس جي بہ موڪل گهريائين. مون کيس چيو تہ: ادا! في الحال تہ ڪم ڪاريون لڳا پيا آهن، باقي شادي جي ڏينهن اچي حاضر ٿيندس. آخر جڏهن اهو وقت آيو تڏهن ڪپڑا مسواڙ تي ونيا، آٺ پاڙي ڪري، پنهنجي رعب ڏيکارڻ لاءِ ٺاٺ ڪري اوڏانهن روانو ٿيس. واٽ تي سڄ لهي ويو. جڏهن گوٺ جي ٻاهران پهتس تڏهن دل مہ خيال ڪيم تہ صبح جو شاديءَ جي ڪم ڪار مہ ڪپڑا ويندا ميرا ٿي، تنهنڪري ڪپڑا هينئر لاهي ڪٽي لڪائي وڃان. سو چا ڪيم جو اٺ اتي هشائي هڪڙي پراڻي مسجد جي پر مہ ڪپڑا لاهي، هڪ وڻ مہ ٻڌي، گوڏ ٻڌي، رات جي پيٽ پرڻ لاءِ ويس گوٺ مہ گدائي ڪرڻ، جڏهن شاديءَ وارن جي دروازي تي پهتس تڏهن ڏسان تہ منهنجي زال پئي ديگ جو پٽ ورهائي. منهنجي فقيراڻي صدا ٻڌي، پٽ ڪٽي مونکي ڏيڻ لاءِ مون ڏانهن آئي. مونکي ڊپ ٿيو تہ متان سڃاڻي ونيو، سو پوئتي هٽڻ لڳس. تڏهن زال چيو تہ: فقير! اوريرو اچ. مون چيوسانس تہ: تون اوريري اچ. ائين چوندو چوندو پوئتي هٽندو ويس ۽ وڃي پويان ڪني پاڻيءَ جي ڪڍ مہ ڪريس. اتي مون واري زال ونيو دانهون ڪيون تہ، اڙي بتي ڪٽي اچو، فقير ڪڍ مہ ڪري پيو آهي. مون سڃاڻڻ جي ڊپ ڪان، نڪري پڇڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪڍ ڪا تمام اونهي هئي، سو نڪري ڪونہ سگهيس ۽ سيئي وارث اچي متان بيهي رهيا. بتيءَ جي سوجهري تي سيني مونکي سڃاتو ۽ چيائون تہ: اڙي هي تہ

ڪيو اٿئي! تون ڳهر جو ڀاتي پٽ آيو آهين؟ تڏهن مون چيو ته ڀائو! ڳالهائي نه پچو ، جهڙو رعب جمائڻ لاءِ ٽاڪ سان آيس ، تهڙو ئي ٻڌڻو ٿيو آهيان . وري جڏهن اڪ ۽ ڪپڙن جي وڃي خبر ورتم ته ڏسان ته ڪاريءَ وارا ڪڪ لڳا پيا آهن . شايد ڪي شاهنگ ڪاهي ويا هوندا . هاڻي ٻڌايو ته سلام جو لائق آئون آهيان ڪي نه ؟

سيني جون ڳالهيون ٻڌي واٽهڙو دل ۾ چيو ته هي آهن ته سڀئي بيوقوف سو ڪين چيائين ته : ادا ! مون ته توهان سيني ڪي سلام ڪيو هو ، هاڻي اهو فيصلو ٿا اتي ڇڏيون ته بيوقوف ڪير ڪير آهي . هاڻ پنهنجي الله واهي اٿو ائين چئي واٽهڙو رستو وٺي روانو ٿي ويو .

—※※—

ايائي زال *

هڪڙي ايائي زال کي هڪڙي ڏينهن مڙس اچي چيو: مُنڌي! زال کي گهر جي چنبي ڪنڊن ۾ ديد هوندي آهي، تون اهڙي چري آهين جو گهر جو ڪوخيال ئي ڪونه ائين. ٻئي ڏينهن مڙس اچي ڏسي ته ايائي زال رڳو گهر جي ڪنڊن ۾ پئي نهاري، باقي کو ڪم ڪار ڪريئي ڪانه ٿي. مڙس ڪيس خوب سوچڙا هنيا ۽ پنهنجي منهن چيائين: چنڊيءَ رن مان اچي ڦاٽو آهيان، زال ذات گهر جي ٽوٽي ٽيندي آهي. ٽئين ڏينهن جڏهن هي گهر آيو، تڏهن چا ڏسي ته سندس زال هڪ ٽوٽي گهر مان ڪڍي اڇلي آهي ۽ انهي جاءِ تي پاڻ ڪلهو ڏيو ويٺي آهي. مڙس ڪيس وري به خوب سار ڏني ۽ چيائينس ته: اڳتي تون گهر ۾ نه رهجئين، پر سون سان گڏ پوڪ تي هلج.

صبح جو مڙس زال کي ڪوهه تي ويهاري چيو ته: هاڻي نار تي ويهي ڏاند هڪل ته مان شهر مان پورهيو ڪري اچان. ٿوري دير گذري ته ڏاند مُڙڻ لڳو. ايائي زال پانيو ته ڏاند جي ٽينڊي نڪري پئي آهي، سو ڪپڙا ڦاڙي سندس پيشاب روڪڻ لڳي. ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو ڏهرو ۽ ڪراڙو ڏاند ڪاهي اتان اچي لنگهيو. هن خيال ڪيو ته هي ڏاند ته هاڻي بيڪار آهي، چو نه سودو ڪري ڏاند مٽائي ونان. اهو خيال ڪري هن انهي ماڻهوءَ کي چيو ته: ادا! هيءُ ڏاند تون وٺ ۽ اهو سونڪي ڏي.


---

* هيءَ آ ڪاڻي اتر (تعلقي اباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

هن ساڻهوءَ کي تہ موج ٿي پئي. سو يڪدم پنهنجو ڏاند اتي چڏي ايائي زال وارو ڏاند ڪاهي روانو ٿي ويو.

شام جو مڙس اچي ڏسي تہ پنهنجي پلي ڏاند جي عوض هڪڙو ڏهرو ڏاند ٻيٽو آهي. زال کان پڇيائين، جنهن ڏاند جي جي ٽينڊي نڪري پوڻ وارو قصو کيس ٻڌايو. مڙس وري ٻہ ڏاڍي مار ڏنس. آخر ڪجهہ ڪهہ کيس ڏيئي چيائين تہ: آئيندي ٻيو ڪم توتي معاف آهي، رڳو سُٽ ڪتيندي رهہ. ايائيءَ زال ڪُڻ جي ٻرن سان چرڙاٽ ٻڌندي هئي، هن جي خيال ۾ تہ شايد آهي چرخو پيا هلائين. سو ڇا ڪيائين جو ڪهہ ڪٽي وڃي ڪُڻ جي ٻرن ۾ اڇلي آئي. ڪجهہ ڏينهن بعد مڙس ست بابت پڇا ڪئي. هيءَ يڪدم ڪُڻ جي ٻرن ڏانهن وڃڻ لڳي. مڙس پڇيس تہ: رن! ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ جواب ۾ پنهنجي ڏاهپ ٻڌايائين تہ: ڪُڻ کي سُٽ ڪتڻ لاءِ ڏنو اٿم، اهو ڪٽڻ ٿي وڃان. مڙس سندس پوري گالهہ ٻڌي ٻہ ڪاڻ، ۽ اچي ورتائينس، هٿي هڏ گڏ ڪيي چڏيائينس. هن کي پڪ هئي تہ ڪُڻ ضرور سُٽ ڪتيو هوندو، سو مڙس کان لڪي وڃي ٻر کوٽڻ لڳي. ڏسي تہ اتي هڪ سونهي سر پئي آهي. هيءَ اها سر ڪٽي مڙس کي ڏيکارڻ لڳي تہ کڻي نہ پکي ۽ سهڻي سر آهي. مڙس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ زال کي چيائين تہ: اها لڪائي رک انهيءَ مان آٺ گهوڙا ونڊاسين.

ٻئي ڏينهن تي کو ڪنيار متيءَ جا اٺ گهوڙا ۽ راندڪا ٺاهي اچي سندس گهر وٽان لنگهيو. هن ڇا ڪيو جو هن جو هوڪو ٻڌي اها سر کڻي آئي. ڪنيار يڪدم راندڪن جي ڪاري هن کي ڏئي پاڻ سونهي سر ڪٽي راهي ٿي ويو. ايائي زال اهي آٺ گهوڙا، نوڙين سان ٻڌي گهر جي اڳڻ ۾ ڪلا هٽي، انهن



... 'و يهين ڏينهن چريا گچ دلا ڪٽي، مينهن ڏُهڙ آيا. مينهن ڏُڏائون
تہ هڪ دِلو ڪير جو نڪتو'... - ص ۳۲۲

سان ٻڌي کين گاهه وجهڻ لڳي ۽ پوءِ سونٽي ڪٽي اڇي گهٽيءَ جي منهن تي ويٺي. جڏهن سندس مڙس گهر جي ويجهو آيو تڏهن ان کي هڪل ڪري چيائين: ماريا! آهستي اڇاڻ متان اٺ گهوڙا ٽاهه کائين. جڏهن مڙس ٻڌا ڪيس تڏهن هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. مڙس تہ اڳيئي ماري ماري اڇي ٽڪو هو، تنهن ڇا ڪيو جو وڃي ٻي شادي ڪئي. جڏهن زال پرٽجي آيو تڏهن ان سان صلاح ڪرڻ لڳو تہ ڪيئن هن زال کان جند ڇڏائجي؟ آخر صلاح ٻيهاريائون تہ هتان لڏي هلجي ۽ هن کي ڇڏي هلجي. ايائي زال ٻ هنن جي صلاح ٻڌي ورتي، سا سوچڻ لڳي تہ ڪهڙيءَ طرح انهن سان گڏجي وڃان.

جڏهن ٻيو ڏينهن ٽيو، تڏهن سندس مڙس ۽ پهاج سامان سنپرائڻ لڳا ۽ ايائي زال کي چيائون تہ بازار مان سودو وٺي اچ. هوءَ اڪل تي ٽورو ٻاهر وڃي وري يڪدم واپس آئي ۽ هڪڙي تڏي ۾ ويڙهجي سمهي رهي. مڙس ٽپڙ گاڏيءَ ۾ وڌا ۽ تکڙ ۾ وڃڻ لڳا. جتي رات اڇي پين اتي ٽپڙ لاهي رات رهڻ جا سعيا ڪرڻ لڳا. وڃائڻ لاءِ هڪڙو تڏو کولهائون تہ ايائي زال ٻ ٽپ ڏئي آٿي ويٺي. مڙس حيران ٿي ويو. هوءَ وڃي هڪڙي ڏڙي تي ويٺي ۽ ماکوڙن سان راند رهڻ لڳي. ماکوڙن کي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو ڏسي چوڻ لڳي، هيڏانهن نہ وڃجئين، هوڏانهن وڃجئين. سڃاڻ اتي ڪي چور وينا هٿا، جن وٽ ناٽي جون پريون ٻڌل هيون. انهن جو اهي لفظ ٻڌا، تن سمجهيو تہ شايد واهرو اڇي پهتا آهن سي يڪدم ڀڄڻ لڳا. انهيءَ ڪڙڪي تي ايائي زال ٻ اتي پهتي ۽ رين جو ڊگ ڏسي هڪ ٻ رپيو ڪٽي اڇي مڙس کي ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ هڻين ٽڪرين جون ست پريون پيون آهن. هن جو مڙس وڃي ڏسي تہ برابر ناٽي جو ڊير لڳو

ٻيو آهي. پوءِ اهي سڀ ڏوکڙ گاڏيءَ ۾ وڃي هڪڙي شهر جي ٻاهران اچي پهتو ۽ اتي ناڙو پوري هڪ مٽن ٿهرائي اتي ايائي زال کي ويهاري هڪڙو اقراڙو ۽ پائيءَ جو گلاس ڀري مٽن تي چڙهي ويو. اتان پائيءَ جا ڦڙا ۽ اقراڙي جا پور هيٺ ڪيرائڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن ايائي زال شهر ۾ گهمڻ وئي. اتي ماڻهن ۾ انهي چوريءَ جي چرچا ٻڌي چيائين تہ اها دولت تہ منهنجي مڙس وٽ ٻڌي آهي. ماڻهن يڪدم ڪٽي اعتبار ڪيو ۽ هن سان گڏجي سڌس مڙس وٽ آيا. مڙس انهن کي چيو تہ: اوهين پليا آهيو. هن ويچاريءَ جو دماغ درست نہ آهي. اوهين ڇوس نہ ٻلا ڪڏهن اسان وٽ دنيا آئي. ماڻهن ايائي زال کان اهو سوال ڪيو. جنهن جواب ڏنو تہ: هيءُ ڪوڙ ٿو ڳالهائي، مان چري اصل ڪاڻ آهيان، جنهن ڏينهن آڦراڙن جو مينهن وٺو هو، انهيءَ ڏينهن اسان پريون ڪٽي آيا هئاسين. ماڻهن ايائي زال کي چريو سمجهي ڇڏي ڏنو. پوءِ مڙس هن جي ايائپ تي قياس آڻي کيس پائڻ لڳو.

—❀—

سياڻي زال *

هڪڙو شخص ڪنهن ڪم سانگي پئي شهر ڏانهن ٽي ويو. جڏهن پنڌ ڪندي ٽڪو، تڏهن واٽ تي هڪڙي ڳوٺ ۾ لنگهي ويو، ۽ پڇا ڪري وڃي هڪڙي رئيس جي گهر پهتو؛ جنهن هن کي مسافر سمجهي چڱو آدرپاءُ ڪيو. ماني کارائي هنڌ ناهي ڏنائينس، جنهن تي هو بالم ٽي سمهي رهيو. صبح جو اٺن ڪان پوء ٻ ان رئيس هن کي ماني کارائي پوء روانو ڪيو. رواني ٽيڻوقت هن چيس تہ: ادا! تو مونکي بلڪل سکيو رکيو، نہ تہ ڪير ٿو مسافر جي ايتري خدمت ڪري. هاڻي مان تنهنجو اهو ٿورو ضرور لاهيندس. جيستائين ٿورو نہ لاهيندس تيستائين مونکي آرام ئي نہ ايندو. سو خدا ڪارڻ منهنجي دعوت قبول ڪر. ۽ هڪڙو پيرو مون وٽ ضرور اچ. پوء اهو شخص رئيس کي پنهنجي ڳوٺ ۽ گهر جو ڏس پتو ڏئي، موڪلائي توڪلائي روانو ٿيو ۽ ڪم لاهي اچي ڳوٺ پهتو.

ڪجهہ وقت گذرڻ بعد رئيس خيال ڪيو تہ مونکي فلاڻو شخص دعوت ڏئي ويو هو، سو هن وٽ وڃڻ کپي. ہن ٽن سنگتين کي ٻ هلڻ لاء چيائين، جي سيئي ساڻس گڏجي روانا ٿيا. آخر اچي ان شخص جي ڳوٺ ۾ پهتا. هو ساڻن ڏاڍيءَ حب سان ملیو ۽ کين وٺي وڃي گهر جي لانديءَ ۾ تڏو وچائي ويهاريائين. خوش خيرعافيت پڇي، پنهنجي گهر ويو ۽ زال کي وڃي چيائين تہ:

---

* هيءَ آکاڻي ڏرهاڪر (تعلقي چاچري) مان رائچند کان ملي.

منهنجا دوست مهمان ٿي آيا آهن ، سيگهه ڪر ، ماني پچائي ته هنن کي ڪارايان . هن جي زال کا ڏاڍي اٹانگي هئي ، تنهن خيال ڪيو ته هي روز روز هڪڙا نه پيا ماٹهو وٹيو اچي . چي ، منهنجا سنگتي آهن . آئون ته مانيون پچائي پچائي ڪڪ ٿي پئي آهيان . هاڻي اهڙي کا اٹڪل ڪريان جو آئيندي انهن مان جند ئي ڇٹي پوي . سو مڙس کي چيائين ته : گهر ۾ سيڏو آهي ئي ڪونہ ، بازار مان وڃي سيڏو سامان وٹي اچ ته ماني تيار ڪريان . هو ويچارو بازار مان سيڏو وٹ ويو . هوڏانهن جوٹس چا ڪيو جو گهر ۾ هڪڙو ڏنبو ڀيو هو ، سو ڪٹي صفا ڪري ، ان کي ذري ذري تيل مکڻ لڳي . مهمانن ڏٹو ته اسان جو سنگتي باهر هليو ويو ۽ مائي ۽ ماني وغيره ته تيار ڪونہ ٿي ڪري ۽ رڳو وينو تيل مان ڏنبي کي صفا ڪري ، سو پڇيائونس ته : مائي ! هي چا وينو ڪرين ؟ چيائين ته : ادا ! انهي ڳالهه کي ئي ڪٹي ڇڏيو ، اوهان ٻڌي چا ڪندؤ . اهو ٻڌي هنن کي تيئن اٹٽڻ ٿي . تن چيو ته : مائي ! پلائي ڪري اسان کي ۽ اها ڳالهه ٻڌاء . تڏهن مائي ارمان ظاهر ڪندي چوڻ لڳي ته : ادا ! کهڙي ڳالهه ٻڌايان... هين جي گهر مڙمان اڇن ته ماٹهو خوش ٿين ، پر اسان وٹ کو مڙمان اچي ته منهنجو مڙس چا ڪري جو هن ڏنبي کي تيل مکي ، پهريائين ته مڙمانن کي مار ڏئي ، پوء کين ماني کارائي ؛ سو اسان وٹ کو ان ڳالهه کان واقف مڙمان ته اچي ئي ڪونہ . اڄ اوهان الاجي ڪيئن آيا آهيو ، شايد واقف نه آهيو تڏهن آيا آهيو . هينئر اوهان آيا ته مون کان پڇائين ته گهر ۾ تيل آهي؟ مون کيس چيو ته آهي ، پر ٿورڙو . تڏهن چيائين ته تون ويهي اهو تيل ڏنبي کي مک ، ته آئون بازار مان ٻيو وٹي ٿو اچان . سو مونکي ائين چئي بازار مان ٻيو تيل وٹ ويو آهي . جيسين اچي تيسين

آئون اهو تيل پئي مکيان.

همراهن ڏنو تہ پيلي، هتي چڪو مهمان ٿياسين. ڪڏ ۾ پوي دوست ۽ سندس مهماني، سو آڻي روانا ٿيا. مائي اندر ۾ خوش، پر ٻاهريون ٻنو رکندي چيائين تہ: ادا! ويهو، وڃو ڇو ٿا؟ چيائون تہ: مائي! سلامت هجو، اسان جي الله واهي. پوءِ پنهنجون گنديون چنديون، رکندي ئي کلهن تي آڻي روانا ٿيا.

جڏهن مڙس بازار مان سيڏو وٺي موٽي آيو، تڏهن ڏسي تہ هڪ ڏنبو زال جي پرسان پيو آهي ۽ مهمان. ٿهن ئي کونہ. زال کان انهن بابت پڇا ڪيائين ۽ چيائين تہ: هيءُ ڏنبو پنهنجي پرسان ڇو رکيو اٿئي؟ جوٽس وراڻي ڏنيس تہ: تنهنجي مهمانن گهر ۾ هي ڏنبو ڏسي ڇيو تہ اهو اسان کي ڏي. سون ڇيو تہ متان هي ڪٽي نہ وڃن، تنهنڪري ڏنبو ڪٽي پاڻ وٽ قابو ڪيم ۽ کين ڇيم تہ هي منهنجي مڙس جو هٿيار آهي، سو آڻون کونہ ڏيندیس، تنهن تي هو ڪاوڙجي هتان هليا ويا. مڙس ڇيو تہ: رن! ڏنبو وڃي ڪڏ ۾ پوي، هو منهنجا دوست هئا، ڪٽي انهن کي ڏين ها؛ اهو تہ ڏنبو هو پر آڻون انهن کان پنهنجو سر ب نہ ورايان. هاڻي مونکي ڏي اهو ڏنبو. هو ڏنبو ڪٽي ٻاهر نڪتو، ڏسي تہ پريان مهمان وڃن پيا. هي ويچارو تکڙو تکڙو انهن پٺيان ڊوڙيو تہ وڃي کين ڏنبو ڏئي، پرچائي وٺي اچان. سو هو ڏنبو هٿ سان مٽي ڪري، سڏ ڪندو وڃي تہ من ڏنبو ڏسي ٻيهي رهن. مهمانن آواز ٻڌي پوئتي نهاريو، ڏٺائون تہ مڙس ڏنبو ڪنيو ڊوڙندو اچي. هنن ڇيو تہ: پيلي، جوٽس سچي ڳالهہ پئي ڪئي، سي تيئن وٺي تکڙا ٻڪا. آڻيان. مهمان پٺيان گهر ڏٺي. هو غريب مار جي ڊپ کان اهڙا تکا ٻڪا، جو گهٽو پري نڪري ويا. گهر ڏٺي ويچارو ڊوڙي ڊوڙي آخر جڏهن

صفا ٺڪجي ٿيو، تڏهن موٽي آيو ۽ گهر اچي زال کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. زال چيس تہ: آئون چاڪريان؟ تون مونکي چئي وڃين ها تہ اهو ڏنبو ڏئي ڇڏيان ها.

اهي مهمان جتان ٿي ويا، اتان سيني کي ٻڌائيندا ويا تہ، فلاڻي شخص وٽ ڪڏهن بہ مهمان نہ ٿجو. اها ڳالهہ جو آسپاس جي ماڻهن ٻڌي، سو هن وٽ ڪو بہ مهمان ٿي نہ پيو اچي. اهڙيءَ طرح سندس زال مائنين پچائڻ کان صفا چٽي ٿئي ۽ پنهنجي عقل تي دل ئي دل ۾ واهہ واهہ ڪرڻ لڳي.

—※※※—

اياڻو حڪيم *

هڪڙي اياڻي ماڻهو کي حڪمت سکڻ جو اچي شوق ٿيو. هو هڪڙي حڪيم وٽ ويو ۽ کيس حڪمت سيکارڻ لاءِ ڏاڍي منٿ ميڙ ڪيائين. حڪيم چيس تہ: ٻچا! حڪمت سکڻ سولي نہ آهي، جو توکي هڪدم سيکاريان. هاڻي تون مون وٽ نوڪري ڪر، پوءِ آهستي آهستي ڪم سان واقف ٿي ويندين. اياڻي هن کي چيو تہ: جيئن چوندين تيئن ڪندس، مونکي رڳو حڪمت سيکار. پوءِ حڪيم هن ماڻهو کي دوائن ڪٽڻ جي ڪم تي رکيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي جت جي ڏاڍي بيمار ٿي پئي. هن ڏاڍيءَ جا گهڻائي علاج ڪيا پر ڏاڍي چاق نہ ٿي. ڏاڍي هئي تمام پلي جنهنڪري جت کي ڳڻتي ٿي پئي. ٻي واهہ نہ ڏسي، جت پنهنجي ڏاڍيءَ کي حڪيم وٽ وٺي آيو. حڪيم ڏاڍيءَ جي چگهيءَ طرح تپاس ڪئي. ڏاڍيءَ جيءُ ڳچيءَ کي چڪاس ڪندي، هن جت کان پڇو تہ: هيءَ ڏاڍي ڪالهہ يا ٽيو ڏينهن گدرن جي واڙيءَ ۾ تہ ڪانہ وئي هئي؟ جت چيو تہ هائو، ٽيو ڏينهن برابر گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي. حڪيم کي پڪ ٿي ۽ تہ ڏاڍي جي ڳچيءَ ۾ گدرو قاسي پيو آهي. سو ڏاڍي جو وات کولي، ڳچي تي زور سان ڏڪ هنيائين تہ گدرو ٻاهر وڃي پٽ تي ڪريو. پوءِ حڪيم جت کي چيو تہ ڏاڍي هاڻ چاق آهي. جت کيس پيسا ڏئي، دعائون ڪندو ڏاڍي

---

* هيءَ آکاڻي وڇولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ ڪان ملي.

ڪاهي هليو ويو.

انهيءَ ايائي جڏهن اهو لقاءُ ڏنو تہ ڪيئن نہ حڪيم ڏاڍي جو علاج ڪري ٿوريءَ دير ۾ پيسا ڪمائي ورتا. هن ڪي پڪ ٿي تہ سڄي حڪمت انهي مڪ ۾ آهي؛ سو حڪيم جي نوڪري ڇڏي ڪائنس سوڪلائي گهر روانو ٿيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪي دوائون هڙ ۾ ٻڌي هڪڙي طرف روانو ٿيو. هلندي هلندي اچي هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو، ۽ آڏي جي ماڻهن ڪي ٻڌايائين تہ: آڻون حڪيم آهيان. ڪوبہ بيمار هجي تہ ان جو علاج ڪندس. ماڻهن چيس تہ: اسان جي ڳوٺ ۾ هڪڙي ٻيڙي بن مهينن کان سخت بيمار آهي، ڇگو ٿيو جو تون آئين؛ اسين هينئر حڪيم ڏانهن ڪٽي ٿي وياسين. پوءِ تہ انهيءَ ماڻهو ڪي پوڙهيءَ واري جهوپڙي ۾ وٺي ويا. پوڙهي ويچاري بيماري سبب گهڻو ضعيف ٿي وئي هئي. هن ماڻهن کان پڇيو تہ: هي پوڙهي ڪالهہ يا ٽيو ڏينهن گدرن جي ڪنهن واڙيءَ ۾ وئي هئي ڇا؟ ماڻهن چيو تہ: هي ويچاري تہ بن مهينن کان بيمار پئي آهي ۽ ڪيڏانهن بہ ڪانہ نڪتي آهي. هن چيو تہ: پوءِ سونوت هن جو ڪوبہ علاج ڪونهي؛ باقي جي چوندئو تہ هو گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي تہ پوءِ آڻون هن جو علاج ڪندس. ماڻهو ويچارا ڏاڍو ششدر ٿيا ۽ لاچار ٿي چيائون تہ: ادا! برابر، پوڙهي گدرن جي واڙي ۾ وئي هئي. اهو ٻڌي هن پوڙهيءَ جو وات ڪوليو ۽ ڪنڌ ۾ زور سان ڏڪ هنيو. هڪ ئي ڪ سان پوڙهي ويچاري جو ڪنڌ ڍڇي پيو ۽ مري وئي. اهو حال ڏسي ڳوٺ جا ماڻهو اڇي حڪيم تي ڪاوڙيا. هن ڪي چيائون تہ: اسان توکي وڏيڪ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿا چئون. رڳو ٽڪريءَ تي هلي پوڙهيءَ لاءِ قبر کوٽي ڏي.

ٽکريءَ تي جبل هو ٽکڙو سو صبح کان وٺي شام تائين محنت ڪري مس مس قبر کوٽي تيار ڪيائين . پوءِ جلد ڇڏائي وٺي پڳو .

ايائو حڪيم پنڌ ڪندو ڪندو اچي هڪڙي ٻئي ڳوٺ ۾ پهتو . آتي ٻ ماڻهن کي ٻڌايائين ته آڻون حڪيم آهيان . انهيءَ ڳوٺ ۾ ٻه ڪو هڪڙو ماڻهو بيمار هو ، تنهن کي حڪيم ڏانهن ڪڍي ٽي ويا . ماڻهن چيو ته : حڪيم ! تمام پوري وقت تي پهتو آهين . هل هلي اسان جي ماڻهو جو علاج ڪر . هن مريض کي وڃي ڏنوءِ ان جي چڱيءَ طرح تپاس ڪري چيائين ته : آڻون هن جو علاج ته ڪندس ، پر پهرين سونکي ٻڌايو ته هتي جي زمين نرم آهي يا سخت؟ انهيءَ تي ماڻهو مٽس ڏاڍو ڪاوڙيا ۽ ڪيس چريو سمجهي ڏکا ڏئي باهر ڪيي ڇڏيائون .

—✻—

عقل جو اندو *

هڪڙي ماڻهو ڇا ڪيو جو ٻهر جي وڻ تي چڙهي آن کي ڏڙ واري پاسي کان ڪپڻ لڳو. ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو اچي لنگهيو جنهن هن کي ڏسي چيو ته : اڙي چريا ! ائين ڪيئن ٿو ٻهر وڍين ! ڪري پوندين . هن جواب ڏنو ته : منهنجو پيءُ ۽ ائين ٻهر وڍيندو هو. واتهڙوءَ گهٽوئي سمجهايس پر هن شخص نه مڃيو. لاچار مسافر پنهنجي وات وٽي اڳتي هليو ته پٽيان هن ماڻهو اچي پٺ تي ٿهڪو ڪيو. اتي هن کي خيال ٿيو ته، اهو شخص ڪو ولي الله هو جنهن کي منهنجي ڪرڻ جي اڳواٽ خبر پئي ، هاڻي ڇو نه هن کي هٽ ڪري پڇانس ته منهنجي عمر ڪيتري آهي ۽ ڪڏهن موندس ! اهو خيال ڪري ڊوڙندو اچي هن جي پيرن تي ڪريو. چيي : قبلا ! تون وڏو وليءُ آهين . مهرباني ڪري مونکي ٻڌاءِ ته آئون ڪڏهن مرندس. مسافر ويچاري گهٽوئي چيو ته مونکي اها خبر ڪانهي ، پر هي چڏيس چو ٿو. آخر هن پنهنجي جند چڏائڻ لاءِ ڇا ڪيو جو ڪچي ست جو هڪڙو ڏاڳو ڪٽي هن جي پيٽ تي ٻڌو ۽ چيائينس ته : جڏهن اهو ڏاڳو ٽٽندو تڏهن مرندين . هو بيعقل خوش ٿي واپس گهر آيو. ان وقت جوڙس ويڻي ماني پچائي. هن کي به لڳي هئي بک سو ماني کائڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهه پيٽ پريس ته ڪچو ڏاڳو ٽٽي پيو. انهيءَ تي هن سمجهيو ته هاڻي آئون مري ويس ، سو

---

* هيءَ آکاڻي ڏرپارکر (تعلقي ڇاچري) مان رائچند کان ملي.

زال کي چوڻ لڳو تہ: آئون مري ويو آهيان، تون ويهي روئ. زال چيس تہ: تون چڱو پلو ويٺو آهين، آئون ڇو روئان؟ زال جو جواب ٻڌي هن نڪا ڪئي هم نڪا تم پادر ڪٽي اڇيو ويچاريءَ زال کي ڪُٽي اڌ مئو ڪري ڇڏيائين. تڏهن جوٽس ويهي رنوءِ هي ماڻ ڪري سمهي پيو. مائيءَ جي روئڻ تي اوڙي پاڙي وارا اچي گڏ ٿيا ۽ پڇيائونس تہ: ڇو ٽي روئين؟ زال چيو تہ: منهنجو مڙس مري ويو آهي، تنهنڪري پئي روئان. ماڻهو هن کي مئل سمجهي تڙ ڏئي مقام ڏانهن ڪڍي ويا. وچ ۾ ۽ رستا ٽي ڦٽا. هو هڪ رستو ڏئي پئي ويا. انهيءَ تي ايائو ڪنڌ ڪٽي چون لڳو تہ: چريا! وات پلها آهيو. اسين بابي کي هُن وات تان ڪڍي مقام ڏانهن ويا هئاسون ۽ سونکي وري هين وات تان ڪڍي ڪيڏانهن ٽا وجو؟ ماڻهن سمجهيو تہ هي مردو ڦري جن" ٿيو آهي تنهنڪري هن کي آتيئي آڇلائي پڇي ويا.

هو سڄو ڏينهن اتيئي پيو هو، متان اچي رات ٽي. مقام جي پرسان کو رستو هو، آتان هڪڙو مسافر اچي لانگهاڻو ٿيو. مقام وٽ اچي مسافر ختمو ڏئي دعا گهري تہ: اي سچيءَ دنيا وارا! دعا ڳو رهجو تہ خير سان گهر پهچان. ايائي اهو ٻڌي مسافر کي چيو تہ: تون ڪوبہ ڊپ نہ ڪر، آئون تو سان گڏجي ٿو هلان. پوءِ ٻئي جڻاروانا ٿيا. مسافر جي متي تي گيهہ جو دلو هو. ڪجهہ پنڌ هلڻ بعد هو ٽڪجي پيو، سو هن کي چيائين تہ: هاڻي شهر ويجهو آهي، تون ڪٽائي هلين تہ رهيو ڏيندوسانءِ. ايائي چيو تہ: چڱو. سو هن کان دلو وٺي متي تي رکي هلڻ لڳو.

هن وات تي دل ۾ خيال ڪيو تہ دلي جي ڪٽائيءَ جو رپيو ملندو ان مان واپار ڪندس. جڏهن گهٽا پئسا گڏ ٿيندا تڏهن ۾ زالون پرڻبس؛ پوءِ هڪڙي ٿيندي ڏاڪڻ ۽ ٻي ٿيندي

سهاڳڻ. سها ڳڻ جو پٽ اڇي مونکي سڏ ڪندو ته، بابا! هلي مانيِ ڪاءُ! ته آئون چوندس ته اجهو ٿو اچان، ۽ جڏهن ڏهاڳڻ جو پٽ اڇي چوندو ته بابا! هلي مانيِ ڪاءُ! ته آئون ڪنڊ لوڏي چوندس ته ڪونہ ٿو اچان. اهو خيال ڪري پانيائين ته سچ پچ ڏهاڳڻ جو پٽ مانيءَ لاءِ سڏي ٿو، سو جهڙو ڪنڊ لوڏي ناڪار ڪيائين، تهڙو دلو وڃي پٽ تي ڪريو ۽ سمورو گيهہ هارجي ويو. مسافر چيس ته: هي ڇا ڪيئي؟ منهنجو سڀ گيهہ هاري وڌئي! اياڻي چيس ته: تنهنجو ته رکو گيهہ ويو، پر منهنجو ته ٽهيل ٽڪيل گهر پٽن ۽ زالن سميت ڇٽ ٿي ويو. مسافر ڏٺو ته ڪنهن جرئي سان ٻارو پيو آهي، سو ڪيس جهلي انصاف لاءِ چڪي مڙس وٽ وڃي ويو.

چڪو مڙس اڳئي ڪم ۾ رڌل هو، سو هنن جي ڳالهہ ٻڌي چيائين ته: ويهو ته اوهانجو انصاف ڪريان ٿو. پوءِ اياڻي کي چيائين ته: منهنجو گهوڙو اڃايل ٻيٽو آهي، ان کي درياءَ تان پاڻي پياري اڇ. انهيءَ وچ ۾ آئون ٻه واندو ٿي وڃان، پوءِ اوهان جو انصاف ڪندس. هو گهوڙو ڪاهي روانو ٿيو. هڪڙي هنڌان درياءَ آونهو هو آتان گهوڙي کي اندر ڏاريائين ته گهوڙو ٻڏي ويو ۽ هي سوٽي آيو. چڪي مڙس پڇيس ته: گهوڙو ڪٿي؟ جواب ڏنائين ته: سائين! گهوڙو درياءَ ۾ نڪري ئي نڏو، تنهنڪري آئون سوٽي آيو آهيان. چڪو مڙس جو گهوڙي سان ڏاڍو پيار هو، سو تڪڙ ۾ آٿي کڙو ٿيو ۽هن کي چيائين ته: هلي ڏيکار ته گهوڙو ڪٿي آهي. ٻئي جڻا درياءَ ڏانهن روانا ٿيا ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي ماڻهو هنن جي پٺيان آيا. جڏهن سڀ درياءَ جي ڪپ تي پهتا تڏهن ڏسن ته گهوڙو ٿهي ئي ڪونہ. هنن اياڻي کان پڇيو

تہ: گھوڑو ڪٿي؟ آياڻي هٿ سان اشارو ڪري چيو تہ او هُتي. چگي مڙس گھٹو ئي نهاريو پر گھوڑو نہ ڏسي سگھيو. تڏهن هن کي ڏڪو ڏئي چيائين تہ: پورو هنڊ ڏيکار نہ تہ کل لهرائي چڏيندوسانءِ. هن جواب ڏنو تہ: سائين! پلا پنهنجي ترار ڏي تہ پوري جاءِ ڏيکاريئين. چگي مڙس هڪدم پنهنجي سوني ترار چيلهه مان چوڑي هن کي ڏني. هن تلوار وٺي گھوهاتو ڪري پاڻيءَ ۾ آچلائي چيو تہ: سائين! جڏي تلوار وڃي ڪري آهي اتي گھوڑو آهي. چگو مڙس سڃي گالهه سمجهي ويو تہ هي ٺ ڪو بنهہ چريو آهي جو گھوڑو به ٻوڙي آيو ءِ ترار به ڪٽي پاڻي ۾ ڏني ڪيائين. پوءِ هن کي ڏاڍا سوچڙا هٽائي تڙائي ڪڍيائين.

—※※※—

چرين جي دعوت*

کي چريا هٿا جن کي ٻئي ڳوٺ جي کن بيوقوفن وٽان شاديءَ جي دعوت ملي. اهو ڳوٺ سندن ڳوٺ کان ويهه کوهه پري هو. هنن پاڻ ۾ چيو: ”ٻيلي! دعوت ملي آهي، شاديءَ تي ضرور هلڻ کپي، سنيرو ٿم هلون. سو گهر گهر مان هڪڙو هڪڙو تيار ٿي آيو. کل ويهه مڙس اچي گڏ ٿيا. پاڻ ۾ چيائون تہ: ادا! شاديءَ ۾ باقي هڪڙو ڏينهن بچيو آهي، پنڌ پري پيو آهي، کيئن پهچنداسون؟ تڏهن انهن مان هڪڙي چيو تہ: اٺ پاڙي تي گريون. ٻئي چيو تہ: هڪڙي اٺ تي ويهه مڙس کيئن چڙهنداسون! اتي ڏاڍا اچي منجهيا. تڏهن ٽئي چيو تہ: ادا! اجايو پيا ڪٽيون کريو. پاڻ ويهه ڇٽا آهيون، پنڌ ۾ آهي ويهه کوهه. هڪڙي هڪڙي کي هڪڙو هڪڙو کوهه سس کرٽو پوندو، هلو ٿم هلون. سڀني هن جي صلاح پسند کئي ۽ ڏاڍا خوش ٿيا. چيائونس تہ: ”ٻيلي، واهه جا اٽکل کئي اٽئي! توکي شابس هجي جو گهٽي پنڌ کان ڇڏايئي! آخر سنيري اٽي روانا ٿيا.

ٿوري پنڌ کرڻ بعد کاڙهو اچي تتو ٿيو هنن کي سخت آڇ لڳي. پاڻي پاڻ سان کنيو هئائون. سو هڪڙي وڻ هيٺ ويهي ساهي پٽيانون ۽ پاڻي پيتائون. آرام کرڻ کان پوءِ وري اٽي پنڌ پيا. اڃا ٿورو اڳتي هليا تہ هڪڙي چيو: ”ٻيلي! بيهو. ڪٿي ڏسون تہ سنگتي ٿم پورا آهيون؟ ستان کو وڻ هيٺان رهجي ويو هجي. سو

---

* هيءَ آکاڻي ڏرهاڪر (تعلقي چاچري) مان رائچند کان ملي.

سيئي قطار ڪري بيٺا. هڪڙو ڇڙو ٻاهر نڪري ڳڻڻ لڳو. هن پاڻ کي ڪونہ ڳڻيو، باقي اوٽيهہ ڇڙا ڳڻي ٻڌايائين. ڇيائين تہ: ٻيلي! هڪڙو همراهہ ڪٽي پيو. تڏهن ٻئي ڇپو تہ: توکي ڳڻڻ ڪونہ ٿو اچي، تون هيڏانهن اچ تہ آئون ٿو ڳڻيان. تڏهن ڦريون اچي قطار ۾ بيٺو ۽ ٻئي همراهہ نڪري ڳڻڻ شروع ڪيو. هن ٻہ پاڻ کي ڪونہ ڳڻيو، تہ باقي اوٽيهہ ٽيا. آخر ٻئي ڳڻيا، ڇوٽين ڳڻيا، تہ ٻہ ساڳي ڪار، اوٽيهہ ٽيو پون، هڪ ڪٽيو پوي. وڻ ٻہ ڪو پري ڪونہ هو. آخر ڇيائون تہ: هڪڙو وڃي ڏسي اچي تہ متان ڪو وڻ هيڻان رهجي تہ. ڪونہ ويو آهي؟ هڪڙو ڏسي آيو ۽ ڇيائين تہ: هتي تہ ڪو ٻہ ڪونهي. وري ڳڻيائون تہ ساڳي ڪار. ائين ڪندي متان اچي سڀ لٿو ۽ اونداهي ٿي وئي. ڇيائون تہ رات جو پنڌ ڪونہ ڪنداسون، ڇو تہ متان رستو نہ پلجي وڃون. سو قطار ناهي سمهڻ لڳا. ٻئي ڇڙي واري بيوقوف ڇپو تہ: ٻيلي! آئون ڏڃان ٿو. ٽنهنڪري هتان ڪونہ سمهندس، پر گهرن واري پاسي سمهندس. سو اٿي وڃي گهرن واري پاسي ستو. تہ وري جيڪو ڇڙي ۾ بچيو، تنهن ڇپو تہ: آئون ٻہ گهرن واري پاسي سمهندس. ائين ڇئي اهو ٻہ اڻي گهرن واري پاسي وڃي ستو. ساري رات هڪڙو هڪڙو اٿندو ويو ۽ گهرن واري پاسي سمهندو ويو. تان جو صبح جو اچي پنهنجي ڳوٺ ٽڪتا ۽ سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو.

—※※—

منهنجي رب *

هڪڙو هو اياڻو، جنهن تازو شادي ڪئي هئي. تنهن جي زال کنهن شاديءَ تي وئي. ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اياڻي شخص کي سندس ماءُ چيو ته: ابا! گهڻ ڏينهن ٿي ويا آهن، هاڻي ٿون وڃي زال کي وٺي اچ. سندس ساهرن جي ڳوٺ جو نالو ميٺي هو، جو ڪيس ايندو ئي ڪونہ هو. سو ماءُ کي چيائين ته: اما! آئون ساهرين ته وڃان، پر ڪهڙي خبر، متان رستو ٻلجي وڃان ۽ ڳوٺ کان پري نہ وڃي نڪران! ماٽس چيو ته: ابا! اها ڪا وڏي گاله ڪانہ آهي؛ رستي تي ڪئين ماڻهو ملندءِ انهن کان پڇائيندو وڃي نڪرندين. جنهن تي هن چيو ته: اما! مون کان ڏري ڏري ڳوٺ جو نالو وسريو وڃي، ڪيتري ڪوشش ڪئي اٿم پر ياد نٿو ٻيهي، سو نالي کان سواءِ پڇا ڪيئن ڪندس؟ ماٽس چيس ته: پٽ! ان جو خيال نہ ڪر، آئون انهيءَ جو بندوبست ڪري ٿي ڏيان. سو ڇا ڪيائين رب ڏي، ان ۾ گڙ وجهي تيار ڪري ڪيس چيائين ته: ابا! اها ڇڪي ڏس ته ڪهڙي شيءَ آهي؟ هن ڇڪي چيو ته: هيءَ ته مٺي آهي. پوءِ ماٽس رب ڏي شيشيءَ ۾ وجهي چيس ته: هيءَ سفر ۾ ساڻ ڪٽي وڃ ۽ جتي توکي ڳوٺ جو نالو وسري، اتي اها چکندين ته توکي ياد اچي ويندو.

هيءُ مٺي رب سان پربل شيشي ڪٽي روانو ٿيو. وات تي جتي هن کان نالو وسري ته آتي ٻيهي شيشيءَ مان آگر پوڙي جو ڪٽي چڻي ته نالو ازخود ياد اچيو وڃيس. اهڙيءَ طرح

---

* هيءَ آکاڻي ٿرپارکر (تعلقي چاچري) مان رانچند کان ملي.



...'سهري جي نوڙهه کي اسو ٻڌر سمجهي، ان تي شيشي ڀڳائين'...

- ص ٣٣٨

پڃائيندي پڃائيندي جڏهن ان ڳوٺ جي ويجهو آيو تہ اتفاق سان سندس آگر شيشيءَ ۾ انڪي پئي، ڪيتري ڪوشش ڪيائين پر آگر چوٽي نڪري! آخر اچي ڳوٺ ۾ سهڙيو ۽ پنهنجي ساهرن جي گهر ويو ۽ هٿ مٽان ڪپڙو ويڙهي ڇڏيائين.

رات جي ڪاڏي ڪاڙ ڪان پوءِ وڃي زال سان ستو تہ مٽان برسات شروع ٿي. زال سندس هٿ تي ڪپڙو ويڙهيل ڏسي ڪانئس پڇيو تہ: هٿ ڇو ويڙهيو اٿئي؟ تڏهن هن سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. جوئس چيس تہ: فڪر نہ آهي، هاڻي تون هيئن ڪر جو باهر اڳڻ ۾ هڪ لسو پٿر رکيو اٿئي اُن تي وڃي شيشي هڻ تہ ڀڄي پوندي. سياري جي رات ۽ مٽان پيو وسي مينهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنوڻ جا چمڪاٽ ٻ پيا پون، سو هيءُ ڊڄندو ڊڄندو مينهن کان پاڻ کي بچائيندو ۽ ترکڻ جي خوف کان آهستي آهستي هلندو باهراڳڻ ۾ آيو. سڃاڻ تہ اتي اڳڻ ۾ اڳئي هن جو پوڙهو صهرو ويٺو هو، جيڪو صفا گنجو هو. هيءَ ايائو جو باهر نڪتو سو نڪرڻ سان وڃ جي چمڪاٽ تي ضهري جي ٽوڙهہ جو چلڪو ڏسي ڇاتائين تہ اهو لسو پٿر آهي، سو ايندي ئي اُها شيشي ٽڪاءُ ڪيائين هن جي ٽوڙهہ تي. شيشي ڀڄي پئي ۽ صهرس جو منهن ۽ ڏاڙهي سڄي رت ٿي وئي. ان پيرمرد سمجهيو تہ شايد وڃ ڪري آهي، سو وٺي دانهون ڪيائين تہ: گهوڙا ڙي گهوڙا! مري ويس. صهري جي دانهن ٻڌي هيءُ گهوٽ تہ شرم کان اچي هنڊ ۾ سمهي پيو، پر پيا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ايتري ۾ پيرمرد ان وهنڊڙ رب کي جو چڪيو تہ لڳس مٺي سو واکو ڪري چيائين تہ: مڙوئي خير آهي، وڃ ڪري پر سواد ڏاڍو مٺو اٿس.

پلا، اڄي جو ماڻ ڪيڏو آهي؟*

گالهه ٿا ڪن ته ڪنهن شخص جي ٻڌيءَ ۾ اچي ڪو ڏور هريو جنهن هن جي ٻني ڪائي چٽ ڪري ڇڏي. ڪوري ڏينهن جو سڄو وقت ٻڌيءَ تي ويٺو هجي ته ڪوبه ڏور وغيره ٻڌيءَ ۾ ڪونه پوي. پر ٻئي ڏينهن وڃي ڏسي ته ٻڌيءَ جا پاڳا لٽا پيا آهن. نيٺ دل ۾ خيال ڪيائين ته پيلي، ڪا شيءَ آهي جا رات جو ٻڌيءَ ۾ ٽپي زيان ٽي ڪري تنهن جو مڙئي ڪو علاج ڪجي. سو ٻيءَ رات سهي سنڀري ڀوري تي ويهي رهيو.

ڪپل مهل گذرڻ کان پوءِ ڏٺائين ٿ **هاڏو** پيلي، ڪو جانور آهي جو اچي ٻڌيءَ ۾ لٽو آهي. هن ڇا ڪيو جو لڪي ٻڌيءَ پٺيان پڇ ۾ وڃي هٽ وڌس. جانور چرڪ ڀري هن کي ٻ ڪڻي اڻي اڏاٽوءِ اڏامندي اڏامندي هن کي ڪنهن تمام ڏورانهين ملڪ تي وڃي ڪيدائين. جانور آهستي آهستي هيٺ لٽو، هن هٿراهه ٻ پڇ مان هٽ ڪڻي ڪيو. پوءِ انهيءَ ملڪ ۾ گهمڻ ڦرڻ لڳو، جو هن کي ڏاڍو وٺيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته پيلي ڇڳو ائين آهي ته هتي لڏي اچي ويهي رهجي. اهو خيال پڪ ڪري وري انهيءَ جانور کي اچي ڇهٽو، جنهن اڏائي آڻي سندس ٻڌيءَ تي لاٿس.

اتان هي پنهنجي ڳوٺ ڳڙو، ءِ وڃي ماڻهن کي ٻڌايائين

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ميرحسن ڪلهوڙي کان ٻڌي

ت : يار ! آڻون هيڏانهن هڪڙو ملڪ ڏسي آيو آهيان، ان ۾ ڏاڍو مزو لڳو پيو آهي، پاڻ وٽ ته ڏوڙ ۽ ڪانءِ آهي ۽ سڀنجي مرضي آهي ته پاڻ سڀ اوڏانهن هليا هلون ۽ هن ملڪ جي پچر چڏيون. جنهن تي ساري گوٺ جا ماڻهو ڪانئس پڇڻ لڳا ت : پلا تو ڪيئن اهو ملڪ ڏٺو ؟ تنهن تي هن سڄو قصو اول کان وٺي آخر تائين ڪري ڪين ٻڌايو. پوءِ هنن سڀني کي چيائين ت: جي هلڻو اٿو ته جلدي تيار ٿيو ته هلي ان ملڪ کي وسايون. اتي گوٺ جي ماڻهن چيو ت : پلا پاڻ هلنداسون ڪهڙيءَ طرح؟ اتي ان شخص چيو ت: هڪ وڏو واجهه ڪٽي، سڀ هار ٻڌا، ننڍا وڏا انهيءَ ۾ سلهڙ ڪري چڏيندا سون. اهو ٻڌي گوٺ جي موڃيءَ چيو ت : مهرباني ڪري جلدهن توهين سڀ تيار ٿي وجو ت مونکي ۽ پاڻ سان گڏ وٺي هلجو.

مقرر وقت تي سڀ اڃي هن جي ٻنيءَ تي ڪنا ٿيا ۽ هو سڀني کي اُنهي رسي ۾ ٻڌندو ويو. موڃيءَ چيو ت : ادا ! هيءَ منهنجي روهي ٻلي آهي، انهيءَ کي ۽ ٻڌو. روهي سوڌو موڃيءَ کي ۽ ٻڌي چڏيائين ۽ انهي همراهه سڀني کان اڳيان پاڻ کي ڪيو. اتي اهو اڏامندڙ جانور ۽ اڃي لٿو اڳئين همراهه جهپ هڻي ڪٽي ڇڏ مان ورتس، جنهن تي هو جانور چرڪ ڀري سڀني کي ڪٽي اتي اڏاٿو. اڏامندي اڏامندي موڃي اڳئين همراهه کان پڇيو ته : پلا خبر ڏي، انهيءَ ملڪ جو ماڻ وڏو آهي؟ جنهن تي اڳواڻ، جنهن جانور کي ڇڏ کان جهليو هو، سوڇڏ مان هٿ ڪيو، هٿن سان انداز ٻڌائڻ لڳو ت : هيڏو وڏو آهي. هن جو هٿ ڪيڏ ۽ خلق جو پوئتي

ڪرڻ . بس پوءِ تہ وڻيا ستيا اچي پٽ تي ڪريا. ڪن جا پير چٽ، ڪن جا پٽا ۽ ڪن جا پاسا اچي لڳا . اهڙيءَ طرح سڀ ڦٽجي اچي پنهنجي گوٺ پهتا.

سَکر ۽ نِکر *

کي چريا هٿا ، جن ۾ کا شادي ٽيڻ واري هئي .
خيال کيائون ته کا مينهن وٽون ته شاديءَ وقت آيل جاجين
کي کير پياري ڏؤ کرايون . سو وڃي هڪڙي مينهن
ورتائون . مينهن کير جي پلي هئي ، مهل تي اڏ مڙ جو دلو کير
سان پريل ڏيندي هئي . شاديءَ ۾ ايا ويهارو کن ڏينهن پيا هٿا
ته هنن پاڻ ۾ چيو ته : هاڻي مينهن کي ڏُهڻ چڏي ٿا ڏيون ،
ويهن ڏينهن کان پوء جڏهن جڃ ايندي تڏهن ڏهنداسون ته ويهه
دلا کير ٿي پوندو ۽ سڄي جڃ ڏاهي پوندي . سو ڏهڻ بند ڪري
هڪڙي ڏنار جي حوالي ڪري هن کي پارت کيائون ته : اسان جي
هن مينهن جي پوري سنڀال ڪج ، ويهن ڏينهن کان پوء جڃ ايندي ،
تڏهن اچي ڏهنداسون . ڏنار اها گالهه پڏي خيال کيو ته هي ته
کي چريا آهن ، ويهه ڏينهن مينهن چڏبي ته سوٿا مينهن کير سکائي
چڏيندي ، تنهنکري چو نه آئون روز ڏهندو رهان ، اهو خيال
ڪري هو روزانو مينهن ڏهندو رهيو .

ويهين ڏينهن جڏهن جڃ آئي ، تڏهن چريا ويهه دلا ڪڻي
مينهن ڏهڻ لاء وڻاڻ تي آيا . مينهن ڏڏائون ته هڪ دلو کير
جو نڪتو . چيائون ته : هي چا ! مينهن ۾ کير ٿورو چو ٿيو ؟
روز دلو کير جو پريندي هئي ۽ اڄ ويهين ڏينهن ۾ هڪ دلو کير
جو ؟ وري ڏنار کان پڇيائون ته : ٻيلي ، ڏي خبر ! مينهن ۾ کير

---

* هيءَ آکاڻي ٽرپاڪر (تعلقي ڇاچري) مان رانچند کان ملي .

ٿورو ڇو آهي؟ هن ڇيو: يارو! کهڙي گالهه ٻڌايانو! ملک ۾ ميڙ گهٽا ٿي پيا آهن، سي روز مينهن جي بدن ٿي ويهي کير چوسي پي ٿا وڃن! آڻون ته روز روز هڪلي هڪلي ٽڪجي پيو آهيان. انهيءَ ڪري مينهن ۾ ڪير گهٽ آهي. ڇرين خيال ڪيو ته ميڙن اسان سان جٽ ڪئي آهي، تنهنڪري انهن سان لڙائي ڪري هنن کي مارڻ کپي. سو ڇا ڪيائون جو ڳوٺ جا سيٽي مرد تراريون ۽ ڏڪا ڪٽي سنيري، ميڙن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ سڄ لٽي جو اڇي وڻاڻ تي پهتا. اتي سڀ پڇ ميڙ جام هٿ، جي هنن کي ٻ چڪ هڻڻ لڳا. ڪنهن تي ميڙ اڇي ويهي ته پرسان بينل همراهان کي نڪاءُ ڪرائي قرار يا ڏُکو، ته ميڙ اڏاميو وڃي پر مڙس، جنهن کي ڏڪ لڳي، سو ڪو مريو وڃي، ته ڪو ڦٽجيو پوي. اهڙيءَ طرح ڪندي ڪندي ڪيترا همراهه ماري ۽ ڦٽي وڏائون. آخر اڇي ڪڪ ٿيا ۽ ٽڪجي پيا، تڏهن لاچار واپس گهر موٽيا. وات ٻي هڪڙي همراهه چيو ته: يارو! هليا ته گهٽا هٿاسون پر هينئر ٿورا ڇو ٿيا آهيون؟ تڏهن ٻئي چريي جواب ڏنو: ادا! پنهنجا همراهه ٻ ڪيترا مارجي ويا آهن. ٻتان وري ٻين چيو: يار! فڪر ڪونهي. سڪر سڪر (چڱا) هنن ميڙن جا مٿا ۽ نڪر نڪر (بيڪار) پنهنجا مٿا.

—※—

بيوقوف ۽ گهيٽو *

ڪنهن بيوقوف شخص وٽ هڪڙو گهيٽو هو. هڪڙي دفعي گهر جا سڀ ماڻهو ڪم سان ٻاهر نڪري ويا. پٺيان گهيٽو گهر جا ٽانو ٽپا نوسڻ لڳو. نوسندي نوسندي وڃي اتي جي پاري مٿان بيٺو ۽ ان ۾ اتو پيل ڏسي ڪٽي ان ۾ منڊي وڌائين ۽ مزي سان اتو ڪائڻ لڳو. اتو ڪائي جڏهن منڊي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪيائين تڏهن منڊي نڪري ئي نه! اتي گهيٽو اڇي ششدر ٿيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳو. نيٺ پٽ سان ٽونو هٽي آهو پارو پڃي وڌائين ، پر آن جو ڪانگهو سندس ڪچيءَ ۾ رهجي ويو.

شام جو گهر جا ماڻهو موٽي آيا ، چا ڏسن ته گهر ۾ ٽانو ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ گهيٽي جي ڪچيءَ ۾ اتي جي پاري جو ڪانگهو پيو آهي. اها حالت ڏسي ان بيوقوف شخص کي عجب لڳو ته اهو ڪانگهو هن جي ڪچيءَ ۾ ڪيئن پيو ۽ هاڻي هن جي ڪچيءَ مان اهو ڪيئن نڪرندو! نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوء پنهنجي عزيزن قريبن کي وڃي آيو ۽ اڇي گهيٽي جي مٿان بيهاريائين. جيڪي اهو ڏسن سي منجهي بيهي رهن ، نيٺ سڀني ماڻ ۾ صلاح ڪئي ته، اسانجي پريي مڙس کان سواء ٻيو ڪو ۽ گهيٽي جي ڪچيءَ مان اهو ڪانگهو ٻاهر نه ڪيندو ، تنهنڪري ان کي ئي وڃي اڇڻ گهرجي. يڪدم هڪڙي ماڻهوءَ کي پريي مڙس ڏانهن روانو ڪيائون جو ڪنهن ٻئي شهر ۾ ويٺل هو ، جنهن

---

* هيءَ آ ڪاڻي آتر (تعلقي ميرو خان) مان غلام قادر کان ملي.

وڃي پريي مڙس کي سموري احوال کان واقف ڪيو. پريي مڙس سڃي ڳالهه ٻڌي ڪيس چيو تہ: آئون سياڻي سوير ايندس. خير جو ٻئي ڏينهن پريو مڙس ٻ آڻ تي چڙهي اچي اُتي سهڙيو ۽ مٽي ويني ئي سڏ ڪيائين. بيوقوف جيڪي سندس انتظار ۾ ويٺا هٿا سي سڏ تي هڪدم ٻاهر نڪري آيا ۽ ڪيس اندر اچڻ لاءِ چيائون. تنهن تي پريي مڙس کين چيو تہ: ڏسو نٿا تہ آئون آڻ تي چڙهيل آهيان ۽ هن درمان ڪيئن اندر ايندس؟ تنهنڪري هڪدم در کي ڏاهيو. پريي مڙس جو اهو حڪم ٻڌي ٻ چار ڇٽا ڪوڏريون ڪٽي در تي ٻيهي ويا ۽ گهڙي ڪن ۾ چونڪ سوڏو در ڪيي ڪٽي ٻاهر رکيائون ۽ پريو مڙس آڻ سوڏو اچي گهر جي اڳڻ تي ٻينو. پوءِ آڻ کي ويهاري پاڻ لٿو ۽ گهيٽي جي آڻ جو حڪم ڪيائين.

گهر جي مالڪ گهيٽو آڻي اڳيان ٻيهاريس. گهيٽي کي ڏسي عبرت ۾ پئجي ويو. نيٺ ڪجهه دير کان پوءِ گهر جي مالڪ کي حڪم ڏنائين تہ هڪڙي ڪاتي آڻي ڏي ۽ ٻن ڇڻ کي حڪم ڏنائين تہ گهيٽي کي دسيو! حڪم ٻڌڻ شرط اهي ٻئي ڇڻا گهيٽي تي چڙهي ويا ۽ گهر جي مالڪ ڪاتي آڻي پريي مڙس جي هٿ ۾ ڏني. پريي مڙس ڪاتي ونئي گهڙي ڪن ۾ گهيٽي جي ڏاڙهي ڏڙ ڪان ڏار ڪري ۽ ست ڏئي اهو ڳانڍو ڪيي گهر جي مالڪ کي ڏنو ۽ چيائينس تہ: اڙي بيوقوف! ايترو ٻ عقل تو ڪي ڪونهي! پريي مڙس جو اهو عقل ڏسي سيئي بيوقوف ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڪيس عزت ڏئي ٻ ٽي ڏينهن رهائي ڏاڍيون مهمانيون ڪري واپس موڪليائونس.

وڏيرو ۽ ٻُجھڙ *

ڪنھن زماني ۾ ھڪڙي ڳوٺ ۾ ڪي اٻوجھ ماڻھو رھندا ھٿا . اتي ھڪڙي ڀيري مائيءَ مانيءَ پچائڻ لاءِ وڃي ٻاھر ٻاري ۽ چوڪريءَ کي چيائين تہ : اما ! ٽوٽيءَ جي پرئين پاسي لوڻ جي ڏکي رکي آھي ، ان مان لوڻ ڪڍي اڇ تہ اٽي ۾ وجھان . چوڪري ٽوٽيءَ وٽ وڃي ان جي پرئين پاسي رکيل ڏکيءَ مان لون جو ٻڪ ڀرڻ لاءِ ھڪڙو ھٿ ٽوٽيءَ جي ھڪ پاسي ۽ ٻيو ھٿ ٻئي پاسي ڪري لوڻ جو ٻڪ ڀريو تہ ٻانھُن جي وچ ۾ ٽوٽي اڇي وئي ۽ چوڪري پاڻ ڇڏائي نہ سگھي ، وٽي دانھون ڪيائين . ماڻھو ڊوڙي آيا پڇڻ لڳا تہ : ڇا ٿيو آھي؟ چوڪريءَ جي ماءُ ھنن کي ھلي سر زمين ڏيکاري . ھنن اھو ڏسي چيو تہ: ٻيلي! ھيءَ ڳالھ پاڻ کان زور آھي، ھلو تہ پريي مڙس ٻُجھڙ ' وٽ ھلون .... آنھي کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چوڪريءَ کي ڇڏائي ڪونہ سگھندو . سو يڪدم وڃي پنھنجي پريي مڙس. ٻجھڙ کي وٽي آيا، جنھن ڏسي چيو : ڏاڏا کي ڇريا ماڻھو آھيو . ٽوٽي ڪٽي وڌيو تہ چوڪري ڇٽي پوي . بس پوءِ تہ سيني کي ڳالھ سمجھ ۾ آئي ۽ يڪدم ٽوٽي ڪٽي وڌيانون چوڪري تہ ڇٽي پئي پر گھر ڪيرائي ويھي رھيا . تڏھن ٻہ چوڻ لڳا تہ: ٻيلي ھي آھي سياڻو ۽ عقل وارو ، سو ھن جو ٻوٽ ٻڌي ڇڏيوتہ متان عقل نہ وھي وڃيس سو ڪٽي ٻجھڙ جو ٻوٽ ٻڌائون .

---

* ھيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي شھدادپور) مان مير حسين سکايل کان ملي .

وري چا ٿيو جو گهمندي گهمندي ڪن ڏانو ته هڪڙي هنڊ هڪڙو اٺ سئو پيو آهي. چيائون ته: هيءَ الاجي ڪهڙي بلا آهي؟ سو يڪدم بجهڻ ڪي وٺي آيا ۽ سندس هوٺ چوڙيائون ۽ پڇيائون ته: هيءُ چا آهي؟ هن چيو: هيءُ آهي جڳ جو ابو. وري روئي چوڻ لڳو ته:

اي جڳ جا ابا! تو جي ڏنگون ڏيڙيون ته بندا ڪيئن ڪندا؟
سيني چيو ته پيلي، گالهه برابر ڪئي اٿس، پر يارو! مڙس جو هوٺ ٻڌو متان عقل نه وهي وڃيس. سو وري بڪٽي هن همراهه جو هوٺ ٻڌائون.

ڪن ڏينهن کان پوءِ هڪڙي همراهه جي ٻنيءَ ۾ هڪڙو اٺ اچي هريو جو هن جا هوڪيل مڳ چري ويو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر ڪيس کابه شيءَ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. نيٺ چيائين ته هاڻي يارن سان صلاح ڪرڻ گهرجي. سڏو ويو پنهنجن همراهن وٽ، انهن سان خبر ڪيائين ته: پيلي! خبرون خير، منهنجي ٻني ناس ٿي وئي آهي، خبر نه آهي ته ڪهڙي بلا آهي جا منهنجي مڳن ڪي اچي لڳي آهي، سيني صلاح ڏني ته: هلو ته وڏيري بجهڻ وٽ هلون. سيئي اچي هن وٽ گڏ ٿيا ۽ هن ڪي وٺي اچي ٻني گهمائي ڏيکاريائون. پوءِ هوٺ چوڙي پڇيائونس ته: ڪهڙي بلا آهي، جيڪا اچي ٻنيءَ ڪي لڳي آهي؟ تڏهن وڏيري ٻُجهڻ زمين تي اٺ جا پير ڏسي دل ۾ چيو ته لاشڪ ڪي سڌا پنهنجن پيرن ۾ اکريون ٻڌي اچي مڳ ٽاڪالين، سو ماڻهن ڪي چيائين ته:

بجهيو بجهڻ وارن، بجهيو ڪين ٻين،
اکريون ٻڌي پيرن سان، مڳ چيڻا صٺهن.

يار! گالهه هينئن اٿو ته ڪن سهن پيرن ۾ اکريون ٻڌي

مڱ کاڏا آهن . اهو ٻڌي همراهن چيو تہ : يارو! وڏيري جي گالهہ سچي آهي . هاڻي ٻڌوس ٻوٽ متان عقل نہ وهي وڃيس . سو وري ڪٽي وڏيري جو ٻوٽ ٻڌائون .



چرين ۽ رڍن جي ويڙهه *

هڪڙي اٻوجهه شخص وٽ رڍون ۽ ٻڪريون جام هيون. ٿورن گهٽن ڏينهن بعد هن کي پٽ ڄائو. خيال ڪيائين ته هن کي رات جو واڙي ۾ ڇڏي اچان، ته هي ننڍي هوندي کان ئي مال جو واقف ٿي وڃي، جو وڏي هوندي پنهنجي مال جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪري سگهي. اهو خيال ڪري رات جو چوڪري کي واڙي ۾ ڇڏي آيو. صبح جو وڃي ڏسي ته چوڪرو مئو پيو آهي. اتي ٻڪرين ۽ رڍن تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ اڇي پنهنجي پٽيل کي دانهن ڏنائين ته هيئن رڍن ۽ ٻڪرين منهنجو چوڪرو ماري وڌو آهي. پٽيل ڳالهه ٻڌي هن کي دلداري ڏني ته تون ڪوبه خيال نه ڪر، پاڻ انهن کان ضرور ويرُ وٺنداسون. پوءِ سڄي راڄ کي گهرايائين ۽ هنن کي پنهنجي دل جي رٽ ٻڌايائين، سڀني هائو ڪئي.

ٻئي ڏينهن دستور مطابق مال جهنگ ۾ چرڻ لاءِ ويو ۽ هنن ڇا ڪيو جو سڀئي ڳوٺ جا مرد سنيري رڍن ۽ ٻڪرين سان جهيڙو ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. گڇ پنڊ وڃڻ بعد هڪڙي چيو ته: ٻيلي! آٻهرا نه ٿيو، ڪم هميشه ويچاري ڪجي. پاڻ سڀئي اتي ويهون ٿا، هڪڙو ڄڻو وڃي ڏسي اچي ته هنن ۾ جنگ لاءِ سنبت ڪئي آهي يا نه، پوءِ پاڻ ان موجب منهن ڏيون. سڀني چيو ته: صلاح واهه جي آهي. سو ٻيا سڀ ويهي رهيا ۽ هڪڙي

---

* هن آکاڻي جون ٻ روايتون ڏرپارکر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند کان ۽ وچولي (تعلقي شهداد پور) مان الهڏني بلوچ کان ملیون.

چٹي کي چيائون تہ: ٿون وڃي ڏسي اڇ تہ رڍن ۽ ٻکرين کھڙو بندوبست ڪيو آهي. يڪدم هڪڙو چٹو سنيري جانڀ لاءِ روانو ٿيو. انهيءَ مهل ٻکرين نرا ڪنيو وڻ پٹي چريا. هن اڇي ڏنو تہ مار! ٻکريون تہ وٽن مان ڏڪا پيون وڍين ۽ رڍن پنهنجي دستور موجب ڪنڊ هيٺ ڪري پٽ تي گاهم پٹي چنو، سو هن سمجهيو تہ پٿر پيون گڏ ڪن. انهن ۾ هڪ ٻکر هو جنهن مستيءَ ۾ ٻي، ٻي، پٹي ڪئي. هن سمجهيو تہ هو چٹي ٿو تہ، ٻہ ٻہ گڏ ماريندس. اهو رنگ ڏسي موتي اڇي سنگتين کي چيائين تہ: ادا! پڇ جي جاءِ ٿي ڪانهي. ٻکريون سڀ وٽن مان ڏڪا پيون وڍين ۽ رڍون زمين تان پٿر پيون ميڙين ۽ هڪڙو ٻکر تہ چٹي پيو تہ آئون ٻہ ٻہ گڏ ماريندس. پاڻ پڇي ڪونہ سگهنداسون. هي وري ٻہ پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا تہ هاڻي ڇا ڪجي.

اتفاق سان هوڏانهن ڪو بگهڙ اڇي مال ۾ پيو، سو رڍون ۽ ٻکريون ڊپ وچان اتي پڳيون. اهوجهن جو ڏنو تہ سڄو مال پريان ڊوڙندو اچي، هنن سمجهيو تہ ادا ڪاهم اسان تي آهي سو اتي پڳا. اڳيان اهوجهہ پٹيان رڍون ۽ ٻکريون. تان جو ڊوڙندي هو اڇي ڪين ويجهو پيون. اتي ٿورو جهنگ ۽ ڪڏون ڪوها هٹا، اهوجهن ويچارن ڏنو تہ هاڻي اڇي پهچيون آهن هاڻ ڪيڏانهن پڇون! ٻي واهم نہ ڏسي انهن وٽن ۽ ڪامن ۾ لڪي ويهي رهيا. رڍون ۽ ٻکريون جو ڊپ مان پريان ڊوڙنديون پٹي آيون انهن مان هڪ رڍ جا تکي هٹي سا سيني ڪان اڳ ۾ ڊوڙندي هڪ ڪامي جي مٹان آئي تہ اندر ماٹهو ويٺل ڏٺائين اوچتو دانهن ڪيائين تہ: "ٻي" ۽ اندر ڪري پٹي. بيوقوف سمجهيو تہ: مونکي ٿي ماري. تنهن رڙ ڪري چيو تہ: آئون پنهنجي ماءُ جو هڪڙو پٽ آهيان. پريان وٽن جي ويڑهہ ۾ ٻہ

نہ پر گھٹائي لڪا وينا آهن. وٽن ۾ لڪل بيوقوف جو اهو ٻڌو تہ هڪل ڪئي تہ : ٻيلي! نالو خدا جو اٿئي اسان جو ڏس نہ ڏي، تون ۽ هيڏانهن ڇڇي آءُ. سو هي ٽپ ڏئي ڪڏ مان نڪتو ۽ وڃي اڌهن سان گڏ وٽن ۾ لڪو. رڍون ۽ ٻڪريون ويچاريون ڇنديون وڃي ڳوٺ پهتيون، پر هوءَ رڍ ڪڏ مان نڪري نہ سگهي، سو وٽي دانهون ڪرڻ لڳي. بيوقوفن سمجهيو تہ هن رڍ اسان کي ڏسي ورتو آهي، سو ٻين کي ٿي سڏ ڪري، متان اهي موٽي اچن، تنهنڪري صلاح ڪيائون تہ، ٻيلي، هتي ويهڻ ٺيڪ نہ آهي، ڪنهن نموني هتان نڪري هلون تہ چڱو. اها صلاح ڪري آتان نڪتا. جيئن رڍ رڙيون ڪري، تيئن هي تڪا ڏوڙن، تان جو اچي گهر پهتا. آتي زالن پڇيو تہ : ڏيو خبر ڇا آهي؟ ڇيائون تہ : خبر پڇوئي نہ شڪر ڪريو تہ سر بچائي اچي پهتا آهيون!

—✻—

تاڻ تاڻ*

هڪڙو غريب سُرندائي فقير، پنهنجو سرندو سان ڪنو وات وڃيو پئي ويو ته سامهون کي چور گڏجي ويس. فقير انهن کي ڏسي پڇيو ته: ادا! ڪريو خبر چار، ڪير مڙس آهيو ۽ ڪٿي ٿا وجو؟ تنهن تي چورن وراڻي ڏني ته: اسين چور آهيون ۽ چوري ڪرڻ ٿا وڃون. فقير وري ڪائڻ پڇيو ته: ادا! توهين جو چوري ڪريو ٿا تنهن مان توهان کي ڇا ٿو هٿ اچي؟ سڄي رات پنهنجو آرام وڃايو؛ ڪڏهن بل لڳي ته ڪڏهن نه لڳي، ماڻهن ۾ به اوهان جي گلا ۽ بعضي ته ڪاٽ ۾ به وڃي ٿا پئو، هيترين تڪليفون هوندي به توهين چوريءَ جي پٺيان نٿا ڇڏيو! فقير جون عجيب گالهيون ٻڌي چورن کي ڏاڍي ڪل آئي ۽ پاڻ ۾ چيائون ته، ويچاري کي چوريءَ جي مزي جي خبر ڪانهي. سو فقير کي چيائون ته: فقير ڪن لائي ٻڌ، تون سارو ڏينهن سرندو ڪنيو در در ٻيو رلين. رات جو ڪائين ته ڏينهن لاءِ تو وٽ ڪٽو به نه آهي. اسين رڳو هڪڙي رات جو آرام ڪٽائي وڃي ٿا چوري ڪريون، اها به جاچي جوچي ٻوءِ ڪندا آهيون. جتي اسان کي مال ملڪيت گهٽي سجهندي آهي، اتي وڃي ٿا چوري ڪريون. ٻوءِ ته اسان وٽ مال جا ڍير لڳيو وڃن، نڪو ڪم نڪو ڪار، جيڪي ڪپي سو پيا ڪپايون. فقير چورن جي گالهه ٻڌي دل ۾ خيال ڪيو ته، مار! چوريءَ ۾ به ڪو وڏو مزو آهي. مونکي ساري ڄمار سرندو وڄائيندي گذري آهي پر نڪي هڙ

---

* شيءِ آ ڪائي وچولي (تعلقي شهداد پور) مان ظفر بلوچ کان ملي.

نڪي حاصل! چونہ آڻون ہ چوري ڪريان. تڏهن چورن ڪي چيائين تہ: يارو! مونکي ہ چوريءَ تي وٺي هلندؤ؟ چورن چيو تہ: فقير چو نہ وٺي هلنداسين، پلي هل!

فقير چورن سان گڏجي اٿي هليو. سيئي گڏجي هڪڙي شهر ۾ هڪڙي بيوقوف جي گهر ڪي ڪات هٽڻ لڳا، هيٺان سولائي نہ هئڻ ڪري، مٿي چڙهي گهر جي ڇت پٽڻ لڳا؛ جڏهن اندر گهڙڻ لاءِ لوڪهو ٺاهيائون تڏهن چورن، پنهنجي ساٿي ءِ فقير کي چيو تہ: اوهان کي رسي تي اندر لاهيون ٿا جيڪو مال اوهان کي هٿ لڳي سو مٿي ڪٽي ڏيندا وجو ءِ اسين ڇت تان سماءُ ٿا ڪريون. جڏهن ڏسو تہ هاٿي ڪجهہ ڪونهي تہ پوءِ رسيءَ کي لوڏي ڇڄجو "تاڻ تاڻ" تہ اسين اوهان کي ٻاهر ڇڪي ڪيڏاسين.

هڪڙو چور ءِ فقير سرندي سميت گهر ۾ لهي ويا. جيڪو مال ڏسڻ ۾ آين سو ڇت وارن چورن کي ڏيندا ويا، نيٺ مال خلاص ٿيڻ بعد هنن رسيءَ کي لوڏي چيو تہ تاڻ، تاڻ: اهي لفظ ٻڌي ڇت وارن چورن، پهرين چور کي مٿي ڇڪي ڪڍيو ءِ فقير لاءِ رسي هيٺ اماڻيائون. فقير دل ۾ خيال ڪيو تہ اڄ پهرينءَ لي چوريءَ ۾ واهہ جي قيمتي ملڪيت هٿ آئي آهي! سڄي ڄمار ڪائيندس، سو چو نہ ڇاڙيءَ ۾ شڪرانو جو هڪڙو لهرو وڃائي پوءِ نڪران. اهو خيال ڪري فقير سرندو وڃائڻ شروع ڪيو. ڇت تي ويٺل چورن سرندي جو آواز ٻڌي خيال ڪيو تہ، مار! هي بيوقوف مورڳو هاڻ پڪڑائي ٿو! سي مال کي اڇائي ڇڏي لهي وٺي ويگا. گهر جا ڏٺي، سُرندي جي آواز تي جاڳيا ءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاري آواز جي ٽوهہ لڳائي. انهيءَ وچ ۾ فقير سرندو وڃائڻ بند ڪري رسيءَ کي لوڏي ڇوڙ لڳو تہ: تاڻ، تاڻ!

پلا ڪير هجي تہ هن ڪي باهر ڇڪي. انهيءَ ڪري فقير تاڻ، تاڻ جي ڏم لائي بيهي رهيو. گهر جا مالڪ تاڻ تاڻ ٻڌي ڏنا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ پنهنجي گهر ۾ الاجي ڪهڙي "تاڻ" اچي ٻڌي آهي سو خوف وچان ڀڄي وڃي پنهنجي پريي مڙس وٽ پهتا. هن ڪي چيائون تہ: سائين! اسان جي گهر ۾ الاجي ڪهڙي تاڻ اچي ٻڌي آهي، پلائي ڪري هلي انهيءَ ڪي ڏي. پريو مڙس تاڻ جي مارڻ لاءِ تيار ٿي اٿيو، بيوقوفن جي گهر وٽ اچي ڏسي تہ برابر اندر گهر ۾ ڪا بلا آهي ڇا تاڻ، تاڻ ٻڌي ڪري. پريي مڙس گهر جي مالڪن ڪي چيو تہ: مونکي هڪ وڏو ڏنبو آڻي ڏيو تہ آئون ٿو انهيءَ تاڻ ڪي سمجهان. گهر جي مالڪن پريي مڙس جي حڪم موجب هڪڙو ٽلهو ۽ مضبوط ڏنبو آڻي ڪيس ڏنو. پريي مڙس ڇا ڪيو جو لانگوٽو لڳائي هٿ ۾ ڏنبو ڪٽي جڏهن اندر گهڙڻ لاءِ تيار ٿيو تڏهن گهر جي بيوقوف مالڪن ڪي سمجهايائين تہ: آئون اندر وڃي تاڻ ڪي ماريان ٿو؛ اتفاق سان جي هو باهر ڀڄي اچي تہ اوهين به تيار رهجو، هن جي نڪرڻ سان مٿس چڙهي ويجو ۽ ڏنبن سان جهڪا مار ڏيڻي هجيو اها ڏجوس. خيال ڪجو متان ڀڄي نہ وڃي! آئون چئي پريو مڙس اندر گهڙيو ۽ بيوقوف ڏنبن سان در تي تيار ٿي ٻيٺا.

هوڏانهن پريو مڙس جوش ۾ اچي فقير ڪي مارڻ لاءِ ڏنبو کڙو ڪيو، ۽ فقير ڏنو تہ، مار! هاڻي تہ مورکوئي ٿو مران، سو پريي مڙس جا ڏنبا گسائي هٿوراڙيون ڏئي گهر ۾ پيل ڏئونري جي دکي وڃي هٿ ڪيائين، ۽ ڦيرو ڏئي اها دکي پريي مڙس ڪي وهائي ڪيائين، جنهنکري هو سڄو ڏئونري ۾ ٽڦجي اچو ٿي ويو ۽ پريي مڙس ڪي هيڪاري چڙ آئي تنهن مٿس ڏنبن جي وارو وار لائي ڏني تہ وري فقير ڪي هڪڙو اٿي جو پريل

تس هٿ اچي ويو. ڏيندي ست اهو پارڙو ٽڪا ڪرايائينس. پارڙي لڳڻ ساڻ پريي مڙس دانهن ڪئي. ۽ ڪٽي ٻاهر لوهه ڪيائين، جتي گهر جا بيوقوف مالڪ لڻيون ڪنيو تاڻ ڪي مارڻ لاءِ تيار بينا هٿا، سو جو هن ڪي ٽڪڑو نڪرندو ۽ شڪل ۾ بدليل ڏنائون سو پڪ ٿين ته اها ئي تاڻ آهي، سو ڪٽي ڏنبن جا وسڪارا لاتائونس. پريي مڙس جي دانهن مٽي دانهن ٻي ٻڌي، ۽ ڪير ٿو سندس ٻڌي. هيڏي فقير وجهه ڏسي سرندو چڏي ٻاهر نڪري ڀڄي ويو. بيوقوفن جڏهن هن ڪي ماري ماري رڄ ڪيو ۽ پريو مڙس ٻه ساٿو ٿي پڄي رهيو تڏهن جاڇي ڏسن ته مار! اسان ته پريي مڙس ڪي ڀڙي وڏو آهي. پوءِ ته سيني پريي مڙس کان معافي ورتي ۽ چيائون ته: سائين! نوهان کي ٻ ته تاڻ اهڙو ڪري چڏيو جو اسين ٻلجي ويا سون ۽ هاڻي اسان کي معاف ڪريو. وري اندر گهڙي ڏسن ته سرندو پيو آهي ۽ تاڻ ڀڄي وئي.

—❧❧—

بُري نيّت ٿوري برڪت *

هڪڙو بادشاهه شڪار ڪندي ڪنهن اوجهڙ ۾ وڃي نڪتو، اتي اڄ ڏاڍو هلاڪ ڪيس. پريان هن ڪي ڪمند جي پوک ڏسڻ ۾ آئي. هي هلي اوستائين ويو ۽ ڪڙميءَ کان پاڻي گهريائين. ڪڙمي هن کي معتبر ماڻهو ڏسي، ڪمند جي هڪ لٽ پٽي، ان جو ٽڪر نهوڙي وٽو پري آڻي ڪيس ڏنو. بادشاهه ڪمند جو رس پي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چيائين ته ڪمند جي پوک ۾ ڏاڍي پيدائش آهي ۽ اڄ ڇڙيءَ ڪمند سان ايترو رس ٿو نڪري! تنهنڪري ڪمند جي پوک تي دل رکڻ گهرجي. بادشاهه جڏهن پنهنجي جاءِ تي آيو ته ڪمند جي پوک تي وڌيڪ دل مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

هڪ ڏهاڙي اهو بادشاهه وري ان ساڳي هنڌ تي وڃي نڪتو ۽ اڳي وانگر ڪمند جي پوک ڏنائين، جنهنڪري ڪمند جي رس پيڻ جي خواهش ٿيس. هن هلي اڇي ڪڙميءَ کان پاڻي گهريو، جنهن پاڻيءَ جو وٽو پري آڻي ڏنس. پر بادشاهه چيس ته: مونکي ڪمند جي رس پيار. ڪڙميءَ چيس ته: ڪمند جي رس مفت ڪيئن ملندي؟ بادشاهه هن کي چيو ته: جيتري رقم وٺي هجيئي اها وٺ، پر مونکي ڪمند جي رس پيار ڪڙميءَ بادشاهه کان قيمت ورتي ۽ وڃي پوک سان چوندي تي چار وڏيون ڇڙيون پٽي آيو ۽ سندس اڳيان ٻيهي نهوڙڻ لڳو ته انهن ٽن ڇڻن ڇڙين سان مس هڪ وٽو پريو. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ان

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي روهڙي) سان عبدالرزاق کان ملي.

ڳالهه جو سبب ڪڙمي ڪان پڇيائين تہ : ميان ! اڳي تو بنا گهرڻ جي ڪمند جي رس پياري هئي ، ۽ ڇڏيءَ مان وٽو ٽمٽار ٿي ويو هو ؛ پر هاڻي ٿن ڇڻ ڇڏين مان اڌ وٽو بہ مس ٿيو آهي ، انهي جو ڪهڙو سبب آهي؟ تنهن تي ڪڙميءَ جواب ڏنو تہ : ادا ! ملڪ جي بادشاهه نيت خراب ڪري ، ڪمند جي پوڪ تي دل وڌائي جنهنڪري اسان ماڻهن مان ايمان ۽ ملڪ جي پيدايش مان برڪت نڪري وئي آهي . ٽنهنڪري اوهان کي هي حال ڏسڻ ۾ آيو آهي . بادشاهه کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ موٽي اچي ڪمند جي پوڪ تان بنهه ڏيل لاهي ڇڏيائين .

—✻✻✻—

حاڪم ظالم برڪت ختم*

هڪڙو بادشاهه شڪار ڪندي ڪندي ڪنهن هنڌ وڃي نڪتو. اتي هڪ جهوپڙي ڏسي ان ۾ گهڙي ويو. جنهن ۾ هڪڙي عورت پنهنجي ڏيءَ سميت رهندي هئي. مائيءَ بادشاهه کي پاڻ وٽ رهايو ۽ سندس چڱي خدمت چاڪري ڪيائين. مائيءَ کي هڪڙي ڳئون هئي جا سڌس ڏيءَ ويڻي ڏڌي ۽ بادشاهه ويڻي ڏنو. بادشاهه ڏٺو ته ان ڳئون کير تمام چڱي انداز ۾ ڏنو. بادشاهه دل ۾ چيو ته ڳئون هيترو کير ٿيون ڏين! ڳڻ تي دل مقرر ڪرڻ گهرجي. جڏهن صبح ٿيو ۽ مائيءَ جي ڏيءَ وري ڳئون کي ميڙيو ته ڳئون بلڪل ٿورو کير ڏنو. چوڪريءَ پنهنجي ماءُ کي رڙ ڪري چيو ته: اما! اڄ ڳئون الاجي ڇو کير ٿورو ڏنو آهي. تنهن تي ماڻس چيس ته: ڏيءُ! اڄ هن ملڪ جي بادشاهه رعيت ڏانهن بدنيت ٿيو آهي جنهنڪري برڪت هلي وئي آهي. بادشاهه اهو سمورو قصو ويڻي ٻڌو ۽ دل ۾ چيائين ته، مار! بادشاهه جي بدنيتي جو ملڪ جي برڪت تي ايڏو اثر ٿو ٿئي! تنهنڪري دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ دل رکڻ جو ارادو لاهي ڇڏيائين ۽ مائيءَ کي چيائين ته: مائي! اوهين ٻيهر پنهنجي ڳئون کي ميڙي ڏسو. چوڪريءَ ڳئون کي ڏڌو ته اوترو ئي کير ڏنائين جيترو هميشه ڏيندي هئي.

—※※※—

---

* هيءَ آ ڪائي اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ڪان ملي.

مگٹھار ۽ شينهن*

مگرو مگٹھار تمام غريب هو. جوٽس ڏاڍي ويڙهاڪ هئي سو ڪيس گهر ۾ اصل ڪاڻ سنڀندي هئي. آخر ويچارو اهڙو اچي بيزار ٿيو جو خيال ڪيائين تہ، انهيءَ ڪان مري وڃان تہ ڇٽو آهي. ڇو نہ فلاڻي جهنگ ۾ وڃان جتي شينهن مونکي پاڻهي ماري کائي ڇڏيندو ۽ پوءِ سيني سورن ڪان ڇٽي پوندس. اهو پڻ پچائي اٿي پيلي ڏانهن روانو ٿيو.

ان پيلي ۾ شينهن جا وزير، "سور ۽ هنجهه" هوندا هئا. انهن جڏهن هن مسڪين کي ڏٺو، تڏهن صلاح ڪيائون تہ جي هن کي نہ بچائينداسين تہ خراب ڳالهہ ٿيندي. تنهنڪري اڏامندا اچي فقير وٽ پهتا ۽ ڪيس چوڻ لڳا تہ: بندا خدا جا! ناحق ٿو مرين. هن پيلي جو بادشاهہ شينهن شير خدا جو آهي. توکي ڏسندو تہ کائي ڇڏيندو، تنهنڪري چڱي ڳالهہ اها آهي تہ پڄي جند ڇڏاءِ! فقير پڪين کي جواب ڏنو تہ: ادا! آئون آيو ئي مرڻ لاءِ آهيان. ياڻي مونکي شينهن ماري کائي ڇڏي. پڪين خيال ڪيو تہ، هن ويچاري کي ضرور کو ڏک آهي جو هي مرڻ لاءِ تيار ٿي آيو آهي، سو وري چيائونس تہ: يار! تون اجايو پاڻ کي ماراءِ نہ، باقي عيش ڪر جو اسين توکي شينهن وٽ وڃي ڏا هلون؛ هو توکان پڇي تہ چئجانءِ، تہ سائين! منگتو سوالي آهيان، تو بادشاهہ وٽان خيرات وٺڻ آيو آهيان؛ پوءِ اسين پاڻهي توکي خزانو وڃي ڏينداسون. فقير اها صلاح پڏي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هنن سان گڏجي اٿي هليو

---

* هي ۽ آکاڻي حيدرآباد شهر مان زمرد شيخ ڪان ملي.

اوڏي ۽ محل شينهن کي نند ۾ هو ، تنهنکري ويهي رهيا .
اوچتو شينهن جي اک کلي جنهن سامهون هڪڙي انسان کي ويڙهل ڏٺو . سو يڪدم گجگوڙ ڪري ، چنبي هڻڻ لاءِ تيار ٿيو . اڳي هنجهه ۽ مور ، يڪدم ٻانهون ٻڌي شينهن کي عرض ڪيو تہ : جيئندا ڦلا ! مون منگتو فقير آهي . مون کي ڪنهن ۽ بادشاهه نہ ماريو آهي . مون اوهان کان ۽ خيرات وٺڻ آيو آهي . اهو ٻڌي شينهن جي ڪاوڙ ڏري ٿي ۽ مور ۽ هنجهه کي حڪم ڏنائين تہ: هن کي وڃي خزانو ڏيکاريو جيکي وڻيس سو کڻي وڃي . پکين ، شينهن جي حڪم موجب هن کي ويڃي خزانو ڏيکاريو ۽ منگتي ان مان سون چاندي جي ڀري ٻڌي کڻي ۽ خوش ٿي گهر موٽي آيو .

سندس زال جڏهن هيترو خزانو ڏٺو ، تڏهن وات ڀي ڦاٽي ويس ۽ مڙس جي خوشامد ڪرڻ لڳي . ڇوہ تہ ٻئي زال مڙس ڏاڍي پيار سان رهڻ لڳا . ڪاڏي ڪوهه ۾ ڪڪيو پون ، سو ستن اٺن سالن کان ٻوء فقير جو خزانو کٽي ويو ، ۽ جوڙس وري ۾ فقير سان ساڳي جٽ شروع ڪري ڏني . ويچارو فقير ڏاڍو ڪک ٿيو ، ٽٽ خيال ڪيائين تہ ، اڳئين وانگر شينهن وٽ وڃان ، من کجهه خيرات ملي وڃي . سو وري انهي ساڳي ٻيلي ڏانهن ويو ، ۽ جڏهن هو ٻيلي ۾ پهتو تہ چا ڏسي تہ شينهن جا ٻئي وزير مور ۽ هنجهه آهن ٿي ڪوڻ ! سندن جاءِ تي " گدڙ ۽ ڪنگ " پکي ويٺا آهن . انهن جو فقير کي ڏٺو ، سي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ : اڄ واهه جو شڪار هٿ لڳو آهي ؛ جو نہ شينهن کي ٻڌايون تہ اڄ کو سڀيو لقمو ڪائي . پر شينهن کي اڳاري ڪان اڳ انهن پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪيو تہ ، اکين جا

تارا ڪنگ ڪڍي ڪائيندو ۽ آندا ۽ اوجهريون گدڙ ڪي ملندا. آخر وڃي شينهن ڪي اڌاريائون ۽ چيائونس ته: بادشاهه سلامت! خدا گهر ويني سڀيو شڪار موڪلي ڏنو آهي، هاڻي پنهنجي هٿ سان پورو ڪريوس ته توهين به ڪائي ڏؤ ڪيو ۽ اسين به پنهنجو پيٽ پريون، اهڙو مال قسمت سانگي هٿ ايندو آهي.

شينهن جڏهن فقير ڏانهن نهاريو تڏهن ياد آيس ته هي اهو ساڳيو شخص آهي جنهن جي لاءِ سور ۽ هنجهه چيو هو ته هي منگتو آهي ۽ بادشاهه ڪڏهن انهي ڪي ڪونه مارينداآهن؛ پر هي وزير ته هن جي مارڻ جي صلاح پيا ڏين! آخر شينهن فقير ڏانهن نهاري ڪانئس پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو ته: تون ڪير آهين؟ فقير هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: منگتو سوالي آهيان ۽ تو راجا ڪان دان وٺڻ آيو آهيان. شينهن چيس ته: چڱو هل ته توکي خزانو ڏيڪاريان، ان مان جيڪي وٺڻي، سو ڪٽي وڃ. فقير به خزاني مان پنهنجي دل تي هڪ وڏي پري ٻڌي، اٿي هليو.

فقير ڪي ويندو ڏسي ڪنگ ۽ گدڙ رڙ ڪئي ته: سائين! وري اهڙو مال هٿ نه ايندو. اڄ ته ڪا موج ڪر! پر شينهن سندن ڳالهه ئي ڪانه ٻڌي. فقير سان گڏجي اٿي هليو. جڏهن ٻئي ٻيلي ڪان ٻاهر آيا، تڏهن فقير ڪي چيائين ته: يار! وري هتي نه اچجانءِ. چو ته اڳي منهنجا وزير هڻا سور ۽ هنجهه، ۽ هاڻي آهن ڪنگ ۽ گدڙ، تنهنڪري تون وري نه اچجانءِ. فقير اهو ٻڌي، ماڻڙي ڪري پنهنجي راهه ورتي، ۽ وري ڪڏهن به ٻيلي طرف ڪونه آيو.

—※※※—

بڏي *

هڪڙو غريب شخص، روزگار لاءِ پنهنجا پار ڇا وڃي پرديس ڏانهن پئي ويو. هلندي هلندي ڪين وات تي رات اچي پئي. سو هڪڙي وڻ هيٺان وڃي لٿا. آٿي غريب شخص پنهنجي پٽ کي چيو ت: ابا! تون ڪائيون ڪري اچ. وري ڏيءَ کي چيائين ت: اما! تون پاڻي پري اچ، ءِ زال کي چيائين ت: تون مانيِ پچائڻ لاءِ اٽو ڪيڊ. حڪم ملڻ شرط سيڪو پنهنجي پنهنجي ڪم پٽيان هليو ويو. باقي پاڻ ويهي نوڙي وڻڻ لڳو.

ان وڻ تي هڪڙو پکي ويٺو هو جنهن سارو رنگ ويٺي ڏٺو. تنهن غريب شخص کان پڇيو ت: اي شخص! تون نوڙي ڇو ٿو وٺين؟ غريب جواب ڏنس ت: هن نوڙيءَ سان توکي ڪاسائيندس ءِ توکي کُهي ر ڏي ڪائينداسين. پکيءَ غريب شخص ءِ سندس ڳاتين جي ہڏي ڏٺي هئي سو پڪ ٿيس ت هي مونکي پکڙي وڃندا، هاڻي ڪيئن انهن کان جند ڇڏايان. اها ڳالهه ڳڻي غريب شخص کي چيائين ت: آئون توکي خزانيجي جاءِ ڏسيان ٿو، اتان دنيا ڪيڊي پنهنجو گذران ڪر، پر مونکي معافي ڏي. غريب شخص چيو ت: ڀلاءِ ت اهو ناڻو ڪٿي آهي؟ پکي چيو ت: هن وڻ جي پاڙ ۾ مڙس جيترو هيٺ کوٽ ت توکي ناڻو ملندو. غريب شخص، پکيءَ جي ڏس موجب کيو ءِ خزانو ڪيڊي پنهنجن ڀارن ڀڇن سميت واپس گهر آيو ءِ خوش گذارڻ لڳو.

آنهي غريب شخص جي ياءُ جڏهن اوچتوئي اوچتو پنهنجي

---

* هيءَ آکاڻي اٽر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ڪان ملي

پاڻ وٽ ايتري مايا ڏٺي سو حيران ٿي ويو تہ اڳي ڪائن لاءِ ڪونہ هوس ۽ هاڻي هن جهڙو ڪو سکيو آهي ئي ڪونہ ! پوءِ پنهنجي پاءُ کان پڇيائين تہ : ادا ! ڪر خبر توکي اهو ازغيبي خزانو ڪٿان هٿ لڳو؟ تنهن تي غريب شخص پکيءَ وارو سمورو قصو ڪري ٻڌايس . هن کي ب اڇي ناڻي هٿ ڪرڻ جو خيال ٿيو ، سو پنهنجا پار ٻڌا وڻي اڇي ان وڻ هيٺان رهيو ۽ پنهنجن پاتين کي سڏي ڏار ڏار ڪم ڏسيائين ، پر انهن چيو : تہ اسين پنڌ ڪونہ وينداسين ، اسان ڪان اهو ڪم ڪونہ ٿيندو . جڏهن سيني انڪار ڪيو تڏهن پاڻ ويهي نوڙي وڻڻ لڳو . اهو ڏسي ساڻئي پکي پڇيس تہ : ميان ! نوڙي ڇاجي لاءِ پيو وڻين؟ تنهن تي غريب شخص جي پاءُ چيس تہ : هن سان توکي ڪهڙو ڪم آهي جو تون پهرين پنهنجو گهر تہ ٻڌ ، توکان گهرئي ڪونہ ٻڌو ٿيو آهي سو مونکي ڪيئن ٻڌي سگهندين ! ائين چئي پکي اڏامي هليو ويو ۽ غريب جو پاءُ جهڙو ويو هو ، تهڙو هٿين ٽلهو موٽي آيو .

—❧—

پيءَ جي نصيحت -۱*

هڪڙو غريب شخص هو، ڪيس هڪ پٽ هو. جڏهن انهي غريب شخص جي مرڻ جي مهل آئي، تڏهن پنهنجي پٽ کي سڏي چيائين ته: پٽ! منهنجي چالاڻي جو وقت آهي، آئون توکي ٽي نصيحتون ڪريان ٿو، جيڪڏهن تون انهن تي عمل ڪندين ته ڪڏهن به ڏک نه ڏسندين. پهريون ته گهر کي چم جو لوڙهو ڏجاءِ، ٻيو ته زال کي قابو ۾ڏجاءِ ۽ ٽيون ته اڻ ڪوٺي ڪچهري ڪجاءِ. اهي ٽي نصيحتون ڪري غريب شخص مري ويو.

سندس مرڻ کان پوءِ پٽ ڇا ڪيو جو پنهنجا سڀ ڏيڻا ڏور ڪيائين، انهن جا چم لاهي گهر کي ڪٽي لوڙهو ڏنائين. صبح جو پنهنجي زال کي ٻڌي چڏيندو هو. هو ڪم ڪار ۾ ڪونه ڪندو هو ۽ ڏيڻا ڏور ته پنهنجا اڳ ۾ ئي کهي چڏيا هئائين سو سڄو ڏينهن گهر ويٺو اوباسيون ڏيندو هو.

انهيءَ شهر ۾ سندس پيءَ جو هڪڙو گهاٽو دوست رهندو هو، تنهن جو پنهنجي دوست جي پٽ جا اهي پار ٻڌا. سو سڏو وٽس آيو ۽ سندس هيٺو حال ڏسي، چيائين ته: ميان! هي ڇا ڪيو اٿئي؟ زال کي ڪٽي ٻڌو اٿئي، پنهنجا سڀ ڏوڙ ڏيڻا کهي انهن جا چم ڪٽي گهر جي چوڌاري لڳايا اٿئي! چوڪر چيس ته: چاچا! بابا مونکي ائين ڪرڻ لاءِ چئي ويو هو. سو انهن وصيتن کي

---

* هيءَ آ ڪاڻي اڌر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان «آصف» ڪان ملي.

آئون ڪونہ ڇڏيندس. تنهن تي پڻ جي دوست چيس تہ: تو پنهنجي پيءَ جي وصيتن جي معنيٰ ئي ڪانہ سمجهي آهي. هن توکي چيو هو تہ تون گهر کي چم جو لوڙهو ڏجانءِ. جنهن جو مطلب هي آهي تہ تون پاڻ وٽ ٻڌي ڪتا ڏارجانءِ، چاڪاڻ تہ ڪتا ڪمام سڻا چوڪيدار ٿيندا آهن؛ ٻيو پڻهين توکي چيو هو تہ زال کي ٻڌجانءِ. ان جو مطلب هي هو تہ زال کي محبت ۽ قرب سان قابو رکجانءِ؛ اڻ ڪوڻي ڪچهريءَ جو مطلب هي هو تہ تون اوطاق ٿهراءِ ان ۾ چام رکجِ، پوءِ ڏسج تہ تو وٽ اڻ ڪوڻيا ماڻهو ڪيترا ٿا اچن ۽ ڪهڙي نہ پلي ڪچهري ٿي لڳي. چوڪر پنهنجي پيءَ جي دوست جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ پوءِ انهيءَ موجب عمل ڪرڻ لڳو، تنهنڪري سکيو ستابو رهندو هو.

—※※—

پيءُ جي نصيحت ـ ٢ *

هڪڙي واپاريءَ پنهنجي پٽ کي مرڻ مهل هي نصيحتون ڪيون تہ: دوڪان تي ڇانو ۾ ويڄجئين ۽ ڇانو ۾ اڇجئين. زال کي ڏانوڻ ٻڌي پوءِ مار ڏجئين. جنهن کي اڌار ڏين تنهن کان نہ گهرجئين.

جڏهن واپاري مري ويو، تڏهن پٽس ڇا ڪيو جو گهر ڪان وٺي پنهنجي دڪان تائين، جو ميل ڪن پري هو، وٺي ڇاپرو ڦهرائڻ شروع ڪرايائين. زال کي ٻئي ٽئي ڏينهن پيرن ۾ ڏانوڻ وڄهي اڇي سڻتن سان وٺندو هو ۽ دڪان تي جيڪو ماڻهو اڇي ڪجهہ اڌار گهرندو هو ان کي بنا پڇي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ وري پٺسا اصل ڪونہ گهرندو هو. اهڙيءَ طرح آخر هو پنهنجو سڄو دوڪان خالي ڪري ويٺي رهيو ۽ اڇي ترين پر ٽيو.

ان شهر ۾ سندس پيءُ جو هڪڙو دوست رهندو هو. تنهن کي جڏهن پنهنجي دوست جي پٽ جي حال جي خبر پئي. تڏهن وٽس ڪنهن آيو ۽ اڇي ڏنائين تہ سندس يار جي پٽ جا پرڪار ٿي خراب لڳا پيا آهن. زال کي ڏانوڻ وڄهي مٽس ڏنڻن جو وسڪارو لايو ٻيٺو آهي. دڪان تي ڪا شيءِ ۾ ڪانہ ڪهيس. يڪو ميل ڪن ۾ اڃايو ڪٽي ڇاپرو ڦهرايو اٿس. جڏهن ان کان پڇيائين تہ: ابا! تو هي ڇا ڪيو آهي؟ تڏهن هن پنهنجي پيءُ جون ڏسيل ٽئي وصيتون ٻڌايس. اهو ٻڌي پٽس جو دوست

---

* هيءَ آکاڻي اتر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان آصف کان ملي.

مٽس ڪلڻ لڳو ۽ چيائينس : پٽ! تو پنهنجي پيءُ جي قولن ڪي سمجهيوئي ڪونہ آهي . هاڻي اڄ ته آئون انهن جو مطلب توکي سمجهايان . توکي تنهنجي پيءُ چيو هو ته دوڪان تي ڇانو م وڃجئين ۽ ڇانو م اچجئين . انهيءَ جي معنيٰ هي آهي ته صبح ساجهر دوڪان تي وڃجئين ۽ شام جو سج لٿي ڪان پوءِ موٽي گهر اچجئين . اوڏر ڏئي نہ گهرن جو مطلب هيءُ هو ته اوڏر اهڙي ماڻهوءَ ڪي ڏجئين جيڪو بنا گهرن جي اچي توکي ڏئي وڃي ۽ زال ڪي ڏانون وجهي ماريڻ جو مطلب هيءُ آهي ته ، زال ڪي جڏهن اولاد ٿئي تڏهن هن ڪي هڪڙو ڏانون پڄي ويندو ۽ پوءِ هن ڪي ڪيترو ئي ماربو . تڏهن ئي هوءَ پنهنجو گهر ۽ اولاد ڪانہ ڇڏيندي .

واپاري ، پنهنجي پيءُ جي ان دوست جون اهي عقل واريون ڳالهيون ٻڌي پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ آئنده ديهاڙي سوچي هلڻ لڳو .

—※※※—

ابا! اٿي ڪُڪڙ جِي ڪر*

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو وڏو سوداگر رهندو هو. جڏهن پاڻ وڏيءَ ڄمار جو ٿيو تڏهن پنهنجو سڄو ڪاروبار پنهنجي پٽ جي حوالي ڪيائين ۽ پاڻ الله جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. سندس پٽ وڏو هوشيار ۽ سمجهو هو، جنهنڪري پيءُ جو واپار تمام سٺي نموني ۾ هلائڻ لڳو.

هڪڙي ڏينهن ان سوداگر کي خبر پئي ته گهر مان هڪڙي ڪڪڙ چورائجي وئي آهي. سوداگر پٽ کي سڏي چيو ته: ابا! اٿي ڪڪڙ جي ڪر. پٽس خيال ڪيو ته هاڻي هڪڙي ڪڪڙ لاءِ هروپرو ڪير وينو مغز ماري ڪري، وئي ته وڃي ڪڏ ۾ پوي، سو مات ڪري ڳالهه ڪن لاتار ڪري ڇڏيائين. هڪڙو ٻه ڏينهن گذريا ته چور کي وري وڃهه ملي ويو، سو موقعو ڏسي هنن جي ٻکري چورائي ويو. جڏهن پٽس کي خبر پئي ته گهر مان ٻکري ٻه چورائجي وئي آهي، تڏهن هن وري پٽ کي گهرائي چيو ته: بابا! ٻکري چورائجي وئي آهي ۽ تون اٿي ڪڪڙ جي ڪر. پر انهيءَ ڳالهه تي ٻه پٽس کو ڌيان نه ڏنو ۽ خيال ڪيائين ته ٻکري وئي ته ڇا ٿيو، ڪير پيو اجايو هلاکي ڪري، سو مات ڪري وڃي پنهنجي ڏندي سان لڳو.

چور جي اچي ڏاڻ هري، چي هي ته گهر سولو لڳو پيو آهي، جو ڪوبه واهرو ڪونه ٿو پوي! سو مات

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي شهدادپور) جان ميرمحمد "ڪابل" ڪان ملي.

مات ڪري هڪ بن ڏينهن کان پوءِ وري ڳئون چورائي ويو. پير مرد کي جڏهن ڳئون جي چورائڻ جي خبر پئي، تڏهن ڏاڍو ارمان ٿيس ۽ خيال ڪيائين ته هاڻي ته هڪ ٿي گهر جا سڀ ٽڙ چورائجي ويندا. سو نيٺ وري به پٽ کي گهرائي چيائين ته: پٽ! اڄا به مهل اٿئي. اٿي ڪڙ جي ڪر نه ته سڄو گهر ناس ٿي ويندءِ. پر انهيءَ ڳالهه تي به پٽس کو خيال نه ڪيو. مرڳو دل ۾ سوچيائين ته، بابو کو چريو آهي جو وئي ڏڳي آهي ۽ چوي ٿو ته اٿي ڪڙ ڳول. سو مات ڪري وڃي پنهنجي ڏنڊي سان لڳو.

هوڏانهن چور جو ڏٺو ته ڏڳيءَ جو ڪوبه ڏٺي ڪونه وريو سو به ٿي ڏينهن سهي اڇي مينهن جي ڏڻ کي پهتو ۽ هڪڙي مينهن ڏڻ مان چوڙي ڪاهي روانو ٿي ويو. هوڏانهن پٽ کي جڏهن خبر پئي، تنهن ڏٺو ته هاڻي ٿه هي چور سڀئي گهر جا ٽڙ سڃ ڪندو، سو سڏو پيءُ وٽ آيو ۽ چيائين ته: بابا! چور ته باهه ٻاري ڏني آهي، هاڻي ڇا ڪجي؟ پٽس ڳالهه ٻڌي چيس ته: بابا! سون توکي ڪڙ وڃڻ وقت به چيو هو ته اٿي ڪڙ جي ڪر. جي اوڏي مهل ڪڙ جي پوئواري ڪرين ها ته هينئر هي وقت ڪونه اچي ها؛ پر هاڻي به مهل ڪانه وئي آهي ۽ تون اٿي پهريائين ڪڙ جي ڳولا ڪر. پٽس پيءُ جي اها ڳالهه ٻڌي هڪدم ونئي ڪڙ لاءِ وٽ پڪڙ شروع ڪئي. نيٺ هن کي ڪنهن ماٺهوءَ وٽان چور جي ڪڙ پڄي وئي، سو هڪدم ٻاڙي جا ڪجهه ماٺهو مدد لاءِ ونئي وڃي چور تي اوچتو پهتو، جتان سڀ مال ڪاهي آيو. پوءِ سڄي عمر ڪڏهن به پيءُ جي ڳالهه ۾ڀڻ کان انڪار ڪونه ڪيائين.

ڪڙميءَ جون خصلتون *

هڪڙي بادشاهه ڪنهن ڪالهه تان ڪاوڙجي پنهنجي وزير کي حڪم ڏنو ته اهڙو ماڻهو آڻي حاضر ڪر، جيڪو چريو ۽ هجي ته حڪيم ۽ هجي؛ بخيل ۽ هجي ته سخي ۽ هجي؛ چڱو ۽ هجي ۽ چور ۽ هجي. جي نه آڻيءَ ته توکي ماراپو ويندو. بادشاهه جو اهو حڪم ٻڌي وزير ڏڃي ويو، پر عقل کان ڪم ورتائين ۽ هڪڙي ڪڙميءَ کي وٽي، اچي بادشاهه جي اڳيان حاضر ڪيائين. بادشاهه کانئس پڇيو ته: هن ماڻهوءَ ۾ اهي سڀ گڻ آهن؟ وزير جواب ڏنو ته: هائو، بادشاهه سلامت! هي شخص ڪڙمي آهي. هي انّ کي ميڙي چونڊي صاف ڪري، وري وڃي پٽ ۾ پوک لاءِ اڇلائي ڇڏي ٿو، تنهنڪري چئبو ته هي چريو آهي. وري سلن پيدا ٿيڻ کان پوءِ انهن کي سنڀالي ۽ تاتي ٿو، انهن کي پاڻ ۽ پاڻي ڏئي ٿو تنهنڪري هن کي حڪيم ۽ چئبو. جڏهن پوک پچڻ تي ايندي آهي، تڏهن هن جهڙو بخيل کو ورلي ليندو. جيڪڏهن سندس سڄي پاڻ جو چوپايو مال پوک ۾ ڪاهي پوندو، ته اُن کي ۽ مارڻ مان ڪين گسندو. انهيءَ ڪري چئبو ته بخيل ۽ آهي. وري جڏهن لاباڙو پوندو ۽ پوک لهندي آهي، ته ڪيترائي سوالي ڦري ايندس ۽ هي ۽ هرهڪ کي ٿورو گهڻو خيرات ڏئي روانو ڪندو آهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته هي سخي ۽ آهي. هن مان ڪڙميءَ جي چڱائي

---

* هيءَ آکاڻي اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ڪان ملي.

بہ ظاهر ٿئي ٿي ، ۽ هي چور تڏهن آهي جو پوک پچي رهندي آهي ، ته زميندار مٿس ڪارائو ٻيهارينڊو آهي ته متان ان" چورائي وڃي.

باشاهہ وزير جي ڏاهپ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ، ۽ مٿس جيڪا ڪاوڙ هئي سا معاف ڪري ڇڏيائين .

اڻ جاڻ تي ميار نہ آهي *

ڪنهن بادشاهہ وٽ هڪ باز هو، جنهن سان سندس ڏاڍو پيار هو. واندڪائيءَ ۾ باز کڻي شڪار تي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن اهو باز ڪنهن پاسي اڏامي ويو. بادشاهہ پنهنجي پياري باز جي گولا ۾ ڪيترائي نوڪر چاڪر موڪليا، پر پتو نہ پيو. آخر پاڻ گهوڙي تي چڙهي باز جي گولا ۾ نڪتو. گولينديءَ گولينديءَ ٽڪجي پيو، پر باز هٿ نہ آيو. اڄ بہ ڏاڍو ستايس، هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ جهنگ ۾ هڪ جهوپڙي ڏسن ۾ آيس، يڪدم گهوڙو ڏوڙائي اتي ويو. اتي وڃڻ سان معلوم ٿيس تہ هڪڙي پوڙهي آهي، جا ان جهوپڙي ۾ رهي ٿي.

پوڙهي، بادشاهہ کي ڏسي خوش ٿي، آڃان لاءِ نڪري باهر آئي ۽ وڃ سان گهوڙو ٻڌي، بادشاهہ کي ٽڏي پاڻيءَ جو وٺي پري ڏنائين. بادشاهہ پي سرهو ٿيو ۽ پوڙهيءَ جا شڪرانا بجا آندائين. پوءِ پوڙهيءَ، بادشاهہ کي ٻڌايو تہ: منهنجي ملڪ جا بختاور بادشاهہ! تنهنجو باز مون وٽ اڏامي آيو آهي. مون هن کي داڻا ڏنا، پر چهنب وريل سڀان ڪائي نہ سگهيو، جنهنڪري مون چهنب جو وريل پاڻ کپي ڇڏيس. شايد ڪنهن پاپيءَ ويچاري جي چهنب موڙي ڇڏي هئي. پيرن جا ڪنهن وڏيل هئس، جنهنڪري هلي نٿي سگهيو، سي بہ مون کتري ڇڏيا آهن. اهو ٻڌي بادشاهہ جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ۽ اکيون

---

* هيءَ آکاڻي ٿرپارکر (تعلقي عمرڪوٽ) مان سوڍي هريسنگ کان ملي.

پاڻيءَ سان پرجي آيس. ڪاوڙ ۾ ڏاڍي لڳس پر پوءِ بادشاهه دل ۾ خيال ڪيو تہ، جنهن شيءِ جي جنهن ڪي خبر ناهي سو ان جو قدر ڇا سمجهي، اڻ ڄاڻ تي ميار ناهي. ائين ويچاري، پوڙهيءَ کي معاف ڪري روانو ٿيو.

—❀—

ڪَڪر تي ڪُتي جي پونڪ *

ڪنهن شهر ۾ هڪ پائر رهندا هئا، جي روزانو بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ويندا هئا. ڪچهريءَ ۾ ننڍو پاءُ ڪوڙ هٽندو هو تہ وڏو پاءُ ويهي وينجهائيندو هو. بادشاهه هنن جا ڪوڙ پڌي پيو خوش ٿيندو هو ۽ ڪجهه نہ ڪجهه انعام طور هنن کي ڏيندو هو، جنهن سان سندن گذر پيو ٿيندو هو. خدا جي قدرت ننڍو پاءُ گذاري ويو. ويچارو وڏو پاءُ هاڻ بيروزگار ٿي پيو.

هڪڙي ڏينهن اڳيان سڃڻ ياد ڪري لڙڪ پئي هاريائين تہ سندس پائٽيي جي منهن نظر پئجي وڃي، تنهن پڇيس تہ: چاچا! خير تہ آهي، روئين پيو؟ چاچي چيس تہ: ابا! تنهنجو پيءُ ۽ آئون هڪي چڙا بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ويندا هئاسون، جتي پڙهين ڪوڙ هٽندو هو ۽ آئون وينجهائيندو هوس. پر افسوس جو پڙهين کي خدا گهرائي ورتو، هاڻي آئون اڪيلو ٿي پيو آهيان، مون سان پيو ساڻي ڪونهي جو ڪچهريءَ ۾ وڃي بادشاهه سلامت کي وندرائي ڪجهه انعام ونئي گذر ڪريان؛ ان ڪري پڙهين کي ياد ڪري پيو روئان. اهو ڏڌي پائٽيي چيس تہ: چاچا! انهي ۾ ڳڻتي جي ڪهڙي ڳالهه آهي، جي بابو ڪوڙن جو استاد هو تہ آئون به سندس پٽ آهيان. ڪڏهن بابي جي جتيءَ ۾ پير پائي نہ سگهندس، پر جتيءَ ڪڙ جهڙو آهيان. سياڻي مونکي

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي هالا) سان قاضي نور محمد کان ملي.

ڪچهريءَ ۾ وڃي هل پوءِ اتي ويٺو ڏسج ته بادشاهه کي ڪيئن ٿا وندرائي دل تي انعام ونون.

اها صلاح ڪري ٻئي ڏينهن چاچو ۽ پائٽيو گڏجي ڪچهريءَ ۾ ويا ۽ وڃي ٻنهنجيءَ جاءِ تي ويٺا. ٿوري وقت کان پوءِ بادشاهه چوڪر ڏي نهاريو. چوڪر ڳالهه ڪئي ته: سائين! خدا جي قدرت آئون صبح جو جهنگ جي خيال تي ويس ته ڪنهن سهل ڪتي، جي پونڪار ٻڌيم. هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيم پر مونکي ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. ٿوريءَ سهل گذرڻ کان پوءِ ڪٽي جاڃيان ته ڪکر جي مٽان ڪتو پيو پونڪي!

سڄي ڪچهريءَ اها جا ڳالهه ٻڌي سو ڏندن ۾ آڱريون اڇي وين. ڪي چون ته خدا جي قدرت جو انت ئي ڪونهي، ڪي چون ته قيامت جي نشاني آهي. ڪي وري ڏاها چوڻ لڳا ته اها اڻ ٽٽي آهي جو ڪکر جي مٽان ڪتو هجي!

بادشاهه چوڪر جي چاچي ڏانهن نهاريو جيڪو ڪوڙ وينجهائيندو هو. پوڙهو خود منجهيل هو ته بادشاهه کي ڪيئن وينجهائي ڏيان. سو پير مرشد سنيالي اٿيو، يڪدم عرض ڪيائين ته: جيئندا قبلا! چوڪر جي ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي، ڪتو ڪکر تي هيئن پهتو جو شايد ان ڪتي کي ڏونڊ پئي ڪاڍو، اوچتو ڳجهون آيون، جن سان ڪنهن ڳجهه ڪتي کي چهنب ۾ ڪٽي وڃي آسمان ۾ چڙيو، جتان هو اڇي ڪکر تي ڪريو آهي ۽ پيو پونڪي. بادشاهه ۽ درٻارين اها ڳالهه ٻڌي ڪجهه اعتبار ڪيو، ۽ بادشاهه هنن کي انعام ڏنو. جڏهن چاچو ۽ پائٽيو ڪچهريءَ مان ٻاهر نڪتا، تڏهن چاچي، پائٽيي

کي چيو تہ پيلي! تون پڻهين جو ہ استاد آهين. تنهنجا کوڙ کنهن ڏينهن منهنجو ہ سر وجائيندا! بيوقوف تون زمين جا کوڙ ڇڏي آسمان جي کوڙن ۾ وجي پيو آهين! سو تون مون کان زور آهين، تنهنجا کوڙ مون کان وينجهايا کونہ ٿيندا.

پهلوان کير؟*

ڪنهن سمي ٿر ملڪ ۾ "ڪمال" نالي هڪڙو پهلوان رهندو هو. جهڙس ڪو ٻيو پهلوان تر ۾ ڪونہ هو، تنهنڪري هن خيال ڪيو تہ ڪو جيس ڳولي هٿ ڪريان. انهيءَ ارادي سان ڳوٺ‌وارن ڪان موڪلائي پرانهين ملڪ ڏي پنڌ پيو. ڪن ڏينهن پچاڻا سفر ڪندو اچي هڪڙي راجا جي ملڪ ۾ نڪتو. ٻيا ڪرڻ سان خبر پيس تہ هن ملڪ ۾ وري "جمال" نالي هڪڙو جوڌو جوان رهي ٿو. هي ڪهي وٽس ويو ۽ گهٽيءَ جي ٻاهران ٻيهي وڏي واڪي چيائينس تہ: يار! ٻاهر نڪر تہ ڪلهين لڳون. جمال جوڌي وراڻيس تہ: يار! ترس، توت ڪري اچان ٿو. ايتري ۾ راجا جو هڪڙو مڪنو هاٿي ڪجندو، واءُ مينهن ڪندو اچي وڻائنس لنگهيو. ڪمال ڪيس ڪتو سمجهيو، سو ٽڪاءُ ڪرايائينس تہ جمال جي گهر ۾ وڃي ڪريو. انهي مهل جمال جي ڏيءَ پيءُ کي هڪل ڪري چيو تہ: بابا! پنهنجي گهر ۾ ڪير الاجي ڪنهن آڇلائي آهي! سو ٻهاريءَ تي رکي وڃي ڏنائينس لوڏو تہ وڃي ٻاهر ٻيو. ايتري ۾ جمال ٻ ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي ڪمال سان مليو ۽ ٻاڻ ۾ هٿ هٿ ۾ ڏئي هلڻ لڳا، تہ ڪو امين ملي جو ٻنهين جي پهلواني ڏسي فيصلو ڪري. ايتري ۾ هڪڙي ٻيڙي ديگ دال جي مٿي تي ۽ ڪارو مانين جو تريءَ تي رکيو، ٻي ٻانهن لوڏيندي اچي هنن وٽان لنگهي. هنن ٻيو

---

* هن آ ڏاڻي جون ٻ روايتون وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان محمد خان لغاري ڪان ۽ اٻر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ ڪان مليون.

کو اهڙو ماڻهو نه ڏسي ان ٻڍڙيءَ کي چيو ته: نانيِ! اسان جي سڀ ڏس ته اسان ۾ پهلوان ڪير آهي؟ ٻڍڙيءَ کين جواب ڏنو ته: ابا! منهنجو پٽ اسي مينهن جو ڏاڙ آهي، تنهن جي نيرن ڪنيو پئي وڃان، تنهنڪري ترسندي‌س‌ڪانه... باقي جي اوهان منهنجي هٿ جي تريءَ تي چڙهي سڀ وڙهندا هلو ته پنڌ نه ڪندي هلان ۽ اوهان جي سڀ کي ڏسندي هلان. هنن پوڙهيءَ جي ڳالهه مڃي، ۽ ٽپ ڏئي هن جي تريءَ تي چڙهي سڀ وڙهڻ لڳا... اڃان پهرين سڀ ۾ پوري ڪانه ڪيائون ته اوچتو پوڙهيءَ جي پٽ آدم جي نظر هنن تي وڃي پئي، جنهن خيال ڪيو ته شايد ابا اهي ماڻهو منهنجي مار لاءِ وٺيو پئي اچي، سو چا ڪيائين جو ٻ- ٻڙي اجرڪ وڇائي، مينهن ڪي ورائي، هڙ ۾ ٻڌي پٺن تي رکي وٺي ڀڳو. ڪنهن سرڻ جي مٿس نظر پٺجي وئي، تنهن چا ڪيو جو لاسارو هٿي هڙ ڪٽي وٺي آڏاڻي ۽ راجا جي محلات ڏي ويهي ڪائڻ جو خيال ڪيائين ته اوچتو هڙ ڪري پيس. انهي وقت محلات جي اڳڻ ۾ راڻي ويٺي هئي، سا هڙ وڃي راڻيءَ جي اڪ ۾ پئي. تنهن وري ٻاڻهيءَ کي هڪل ڪري چيو ته: ٻانهي کو ڪٽر اڪ ۾ پيو هُري سو کيڏي ڏئو ڪر. ٻانهي آئي ۽ آها هڙ هن جي اڪ مان کيڏي، پنهنجي سڙ جي ور ۾ وجهي چڏيائين ۽ بورچيخاني ۾ وڃي پچائي لڪ چپ ۾ کائي چڏيائين. هاڻي ٻڌايو ته سڀني ۾ وڏو پهلوان ڪير؟

—✻—

چانهين جو پٽ *

هڪڙو هو ماکوڙو ۽ هڪڙي هئي ماکوڙي ، ٻئي گڏجي رهندا هئا . هڪڙي ڏينهن ماکوڙيءَ کي پٽ ڄائو ، جنهن جو ڏيڙ ماٺهوءَ جهڙو ۽ سسي ماکوڙي جهڙي هئي . اهو ماکوڙو جڏهن وڏو ٿيو ، تڏهن پنهنجي ڪاڏي لاءِ اڌ رات جو ڪنهن ولايت هليو ويندو هو ، جتي روز ڪنهن باغ يا ٻني کي چٽ ڪري شام جو واپس ايندو هو .

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد ، آن ولايت جي بادشاهه جڏهن ملڪ کي ائين تباهه ٿيندو ڏٺو تڏهن خيال ڪيائين ته روز بروز ملڪ وڃي ويران ۽ اجڙ ٿيندو ، آخر ڪهڙي آفت آهي؟ سو هڪڏم وزير کي سڏائي حڪم ڪيائين ته: جي هڪ هفتي جي اندر انهي آفت جو انت نه ڪيندين ، ته توکي ڦاهيءَ تي لڙڪايو ويندو . وزير ويچارو ڏاڍو حيران ٿيو ، سو ان آفت کي پڪڙڻ لاءِ روز وڃي هڪڙي باغ ۾ ويهندو هو ، جنهن کي اڃان آفت ڪونه ڪاڏو هو . اتي ويٺي وزير کي ست ڏينهن اڇي پورا ٿيا پر آفت ان باغ ۾ نه آئي . آخر ائين ڏينهن بادشاهه کي عرض ڪيائين ته : فقط اڄوڪي رات مهلت ڏيو ته آئون ان آفت جي خبر ڪيان ، پر جي هٿ نه ڪري سگهيس ته پوءِ سر حاضر آهي . بادشاهه ڪيس هڪڙي رات جي مهلت ڏني ۽ وزير خدا کي ياڏائيندو وري وڃي ان باغ ۾ ويٺو . جڏهن ڪجهه رات گذري وئي

---

* هيءَ آ ڪاڻي حيدرآباد شهر جان محمد اقبال شيخ ڪان ملي .

تڏهن اوچتو ڏسي تہ برابر، ديو جهڙي هڪڙي بلا آهي، جنهن جي سسي ساکوڑي جهڙي ۽ ڏڙ ساٹهوءَ جهڙو آهي، سا سينهن واءُ کندي پئي اچي. وزير ہ چپ هڻي ويهي رهيو، بلا اچڻ سان وٽن ۽ پوٽن ۾ باهم ہاري ڏني، گهڙيءَ کن ۾ باغ ڪائي پوٽو ڪري ڇڏيائين. نيٺ جڏهن ڪائي رڄ ڪيائين ۽ آٽلي پٽلي اوگرائي ڏئي اڏامڻ تي هئي تہ وزير ہ وڃي ٽنگ ڪان جهليس. پوءِ يڪدم پاڻ کي ڪٽي پٽڪي سان ٻڌائين. بلا چرڪ پري وڃي آڏاٹي، سا گهڙيءَ ۾ آسمان سان گالهيون ڪرڻ لڳي، تان جو وڃي هڪ جبل تي لاٹائيس. ڏي لهندي شرط وڃي هڪ پٽ پٽيان لکو. ساکوڑو ہ سڏو وڃي پنهنجي غار ۾ ويٺو ۽ وزير اتي قيريون پائڻ لڳو. گهمندي گهمندي هڪڙي شهر ۾ وڃي نڪتو، اتان ماڻهن کان پڇا ڪيائين تہ: هيءُ ڪهڙو شهر آهي؟ خبر پيس تہ چين ولايت آهي. وزير خيال ڪيو تہ جيڪڏهن بادشاهہ کي ٻڌائيندس تہ آڻون چين ولايت مان ٽي آيو آهيان، تہ اعتبار ئي ڪونہ ڪندو، تنهنڪري ضرور نشانيءَ طور ڪجهہ هتان کڻي هلان، جيئن بادشاهہ کي ڪجهہ اعتبار اچي سو چانهينءَ جو هڪڙو ہڄ لڏس سو کڻي قابو ڪيائين، ۽ وري ہ اچي ساکوڑي جو گهٽ جهلي ويهي رهيو. اڌ رات جو ساکوڑو اتي آڏامڻ لڳو تہ وزير ہ ٽنگ ۾ چنبڙي پيس، جنهن وري ہ آڏائي اچي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ لاٹس.

وزير اتان سڏو بادشاهہ جي دربار ۾ ويو، سلام ڪري چيائينس تہ: جيئندا قبلا! لشڪر تيار ڪريو جو آفت فلاٹي ٻني ۾ چڙي آيو آهيان. بادشاهہ پهريائين تہ اعتبار نہ ڪيو، پر پوءِ وزير جي تڪڙ ڪرڻ تي بادشاهہ سمجهيو تہ برابر آفت هوندي. سو لشڪر تيار ڪرائي وزير کي سان ڪري اچي آفت تي ڪڍيو.

تيرن سان هڻي آفت کي ديري ڪري ڇڏيائون. آفت ماري بادشاهہ وزير کي آفرين ڏني ۽ ڪائنس سڄي خبر پڇي تہ تو ڪٿي ۽ ڪيئن آفت ڏٺي؛ جنهن تي وزير کيس پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. بادشاهہ حيران ٿي ويو ۽ چيائينس تہ: ان جي شاهديءَ لاءِ ڪجهہ اتان آندو اٿئي؟ وزير اهو ٻڌ بادشاهہ جي حوالي ڪيو. بادشاهہ يڪدم اهو ٻڌ پنهنجي خاص باغ ۾ پوڪايو ۽ خاص نظرداري ڪرائي. ڪن ڏينهن کان پوءِ ڄانهينءَ جي ول ڏٺي ظاهر ٿي. ول وڻڻ ۾ جو اچي پئي تہ ٻيهي ئي نہ، تان جو وڃي يارنهن ڪوهن تائين پهتي. آخر هڪڙي ڏينهن بادشاهہ کي چوڪيدارن ٻڌايو تہ ول وڻڻ بس ٿي وئي آهي ۽ هڪڙو گل بہ جهليو اٿس. گل جهلئي کي بہ ڪي مهينا گذري ويا. نيٺ هڪڙو نندڙو ريڙ نڪتو، تنهن کان پوءِ ايتري وقت ۾ ڄانهين پڇي تيار ٿي.

جڏهن ڄانهين پڇي تيار ٿي، تڏهن بادشاه شهر ۾ ڍڙهو ڏياريو تہ، هر ڪو ماڻهو، جيترو گهرجيس اوترو ٽاڻءَ ڪٽي اچي ۽ ڄانهين مان پنهنجو حصو ڪٽي وڃي. ان ڏينهن تي بادشاه پاڻ بہ آتي ويو. هرڪو ماڻهو ٽاڻُ ڪٽي اچي آتي پهتو. نيٺ ڄانهين کي اڌ مان وڌي ڪٽي ڏسن تہ سبحان‌الله هڪڙو چوڪرو پلٽي هنيو وينو آهي. خدا جي قدرت جو بادشاه کي بہ اولاد ڪونہ هو، سو چوڪرو ڏيڻي آٿي راڻيءَ کي ڏنائين. راڻي ٻارڙو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. مٿس "ڄانهينءَ جو ٻٽ" نالو رکيائون ۽ اهو بادشاه جي محلات ۾ پلجڻ لڳو.

ڪن سالن کان پوءِ چوڪرو بہ چڱو چڱو ٿيو. هڪ ڏينهن ٻڌائين تہ ملڪ جي اوپر طرف واري ملڪ ۾ "شهزور" نالي پهلوان آهي، سو ڏاڍو مڙس آهي. چوڪري جو اهو ٻڌو سو راڻيءَ کي چيائين تہ: امان! آئون ان پهلوان سان وڙهڻ ويندس. راڻيءَ

گهٽوئي سمجهايس پر هي پنهنجي ڳالهه تان ڪونه لٿو ، نيٺ راڻيءَ ڪيس اجازت ڏني . هيءُ به ٻئي ڏينهن سهي سنبري سؤ مڻ ڪڻڪ هڪڙي ڪيسي ۾ ۽ سؤ مڻ جوئر ٻئي ڪيسي ۾ وجهي شهزور سان وڙهڻ لاءِ روانو ٿيو .

هلندو اچي هلندو اچي ته ڏسي ته هڪڙو چوڪرو آهي ، جو هڪڙو وڻ پاڙان پٽيو هٿ ۾ لوڏيندو پيو اچي . سندس پويان ٻڪرين جو ڏڻ به پيو اچي . ڄانهنءَ جي پٽ سمجهيو ته اهو ئي شهزور آهي ، سو ڪيس سلام ڪيائين ۽ چيائينس ته : ادا ! تون ته وڏو پهلوان آهين . اتي چوڪري وراڻيس ته : ادا ! پهلوان آئون ڇا آهيان ، پهلوان ته منهنجو پيءُ آهي جو هن وڻ جو ڏنڊ ڏيندو آهي . تنهن تي ڄانهنءَ جي پٽ چيس ته : يار ، پوءِ سونڪي هلي پنهنجي پيءُ سان ملاءِ . چوڪري هائوڪار ڪئي ۽ ڪيس وٽي آٽي در تي ٻيهاريئين . ڏسي ته چوڪرو ۽ چوڪري ويٺا آهن جن پاڻ ۾ ويڙي ڪوڏين راند ڪيڏي . اڃان هي اتي ٻيٺو هو ته اوچتو ماڻهن ۾ ڏيهوڙ ٿيو . هن ٻارن کان پڇا ڪئي ته ماڻهو ڇو ٽا ٿجن ؟ هنن ٻڌايس ته مڪنو هاڻي ڇٽو آهي ، سو شهر گهمي وري محلات ڏي ويندو . هن به چيو ته : ٻيلي ! مڪنو هاڻي ڏسبو . ايتري ۾ ڏسي ته برابر مڪنو به پگو اچي چوڪري هڪڙي ڪري ڪٽي هنئي سا ڏو اچي مڪني جي مٿي ۾ لڳي ته اتيئي ڊيري ٿي پيو . چوڪريءَ جو ڏنو ته رستي تي در اڳيان هاڻي گند ٿو ڪري سو ٻهاري ڪٽي آن سان هاڻي ڪي ميڙي وڃي ڊوئي تي اڇلي آيس . ڄانهنءَ جي پٽ ڏنو ته مار ! هتي به گڏي ڳالهه لڳي پئي آهي ، سو چوڪريءَ کي چيائين ته : چوڪري ! تون ته ڪا پهلوان آهين . چوڪريءَ وراڻيس ته : پهلوان ته منهنجو پيءُ شهزور آهي ، جو سؤ گاڏين

جي قطار ڪاهي ٻئي ملڪ ۾ واپار ڪرڻ ويندو آهي؛ وري ساڳئي سڄ موٽي ايندو آهي. تنهن تي چانهينءَ جي پٽ پڇيس ت: اڄ ڪهڑي طرف ويو آهي؟ چوڪريءَ وراڻيو ت: اڄ ڏکڻ طرف واري ملڪ ڏانهن ويو آهي.

چانهينءَ جو پٽ "هون" چئي اٿي هليو. چيڪلن جا نشان جاچيندو جاچيندو هڪ هنڌ اچي ڏسي ت برابر! پوري سؤ گاڏين جي قطار آهي، جا سڄي مال سان ڏٽي پئي آهي، هڪڙو همراهه اڳيان ٻڌل آهيس جو چڪيندو پيو اچيس. هن ۾ وچي آخري گاڏيءَ جي بانڪ تي هٿ رکيو ت سؤ ئي گاڏيون لوهه. اڳيان شهزور ٻيٽو زور ڏئي ت کهڑي ڪڏي ۾ گاڏيون ڇاٽيون آهن. شهزور کي بانور هوندو هو سو ڪڏن ڪوبن مان گاڏين کي پار ڪيو هليو ويندو هو، پر هن پيري اهو زور ۾ اجايو ويس. هن پاسي وري چانهينءَ جو پٽ آرام سان ٻيٽو ڪياڙي ڪنهي. اتي شهزور ۾ نڪري چيو ت، هاڻي ڏسان ت ڇا مصيبت آهي. ڪٽي جر نظر ڪري ت سار! هڪڙو چوڪرو آهي سو گاڏيءَ جي بانڪ تي هٿ رکيو ٻيٽو آهي. شهزور دل ۾ چيو ت هي ت ڪوڏو پهلوان آهي. سو وڏي اچي چوڪري کي چيائين ت: ٻيلي! نالو ڇا اٿئي؟ چوڪري ٻڌايس ت: چانهينءَ جو پٽ، چانهينءَ جي پٽ کي ت اڳ ۾ ئي خبر هئي ت هي شهزور آهي. سو چيائينس ت: يار! پاڻ ملهه جو جوڙو ڪنداسين. هن ورندي ڏنيس ت: ادا حاضر! سو اتيئي ڪري شروع ڪيائون. پر شهزور چيس ت: سو ت ڇڪو پر پنهنجو فيصلو ڪير ڪندو؟ انهيءَ خيال ۾ هٿا ت ڏسن ت هڪڙي پوڙهي ماڻي مٿي تي رکيو لڏندي پئي اچي. تنهن تي چانهينءَ جي پٽ چيس ت: يار! اجها هيءَ ماڻي پئي اچي، ان کي ٽا ڇڪون ت پنهنجي ملهه جو فيصلو ڪري. اهو خيال ڪري ان ماڻيءَ کي

چيائون تہ: مائي! ٿورو دم ترس ۽ اسان جي ملهہ جو فيصلو ڪري پوء وڃ. مائيءَ چيو تہ: ابا! مونکي ملهہ ڏسڻ ۾ ڪو اهم ناهي، پر منهنجي پٽ ڪي ماني پهچائڻ ۾ اڄ دير ٿي وئي آهي، سو هو ڪاوڙيو وينو هوندو، تنهنڪري آئون ماني ڪنيو هلان ٿي، توهين منهنجي تريءَ تي ملهہ وڙهندا هلو تہ آئون توهان جي ملهہ ڏسندي هلان. ائين چئي مائيءَ تري ڪٽي ڪولي ۽ هي ٻئي ڇٽا ٽپ ڏئي چڙهي ملهہ وڙهڻ لڳا.

هلندا هلن هلندا هلن نيٺ اچي هڪ ڪڙيي تي پهتا، اتان وات وٽي سڏو پوڙهيءَ جي پٽ وٽ پهتا. پوڙهيءَ جو پٽ وري سڄي شهر جون آئيون چاريندو هو ۽ ڏنگو ۽ ڪوهد درجي جو هو، روز سندس پوڙهي ماءُ وٽ شڪايتون پيون ايندیون هيون، سو رات جو ماڻس چيس تہ: ڪڏهن تہ ڪڏهن آئون ۽ ماڻهو وٽي توکي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيندیس. سو جو هن ڏٺو تہ اڄ ماءُ ۽ ماڻهو وٽيو اچي، تڏهن بل ڏئي پٽکو لاهي ان ۾ سڀ آئيون ٻڌي هڙ ڪري مٿي تي رکي. ٻپ کان وٽي پڳو. پٽکو پلا ڏگهو سو آئيون ان ۾ پوريءَ طرح ٻڌيون ٿي ڪونہ ۽ هڪڙي ڏاڇيءَ جي ٽنگ ڪٽان کا نکري پئي سا اچي ٽٽکڻ لڳي. هڪ سرڻ جي نظر وڃي ان تي چڙهي. تنهن سمجهيو تہ ضرور کا سٽي شيءَ آهي. سو ڏئي لاماريو هڙ جي هڙ ڪٽي وٽي اڏاٽي.

سرڻ اڏامندي وڃي تہ ان ساڪيءَ ڏاڇين واري هڙ مان ڪنهن ڏاڇيءَ جي ٽٽکڻ ڪري هڙ چهنب مان چڏائجي ويس. هيٺ وري بد قسمتيءَ سان راڻيءَ ۽ ڪوئيءَ جي چٽ تي ٻيٽي وار سڪايا تہ ٻانهيءَ چيس تہ: راڻي! مٿي تہ ڏس ڪهڙي سٽي شيءَ آهي. اڃا ائين چئي پورو مس ڪيائين تہ اها هڙ ڏو راڻيءَ جي اک ۾

اچي پئي. راڻيءَ اتي اک پوري ٻانهيءَ کي چيو تہ: ڏاڻي! ڏس ڏس، منهنجي اک ۾ ڪو ڪک پئجي ويو آهي چا؟ ٻانهي ٻ ٻنهي آگوڻن سان اک کي ٻڏڻ شروع ڪيو. چي: ڪک هجي ٿري وڃي، پٽر هجي پري وڃي. تان جو اها هڙ ٻ اچي اک جي نوڪ وٽ نڪتي پر اتان نڪري ڪيئن، سو راڻيءَ کي چيائين تہ: راڻي ڪجهہ دير ليٽ تہ اهو ڪک ڪيان. راڻي ليٽي ۽ هيءَ ٽپ ڏئي گهڙي وئي اک ۾، پوءِ تہ جيڪي سئيون سئيون ڏاڇيون هيون سي وڌائين ور ۾ ۽ باقي ڪنيون ڏهريون ڪيندي اڇلائيندي وئي، تان جو سپ ڪيي واندي ٿي ٻاهر نڪتي. ٻاهر اچي راڻيءَ کان موڪل ونڊي آئي گهر ۽ اچي پنهنجو جدا واڙو بنايائين. هوڏانهن وري شهزور ۽ چانهينءَ جي پٽ جي ويڙهہ ڏسي مائيءَ چيو تہ: توهين هڪٻئي جو مٽ آهيو. ان تي هو ٻئي پاڻ ۾ ٻاجهر پائي يار ٿي ويا.

—※※※—

وِينجهُلَ مرلي *

ڪنهن ڳوٺ ۾ ست پائر رهندا هئا، جن ڪي فقط هڪڙي ڌيءَ هئي. ستئي پائر شڪار ڪري ايندا هئا ۽ سڀئي گڏجي ڪائيندا هئا. هڪ ڀيري قدرت سان ڪين ٻي چار ڏينهن شڪار نه مليو. پوءِ ڌيءَ ڪي چيائون تہ: اڄ شڪار تي وڃون ٿا، جيڪڏهن شڪار نہ لڳو تہ توکي ڪُهي ڪائينداسون. شام تائين جهنگ ۾ رليا پر شڪار هٿ ڪونہ آين. صلاح ڪيائون تہ ڌيءَ کي کهي ڪائي، ڪجهہ هيانءُ جهل ڪريون. پوءِ نندي ڀاءُ کي چيائون تہ: تون تير هڻينس. نندي ڀاءُ دل ۾ چيو تہ، ڌيءَ کي ڪيئن ماريان! سو تير لاڙي هنيائين، تہ گسي ويو. ٻئي پائرن کي جو خاوڙ آئي، تن تير چڪي اهڙيءَ طرح هنيا جو ڇهئي جا تير وڃي سندن ڌيءَ جي سيني ۾ لڳا. پوءِ ڪَپي ٽُڪي، ديگڙي ۾ چاڙهي رڌڻ لڳا. ويچارو نندو ڀاءُ پنهنجي منهن ويٺي رنو. جڏهن گوشت تيار ٿيو تڏهن ٻيو سمورو گوشت تہ ڇهن جڻن کائي ڇڏيو، باقي هڪ ٻوٽي ۽ ڪجهہ رس پنهنجي نندي ڀاءُ کي ڏنائون، جنهن پائرن کان لڪائي، اهو هڪڙي وڻ جي پاڙ ۾ هاري ڇڏيو.

خدا جي قدرت جو انهيءَ ٻوٽيءَ مان ڪنگور جو هڪڙو وڻ پيدا ٿيو. جنهن جون ٻيون سڀ ٽاريون ڏنگيون ڏڏيون هيون،

---

* هيءَ آکاڻي آتر (تعلقي اباوڙي) مان فاضل قائمي کان ملي.

پر چوٽيءَ واري هڪڙي ٽاري سڏي هئي. اتفاق سان هڪڙو جوڳي اتان اچي لنگهيو، جنهن اها ٽاري ڪپي، ان مان "وينجهل مرلي" ٺاهي، جا در در تي وڃائي خيرات گهرڻ لڳو. جڏهن انهن ستن ڀائرن جي در تي آيو، تڏهن پهريائين وڏي جي در تي اچي مرلي وڃائڻ لڳو ته مرلي وڃي ئي نه. حيران ٿي مرليءَ کي چوڻ لڳو: وڄ وڄ ڙي، وينجهل مرلي! تڏهن مرليءَ جواب ڏنو ته: ڪين وڃندس جوڳيٽڙا، هي گهر منهنجي ويريءَ جو. جوڳي لاچار ٿي وري ٻئي ڀاءُ جي در تي آيو. اتي به مرلي نه وڄي ۽ ساڪيو جواب ڏنائين. اهڙيءَ طرح جڏهن جوڳي ستين ڀاءُ جي در تي آيو، تڏهن وري به چيائين ته: وڄ وڄ ڙي، وينجهل مرلي! تڏهن مرليءَ جواب ڏنو ته: سدا وڃندس جوڳيٽڙا، هيءُ گهر منهنجي ڀاءُ جو. پوءِ وينجهل مرلي وڄڻ لڳي. ننڍو ڀاءُ مرليءَ جو آواز ٻڌي روئڻ لڳو. جڏهن ڏاڏو رنو، تڏهن جوڳيءَ مرلي وڃائڻ بند ڪئي. انهيءَ وچ ۾ وينجهل جا ٻيا ڇهه ئي ڀائر چريا ٿي پيا ۽ پنهنجي تيرن سان هڪٻئي کي مارڻ لڳا. نيٺ سڀني هڪٻئي کي ماري ڇڏيو. پوءِ جوڳي مرلي ڪٽي در جي چانئٽ تي هنئي ته وينجهل مان هڪڙي سدا ملوڪ چوڪري پيدا ٿي پئي، جا ننڍي ڀاءُ سجاتي ته سندس پيٽ هئي. پوءِ ٻئي ڀاءُ پيٽ هڪٻئي کي ڳچيءَ لڳي رنا ۽ پوءِ خوش ٿي گهر ۾ رهڻ لڳا. جوڳي هليو ويو ۽ اها چانئٽ، جنهن سان وينجل لڳي هئي، سا سڄي سونهي ٿي پئي.

—※※—

جهمڑي *

هڪڙي غريب عورت هئي ، جنهن جو مڙس مري ويو هو . ڪيس هڪڙو پٽ ۽ هڪڙي نياڻي هئي . نياڻيءَ جو نالو "جهمڑي" هو ، جا ڏاڍي سمجهو ۽ سهڻي هئي . مائيءَ پنهنجي پٽ کي پنهنجي پاءُ وٽان پرڻايو هو . ننهڙي البت اونٽري هئي ، جنهن جي پنهنجي سس ۽ نڻان جهمڑي سان اصل ڪانه پوندي هئي . خاص ڪري جهمڑيءَ سان ته ساڙ هوندو هوس . آخر پنهنجي مڙس کي چغليون هڻي چيائين ته : پنهنجيءَ ڌيءَ کي ماري ڇڏ يا ڪڍي ڇڏ ، نه ته آئون هتي ڪانه رهندس . نه مان تنهنجي زال ۽ نه تون منهنجو مڙس . ٿيندي ٿيندي نيٺ پاءُ به انهيءَ گالهه تي راضي ٿيو .

هڪڙي ڏينهن مڙس پنهنجي زال کي راضي رکڻ لاءِ ماءُ کي چيو ته : امڙ! آئون ۽ منهنجي زال وڃون ٿا وهاڻ تي ماسي جي گهوٽ ادي جهمڑيءَ کي به موڪل ڏي . ماءُ چيس ته: چڱو پٽ! پر ڌيٽين جهمڑيءَ جي پارت هجئي . آخر جهمڑي ، پاڻس ۽ سندس ڀاڃائي ٽئي ڇٽا گڏجي هليا . واٽ تي جڏهن گهاٽي جهنگ ۾ پهتا ، تڏهن زال پنهنجي مڙس کي چيو ته: هاڻي پنهنجيءَ ڌيءَ کي ماري جهنگل ۾ پوري ڇڏ . هن زال جو چون وٺي ڌيءَ جهمڑيءَ کي ماري ، رستي جي پرسان کڏ کوٽي پوري

---

* هيءَ آکاڻي اٽر (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف" کان ملي .

پوري ڇڏيو ۽ زال ڪي وٽي سندس مائٽن مان گهمائي موٽي گهر آيو.

هوڏانهن سندس ماءُ ڪي الاجي ڇو جهمڑيءَ جي اڻ تڻ هئي. آخر پٽس جڏهن زال سوڏو موٽي گهر آيو پر جهمڑي ڪانه آندائين ، تڏهن مائس پڇيس. هن جواب ڏنو ته : اما! جهمڑيءَ ڪي ماماڻن ۾ ڇڏي آيو آهيان ، وري ستت وٽي ايندوسانس. ويچاريءَ ماءُ ڪي آرام ئي نه اچي. تن ڏينهن کان پوءِ جهمڑيءَ جي قبر تي لونگن ۽ ڦوٽن جا وڻ پيدا ٿيا، جي لونگن ۽ ڦوٽن سان ٽمڻار ٿي ، قبر جي مٿان چانوڻ ڪري ويئا.

هڪڙو سوداگر جو مڪڻ تورينڊو هو ، تنهن جو لونگن ۽ ڦوٽن جا وڻ ڏٺا ، سو لڳو لونگ ۽ ڦوٽا پٽڻ. اِتي قبر مان اندران آواز آيو ته :

وڻجارا ڙي وڻجارا! لونگ ڦوٽا نه پٽ ،
زال ڪارڻ پيڻي ڪئين ،
ٻول ڙي جهمڑي ٻول!

سوداگر جو اهو آواز ٻڌو ، سو سڌو ڳوٺ ۾ وڃي جهمڑيءَ جي ماءُ کان پڇيائين ته: ادي! تنهنجي ڌيئڑي جهمڑي ڪٿي آهي؟ مائيءَ چيس ته: ادا! ان ڪي پاڻس ماماڻن وٽ ڇڏيو آهي. تنهن تي سوداگر سموري قبر واري ڳالهه ڪري ٻڌايس. مائي ويچاريءَ ڪي ڏ اڳ ۾ ئي آرام نه ٿي آيو ، سو هڪڙي ڏينهن پٽ ڪي چيائين ته: ابا! وڃي پيڻ ڪي وٽي اڇ. اِتي پاءُ ڪي ۽ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي ۽ روئي ماءُ ڪي چيائين ته: سون زال جي چوڻ تي جهمڑيءَ ڪي ماري ڇڏيو آهي.

پوءِ ته ٽئي پاتي قبر تي آيا. پهريائين ماءُ قبر ڪي هٿ لاتو ۽ لونگ ڦوٽا پٽڻ لڳي ته قبر مان آواز آيو :

امڑ ڑي امڑ! لونگ ڦوٽا نہ پٽ ،
زال کارن پينڑي کٹين ،
ہول ڑي جھمڑي ہول!

وري ياجائي لونگ ڦوٽا پٹڑ لڳي تہ وري ہ قبر مانڑ آواز آيو تہ :

ياجائي ڑي ياجائي! لونگ ڦوٽا نہ پٽ ،
تو کارڑ پينڑي کٹين ،
ہول ڑي جھمڑي ہول!

آخر ہ پاءُ ٿٽ وجھي لونگ ڦوٽا پٽيا تہ ان کي ہ آواز آيو تہ:

ادا ڑي ادڑا! لونگ ڦوٽا نہ پٽ ،
زال کارڑ پينڑي کٹي ،
ہول ڑي جھمڑي ہول!

ہوء سپ روئي ٻڌي گھر موٽي آيا .

—※※—

ڦوڏڙو *

"ڦوڏڙي" نالي هڪڙو ڇوڪرو پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ رهندو هو. هڪڙي ڏينهن هن ماءُ کي چيو ته: اما! سونڪي پٽ رڏي ڏي ته نانيءَ ڏي ڪٽي وڃان. ماڻس هن کي پٽ رڏي ڏنو، هو پٽ جو ڪُنو ڪٽي نانيءَ ڏي اڻي هليو. هلندو وڃي هلندو وڃي ته رستي ۾ ٻڪرار گڏيس، جنهن کي چيائين ته:

ٻڪرار ڙي ٻڪرار! ڪير تنهنجو پٽ منهنجو،
آءُ ته گڏجي ڪائي ڏؤ ڪريون.

ٻڪرار ٻڪريون ڏهي آيو ۽ ڪير اڇي رکيائين ته ڦوڏڙي چيس ته: ڪوهه تان هٿ ڏوئي آءُ ته پوءِ ويهي ڪائون. ٻڪرار ويو هٿ ڏوئڻ ته پٽيان ڪير ڪُنهي ۾ وڃهي وڻي پڳو. ٻڪرار موڻي آيو، ڏسي ته ڦوڏڙو آهي ئي ڪونه. لاچار ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ڦوڏڙو اڳيرو هليو ته گس تي هڪڙو ڳنوار ڳئون چاريندي ڏٺائين. هن کي سڏ ڪري چيائين ته:

ڳنوار ڙي ڳنوار! ڪير تنهنجو پٽ منهنجو،
آءُ ته گڏجي ڪائي ڏؤ ڪريون.

ڳنوار ٻ جڏهن ڪير آندو ته هن سان ٻ ٻڪرار جهڙي جٽ ڪري ڪير ڪُنهي ۾ وڃهي، ڪُنو مٽي تي رکي وڻي پيرن تي زور رکيائين. ڳنوار موڻيو ته هن کي نه ڏسي خار ته ڏاڍا ڪاڏائين پر ڏڻ ڇڏي نه سگهيو. لاچار سور پي ماٺ ڪري ويهي رهيو.

---

* هيءَ آ ڪائي اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

اهڙيءَ طرح ڦوڙڙو اڳيرو هليو تہ وات ۾ ڪڙو ميهار مينهون چاريندي ڏٺائين ، ان کي چيائين تہ:

ميهار ڙي ميهار! ڪير تنهنجو پٽ منهنجو ،
آءٌ تہ گڏجي ڪائي ڏيءُ ڪريون .

ميهار جڏهن ڪير آندو تڏهن اُن سان ب ساڳي جٽ ڪري هن جو ڪير ب ڪُٽي ۽ وڃهي ڪُٽو آڻي نانيءَ کي ڏٺائين، جا ڪير پٽ کائي خوش ٿي .

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڦوڙڙو گهر ڏانهن موٽيو پر ساڳئي رستي تان اڇڻ ڪري ڊپ لڳس تہ گس تي ٻڪرار ، ڳنوار ۽ ميهار مونکي ضرور پڪڙيندا، تنهنڪري نانيءَ کي چيائين تہ: نانيءَ! مونکي ڪڙي ڏهلي گهڙائي ڏي ، نہ مان ان ۾ ويهي ، پوءِ پنهنجي گهر وڃان . نانيءَ هن کي ڏهلي ٺهرائي ڏني ، جنهن ۾ هو اندر گهڙي لڪي ويٺو . پوءِ نانيءَ ڏهليءَ کي ڏکو ڏنو تہ ڏهلي اُٿي هلي .

هلندو اچي هلندو اچي ، جڏهن ميهار وٽان لنگهيو تڏهن ميهار پڇيس تہ :

ڏهلي ڙي ڏهلي! ڪو ڦوڙڙو ڏٺئي؟

ڏهليءَ مان اندران ڦوڙڙي جواب ڏنو تہ :

ڪڏ هوي ڦوڙڙو ، ڪوهه پٺو ٿون ،
هل چل ڏهلي! سنئين وات ٿون .

ائين ميهار ڪان جند ڇڏائي اڳيرو ٿيو تہ ڳنوار اچي پڇيس ن:

ڏهلي ڙي ڏهلي! ڪو ڦوڙڙو ڏٺئي؟

تڏهن ان کي ب ساڳيو جواب ڏنائين تہ:

ڪڏ هوي ڦوڙڙو ، ڪوهه پؤ ٿون ،
هل چل ڏهلي! سنئين وات ٿون .

ائين چئي ڳنوار ڪان جند ڇڏائي اڳتي هليو ته وري ٻڪرار ڳڏيس. ان پڇيس ته :

ديلي ڙي ديلي! ڪو ڦوٽڙو ڏٺئي؟

تڏهن ڦوٽڙي هن کي ٻ جواب ڏنو ته :

ڪڏ پوي ڦوٽڙو، ڪوهه پئو تون،

هل چل ديلي! سنئين وات تون.

ٻڪرار ڦلهڙو منهن ڪري اڳي هليو ته ڦوٽڙو ٻ ديليءَ مان نڪري ڊوڙ پائي اڳي گهر پهتو.

—✻—

عالي ڇوڪرو *

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪرو عالي نالي هوشيار ڇوڪرو رهندو هو. هن کي گهر جي مائٽن کان سواءِ پنهنجي نانيءَ سان تمام گهڻو پيار هو. هڪڙي سال هن جا ماءُ پيءُ ان ڳوٺ مان لڏي ٻي ميل پري ٻي ڳوٺ ۾ اچي رهيا. هاڻي عاليءَ لاءِ نانيءَ کانسواءِ ڏينهن گذارڻ ڏکيا ٿي پيا، ڪيس هر وقت نانيءَ ياد پوندي هئي. ماءُ پيءُ کي چوندو هو ته مونکي نانيءَ وٽ پهچائي اچو. ماءُ پيءُ کوڪم جو بهانو ڏئي ٽاري ڇڏيندا هئس.

ٻنهي ڳوٺن جي وچ ۾ جيڪا واٽ هئي، انجي چوڌاري وڏو جهنگل هو. جنهن ۾ گدڙ، بگهڙ، چراخ ۽ ٻيا جانور رهندا هئا. ان واٽ تان هيءُ اڪيلو ٻه ويڃي نه ٿي سگهيو. اهڙيطرح هن کي مائٽن کي چوندي ۽ سوچيندي ڪافي وقت گذري ويو. هڪ ڏينهن مائٽن کان لڪي هڪڙي ننڍڙي ڪهاڙي پاڻ سان کڻي اها جهنگل واري واٽ وٺي روانو ٿيو، هلندي هلندي جڏهن هن ڪجهه پنڌ ڪيو ته هڪ گدڙ سندس سامهون آيو ۽ چوڻ لڳس ته: ڇوڪرا! ڪائيندو سئين! تڏهن ڇوڪر جواب ڏنو ته:

ناناڻي ٽو وڃان، مکڻ کائان، کير پيان، مڇي اچان، پوءِ کائج پوءِ.

اهو ٻڌي گدڙ چيو ته، پلي مڇي اچي ته پوءِ کائڻ ٻه وڌيڪ مزو ايندو. گدڙ کان جند ڇڏائي اڳتي هليو ۽ ٿورو پنڌ مس ڪيائين

---

* هيءَ آکاڻي ٽرپارکر (تعلقي عمرڪوٽ) مان "معمور" يوسفاڻي کان ملي.

ته هڪڙو بگهڙ سامهون گڏيس ۽ چوڪر کي ڏسي ڪلي چون لڳو ته: ڪائيندو سئين ! تڏهن چوڪر چيس ته:

نانائي وڃان، مکڻ کائان، کير پيان، مچي اچان،
پوء ڪائج پوء.

اها ڳالهه بگهڙ کي به وٺي ۽ هن کي چڏي ڏنائين. هاڻ هن خيال ڪيو ته اڳتي ٿورو پنڌ هوندو سو ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي پهچان، ائين سوچيندي نمبر پنڌ مس ڪيائين ته هڪڙو چراخ ڏنائين. جو هن کي ڏسي هن ڏانهن وريو. جڏهن ويجهو آيو تڏهن چوڻ لڳو ته: اڙي چوڪرا! ڪائيندو سئين ! اهو ٻڌي چوڪرو چوڻ لڳو ته:

نانائي وڃان، مکڻ کائان، کير پيان، مچي اچان،
پوء ڪائج پوء.

اها ڳالهه ٻڌي چراخ به مات ڪري هليو ويو. چراخ ڪان آزاد ٿي هن پنڌ ڪيو ته جهنگ اچي پورو ٿيو ۽ سامهون اصلوڪو ڳوٺ جتي سندس نانبي رهندي هئي نظر آيس ۽ خوش ٿي وٽي اوڏانهن ڊوڙيو ۽ جهٽ پٽ وڃي اتي پهتو. نانيس هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ هيءُ به ان سان ملي تمام گهڻو خوش ٿيو. پوء مائٽن جي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ هڪ ماڻهوء کي چيائين ته: امان ابي کي چئج ته آئون هت نانيء وٽ پهچي ويو آهيان.

نانيء وٽ رهندي هن کي ڪافي وقت گذري ويو ۽ نيٺ ماءُ پيءُ ڏي وڃڻ جي تياري ڪيائين، تياريء وقت هن کي واٽ وارا جانور اچي ياد پيا ۽ انهن ڪان بچڻ لاء سوچڻ لڳو. نيٺ سوچيندي سوچيندي هيءُ وادي وٽ ويو ۽ ان ڪان هڪ ڏهل جهڙو گول گندلو ڪاٺ جو ٺهرايائين ۽ ان جو هڪ پاسو بند هو ۽ ٻئي پاسي لاء هڪ تختي ٺهرايائين جيڪا اندر ڊريڙي بند

ڪري سگهبي هئي. پوءِ هڪ ننڍڙي ڏهڙي ۾ ساڻ ڪنيائين ۽ نانيءَ ڪان موڪل وٺي اهو گندلو مٿي تي رکي ۽ ڏهڙي ڪلهي ۾ لڙڪائي روانو ٿيو.

هلندي هلندي جڏهن چراخ واري هند تي پهتو، تڏهن ڪجهه آهستي هلڻ لڳو. اوچتو سامهون چراخ تي نظر پيس جيڪو هن کي ڏسي ڪلڻ لڳو. چراخ کي ڏسي چوڪر يڪدم گندلو پٽ تي رکي ان ۾ ڏري ويو ۽ اندران تاکي ڏئي ڇڏيائين. چراخ ڏنو ته چوڪرو اوچتو اوچتو الاجي ڪيڏانهن ويو، سو هلندو هلندو اچي گندلي وٽ پهتو. جڏهن گندلي جي ويجهو آيو تڏهن چوڪر گندلي جي سوراخ وٽ منهن رکي چيوتہ:

راڻو رسي، موصل مسي، ڪڪڙ ڪسي، تير نہ گسي.
اڇ ڙي عالسي، ملڪ جا والي، چوڙ دو نالي.
ڊگ، ڊگ، ڊگ، ڊگ، ڊگ.
هٿ ۾ هٿوڙا، گهڙ گهڙ گهوڙا، رنبا، پالا، ڪات.
گدڙ، لوڙ لڪيون وڃن ٽا، ناهي بگهڙ جي بات،
ڏم، ڏم، ڏم، ڏسا، ڏم.

ائين چئي وٺي زور سان ڏهڙي وڄائين ان جو آواز ٻڌندئي چراخ وٺي ڀڳو. جڏهن چراخ تمام پري نڪري ويو تڏهن چوڪر تاکي لاهي گندلي مان نڪتو ۽ گندلو مٿي تي رکي وري اڳتي هلڻ لڳو. ۽ ٽي نمبر پنڌ مس ڪيائين تہ بگهڙ ڏسي ورتس ۽ هڪل ڪري چيائينس تہ بيهہ چوڪرا! هاڻ مڇي آيو هوندين. اهو ٻڌي چوڪر گندلو هيٺ رکيو ۽ جهٽ پٽ ان ۾ ڏري ويو ۽ تاکي ڪٽي ڏنائين. ايتري ۾ بگهڙ ٻ اچي پهتو. جڏهن گندلي کي ويجهو آيو تہ چوڪرو ڇون لڳو تہ:

راڻو رسي، موصل مسي، ڪڪڙ ڪسي، تير نہ گسي

اڇ ڙي عالي، ملڪ جا والي، ڇوڙ دو نالي،
ڊگ، ڊگ، ڊگ، ڊگا، ڊگ.
هٿ ۾ هٿوڙا، گهڙ گهڙ گهوباٽا، رنبا، پالا، ڪات،
گدڙ، لومڙ لکيو وڃن ٽا، ناهي بگهڙ جي بات،
ڏم، ڏم، ڏم، ڏما، ڏم.

ائين چئي ونڊي زور سان دهلڙي وڄائين جا پڏندي بگهڙ بنا سوچڻ جي اهڙو ته ونڊي پگو جو جڻ شينهن پٽيان پيو هئس.

بگهڙ کي پڃائي هي تاکي لاهي گندلي مان باهر نڪتو ۽ گندلو مٽي تي رکي هلڻ لڳو. اڃان سڏ پنڌ مس هليو ته گدڙ ڪيڪڙاٽ ڪري اڇي پهتس، گدڙ کي ايندو ڏسي هي جهٽ پٽ گندلي ۾ ڊري ويو ۽ اندران تاکي ڏئي ڇڏيائين. جڏهن گدڙ پڇ لوڏيندو گندلي وٽ پهتو ته، ڏسي ڇوڪرو آهي ڪونہ رکو گندلو پيو آهي! گدڙ کي ٻيڙل ڏسي ڇوڪرو ڇوڙ لڳو ته:

راڻو رسي، موبل مسي، ڪڪڙ ڪسي، تير نہ گسي،
اڇ ڙي عالي، ملڪ جا والي، ڇوڙ دو نالي،
ڊگ، ڊگ، ڊگ، ڊگا، ڊگ.
هٿ ۾ هٿوڙا، گهڙ گهڙ گهوباٽا، رنبا، پالا، ڪات،
گدڙ، لومڙ لکيو وڃن ٽا، ناهي بگهڙ جي بات،
ڏم، ڏم، ڏم، ڏما، ڏم.

ائين چئي مٽان ونڊي زور سان دهلڙي وڄائين، جا پڏندي گدڙ ہ ويچارو ونڊي پگو. جڏهن ڇوڪر ڏٺو ته هاڻ کير ہ ڪونہ آهي تڏهن باهر نڪري آيو ۽ گندلو مٽي تي رکي ڳوٺ ڏي روانو ٿيو. ماءُ کي چيائين ته: اما! نانيءَ وٽان گهمي آيو آهيان.

—✻—

چڪر ۽ چٽو *

هڪڙي چوڪري پٽ تي چڙهي چڙا پئي ڪاڌا. ڪائيندي ڪائيندي هڪڙو چٽو هن جي هٿ مان ڪري وڃي چڪر ۾ پيو. گهٽوئي ڳوليائين مگر اهو هن کي هٿ نه آيو. آخر ويو وڃي وٽ ، ان کي چيائين ته :

وڃا ڙي وڃا! چڪر کي اٽي ڏار ، چڪر منهنجو چٽو لڪايو آهي.

وڃي چيو ته : منهنجو کهڙو ڪم جو آئون هلي چڪر کي ڏاريان؟ تڏهن چوڪر ڪاوڙجي ويو بادشاهه وٽ ۽ ان کي چيائين ته :

بادشاهه ڙي بادشاهه! تون وڃي کي لڏاء ، وڃو چڪر ڏاري ، چڪر منهنجو چٽو لڪايو آهي.

بادشاهه چيو ته : چوڪرا! منهنجو کهڙو ڪم؟ تڏهن چوڪرو ويو راڻيءَ وٽ ۽ انهيءَ کي چيائين ته :

راڻي ڙي راڻي! تون بادشاهه سان رس ، بادشاهه وڃي کي لڏائي ، وڃو چڪر کي ڏاري ، چڪر منهنجو چٽو لڪايو آهي.

راڻيءَ چيو ته: منهنجو کهڙو ڪم؟ تڏهن چوڪرو وري هڪلي ويو ڪُٽي وٽ ان کي چيائين ته :

---

* هن آکاڻيءَ جون چار روايتون اتر (تعلقي وارهه) مان غلام رسول جتوئي ۽ (تعلقي ڪڪڙ) مان احمد خان "آصف"، ۽ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل ۽ (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان ولي محمدطاهر زادي کان ملين.

ڪٿا ڏي ڪٿا! تون راڻيءَ جو هار چن ، راڻي
بادشاهه سان رُسي ، بادشاهه وڃي ڪي لڏائي ،
وڃو چڪر ڪي ڏاري ، چڪر منهنجو چٽو لڪايو .

تڏهن ڪٿي چيو تہ : راڻيءَ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو ؟ چوڪرو اتان ب نا اميد ٿي ويو ٻليءَ وٽ ۽ ان ڪي چيائين تہ:

ٻلي ڏي ٻلي! تون ڪٿي ڪي مار ، ڪٿو راڻيءَ جو
هار چني ، راڻي بادشاهه سان رسي ، بادشاهه وڃي
ڪي لڏائي ، وڃو چڪر ڪي ڏاري ، چڪر منهنجو
چٽو لڪايو .

ٻليءَ چيس : چوڪرا ! منهنجو ڪهڙو ڪم ؟ تڏهن هو وري ويو ڪتي ڏي ان ڪي چيائين تہ :

ڪتا ڏي ڪتا ! تون ٻليءَ ڪي مار ، ٻلي ڪٿي ڪي
ماري ، ڪٿو راڻيءَ جو هار چني ، راڻي بادشاهه
سان رسي ، بادشاهه وڃي ڪي لڏائي ، وڃو چڪر
ڪي ڏاري ، چڪر منهنجو چٽو لڪايو .

ڪتي چيو تہ : ڇڇي پري ٽيءُ ، منهنجو ڪهڙو ڪم جو ٻليءَ ڪي ماريان؟ تڏهن وري ڏنبي ڏي ويو ۽ ان ڪي چيائين تہ :

ڏنبا ڏي ڏنبا ! تون ڪتي ڪي مار ، ڪتو ٻليءَ
ڪي ماري ، ٻلي ڪٿي ڪي ماري ، ڪٿو راڻيءَ
جو هار چني ، راڻي بادشاهه سان رسي ، بادشاهه
وڃي ڪي لڏائي ، وڃو چڪر ڪي ڏاري ، چڪر
منهنجو چٽو لڪايو .

ڏنبي ب سموري ڪوٽ ٻڌي چيس تہ : منهنجو ڪهڙو ڪم؟ تڏهن چوڪرو ويو باهہ ڏي . ان ڪي چيائين تہ:

باهم ڙي باهم! تون ڏنبي کي ساڙ، ڏنبو ڪتي کي ماري، ڪتو ٻليءَ کي ماري، ٻلي ڪنئي کي ماري، ڪنئو راڻيءَ جو هار چني، راڻي بادشاهم سان رسي، بادشاهم وڍي کي لڏائي، وڍو چڪر کي ڏاري، چڪر منهنجو چٽو لکايو.

چي: چوڪرا! منهنجو گهڙو ڪم؟ تڏهن ويچارو درياءُ ڏي ويو ۽ ان کي چيائين تہ:

درياءَ ڙي درياءَ! تون باهم کي وساءِ، باهم ڏنبي کي ساڙي، ڏنبو ڪتي کي ماري، ڪتو ٻليءَ کي ماري، ٻلي ڪنئي کي ماري، ڪنئو راڻيءَ جو هار چني، راڻي بادشاهم سان رسي، بادشاهم وڍي کي لڏائي، وڍو چڪر کي ڏاري، چڪر منهنجو چٽو لکايو.

درياءَ چيو تہ: آئون باهم کي وسايان ٿو. ائين چئي چوڪري سان گڏجي هليو. تڏهن باهم چيو تہ: مونکي نہ وساءِ، مان ڏنبي کي ساڙيان ٿي. تڏهن ڏنبي چيو تہ: مونکي نہ ساڙ، مان ڪتي کي ماريان ٿو. ڪتي وري چيو تہ: مونکي نہ مار، مان ٻليءَ کي ماريان ٿو. ٻليءَ چيو تہ: مونکي نہ مار، مان ڪنئي کي ماريان ٿي. ڪنئي چيو تہ: مونکي نہ مار، مان راڻيءَ جو هار چنان ٿو. راڻي چيو تہ: منهنجو هار نہ چن، مان بادشاهم سان رسان ٿي. بادشاهم چيو تہ: مون سان نہ رس، مان وڍي کي لڏايان ٿو. وڍي چيو تہ: مونکي نہ لڏاءِ، مان چڪر کي ڏاريان ٿو. چڪر چيو تہ: مونکي نہ ڏار، مان چٽو ڏيان ٿو. چڪر چٽو ڏنو، تڏهن چوڪرو چٽو کائيندو خوش ٿي هليو ويو.

گرانٽ مُڙيو *

هڪڙو ماڻهو هو، جنهن جو قد هڪ گرانٽ ۽ هڪ مُٺ جيترو هو. ان کري کيس گرانٽ مڙيو کري سڏيندا هئا. هي ڏاڍو چالاک هو. هڪ دفعي ماءُ کي چيائين تہ: اما! ٻڌاءِ تہ بابو کهڙو ڏنڊو کندو هو؟ ماٽس وراڻي ڏنيس تہ: ابا! ٻڌين چوري کندو هو. هن چيو تہ: اما! آڻون ٻہ چوري کندس. ماءُ چيس تہ: پٽ! تون ننڍڙو آهين سو چوري کيئن کري سگهندين؟ پر هي مڙس اچي مٽيو، چئي: آڻون چوري ضرور کندس. ٻوءِ تہ ضد کري ماءُ کان سوکلائي چوريءَ تي روانو ٿيو.

هلندي هلندي وڃي هڪڙي ٻيلي مان نڪتو، جتي ڏسي تہ مهينهُن جو هڪڙو ڏڻ پيو چري، ميهار آهيئي کونہ. هيڏانهن هوڏانهن نهاري سڃي ڏڻ کي کڻي اڳيان کيائين. سيني مينهن جي پٽيان هڪ پوري چال مينهن هئي، ان جي پڇ ۾ چنبڙي پيو. اتفاق سان ان مينهن ڇيڙو لاڙو تہ هي جوان ان ڇيڙي هيٺان اچي ويو ۽ مينهون پنهنجو گس وٽي روانيون ٿي ويون.

ان رات کي چور اتان اچي لنگهيا؛ انهن جو آواز ٻڌي، هن چيو: ادا! السلام‌عليڪم. هو وائڙا ٿي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙايائون پر کوبہ ماڻهو کين ڏسڻ ۾ نہ آيو. اڃان ان خيال ۾ هئا تہ وري آواز آيو: ادا! السلام عليڪم. هنن وري ڇڪيءَ طرح

---

* هيءَ آکاڻي وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان محمد آچر "مجاهد" کان ملي.

گولڙ شروع ڪيو پر پتو نہ پيو. اتي انهن ۾ هڪ ڇٽو جو ٻين کان وڌيڪ چالاڪ هو. ان چيو تہ: مان ڪري ٻيهو تہ ڏسون تہ اهو آواز ڪٽان ٿو اچي.... پوءِ گولڙ سولو ٿيندو. اها صلاح ونڊي سڀني ڪٽي مان ڪڍي تہ وري آواز آيو: ادا! السلام عليڪم. اتي ان چالاڪ چور چيو تہ: يار! هن ڇيٽي ۾ ڪو خريب آهي، اهو آواز اٽين آيو آهي! پوءِ ڇيٽي کي ڦولهيائون تہ هي جوان ٻہ ٽپ ڏئي اٽي ڪڙو ٿيو. پهريائين تہ سپ وائڙا ٿي ويا پر جڏهن هن ڳالهايو ۽ چيائين، تہ: آئون ٻہ شڪاري آهيان ۽ شڪار جي تلاش ۾ نڪتو آهيان ..... تڏهن سپ گڏجي روانا ٿيا.

هلندي هلندي چورن پڇيو تہ: اڄ شڪارلاءِ ڪٿي هلون؟ تڏهن گرانٽ مڙيي چيو تہ: دوست! منهنجو خيال آهي تہ اڄ بادشاهہ جي خزاني کي هلي لٽيون. هنن چيو تہ: اتي پهرو سخت هوندو ۽ خزاني جي ڪوٺين کي قلف ٻہ مضبوط ڏنل هوندا، سي ڪيئن لاهينداسون؟ هن چيوتہ: محلات ۾ سوسونکي پهچائجو، پوءِ آئون پاڻهي ڪنجون هٿ ڪندس؛ ۽جڏهن آئون توهان کي سيٽي هڻي اشارو ڪريان تڏهن هليا اچجو. اها صلاح ڪري اتي هليا، تان جو اچي بادشاهہ جي محلات وٽ پهتا. چورن هن کي ڊاڪڙ جي رستي محلات ۾ اندر پهچايو. هي مڙس سڌو راڻيءَ واري ڪمري ۾ ويو، جتي نيڍڙو شهزادو هندوري ۾ ستل هو. هن چا ڪيو جو شهزادي کي اتان ڪٽي گهوڙن جي ڪڙهہ ۾ چڙي آيو ۽ پاڻاچي هندوري ۾ سمهي رهيو. ٿورو وقت ترسي نيڍڙي ٻار وانگر روئڻ شروع ڪيائين، جنهن تي راڻي سجاڳ ٿي ۽ ٻانهيءَ کي هڪل ڪري چيائين تہ: شهزادو جاڳي پيو آهي، ان کي ڪٽي اڇ تہ ڪير پياريانس. ٻانهي هن کي ڪٽي اچي راڻي جي حوالي ڪيو، جنهن

هن کي گود ۾ ڪڍي ڪير پياريو. هن ٿورو ڪير پيتو، پوءِ آهستي آهستي چوڻ لڳو ته: ابا! بابي جي خزاني جون ڪنجون ڪٿي آهن؟ اهو ٻڌي راڻي ڏاڍي خوش ٿي ۽ يڪدم ٻانهيءَ کي چيائين ته: ٻانهي! توکي مبارڪون هجن جو شهزادو خزاني جي ڪنجين جي پڃا ٿو ڪري ۽ ڳالهائي ٿو. اهو ٻڌي ٻانهيءَ چيو ته: سائڻ! توکي ۽ لک لک مبارڪون هجن. راڻيءَ چيو ته خير مبارڪون. پوءِ گرانٽ منڊيي کي چيائين ته: ابا! ڪنجون اهي سامهون پٽ ۾ ٽنگيون پيون آهن. اهو ٻڌي هي ٿورو مشڪيو، پوءِ ڇاڻي واڻي اکيون بند ڪري ڪونگهرا هڻڻ لڳو. راڻي، ٻانهيءَ کي چيو ته: شهزادي کي ڪٽي هندوري ۾ سمهاري اچ. ٻانهي آئي، جا هن کي ڪٽي هندوري ۾ سمهاري آئي. پوءِ راڻي اچي پنهنجي پلنگ تي ليٽي پئي.

جڏهن گرانٽ منڊيي ڏٺو ته هاڻي هنن کي ننڊ اچي وئي هوندي، تڏهن اٿي ڪڙهم ۾ ويو ۽ اتان شهزادي کي ڪٽي آڻي هندوري ۾ سمهاري لوڏو ڏنائين ۽ پاڻ ڏاڪڻ تي چڙهي پنهنجن همراهن کي اشارو ڏنائين؛ جنهن تي هو ۽ اندر آيا. پوءِ ڪنجون ڪٽي خزاني جي ڪوٽي کولي هيرن جواهرن جون پريون ٻڌائون. هن فقط هڪ سونو ڊڪڙ کنيو، جنهن تي چورن چيس ته: هي هيرا جواهر چو نٿو ڪٽين؟ هن چيو ته: منهنجي مرضي.... وڌيڪ تنگ نه ڪريو نه ته آئون ٿو دانهون ڪريان، پوءِ پاڻهي پٽو پوندو. تنهن تي هنن چيس ته: ٻيلي، تنهنجي مرضي. پوءِ ته سڀئي خزانو ڪٽي روانا ٿي ويا.

اجان ٿورو، اڳتي وڌيا ته چوڪيدار سجاڳ ٿي پيا ۽ خزانو کليل ڏسي ونيِ 'چور چور' ڪيائون؛ جنهن تي بادشاهه سميت سڀ اچي گڏ ٿيا ۽ گهوڙن تي سوار ٿي، شمعون ٻاري، پير ڪٽي روانا ٿيا. ڪجهه پنڌ ڪرڻ بعد اچي چورن کي ويجها پيا. چورن ڏٺو

تہ هاڻي ڀڄڻ جي واهہ ڪانهي، جو اڳيان پوئتي لڳو پيو آهي ۽ وڃي پونداسون، سو ڪنڊي جوهڪڙو درخت ۔ جو وڏو ۽ گهاٽو هو۔ ان تي چڙهي ويا، ۽ خزانو بہ مٿي ڪڍي ويا ۔ بادشاهہ ۽ سندس ماڻهو پيرا ڪڍي اچي ان وڻ وٽ پهتا ۔ پير اڳتي نہ هليا تڏهن پاڻ ۾ چيائون تہ: هاڻي هتي ترسي پئون ۽ سڄ ايري تہ اڳتي پيرا ڪڍون. اهو خيال ڪري سڀ اتي ترسي پيا ۔ ٿورو ترسي گرانٽ مڙيي چيو تہ: دوست! مونکي پيشاب لڳو آهي سو اتيئي ڪندس ۔ سندس همراهن چيو تہ: هي ٽوال وٺ، هن ۾ ڪڍي مٽ ۔ پر هن چيو تہ: آئون ائين ڪونہ ڪندس؛ جي گهٽو تنگ ڪندا تہ آئون ٿو دانهون ڪريان ۔ لاچار چورن اجازت ڏني. هن ڪڍي مٽڻ شروع ڪيو، جو سڏو وڃي بادشاهہ جي مٿان پيو. بادشاهہ چرڪ پري چيو تہ: هتي شايد جن" آهن. هن اڃان ايترو مس چيو تہ ان وچ ۾ گرانٽ مڙيي پنهنجن دوستن کي چيو تہ: مونکي ٿو هنگڻ اچي. چورن گهٽوئي چيس تہ: هن ٽوال ۾ ڪڍي هنڪ؛ پر هي نہ مڙيو ۽ يڪدم هنگڻ شروع ڪيائين تہ ڪرفتي اچي بادشاهہ جي مٿي تي ڪري. اهو حال ڏسي هو سڀ واڙا ٿي ويا ۽ چيائون تہ، پڪ هتي جن" آهن ۔ ايتري ۾ هن جوان وري ٻچورن کي چيوتہ: يار! مون وارو ڏڪڻ ٿو ڪري، ائين چئي ڏڪڻ مان ڪڍي هٿ ڏيائين تہ اهو پنن مان ڪڙڪڙ ڪندو هيٺ ڪرڻ لڳو، اهو آواز ٻڌي هو سڀ جن" ڙي جن"! چئي وڃي ڀڳا ۔

هي جوان ٻ ميدان خالي ڏسي الله الله ڪري هيٺ لهي آيا ۽ جيڪي گهوڙا هو ڇڏي ويا هٽا تن تي سامان لڏڻ لڳا ۔ هڪڙو پلو گهوڙو گرانٽ مڙيي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ دوستن کي چيائين تہ: يار! مونکي هن گهوڙي تي چاڙهي ڇڏيو ۔ پوء هن کي گهوڙي تي سوار ڪيائون ۔ هي جوان گهوڙي تي چڙهي. اهو ڏڪڻ ڪڍي دوستن

ڪان سوڪلائي پنهنجي ڳوٺ روانو ٿيو. ٽورن ڏينهن بعد اڇي پنهنجي ڳوٺ پهتو ۽ گهر جي ٻاهران ماءُ ڪي سڏ ڪري چيائين تہ: اما! دروازو کول، تنهنجو پٽ خير سان ڪٽي ڇُٽي آيو آهي. ماڻس دروازو کوليو ۽ هن ڪي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي.

—✻—

ڪن ڇڙو *

ھڪڙو ھو بادشاھ، ھن ويچاري ڪي اولاد ٽيندو ئي ڪونہ ھو. ھڪڙي ڏينھن خيال ڪيائين تہ، ھن جيئن ڪان مرڻ ڀلو آھي. سو ڇا ڪيائين جو اونڌي منجي ڪري وڃي ھڪ ٽواڻي تي سمھي ڏيو تہ من کو لتاڙي ماري ڇڏي تہ ڇڪو. ڪيترائي ماڻھو بادشاھ کي لتاڙي ھليا ويا. آخر ھڪ فقير اچي لنگھيو تنھن بادشاھ کي ٽڏو ھنيو. چئي: بادشاھ سلامت! ھت ڪيئن اچي ستو آھين؟ بادشاھ چيو تہ: فقير، جيئن ٻيا ھليا ويا آھن، تيئن تون ٻہ ھليو وڃ. فقير پڇيس تہ: بادشاھ! ٻڌاءِ تہ سھي تہ تو ڇو اونڌي منجي ڪئي آھي؟ بادشاھ چيو تہ: فقير! جي ھرو ڀرو ٽئو مڙين تہ ٻڌ؛ مان اچي پيرسن ٽيو آھيان، مونکي اولاد آھيئي ڪونہ؛ سو چوان ٽو تہ ھيڏي ساري بادشاھي، ڏن دولت ڪير سنياليندو! ان ڏک کان اچي ھت ڪريو آھيان تہ کو اچي لتاڙي ماري ڇڏي.

فقير جو ھيءُ حال ٻڌو سو ھن کي ڏاڍو رحم اچي ويو. تنھن چيس تہ: بابا! خدا کندو تہ توکي اولاد ٽيندو. ھاڻي ھيئن ڪر، جو صبح جو سوير تير ڪمان کڻي وڃي وڻ ۾ ھڻ. جيڪڏھن ٻيتا ڪريا تہ ٻٽ جمندئي ۽ جيڪڏھن پن ڪريا تہ ڏيئون جمندئي. بادشاھ اھو ٻڌي ڪري، گھر آيو. خير جي رات گذري، صبح جو ھن ڇا ڪيو جو وھنجي سھنجي، نئون وڳو ڍڪي، تير ڪمان کڻي سويل وڃي انب جي ھڪڙي وڻ ۾ تير ھنيو. خدا جي قدرت

---

* ھيءَ آکاڻي آتر (تعلقي وارھ) مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

بادشاهه جا پاڳ پلا هئا، ان وڻ مان ٽي انب ڪريا، اتي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. بسم الله ڪري انب ڪٽي آڻي راڻين کي ڏنائين. هڪڙي راڻي غسلخاني ۾ هئي، ڀانهيءَ ان جو انب ڪٽي جاري ۾ رکيو ۽ باقي به انب ٻن راڻين کاڌا. جڏهن ٽئين راڻي وهنجي محلات ۾ آئي تڏهن ڏسي ته سندس انب ڪنهن ٽڪي ويو آهي، باقي ذري گر جي مس بچائي اٿس. هن ويچاريءَ ماڻ ڪري اها ذري گر جي به کائي ڇڏي.

قصو ڪوتاهه، پوري مدت تي ٽنهي راڻين کي ٻار ڄاوا، جي ٽيئي پٽ هئا، پر جنهن راڻيءَ جو انب ٽڪيل هو، ان کي تمام نندڙو پٽڙو ڄائو، جنهن جو نالو رکيائون "ڪن ٻچڙو". شهزادا اڃ ننڍا سيان وڏا، اڇي جوان ٿيا. هڪڙي ڏينهن ڪن ٻچڙي پيءُ کي چيو ته: بابا! مونکي ڏاند ڏي. هر ڏي ته مان وڃي ٻني ڪاهيان. پيءُ چيس ته: پٽ! تنهنجو قد گرانٽ به نه آهي. سو تون ڪيئن هر ڪاهيندين؟ چي: مان ڪاهيندس، مونکي هر ڏاند ضرور ونڊي ڏيو. بادشاهه ڇا ڪيو جو هن کي هر ٺهرائي ڏاند ونڊي ڏنا.

ڪن ٻچڙو وڃي هر ڪاهڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن اتان هڪڙو آنيار اڇي لنگهيو. آنيار ڏٺو ته هر پير اڇي پر ماڻهو آهيئي ڪونه. عجب ۾ پئجي چيائين ته: جنّ آهين پوت آهين، ڪير آهين؟ چي: نڪو پوت آهيان نڪو جنّ آهيان، انسان جو ٻچڙو آهيان. چي: ڪوڙ ٿو هڻين، ايڏڙو انسان ڪيئن ٿيندو؟ جواب ڏنائين ته: جي مان انسان هوندس ته پوءِ ڇا ڏيندين؟ چي: هي اٿن جو گلو ڏيندو سانءِ. ڪن ٻچڙي ڇا ڪيو جو ٽپ ڏيئي ڪڙن کان ٻاهر نڪتو ۽ آنيار کان آڻ کاهي اڇي گهر نڪتو. سموري ڳالهه پيءُ کي ڪري ٻڌايائين جو ڏاڍو خوش ٿيو.

هاڻي هيءُ هر ڪاهڻ چڏي آٽ ڇارڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن هيءُ ٻروٽي جي پاڙ ۾ ٽي ويٺو، آيو جو آٽ سو هن کي ٻروٽي سميت کائي ويو. ڪن ٻچڙو وڃي اٽ جي پيٽ ۾ نڪتو. ڪن ٻچڙي جو دير ڪئي تہ بادشاهہ وٽي ڳولا ڪئي؛ تنهن تي ڪن ٻچڙي وٽي آٽ جي پيٽ ۾ ڳالهايو. بادشاهہ ان آٽ کي ڪُهايو پر ڪن ٻچڙي ڇا ڪيو جو آٽ جي رت ۾ لڪي ويو. بادشاهہ وري ٻہ ڏاڀي ڳولا ڪئي پر ڪن ٻچڙو هٿ نہ آيس. هيءُ رت ۾ لڪيو ويٺو هو تہ مٽان آيو جو گدڙ سو هن کي کائي هليو ويو، ڪن ٻچڙو وري گدڙ جي پيٽ ۾ وڃي لڪي ويٺو. اتي وٽي هن 'ٻئون ٻئون' ڪئي. گدڙ سمجهو تہ کي ماڻهو ۽ ڪتا کيڏ لڳا اٿم سو وٽي ڊوڙ ڀاتائين. اڃان ٽوروٽي ٻيهي تہ ڪن ٻچڙو وٽي ٻئون ٻئون ڪري ۽ گدڙ وري ڊوڙڻ شروع ڪري. آخر ڊوڙي ڊوڙي گدڙ کي دست ٿي پيا؛ وٽي جو دست هنيائين تہ ڪن ٻچڙو اچي هيٺ ڪريو. سڃان ان سهل آتان کي چور اچي لڏهيا. ڪن ٻچڙي جي آواز تي سمجهيائون تہ ضرور ڪو ماڻهو آهي؛ تڏهن ڏاڀا خوش ٿيا ۽ صلاح ڪيائون تہ هلي ڦريونس؛ سو چوڏاري ڦري آيس. هن ڇا ڪيو جو ڪنهن ڪپڙي۽ ۾ لڪي ويهي رهيو. اتي ويهي وري ٻہ هن ٻئون ٻئون ڪئي. چورن سمجهو تہ هي ماڻهو تہ ڪونہ آهي، ضرور ڪو جن٘ پوت آهي؛ سو وٽي ڀڳا. ڪن ٻچڙو اچي ڪوٽ پهتو ۽ پيءُ پٽ ملي ڏاڀا خوش ٿيا.

—✻—

ڪن ڪيڏو *

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙي ڪراڙي مائي رهندي هئي، جنهن جو الله ڪان سواءِ ڪو اوهي واهي ڪونہ هو. هڪڙي ڏينهن ڪراڙي مائي پنهنجي گهر مان ٻهاري ڏيندي هڪڙو ڪڪڙ جو آنو لڌو. مائي ويچاري ماڻ ڪري اهو آنو ڪٽي ڪپه ۾ ويڙهي، هڪڙي ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو. قدرت سان ٿورن گهڻن ڏينهن ڪان پوءِ ان آني مان هڪڙو ٻچو ٽٽي نڪتو. مائي ان ٻچي کي پالينديِ آڻي ۽ نيٺ ٿوري گهڻي ڏينهن وڏو ڪڪڙ ٿي ٻيو. ٻوڙهيءَ مٽس لاڏ مان نالو "ڪن ڪيڏو" رکيو.

هڪڙي ڏينهن ڪن ڪيڏو گهر مان نڪري ٿورو اڳيرو هليو ويو. پريان ڏٺائين تہ ڪي ماڻهو انّ جي هلر پيا ڳاهين. ڪن ڪيڏو بہ وک وڌائي وڃي هلر تائين پهتو ۽ ماڻهن کي چيائين تہ: يارو! جيڪڏهن آڻون اوهان کي هلر ڳاهي، انّ صاف ڪري ڏيان تہ مونکي هڪڙو ڪن انّ جو پري ڏيندئو؟ ماڻهن دل ۾ خيال ڪيو تہ ڪن ڪيڏو ڪو چريو ٿو ڏسجي، جو هيتريءَ محنت کان پوءِ صرف هڪڙو ڪن انّ جو ٿو گهري، جنهن ۾ صرف هڪڙو داڻو مس پوندو؛ سو يڪدم چيائون تہ: اهو شرط اسان کي قبول آهي. ڪن ڪيڏي چين تہ: چڱو هاڻي اوهين پري ٿيو، آڻون پاڻهي ٿو سڀ ڪم ڪريان. ويرم ئي ڪانہ گذري

---

* هن ڳالهہ جون ٻي روايتون، وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل ۽ غلام نبي شوري، ڪان ۽ آتر (تعلقي واره) مان غلام رسول جتوئي ڪان مايون. وچولي ۾ هي آکاڻي "مامي ڪڪڙ" جي نالي سان رائج آهي.

ٿ هن هلر ڪاهي ان٠ صاف ڪري ڪڻي ڏڳ ڪيو. جڏهن ماڻهن ڏٺو ٿ ان٠ صاف ٿي ويو ، تڏهن وڏي ويجهو آيا ۽ چيائونس ٿ: واهه ادا واهه! اسان کي گهٽي هلاکي کان چڏايئي ، هاڻي تون پنهنجو ڪن اورتي ڪر ٿ پهرين توکي حساب ڏيون . پوء اسين پاڻ ۾ پاڻهي ورهائينداسين . ڪن ڪيڏي پنهنجو ڪن جهليو ۽ هارين آن ۾ ان٠ وجهڻ شروع ڪيو. ان وجهندا وڃن ، وجهندا وڃن پر ڪن اصل ڪونه پريو ، نيٺ سڀ ان لاهي چڏيائون پر تڏهن ب ڪن ڪونه پريو. ڪن ڪيڏو اهو سڀ ان٠ ڪڻي پنهنجي گهر آيو ۽ هاري ويچارا ڏسندي رهجي ويا .

هڪڙي ڏينهن ڪن ڪيڏي ، ڪراڙيء کي چيو ٿ :ا ما! آئون وڃان ٿو بادشاهه جي ڏيء سان شادي ڪرڻ . ڪراڙيء چيس ٿ : ابا ڪن ڪيڏا! چريو ٿ ڪونه ٿيو آهين ، ڪٿي تون ڪٿي بادشاهه جي ڏيء! پر ڪن ڪيڏو سندس ڳالهه پڏي اڻ پڏي ڪري سهي سنيري ، تيار ٿي آٿي نڪتو.

اڃان ٿورو پنڌ مس ڪيائين ٿ هڪڙو گدڙ گڏيس ، جنهن هڪل ڪري چيس ٿ: ماما ڪن ڪيڏا! اڄ سويري ڪڙو ڪڙو ڪيڏانهن پنڌ پيو آهين؟ ڪن ڪيڏي وڙندي ڏنيس ٿ: وڃان ٿو بادشاهه جي ڏيء سان شادي ڪرڻ. گدڙ چيس ٿ : واه يار! پٽ ڪونه ڪارائيندين ؟ ڪڙ چيس ٿ: باقي توکي نه ڪارايان! گهڙي وچ منهنجي ڪن ۾ . گدڙ ٽپ ڏيئي سندس ڪن ۾ گهڙي ويو: ڪن ڪيڏو ٿورو اڳيرو مس هليو ٿ هڪڙو بگهڙ گڏيس، جنهن ڏسي پڇيس ٿ: ميان ڪن ڪيڏا! خير ٿ آهي... اڄ گهڙي پاسي سنبت آهي؟ ڪن ڪيڏي جواب ڏنس ٿ: يار! وڃان ٿو بادشاهه جي ڏيء سان شادي ڪرڻ. بگهڙ چيو ٿ : تڏهن پٽ ڪاڻ آئون ب هلندس. ڪن ڪيڏي چيس ٿ: بلاشڪ ، گهڙ تون ب ڪن ؛

بگهڙ بل ڏيئي ڪن ۾ گهڙي ويو. اڃا ٻٽي قدم اڳتي هليو تہ هڪڙو شينهن منهن چڙهيس، جنهن پڇيس تہ: ڪن ڪيڙا! ڪر خبر ڪيڏانهن پگهو وڃين؟ ڪن ڪيڙي چيو تہ: يار! وڃان پيو بادشاهہ جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ. شينهن ڳالهہ ٻڌي چيو تہ: واهہ يار! هڏي خوشيءَ جي موقعي تي پٽ جي بہ صلاح ڪونہ ٿو ڪرين. ڪن ڪيڙي جواب ڏنس تہ: يار! جهجهو پٽ ـ هاڻي گهڙ ٻلا ڪن ۾ تہ توکي بہ هلي ڪو ڏؤ ڪرايان. ڪن ڪيڙو اڃان اڳيرو وڌيو تہ ڪکر گڏيس، جنهن پوڻ پوڻ ڪري چيس تہ: يار! هڏي سنبت ڪيڏانهن ڪٽي اٿئي؟ ڪن ڪيڙي وراڻي ڏني تہ: يار! پيو مڙيئي خير آهي ـ وڃان ٿو بادشاهہ جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ. اها ڳالهہ ٻڌي ڪکر چيو تہ: تنهنجي شاديءَ اسين نہ هلون، اها تہ ڳالهہ ئي نٿي ٿهي، اسين تہ ضرور هلنداسين. هن چيس تہ: پوءِ ٻلا دير ڇا جي آهي، گهڙو ڪن ۾. ڪن ڪيڙي جو الين ڇوڙ ۽ ڪکر جو ڪن ۾ گهڙڻ. اتان ٽي ڪن ڪيڙي پنهنجي واٽ ورتي. ڪجهہ وقت پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هن کي رستي تي باهہ گڏي. باهہ جو هڏي وقت ڪن ڪيڙي کي پنڌ ويندي ڏٺو سو ڏاڍي ڪيڪر ڪري پڇيائينس تہ: ابا! پيو تہ مڙئي خير آهي، هن طرف ڪيئن سٽيندو پيو وڃين؟ ڪن ڪيڙي چيس تہ: ماسي! مڙيئي خير آهي، آئون وڃان ٿو بادشاهہ جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ. باهہ چيس تہ: واهہ واهہ، جي مونکي بہ وٺي هلين تہ ڏاڍو سٺو، شايد آئون تنهنجي ڪم اچي سگهان، شادي جهڙو موقعو آهي. ڪن ڪيڙي چيس تہ: ماسي تون بہ پلي هل، گهڙ منهنجي ڪن ۾. باهہ مڃ ڪري ڪن ۾ گهڙي ويئي ۽ ڪن ڪيڙو اٽي اڳتي هليو، هلندي هلندي هڪڙي درياءَ تي اچي پهتو. پٽ ڪري هن پر ٽيو تہ درياءَ چيس تہ: ماما! هن

پاسي ڪيئن ڪاهيو اٿيئي؟ ڪن ڪيڏي جواب ڏنس تہ: ٻيو سڀ خير آهي، وڃان ٿو بادشاهہ جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ. درياءَ چيس تہ: واهہ ڏي ماما واهہ.. سونڪي وساريو ٿو وڃين! ڪن ڪيڏي ورندي ڏنيس تہ: نہ يار، توڪي ڪيئن وساربو، توسان تہ سر لڳي. اڄ ءِ گهڙي وڃ منهنجي ڪن ۾. ائين ڇئي ڪن ڪيڏي پنهنجو ڪن هيٺ ڪري ڇهليو ءِ درياءَ گهمرو ڏيئي سندس ڪن ۾ گهڙي ويو. پوءِ هيءُ وري به پنهنجي مسافري ٽي رواڻو ٿيو.

آخر هلندي هلندي ڪن ڪيڏو اچي بادشاهہ جي ملڪ ۾ نڪتو ءِ ڇا ڪري سڏو وڃي دربار ۾ پهتو. بادشاهہ جي دربار ۾ ڪچهري لڳي هئي. بادشاهہ سلامت پنهنجي تخت تي ويٺو هو. امير وزير سڀ پنهنجن جاين تي ويٺل هٿا ءِ ٻي رعيت سڀ هيٺ ويٺي هئي. بادشاهہ ڪن ڪيڏي ڪي ڏسي، ان ڪان پڇيو تہ: ميان! ٻڌاءِ خبر، ڪيئن اڇڻ ٿيو آهي؟ ڪن ڪيڏي ٿهہ پهہ جواب ڏنس تہ: بادشاهہ سلامت! آڻون شهزادي ءِ سان شادي ڪرڻ آيو آهيان. سڀ امير وزير ڪن ڪيڏي جي اها گالهہ ٻڌي حيران ٿي ويا ءِ لڳا بادشاهہ جو منهن جانچڻ تہ خدا خير ڪري، اڄ ڪن ڪيڏي جو الائجي ڪهڙو حال ٿيندو! بادشاهہ ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ءِ پنهنجن ماڻهن ڪي حڪم ڏنائين تہ: هڪدم هن ڪي ڪٽي وڃي ڪڙڻ جي ڇيري ۾ بند ڪريو، تہ اسان جا ڪڙ هن ڪي ٽونگن سان ماري ڇڏين. حڪم ملڻ شرط ڪن ڪيڏي ڪي سپاهين ڪٽي وڃي ڪڙڻ جي ڇيري ۾ بند ڪري ڇڏيو.

جڏهن سپاهي ڪن ڪيڏي ڪي ڇيري ۾ بند ڪري واپس وريا، تڏهن هن خيال ڪيو تہ: پرواهہ ناهي، رڳو رات پوي. آخر

جڏهن رات پيئي، تڏهن ڪن ڪيڏي چيو ته: هائو! هي مهل ٺيڪ آهي؛ سو وڏي آواز ۾ چيائين ته:

هيڏانهن چنبو، هوڏانهن تارو،
نڪر يار گدڙ، تنهنجو آهي وارو.

ڪن ۾ ويٺل گدڙ جو اهو آواز ٻڌو سو چيائين ته مهل اچي وئي، ڪن ڪيڏي مونکي دعوت لاءِ سڏيو آهي، سو بل ڏيئي ٻاهر نڪري آيو ۽ اچي ڏسي ته مار! هتي ته ڏوڪ لڳا پيا آهن، سو ڦيرو ڏيئي سڀ ڪڪڙ ۽ ڪڪڙيون ڪائي ڪيائين چڙهه ۽ پوءِ وري ڪن ڪيڏي جي ڪن ۾ گهڙي وڃي آرامي ٿيو.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن بادشاهه جا سپاهي ڪن ڪيڏي جي سڌ سماءُ وٺڻ لاءِ ڪڪڙن جي پٺيري تي آيا. هنن جي خيال ۾ ته ڪن ڪيڏي ڪي رات ڪڪڙن ۽ ڪڪڙين ٽونگن سان هٽي پورو ڪري ڇڏيو هوندو، مگر هتي ڏٺائون ته هو ته مڙڪ ٿيو ويٺو آهي، پر بادشاهه جي ڪڪڙن جا رڳا ڪنب پيا آهن. هنن ڪي ڏاڍو عجب لڳو سو سڌو وڃي بادشاهه سان سڄي حقيقت ڪيائون. بادشاهه ڳالهه ٻڌي هيڪاري ڪاوڙيو ۽ حڪم ڏنائين ته: انهيءَ ڪي ڪٽي وڃي رڍن ۽ ٻڪرين جي واڙ ۾ ڇڏيو ته اهي رات وچ ۾ سڪن ۽ ڪرن سان هٽي ڪوندي ڇڏينس. سپاهين حڪم موجب ڪن ڪيڏي ڪي جهلي وڃي واڙ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

خير، سانجهي ٿي ۽ رڍون ٻڪريون ۽ جهنگ مان چري اچي واڙ ۾ گهڙيون. ڪن ڪيڏي جو هنن ڪي ڏٺو سو مات ڪري واڙ جي هڪڙيءَ ڪنبي ۾ ويهي رهيو، رات اڌان پيئي مس ڪڪڙ هڪل ڪري چيو ته:

هيڏانهن چنبو، هوڏانهن تارو،
نڪر ادا بگهڙ، تنهنجو آهي وارو.

بگهڙ جو اهو آوازٻڌو سو چال ڏيئي اچي ٻاهر نڪتو. ٻاهر ڏسي تہ وهواه لڳي پيئي آهي، هي تہ ڏڻ الله ڏياريو. سو سڄي رات کائي خوب چڙهه کيائين. جڏهن فجر ٿي تڏهن وري چپ چاپ کن کيڏي جي کن ۾ گهڙي وڃي آرامي ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو کن‌کيڏو واڙ مان نڪري سڌو بادشاهه جي ڪچهريء ۾ اچي پهتو ۽ بادشاهه کي چيائين تہ: بادشاهه سلامت! مونکي پنهنجي غلاميء ۾ قبول کريو ۽ مونکي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏيو. بادشاهه جو کن کيڏي کي جيئرو جاڳندو ڏٺو، سو حيرت ۾ پئجي ويو ۽ سپاهين کي حڪم کيائين تہ: وڃي واڙ جي تہ حالت ڏسي اچو تہ هي کيئن صحيح سلامت پهتو. سپاهين واڙ ۾ ٽيل ڪلور اچي بادشاهه کي ٻڌايو تہ: جيئندا قبلا! واڙ ۾ تہ صفا سڄ لڳي پئي آهي، هڪڙي ٻ ٻکري يا ريڍ نہ آهي؛ رڳو هڏيون پيون آهن. بادشاهه جا اها حقيقت ٻڌي کاوڙ ۾ اصل باهه ٿي ويو، ۽ حڪم ڏنائين تہ: هي ائين کونہ سڏرندو، تنهنکري اسان‌جي مست ڏڳن ۽ ڏيگين جي وٽان ۾ چڏيوس تہ هن کي چيائتي ماري چڏين. حڪم ملڻ شرط سپاهين کن کيڏي کي ڪٽي وڃي وٽان ۾ قتو ڪيو، جتي اڪيئين وانگر رات جو انتظار ڪرڻ لڳو.

جڏهن رات پيئي تڏهن هن هڪل ڪري چيو تہ: ور ڏي يار شينهن:

هيڏانهن چنڊ، هوڏانهن تارو،
نکر ڏي يار شير، تنهنجو آهي وارو.

اندر کن ۾ جو شينهن ويٺو هو، تنهن جو اهو آواز ٻڌو سو يڪدم ٻاهر نڪري آيو. ڏسي تہ بلي کن‌کيڏي جي شاديء جي دعوت تي رنگ لڳا پيا آهن؛ هن کي ٻ هٿي تن ڏينهن جي

بڪ، سو صبح تائين سيئي ڏور ڪائي ڪيائين چڙهه ۽ پوءِ صبح ٿيڻ کان اڳ ڪن ڪيڙي جي ڪن ۾ گهڙي وڃي ٻڌ ٽي ويهي رهيو. صبح جو بادشاهه جا سپاهي ڪن ڪيڙي جي ڏڪ سماءُ لهڻ اچن ته ڏسن مار! هت ته پونو لڳو پيو آهي - اهڙو ڪو وهت ئي ڪونه بچيو آهي، جو بادشاهه ڪئي ڪير پيئي. سو يڪدم ڊوڙندا ويا ۽ وڃي بادشاهه کي سموري ماجرا ٻڌايائون، بادشاهه جو اها حقيقت ٻڌي سو برُ ٽي ويو ۽ حڪم ڏنائين ته: هڪدم ڪن ڪيڙي کي ڪنيي اچي مسون وٽ حاضر ڪريو. هڪدم حڪم جي تعميل ٿي ويئي، ڪن ڪيڙي کي ڪڍي اچي بادشاهه جي اڳيان حاضر ڪيائون. بادشاهه ڪيس ڏسي چيو ته: اشراف جا پٽ! جتان آيو آهين لوڏانهن واپس هليو وڃ، نه ته هينئر جو هينئر ڦوندا ڪرائي ڇڏيندو سانءِ. ڪن ڪيڙي اهو ٻڌي بادشاهه کي عرض ڪيو ته: سائين منهنجا! جيستائين منهنجو مطلب نه پورو ٿيندو، تيستائين هتان ڪونه چرندس. اهو ٻڌي بادشاهه چيو ته: ٺيڪ آهي، تنهنجو مطلب هاڻي ٿو پورو ڪريان. ائين چئي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيائين ته هن جو ڪنب ڪنب ڪري ڪوندي ڇڏيو. وڏو آيو آهي مطلب وارو. رڳو حڪم جي دير هئي سپاهي ڪن ڪيڙي ڏي وڌيا، مگر هن هڪل ڪري چيو ته:

هيڏانهن چنڊ، هوڏانهن تارو،
ورو ڙي يار ڏينيو، توهان جو آهيُ وارو.

ڏينين جو اهو آواز ٻڌو سو خيال ڪيائون ته اڄ مامي ڪن ڪيڙي جي شادي آهي سو هڪدم پون پون ڪري باهر نڪري آيا ۽ سپاهين کي چهٽي ويا. سپاهي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اصل ميدان خالي ڪري ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ڀڄي ويا ۽ ڏينيو سڏ

وڃي بادشاهه کي چهڻا. بادشاهه جيستائين جند چڏائن لاءِ ٻوڙيو تيستائين ڏينين هٿي سڃائي وڏس ، پوءِ واپس ڪن ۾ گهڙي ويا.

جڏهن ڪن ڪيڙي ڏٺو ته بادشاهه کي هاٿي چڳي سيکت آئي آهي، تڏهن وري پڇيائين ته: قبلا سائين! هاٿي ڪهڙي مرضي اٿو؟ بادشاهه ڪاوڙ مان چيس ته: تري وڃ منهنجي اکين اڳيان. انهيءَ تي وري بادشاهه کي چيائين ته: خير، توهان جي مرضي - پر آئون اوهان کي ٿي ڏينهن مهلت ڏيان ٿو، جي تن ڏينهن اندر سونکي شهزاديءَ جو سڳ نه ڏنو ته پوءِ سڄو شهر ساڙي خاڪ ڪري چڏيندس. ائين چئي اتان هليو آيو ۽ سڏو اچي شهر جي ٻاهران ويهي رهيو. بادشاهه کي ٻ خيال ٿيو ته متان ڪن ڪيڙو ڪا حرڪت ڪري، سو ڪجهه سپاهي سندس ٻٽان پهري تي چڏيائين ۽ پاڻ وڃي دلجاءِ ڪري ويهي رهيو.

جڏهن ٿي ڏينهن پورا ٿيا ۽ ڪن ڪيڙي وٽ بادشاهه جو ڪوبه قاصد ڪونه آيو، تڏهن چوٽين ڏينهن هن هڪل ڪري چيو ته:

هيڏانهن چند، هوڏانهن تارو،
نڪر سائي ٻاهر، تنهنجو آهي وارو.

ٻاهر جو اهو آواز ٻڌو سو هڪدم پڙڪو ڏيئي ڪن مان نڪري آئي؛ سپاهين جو ٻاهر ڏٺي سو سڏو ڪٽي منهن کيائون. جيسين بادشاهه تائين پهتا تيسين ٻاهر سڄي شهر کي وکوڙي. ويٺي. بادشاهه کي ٻ نيٺ خبر پيئي ته ڪن ڪيڙي سڄي شهر کي ٻاهر ڏيئي چڏي آهي. تڏهن سمجهيائين ته هاٿي سڄو شهر سڙي ناس ٿيندو، سو يڪدم قاصد ڊوڙايائين ته وڃي ڪن ڪيڙي کي ولي اچو ته ڏيءَ جو سڳ ڏيانس. قاصد ويا سي وڃي ڪن ڪيڙي کي بادشاهه جو پيغام ڏنائون ۽ چيائونس ته: هاٿي ڪنهن حيلي ٻاهر کان بچاءِ. ڪن ڪيڙي چيو ته: اهو ڪم

منهنجو. پوءِ هڪل ڪري چيائين :

هيڏانهن چنبو هوڏانهن تارو،
نڪر ڙي درياءُ، تنهنجو آهي وارو.

درياءُ جو اهو آواز ٻڌو، سو يڪدم گڙگڙ ڪري ڪن مان نڪري آيو ۽ سڄي شهر ۾ پلٽجي پيو. ٿوري ئي دير ۾ سڄي شهر جي باهه وسامي ويئي. پوءِ ڪن ڪيڙو وڏي ٽاڪ سان سهي سنيري بادشاهه جي محلات ۾ پهتو. بادشاهه انهيءَ رات ڏاڍي ڏام ڏوم سان سندس شادي پنهنجي نياڻي سان ڪئي ۽ تمام گهڻو ڏاج ڏيءَ ڪي ڏنائين.

ڪجهه ڏينهن اتي رهڻ بعد، هڪڙي ڏينهن ڪن ڪيڙي پنهنجي صهري بادشاهه کان وطن واپس ورڻ جي اجازت گهري. بادشاهه ۽ وڏي خوشيءَ ڪيس اجازت ڏني ۽ چيائينس ته: ڪجهه لشڪر پاڻ سان وٺي وڃ، جي توڪي تنهنجي گهر تائين پهچائي اچن. ڪن ڪيڙي ادب سان عرض ڪيو ته : جيئندا قبلا! انهيءَ ڳالهه کان اوهين چڱا آهيو؛ آڻون پاڻهي سڀ سامان ڪٽي ويندس، اوهين رڳو هيٺ ڪريو جو هڪ هڪ ڪري اهو سامان منهنجي ڪن ۾ وجهي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن ڪن ڪيڙو، شهزادي ۽ ڪي ساڻ وٺي بادشاهه کان موڪلائي پنهنجي وطن ڏي روانو ٿيو.

ڪن ڪيڙو رستي تان هلندي هلندي پهرين درياءُ کي پنهنجي جاءِ تي ڇڏيو، پوءِ باهه کي، پوءِ شينهن کي ۽ اهڙيءَ طرح پڃاڙيءَ جو گدڙ کي پنهنجي جهنگ ۾ ڇڏي خير سان اچي پنهنجي گهر ۾ پهتو. هوڏانهن پوڙهيءَ ويچاري کي ڪن ڪيڙي جي ڏاڍي ڳڻتي هئي، تنهن جو ڪيس صحيح سلامت ڏٺو، سا ڏاڍي خوش ٿي، پر هن پهچڻ شرط چيو ته : اما! جلدي ڪر، پهريائين هيءُ گهر خالي ڪر، هن مان جيڪي ٽڙ ٽاڙي آهن

سي ڪيي ٻاهر ڪر. پوڙهي ته ڦهريائين حيرت ۾ پئجي ويئي، پر نيٺ هن جي چوڻ تي يڪدم گهر خالي ڪري، سڀ سامان ٻاهر ڪيي ڇڏيائين. ان بعد ڪن ڪيڏي وٽي جو ڪن کي چنڊڪو ڏنو ته شهزادي۽ سميت سڀ سامان ٻاهر نڪري آيو. پوڙهي ويچاري جنهن ڏهڙو سامان ڇمار ڪوڻ ڏنو هو سا عجب ۾ پئجي ويئي، ويتر جو شهزادي۽ کي ڏنائين سو ڏيکاري حيران ٿي ويئي، نيٺ ڪن ڪيڏي کان پڇيائين ته: هي سڀ ڪٽان آندء؟ تنهن تي هن سڄي حقيقت ڪري ڪيس ٻڌائي، جا ٻڌي پوڙهي ڏاڍي خوش ٿي ۽ شهزادي۽ کي ٻ گهٽو آدرياءُ ڏنائين. پر پوڙهي۽ ويچاري کي هاڻي اهو ويچار ٿي پيو ته هي سڀ قصو ڪيئن ٿيندو ۽ هي۽ شهزادي ڪيئن گذاريندي! اتي ڪن ڪيڏي هڪل ڪري چيس ته: اما! هاڻي باقي منهنجو هڪڙو ڪم ڪر، جو مونکي ٻڇ کان وٽي هن ڦرهي تي ٿي دفعا ست ۽ پوء تماشو ڏس. پوڙهي ڦهريائين ته هڪي، پر نيٺ دل جهلي هن کي ٻڇ کان وٽي ٿي دفعا جو ڦرهي تي هنيائين ته هو ڪڙ سان ڦري هڪڙو خوبصورت شهزادو ٿي پيو. پوڙهي اهو لقاءُ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ويتر شهزادي۽ ڏنو ته. منهنجو گهوٽ ڪن ڪيڏو نه آهي، پر درحقيقت شهزادو آهي، سا ته حد کان وڌيڪ خوش ٿي. پوء ٿيئي جڏا باقي زندگي جا ڏينهن خوشي ۽ عيش ۾ گذاريندا رهيا.

—✻—

اِٹر مِٹر *

هڪڙي بادشاهه کي چار پٽ هئا. هڪڙي جو نالو هو 'اِٹر'، ٻئي جو نالو 'مٹر'، ٽئي جو نالو 'ڪنڪاڙ' ۽ چوٿين جو نالو هو 'مان'. چارئي ڇٽا گز ڪمانون ڪڻي شڪار تي نڪتا. اِٹر ماريو هرڻ، مٹر ماريو سهو، ڪنڪاڙ ماريو تتر ۽ مان ماري ڏوسي. ڇٽي ڇڻن جدا ويهي پنهنجا پنهنجا شڪار ڪُهي ڪڍي پچايا. پين ٽنهي جا پچي ويا پر مان واري ڏوسي سڙي وئي. مان تي قياس ڪري ذرو اِٹر ڏنو، ذرو مٹر ڏنو، ذرو ڪنڪاڙ ڏنو، ته مان ڏاڍي پيو. پوء گڏجي هليا بادشاهه جي سلام تي. اِٹر سلام ورايو، مٹر سلام ورايو، ڪنڪاڙ سلام ورايو؛ مان وري ويچارا ڪيڏيا. اِٹر کي ڪٽ تي جاء ملي، مٹر کي ڪٽ تي جاء ملي، ڪنڪاڙ کي ڪٽ تي جاء ملي ۽ مان کي ويهاريئون پٽ تي. جڏهن موڪلائي روانا ٿيا ته اِٹر کي ٻلو گهوڙو مليو، مٹر کي ٻلو گهوڙو مليو، ڪنڪاڙ کي ٻلو گهوڙو مليو پر مان کي ملیو ڍڍو گڏهه. چارئي ڇٽا چڙهي روانا ٿيا. وات ۾ هڪڙو ڪڙيو آيو؛ اِٹر جو گهوڙو ٽپي ويو، مٹر جو گهوڙو ٽپي ويو، ڪنڪاڙ جو گهوڙو ٽپي ويو، مان جو گڏهه ڪپي پيو. اِٹر زور لاتو، مٹر زور لاتو، ڪنڪاڙ زور لاتو پر گڏهه نه نڪتو. تڏهن مان کي آئي جا ڪاوڙ، سو جهلي هنيائينس ٽُڏو ته گڏهه وڃي ڪناري تي پيو. پوء گڏهه کي ڏوئي وهنجاري چڙهي وينو ۽ پائرن سان گڏ اچي گهر پهتو.

—※※※—

* هيءَ آڪاڻي ٽرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان معمور يوسفاڻيءَ ڪان ملي.

These are shorter tales and have, therefore, been designated, for convenience sake, as *Akhanyoon*, in order to distinguish them from *Kahanyoon* or the classical fairy tales with supernatural characters, and from *Galhyoon* or the longer stories with human characters. These shorter tales are the popular fire-side stories related by the elders to the youngsters, in which figure the more familiar human characters from every walk of life. The element of admonition for the young depicted in success of the good and defeat of the wicked is preponderent in these tales.

Some of the tales contain pieces of doggerel rhymes, metrical phrases, and bits of verse indicating an internal artistic development prior to the advent of the professional story-teller.

One hundred and forty-two (142) Sindhi folk-tales have been brought to light through the first four volumes of this series. With the publication of this fifth volume, a total of 230 tales would have been laid under contribution.

Mr. Syed Ikram Ali, Principal, Model, School, Department of Education, has assisted the Director in seeing through the final proofs of the English pages of this and other volumes already published.

University of Sindh,
Hyderabad.
October 1, 1962.

N.A. BALOCH,
Director.

(the tales or stories of kings) because most of the tales open with the mention of a king. This may be taken as the general name for Sindhi folk-tales. though individual tales may be called by the name of a king or any other person who figures prominently in the tale.

A broad division of the Sindhi folk-tales into 'Classical' and 'Popular' may be made for the sake of convenience. The first three volumes of this series included tales, mostly of the 'classical type'. Some of the significant features of the 'classical type', *e.g*, the nature of the plot, fulfilment of 'conditions' by the hero, and the typical characters--were briefly described in the 'Preface' to the First Volume (published, December 1960). This volume includes mainly the short popular tales for the young, in which figure the everyday human characters, instead of demons, fairies, genii, witches and sorcerers which do ninated the 'classical type'.

From the point of central idea, the 88 tales included in this volume may be classified as follows:

- Fairy Tales: Nos. 16, 17, 20, 22, 50, 51. 80 & 81.
- Luck· Nos. 1, 2, 3, 7, 21, 23, 25, 26, 33, & 45.
- Reward for Good Deed. Nos. 4, 11, 15.
- Step Mother's Intrigues and their Eventual Defeat. Nos. 5 & 6.
- Step-motherly Treatment: No. 8.
- Woman's Wisdom, Self-confidence and Good Luck. Nos. 9 & 10.
- Husband's Wisdom: No. 12.
- Tussle between Wisdom and Luck: Nos, 13 and 14.
- Adventures: Nos. 18 and 78.
- Cleverness and Deceit: Nos. 19, 24, 27-32, 34-41, 45-49, 57, 82, 83 & 85.
- Tit for Tat. No. 42.
- Intelligence: Nos. 53, 75 and 84.
- Silliness: Nos. 43, 44, 52, 54, 58-67. & 88.
- Admonition: Nos. 68-74.
- Fun and Laughter: Nos. 77, 78, 79 & 86.

PREFACE

This is the twenty-fifth book compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved this 5-year research project (1957-61) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. The work was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material. The compilation and publication work commenced from 1959. The material for the project has been collected both from the oral tradition of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of the field-workers, one stationed in each taluka.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore and literature. (*a*) Fables and Fairy Tales, (*b*) Pseudo-historical Romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk-poetry, (*e*) Folk-songs, (*f*) Marriage-songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and Humour and (*k*) Folk Customs and Superstitions.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse and tales is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material in verse and prose is 'folklore' in the sense that it is popular and is preserved with the village folk: yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognized as such after it is published.

Of the seven volumes planned under the project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the fifth book pertaining to what may be called 'the tales for the young'. The village folk call all kinds of tales and legends *Kahanyoon* (tales) or *Galhyoon* (stories), more often qualifying them as *Badshahan jun Kahanyoon or Badshahan jun Galhyoon*

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

1st: Edition	October, 1962	2000 Copies
2nd; Editon	December, 1982	2000 Copies
3rd; Editon	February, 1990	2000 Copies
4th: Editon	June, 1994	2000 Copies

(Price: Rs: 65-00)

ADDRESS
Sindhi Adabi Board's Book Stall
Tilak Incline Hyderabad Sindh
(G.P.O Box No: 12)

Printed By Manager Jawed Mirza at Sindhi Adabi Board's Printing Press Jamshoro, Sindh and Published by Mr. Shamsher-Al-Hyderi Secretary Sindhi Adabi Board Jamshoro Sindh.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK—XXV

FOLK TALES-V

(TALES FOR THE YOUNG)

—

Compiled & Edited
by
N.A. BALOCH

Director, Sindhi Folklore and Literature Project.



SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO/HYDERABAD

